# سومرا راڄ گهراڻو

ڊاڪٽر مهر عبدالحق سومرو
سنڌيڪار: عمر سومرو

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

# THE SOOMRAS

Dr. Mahar Abdul Haq Sumra, Ph.D.



**BEACON BOOKS**
Gulgasht Multan
*In Collaboration with*
UPPER SINDH SOOMRA ASSOCIATION
2526 Shadman Colony, Multan.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# سومرا راڄ گھراڻو

سنڌ جي سومرا راڄ گھراڻي ۽ سنڌن دور بابت شاھڪار

تحقيقي تصنيف The Soomras جو سنڌي ترجمو

مصنف

## ڊاڪٽر مھر عبدالحق سومرو

سنڌيڪار

## عمر سومرو

## ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

ڪراچي - 2010ع

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب : سومرا راڄ گھراڻو
موضوع : تاريخ
مصنف : ڊاڪٽر مھر عبدالحق سومرو (1915-1995ع)
سنڌيڪار : عمر سومرو 03007051347
ڇاپو : پھريون
سال : فيبروري 2010ع
ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ : احمد سومرو
عمر سومرو اڪيڊمي، ڪراچي.
فون: 021-34218154، موبائيل:0345-3050167
گرافڪس : سرويچ سومرو
ڇپيندڙ : سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، سنڌ.
فون: 021-32737290
ڇپائيندڙ : شمس جعفراڻي، سيڪريٽري، ثقافت کاتو،
حڪومت سنڌ، ڪراچي.
ملھ : -/400 رپيا

All rights reserved

Title : Soomra Raj Gharano
Topic : History
Author : Dr. Mahar Abdul Haq Sumra (1915-1995)
Sindhi Translation : Umer Soomro 03007051347
Edition : First
Year : February, 2010
Composing & Layout : Ahmed Soomro
Umer Soomro Academy, Karachi.
Tel: 021-34218154, Cell: 0345-3050167
Graphics : Servech Soomro
Printed By: : Sindhica Academy, Karachi, Sindh.
Tel: 021-32737290
Published by : Shams Jaferani, Secretary, Department of Culture, Government of Sindh, Karachi.
Price : Rs. 400/-

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

شاخ نهال سِدره اى خار و خسِ چمن مَشوَ
مُنکر او اگر شُدی، مُنکرِ خویشتن مَشوَ

ترجمو:

تون لام آهين سدره وڻ جي،
باغ جو کندو يا ڪَکُ کهجر نہ ٿيءُ،
هُن جو وجود پلي نَهڪاري ڇڏ ـ جي اٿئي ضروري،
پر، پنهنجي وجود کان انڪاري نہ ٿيءُ!

❊

ڪنهن ملڪ تي ان کان وڏي ٻي آفت نٿي اچي سگهي، جڏهن ان جي ڌرتيءَ تي جنم وٺي اَجهو لهندڙ، ان جي اُپت تي پلجندڙ ۽ تن ڍڪيندڙ ۽ ان جي هَنجَ اندر سِرَ ۽ عزت جي سلامتي ماڻيندڙ ماڻهو قومپرستيءَ جي عظيم جذبن کي پاڻ پنهنجي هٿن سان گهُٽي ڇڏين. پنهنجي ماضيءَ مان دلچسپي وڃائي ويهڻ قومپرستيءَ جي موت جو مظهر ۽ وڏو شرمناڪ ڏوهہ آهي.

وِي. گورڊن چائيلڊ: ’سوشل ايووليُوشن‘ صفحو 13.





سومرا راج گهراڻو

# سومرن جي بادشاهيءَ
# جا 350 سال
# هڪ نظر ۾




وچ واري تصوير سومرن جي بادشاهيءَ
جي آخري يادگار پتڻ مناري جي آهي

# فهرست


پبلشر پاران 11

سنڌيڪار پاران 13

مصنف جا واڪا ۽ ميڄاڻون 19

باب پهريون ’سنڌ‘ لفظ جي لسانياتي سمجهاڻي 37

باب ٻيون جِيوَن جو جنم وٺڻ ۽ انسان پاران ان کي قائم رکڻ لاءِ جاکوڙ 47

باب ٽيون ڪانن جي ٻيڙين جا مُوجِد 61

باب چوٿون ماهر ٻيڙياتا ۽ سامونڊي وڻجارا 73

باب پنجون ”دِلمُون“ _ ديوتائن جي جنت 77

باب ڇهون سومرا ۽ دراوڙ 83

باب ستون سومرا تاريخي دور دوران 97

باب اٺون چندرگپت موريا _ هند پاڪ جو پهريون تاريخي سمراٽ 101

باب نائون سنڌو ماٿر ۾ مذهبي ۽ سياسي اٿل پٿل 129

باب ڏهون ٻُڌ مَت ۽ جين مَت 135

باب يارهون ”هنديت جو پاٽي چاڙهڻ“ يا برهمڻ پنت پاران ٻين کي پنهنجو ڪرڻ جي نتيجي ۾ راجپوتن جو پيدا ٿيڻ 145

باب ٻارهون جات - ڪُڙمين جي مفهوم ۾ 151

باب تيرهون ڏيهي تاريخدانن جا ابهام ۽ ڪُجوڙايون 165




books.sindhsalamat.com




باب چوڏهون سنڌ ۽ ملتان تي اثر ڇڏيندڙ عالمي شيعا هلچلون 179

باب پندرهون سومرا راڄ جي واقعاتي ابتدا 195

باب سورهون اقتدار ڇمائڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻ جي صدي 203

باب سترهون رومانوي صدي 219

باب ارڙهون هنر، ثقافت ۽ تعليم جي اوسر جي صدي 229

باب اڻويهون سومرن جو زوال 241

باب ويهون سومرا دور ۾ ادب جي اوسر 255

باب ايڪيهون ڪجھ مذهبي ۽ سياسي اڳواڻ 285

ڏات ساگر (ببلوگرافي) 297

تصويرون، نقشا ۽ چارٽ وغيره




www.sindhsalamat.com

# تصويرون، نقشا ۽ چارٽ

## تصويرون


کجهه نروار سومرا شخصيتون 306

حاجي مولا بخش سومرو 316

غلام حسين سومرو، ملتان وارو 317

ايم. ايڇ. پنهور 318


## نقشا


هندستان ٻارهين صدي عيسويءَ ۾ 202

هاڪڙي جو سُڪڻ (ايم. ايڇ. پنهور جي ڪرانالاجيءَ تان ورتل) 240

سومرن جا ڏاٽ ڏيکاريندڙ پاڪستان جو نقشو 307

هندستان 1025ع ۾ (ايم. ايڇ. پنهور جي ڪرانالاجيءَ تان ورتل) 309


## پراڻا ۽ تاريخي ماڳ ۽ شيون


پتڻ منارو 250

شيرڳڙهه ۾ دائود بندگيءَ جو مقبرو 287

عبدالحڪيم _ خانيوال ۾ عبدالحڪيم جو مقبرو 288

ملتان ۾ نظام الدين جو مقبرو 289

چنيوٽ ۾ سومرن واري مسجد 293

اٽ وَٽِئو ڏِيئو (ايم. ايڇ. پنهور جي ڪرانالاجيءَ تان ورتل) 306

مَنجنيق 313









سومرا دور جي ٺِڪر جي ڪُني (ايم. ايڇ. پنهور جي ڪرانالاجيءَ تان ورتل) 313

ڪڇ _ هندستان ۾ سومرين جي آخري آرامگاهه 314

چنيسر جي مزار (روپا ماڙي) 315

خانبهادر الله بخش سومري جي نالي سان ريلوي اسٽيشن 316

ملتان ۾ بهاءُالدين ذڪريا جو مقبرو 319

ڪَروڙ _ ليّه ۾ لال عِيسان جو مقبرو 319

روپا ماڙي (دودي جي مزار) 320

مروٽ قلعو 321

سنڌ ۾ چوڪنڊي قبرون 321

اُچ جا ڪندر 322

موهنجو دڙو 322

ماهِروءَ جا خط 324


## چارٽ


سومرن جي حڪمراني هڪ نظر ۾ 5

دودائين جو شجرو 207

گُرچاڻين جو شجرو 208

سومرا حاڪم ۽ سندن همعصر (ايم. ايڇ. پنهور جي ڪرانالاجيءَ جي مدد سان ٺاهيل) 311

مصنف جو شجرو 305

'سومرن جو دور' تان ڪنيل ٺڪرو 323

# پبلشر پاران

سنڌ ۾ عرب دور جي ٽن صدين کان پوءِ پهرين مقامي حاڪميت سومرن قائم ڪئي. يارهين صدي عيسويءَ جي منڍ کان چوڏهين صديءَ جي اڌ تائين هلندڙ لڳ ڀڳ ساڍين ٽن صدين واري هن جمهوريت، عورت جي احترام ۽ سنڌي ٻولي توڙي ادب لاءِ بنيادي اهميت رکندڙ دور بابت جيتوڻيڪ اڄ تائين مناسب سنجيده تحقيقي ڪم نه ٿي سگهيو آهي، پر سڄر ماضيءَ ۾ ايم. ايڇ. پنهور جي تحقيق تي مشتمل "ائن السٽريٽيڊ هسٽاريڪل اٽلس آف سومرا ڪنگڊم آف سنڌ" ۽ هيءَ تحقيق ان ڏس ۾ سٺو واڌارو آهن. مصنف سنڌ جي تاريخ جي هن ڪَٽُ چڙهيل ڪڙيءَ کي اوجر ڪري چٽو ڪرڻ لاءِ سٺي جاکوڙ ڪئي آهي.

45 سال علمي پورهيو ڪري انگريزيءَ سان گڏوگڏ مختلف پاڪستاني ٻولين جهڙوڪ اردو، سرائڪي ۽ پنجابيءَ ۾ تحقيق، ترجما ۽ ترتيب ملائي 41 ڪتابن جو واڌارو ڪندڙ، صدارتي ايوارڊ "پرائيڊ آف پرفارمنس" سميت ڪوڙ سارن ادارن کان مڃتا ماڻيندڙ ۽ "مهر" لقب سڏائيندڙ ڊاڪٽر عبدالحق سومري جي هن ڪتاب جي اهميت اها به آهي ته مصنف آخري سومري بادشاهه همير جي سڌي سنئين پيڙهي هجڻ جو دعويدار آهي ۽ سندس چوڻ مطابق هُن هي تحقيقي پورهيو پنهنجي پيءُ پاران ڪيل وصيت کي مانُ ڏيڻ لاءِ سچي دل سان ڪيو آهي، جنهن جي ڪجهه جهلڪ ڪتاب جي منڍ ۾ موجود موهيندڙ چارٽ ڏسڻ سان ئي ملي وڃي ٿي.

ڪتاب ۾ موجود سنڌي، اردو، فارسي ۽ انگريزي ٻولين ۾ لکيل ٻه سو کان مٿي ماخذن جا حوالا ۽ ٻيو مواد ٻڌائين ٿا ته مصنف رڳو محدود تاريخي ماخذن يا لوڪ ادب جي ذخيرن تي نه پاڙيو آهي، پر جديد دور ۾ انساني جيون ۽ سيپتا کي پرکڻ ۽ ڇنڊڇاڻ ۾ ڪارگر ثابت ٿيندڙ علمن سان گڏوگڏ معيشت، پيداوار، ڏيهي ۽ پرڏيهي واپار، بين الاقوامي لاڳاپن، وقت بوقت ٿيندڙ لڏپلاڻن، انساني روين، سياسي ۽ مذهبي اٿل پٿل ۽ موسمي اثرن سبب کارن توڙي مٺن پاڻين جي ذخيرن ۾ آيل آبي ڦيرن وغيره جو مناسب اڀياس ڪري سنڌ جي تاريخ جي ڪوڙ سارن رازن تان پردو کڻي تاريخ جي شاگردن لاءِ هڪ بي بها علمي ڀنڊار گڏ ڪيو اٿس.



books.sindhsalamat.com



ڪتاب جي عنوان مطابق ان جو مرڪزي ڪردار ڀلي ڪٽي سومرا راج گهراڻو هجي، پر درحقيقت منجهس آمري دور ڪانوني ويجهي ماضيءَ تائين سنڌ ۾ ٿيندڙ سيپتائي اوسر جي مختلف ڏيکن ۽ مرحلن تي ڀرپور روشني وڌي وئي آهي، جنهن سان ڪتاب جي موضوع جو دائرو صرف سومرا راج گهراڻي يا سندن دور تائين محدود نه پر گهڻو وسيع ٿي وڃي ٿو.

سنڌ جي ثقافت کاتي جي اها ڪوشش رهي آهي ته سنڌ جي تاريخ، ادب، ثقافت، آثار قديمه، تاريخي ماڳن ۽ لطيفيات تي ڪتاب ڇاپي پڌرا ڪيا وڃن. هيءَ ڪتاب به ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. آئون محترمه سسئي پليجو وزير ثقافت حڪومت سنڌ جو ٿورائتو آهيان، جنهن ان سلسلي ۾ هر وقت رهنمائي ۽ مدد ڪئي.

محترم عمر سومري پاران هن علمي وَٽُ جو، نقشن ۽ چارٽن سميت، ملڪمل سنڌي ترجمو ڪري پنهنجي ئي نگرانيءَ ۾ ڪتابي صورت ۾ تيار ڪرائڻ جي ڪوشش يقيناً داد ڏيڻ جهڙي آهي. اميد ڪجي ٿي ته سنڌ جي تاريخ بابت ڄاڻ پرائڻ جو چاهه رکندڙن لاءِ اسان جي هيءَ پيشڪش چڱي لاڀائتي ثابت ٿيندي.

ڪراچي
فيبروري 2010ع

**شمس جعفراڻي**
سيڪريٽري
ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ



www.sindhsalamat.com

# سنڌيڪار پاران

پنهنجي چپرايل ايم. ايڇ. پنهور جي ڪتاب "ائن السٽريٽيڊ هسٽاريڪل اٽلس آف سومرا ڪنگڊم آف سنڌ" جو سنڌي ترجمو ڪري "تصويرِ سنڌ - سومرن جي بادشاهيءَ جا نقش ۽ نشانيون" نالي سان 2006ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪرڻ مهل، ڊاڪٽر مهر عبدالحق سومري جي ڪتاب "دي سومراز" جو پڻ سنڌي ترجمو ڪري ڇپرائڻ جو وچن ڪيو هيم، جيڪو پڙهندڙن جي هٿن تائين هي ڪتاب پهچائي پاڙيو اٿم. پڪ اٿم ته سومرن ۽ سندن دور بابت تحقيق ڪندڙ سنڌي محقق هنن ٻنهي ڪتابن مان ضرور لاڀ وٺندا ۽ انهن ۾ شامل انتهائي ڪارائتي ڄاڻ جا حوالا پنهنجي تحقيقن ۾ ڏيندا - اها منهنجي پورهئي جي ميجتا ۽ مون لاءِ هڪ وڏو اعزاز ٿيندو.

هتي مان سومرن جي حوالي سان سنڌ جي تاريخ ۾ ويهين صديءَ دوران لڳل هڪ وڏي چٽِيءَ جو ذڪر ڪرڻ ضروري پانيان ٿو.

اها چٽِي ويهين صديءَ جو وڏو عالم سمجهيو ويندڙ ۽ سرڪاري توڙي غير سرڪاري اعزازن ۽ انعامن ۾ پُوريل 'مها ڪاريگر' ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هنئي، جنهن سٺ واري ڏهاڪي ۾ روپا ماڙيءَ ۾ شهيد دودي سومري جي قبر ڳولي لهڻ جي دعويٰ ڪئي ۽ پوءِ پنهنجي ڪتاب "سومرن جو دور" ۾ ڪنهن سوڌَ (تحقيق) جو ذڪر ڪرڻ بجاءِ لکيائين ته: "حاجي ناهڙ چانگ 19-12-64ع تي هڪ ڪچهريءَ ۾ ٻڌايو ته جنهن کي شاهه حسين چون ٿا، سو دودو سومرو آهي: چنيسر جو قبو شاهه حسين کان ڪاڇيل آهي." (ڏسو 'سومرن جو دور'، صفحو 81، فوٽ نوٽ-5. سنڌي ادبي بورڊ هي ڪتاب پهريون ڇاپو 1980ع ۽ ٻيو ڇاپو 2006ع ۾ شايع ڪيو.)

هي اصل ۾ اٽسڌو اعتراف آهي ان اڻ-ڇيڙيل حقيقت جو ته صوفين پاران رچيل سنڌ واسي ذهنيت هيٺ "ديسي" سورمن جي پيٺ ۾ "ولايتي" سيدن، صوفين ۽ پيرن جي مقبرن ۽ يادگارن جي وڏيڪ تعظيم ٿيندي آهي ۽ انهي جي اثر هيٺ ئي شايد ڪن ڏاهن "دودي سومري" کي "شاهه حسين" بڻائي ڇڏيو هوندو.

اهڙي ريت، سنڌ جي سرڪاري ادارن تي ڊگهي عرصي تائين اثر رسوخ هجڻ



books.sindhsalamat.com



آڌار سنڌ جي تاريخ توڙي سماج تي گهري ڇاپ ڇڏيندڙ هي ڏاهو، ڇهن صدين جي تاريخ هڪ سگهڙ جي ڳالهه ڪري يعني هڪ ڊُڪ ۾ پي ويو ۽ سومرن جي راڄڌاني شهرن منصوره، ٺري، شاهه ڪپور يا محمد طُور ۽ ٺٽي ويجهو ته ڪيس سنڌ تي لڳ ڀڳ ساڍا ٽي سو سال راڄ ڪندڙ سومرن حاڪمن منجهان ڪنهن جي قبر نه لڌي، پر روپا ماڙيءَ ۾ دودي (ڇٽن منجهان الائي ڪهڙي) جي قبر برابر ڳولي لڌائين.

مزي جي ڳالهه ته سومرن به هن "مها ڏاهي" جي ڪيل ڳالهه کي ڪنهن شڪ شبهي کان مُبرا ۽ ڪنهن تحقيق کان بي نياز ڀانئي انهي قبر مٿان مقبرو اڏايو ۽ اتي ساليانو ميلو لڳڻ شروع ٿي ويو، جيڪو 2000ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيل سومرن جي هڪ وڏي ڪَٺَ ۾ گادي نشينيءَ واري تڪرار جي نبيري ۾ مقبري جي تعمير ۽ ميلي جي مُک ڪردار حاجي شير محمد سومري کي گادي نشينيءَ تان هٽائڻ سان رولڙي جو شڪار ٿي ويو ۽ اڄڪلهه يا ته نٿو لڳي يا ٻنهه ننڍي پيماني تي ٿو لڳي.

هن چٽِيءَ نقصان اهو ڏنو ته سنڌ جي تاريخ ۽ راڄ گهراڻن سان چاهه رکندڙن ۽ سورمن کي مان ڏيندڙن جو سڄو ڌيان روپا ماڙيءَ ڏانهن ٿي ويو ۽ ٻئي پاسي:

سومرن پاران پُراڻ جي ڪنڌيءَ تي آباد ڪيل ۽ سچ پچ به اٽڪل ٻن صدين تائين سنڌ جي راڄڌاني رهندڙ شهر ٺريءَ (ماتليءَ ويجهو) جا ڪنڊر، ڳاڙهي پِڙَ نالي قبرستان واري ٽڪري کان سواءِ، "الاٿ" تي ڊهي ويا ۽ اتي پوک پئي ٿئي. انهي قبرستان جي ڪَڙَ سان شاهه ديوانو نالي بزرگ، جنهن تي هر سال رمضان جي 27 تاريخ تي وڏو ميلو لڳندو آهي، ساڻس منسوب سن منجهان تيرهين صديءَ يعني سومرا دور جو لڳي ٿو، جنهن دور لاءِ ايم. ايڇ. پنهور تصوير سنڌ ۾ لکي ٿو ته: "ان دور ۾ سنڌ ۾ سيّد نالي ڪا ذات ئي موجود نه هئي"؛

ساڳي ريت سومرن پاران گونگڙي جي ڪنڌيءَ تي وسايل ۽ سندن دور ۾ سنڌ جي ٽين راڄڌاني رهندڙ مشهور شهر محمد طُور يا شاهه ڪپور (جاتيءَ ويجهو سومرن جون ماڙيون) جا ڪنڊر پڻ، ڪنڊرن جي اوير ۾ موجود گونگڙي جي هُن پار ارڙهن ايڪڙن تي پکڙيل دڙن جي صورت ۾ موجود 'ڪيرين ڪوٽ' سميت، ڪجهه "الاٿ" تي ڊهي ويا ته ڪجهه نڌٽڪا ڊهڻ جو انتظار پيا ڪن. سيّدن جي قبضي هيٺ هن ماڳ جي پر ۾ موجود هڪ وڏي ۽ قديمي قبرستان ۾ سيّد سڏجندڙ هڪ بزرگ جو مقبرو آهي، جنهن تي پڻ ساليانو ميلو لڳندو آهي؛



www.sindhsalamat.com

هوڏانهن سومرن پاران الهندي ناري جي ڪپ تي وسايل جڻاٽي، جنهن کي ابن بطوطہ سومرن جو سهڻو شهر سڏيو. انهي کي پڻ، روپا ماڙيءَ ۾ دودي جي قبر ڳولي لهندڙن جنهاڻ سومرو ۾ ليپي ”وجائي“ چڏيو ۽ قمبر- شهدادڪوٽ جي تعلقي وارهہ جي ديهہ ’جڻاٽي‘ ۾ انهي جا اصل آثار ”الاٽ“ تي، ڍهي پوڪ هيٺ اچي ويا.

’سومرا ڪنگڊم آف سنڌ‘ ۾ ايم. ايڇ. پنهور جي دعويٰ آهي تہ دودي- چنيسر جو قصو تاريخي حقيقت نہ، پر سومرن جي دور ڪان اٽڪل ٻہ صديون پوءِ پندرهين ۽ سورهين صديءَ جي ’مائوٽ ميڊيا چئنلن‘ يعني ڀٽن، ڀانن، چارڻن، مڱڻهارن، شاعرن ۽ سگهڙن جو رچيل ۽ پنهنجي پنهنجي شعوري سطح ۽ لاڙي آهر پنهنجي پنهنجي انداز ۾ ڳُلَ ٽاڪيل ’ناٽڪ‘ آهي (ڌيان ڪجي تہ اهو سلسلو اڃا بہ جاري آهي؛ ڀٽائيءَ جهڙي وڏي شاعر بہ پنهنجي شعوري سطح موجب انهي بابت شعر چيا ۽ شيخ اياز جهڙو ويهين صديءَ جو وڏو شاعر پڻ پنهنجي انداز ۾ منظوم ناٽڪ ’دودي سومري جو موت‘ لکڻ ڪان نہ رهي سگهيو).

ان ريت پنهور صاحب ’چنيسر‘ واري هٿ ٺوڪئي ڪردار جي اَڙ ۾ پنجن صدين ڪان وسندڙ ’ڪانيَر‘، ’ڪُڙمَر ويرِي‘، ’مائُو پُٽَ‘، ’پرمَتڙيا‘ ۽ ’ديس ڊوهي‘ (غدار) وغيرهہ جهڙين ڦٽ ملامتن مان سومرا ذات جي جند آجي ڪرائي، جنهن جو ادراڪ ڪنهن سومري کي نہ هو. بلڪ ائين ٿي لڳو تہ ڄڻ سومرا ذات وارن سچ پچ پاڻ کي ان ڦٽ ملامت جي لائق مڃي ورتو هو. ان جو مثال اهو آهي تہ سومرا ذات جا ماڻهو پهرين واقفيت وقت هڪٻئي ڪان پڇندي ڏنا ويا آهن تہ منجهانئن ڪهڙي ڏر ”دودي“ جي اولاد منجهان آهي ۽ ڪهڙي ”چنيسر“ جي اولاد مان. ظاهري طور تہ پڇڻ وارو پاڻ ”دودي“ جي اولاد مان هجڻ جو تاثر ڏئي معتبر ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، پر حقيقت ۾ اهو پوري سومرا ذات تي چنيسر واري هٿ ٺوڪئي ڪردار جي حوالي سان چٽر ڪندو آهي، جنهن جو ادراڪ جيڪڏهن ڪيس هجي تہ جيڪر هُو اهڙو سوال نہ ڪري.

”سرڪاري چِتيگرن“ جي اثر هيٺ هلندڙ سنڌ جا قومي ادارا سومرا ذات مٿان ان ڦٽ ملامت کي مستقل جاري رکڻ لاءِ سنڌ واسين جي ذهن سازي ڪرڻ ۾ رُڌَل آهن. سنڌي ادبي بورڊ ڏند ڪٿائي لکتن کي تاريخ جي پوتي پارائي وري وري ڇاپي ٿو ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ وري نئين نسل کي ننڍڙي وهيءَ ۾ سومرا ذات





تي چٽرن جو ڪارڻ ٿيندڙ مواد وارا سبق پڙهائي ٿو، جيڪي انهن ٻارن جي باقي (سراسري اڌ صدي ڪن) ڄمار تائين سندس ذهنن تي نقش رهن ٿا. جڏهن اسان ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي سبق ’دودو سومرو‘ تي اعتراض واريا تہ توهان کي اچرج لڳندو تہ اتي ويٺل ’سرڪاري اڪابرن‘، جيڪي سنڌ ٽوٽي ان ڪان ٻاهر سنڌ جي نالي تي ٿيندڙ هر ڪانفرنس يا سيمينار کي سندن موجودگيءَ ڪان سواءِ اڌورو سمجهندا آهن، کي ٻي ڪا واٽ هٿ نہ آئي، سواءِ ان جي تہ انهن ان سبق جو مواد مٽائي ڇڏيو. پاڻ اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ بورڊ وارن کي ان سبق ۾ موجود مواد پٺيان تحقيق تي ڪيترو ڀروسو هو! (ثبوت طور سنڌي پنجون ڪتاب جا 2006 ۽ 2007 وارا ڇاپا پيش ٿي سگهجن ٿا.)

هن ڪتاب ۾ اڳتي آهي تہ: ”سائنسدانن جي گهڻائي ان ڳالهہ تي متفق آهي تہ ڌرتي سج جي چوڌاري 2700 مِلِيَن (ٻہ ارب ستر ڪروڙ) سالن ڪان وڌيڪ عرصي ڪان ونئي ڦرندي پئي اچي.“ اهو بہ تہ: ”هڪ اندازي مطابق انسان ڌرتيءَ تي ڇهہ ڪان ست لک سالن ڪان وٺي پندرهن هزار سال اڳ دوران آيو.“

ٻئي پاسي ايم. ايڇ. پنهور پنهنجي ڪتاب ’ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ‘ (ص. 6) ۾ پهڻي دور (پلائيسٽوسين) جي پڇاڙي يعني 10،000 ق. م جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ: ”(انوقت) خالق جو تصور موجود نہ هو.“

مطلب تہ گذريل 10-12 هزار سالن ۾ انسان اوسر جا ڏاڪا ايڏو تہ تڪڙو اُڪريو آهي، جو نہ رڳو پنهنجي ’اشرف المخلوقات‘ هجڻ جو اعلان ڪري چڪو، پر اهو بہ تہ سندس جنم ڪان اربين سال اڳ وجود رکندڙ هن ڪائنات جي ٺهڻ جو ڪارڻ پڻ هو پاڻ ئي آهي. ٻئي پاسي ساڳيو ئي انسان اڄ بہ وحشي صفت جانورن ۽ پکين جهڙوڪ: شينهن، چيتي، واگهہ، بگهڙ، لنگور (هنومان)، نانگ، وڇون، واڳون ۽ باز وغيره کي پوڄي يا پاڻ کي انهن جي نالن سان سڏائي انهن جو رتبو پاڻ ڪان مٿي هجڻ جو چِٽو اعتراف ڪندي نظر اچي ٿو.

ڏاڍ کي سلامي ان ساڻيهہ ۾ سومرن سنڌ تي يَڪا 340 سال حڪومت ڪيئن ڪئي؟ هڪ انتهائي ڌيان ۽ وڏي گهرائي سان تحقيق جو گهُرجائو سوال آهي، جنهن اندر ڪيترائي ٻيا سوال سمايل آهن.

گهڻي ڀاڱي محقق ان نڪتي تي متفق آهن تہ سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت

1351ع ۾ ختم ٿي. انکان پوءِ سمن سڄي دنيا جي فاتحن جي پَرِ (هارايل جي مال، ملڪيت توڙي ٻچن کي مال غنيمت جو نالو ڏئي پنهنجي لاءِ حلال قرار ڏيڻ) پاريندي سومرن جي مال ملڪيتن تي قبضا ڪري ورتا ۽ ڪين پورهيت ۽ ڪمي ڪاسبي ٿيڻ تي مجبور ڪري ڇڏيائون؛ اتي جتي سومرا بنهه هيٺا ٿي پيا، خاص ڪري اتر ۽ وچ سنڌ ۾. جيڪي سومرا سنڌ کان ٻاهر هليا ويا يا ٽر واري پاسي، جتي اهي اڃا طاقتور هئا، سمان مٿن گهڻو ڏاڍ نہ ڪري سگهيا. توهان ڏسندا تہ جتي سمان سومرن تي ڏاڍ نہ ڪري سگهيا اتي ڪو سومرو "ڪتي" يا "واڍو" ناهي، پر جتي سومرا ڏاڍ هيٺ آيا اتي ڪين "نَڪ نَڪ" يا "شُو شُو" واري چٽر پري سڃاڻپ ڏني وئي (حقيقت کان بي خبر سومرا پاڻ ۾ نئينءَ مان ملڻ مهل هڪٻئي کان اها سڃاڻپ پڇندي ڏٺا ويا آهن). حالانڪ ساڻن "ٽريڊ مارڪ" طور منسوب ڪيل هي پورهيا ٻين ذاتين وارا پڻ ڪن ٿا ۽ سومرا هنن کان سواءِ ٻيا ڌنڌا بہ ڪن ٿا.

پنج صديون پوءِ جڏهن انگريز آيا، جن آڏو هر ڪو سنڌ واسي؛ سيّد هجي يا برهمڻ، بلوچ هجي يا کتري يا ڪو راجپوت، ڪمي ڪاسبي هجي يا هڏواڙ يا مٽيءَ جا رانديڪا ناهيندڙ موهنجي دڙي جو ڪو وارث، سڀ مفتوح ۽ هڪ برابر هئا؛ نہ ڪنهن "وچ ايشيائيءَ" جا وڏا "اڪثريت" هئا ۽ نہ ڪنهن "پارڪريي" جا پُرکا "اقليت" هئا؛ تڏهن جن جون پاڙون هن ڌرتيءَ ۾ هيون (سومرن سميت) تن مٿان پيل ڏاڍ جون چپون هلڪيون محسوس ڪيون ۽ پاڙن وسيلي پساهه کڻندڙ سندن ٽُڙَ نئين سِر مورِجي اٿيا. انهي دور کي 'Soomra Renaissance' يا 'سومرن جي نئين مورِ' چئي سگهجي ٿو (وڍيل ٽُڙَن جي نئين ڦوٽهڙي کي مورِ پڻ چئبو آهي).

دودي-چنيسر جو قصو ڀلي ڪٿي تڪراري هجي، پر اها پڪ آهي تہ چئن دودن ۽ ٻن چنيسرن سميت 23 سومرن حاڪمن منجهان ڪجهہ دلير سورما ۽ ڪجهہ ڪانيَر بہ ٿيا هوندا. تنهنڪري عظيم ديس پريمي سنڌي سورمي سمراٽ دودي سومري جي آخري آرامگاهه کي ڏُکن حوالي ڇڏي ڏيڻ بجاءِ سائنسي بنيادن تي تحقيق ڪرائي، سندس حقيقي مدفن ڳولي اهو آباد ڪرڻ گهرجي؛ جيڪڏهن روپا ماڙيءَ وارو شاهه حسين "دودو سومرو" ٿي سگهي ٿو تہ سومرا دور جي حقيقي راڄڌانين شاهه ڪپور، ٺريءَ ۽ ٺٽي ويجهو موجود قبرن بابت بہ ڇنڊ ڇاڻ ٿي سگهي ٿي، متان اتي بہ ڪنهن "سيد" جي لِڪَ ۾ ڪو "سومرو" موجود هجي. يا اهو بہ ٿي سگهي ٿو







تہ اهي مقبرا بہ اهڙيون ئي ڪجهہ "چتيون" هجن. ان کان پوءِ ان حوالي سان ٿيندڙ تحقيق کي رڪارڊ تي آڻجي تہ جيئن ايندڙ نسل سنڌ جي صحيح تاريخ کان واقف ٿي سگهي. بلڪ وڌيڪ بهتر ائين ٿيندو تہ پاڪستان ۾ ٺهندڙ جديد جنگي اوزارن مان ڪجهہ کي نہ رڳو دودي سومري، پر سنڌ جي سيني ديس پريمي سورمن جي نالن سان منسوب ڪرائي، سندن سورهيائيءَ کي خراج تحسين پيش ڪرائجي، ڇو تہ صدر پاڪستان جناب آصف علي زرداري 25 نومبر 2009ع تي پنهنجي تقرير ۾ درست چيو تہ "پاڪستان سِنڌو آهي".

ڪراچي، 31 جنوري، 2010.

**عمر سومرو**

موبائيل: 0300-7051347

اي-ميل: umersoomro@hotmail.com

# مصنف جا واڪاءِ مڃتائون

'تاريخ'، اسڪول توڙي ڪاليج سطح تي، ڪڏهن به منهنجي پسند جو مضمون نه رهي آهي. يونيورسٽيءَ ڪان هيٺ وارن امتحانن ۾ مون کي اها رڳو بس پاس ٿيڻ لاءِ پڙهڻي پوندي هئي، ڇاڪاڻ ته اها لازمي مضمون هئي. مونکي هن مضمون کان نفرت ڪٿي نه به هجي، پر وڻندو نه هو، ڇاڪاڻ ته اها بادشاهن، راڻين ۽ شهزادن جي هٿرادو ڪهاڻين جي چوڌاري ڦرندي هئي، جيڪي عجيب ۽ نرالا ڪم ڪرڻ ڪري هن دنيا جا يا اسان منجهان نه لڳندا هئا.

ڊڪشنريءَ ۾ لفظ 'تاريخ' جي معنيٰ 'آکاڻي' ڏنل آهي، پر ساڳئي وقت ائين به چيل آهي ته هاڻي سندس معنيٰ 'پراڻي' آهي. ان منجهان لڳي ٿو ته ماضيءَ ۾ ڪنهن وقت انهن ٻنهي لفظن جي معنيٰ ساڳي هوندي. جاڻ ۾ واڌارو اچڻ سان انهن جي معنائن ۾ فرق پيدا ٿيو ۽ نيٺ اهي ٻه ڌار لفظ بڻجي ويا. هاڻي 'آکاڻي' لفظ جي معنيٰ آهي 'ڪنهن ماڻهوءَ يا فرد جي گذريل زندگيءَ جي رَوش' ۽ 'تاريخ' آهي عام واقعن جو لاڳيتو ترتيبوار رڪارڊ. هتي صفت 'ترتيبوار' ان طرف اشارو آهي ته تاريخ کي آرٽس مان ڪڍي سائنس وارن مضمونن جي گروپ ۾ شامل ڪيو ويو آهي. 'تاريخ'، حقيقت ۾، سائنس آهي يا آرٽ، ان بابت ڏاهن وچ ۾ صدين کان وٺي گرماگرم بحث هلندو پيو اچي، پر اجا تائين ڪو اطمينان جوڳو جواب سامهون نه اچي سگهيو آهي. تنهنڪري، ان مان پَلَو آجا رکڻ ڪاڻ، مان ان تڪرار کي ڇڏي ٿو ڏيان. منهنجي لاءِ ترتيبوار رڪارڊ، جيڪڏهن ان ۾ ظلم، وحشي پڻو، ڪنورائپ يا ڪو غير انساني عنصر شامل آهي، اوتروئي بي مقصد آهي، جيتري انساني جِيوَن جي ڪا خيالي ۽ ڪوڙي يا افسانوي رَوش.

روايتي طور سڄي دنيا جون نانيون ڏاڏيون اهي آکاڻيون ننڍاڪڙن ننڍڙن ٻڌندڙن جي ڀٽڪندڙ ۽ پُڇ پُڇ ڪندڙ ذهنن مٿان گهري ننڊ طاري ڪرڻ لاءِ ٻڌائينديون آهن. پنهنجي آکاڻين کي وڻندڙ ۽ موهيندڙ بڻائڻ لاءِ ڏاڍي ڏاهپ سان ويساهڻ جوڳو انداز استعمال ڪنديون آهن. ان ڪان سواءِ سندن ٻيو ڪو مقصد نه هوندو آهي.





ٻاروٽڻ ۽ چوڪرائپ دوران مونکي، اصلي توڙي سڱ بند ۾، ڪوڙ سارين نانيون ڏاڏيون هونديون هيون. سڀ جو سڀ آکاڻي ڪٿڻ جون ماهر هونديون هيون، پر حيرت جهڙي ڳالهه اها آهي ته اهي سڀ ڪنهن سڀاجهڙي آکاڻي ٻڌائڻ واريءَ بجاءِ، ننڊ پريءَ کي ننڍاڪڙين اکين ڏانهن ڇڪيندڙ، ڪنهن سخت فوجي سپهه سالار وانگر هونديون هيون. اهو ان ڪري هو، جنهنجي سُڌ مون کي پوءِ پئي، ته اهي سڀئي سومريون هيون، جن جي مزاج ۾ شاهي دٻدٻو هو. سندن آکاڻيون هڪ عام چوڻي 'ڪنهن زماني جي ڳالهه آهي' سان شروع ٿينديون هيون ۽ پهريون جملو هوندو هو "هڪڙو هو بادشاهه". اسان ٻڌندڙن منجهان ڪنهن کي به انهن منجهان ڪنهن کان 'ڪڏهن' ۽ 'ڪٿي' پڇڻ جي جرئت نه هوندي هئي، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن اسان ائين ڪريون ها ته آکاڻي تاريخ بڻجي پوي ها ۽ ڪا ڪراڙي اسان کي ان آڌيءَ رات ڌاري تاريخ ٻڌائڻ لاءِ تيار نه هئي. "وچ تي نه ڳالهاءِ، چپ ڪري ٻڌ ۽ ننڊ ڪر"، اهو ئي قانون هو، جيڪو مڃڻو پوندو هو.

سندن آکاڻين جو 'شهزادو' سدائين ڏاڍو سگهارو، سياڻو، چالاڪ، ڏاهو، اتڪلي، سورهيه ۽ ڪنهن مقصد ڪاڻ خطرا سِر ڪٽڻ لاءِ تيار هوندو هو. اهو شهزادو، سچو هجي يا خيالي، منهنجو سنگين رقيب هوندو هو، ڇاڪاڻ ته اهو سدائين مونکي پنهنجي ئي اکين آڏو پٽڪڙو لڳڻ تي مجبور ڪندو هو. مان جسماني طور نبل، نازڪ، ڪچڙو، ڊرڙو، سست ۽ لچاڙو هوندو هوس. ان ڪان سواءِ منهنجي مائٽن مونکي هر قسم جي گرمي سرديءَ، جهڪُن ۽ خراب موسمن کان بچائي مونکي ڪجهه سڃيهه بي همت بڻائي ڇڏيو هو. ڀلا مان ڪيئن ٿي ديوَن کي ماري سگهيس يا ظالمن کي شڪست ڏئي سگهيس يا اڻ پونئي پوائتين جاين تي وڃي سگهيس، جڏهن ته مان پنهنجو ٿيلهو به گهران اسڪول ۽ موٽائي گهر ڪٺي آڻي نٿي سگهيس. ڇا مان ڪنهن ٻئي قسم جو شهزادو هوس، جو منهنجو اهو ڪم ڪرڻ لاءِ منهنجي پيءُ هڪ ڏوڪڙ ڏهاڙيءَ تي هڪ نوڪر رکيو هو؟ مونسان لهه وچڙ ۾ آيل هر شخص منهنجي ذهن ۾ سڌي توڙي اڻ سڌي ريت اهو ويهاريو هو ته مان سنڌ تي پنج صديون راڄ ڪندڙ شاهي خاندان سومرن جو مويي پٽ آهيان. منهنجي رڳن ۾ شاهي رت هجڻ واري تصور مونکي ڦونڊ تي ڏني، پر گهڻين ڳالهين ۾ روايتي شهزادن جي ابتڙ هجڻ واري حقيقت مونکي ڏوڏي تي ڇڏيو.

تنهنڪري مان شهزادن سان نفرت ڪرڻ لڳس: شهزادن جون ڳالهيون پڙهڻ جي شوقين هڪجيڏن سان نفرت ڪرڻ لڳس ۽ آخرڪار پاڻ سان نفرت ڪرڻ لڳس. انتها تڏهن ٿيندي هئي، جڏهن ڪراڙيون پنهنجي پڻدڙن کي پنهنجون آڪاٽيون تاريخي طور سچيون مڃرائڻ جي ڪوشش ڪنديون هيون. ان ڳالهه مونکي پنهنجي وجود تي به شڪ ٿيڻ لڳندو هو.

انوقت تائين مان ٻار مان وڏي ڇوڪرو ٿي چڪو هوس ۽ تيزيءَ سان ڇوڪرائپ مان جوانيءَ طرف وڌي رهيو هوس. مون پنهنجي ڇوڏاري شاهي گهراڻي ۾ پاڻ کان وڏن تي اک ڦيرائي، پر ڪنهن ۾ به شهزادن وارا گڻ لهي نه سگهيس. تيستائين ڪُراڙين واريون ڳالهيون پڻ بدلجي چڪيون هيون. شهزادن جي واکاڻ واريون ڳالهيون ٻڌائڻ بجاءِ اهي بادشاهن پاران وڙهيل جنگين جا واقعا بيان ڪرڻ لڳيون هيون. آڪاٽين جا پهريان جملا پڻ بدلجي چڪا هئا. آڪاٽي ڪٿندڙن اعلان تي ڪيو: "ڪنهن زماني جي ڳالهه آهي هڪڙو هوندو هو بادشاهه: سچو بادشاهه الله آهي: هيءُ بادشاهه ڌرتيءَ جي ڪنهن ٽڪري جو مالڪ هوندو هو."........ جيئن جيئن ڪهاڻي اڳتي وڌندي هئي، بادشاهي لٺ جو ڏاڍ ۽ تاج ڏٽي پاڻ وڌيڪ ڌمڪائيندڙ ٿيندا ويندا هئا. "ڌرتيءَ جي ان ٽڪري تي پکي به بادشاهه جي اجازت بنا پر نه هڻي سگهندا هئا: هوا سندس مرضيءَ بنا نه هلي سگهندي هئي ۽ درياءَ سندس رضا جي خلاف نه وهي سگهندا هئا". اهو پڙرو ڪيو ويندو هو. اسڪولن ۾ پڙهائجندڙ آڪاٽين جا ڪتاب پڙهندڙن مٿان رعب ويهارڻ لاءِ اجا به هڪ قدم اڳتي هليا ويندا هئا ته سيئي بادشاهه وڏا لشڪر رکڻ، هٿيارن ۽ بارود جا وڏا ذخيرا گڏ ڪرڻ، وڏي پيماني تي ماڻهن جو قتل عام ڪرڻ، ڳوٺن ۽ شهرن کي ڦُرڻ ۽ باهيون ڏئي ساڙڻ ۽ سندن وات ۾ ايندڙ سيني فصلن، باغن، وڻن ۽ ٻوٽن کي پاڙان پٽي اجاڙڻ جا ڪوڏيا هوندا هئا. انهن "عظيم بادشاهن" منجهان هڪڙو انساني کوپڙين جا مينار ناهڻ جو ڪوڏيو هوندو هو: ٻئين پنهنجي سؤٽن جون جيئري کلون لهرايون: ٽئين پنهنجي سڳي ڀاءُ جون اکيون ڪيرايون: چوٿين پنهنجي پيءُ کي هاٿيءَ جي پيرن هيٺان لتاڙايو، جڏهن رتا موجب ڪاٺ وارو محل جُهري پيو: پنجين پنهنجي مخالفن کي جيئري ڳهاڻي ۾ پيڙايو ۽ ڇهين پنهنجي پيارن جا اوجَهه ڦاڙايا. بادشاهن بابت ان سڄي ڄاڻ، جيڪا آڪاٽين نه پر تاريخ تي


books.sindhsalamat.com



ڏني، منهنجي دماغ ۾ ننڍپڻ کان پلجندڙ ڏاڻن کي ويتر گهرو ڪري ڇڏيو ۽ انهن سيني گڏجي تاريخ ۽ تاريخ نويسن ٻنهي لاءِ نفرت پيدا ڪئي.

پنهنجي خاندان جي ڪنهن به فرد ۾ بادشاهن جهڙا لڇڻ ڳوليندي مون کي لڳو ته منهنجو پيءُ پنهنجي همعصرن کان گهڻين ڳالهين ۾ مَٽ هو. هو سنجيدو، سڌو سنئون ۽ عملي ماڻهو هوندو هو: نه منجهس وڏائي هئي ۽ نه اجاين ڳالهين ۾ پوندو هو. نه رڳو گهر ڀاتي پر پنهنجي ذات وارا سيئي ٽوٽي ٻين ذاتين وارا، جيڪي ساڻس واسطي ۾ هئا، سندس عزت ڪندا هئا ۽ سندس چيو مڃيندا هئا. هڪ ڏينهن صبح جو مونکي اعتماد ۾ ورتائين ۽ چيائين: "مان بادشاهن، راڻين، شهزادن ۽ انهن جي تاريخ لکندڙ تاريخ نويسن بابت تنهنجي نظرين ۽ سوچن کان پوري طرح باخبر آهيان: مان اهو به ڄاڻان ٿو ته پنهنجي گهراڻي کي طبعي ٽوٽي ذهني طور ڌار ڌار، ڇڙوڇڙ ۽ وکريل ڏسي تون تمام گهڻو نراس آهين: مان ڄاڻان ٿو ته تون، تنهنجي اميدن جي بلڪل ابتڙ، اهڙا اعليٰ اخلاقي گڻ نه لهي سگهيو آهين، جن جي آڌار سومرا پاڻ کي موجوده انبوهه واري حيثيت بجاءِ هڪ عظيم قوم طور ڪڙو ڪري سگهن ۽ تنهنجي نراسائيءَ توکي پنهنجو پاڻ کان انڪاري بڻائي ڇڏيو آهي. تنهنڪري هاڻي مان تو کي به شيون ٻڌايان ٿو سي غور سان ٻڌ: هڪڙو منهنجو ذاتي تجربو آهي، جيڪو تو لاءِ ڪجهه سوچڻ جو آڌار بڻبو ۽ ٻي توکي تنهنجي آئيندي جي رٿابنديءَ لاءِ وصيت آهي.

"مان جڏهن تنهنجي عمر جو هوس، مون هڪڙو آفيم جو موالي ڏٺو، جيڪو نشي ۾ ڌت روڊ جي پاسي واري ڪچي تي ستو پيو هو، پر ٽنگون روڊ تي ٽڙيل هئس. ٽانگي واري رڙ ڪئي: "سائين پنهنجون ٽنگون پري ڪريو نه ته ٽانگي جا ڦيٿا مٿان چڙهي ويندن." آفيم جي مواليءَ ٿورو ڪنڌ مٿي ڪنيو، پنهنجي ٽنگن کي غور سان ڏٺائين ۽ ڏاڍي بي فڪريءَ سان چيائين: 'اهي ٽنگون منهنجون ڪونهن، ڀلي مٿان ٽانگو چاڙهي وڃين.' سندس ان ٻُوڪائپ تي مان ڪِلِيُس ۽ اتي موجود ٻيا ماڻهو پڻ کليا، جن اهو لقاءُ ڏٺو. گهڙي کن کان پوءِ منهنجي ذهن ۾ هڪ سوال اڀريو ته آفيم جو موالي پنهنجي ئي بدن جي حصي تان ڇو هٿ کڻي ويو؟ دماغ جي ڪهڙي مورچائي يا ناموافق حالتن ۾ اسان پنهنجو پاڻ کان لادعويٰ ٿي ويندا آهيون؟ جواب آيو ته، هر قسم جي نشي ۾: نشو ڀلي دولت جو هجي،


www.sindhsalamat.com

گهٽي طاقت جو، گهٽي علم جو، گهٽي پارسائيءَ جو يا پاٽيرائپ واري ڪوڙي پرمر جو. دماغ جي حالت بگاڙيو ڇڏيو ۽ نتيجي ۾ اسان پنهنجي بدن جي اهم حصن تان به هٿ ڪٽيو ڇڏيون. هڪڙي لفظ ۾ چئجي ته، دماغ جي اها حالت 'موت' آهي – اخلاقي، طبعي ۽ روحاني موت. اسان سومرا، سمن هٿان زبردست شڪست کائڻ کان پوءِ پنهنجي هر شيءِ تان هٿ کڻي ويا آهيون.

بي شيءِ جيڪا مان تو کي چوڻ ضروري ٿو سمجهان، سا اها ته سومرن بادشاهن سنڌ، ملتان ۽ اُچ تي آزاديءَ، طاقت ۽ مڪمل اختيار سان راڄ ڪيو: پر انهن اهو هڪ فرق سان ڪيو. اهو فرق ئي هيو، جنهن جي ڪري سنڌن بادشاهي وڏيڪ نه ته 350 سال هلي. روايتي بادشاهن جي ابتڙ سومرن حاڪمن جو بلڪل صاف رڪارڊ رڪنڊڙ شاهي ڪردار هوندو هو. بدقسمتيءَ سان تاريخ نويسن جي فرقيواري ڪاند ۽ اسان جي پنهنجن ماڻهن جي ان کي بي ڌيانيءَ سان درگذر ڪرڻ واري عمل گڏجي هڪ اهڙو مبهم جار اڻي ڇڏيو آهي، جو سومرن جي تاريخ مٿان چڙهي ويل ڌوڙ چنڊڻ ڏاڍي ڏکي ٿي پئي آهي. منهنجي تو کي وصيت آهي ته تون، ضرورت پوي ته، پنهنجي سڄي ڄمار اهي غلط فهميون، جيتريون ختم ڪري سگهين، ختم ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏ ۽ ان ريت پنهنجي ماڻهن کي مختلف مونجهارن منجهان آجو ڪر."

منهنجي پيءُ جنهن ڏينهن مونکي مٿين وصيت ڪئي، اهو 1935ع ۾ منهنجي گريجوئيشن وارو ڏينهن هو. بابي جي ڳالهه ۾ موجود پُختائيءَ منهنجي عزم ۾ ولولو آڻي ڇڏيو ۽ اڳلن 56 سالن تائين به ان کي جِلا بخشيندي رهي آهي.

وقت گذرندو رهيو، قسمت منهنجي دنياوي جِيوَن ۾ مونکي 'تعليم' سان سلهاڙي ڇڏيو. هن پيشي ۾ لائبريرين تائين پهچ، ڏاهن سان لاڳاپن ۽ تحقيقي ڪم لاءِ سهولتن جا جهجها موقعا ميسر هوندا آهن. پنهنجي حياتيءَ جو وچن پاڙڻ لاءِ مون بردباري، اورچائي ۽ اڻ ڏريائيءَ سان حقيقي ۽ صحيح رخن تي پنهنجي خاندان جي تاريخ نئين سِر اڏڻ جا جتن شروع ڪيا، ته جيئن اسان کي پنهنجي اجتماعي سگهه جي تعميري اظهار لاءِ هڪ گڏيل پليٽ فارم ميسر ٿي سگهي. جيئن بابي اشارو ڏنو هو ته خاندان کي رسيل سياسي شڪست وارو ڏک ايڏو ته زوراٽتو هو، جو ڪيترن سومرن ته سومرو هجڻ واري پنهنجي شاهي سڃاڻپ تان ئي هٿ کڻڻ ۾





پلائي سمجهي ورتي هئي. علامه اقبال اوپن يونيورسٽيءَ جي اڳوڻي وائيس چانسلر ڊاڪٽر جي. اي. الانه هڪ ڀيري مون کي اسلام آباد ۾ ٻڌايو هو ته ان پاڻ وسارڻ ئي سومرن کان اهڙا نيچ ڌنڌا ڪرايا. اهو هاڻ ثابت ٿي چڪو آهي. منهنجي مشعل بردار محترم ايم. ايڇ. پنهور مون ڏانهن هڪ ذاتي خط ۾ لکيو آهي ته: "منهنجي راءِ ۾ سنڌ، راجستان ۽ گجرات جي لوڪ ڪٿائن جو سنجيده تاريخ سان ڪو واسطو ڪونهي ۽ انهن کي تاريخ طور استعمال نه ڪرڻ گهرجي. سمن، فيروز تغلق پاران سومرن کي حڪومت موٽرائي ڏيارڻ لاءِ سندن مٿان ڪيل ڪاهه جي پلاند ۾، سومرن کان سڀ پنيون پارا ڦري ورتا ۽ ڪين ڏکڻ، رازا، حجم، سرون وجهڻ وارا، نيرولي، لوهر ۽ پترڪُٽ وغيره (سڀ اڇوت) بڻائي ڇڏيائون........"

اهو بلڪل سچ آهي. شاهي خاندان جا ڪيترا ئي فرد سِرَ بچائڻ واري لالچ جو شڪار ٿي، سومرن واري وَلِ جا پتا هجڻ کان انڪاري ٿي ويا. تحقيق لاءِ گهمندي ڦرندي ۽ ڪنهن هنڌ ڪجهه ترسڻ دوران مون گهٽي پاڳي ڏٺو ته جيڪي سومرا ملتان، خانگڙهه، شجاع آباد، لوڌران، اُچ ۽ بهاولپور ۾ وڃي آباد ٿيا هئا، تن پاڻ وسارڻ وارو پاپ، سنڌو ماتر جي ٻين پاڳن وارن سومرن کان سرس ٿي ڪيو. جيڪي سومرا پندرهين صديءَ ۾ ميراٿين سان گڏ مڪران جي ٽڪرين کان ليّه، جهنگ، مانڪيره، مَيابل ۽ ٿَل جي ٻين ڳوٺن ڏانهن لڏي آيا، تن پنهنجي سومرا ذات بنهه ڪو نه لڪائي. بلڪ لال عِيسانَ سان ساٿ ۾ لوهاڻن ۽ جاٽ ذاتين سان گڏ لڏي آيل ليّه وارن سومرن ته وڏي واڪي چيو ته اهي سنڌ جا اصل حاڪم آهن.

هنن 'ڪٽو ڪٽو ٿي ويلن' جي ذهنن تي دشمن جي پلاند جو بَڪُ ٽيڻ وارو نفسياتي ڊپ ايترو ته ڇانئجي ويو آهي، جو زوال کان پنج صديون کان پوءِ به اهي پنهنجو اعليٰ مرتبو مڃڻ کان ڇرڪن ٿا. شجاع آباد جي هڪ ڳوٺ ۾ نوانوي سالن جو هڪ سومرو دانهون ٿو ڪري ته ڪورٽ جي فيصلي ۽ سندس زور ڏئي ورجائڻ، ته هو سومرو آهي، جي باوجود ماڻهو ڪيس ڌوبي ڪوٺين ٿا ۽ حقارت سان ڏسن ٿا.

اسلام ۾ ذات پيد وارو سرشتو ڪونهي، پر پاڪستان جي مسلمانن تي هندن واري جاتي سرشتي جو اثر ايترو ته گهرو آهي، جو وڏا وڏا مذهبي اڳواڻ به ان کان بچي نه سگهيا آهن. اسان ڄاڻون ٿا ته چندر گُپت موريا برهمڻن کي آجپو ڏياريو، پر تڏهن به انهن ڪيس نيچ-ذات ماءُ جو پٽ سڏي خوار خراب ڪيو: رڳو ان ڪري ته هو

اڻ-هندو، اڻ-پارتي ۽ اڻ-آريو هو. ساڳي ريت، جڏهن سنڌ جي سومرن اسماعيلي مسلڪ ڏانهن لاڙو ڏيکاريو ته، دشمن ساڳيا خواريءَ جا ڪارا ڪٽي نڪري پيا ۽ ڪين ملحد ڪوٺڻ لڳا. هن ڀيري دشمن جو وار وڌيڪ اثرائتو ثابت ٿيو، ڇاڪاڻ ته سومرن پاڻ به پاڻ کي پنهنجي اصل کان ڇنڻ شروع ڪيو هو. جيڪڏهن ڪو ڪوڙ رکي رکي ور ور ڪري ورجائبو رهجي، ته ڪجهه وقت کان پوءِ ان ڪوڙ جو ٿاهيندڙ به ان کي سچ سمجهڻ لڳندو آهي. ڪوڙ سارن اعليٰ تعليم ورتل ۽ ذميدار عهدا سنڀالي ويٺل سومرن کان سنڌن بڻ بنياد بابت پڇڻ تي انهن مونکي ٻڌايو ته ڪين پنهنجي ٻُڻَ بابت ڪا پڪ ڪانهي. چيائون ته: “ڪي تاريخدان اسان کي ٻڌائين ٿا ته اسان راجپوت آهيون؛ ڪي چون ٿا اسان عرب آهيون؛ ڪي اسان کي ڪنهن اڻڄاتل بڻ بنياد سان وڃي ٿا ڳنڍين ۽ ڪي اسان کي حضرت عليءَ رضہ جو اولاد ٻڌائي ٿا ڇڏين. پر حقيقت ۾ اسان جيڪي آهيون سي ئي آهيون. بڻ بنياد ڪا پَڏڻ جهڙي شيءِ ڪانهي.” بلڪل سچ! نسلي لاڳاپا ڪي پاڻ پڏائڻ جهڙيون شيون ڪونهن، پر قرآن پاڪ چوي ٿو ته اهي هڪٻئي جي سڃاڻپ لاءِ ضروري آهن. دنيا جي عظيم ترين تهذيب سرجڻ جو سهرو سومرن جي سِر آهي. سُميري، پنهنجي رقيب آرين جي ابتڙ، ساٿيهه جا اَڏيندڙ، سرجيندڙ، تخليقڪار ۽ انسانيت ساز هئا. انهن سان نسلي ڳانڍاپو اسان کي ڪنهن ڪوڙي ڦوندڻ ۾ نٿو وجهي، بلڪ اسان کي تعميري سرگرمين طرف ڇڪي ٿو.

هڪ تعليمدان هجڻ ناتي مان ورجايان ٿو ته تعليم کي ڇڙواڳ ڏاهپ تي اک رکڻ لاءِ ڪو اخلاقي ضابطو جوڙڻ گهرجي؛ اها ڪنهن ماڻهوءَ کي روزي ڪمائڻ جو ڳو ٽيڪنيڪي ڏانءُ ڏئي؛ وڌيڪ نه ته ڏهن به، اها شهريءَ کي هڪ ووٽر ۽ پنهنجي ساٿيهه جي سرجيندڙ طور پنهنجا ڪردار نڀائڻ سيکاري. اهو هڪڙو ننڍي ۾ ننڍو مقصد آهي، جنهن کي پورو ڪرڻ جي ترغيب تاريخ کي ضرور ڏيڻ گهرجي. تاريخ جو اخلاقي سکيا ڏيڻ وارو گڻ ئي ڪيس ڪارائتو بڻائي ٿو. ماڻهو ڪائنات جو مظهر ۽ ماڻهن جو ميڙُ ڪائنات آهي؛ ان ليکي هڪ فرد جي زندگي ۽ سندس ذات جي تاريخ پاڻ ۾ بلڪل پوروچوٺ آهن. مطلب ته تاريخ جي اپياس سان فرد پنهنجي شخصيت جا راز ڳولي سگهي ٿو. ڄمارون ڪلاڪن جو روپ گهڙينديون آهن ۽ ڪلاڪ ڄمارن جو روپ گهڙيندا آهن. تاريخ پاڻُ نه ورجائيندي آهي؛ نه ئي ڪيس


books.sindhsalamat.com



ورجائي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ ته هر ٿيندڙ واقعو پاڻ کان پوءِ ٿيندڙ واقعي لاءِ ڪي حالتون پيدا ڪندو آهي، جيڪي ان جي ٿيڻ جا ڪارڻ ٻڻبيون آهن. تنهنڪري، صرف اها حقيقت ته ڪا شيءِ هڪ ڀيرو ٿي وئي، ان جي ڪڏهن به ٻيهر ٿيڻ آڏو هڪ مضبوط بند وانگر هوندي آهي. پر اهو صرف انفرادي زندگيءَ لاءِ درست آهي؛ ڪو ماڻهو پاڻ کي ٻيهر ڪڏهن ساڳي صورتحال ۾ نه ڏسندو آهي. البت هر ماڻهو سامائجڻ کان پوءِ پنهنجي يادگيريءَ ۾ نقش ٿي ويل پنهنجن تجربن منجهان سبق پرائيندو ۽ رهنمائي حاصل ڪندو آهي. ذات ۾، فرد وانگر، اهو پاڻ سڃاڻڻ وارو تسلسل نه هوندو آهي يا ٻين لفظن ۾ ان جي قدرتي يادگيري نه هوندي آهي. ڪا ذات پنهنجي ماضيءَ جي تجربن وارو وسيع خزانو ضايع نه ڪري ويهي، ان لاءِ سندس ڪا يادگيري پيدا ڪرڻي پوندي آهي. ذات جي اها يادگيري تاريخ آهي. پنهنجي ذات جي هڪ ادنيٰ خادم هئڻ ناتي، مون پنهنجي ذات جي يادگيري نئين سِر اڏڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن کي دوستن توڻي دشمنن ٻنهي، مونجهارا پيدا ڪرڻ لاءِ، هٿ وٺي بگاڙيو آهي. سومرن جي تاريخ جي هن حالت بابت محترم علي احمد ڪي. بروهي مون ڏانهن لکيل هڪ ذاتي خط ۾ لکي ٿو ته: “اها سچ به ڏکوئيندڙ ڳالهه آهي ته سومرن جو دور، جنهن دوران سنڌ جا سموراعشقيه داستان ۽ لوڪ ادب سرجيا، اڄ تائين تاريخ جي شاگردن لاءِ هڪ سواليہ نشان آهي.... سومرن جي تاريخ جيڪا اسان آڏو آندي وئي آهي، سا رڳو جيڪڏهن، پر ۽ شايد جو مجموعو آهي.”

جتي تاريخ هارائي ويهندي آهي، اتي آثار پروڙ وارو علم ڪٽي ويندو آهي. جيڪڏهن اسان پنهنجي يادگيريءَ جي اک آڏو دنيا جو نوح واري ٻوڏ کان پوءِ وارو منظر آڻيون، جنهن ۾ قبيلا هيڏي هوڏي هلندا ۽ هِتي هُتي وسندا رهيا، ته اسان هڪ ڳنڍيل علائقي جو تصور ڪري سگهون ٿا؛ هاڻ وانگر سرحدن ۾ ورهايل نه. سنڌ، ڏکڻ ايران، اِيلام، عراق ۽ هاڻوڪي اَسير تي مشتمل هي علائقو دنيا جي ثقافت جو پهريون ۽ سيني کان آڳاٽو پينگهو ۽ سومرن جو وطن هو. سموري تهذيب جو سرجيندڙ هجڻ بيشڪ هڪ وڏو اعزاز آهي. ‘اهو اعزاز سنڌ ۽ ميسوپوٽامر جي سومرن کي نه ملڻ گهرجي’؛ ان ڪاڻ ئي تاريخ جون ائين چيهاڙيون ڪيون ويون ۽ مٿي ذڪر ڪيل ‘جيڪڏهن، پر ۽ شايد’ پيدا ڪيا ويا. آثار پروڙ


www.sindhsalamat.com

(آرڪيالاجي) اجا تائين نين کوجنائن وارن ڏاڪن تي آهي ۽ ساڳيوئي حال منهنجي ڪنيل هن ڪم جو بہ آهي. هڪ ڳالھ جيڪا سيني ڏُکن ڪان بالاتر آهي، سا اها تہ سومرا، اڳوڻا توڙي هاڻوڪا، سيئي نج ڌرتيءَ ڄاوا آهن. هن مڪمل طور مڃيل راءِ سان منهنجي، ڪٽو ڪٽي ڪان ڌار، ذات وارن جو ضمير جاڳڻ گهرجي. انهي ڪان سواءِ، ڪنهن ذات جي ڪنهن فرد لاءِ پنهنجي تقدير جو ڌڻي پاڻ ٿيڻ يا پنهنجي قسمت جون واڳون مڪمل طور پنهنجي هٿن ۾ جهلڻ ۽ اجتماعي اڳيرائپ طرف ڌيان سان وڌڻ، ناممڪن آهي.

انهن رخن تي تحقيق ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري، جيڪو مواد هٿ لڳم، زباني توڙي لکت ۾، تنهن کي تَري تائين کوٽيم. هنن موادن جو جيترو وڌيڪ تنقيدي اڀياس ڪيم، اوترا وڌيڪ چِٽا ثبوت ملندا ويم تہ سومرا، بلڪل آزاد بادشاهہ هجڻ ۽ پنهنجن علائقن تي مڪمل اختيار هجڻ جي باوجود، انهن عام مشهور مطلق العنان بادشاهن ڪان بلڪل مَٽَ هئا، جن جا ڀوائتا چِٽَ ڪُراڙين منهنجي ڪچڙي ذهن تي چِٽِيا هئا. اهي ڀٽن، ڀانن، مڱڻهارن ۽ چارڻن جي داستانن وارن سورمن ڪان بہ مَٽَ هئا، جن جي شاعراڻي ٻولي لاءِ پَڌائڻ هڪ ضروري عنصر ليکبو آهي. سنڌ جي سومرن ’بادشاهت‘ بابت دنيا جي تاريخ ۾ هڪ نئون تجربو ڪيو؛ انهن شاهي خود مختياري ۽ لوڪ جي راءِ کي گڏائي هڪ ادارو برپا ڪيو ۽ ان اداري کي، وڌيڪ نہ تہ ڍهن بہ، چار سو سالن جي رڪارڊ مدت تائين ڪاميابيءَ سان هلايائون. مسٽر ايم. ايڇ. پنهور پنهنجي ڪتاب ’ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ‘ ۾ لکي ٿو تہ: “سومرا راڄ گهراڻي جو آغاز وراثت جي هڪ طيءِ ٿيل ۽ بي لچڪ قانون سان ٿيو - سنڌن همعصر غزني ۽ دهلي سلطنتن جي ٻنهہ ابتڙ - جتي سدائين ڏچو هلندو رهندو هو ۽ تلوار وراثت جي حق جو فيصلو ڪندڙ قدرتي طريقو هوندي هئي. ان ڪري ئي سومرن جي بادشاهي اٽڪل ساڍا ٽي سو سال لاڳيتي هلي ۽ سندن علائقا ڪڏهن بہ ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ نہ ويا، جيتوڻيڪ التتمش جي دور ۾ هو ڪجھ عرصو دهلي سلطنت جا منصبدار بہ ٿي رهيا.”

پنهنجي ڪتاب ’ليسنس فرام هسٽري‘ ۾ وِل ۽ ايريَل ڊِيُورانٽ تاريخ نويسن ڪان سوال پڇن ٿا تہ: “توهانجي اڀياس ڪهڙو ڪم ڏنو آهي؟ ڇا توهان کي قومن ۽ نظرين جي عروج ۽ زوال جا تفصيل بيان ڪرڻ ۽ ’بادشاهن جي موت جا ڏکارا قصا‘


books.sindhsalamat.com

سومرا راڄ گهراڻو

ورجائڻ ۾ مزو ٿو اچي؟ ڇا توهان انساني فطرت بابت، ڪنهن قسم جي ڪتابي ڄاڻ ڪان اڻواقف، گهٽيءَ ۾ گهمندڙ ڪنهن ماڻهوءَ ڪان وڌيڪ ڪجھ ڄاڻو ٿا؟ ڇا توهان تاريخ منجهان اسانجي موجوده حالت لاءِ ڪو سوجهرو، اسانجي فيصلن ۽ پاليسين لاءِ ڪا رهنمائي يا زماني جي گردش ڪان ڪي بچاءَ ڳولي ڪڍيا آهن؟ ڇا توهان ماضيءَ جي واقعن جي ترتيب جا ڪي قاعدا ڳولي لڌا آهن، جن آڌار توهان انسان ذات جي آئيندي جي عملن ۽ رياستن جي انجام بابت ڪا اڳڪٿي ڪري سگهو؟ منهنجو ڪتاب “دي سومراز” نہ ڪهاڻين جو ڪتاب آهي ۽ نہ تاريخ؛ اهو انهن ٻنهي جي ملاوت آهي. ان ڪري مان وِل ڊِيُورانٽ جي سوالن جا جواب ڏيڻ جو پابند ناهيان. مان پنهنجي پڙهندڙن تي ٿو ڇڏيان تہ اهي پنهنجي آزاد راءِ قائم ڪن ۽ پوءِ وِل ڊيورانٽ جي سوالن جا جواب ڏين. سومرن پاران لوڪ جي راءِ کي بادشاهيءَ سان گڏائڻ واري ڪامياب تجربي ۾ سوال بہ آهي تہ جواب بہ، جيڪي ٻئي سموري يورپ جون وايون بتال ڪرڻ لاءِ ڪوڙ آهن.

اسان سومرن کي سچ بہ پنهنجي وڏن تي ناز آهي، جن منجهہ عوامي راڄ وارو نِڪور سرشتو جوڙڻ جي ڏاهپ هئي. سندن همعصر غزنوي ۽ دهليءَ جا سلطان هن حوالي سان ڪيڏو بُري طرح ناڪام ٿيا، تنهن جو اندازو هنن ڳالهين منجهان ڪري سگهجي ٿو: محمود غزنويءَ جي پهرين پيڙهي امن سان نہ رهي سگهي، 31-1030ع ۾ محمود جي موت ڪان ستت پوءِ سندس پٽ مسعود پنهنجي سڳي ڀاءُ کي انڌو ڪيو، مسعود پاڻ 1040ع ۾ ڀائٽئي هٿان قتل ٿيو، ان ڪان پوءِ بادشاهہ نامزد ٿيل ٽن سالن جي ٻار کي سندس سڳي چاچي علي عبدالحسن تخت تان لاٿو؛ دهلي سلطنت ۾ هنن بادشاهن کي زوريءَ لاٿو ويو:

| | | |
|---|---|---|
| .1 | آرام شاهہ | 1210ع |
| .2 | رڪن الدين فيروز شاهہ | 36-1235ع |
| .3 | رضيہ سلطانہ | 39-1236ع |
| .4 | معزالدين بهرام | 41-1239ع |
| .5 | علاءُالدين مسعود | 64-1241ع |
| .6 | معزالدين قيقوباد | 90-1287ع |


www.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| .7 | جلال الدين فيروز- ٻيون | 1290-95ع |
| .8 | غياث الدين تُغلق | 1320-25ع |

هڪ مشهور چوڻي آهي تہ اختيار بگاڙيندو آهي ۽ مڪمل اختيار مڪمل بگاڙيندو آهي، پر سومرن جي مڪمل اختيار دوران، جيڪو شايد سڄي دنيا جي تاريخ ۾ سڀ کان ڊگهي عرصي تائين آهي، متعصب تاريخدان بہ ڏاڍ جو ڪو هڪڙو واقعو نہ ٻڌائي سگهيا آهن. اسان دهليءَ جو تاج پائيندڙ رڳو هڪ عورت حڪمران رضيہ سلطانہ بابت ٻڌون ٿا. ساڻس ڇا ٿيو سو بہ سڀڪو ڄاڻي ٿو. اها پنهنجي پيءُ جي تخت تي ٽن سالن کان وڌيڪ ويهي نہ سگهي ۽ درٻارين هٿان مارجي وئي. ان جي ابتڙ هڪڙي سومري راڻيءَ جو مثال ڏجي ٿو: 1092ع (485هہ) ۾ سومرو بادشاهہ دودو (پهريون) گذاري ويو. سندس پٽ ننڍو هو. ڇوڪري جي حق کي بچائڻ لاءِ سومري شهزادي زينب (جنهن کي ڪن تاري بہ سڏيو آهي) وڏي همت سان بادشاهيءَ جون واڳون سنڀاليون، ڏهہ سال بهترين طريقي سان حڪومت هلائي ۽ پاءُ جي سامائجڻ تي بنا هيل حجت جي ڪيس راڄ موٽائي ڏنائين. ڪجهہ ٻين سومرين پڻ ڏاڍي ڏاهپ سان رياستي امور هلايا آهن.

سومرن جو راڄ ابتدا کان ئي منظم ۽ لوڪ جي راءِ جي احترام تي ٻڌل هو. ايستائين جو پهريون سومرو بادشاهہ خفيف تڏهن تخت تي ويٺو، جڏهن سڀني يڪراءِ ٿي سندس حق ۾ فيصلو ڏنو. سندس وفات وقت پٽس اجا ٻار هو. سومرن جو راڄڌاني شهر منصوره محمود غزنويءَ هٿان تحس نحس ٿي چڪو هو. سومرن جي راڄڌاني ٿريءَ جو راڄ گڏ ٿيو ۽ يڪراءِ ٿي سومار سومري کي پنهنجو بادشاهہ چونڊيائون، پر خفيف جي ننڍڙي پٽ جو حق پنهنجي جاءِ تي محفوظ رهيو. سومار ڇئن سالن کان پوءِ گذاري ويو. پٽس راڄ بل گادي سنڀالي. اهو هڪ تمام مضبوط بادشاهہ ثابت ٿيو. ايستائين جو شام وارو مقطانہ پنهنجي خط ۾ کيس سندس اصلي نالي بجاءِ ”رياست جي طاقت“ ابنِ سومار ڪري مخاطب ٿيو. انهي سنڌ سان گڏوگڏ ملتان تي بہ حڪومت قائم ڪئي، تنهنڪري راڄ وارن کيس حڪومت جاري رکڻ ڏني. انهي جي وفات کان پوءِ راڄ ميٺ ماٺ ۾ حقيقي وارث يعني راڄ گهراڻي جي باني خفيف جي پٽ پونگر جي حوالي ٿيو، جيڪو پيءُ جي وفات مهل





ننڍو هجڻ ڪري گادي نہ سنڀالي سگهيو هو. 28 سال گذرڻ باوجود بہ سندس حق نہ ڦٻايو ويو. انتهائي منظم سومرن اهڙي طرح حق ڦٻائڻ جي اجازت نہ ڏني.

سومرا ڏاڍا سگهارا بادشاهہ هئا. زبردست دٻائن جو مقابلو ڪري بہ پنهنجي آزادي برقرار رکيائون. تمام ڊگهي دور حڪمرانيءَ دوران سومرن صرف بلبن آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا. جڏهن تہ التتمش، قباچہ جي جاءِ تي چنيسر سومري کي پنهنجو منصبدار مقرر ڪيو. ائين بهاءُالدين ذڪريا ملتانيءَ جي وچ تي پوڻ ڪري ٿيو.

سومرن جي تاريخ، متعصب تاريخ نويسن پاران ڄاڻي ٻُجهي گهڙيل، هر قسم جي افسانوي مواد ۾ ويڙهي پئي آهي، پر تڏهن بہ اسان هن عظيم راڄ گهراڻي جي تعميري سرگرمين جا ڪوڙ سارا مثال لهي سگهون ٿا. سندن راڄڌاني شهر محمد طُور کي سنڌو درياءَ اجاڙيو تہ سومرن نئون شهر اڏيو، جيڪو هنوقت سنڌ جي چند وڏن شهرن منجهان هڪ آهي. پنهنجي سلطنت جي معيشت کي هٿي ڏيڻ ۽ راڄ وارن جي حالت بهتر بڻائڻ لاءِ هنن واهہ کوٽايا، پاڻيءَ جا بند اڏيا، روڊ رستا ۽ پليون ٺاهيون، زراعت کي وڌايو ۽ ڏيهي توڙي پرڏيهي واپار ۾ واڌارو آندو. هنن اهو سڀ ڪجهہ ڪيو، جنهن جي اميد هلندڙ جديد دور جي ڪنهن فلاحي رياست مان ڪري سگهجي ٿي. سنڌ جي تاريخ ۾ سومرن جو دور هر پارِي ترقي ۽ اوسر جو دور آهي: نہ رڳو مادِي پر روحاني ۽ ادبي حوالن سان بہ. سومرن بادشاهن جو تعليم پکيڙڻ سان خاص لڳاءُ هو. انهن پنهنجي علائقن جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ننڍا وڏا اسڪول (مدرسا) قائم ڪيا. سيد سُليمان نَدوِي ۽ مسعود حسن شهاب دهلوي اسان کي ٻڌائين ٿا تہ راڄ وارا سومرن کي ’ملڪ فيروز‘ جي شاهي لقب سان ڪوٺيندا هئا. اُچ واري جڳ مشهور عظيم درسگاهہ ’مدرسہ فيروزيہ‘ تي اهو نالو سندس اڏيندڙ سومري بادشاهہ جي لقب ڪري پيو. ڪجهہ ماڻهو ڀُل وچان دعويٰ ڪن ٿا تہ انهي جو بنياد فيروز تُغلق وڌو، تنهنڪري سندس نالي سان فيروزيہ ڪوٺجي ٿي. پر حقيقت اها آهي تہ اهو مدرسو بلبن جي ڏينهن ۾ بہ انهي ساڳئي نالي سان موجود هو، جيڪو 1266ع ۾ دهليءَ جي تخت تي ويٺو، جڏهن تہ فيروز تغلق دهليءَ جو سلطان 1351ع ۾ بڻيو _ اٽڪل هڪ صدي پوءِ. سومرن جي قائم ڪيل هن اداري عالمي ساک ماڻي. علم جا اهڙا اعليٰ معيار قائم ڪيائين، جو سومرن کان پوءِ ايندڙ سندن مخالف حڪمران بہ ان جو نالو مَٽائڻ جي جرئت نہ ڪري سگهيا. غير معمولي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

قابليت وارا استاد جهڙوڪ: قطب الدين ڪاشاني، علي بن حامد بن ابوبڪر ڪوفي، نورالدين محمد بن عوفي الخافي البخاري، شيخ محمود فاروقي ۽ عظيم اسڪالر، تاريخدان ۽ مُنصف منهاج سراج سميت ٻيا ڪوڙ سارا هن عظيم اداري جي عملي ۾ شامل هئا. هيءُ هڪ بلڪل سُني ادارو هو. ڇا اهو ڪنهن اسماعيلي شيعي يا قرمطيءَ جو ٺاهيل ٿي سگهي ٿو؟ جيڪڏهن اهو عمل ڪنهن سچي مسلمان جو هو ته پوءِ سومرن کي اٽوٽنڊڙ لقب ڇو تا ڏنا وڃن؟ رڳو ان ڪري ته انهن ٻاهرين حملي آورن سان مڙس ٿي مهاڏو اٽڪايو؟

ترجمو:

“اُچ جي علمي اهميت لڳ ڀڳ هر اسلامي دور ۾ مڃيل رهي آهي. سومرا دور، جيڪو چوٿين، پنجين ۽ ڇهين صدي هجري ۾ اڍائي سو ڪن سال آهي، ان دوران اسان کي هتي هڪ مدرسي جو ڏس ملي ٿو،جنهن جو نالو مدرسه فيروزيه هو. هيءَ درسگاهه قباچه جي دور ۾ به موجود هئي ۽ مشهور تاريخدان علامه منهاج سراج جهڙو برک عالم ان جو سربراهه هو.

ان درسگاهه جو نالو ‘فيروزيه’ ان ڳالهه ڏانهن چٽو اشارو آهي ته ان جو بنياد سومرن جي دور ۾ پيو. ڇاڪاڻ ته سومرا حاڪم پاڻ کي ‘ملڪ فيروز’ لقب سان ڪوٺائيندا هئا. انهي نسبت سان هن مدرسي تي ‘مدرسه فيروزيه’ نالو پيو.”

(خطّ پاڪ اُچ، مصنف، مسعود حسن شهاب ص. 166)

سيڪو ڇاڻي ٿو ته سومرن جي بادشاهيءَ ۾ نِيچ ۾ نِيچ ماڻهوءَ کي به رياست پاران مانُ ملندو هو ۽ سندس سارَ لڌي ويندي هئي. انهي سبب ڪري راڄ وارا پنهنجي حاڪمن سان پيار ڪندا هئا ۽ سندن حڪم مڃيندا هئا. هيءَ ذات هڪ انتهائي سڌريل ۽ آزاد برادري ٿي اڀري هئي، پر منجهس سندس قبائلي جِيوَن وارا ڪي گڻ به اڃا موجود هئا. اهي گڻ هئا ضابطو، ٻڌي ۽ هڪٻئي سان سهڪار. اهي پنهنجا مسئلا، ننڍا توڙي وڏا، انفرادي توڙي اجتماعي، پنهنجي ڪليل عام ڪچهرين ۾ نبيريندا هئا ۽ اتي ٿيل فيصلن تي هر ماڻهو بنا منهن گهنجائڻ جي عمل ڪندو هو: ڀلي ڇو نه اهي ڪڏهن ڪڏهن بااثر ماڻهن جي خلاف ئي هجن. جيستائين سومرا، عهديدار توڙي راڄ وارا، هنن اصولن تي پختگيءَ سان هلندا رهيا ۽ ايڪي ۾ رهيا تيستائين آزاد ۽ خود مختيار رهيا. جيئن ئي ذاتي مطلبن جو شڪار ٿيا يا







دولت، طاقت، پاٽيرائپ ۽ ذاتي ڪاميابين جي نشي ۾ ٻُڏي مِٽن مائٽن ڪان ڇڇڻ لڳا ته ٽڏا پٽجي وِيَن.

قومن جا عروج ۽ زوال اوچتا نه ٿيندا آهن، اهي ڪن اڻ مَٽ عالمي اصولن تحت ٿيندا آهن. محترم ايم. ايڇ. پنهور سومرن جي زوال کي سنڌو ۽ هاڪڙي دريائن ۾ آيل آبي ڦيرن سان جوڙي ٿو. برابر اهو سندن زوال جي مکيه سببن منجهان هڪ ٿي سگهي ٿو، پر سومرن جي ڪردار ۾ پڻ ڪي وڏيون اوڻايون هيون جن کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. انهن منجهان ڪجهه هتي بيان ڪجن ٿيون: اها حقيقت آهي ته سمن جو سومرن سان ڏگهي عرصي تائين ساٿ رهيو ۽ انهن جي ساٿ سان ئي سومرا اُسري حاڪم بڻيا هئا. سومرن سُونهندي موٽ نه ڏني. انهن سان اهڙو ڏارين وارو سلوڪ ڪيائون، جو ڪين ڪڇ ۾ پناهه وٺڻي پئي: تاريخدانن آخري سومري بادشاهه همير کي وڏو ظالم ڄاڻايو آهي. پنهنجي سِر ڪٽي ظالم نه به هجي، پر ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هو سندس درٻارين پاران ڪيل ڏاڍاين کي اڻ ڏٺو ڪري ڇڏيندو هو. بهاولپور گزيٽيئر ۾ ڏنل منگتي چارڻ جي ڪهاڻي هن ڪتاب ۾ ڪنهن ٻئي هنڌ ڏني وئي آهي. هن ڪهاڻيءَ سڄي سومرا برادريءَ کي خوار خراب ۽ رُسوا ڪيو: تنهن ڪان سواءِ زوال ڪان ٿورو اڳ، سنڌوءَ ۾ آيل آبي ڦيرن سبب زمينون وڃائي ويهندڙ سومرا نوجوان آپي ڪان نڪري ويا ۽ ڏاڙيل ۽ ڦورو بڻجي ويا. سندن نراسائيءَ سومرن جا سمورا اخلاقي اصول پورا پورا ڪري ڇڏيا: سومرن نوجوانن جي سگهاري ساٿ بنا باغي طغيءَ کي ڪا ڪاميابي پلئه نه پوي ها. محمد تغلق جي مرڻ وقت امير فرغان پاران سلطان جي مدد لاءِ عُلتون بهادر جي اڳواٽيءَ ۾ موڪليل منگول فوجي جٿي بغاوت ڪئي ۽ سومرا نوجوان هڪدم انهن باغين سان گڏجي پيا. شاهي خزانو ڦريائون ۽ شاهي لشڪر جي پٺيان پيا. تاريخ ٻڌائي ٿي ته سومرن شاهي لشڪر تي پٺئين پاسي ڪان حملو ڪيو ۽ منگولن اڳئين پاسي ڪان.

اها آهي سومرن جي تاريخ جي ڪجهه ڪِرُ، جيڪا مون ميڙي هتي گڏ ڪئي آهي. (فصل جي وَلِ ٻنيءَ مان ڪڇي وڃڻ ڪان پوءِ به ڪجهه لُنيَل تيلا سنگن سميت اتي رهجي ويندا آهن، انهن کي ڪِرُ چئبو آهي _ سنڌيڪار) مون جن موادن منجهان هيءَ ڪِرُ ميڙي آهي، تن منجهان هن ڪتاب جا پڙهندڙ وِل ۽ ايريَل ڊيورانٽ جي اٿاريل سوالن جا جواب سولائيءَ سان ڏئي سگهن ٿا.

مان پنهنجي تحقيق لڳ ڀڳ پوري ڪري چڪو هوس، تڏهن ’اسماعيليان در تاريخ‘ نالي ايران مان ڇپيل هڪ نهايت اهم ڪتاب منهنجي آڏو آيو. هي ڪتاب اعليٰ پايي جي عالمن ايوَانوف، برنارڊ لُوئي ۽ همداني وغيره ايڊٽ ڪيو آهي، جن منجهان هر ڪو پنهنجي مضمون جو وڏو ڄاڻُو آهي. محترم عباس همداني ’دولتِ فاطميان‘ باب جو مصنف آهي. هو لکي ٿو ته: ”سنڌ ۾ سومرن جي بادشاهي ٽن صدين تائين هلي. هنن دهلي سلطنت کان آزاد رهي حڪومت ڪئي. مضبوطيءَ سان جوڙيل انهي حڪومت ۾ هڪ ثقافت جنم ورتو، جيڪا هندي ۽ عربي تهذيبن جو مرڪب هئي. اها نئين ثقافت ترڪي ثقافت ۽ هند جي مسلمانن جي ثقافت جي مدمقابل طور اڀري. جڏهن نيزارين ۽ فاطمي مستعالين وچ ۾ اختلافن ڪَرُ کنيو ته سومرن لاءِ ڪنهن هڪ دعويٰ جو بچاءُ ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو. ان ڪري سومرن اڳتي هلي هڪ اهڙي اسماعيلي مسلڪ اختيار ڪئي، جيڪا ڪنهن وڏيڪ ڦيرقار کان مٿيري هئي. سومرن جي جاءِ تي جڏهن سنڌ جا سمان آيا ته اسماعيلين نه رڳو سنيُن لاءِ جاءِ واندي ڪئي، پر سنڌ مٿان دهلي سرڪار جي حاڪميت جي راهه پڻ ٺاهي.‘

هي تجزيو سومرن جي مذهب واري پرولي گهڻي حد تائين پروڙي ڏئي ٿو. اصل ۾ سندن مذهبي وفاداريون سياسي ضرورتن جي اصول مطابق هلنديون هيون.

سمن جي تاريخ اسان کي ڄاڻ ڏئي ٿي ته سومرن کي بيدخل ڪرڻ کان پهريان سندن مخالفن، دهليءَ جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ، پنهنجي خاندان جون ڪوڙ ڇوڪريون شاهي حرم ۾ موڪليون. ٻانيڻئي جي ڏيءُ فيروز شاهه سان پرڻائي وئي. سومرن درٻارن ۾ پهچ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪڏهن به ان قسم جو ڪو ڪم نه ڪيو. ان جي ابتڙ اسان کي ’تحفت الڪرام‘ ۾ هڪڙو واقعو ملي ٿو، جنهن مطابق سومرين دشمن جي هٿ لڳڻ کان بچڻ لاءِ گڏجي آپگهات ڪيو. اهو واقعو ڪٿي تاريخ نه به هجي، پر پٽ، پان، چارڻ، مڱڻهار ائين چون ٿا.

ترجمو:

”سومرن جي لشڪر جو سپهه سالار جنگ جي ميدان ۾ مارجي وڃڻ تي سپاهين ڪڙين تي زور ڏنو. شاهي لشڪر، سومرن جي راڄڌاني محمد طُور کان ڪڇ تائين، راڄ گهراڻي جي سومرين جو پيڇو ڪيو ۽ ڪين هنڌ هنڌ ڳوليو. شاهي لشڪر کي جتي رات ٿي پئي، اتي ٿَر جي زميندارن جي ڊپ کان پنهنجي ڇوڏاري


books.sindhsalamat.com



ڪاهيون ٿي ڪوٽيائون. ڪاهيون ايڏيون ته اونهيون هيون، جو اهي اڄ به دريائن جو ڏيک ڏين ٿيون. قصو ڪوتاهه، جڏهن اهي ڪڇ جي حدن اندر گهڙيا ته اتان جي والي ابڙي سمي شاهي لشڪر تي جُلهه ڪئي. سندس ٿورڙا سپاهي دليريءَ سان وڙهيا، پر سڀ مارجي ويا. سومريون، جيڪي ڪڏهن به ڪنهن غير محرم جي منهن نه پيون هيون، هڪ پيرو وري پيڇو ڪندڙ دشمنن جي هٿ چڙهڻ واري خطري هيٺ اچي ويون. پاڪدامن ۽ معصوم عورتن جڏهن ڀانيو ته هاڻي صرف الله جي ٻاجهه ئي کين بچائي سگهي ٿي، جو دشمن بنهه ويجهو اچي پيو هو، ته اهي الله سائين آڏو سجدي ۾ ڪري پيون. ٻاڏائڻ لڳيون: ’اي الله! تنهنجي ٻاجهه بنا اسان کي بچائڻ وارو ٻيو ڪو ڪونهي. ان کان اڳ جو اسان دشمن جي هٿ چڙهون، جبلن کي حڪم  ڪر ته ڦاٽي اسان کي جاءِ ڏين. اسان کي پنهنجي اَمانَ ۾ رک ۽ ظلم جو نشانو بڻجڻ کان بچاءِ‘. بيحد ٻاجهارو الله سڀني دنياوي دوستن ۽ عزيزن کان ويجهو آهي. هنن پارسا عورتن جي دعا اگهاڻي: جبل ۾ ڪئين ڦاٽ پيا ۽ عورتن وڏا شڪر ڪندي انهن ۾ ٽپو ڏنو. سٽت ئي اهي ڦاٽ پورجي ويا. ڇِتا ٿي سندن پيڇو ڪندڙ لشڪر صرف سندن گَندين جا ٻاهر رهجي ويل پَلوَ اچي ڏٺا. اهو معجزو شاهي لشڪر لاءِ چتاءُ به هو ته نصيحت به. ڪڇ جي ان جبل تي انهن قبرن جا نشان اڄ به ڏسجن ٿا.“

جيڪي فرد ۽ قومون پنهنجي تاريخ وساري ويهندا آهن، دنيا جي جاگرافي انهن کي وساري ڇڏيندي آهي. هي ڪتاب سومرن جي ’ڄاڻي ٻُجهي بگاڙيل‘ تاريخ کي نئين سِر اڏڻ جي هڪ ڪوشش آهي. جيترو ٿي سگهيو آهي ڏُڪا، گُمانَ، مرضيءَ موجب جوڙيل شجرا، تصوراتي روايتون ۽ ٻيون ڪوڙ شيون، جيڪي مونجهارا پيدا ڪرڻ لاءِ سومرن جي تاريخ ۾ گُڏيا ويا هئا، گهڻي ڀاڱي ڪڍي ڦٽا ڪيا ويا آهن. ’آڪاڻيءَ‘ کي ’تاريخ‘ جو روپ وٺرائڻ لاءِ گهربل مواد تمام ٿورڙو ۽ بي ڀروسو هو. ان هوندي به سومرن کي فخر لائق ڪجهه ڏيڻ لاءِ گهڻو ڪجهه ٿيو آهي. هنن مَهان ماڻهن ۾ ماين ۾، انفرادي توڻي اجتماعي طور، دل ۽ دماغ وارا اهي گڻ اڃا به موجود آهن، جيڪي سدائين قومن کي مَهان ۽ مضبوط بڻائيندا آهن.

هي دستاويز آڻڻ لاءِ مونکي اتر توڻي لاڙ جي ڪيترن ئي معزز سومرن جو ڀرپور سهڪار حاصل رهيو. ڪيترائي ڪارائتا ۽ قيمتي مشورا، ڪتاب،


www.sindhsalamat.com

فوٽوگراف، دستاويز ۽ ٻيو لاڳاپيل مواد مهيا ڪرڻ ۾ سدائين مون سان رابطي ۾ رهڻ لاءِ مان انهن سڀني جو ٿورائتو آهيان. سڀ کان پهريان مان مخدوم امير احمد، پرنسپال، اورئينٽل ڪاليج حيدرآباد جا ٿورا مڃيندس، جنهن مير علي شير قانع ٺٽوي جي ڪتاب تحفت الڪرام تي پنهنجي لکيل حاشيي ۾ اها صلاح ڏني آهي ته سومرن ڪي پنهنجو بڻ بٽياد سُميرُن منجهه ڳولڻ گهرجي، جن جي سنڌو ماٿر ڏانهن قبيلائي چرپر هڪ سچ آهي ۽ جن جي سنڌ سان ثقافتي 'ڏي- وٺ' پوري طرح ثابت ٿي چڪي آهي. هيءَ صلاح منهنجي پنهنجي ويچارن سان بلڪل ٺهڪي ٿي آئي، تنهنڪري هيءَ تحقيق انهن ٻڌايل رخن تي شروع ڪئي وئي.

ان کان پوءِ منهنجي ترجيح ۾ ميان ممتاز حسين سومرو آهي؛ اپر سنڌ سومرا ايسوسيئيشن ملتان جو سيڪريٽري ۽ تاريخ ۽ آثارن جو وڏو ڄاڻُو. انهن ٻنهي مضمونن ۾ ان جي نتيجي ۾ سومرا راڄ گهراڻي سان سندس سموري ڄمار واري لڳاءَ تي جيڪر يونيورسٽيءَ جا پروفيسر به سَڌون ڪن. سندس ڪتابن جو خزانو ۽ ذاتي علم جو اڻ کُٽ ڀنڊار هر وقت منهنجي لاءِ حاضر رهيو. مان سندس تمام گهڻو ٿورائتو اهيان.

محترم ايم. ايچ. پنهور دل سان ٿورا مڃڻ لهڻي، جنهن پنهنجي مُستنِد ڪم 'ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ' منجهان مواد آزاديءَ سان ڪٽي ڪتب آڻڻ ۽ حوالا ڏيڻ جي اجازت ڏني ۽ پڻ ٻين تمام ڪارائتن مشورن سان مون کي نوازيو.

مان پنهنجي فرض ۾ ڪوتاهي ڪندس، جيڪڏهن پنهنجي ذات وارن انهن اعليٰ مرتبي شخصيتن جا ٿورا نه مڃان، جن جي پاڻوهه جي ڪوساڻ، ماڳ ۽ مڪان جي وِٿيءَ جي باوجود، مون هروقت دل ۾ محسوس ڪئي آهي. ڪين جڏهن به ياد ڪيم، هاڪاري موٽ مليم. سندن اهو ورتاءُ مون لاءِ اتساهه ۽ همت افزائيءَ جو ذريعو رهيو آهي ۽ منهنجي ان ويساهه کي پڪو ڪندو رهيو آهي ته سومرن ۾ اڃا به هڪ عظيم قوم بڻجڻ جو دَمُ آهي. انهن معزز شخصيتن منجهان سڀ کان نروار: سردار الاهي بخش سومرو، وفاقي وزير سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي؛ محترم اي. جِي. سومرو، سيڪريٽري بورڊ آف روينيو، سنڌ؛ محترم خالد محمود سومرو، ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد؛ محترم منير احمد سومرو، اسٽيشن ڊائريڪٽر ريڊيو پاڪستان، خيرپور ميرس؛ محترم محمد ضيغم حسن سومرو، ليڪچرار



books.sindhsalamat.com



گورنمينٽ ڪاليج، جهنگ؛ ڪيپٽين ڊاڪٽر زاهد حسين سومرو؛ محترم ادل سومرو، ليڪچرار گورنمينٽ ڪاليج سکر؛ ڊاڪٽر خالد محمود سومرو، چائلڊ اسپيشلسٽ ڊسٽرڪٽ اسپتال، وهاڙي؛ مهر عبدالحميد سومرو، وڪيل، ليّه؛ محترم غلام محي الدين خان، اڪنامڪ ڪنسلٽنٽ، منسٽري آف ڪامرس، اسلام آباد؛ محترم محمد جمعا خان سومرو، وڪيل، ميرپور خاص؛ دادا سنڌي سومرو، داد لغاري، ضلعو سکر؛ حاجي عبدالخالق سومرو، سنڌ جي وڏي وزير جو اڳوڻو صلاحڪار؛ محترم عبدالحفيظ سومرو، ڊائريڪٽر جنرل سنڌ ڊِويلپمينٽ ۽ محترم ظفر علي سومرو، ڊويزنل انجنيئر ريلويز آهن.

محترم علي احمد خان بروهي، ڪراچي؛ محترم عبدالغني پاٽولي، حيدرآباد ۽ محترم ذولفقار پٽي، ناياب ڪمپيوٽر گرافڪس، ملتان پڻ خاص ٿورا لهڻن.

ملتان، 25 نومبر، 1991.

**ڊاڪٽر مهر عبدالحق سومرو**



www.sindhsalamat.com

## باب پهريون

# ’سنڌ‘ لفظ جي لسانياتي سمجهاڻي

سنڌو ماٿر جي تاريخ کان اڳ واري دراوڙي ٻوليءَ ۾ ’سِد‘ يا ’سِڌ‘ لفظ ’وَهڻ‘ جي مفهوم ۾ استعمال ٿيندو هو. سرائڪي ٻولي ان آڳاٽي ٻوليءَ جا ڪي روپ اڄا تائين سانديو پئي اچي ۽ هي بنيادي لفظ اڄا تائين استعمال ٿئي ٿو. ان جي قاعدن موجب ’ڏ‘ جو اچار ڪن لفظن ۾ ’جهه‘ يا ’يهه‘ يا ’نهه‘ ۾ مَٽجي ويندو آهي. مثال طور جيئن ’ٻَڌ‘ لفظ جي پڇاڙي ڦري ’ٻَجهه‘ ۽ ’ٻَنِهه‘؛ ’رَڌ‘ ڦري ’رَجهه‘؛ ’سُڌ‘ ڦري ’سُجهه‘ ۽ ’رِڌ‘ ڦري ’رِنهن‘ ٿيندو آهي. ساڳئي نموني ’سِد‘ لفظ منجهان ڪوڙ لفظ نڪري ٻوليءَ ۾ شامل ٿيا آهن، جهڙوڪ: ’سِٽان‘، سِينهو‘، ’سيم‘، سِمان‘ وغيره. ڪاٺ جو چَڪُ ڪوهه ۾ لاهيندي جڏهن جَرَ تائين پهچندو آهي تہ اتي پاسن کان سِمي گڏ ٿيندڙ پاڻيءَ جي نارَن لاءِ ’سِجهه‘ لفظ ڪتب آڻيندا آهن. درياءَ جي وچ واري وهڪري کي ’سِيرَ‘ سڏبو آهي. جهلم، چناب ۽ راوي درياءَ ملتان ضلعي جي شهر ڪبيروالا جي اُتر ۾ پاڻ ۾ ملي ميل ڪن گڏجي وهندا آهن، انهي کي ’سِڌ نائي‘ چوندا آهن، جنهن جي معنيٰ آهي ’اونهو درياءُ‘. سنڌوءَ کي تکن وهڪرن جي ڪري ’سِڌ‘ ڪوٺيندا هئا. جنهن هنڌ تان اهو ڏکڻ طرف مڙي ٿو، اتان کان وٺي سندس ڊيلٽائن تائين وارو علائقو بہ ’سِڌ‘ ڪوٺبو هو. سرائڪي ٻوليءَ جي اڄا هڪڙي ٻئي اصول موجب هي لفظ ڪيترن ئي ٻٽي ’هه‘ گاڏڙ پڇاڙيءَ وارن لفظن سميت نڪ مان يا گهُٽو ٿي ڳالهائجڻ لڳو. مثال طور نڪ مان ڳالهائجڻ سان ’ڪَڌ‘ ڦري ’ڪَنڌ‘ ٿيو؛ ’پَڌ‘ ڦري ’پَنڌ‘ ٿيو؛ سَڌ‘ ڦري ’سَنڌ‘ ٿيو؛ ’گَڌ‘ ڦري ’گَنڌ‘ ٿيو ۽ ’مَجهه‘ ڦري ’مَنجهه‘ ٿيو. اهڙي ريت ’سِڌ‘ ڦري ’سِنڌ‘ ٿي ويو.

سنسڪرت ۾ حرف صحيح تي ڪُتندڙ لفظن کي اعراب اچي ويندي آهي، جيئن رامَ يا ڪرشنَ. ڪن اسمن کي ’وُ‘ لڳي ويندو آهي. سپ کان پهريان جن آريائي قبيلن جو هن عظيم درياءَ سان واهپو پيو انهن سندس نالو ’سِنڌو‘ اچاريو. رِگ ويد (IX-112) ۾ آهي:



books.sindhsalamat.com



”وَهُه وَهُه اِندُو اِندرَ جي واسطي.“

رِگ ويدي ديومالا ۾ مينهن جو ديوتا اِندر (اِند + رَ) يا وهندڙ پاڻين جو راجا آهي، جيڪو هماليہ جبلن تي مينهَن وسائيندو آهي ۽ سنڌو درياءَ کي ڪنين تار وهائيندو آهي.

آريا اَلبُرز جبل ۽ آريا ديس (ڪاڪيسَس) جون ٽڪريون اُڪري ايران جي اوڀارين پرڳڻن ۾ پهتا. ڪجهه وقت آريانا ۾ رهيا، پاڻ کي آريا ڪوٺايائون. زرتشت يا زردشت (663-660ق.م) جي سيڪاريل باهه جي پوڄا ۽ ٻيا مذهبي طريقا سکيا ۽ پوءِ پنهنجا مال جا ڌڻ ڪاهي هندوڪش طرف وڌيا. وڏيون وڏيون ٽڪريون اُڪري سنڌو درياءَ جي اتر وارن جابلو علائقن ۾ پهتا. اتان هيٺ جو رخ ڪيائون ۽ سنڌو ماٿر ۾ داخل ٿيا، جنهن کي هو سَپتَ سنڌو يا ستن دريائن وارو ڏيهه سڏيندا هئا. اهي ست درياءَ هئا: (1) سنڌو، (2) وِتاستَ (جهلم)، (3) آسِڪتي يا چَندرَ باغَ (چناب)، (4) مارُودُواريدَ يا اُرَوانڪِرَ يا اِراوَتي (راوي)، (5) پرُشائي يا وَپاسَ (ٻَياص) ، (6) ستَردُو (ستلج) ۽ سَرسوَتي. رِگ ويد جو هڪ بند ٻڌائي ٿو تہ:

”سَپتَ سِنڌاوا اِندرَ جي وڏائي جو ’هنڌين ماڳين‘ مظهر آهي.“ (ص. 1-102،2) لڳي ائين ٿو تہ ’سنڌو‘ لفظ جي هِجي ۾ ٿورڙي ڦيرڦار آئي ۽ انهن اڳتي هلي ان کي سِنڌاوا ڪري لکيو. انهي ئي دور ۾ سِند لفظ سنسڪرت ٻوليءَ ۾ وهڪري وارو اصل مفهوم وٺي متعارف ٿيو. ائين سنڌ لفظ ديسي ٻوليءَ منجهان ڪڇي، سنڌو درياءَ، ان جو پاڻي پيئندڙ علائقي ۽ منجهس چوڙ ڪندڙ ڇهن دريائن جو مفهوم وٺي، سنسڪرت جي لفظي ڀنڊار ۾ شامل ٿي ويو. اڄڪلهه انهن ڇهن منجهان پنج درياءَ اڳئين وانگر وهن ٿا، پر سَرسوَتي نالي ڇهون درياءُ اٽلپ ٿي ويو. اهو ڪوڙ وقت اڳ سُڪي ويو. انهي کي پنهنجي يادگيرين ۾ سانديي رکڻ لاءِ هندن کيس علم جي ديوي بڻائي ڇڏيو، چاڪاڻ تہ اهي انهي جي ڪنڌين تي پنهنجي پَوِتر ويدين جو وِرد ڪندا ۽ قربانيءَ جون رسمون ادا ڪندا هئا. آثار پارڪن بهاولپور جي اڀرندي پاڳي ۾ آڳاٽن وقتن ۾ سُڪي ويل سَرسوتيءَ، جيڪو تَرَ ۾ گهگهر ڪوٺبو هو، جي وسندڙ ڪنڌين سان انتهائي سڌريل حالت ۾ آباد رهڻ جي ڪهاڻي بيان ڪندڙ هڪ درجن کان وڌيڪ شهر ڳولي لڌا آهن. انهن ماڳن جي جاگرافيائي بيهڪ منجهان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ سنڌو ماٿر جي هڙپا سلطنت جون



www.sindhsalamat.com

سرحدون ڪيتريون وسيع هيون. اهو اٽليپ تي ويل درياءُ، جنهن تي سومرن جي سڄي معيشت جو دارومدار هوندو هو، هاڪڙو ۽ عظيم مهراڻ پڻ ڪوٺبو هو. سومرن پاران سرجيل اها مهراڻ ثقافت سنڌو سيڌتا جو مرڪز هئي.

هن وسندڙ ۽ آسودي ماتريءَ جا بلڪل ويجها پاڙيسري ايران جا ماڻهو هئا. ايرانين پنهنجي لساني عادتن موجب سنڌ جي ’س‘ کي ڦيرائي ’ه‘ ڪري ڇڏيو ۽ ائين سنڌ سندن ٻوليءَ ۾ ڦري هند ٿي وئي. انهن وٽ ’ه‘ گاڏڙ حرف صحيح اڳي به موجود نه هئا ۽ هاڻ به ڪونهن. ساڳي ريت ’سَپتَ‘ ڦري ’هَپتَ‘ ۽ پوءِ ’هفتَ‘ ٿي ويو ۽ هي ملڪ ’هفت هندو‘ ڪوٺجڻ لڳو. ’س‘ کي ڦيرائي ’ه‘ ڪرڻ بلڪل ائين آهي، جيئن انهن آسورا ۽ سَوما کي ڦيرائي ’آهورا‘ ۽ ’هَوما‘ ڪري ڪيو هو. ايراني هن ملڪ کي ’هند‘ سڏيندا هئا، جڏهن ته ٻي سڄي دنيا ۾ اهو ’سنڌ‘ طور ڄاتو سڃاتو ويندو هو. ان جي پکيڙ اتر طرف پامير جي پهاڙين کان ڏکڻ ۽ ڏکڻ-اولهه طرف عربي سمنڊ تائين ۽ اوڀر طرف گنگا ۽ جمنا دريائن جي ساڄين ڪنڌين کان اولهه طرف سُليمان جبل واري سلسلي ۽ هلمند درياءَ، جيڪو هنوقت ايران ۾ آهي، تائين هوندي هئي. هند ۽ ڀارت جي سَنڌي واري شهر جو نالو سَرهَند آهي. پارسي مقدس ڪتاب وَندِيداد ۾ دنيا ۾ آهورا مزدا جي خلقيل سورهن سهڻن ماڳن جو ذڪر آهي. اهي ماڳ اتر ۾ آريانا وائيجا کان ڏکڻ ۾ هپتَ هندو تائين پکڙيل آهن. ڪتاب جي پهرئين باب ۾ هَپتَ هندو (سنڌو ماتر) جو ذڪر به پيرا ٿيل آهي. هن ڪتاب ۾ ’هِندوو‘ لفظ به ملي ٿو. هي ان فرشتي جو نالو آهي، جيڪو روزانو شام جو اڏامي هپتَ هندو ملڪ طرف وڃي ٿو ۽ صبح جو موٽي اچي ٿو. وقت گذرڻ سان هپتَ يا هفتَ واري انگي صفت ڇڏائجي وئي ۽ ايرانين جي زبان تي اڪيلو لفظ هندو ۽ آرين جي زبان تي سنڌو رهجي ويو.

يونانين ۽ رومين وٽ هن ملڪ بابت جيڪا ڄاڻ هئي، سا انهن ايرانين کان حاصل ڪئي هئي. پهريان يورپي جيڪي ايشيائين سان لاڳاپي ۾ آيا، سي يوناني يا يونان جي پرڳٽي آيونا جا رهواسي آيوني هئا. اهي ’ه‘ سان شروع ٿيندڙ لفظ نه اچاري سگهندا هئا. تنهنڪري انهن هند ۽ هندو لفظن منجهان ’ه‘ ڪڍي ڇڏي ۽ انهن کي اِند ۽ اِندو ڪري اچاريو. رومي ٻوليءَ ۾ ملڪ مؤنث هوندا آهن، تنهنڪري رومين اِند ۾ ’يا‘ لڳائي انديا (انڊيا) ڪري ڇڏيو، جيئن پرشيا، عريبيا،





ميسوپوٽيميا ۽ ايشيا وغيره سان ڪيائون. ايرانين هنڌ يا ماڳ جو نالو ظاهر ڪرڻ لاءِ پڇيان ’ستان‘ لڳايس ۽ ملڪ کي هندوستان سڏيائون. ان ريت سنڌو سيڌتا واري ملڪ جو نالو نيٺ يونانين وٽ انڊيا ۽ ايرانين وٽ هندوستان ٿي ويو. ان کان پوءِ درياءَ جو نالو مَٽجي ويو. آيوني اسم خاص جي پڇيان ’اَس‘ لڳائيندا آهن، جيئن: دارا مان ڊيريَس، پورُو مان پورَس، ايجپٽ (مصر) مان ايجپٽَس، نِيل مان نِيلَس وغيره. آيونين جي ان اصول هيٺ عظيم سنڌو درياءُ اِنڊَس ٿي ويو ۽ اڄ تائين يورپي ان نالي سان سڏيندا اٿس.

هن عظيم ملڪ جو موجوده نالو پاڪستان آهي – معنيٰ پاڪ وطن. پنج هزار سال اڳ به سومرا کيس پاڪ وطن ڪوٺيندا هئا. جيئن ته اهو هنر، ثقافت ۽ تهذيب جو باني هو، تنهنڪري سندس ساک دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پکڙيل هئي. ڪجهه قومن هن ملڪ کي پنهنجي لسانياتي عادتن مطابق ڪيترائي ٻيا نالا ڏنا. اهي سيئي نالا هندو ۽ سنڌو جون بگڙيل شڪليون آهن. عبراني ٻوليءَ وارا اسان جي ملڪ کي ’هُدُو‘ ۽ ’هُنادُو‘ سڏيندا آهن؛ چيني ٻوليءَ ۾ بادشاهه وُو-تائي جي ڏينهن ۾ ٻين صدي قبل مسيح دوران کيس ’شِنتُو‘، ’ٿانتُو‘ ۽ ’يانتُو‘ سڏيندا هئا. عرب کيس سِندَ ۽ سند-وَل-هند سڏيندا هئا. سنسڪرت جي پراڻن لکڻ وارن هندو لفظ ڪڏهن ڪتب نه آندو ۽ نه ئي اهو سنسڪرت ٻوليءَ ۾ آهي. عبراني مقدس ڪتابن جي ايستر (i, I; viii, 9) سڏجندڙ هڪ حصي ۾ اهو هُنادُو جي روپ ۾ اچي ٿو. لفظ هُودُو شامي هيندُو ۽ عربي هند سان نهڪي ٿو. هيرودوٽَس (iv, 44; v.3) هندن کي اِندو اچاري ٿو، پر ائين اڳ ۾ ايسڪائيلَس ۾ اچي ٿو. پانيني (پنجين صدي ق.م) پاران ٻڌايل هن ملڪ جي سرحدن ۾ پراڪاوا (فرغانه)، ڪمبوجُو (بدخشان-پامير)، ڪَپِيسا (ڪافرستان) ۽ ڪابل درياءَ جي گنڌارا نالي ماتري شامل هئا. مسٽر راڌاڪمار مُکرجي لکي ٿو ته: “لڳ ڀڳ هڪ هزار سالن تائين بلخ، فرغانه، بدخشان، افغانستان، سيستان ۽ بلوچستان هندستان جي اتر-اولهه واري سرحدي علائقي ۾ شامل رهيا.” (دِي ڪلچر اينڊ آرٽس آف انڊيا ص. 27)

ايڊوَرڊ بيلفور جي سائيڪلوپيڊيا آف انڊيا منجهان ڪجهه ٽڪرا هتي پيش ڪريون ٿا: “سمجهيو وڃي ٿو ته هند تي اهو نالو سِين، سنڌ يا هندَ ۽ اولهه ۽ وچ ايشيا کان ايندڙ عربن جي دڳن ۾ پوندڙ پهرئين وڏي درياءَ، اَبا سِين تان پيو. اهو

سچ آهي تہ دارا هستپائي (521 ق. م) جي دور تائين اڳي وارا ليکڪ هند، سنڌو درياءَ جي ڀنهي پاسن واري علائقي کي سڏيندا هئا ۽ انهي جي دنگن کي اولهہ ۾ قنڌار (گنڌارا) تائين پکيڙي ويندا هئا؛ شايد نقشِ رستم ۾ ڄڻايل ۽ دارا جي ماتحت، سوگديانا ۽ پنجاب جي وچ وارن، 14 ايراني پرڳڻن يا قومن کي ڳڻڻ لاءِ.” (ص. 151 ڀاڱو 1)

دارا-پهرئين (دارايوش) (522–486 ق. م) سنڌو ماٿر جو ڪجھ حصو پنهنجي سلطنت ۾ ملائي ڇڏيو هو، جنهن جي شاهدي ٻن اُڪريل ڪتبن منجهان ملي ٿي؛ هڪ پرسيپولس وٽ ۽ ٻيو نقشِ رستم وٽ سندس مقبري تي؛ جن ۾ سنڌوءَ جي ماٿهن کي سندس راڄ ڄاڻايو ويو آهي. اها فتح گهڻو ڪري بهستن جي فرض ڪيل تاريخ 518 ق. م کان ڪجھ وقت پوءِ ٿي هئي. 718 کان 515 ق.م جي وچ تي پرسيپولس واري ٿَلهي جي پٽ ڪوري ٺاهيل ڦرهين تي اُڪيريل ٻن ڪتبن منجهان ٻئي تي، يا نقشِ رستم واري ٽڪريءَ تي دارا جي مقبري جي چوڌاري ڇيٽيءَ سان اڪيريل ٻن ڪتبن جي مٿئين ڀاڱي ۾ ‘هندو’ چٽي طرح سندس سلطنت جو حصو ڄاڻايل آهي. هنن ڪتبن ۾ ڪم آندل پراڻي فارسيءَ جا اصلي لفظ آهن ٿَتاگُوش (سَتا گِديا) گَدارا (گنڌارا) ۽ هندُوش (هند). سنڌو ماٿر جو، سنڌو ۽ جهلم دريائن جي وچ ۽ سنڌوءَ جي ساڄي ڪنڌيءَ وارو، اهو حصو اسڪائيلڪس جي اڳواڻيءَ ۾ گنڌارا کان هيٺ سنڌوءَ ڏانهن ويندڙ رستي جي جائزاتي مهم کان پوءِ فتح ٿيو هو.

جيئن مٿي ڏنوسين تہ يوناني سنڌوءَ جي ڀنهي پاسن واري علائقي کي هند سڏيندا هئا. ايسٽر جي ڪتاب ۽ سيني ٻين تاريخي لکڻين واري هند؛ سنڌوءَ، پنجاب ۽ سنڌ جي چوڌاري وارو ملڪ يا موجوده پاڪستان آهي. هاڻ سوال اٿي ٿو تہ: سنڌو ماٿر جي اوڀر وارو ملڪ ڀارت، هند ڪيئن ڪوٺجڻ لڳو؟ اها وري اچا هڪڙي ٻي ڪهاڻي آهي. اها ڪهاڻي رچڻ لاءِ اسان کي ڪجھ اهم تاريخي واقعا پاڻ ۾ جوڙڻا پوندا. تنهنڪري ابتدا آريا ڪوٺائيندڙ قبيلن ڀاران سنڌو ماٿر تي ڪيل مختلف ڪاهن سان ڪريون ٿا. اهي ڪاهون صدين تي پکڙيل آهن ۽ انهن ۾ ڪيترا ئي قبيلا اچي وڃن ٿا، جيڪي سيئي ساڳي ذات جا ۽ ساڳي ٻولي ڳالهائيندڙ نہ هئا. 1500 ق. م ڌاري سنڌو ماٿر ۾ داخل ٿيندڙ ڪيترن ئي ماٿهن







منجهان هڪڙو ٽولو ساڳي نسل جي قبيلن جو هو، جن جي پروهتن شاعريءَ جو ڏانءُ حاصل ڪري ورتو هو. اهي ٻليدان چاڙهڻ مهل پنهنجي ديوتائن جي ساراهہ ۾ ڳائڻ لاءِ منتر جوڙيندا هئا. انهن قبيلن ۾ ڀارتن ٻنهي جو چڱو مڙس ساڳيو هو. انهن منجهان گهڻا ستلج ۽ جمنا جي وچ واري علائقي ۾ آباد هئا. هي علائقو اڳتي هلي بِرهموَرت سڏجڻ لڳو.

انهن منترن جي مجموعي رِگ ويد ۾ صرف هڪڙي راجا (بادشاهہ) جو ذڪر آيل آهي، جنهن کو تاريخي اهميت ڪم ڪيو. اهو راجا سرسوَتيءَ جي مٿيَن علاقن ۾ آباد ڀارتن جو راجا سُداس آهي. انهي ڏهن راجائن سان جنگ ڪئي ۽ پنجاب ۽ اتر-اولهہ جي ڏهن ذاتين جي هڪ اتحاد کي پروسني (راوي) درياءَ جي ڪنڌين تي شڪست ڏني. انهن ڏهن منجهان سيني کان طاقتور ذات پورُن جي هئي، جيڪي سرسوتيءَ جي ڪنڌين سان ڀارتن کان هيٺئين پاسي رهندا هئا ۽ انهن جا دنگئي پاڙيسري هئا. پرُوڪُتسا نالي پورُن جو راجا مارجي ويو هو. انهي نيم تاريخي قصي کان پوءِ ڊگهي عرصي تائين نہ ڀارتن بابت ڪجھ ٻُڌجي ٿو ۽ نہ پورُن لاءِ. انهي کان پوءِ، ڀارتن جي علائقن ۽ اترئين گنگا-جمنا دوآبي جي وسيع علائقي تي راڄ ڪندڙ، ڪُرُو نالي هڪ نئين ذات منظر تي اچي ٿي. ڪُورُن جي روايتي شجري ۾ ڀارتن ۽ پورُن ٻنهي ذاتين جي چڱن مڙسن جا نالا شامل آهن ۽ انهن کي بنا ڪنهن فرق جي “ڀارتن جا پُٽ” ۽ پورُن جا پُٽ” ڪري ڪوٺيو ويو آهي. لڳي ائين ٿو تہ هي ٻئي ذاتيون هڪٻئي سان وڙهي وڙهي نيٺ پاڻ ۾ هڪ ٿي ويون.

آرين جي ويدَ ڪوٺجندڙ شاسترن موجب ڌرتي هڪ سڏي گول ٿالهي آهي، جنهن جي وچ تي ميرُو نالي پَوِتر جبل آهي ۽ سج، چنڊ ۽ تارا ان جي چوڌاري ڦرندا آهن. ميرُو جي چوڌاري چار کنڊ يا دُوِيپ آهن، جن کي سمنڊ وچين چوٽيءَ وٽان ورهائي ٿو. اهي کنڊ انهن پنهنجي منهن ٿيندڙ وڻن جي نالن سان ڪوٺجن ٿا، جيڪي انهن تي ميرُو جي سامهون واري ڪناري تي ٿين ٿا. انساني آبادي صرف ڏاکڻئي کنڊ تي آهي، جنهن جي سامونڊي ڪنڌين تي ڄمون جو وڻ (جامبو، جامن، روز-ايپل) جهجهو ٿئي ٿو. (ڇا لوٽياڻو علائقو ۽ ان کان هيٺ سڄو سمنڊ هو؟) انهي کان اجا ڏکڻ ۾ هماليہ جي پويان ڄمون کنڊ (جامبو-دُوِيپ) آهي، جتي داستانوي ڀارتن جا پُٽ رهن ٿا. اهو آهي ڀارَتوَرش.

مقدوني حملي آور سڪندر، سندس سپاهه ۽ سپهه سالارن کي سنڌو ماٿر (ان زماني جي هند) جي اوڀر ۾ ڪنهن ملڪ بابت ڪا ڄاڻ نه هئي. شايد انهن ٻُل وچان سنڌو درياءَ کي نيل درياءُ ٿي ڀانيو. مشهور جاگرافيدان هيڪاٽِيَس (549—520ق. م) ۽ تاريخ جي ابي هيروڊوٽَس (486—424ق. م) جي ليکي هند صرف سنڌو درياءَ جي چوڏاري وارو ملڪ هو ۽ انهي کان اڳتي رڳو بيابان ۽ دنيا جو دنگ هو. ان جو مطلب ته ايرانين وانگر يوناني به ڀارت کان بي خبر هئا. اسڪائيلڪس جي ڪتاب "وُوائيج" جي ڀاڱي IV باب 44 ۾ چيو ويو آهي ته دنيا جي اوڀارئين دنگ تي هند واسي رهن ٿا، جيڪي دنيا جي دنگ واري قوم آهن. انهي کان اڳتي مارُوسٿلي يا 'مارٿو رِڻُ' آهي ۽ اتي دنيا جو ڇيهه آهي. چندرگُپت موريا 326ق. م ۾ جڏهن سڪندر کي سنڌو ماٿر جي اوڀر طرف نَندَن جي ملڪ تي حملو ڪرڻ جي صلاح ڏني ته انهي سمجهو ته هي نوجوان ڪيس ڦاسائي پيو، ڇاڪاڻ ته سندس خيال مطابق پاڻ دنيا جي دنگ تي پهچي چڪو هو ۽ ان کان اڳتي ڪو ملڪ ڪو نه هو. سندس نقشن ۾ مارُوسٿلي جو بيابان ڊيزرٽا اِنڪاگنِيٽا طور ڄاڻايل هو ۽ سندس سپاهين ۽ جنرلن يقيني موت جي ڀَوَ کان ان پاسي وڃڻ کان ٺُپ انڪار ڪري ڇڏيو.

ان جُڳ جي سڌريل ملڪن جهڙوڪ بابل، سُمير، اَسير، مصر، ايران، روم، يونان، ننڍي ايشيا ۽ ميسوپوٽامر کي پڻ ڀارت نالي ملڪ جي بنهه ڄاڻ نه هئي. وٽن جيڪا ٿوري گهڻي ڄاڻ هئي سا هند (هاڻوڪو پاڪستان) بابت هئي. وٽن دنيا جي هن حصي جي صرف اڪيلي ديس سَپتَ سنڌو بابت ڄاڻ هئي، جنهن کان اڳتي مارُوسٿلي هو.

مارُوسٿَلِي هڪ سرائڪي لفظ آهي، جيڪو هنوقت 'مارٿو رِڻ' واري ساڳي مفهوم ۾ 'ٿَل مارُو' ڪري اچارجي ٿو. ٿل يا ٿر معنيٰ آهي بيابان ۽ مارُو معنيٰ 'مارٿو'. ماروسٿلي لفظ اسان کي گنگا درياءَ جي ڪنڌين سان رهندڙ هڪڙي هندو جاتيءَ جي ڌرمي شاستر ۾ ملي ٿو. يَوشِتيا پُراڻ (1200ق. م ۾ لکيل) نالي هن ڪتاب ۾ پَروِ 3، ڪنڊ 3، اَڌيا 3، شلوڪ 5 کان 8 ۾ 'ماروسٿلي-نان-وَساٽا' معنيٰ 'رِڻ جو رهاڪو' محاوري سان پاڪ پيغمبر محمد (صلي الله عليہ وسلم) جي ظهور بابت اڳڪٿي ڪيل آهي. سنڌو ماٿر تي ايرانين جي قبضي دوران لفظ 'چولستان' معنيٰ بيابان پڻ ديسي ٻوليءَ جي ڀنڊار ۾ شامل ٿيو. ليّه ضلعي ۾ هڪ



books.sindhsalamat.com



ڳوٺ جو نالو 'ٿل ڪلان چولستان' اڃا تائين هليو اچي. ساڳي ريت بهاولپور ڊويزن وارو بيابان چولستان سڏجي ٿو. انهي جي ڏکڻ ۾ سنڌ وارو ٿر بيابان آهي.

وِليم هينري سِمٿ جي 'هسٽورِيَنس هسٽري آف انڊيا' ۾ چيل آهي ته: 'افغانستان جي ڏکڻ ۾ هند جو اولاهون دنگ سنڌو درياءَ جي هيٺاهين ۽ سوڙهين ڪنڌين مٿان ڪَرُ ڪٽي بيٺل جبلن جون ڪجهه قطارون آهن...... سنڌوءَ جي ڪنڌين تائين ڪجين جي شاندار وٽن وارو جبلن جو اوڀاريون پاسو اڃا تائين هندي (معنيٰ پاڪستاني) علائقو ليکبو آهي. اهو پڻ نوٽ ڪرڻ گهرجي ته ڪيترن ئي شهرن ۽ ندين تي نالا هند يا اِند مان پيل آهن. جهڙوڪ: انڊيا-البا (ڪوهاٽ)، اوهند (مردان ضلعي ۾)، انڊو سِٽيا (چترال)، هندو باغ (بلوچستان)، ماڙي انڊس (ميانوالي ضلعو)، هندواڙا (آزاد ڪشمير) ۽ واءِ هند وغيره سڀ جو سڀ ڀارت نه پر پاڪستان جي سنڌو ماٿريءَ ۾ آهن. پراڻي دور جي هند هندُوڪُش (هندو معنيٰ هندو، ڪُش معنيٰ جبل) کان سَر-هند تائين پکڙيل هئي، جيڪو پنهنجي معنيٰ مطابق، انوقت هند ۽ ڀارت جي سَنڌي وارو سرحدي شهر هو.

ماڳن ۽ ندين جي نالن کان سواءِ ڪيترا ٻيا لفظ به آهن، جن ۾ 'هند' صفاتي حصي طور شامل آهي. انهن منجهان ڪجهه هي آهن: تِمرِ هند (گدامِريءَ جو وڻ ۽ ڦَري)، تيغِ هندي (اڳاٽن وقتن ۾ ملتان ۽ راڄن پور ۾ ٺهندڙ اعليٰ قسم جي تلوار)، هندڪو (پشاور ۽ ايبٽ آباد ۾ ڳالهائجندڙ ٻولي)، هنداٽو (ڇانهين)، اِنڊي مارڻ (ملهه جو گُر- جاڻنو)، هندوِي (فارسي ۽ عربيءَ کان سواءِ ڳالهائجندڙ يا لکجندڙ ٻولي) وغيره. هي سڀ لفظ سرائڪي ۽ سنڌي آهن ۽ ڪنهن به ڀارتي ٻوليءَ ۾ ناهن. اهي سڀ حقيقتون ثابت ڪن ٿيون ته هند ۽ ڀارت الائي ڪڏهن کان وٺي به الڳ ملڪ رهيا آهن؛ هند ۽ سنڌو ماٿر کي پرڏيهه وارا تاريخ کان اڳ وارن ڏينهن کان وٺي سڃاڻندا هئا ۽ ڀارت جي سڃاڻپ ڪجهه صديون اڳ سڪندر جي اچڻ کان پوءِ ٿي.

پراڻن جُڳن ۾ جڏهن آريا قبيلا اوڀر طرف هلندا ٿي ويا ۽ ڪنهن هنڌ تي ٿاڪ وسائڻ جا جتن پئي ڪيائون، ان دوران ڀارت تي جامبُو ڊُوِيپ ڪانسواءِ ڪيترائي ٻيا نالا جهڙوڪ آرياوَرش، آرياوَرت ۽ پُنيَہ (پُڄَ) ڀُومي پڻ پيا، پر ٻاهرين دنيا انهن نالن کان بي خبر هئي. سنڌو ماٿر جو نالو صرف هڪڙوئي سنڌو هو، جيڪو مختلف قومون مختلف طريقن سان اچاريندِيون هيون. اهو سڄي سڌريل دنيا ۾ ڄاتل سڃاتل



www.sindhsalamat.com

هو. ريو. ايچ. هيرس ’دي ٽائيمز آف انڊيا‘ ۾ ڇپيل پنهنجي مضمون ”هند تي اهو نالو ڪيئن پيو؟ ۾ لکي ٿو ته: ”هند نالو، جيڪو اصل ۾ نج ديسي نالو هو، هتي توڙي پرڏيهه ۾ ڀارت نالي ڪان هزارين سال اڳ ڪان وٺي استعمال ٿيندو رهيو.“

سموري ڀارت اُڀيٽ تي ’هند‘ نالو ڪيئن پيو، سو مثالن سان سمجهائي سگهجي ٿو. اهو هڪ تاريخي سچ آهي ته جڏهن ڪو ننڍڙو علائقو يا قوم اقتدار ۾ ايندو آهي يا مشهور ٿيندو آهي ۽ فتحن ذريعي پنهنجون سرحدون پکيڙيندو آهي ته محڪوم ٿيايل علائقن جا پنهنجا نالا ميسارجي ويندا آهن ۽ اهي فاتح ملڪ جي نالي سان ڪوٺجڻ لڳندا آهن. آيونا، گرِيس جو هڪ پرڳڻو هو. ايشيا سان سڀ ڪان پهريان لهه وچڙ ۾ هن پرڳڻي جا رهواسي آيا. ابتدا ۾ اهي واپار ڪندا هئا ۽ پوءِ انهن ننڍي ايشيا جي سامونڊي ڪنڊين تي پنهنجي بينڪيت قائم ڪئي. اهڙي ريت اهي آيوني تاريخ ۾ ايترو ته اُڀري آيا، جو سندن پرڳڻي آيونا جو نالو سڄي ملڪ گرِيس تي پئجي ويو ۽ اڄ تائين اوڀر جا ماڻهو گرِيس کي يونان ڪوٺيندا اچن. وري اسان وٽ لفظ اچي ٿو تاتار، جيڪو اصل ۾ هڪ ننڍڙي تُرڪ قبيلي جو نالو هو. انهي قبيلي جڏهن چين واسين تي حملو ڪيو ۽ چين ڪان هنگري ۽ پولينڊ تائين پکڙيل علائقا فتح ڪيا ته، منگولي توڙي ترڪ، هڙئي قبيلا تاتار ڪوٺجڻ لڳا. فارس، هڪ پرڳڻي يا ڪٽي ڇئجي ته دارا اعظم (دارايوش) جي هڪ ننڍڙي سٽراپيءَ جو نالو هو. فارسي، اصل ۾ انهي، ڏکڻ پاسي ڪان ايراني نارِ ۽ اتر پاسي ڪان ميڊيا جي وچ تي موجود ۽ اوڀر پاسي سوسيانس (اِيلام) ڪان ڪرمانيا جي رڻن تائين پکڙيل، فرسِيس نالي غريب ۽ غير اهم پرڳڻي جا رهواسي هئا. جڏهن اهو اقتدار ۾ آيو ۽ اهميت حاصل ڪيائين ته سڄو ملڪ سندس نالي پٺيان فارس سڏجڻ لڳو. هٿيارن جي زور تي ڪٽيل سندن عظيم سلطنت جو هڪ ڇيڙو يونوِچ سمنڊ ۽ ٻيو جيڪسٽارٽس ۽ سنڌوءَ تائين پکڙيل هو. هاڻ ملڪ ايران ڪوٺجي ٿو، پر سندس ٻولي اڃا به فارسي ڪوٺجي ٿي. فرنگ، حبشي، يُو. پِي. ۽ اهڙن ٻين ڪوڙ سارن لفظن جي ڪهاڻي به اهڙي ئي آهي. فاتحن ۽ حاڪمن پاران محڪوم علائقن تي رکيل نالا سدائين لاءِ دائم رهجي ويندا آهن.

هڪ ننڍڙي سنڌو رياست منجهان اڀري اقتدار تي رسنڌڙ اڻ-ڀارتي، اڻ-آريي ۽ اڻ-هندو سمراٽ چندرگُپت موريا پاران ڀارت فتح ڪرڻ ڪان پوءِ ڀارتي اُڀيٽ


books.sindhsalamat.com



سان به بلڪل ائين ئي ٿيو. يوناني فوجي ڇانوڻين جا ٿڏا پٽي ۽ سڪندري لشڪر جي مُک سپهه سالار سيليوڪَس، جيڪو تيستائين اَسير جو بادشاهه بڻجي چڪو هو، کي شرمناڪ شڪست ڏئي، چندرگُپت موريا مَڳڌ جي بادشاهت ۽ ڀر پاسي وارا علائقا فتح ڪيا ۽ ’هندي‘ سلطنت کي لڳ ڀڳ سموري ڀارت تائين پکيڙي ڇڏيائين. مورين جي اها فتح حقيقت ۾ ’هند‘ جي ’ڀارت‘ مٿان حاڪميت هئي. نتيجي ۾ محڪوم ٿيايل ڀارت جو هر ذرو پرزو هند ڪوٺجڻ لڳو ۽ پراڻو نالو ڀارت وسري ويو. هند نالو اڳي ئي دنيا ۾ ڄاتل سڃاتل هو، تنهنڪري اهو ڀارت سان رَلجي هڪ ئي راڄ ۾ شامل ٿي ويل علائقن تي پوڻ، نه رڳو سنڌوءَ جي ماڻهن لاءِ پر سندن پاڙيسري ايرانين توڙي اولهه جي ٻين قومن لاءِ پڻ، فطري هو. آڪسفورڊ هسٽري آف انڊيا ۾ چندرگُپت جي سلطنت جي پکيڙ هن ريت لکيل آهي: ”سنڌس بادشاهيءَ ۾ هنوقت وارو افغانستان نالي ملڪ، پراڻو آريانا - هندوڪش جبلن واري سلسلي تائين - پنجاب ۽ ڏور اوڀر ۾ هنوقت اتر پرديش طور سڃاپندڙ علائقا، بِهار ۽ ڪاٺياواڙ اُڀيٽ يقيني طور شامل هئا. گهڻو ڪري انهن ۾ بنگال به شامل هو........“ اٽڪل اسي لک چورس ميلن تي پکڙيل اهو سڄو علائقو پنهنجي اصل سڃاڻپ وڃائي ويٺو ۽ فاتح ملڪ جي نالي پٺيان هند يا هندستان ڪوٺجڻ لڳو.

انگريز سلطنت اٽڪل ٻن صدين جي ننڍڙي عرصي دوران اوڀر ۽ ڏکڻ پاسن ۾ پکڙي ته ويندي برما (هنوقت ميانمار) ۽ سيلون (هنوقت سري لنڪا) به هند سلطنت جا حصا ڪوٺجڻ لڳا. ورهاڱي ڪان پوءِ انهن ٻن ملڪن پنهنجا اصل نالا ٻيهر بحال ڪري ورتا آهن، پر ڀارت اڃا تائين پنهنجي پوئواري فاتحن پاران ڪيس ڏنل ڪُوڙي نالي هند کي سان ڇُهٽيو پيو آهي. اسان ڄاڻون ٿا ته موريا لشڪر سنڌو ماٿر منجهان اُسريو هو: فوجي، انتظامي، اڏاوتي، ثقافتي، هنري ۽ نظرياتي هر شيءِ: ٽن شينهن جي منڍين ۽ موريا گهراڻي جي نشان مور وارا اشوڪ جا مشهور ٿنڀ: خروشتي ۽ برهمي لپيون: ۽ موريا بادشاهن جا درٻاري آداب پڻ ايراني، ميسوپوٽامي ۽ سنڌي ورثي منجهان هئا، جيڪي فاتحن جي ديس سنڌو ماٿر ۾ سرجيا ۽ گهڙيا هئا. مطلب ته دراوڙن جا ڀاڳي ڀائيوار ۽ سرپرست بڻجي هن ديس ۾


www.sindhsalamat.com

آيل سومرا، پنهنجي قديم هجڻ وارين سمورين دعوائن سان گڏوگڏ تهذيب جا سرجيندڙ هجڻ واري اعزاز ۾ پڻ حصيدار آهن.

باب ٻيون

# ڄيوَن جو جنم ونڻ ۽ انسان پاران ان کي قائم رکڻ لاءِ جاکوڙ

انساني اوسر تاريخ کان اڳ وارا هزارين سالن وارا جُڳ لتاڙي موجوده مرحلي تائين پهتي آهي. تاريخ، عام واقعن جي لاڳيتي ترتيبوار رڪارڊ کي چئبو آهي. ڪهاڻيون، ديومالائي قصا، نيم مذهبي روايتون، پڙن، پانن، چارڻن، شاعرن ۽ سگهڙن جا ٻَايل گهاڙيتا ۽ انفرادي يادگيرين ۾ سانديجي اڳين پيڙهيءَ تائين زباني طور پهچايل ان قسم جون ٻيون شيون تاريخ جي زمري ۾ نہ ٿيون اچن، جيتوڻيڪ انهن ۾ ڪنهن تاريخي ماخذ وانگر ڀروسي لائق هجڻ جا گهڻا گڻ موجود هوندا آهن. وحشي دور، جڏهن انسان جو گذر شڪار تي هوندو هو ۽ اهو ڪاڏي جي ڳولا ۾ هنڌ هنڌ هلندو وتندو هو، تاريخ کان اڳ واري دور ۾ اچي ٿو؛ جڏهن تہ ان دور مان تاريخي دور ۾ ٽپڻ واري دور کي اوائلي تاريخي دور سڏيو وڃي ٿو.

سائنسدانن جي گهڻائي ان ڳالهہ تي متفق آهي تہ ڌرتي سج جي چوڌاري 2700 مِلِيَن (ٻہ ارب ستر ڪروڙ) سالن کان وڌيڪ عرصي کان وٺي ڦرندي پئي اچي. شروع ۾ سج هڪ گرم ۽ ويران پهاڙن تي مشتمل بي جان مادو هو. ٺرڻ واري عمل دوران ڌرتيءَ جي چوڌاري گهم گڏ ٿي ۽ اها مِينهُن ٿي وسي. پوءِ هورڙيان هورڙيان پهاڙن تي مٽي گڏ ٿيڻ لڳي ۽ سمنڊ نهڻ لڳا. ان کان پوءِ جيوَن، پاڻيءَ مٿان ترندڙ جيلي نما ننڍڙن ذرڙن جي روپ ۾ نمودار ٿيو. انسان، ’بيڪٽيريا منجهان هومو-سيپِيَن‘ واري، هزارين سالن جي اوسر کان پوءِ پيدا ٿيو.

اوائلي مخلوق منجهان انساني سطح ڏانهن ٽِپندڙ پهرين مخلوق راميپِٿيڪَس يا پوٺوهار پِٿيڪَس سڏجي ٿو. اهو ويهہ کان چاليهہ لک سال اڳ موجود هو. سندس







قد 1.1 کان 1.2 ميٽر ۽ وزن چاليهہ پائونڊ هو. اهو ڪبڙو هوندو هو. ان کان پوءِ آسٽريلوپٿيڪَس ظاهر ٿيو. اهو اناويهہ کان ڏهہ لک سال اڳ تائين هليو. ان جا ٽي قسم هئا، جن منجهان ٻہ ختم ٿي ويا. جيڪو هڪڙو بچيو سو آسٽريلوپِٿيڪَس آفريڪينَس سڏجي ٿو. اهو ويهہ کان پندرهن لک سال اڳ دوران موجود هو. انهي جو وزن 45 کان 60 ڪلوگرام تائين هو. اوسر جي اڳئين ڏاڪي ۾ هومو-اِريڪٽَس ظاهر ٿيو، جيڪو پارن پِرڪارن ۾ ماڻهو ٿي لڳو، پولڙو نہ. اهو پندرهن کان ڏهہ لک سال اڳ دوران موجود رهيو. پاڻ کان اڳ ٿيندڙ آسٽريلوپٿيڪَس آفريڪينَس وانگر، اهو بہ هٿيار ۽ اوزار ٺاهي سگهندو هو. انهي باهہ ڳولي لڌي ۽ اها استعمال بہ ڪندو هو، پر اجا ٻالهائڻ نہ سکيو هو. اهو جاوا مانَس ۽ پيڪِنگ مانَس سڏجي ٿو. هومو-اِريڪٽَس کان پوءِ هومو-سيپِيَن (هاڻوڪو انسان) ظاهر ٿيو، جيڪو هنوقت تائين ارتقائي عمل جي آخري ڪڙي آهي. انهي جي ڌرتيءَ تي اچڻ جو ڪاٿو ڇهہ کان ست لک سالن کان وٺي پندرهن هزار سال اڳ تائين لڳايو ويو آهي يا ٻين لفظن ۾ پورو پهڻي دور (پلائيسٽوسين).

ڄاڻُو ماهر پهڻي دور (پلائيسٽوسين) کي ٽن دورن ۾ ورهائين ٿا: 600،000 کان 100،000ق. م تائين هلندڙ پراڻو يا هيٺيون پهڻي دور (لوئر پيليولِٿڪ)؛ 100،000 کان 40،000ق. م تائين هلندڙ وچيون پهڻي دور (مِڊل پيليولِٿڪ) ۽ 40،000 کان 10،000ق. م تائين هلندڙ آخري يا مٿيون پهڻي دور (اپر پيليولِٿڪ). پِٿيڪينٿِروپَس يا هومو-اِريڪٽَس کونجندڙ انساني قسم (species) پوري پهڻي دور دوران هٿ واري ڪهاڙيءَ جي اوائلي صنعت سان جُڙيل رهيو. جاوا مانَس انساني قسمن جي پِٿيڪينٿِروپَس اِريڪٽَس ميڙ منجهان آهي. هي ميڙ انسانن جي نسبت پولڙن کي وڌيڪ ويجهو هو، تنهنڪري اهو هومو-سيپِيَن جي درجي بنديءَ ۾ نٿو اچي. اهي ڏهہ لک سال اڳ هوندا هئا. پهڻي دور جي پڇاڙيءَ يعني 1،000ق. م وقت دنيا ۾ جيڪي مکيہ انساني نسل (races) موجود هئا، سي هئا: منگولي (ايشيائي – پِيلي يا ڦِڪي چمڙي)، نيگرو (وچ آفريڪي – ڪاري چمڙي)، آريا (ڪاڪيسي – اڇي چمڙي) ۽ آسٽريليائي. نسل (race) جو مطلب آهي: ماڻهن جو اهڙو ميڙ، جن جو بُڻ ساڳيو هجي، ساڳئي ماڻهوءَ جي پيڙهي هجن، گهر، ڪٽنب، ذات ۽ قوم ساڳي هجين ۽ نسلي لحاظ سان ٻين کان ڌار هجن. قسم (species)

اهڙو ميڙ آهي، جيڪو ڏاڪي ۾ طبقي (genus) کان هيٺ آهي ۽ انهي ۾ شريڪ، هڪٻئي کان رڳو تفصيلن ۾ ٿورڙو مَٽِيَل هوندا آهن.

وچئين ۽ آخري پهٽي دورن دوران يعني 100،000 کان 10،000ق. م تائين سنڌو ماٿر جا پَٽَ ڪيترائي ڀيرا سمنڊ ۾ ٻڏندا ۽ نڪرندا رهيا. انهن تبديلين جي سمنڊ جي هاٺوڪي سطح سان ڀيٽ هيٺ ڏجي ٿي:

| | |
|---|---|
| 90،000 سال اڳ | 15 ميٽر |
| 80،000 سال اڳ | 30 ميٽر |
| 70،000 سال اڳ | 52 ميٽر |
| 60،000 سال اڳ | 90 ميٽر |
| 50،000 سال اڳ | 130 ميٽر |
| 40،000 سال اڳ | 90 ميٽر |
| 30،000 سال اڳ | 30 ميٽر |
| 20،000 سال اڳ | 120 ميٽر |
| 10،000 سال اڳ | 37 ميٽر |
| 5،000 سال اڳ | 03 ميٽر |

ايم. ايڇ. پنهور، هي حوالو شيفرڊ ايند ڪَرّي جي اوشيَنوگرافي، جلد IV (1967) ص. 283-291 تان کڻي، پنهنجي ڪتاب ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ (ص. 8) ۾ ڏنو آهي.

مٿئين بيان ۾ چوٿين پهٽي دور (120،000 کان 19،000ق. م تائين) ۽ چوٿين برفاني دور کان پوءِ واري دور (19،000ق. م کان پوءِ) دوران سنڌو ماٿر جي پَٽَن جي جاگرافيائي حالتن بابت ڪيترين ئي اهم حقيقتن جا راز شامل آهن. صاف ظاهر آهي ته 10،000 سال اڳ سنڌوءَ جا پَٽَ 125 مٽاچري ليڪُن (ڪنٽور لائينن) تائين ٻُڏل هوندا. هي ليڪون ڪنهن ڏنل اوچائيءَ تي زمين جي پاسيري يا افقي (horizontal) مٽاچري جو خاڪو ٺاهينديون آهن. هڪ اندازي مطابق انهن ڏينهن ۾ سمنڊ هاٺوڪي شهر لاڙڪاڻي جي ويجهو هو ۽ 20،000ق. م ڌاري ملتان وارو


books.sindhsalamat.com



علائقو سمنڊ جي پاڻيءَ هيٺ هو. انهي جو مطلب اهو ٿيو ته وچئين پهٽي دور جا نشان ڪيترائي فٽ هيٺ پورجي ويا. انهي جو مطلب اهو به آهي ته، سنڌو ماٿر جي بهاولپور تائين واري سُڪي ڀاڱي جا ماڻهو ۽ بلوچستان ۾ سليمان جبل واري سلسلي جي پاسن جا رهواسي، پڪ سان ڏکڻ-اولهه طرف ايراني نارِ ڏانهن ۽ اجا به اڳتي لڏي ويا هوندا ۽ ڏکڻ طرف دکن واري علائقي ڏانهن پڻ لڏي ويا هوندا. سنڌو ماٿر جي مٿئين ڀاڱي تان سمنڊ اٽڪل 1،000ق. م ڌاري لهڻ شروع ڪيو. پهٽي جُڳ جا ماڻهو (مهاڻا، پکي-مار ۽ شڪاري) ان دوران ۽ ان کان ستت پوءِ پڪ سان ماٿريءَ جي مٿئين ڀاڱي ۽ بلوچستان کان الڳ الڳ جاين ڏانهن هر پاسي لڏيندا رهيا هوندا. هڪ هزار سال پوءِ ساموندي ڪنڌي حيدرآباد جي اتر ۾ ڪٿي هجڻ گهرجي. انهي ڪنڌيءَ تائين سموري سنڌو ماٿري گهاٽن ٻيلن ۽ درياءَ جي ڇاڙُهن سان جَڙيل هئي، جن ٻنهي ۾ مڇي ۽ ٻيو شڪار جهجهو هوندو هو. وڏو علائقو تمام وڏي آباديءَ کي تاڻڻ لائق هو، تنهنڪري انهي پاڻ ڏانهن نه صرف مهاڻن، شڪارين ۽ پکي-مارن کي ڇڪيو ٿي، پرڪرمي پڻ اتي اچي آباد ٿي ڳوٺ وسائي سگهيا ٿي.

وچئين پهٽي دور (100،000 کان 40،000ق. م) دوران ماڻهوءَ پنهنجي زندگيءَ، ضرورتن ۽ انهن جي ديسي پوراءَ کي پاڻ ۾ ٺهڪايو ۽ شڪار ۽ ڪاڏي-ميڙ جي طريقن ۾ سڌارو آندو. ايندڙ ڏينهن لاءِ سِيڌو سنيالي رکڻ لڳو. ڪاڏي واريون شيون اپائڻ ۾ معاشي پاڇيراڻپ، واڌو اپت آئيندي لاءِ بچائي رکڻ سميت، آخري پهٽي دور ۽ ڪنجهي واري دور ۾ ماڻي وئي. هتي هي پوئيون اصطلاح پٿر استعمال ڪندڙ اهڙن ميڙن لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو، جن لاءِ ٽامو يا ڪنجهو گهٽ نصيب ٿيندڙ نٿ هو، يا ڪنجهو استعمال ڪندڙ اهڙن سماجن لاءِ جيڪي پٿر جا اوزار به ڪتب آڻيندا هئا. پاڪستان-ڀارت ننڍي کنڊ ۾ وچيون پهٽي دور 47،000 کان 27،000ق. م جي وچ وارو ٿئي ٿو؛ شام، لبنان ۽ عراق لاءِ اهو 54،000 کان 38،000ق. م جي وچ وارو آهي ۽ افغانستان ۾ ان جو سن 32،000ق. م آهي. اڄ تائين هٿ آيل سڀ کان پراڻا ٺهيل اوزار سون درياءَ جي ڪناري سان پٿرن جي ڍير مان لڌا آهن، جيڪي ٻئين گرم دور جا ڄيا وڃن ٿا. هي اوزار اڻ گهڙيل ڇاپڙن مان ٺاهيل هئا ۽ 'سون کان اڳ واري دور' جا اوزار ڪري سڃاتا وڃن ٿا. سون درياءَ جي


www.sindhsalamat.com

ٽيرس-1 ۽ ٽيرس-2 مان لڌل اوزار اوائلي سون دور جا وَڏَ ٽُڪَ وارا اوزار ڪري سڃاتا وڃن ٿا. ٽيرس 3، 4 ۽ 5 مان لڌل آخري برفاني دور وارا اوزار آخري سون دور جا اوزار ڪري سڃاتا وڃن ٿا.

40،000 ڪان 10،000ق. م تائين واري آخري پٿڻ دور ۾ اڳ استعمال ٿيندڙ اوزارن جو واهپو پڻ جاري نظر اچي ٿو، جن جي مُکُ خاصيت اها هئي ته اهي ننڍڙن پٿرن مان ٺاهيا ويندا هئا.

هي اهو دور چئي سگهجي ٿو، جڏهن اڻ گهڙين چاپڙُن ۽ ڪانن منجهان ٽرات ۽ تُرَها ۽ مڇي ڦاسائڻ جون ڪُنڍيون ٺهيون. اڳلين ڪجھ صدين دوران (لڳ ڀڳ 4،000 ڪان 5،000ق. م تائين) سنڌوءَ جي ڪنڌين سان ٿيندڙ ديسي مواد بهتر طريقي استعمال ٿيو ۽ "ڪانن جون ٻيڙيون" ٺهيون.

انهي ايجاد نه رڳو سنڌو ماٿر جي زراعت پر وڻج واپار ۾ پڻ انقلاب آڻي ڇڏيو. سڄر (1991ع ۾) دي پاڪستان ڪائونسل آف ريسرچ ان واٽر سورسز، وزارت سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، حڪومت پاڪستان، مشهور اسڪالر ايم. ايڇ. پنهور جو لکيل هڪ تمام وڏي ڄاڻ ڏيندڙ ڪتاب 'هسٽري آف سنڌ اريگيشن' (3،500ق. م کان هنوقت تائين) نالي سان ڇپرايو آهي. هن ڪتاب ۾ ثقافتي، جاگرافيائي ۽ تعليمي اهميت جون انتهائي پروسي جوڳيون حقيقتون ڏنل آهن. انهن سڀني حقيقتن جو واسطو تاريخ کان اڳ وارن دورن جي قبيلائي اڄ وچ سان آهي، جن دوران تهذيب سومرن هٿان واضح روپ وٺي رهي هئي. ڪجھ اهم حقيقتون هتي ڏجن ٿيون:

اناتوليه (ترڪي) جا رهواسي 7،000ق. م کان اڳ ٻوٽا: ڪڻڪ، جَوَ ۽ ڦَرِيُن وارا فصل پوکڻ ۽ رڍ ۽ ٻڪري گهرن ۾ پالڻ شروع ڪري چڪا هئا، پر اهي پنهنجي منهن ٿيندڙ ٻوٽن مان ڪاڌي-ميڙَ ۽ شڪار تي پڻ ڀاڙيندا هئا. مڪمل طور شڪار ۽ ڪاڌي-ميڙَ تي گذران ڪرڻ وارا به گڏ گڏ هلندا آيا. لڳ ڀڳ ساڳئي وقت مهرڳڙهه ۾ به ڳائو ۽ ماهيو مال ڌارجڻ لڳو ۽ ٻوٽن جي پوک ٿيڻ لڳي.

اهو اڳوٽو ويچار ته سنڌو سڀيتا پرڏيهي اوڌر جي آڌار هئي، هاڻ ريٽجي چڪو. بلڪل ممڪن آهي ته 7،000ق. م کان وٺي ڪجھ ديسي اوسر ٿي هجي. بنا ڊپ دعويٰ ڪري سگهجي ٿي ته 3،500ق. م ڌاري آمريءَ ۾ آباد ٿيڻ وقت ماڻهو



books.sindhsalamat.com



واهن وسيلي ريج (آبپاشي) ڄاڻندا هئا ۽ ان تي پوک ڪندا هئا.

انوقت ڌاري دريائي سڀئتائون (ڪاڌي-ميڙَ سان گڏوگڏ مال ڌارڻ، مڇي مارڻ ۽ ڪڏهن ڪڏهن شڪار ڪرڻ) نِيل، دجله-فرات ۽ سنڌو ماٽرين ۾ ڪجھ ڏنڌن جي ڄاڻُو ڪاريگرن ڪي هٿي ڏيڻ جيتري واڌو زرعي اپت اپائي، انهن ڪي ڪاڌو اپائڻ کان آجو بڻائڻ لائق هيون. پاڻيءَ ذريعي اچ وڃ ۽ ڦيٿي گاڏين، ڪاڌي جي شين جي مختلف جاين تي پهچ سولي بڻائي ڇڏي. ائين اوائلي شهر آباد ٿيا.

4،000 ڪان 3،000ق. م جي وچ تي مصر جي آبادي ٻيڻي ٿي وئي. بنا ڊپ دعويٰ ڪري سگهجي ٿي ته ڪوٽ ڏيجي دور ڌاري سنڌ جي آبادي 250،000 تائين پهچي وئي هئي ۽ 2،300ق. م ڌاري موهنجو دڙو دور جي ابتدا وقت سنڌ جي صرف لَٺياسن پَٽَن وارن علائقن ۾ 500،000 ماڻهن جي آبادي ٿي چڪي هئي. ايندڙ 300 سالن ۾ سنڌ ۾ اهو انگ پڪ سان ٻيڻو ٿي ويو هوندو، ڇو جو سنڌ ماڻهن سان پرجي وئي، جن سرسوَتي ماٿري ۽ گجرات ڏانهن لڏڻ شروع ڪيو.

آمري ۽ ڪوٽ ڏيجي دورن ۾ پوک لائق ٻني ٺاهڻ جو ابتدائي طريقو پڪ سان سنڌوءَ جي ڪچي وارين ٻنين تان ٻيلا وڍي، سُڪائي ۽ ساڙڻ وارو هوندو. ان نَوهَر ٻنيءَ تي ڪجھ سالن تائين پوک ڪبي آهي ۽ پوءِ ڪجھ ساهي ڏبي اٿس ته جيئن اتي جهٽ واڌُرَ وڻ ڦٽي ٻي واديءَ تائين چڱا وڏا ٿي وڃن. ساڙڻ وارو ڪم ٻوڏ جي مند کان ٿورو اڳ ڪبو هو ته جيئن درياءَ جي اٿل جو پاڻي ۽ ان سان ايندڙ لَٽُ انهي نامياتي مواد کي لٽي ڇڏي. انهي پورِي زمين کي پوک لاءِ وڌيڪ ٺاهڻو نه پوندو هو. سنڌو سڀئتا جي اوج جي ابتدا (2،300ق. م) ڌاري ڦيٿي ڪاڏي ۽ ڏانداري ٻئي استعمال هيٺ اچي چڪيون هيون. هَرُ، گهڻو ڪري 300 سال پوءِ ٺهيو. ڏانداريءَ جو استعمال ظاهر ڪري ٿو ته زمين تي آباديءَ جي دٻاءَ سبب 'وڍڻ ۽ ساڙڻ' وارو طريقو ختم ٿي چڪو هو. 'وڍڻ ۽ ساڙڻ' واري طريقي جي خاتمي وقت آبادي 500،000 تائين پهچي وئي هوندي ۽ ريجي نظام پڪ سان ابتدائي دور ۾ هوندو. ٻين هزاري ق. م جي ابتدا وقت سنڌ ڏهن لکن جي آباديءَ کي ٿاڻڻ لائق هئي، جيئن اڳ ۾ بحث ڪري چڪا آهيون.

2،300ق. م ڌاري ڏانداريءَ ۽ هَرَ جي ايجاد ۽ ڏاند جو سڄي دنيا ۾ وهٽ طور استعمال پڪ سان وڌيڪ ٻنيون ٺاهڻ، آبادي وڌائڻ ۽ گهڻو پاڻي ڪٽي پري تائين



www.sindhsalamat.com

ويندڙ واهہ ناهڻ ۾ مددگار ثابت ٿيا هوندا.

## سنڌو سڀيتا ۽ ان جي آبپاشيءَ هيٺ علائقن جي پکيڙ

هڪڙو تاثر ڏنو وڃي ٿو تہ نيل ۽ دجلہ-فرات ماٿرين جون ثقافتون تمام اڳڀريون ۽ گهڻي وڏي پيماني تي پکڙيل هيون، جڏهن تہ سنڌو ماٿر ميسوپوٽامي سڀيتا جي هڪ شاخ هئي. مصري ۽ ميسوپوٽامي ثقافتن جي بلڪل اوج وقت پکيڙ تي نظر وجهبي تہ انهن جو علائقو سنڌو ثقافت جي ڏهين پتيءَ جيترو مَسَ هو. سنڌو ثقافت 500،000 چورس ميلن تي پکڙيل هئي ۽ مهرڳڙهہ جي اُسرڻ کان جهانگار ثقافت جي پڄاڻيءَ يعني 6،500ق. م کان 1،000ق. م تائين 5،500 سالن کان وڌيڪ هلي. اها هنن ٻنهي منجهان نہ ڪنهن جي شاخ هئي ۽ نہ نقل. ٽنهي جو هڪجهڙو پار رڳو ريجي زراعت آهي – سنڌو ماٿر جي ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ اتر گجرات واري بلڪل ڏاکڻي پرڳڻي کي ڇڏي، جتي برسات تي زراعت ٿيندي هئي، جيتوڻيڪ اتي بہ تازو لوٿل ۾ تلائن ۽ کوهن مان شدوف (ٻوڪو) وسيلي ريج (آبپاشي) جا ثبوت مليا آهن. سنڌو سڀيتا جي اوڀارئين دنگ وارا ماڳ اوڀر پنجاب ۾ رپڙ ۽ يو. پِي ۾ عالمگيرپور آهن. اترئين دنگ وارو ماڳ فيصل آباد ويجهو هڙپا آهي. اولهہ ۾ افغانستان ۾ منديگاڪ ۽ بلوچستان ۾ تربت ويجهو شاهي تُمپ وٽ دنگ ٿئي ٿو. نقشي نمبر 1 ۾ سنڌو ماٿر ۽ ان جون وسنديون ڏيکاريل آهن. تازين کوٽاين سنڌو سڀيتا جي پکيڙ ويتر وڌائي ڇڏي آهي.

سنڌو سڀيتا پنهنجي ڳڙهہ بلوچستان، سنڌ ۽ ڏکڻ اولهہ پنجاب کان 2،000ق. م ڌاري سوراشٽر ۽ اوڀر پنجاب ڏانهن پکڙي؛ ان ڪري نہ تہ انهن علائقن ۾ ڪڻڪ ۽ وونئڻ پيلا ٿيندا هئا، جيئن ليمبرڪ (1973) ٻڌائي ٿو، پر آباديءَ جي دٻاءَ سبب – اهي علائقا ڪنهن ليکي بہ سنڌ کان وڌيڪ پرڪشش نہ هئا.

ڪڻڪ (Triticum sphaerococcum)، جَوَ (Hordeum vulgare)، وونئڻ (Gossypium) ۽ مٽر (Pissum arvense) سنڌو ماٿر ۾ عام استعمال ٿيندا هئا. جڏهن تہ سَرِنهَن (Barassia sp.) ۽ تِرَ ڇڊا ڇاڊا استعمال ٿيندا هئا. چانور (Oryza Sativa) دکن ۽ مهاراشٽر ۾ 1،600ق. م کان پوءِ عام هو ۽ سوراشٽر ۽ اولهہ





راجستان ۾ 2،400 ۽ 1،750ق. م جي وچ تي پوکبو هو، پر سنڌ جي پراڻن آثارن مان ان جي موجودگيءَ جا ثبوت نہ مليا آهن. چانور جي جنم ڀومي هندستان هو ۽ موسمي حالتون ۽ پوکجڻ واري مند ۾ پاڻيءَ جي دستيابي ان طرف اشارو ڪن ٿا تہ اهو سڄي سنڌو ماٿر ۾ بہ ٿيندو هوندو. چانور سوراشٽر ۽ راجستان ۾ لڌو آهي. ڪڻڪ ۽ جَوَن جو خود هڙپا جي ماڳ تان بہ ذڪر نٿو ملي. ٻيا بہ فصل آهن: ڪيلا ۽ ڪمند، جن جو پراڻن آثارن منجهان ڪو پتو نٿو ملي، پر ٿي سگهي ٿو تہ اهي سنڌ ۾ ٿيندا هجن. هاڙهہ جي پوک وونئڻ نہ رڳو مهرڳڙهہ ۾ 4،500ق. م ڌاري ٿيندا هئا، پر سنڌو سڀيتا جي اوج وارن ڏينهن ۾ ڪپهہ مان ٺهندڙ شيون، ڌاڳي مان ٺهندڙ شيون توڙي اُٺڻ جو هنر ۽ ٽيڪنالاجي ڪافي ترقي ڪري چڪي هئي. ڪاليبنگن ۾ ٽيل کوٽائي ظاهر ڪري ٿي تہ 2،000ق. م ڌاري ناڙيءَ ذريعي پوک ۽ سياري جي مند ۾ جنسون گڏائي پوکڻ عام ٿي چڪو هو.

وونئڻ، جيڪو سترهين صديءَ تائين ٻارهو هلندڙ ٻوٽو هو (جيئن مارڪو پولو 1290ع ۾، راشدالدين 1310ع ۾ ۽ ٽيرِي 1615ع ۽ رڪارڊ ڪيو ۽ ڊاڪٽر هوو مطابق 1787ع ۾ ڪٽي وڃي بچيو هو)، تنهن جي موجودگي پڪي ثابتي ڏئي ٿي تہ سنڌ جي ڪجهہ علائقن ۾ پاڻي ٻارهوئي هوندو هو، جنهن تي وونئڻ ٿيندا هئا. منداڻتو وونئڻ سنڌو ماٿرجي ماڳ مهرڳڙهہ ۾ 4،500ق. م ۾ ٿيندو هو ۽ 2000 سال پوءِ سنڌو سڀيتا جي اوج تائين ٿيندو آيو. سنڌو سڀيتا ۾ پوکجندڙ چانور (Sativa Indica) پنهنجي منهن ٿيندڙ جنسن: ٻارهوئي ٿيندڙ رُفِيپيگن ۽ سال بَہ سال نئين سِر ٿيندڙ نِواڙا جو گاڏڙ نسل هو. پوک هيٺ جنسون پنهنجي جنم ڀومي يُو. پِي هندستان کان آسام، بنگال ۽ برما ڏانهن پکڙيون ۽ اتان پوءِ چين ڏانهن، پر پنهنجي منهن ٿيندڙ جنسون سموري ڏکڻ ۽ ڏکڻ-اوڀر ايشيا ۾ سنڌو سڀيتا کان گهڻو اڳ پکڙجي چڪيون هيون. ان ليکي سنڌن سنڌو سڀيتا ۾ هجڻ جي پڪ آهي، پر آثار نہ لڌا آهن.

ٿورن لفظن ۾ هترادو ريج جا نتيجا هئا:

* وسيع ريجي (آبپاشي) سماج.
* موهنجو دڙو شهر جو اُسرڻ.
* گڏگڏ سنڌ ۾ ڪرچات، ملير، چانهو دڙو، پويون ڪوٽ ڏيجي، لوهم



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

جو دڙو ۽ هڙپا، گجرات ۾ لوٿل ۽ بيڪانير ۾ ڪاليبنگن شهرن جو اُسرڻ.

ڪڻڪ جون عام ٽيندڙ جنسون هيون:

* ڇهه قطاري ننڍي داڻي واري ڪڻڪ (Horedeum vulagre varnudum) هڙپا ماڳ واري.
* هندي بِندري ڪڻڪ (Triticum sphaerococcum).
* ڇهه قطاري ننڍي داڻي واري ڪڻڪ (Horedeum vulagre varnudum) جي ڪارڙ جنس.

## هترادو ريج (آبپاشي) لاءِ شدُوف ڪم آڻڻ

شدوف يا ٻوڪو لوٿل ويجهو اجا تائين استعمال ٿئي ٿو. (گجراتيءَ ۾ لوٿ معنيٰ آهي مُئل ۽ لوٿل معنيٰ مئن جو دڙو _ موهنجو دڙو واري ساڳي معنيٰ.) موهنجو دڙو جي مُهرن تي شدوف استعمال ڪندڙ ماڻهوءَ جي ليڪائين مورت آهي (مارشل 1931: 389). موهنجو دڙو مان لڌل پٿر جا جهرين وارا ڇلا ڪنهن اهڙي شيءِ ۾ پٿر ٻڌڻ لاءِ ڪم آندا ويندا هئا، جيڪا ٽُنگن مان لنگهي ويندي هئي. جيستائين سندن ڪو ٻيو ڪارج نه لڀي، اهي ٻوڪي جي ڪاڻَ (counterweight) به سمجهي سگهجن ٿا. لوٿل ۾ پٽ جي پر ۾ لڌل مُنيءَ جو ڪُٻڙو به ٿي سگهي ٿو ته شدوف لاءِ هجي. آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا ويسٽرن سرڪل (1879. 19) ۾ رپورٽ ٿيل لوٿل کان ٿورو پريرو ڊِنڊوڪا ويجهو20 ايڪڙن ۾ بنا ڏاڪي وارو ساڳئي دور جو تلاءُ به مينهن جو پاڻي پوک لاءِ گڏ ڪرڻ جو تلاءُ ٿي سگهي ٿو.

ويلَر (1960-67) ۽ ڊرووَر (1952-58) سمجهن ٿا ته سنڌو ماٿر ۾ ڪو هترادو ريجي نظام هو، جيتوڻيڪ سڌن ثبوتن جي کوٽ آهي. ڏکڻ هندستان ۾ تلائن منجهان ريج وارو ديسي طريقو اجا تائين هلي پيو. ڏکڻ هندستان جا ڪي تلاءُ 9-10 چورس ميلن تي پکڙيل آهن (برڪلي 1893، پي. جي). ڏکڻ هندستان ۾ 1809 ۾ اهڙا 40،000 کان وڌيڪ تلاءُ هئا (برن، III، ص. 323). لوٿل وارو تلاءُ 5،000 ڇهَس (ڪيوبڪ) ميٽر پاڻي جهلي سگهي ٿو. لوٿل جي آس پاس اٽڪل 700-800





ملي ميٽر (5-6 مهينن جي عرصي ۾) ساليانو مينهن پوندو آهي. 6-7 مهينا پاڻيءَ جي کوٽ هوندي آهي. هي تلاءُ سال ۾ 3-4 ڀيرا ڀري سگهبو هوندو ۽ ائين انهي جي جهلَ 15،000-20،000 ڇهَس (ڪيوبڪ) ميٽرن تائين وڌي ويندي هوندي. جيڪڏهن پورا 700-800 ملي ميٽر مينهن پوي ۽ ساين پاڃين جا ٽي فصل سال ۾ ڪجن ته 1500-1800 ملي ميٽر پاڻيءَ جي گهرج پوندي. 800 ملي ميٽر کوٽ ٿي سگهي ٿي. ان ليکي تلاءُ 20،000 چورس ميٽر يا 5 ايڪڙ ٻني ريجي سگهيو ٿي.

بلوچستان ۽ الهندي سنڌ وارا گبر بند صحيح معنيٰ ۾ پاڻي گڏ ڪرڻ جا بند نه هئا (اسٽائين 1931 ص. 7، 24، 145، 147، 164، 168 ۽ مارشل 7-1931). سِمٽي بجريءَ جي ڍيرن ۾ هڄڻ ڪري اهي ير پاسي جي پوک لائق ٻنين لاءِ وڌيڪ پاڻي مهيا ڪرڻ يا وڌيڪ ٻنيون پوک لائق بڻائڻ لاءِ تپاس بندن جو ڪم ڏيندا هئا. ائين بلوچستان ۾ هينئر به عام هلي ٿو. مصنف بلوچستان ۾ گبر بندن جي جاءِ وٺندڙ تپاس بندن کان پاڻي بند ڏنل ٻنين ڏانهن ورائي وڃڻ لاءِ 1958 ۾ 6 بلڊوزرن واري هَلَتَ ڪي وڌائي 1969 ۾ 117 تائين پهچايو.

گبر بند نظام ٿي سگهي ٿو ته گهڻو مال چرڻ ۽گهٽ برساتون پوڻ سبب علائقن جي ويران ٿي وڃڻ ڪري ڦِٽي ويو هجي. گبر بندن کان سنت پوءِ ڪاريز نموني پاڻيءَ جون جُرون يا افقي سرنگهون آيون. هي طريقو وڌيڪ پروسي جوڳو هو ۽ هيڪر ٿهي ويو ته صدين تائين ڪم ڏيندو هو. (ڪاريز اڏڻ ۽ هلائڻ لاءِ ڏسو پنهور 1964، ص. 92-94). ٿي سگهي ٿو ته گبربندن واري نظام هيٺ سيلابي پوڪ ڪندڙن جو ڌيان ڪاريزن ڏانهن ڇڪجي ويو هجي ۽ ان ڪري گبربند ڦٽي ويا هجن. گبربند هجي يا ڪاريز ٻنهي تي جيڪڏهن ڏوڪڙن تي مزدور رکي پوک ڪبي ته ڪمائي نه سگهبو. اهي رڳو مالوند ۽ ٿور-وقتي پوک واري معيشت لاءِ ٺيڪ آهن، جنهن ۾ مند وارن ڏينهن ۾ مزدور لڳ ڀڳ مفت ۾ ملي ويندا آهن.

(باب X جي صفحي 29 کان 32 تائين، عنوان "**اوائلي سنڌو ماٿر سيٽنا _ 3،500-2،500 ق. م ۽ 2،500-1،650 ق. م _ ۾ پوک ۽ هترادو ريج**")

آثارن جي پروڙ مان مليل سڄر ڄاڻ موجب آمري پهريون ماڳ آهي، جتي ريجي سماج جي ابتدا ٿي. ان ماڳ جو سنڌوءَ جي ٻوڏ جي دنگ تي هجڻ، هن سيٽنا

جي اُسرڻ جو ڪارڻ بڻيو. اچرج جهڙي ڳالهه آهي ته مهرڳڙهه کان وٺي سنڌو سيئتائي ماڳن جو وڏو انگ ٽن نيڪالي سرشتن (سنڌو درياءَ جي الهندي شاخ وارو خضدار-ڪولاچي-ڳاڄ نيڪال، ڪڇيءَ وارن علائقن جي وچان بولان نئين جو نيڪال ۽ سنڌوءَ جو ناهيل نيڪال Sindh – Hollow) جي ڪناري آهي. هنن منجهان ڪي سرشتا آمريءَ کان به اڳ جا آهن.

اسان وٽ اهو ويساهڻ لاءِ تمام سگهارا سبب آهن ته سومرن واري سيئتا ۽ سومرن جي حڪومت جي زوال جي ڪارڻ منجهان سڀ کان گهڻيون هاڃيڪار آبي تبديليون هيون. ڏهين کان تيرهين صديءَ تائين سنڌو درياءَ برهمڻ آباد ويجهو هيٺ گهٽ ۾ گهٽ ٽي پيرا وهڪرا مٽايا، جنهنڪري سومرن کي راڄڌاني برهمڻ آباد کان نري (ماتلي تعلقي ۾ ڪنڊر)، محمد طُور (جاتيءَ کان 5 ميل اتر ۾ ڪنڊر) ۽ ٺٽي ڏانهن نيڻي پئي. اتر سنڌ ۾ سنڌو درياءَ جي الهندي شاخ ڪناري سومرن جو سهڻو شهر جٽاٽي اُسريو، جنهن جا آثار وارهه تعلقي ۾ انهي ئي نالي واري ديهه ۾ موجود آهن.

عربن برهمڻ آباد جو نالو مٽائي منصوره رکيو. ان کي غزنويءَ 1026ع ۾ تاراج ڪري ڦِٽائي ڇڏيو.

مٿئين ڪتاب ۾ سنڌ ۾ هترادو ريجي نظام جي هڪ جامع تصوير الڳ باب ۾ ڏنل آهي، جيڪا هيٺ ڏجي ٿي:

## سومرن جي دور ۾ ريجي (آبپاشي) نظام: 1011_1351ع

تاريخي رڪارڊ نه هجڻ ڪري هي دور هڪ تاريخي راز رهندو آيو آهي. هن دور سان لاڳاپيل داستان حقيقت ۾ پندرهين صديءَ ۾ جوڙيا ويا. ماخذن جي هڪ وڏي انگ منجهان تمام ٿورڙي ٿورڙي ڇاڻ ڇٽ ڪري مصنف ان دور جي واقعن جي 104 صفحن تي پکڙيل سن وار ترتيب تيار ڪئي، جيڪا سنڌ ڪوارٽرلي رسالي ۾ ترتيبوار ڇپي ۽ وري ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ ۾ ڇپي، پر تڏهن به اڃا همعصر معاشي صورتحال بابت ڄاڻ اڻپوري ناهي.

خوشقسمتيءَ سان آرڪيالاجيڪل سروي آف پاڪستان ڏکڻ سنڌ ۾ ڪجهه


books.sindhsalamat.com



کوٽايون ڪيون آهن ۽ سومرا-سمان دور جا 100 کان وڌيڪ ماڳ ڳولي لڌا آهن. اڏامندي ورتل سنڌ جي تصويرن آڌار ليڪ انهن ماڳن کي دريائي وهڪرن سان جوڙي سگهيو آهي ۽ تيرهين ۽ چوڏهين صدي دوران انهن جي ممڪنه صورتحال ۽ 1000 کان 1500ع جي وچ تي سنڌ جي آباد شهرن جو گڏيل نقشو ناهيو اٿس.

هيٺين سنڌ ۾ وسنديون گهڻيون آهن. سنڌوءَ جي هباري دور وارن وهڪرن کي سومرا دور جي وهڪرن سان ڀيٽڻ سان صاف پتو پوي ٿو ته درياءَ پنهنجو پراڻو وهڪرو ڇڏي ويو هو ۽ آبپاشي نظام ڦٽائي ڇڏيو هئائين. ان دوران اتر سنڌ ٽڪڙو ٽڪڙو هٿ مٽائيندي رهي. سلطان محمود غزنويءَ 1026ع ۾ سنڌ کي ڏَنَ پَرُو ملڪ بڻايو هو، پر سندس موت کان ستت پوءِ يا دير ۾ دير 1040 ڌاري اها وري آزاد ٿي وئي. 1206ع ۾ قباچه ان کي زير ڪيو ۽ سيوهڻ تائين اتر سنڌ پنهنجي ملڪ سان ملائي ڇڏيائين. هيٺين سنڌ 1228ع ۾ التتمش جي منصبداري قبولي، پر اٽڪل 1239ع ڌاري سموري سنڌ آزاد ۽ سومرن جي هٿ هيٺ هئي. وري ڪيس علاءُالدين جي جنرل ظفر خان 1297ع ۾ زير ڪيو، جنهن اتر سنڌ کي دهليءَ سان ملائي ڇڏيو، پر هيٺين سنڌ تي سومرن کي منصبدار ٿي حڪومت ڪرڻ جي اجازت ڏنائين. 1333ع کان ستت پوءِ سنڌ وري سومرن ۽ سمن جي گڏيل اڳواڻ جام انڙ جي مهنداريءَ ۾ آزاد ٿي. انهي وري 52-1351 ڌاري سومرن کي ڪڍي ٻاهر ڪيو. پڪ سان چئي نٿو سگهجي ته 340 سالن تائين سومرن جي هڪ ئي راڄ گهراڻي حڪومت ڪئي يا گهڻا راڄ گهراڻا ٿيا.

سومرا پنهنجي راڄڌاني، ابتدائي راڄڌاني منصوره کان پوءِ، ٽن هنڌن ڏانهن ڪٽي ويا. راڄڌانيون مٽائڻ جا سن لڳ ڀڳ هي آهن:

* 1026ع: منصوره کان نري (ماتليءَ کان چار ميل اوير ۾).
* 1241 ۽ 1256ع جي وچ تي: نريءَ کان محمد طُور، سنڌو درياءَ جي واهڙ گونگڙي جي ڪَرَ سان.
* 1333ع کان ستت پوءِ: محمد طُور کان ٺٽو.

ٽئي پيرا راڄڌاني مٽائڻ جو سبب هر پيري سنڌوءَ جي وهڪري ۾ ڦيرو ٿيو. پهريون ڦيرو 1026ع کان ٿورو پوءِ آيو، جڏهن درياءُ منصوره کي ڇڏي ويو. نقشو نمبر 10 (1000ع -1525ع) ٻڌائي ٿو ته درياءُ گهٽو ڪري پنهنجو نوابشاهه ضلعي


www.sindhsalamat.com

وارو پراڻو وهڪرو ڇڏي ويو ۽ نريءَ کان 5-10 ميل اوير پاسي اولهہ پُراڻ ۾ وهي پيو. هيو وڏو قيرو محمد طُور سومري جي دور 1241/42–1256ع ۾ آيو. جڏهن درياءُ پاڻ اڏيري لال ۽ نصرپور وٽان وهڻ لڳو ۽ هاٽوڪي ٽنڊي محمد خان جي سامهون ڪانئس ڇڇندڙ سندس واهڙ لاهري (لاڙي) بندر هليو ويو. هيو واهڙ ريڻ جي پيٽ مان وهڻ لڳو. انهن ٻنهي جي وچ تي ٽيون واهڙ گونگڙو هو، جنهن جي ڪنڌيءَ تي راڄڌاني شهر محمد طُور وَسيَل هو. سنتوءَ جو هڪڙو الهندو واهڙ پڻ هو، جيڪو مُک درياءَ کان ڪشمور جي اتر ۾ ڪنڊڪوٽ وٽان ڇڳو تي ۽ سومرن جو شهر جٽاٽي انهي جي ڪنڌيءَ تي هاٽوڪي تعلقي وارهہ ۾ هو، جتي ڪنڊر ۽ پراٽي وسندي موجود آهي. جٽاٽي نالي ديهہ ۽ ننڍڙي وسندي اڃا موجود آهن.

سنتوءَ جي وهڪري ۾ ٽيون قيرو 1333ع کان ٿورو پوءِ آيو. جڏهن درياءُ گونگڙي واهڙ کي ڇڏي ويو ۽ پاڻيءَ جو گهڻو حصو بگهاڙ واهڙ مان وهڻ لڳو. انهي جي ڪري گهاري ڪاريءَ ۾ وهي پونڊڙ ڪلري واهڙ ۾ بہ پاڻي گهٽجي ويو. اهو ورهاڱو هاٽوڪي شهر ٻلڙيءَ ويجهو ٿيو. الهندو واهڙ بہ پنهنجو پراڻو پيٽ ڇڏي ويو ۽ ٿورو اوير طرف پراٽي جي ٿي پوروچوٽ هيو دڳ وجي ناهيائين.

پهرين ٻن قيرن جو اثر پڪ سان رڳو هيٺين سنڌ تي پيو هوندو، پر ٽئين قيري نہ رڳو هيٺين پر اتر اولهہ سنڌ (جيڪب آباد، شڪارپور، لاڙڪاڻو ۽ دادو ضلعا) کي بہ ڦتائي ڇڏيو. وڏي پيماني تي آبادي لاڙ کان اتر اولهہ سنڌ ڏانهن لڏي وئي. انهن ۾ گهڻائي سمان ذاتين جي هئي، جيڪي اڄ تائين هن علائقي ۾ گهڻائيءَ ۾ آهن. انهي سان سمن کي اقتدار حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ سومرن جي جاءِ وٺڻ ۾ هٿي ملي. 1226ع ڌاري هاڪڙو بلڪل سُڪي ويو ۽ انهي جي ڪنڌين سان آباد آباديءَ کي لڏڻو پيو. اهڙي ريت 340 سالن ۾ سنڌ واهن جو سرشتو ٽي پيرا ڦِتندي ڏٺو. هر پيري ڏڪار واريون حالتون پيدا ٿينديون هيون، آباديءَ جي لڏ پلاڻ ٿيندي هئي، ماڻهو لاڏائو ڏنار ٻڄي ويندا هئا، بيماريون ۽ موت آبادي گهٽائي ڇڏيندا هئا ۽ ممڪن آهي تہ حڪومت ۾ بہ ڪجهہ تبديليون ايندبون هجن. هنن قيرن جي ڪري هيٺين سنڌ ۾، ٽنڊي محمد خان جي اولهہ کان اوير واري ليڪ کان هيٺ، شهرن جو هڪ وڏو انگ ڦٽي ويو. واهن جي نالن جو ڪو رڪارڊ نٿو ليي. ان دور سان لاڳاپيل داستانن منجهان تاريخي، معاشي ۽ سماجي





حالتون نئين سر جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، پر اهي دستاويز پروسي جوڳا ناهن. چاڪاڻ جو اهي پندرهين صدي ۽ ان کانپوءَ جا رچيل آهن. انهن کي وڌ ۾ وڌ تَرَ جي حالتن جي آثار هنيل ڏُڪا ڇئي سگهجي ٿو. ان دور جو هڪ اهم واقعو ديبل (پراڻو باربيريڪان يا ڀنڀور) جو 1226ع ۾ جلال الدين خوارزم شاهہ هٿان سڙڻ آهي. ٿي سگهي ٿو تہ سڪندر جي تاريخدانن پاران ٻڌايل سڪندري بندر اهو ئي هجي. گهاري ڪاريءَ ۽ ڪلري واهڙ مٿان اها وسندي اٽڪل 1600 سالن تائين سنڌ جو سرواڻ بندر رهي. درياءَ جي ڪلري واهڙ بہ ستت ئي پنهنجو پيٽ مٽايو. سنڌو درياءَ جي بگهاڙ واهہ تي نئون بندر نهيو ۽ لاهري (لاڙي) بندر سڏجڻ لڳو. بگهاڙ واهہ هڪ هند جٽاءُ نہ ڪندو هو ۽ پيٽ (وهڪرا) مٽائيندو رهندو هو، تيئن ئي مٽس نهيل لاڙي بندر بہ ماڳ مٽائيندو رهندو هو. انهي نالي سان سڏجندڙ ڪوڙ سارا ماڳ البت سيئي تيرهين کان سورهين صدين دوران نهندڙ لاڙي بندر آهن. وڏي علائقي تي پکڙيل اهڙي هڪ ماڳ تي پورچوگيزن جو قلعو ۽ گرجاگهر هئا، جيڪي هاڻي ڦٽي چڪا آهن.

هيو اهم واقعو هاڪڙي جو بلڪل سُڪي وڃڻ هو، جنهن سان سانگهڙ ۽ ٿرپارڪر (هاڻي ميرپورخاص) ضلعن ۾ آباد ٿيندڙ ڪجهہ علائقو متاثر ٿيو، جتي هاڪڙي جي مُنهن واري هند انبالا ضلعي ۾ برساتن پوڻ کان پوءِ ايندڙ پاڻيءَ تي جُوَر ۽ ٻاجهري پوکبيون هيون.

اندازو آهي تہ ان دور ۾ سنڌ مان ٻاهر ويندڙ زرعي اسمن ۾ سُٽُ، ڏاڳو ۽ ان مان اُٽيل شيون، نِيرُ، چانور، ڪنڊ ۽ آفيم شامل هئا. انهن مصنوعات منجهان گهڻيون هٽان ايران ۽ عربستان ويندبون هيون، جتان اهي اڳتي ٻين ملڪن ڏانهن ويندبون هيون. 1333ع ۾ سنڌ ۾ موجود ابن بطوط مطابق تَرَ جا ماڻهو جُوَر، مٽر، ماهيو کير ۽ مڇي واپرائيندا هئا. منچر ڍنڍ جي پاسن سان آفيم لاءِ ڏوڏي پوکبي هئي.

باب ٽيون

# ڪانن جي ٻيڙين جا مُوجد

پنهنجي ڪتاب ’هسٽري آف ائنشِيَنٽ انڊيا ۾ ڊاڪٽر هَنس راڄ چوي ٿو تہ:
“دنيا جا چوٿيءَ جا ٻيڙياتا سنڌو واسي پنهنجي آس پاس ٿيندڙ انتهائي سستي مواد منجهان ٻيڙيون ٺاهڻ جي اعليٰ ترين سائنسي ڄاڻ رکندا هئا.” هتي انجيل منجهان ڪانن جي ٻيڙن جي ذڪر وارو هڪ ٽڪرو ڏيڻ دلچسپ ٿيندو.

“سوڊان جي دريائن ڪان اڳتي هڪڙو ملڪ آهي، جتي پرن جي ڦڙڪڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. انهي ملڪ جا سفير ڪانن مان ٺهيل ٻيڙين تي چڙهي نيل ۾ ايندا آهن. تڪڙا قاصدو گهر موٽي وڃو! دريائن ذريعي ورهايل پنهنجي ڌرتيءَ ڏانهن، مضبوط ۽ طاقتور پنهنجي قوم ڏانهن، قداور ۽ لسڙي کل وارن پنهنجن ماڻهن ڏانهن، جن کان سڄي دنيا ڊڄندي آهي، هڪ پيغام کڻي وڃو.” اٺين صدي ق. م جي پوئين اڌ ۾ يروشلم ۾ اَسايہ نالي هڪ عظيم نبي رهندو هو. اهو سوڊان تي خدا جو قهر نازل ٿيڻ جي اڳڪٿي ڪندي ماڻهن کي خبردار ڪري ٿو تہ: “اهو وقت ڄاڻ آيو، جڏهن دريائن ذريعي ورهايل اها ڌرتي، اها مضبوط ۽ طاقتور قوم، اهي قداوار ۽ لسڙي کل وارا ماڻهو، جن کان سڄي دنيا ڊڄي ٿي، خدائي برتر کي سوکڙيون پيش ڪندا. اهي خدائي برتر جي عبادت واري هنڌ صيهون جبل تي ايندا. اهي ڪانن جي ٺهيل ٻيڙين ۾ ايندا.” هنوقت تائين هٿ آيل سموريون تاريخي ۽ آثاري کوجنائون يڪراءِ متفق آهن تہ ’سنڌو ماٿر جا ماڻهو‘ ئي پهريان ٻيڙياتا آهن ۽ اهو بہ تہ تاريخ کان اڳ واري دور 7،000ق. م ۾ ڪانن جون ٻيڙيون ٺاهڻ جو ڏانءُ انهن کان سواءِ ٻئي ڪنهن وٽ نہ هو. ڇا اهي ڪانن جون ٻيڙيون عملي ۽ واپاري مال جو ڳرو وزن ڍوئي سگهڻ جيتريون مضبوط هيون ۽ ڇا اهي طاقتور وهڪرن ۾ وير جي لاٽ ۽ چاڙهہ جي سَٽَ سهي سگهڻ جهڙيون هيون يا ڇا اهي دنيا





جي تڪي ۾ تکي سنڌو درياءَ جي طاقتور سِيرَ جي لهندڙ چڙهندڙ ويرن جي سَٽَ سهي سگهڻ جهڙيون هيون؟ هڪ اهي سوال آهن، جن جو جواب تڏهن لهي سگهبو، جڏهن اسان وٽ انهن ڪانن ۽ ڪين ٻڌڻ لاءِ ڪم ايندڙ ٻئي مواد جي نباتاتي بناوت ۽ ٻيڙي ٺاهڻ لاءِ گهربل سائنسي اصولن بابت ڪا ڄاڻ هوندي. ڪانن جي ٻيڙين جو استعمال ڪڏهوڪو ختم ٿي چڪو، پر خوشقسمتيءَ سان اسان وٽ ’مور‘ نالي هڪ ذات جا ماڻهو موجود آهن، جيڪي اڄا تائين سڄي حياتي ٻيڙين ۾ گهارين ٿا ۽ ڪانن جون ٻيڙيون ٺاهڻ واري پنهنجي اباڻي هنر جي ڪين پوري ڄاڻ آهي. اهي ٻڌائين ٿا تہ ڪانا ٻن قسمن جا ٿيندا آهن؛ هڪڙا اهي جيڪي ڍنڍن ڍورن ۾ ٿيندا آهن ۽ ٻيا اهي جيڪي سنڌو درياءَ جي ڪنڌيءَ سان سُڪيءَ تي ٿيندا آهن. پهريون ’ڪانهن‘ ڪوٺبو آهي ۽ پويون ڪانو (سَرُ _ سنڌيڪار). ڪانهن جي کل ڏاڍي پڪي هوندي آهي، پر اندران پورو هوندو آهي. ڪاني (سر جو) جي کل بہ مضبوط هوندي آهي، پر اندران نرم، وزن ۾ هلڪڙو ۽ لچڪدار پوپو هوندو اٿس. پورو وڌيل تيار ڪانو 7 کان 9 فٽ ڊگهو ٿيندو آهي. ٻنهي جو مُنڍ ٿلهو ۽ پڇڙي سنهي ٿيندي آهي. ٿولهہ برابر رکڻ لاءِ هڪ جو منڍ ۽ ٻئي جي پڇڙي گڏائي رکبا آهن. ٻنهي ڪانن جي کل يا ڇِلُ ٻنهہ لسڙي ۽ تِرڪڻي هوندي آهي ۽ انهن تي رسيءَ جي ڳنڍ سُڪَ نہ ٻڌجي سگهندي آهي. ان ڪري ڳنڍيون ڳُرين جي ڳنڍين وٽ ڏبيون اٿن. هنن ڪانن لاءِ انگريزيءَ ۾ لفظ cane، پراڻي فرانسيسي ۾ canne، لاطيني ۽ يونانيءَ ۾ kanna ۽ عبرانيءَ ۾ qaneh آهي.

هنن ڪانن کي سُڪ ٻڌڻ لاءِ رسيون جانورن جي آنڊَن مان ٺهنديون آهن. آنڊَن کي چڱي طرح ڌوئي صاف ڪري گهربل ٿولهہ مطابق وڏن وڏن ٽڪرن ۾ وڍبو آهي. پوءِ انهن کي اُس ۾ سُڪائي، اَڪَ جو کير ڪٽائبو آهي ۽ وري سُڪائبو آهي. ائين ڪيترائي ڀيرا ورجائبو آهي. ائين ڪرڻ سان ’روڏو‘ سڏجندڙ اها وٽيل رسي ايڏي تہ مضبوط ٿي ويندي آهي، جو نہ ڇڄندي آهي ۽ نہ ٽِڙڪندي آهي. اڪ جو کير پيئڻ ڪري منجهس مستقل لچڪ پيدا ٿي ويندي آهي ۽ نہ پاڻي ڳاريندو اٿس نہ جيت لڳندو اٿس. ان رسيءَ سان ڪانن کي ٻنا ڊپ ڊاءَ جي سُڪ ٻڌي ۽ گهربل روپ ڏنو ويندو آهي.

آخر ۾ ڪانن سان ٺاهيل شهتير، ڪانن سان ٺاهيل تري ۾، آڪاري جي



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مضبوط ڏور سان ٻڌبا آهن، جنهن سان ڪانن واري انهي تري جي هيٺان اونڌا ڪري رکيل خالي دِلا ٻڌل هوندا آهن. انهن خالي دِلن ۾ ڀريل هوا ان تري مٿان لڏجندڙ سمورو بار جهليندي آهي. ڪانن سان ٺاهيل ٻچاءَ واريون ٻانهيُون لوڏا، ٺوڪرون ۽ جهٽڪا سهڻ جو ڪم ڏينديون آهن. اهڙي طرح اهي ٻڇنديون ناهن، البت اونڌيون ٿي پيون ته ٻڏي سگهن ٿيون يا باهه ساڙي سگهين ٿي.

نوح جي ٻيڙي بلاشڪ هڪ وڏو جهاز هو، جو ان ۾ جانورن توڙي پکين جي سڀني جنسن منجهان نر ۽ مادي شامل هئا. ان حوالي سان وڏا جهاز 2،000ق. م جي ايجاد ٿي سگهن ٿا، پر پنهنجي ڏيهه ۾ جهجهي مقدار ۾ ٿيندڙ مواد سان ٺاهيل ڪانن جون هي ننڍڙيون ٻيڙيون سنڌوءَ جي ماڻهن جي 6،000ق. م جي ايجاد آهن. ايڇ. جِي. ويلز پنهنجي ڪتاب ’اي شارٽ هسٽري آف دي ورلڊ‘ (ص. 65) ۾ لکي ٿو ته:“احرامن جي ٺهڻ کان گهڻو اڳ ڳاڙهي سمنڊ ۾ جهاز هلندا هئا ۽ يونوِچ سمنڊ ۽ ايراني نارِ ۾ 7،000ق. م ڌاري جهاز هلندا هئا. گهڻي ڀاڱي اهي مهاڻن جا جهاز هوندا هئا، پر ڪجهه واپاري ۽ ڦورو جهاز پڻ هئا.”

سو بلڪل ان ئي دور ۾ شڪار ۽ ڪاڌي-ميڙَ جا طريقا به سڌريا: ايندڙ ڏينهن لاءِ واڌو کاڌو سنڀالي رکڻ پڻ اڳ ۾ ئي سکي چڪا هئا. مهاڻن ترڻ لاءِ چمڙي منجهان سينڌاري ٺاهي ۽ ڄار پڻ ٺاهيائون.

شڪارين پٿر جي ڇاپڙن مان اوزار ٺاهيا. اهي پاڪستان جي سَنگهائو غار ۾ لڌا آهن. وچئين پهڻي دور (مِيسولِٿڪ) ۾ شڪار ۽ ڪاڌي-ميڙَ تي گذران ڪرڻ وارا پوري سليمان جبل سلسلي ۾ قبائلي ولرن جي صورت ۾ هڪٻئي سان جهٽ جهٽ گڏبا رهيا ۽ ائين آخري پهڻي دور (نيولِٿڪ) ۽ ڪنجهي جي دور (ڪَئلڪولِٿِڪ) وارن پاڙيسرين سان پڻ اڪثر ملندا رهيا. لڳي ٿو ته تير ۽ ڪماڻ جي استعمال انهن ڄاڻ سڃاڻ وارين ميل ملاقاتن دوران روپ ورتو. پٿر مان ڏاڍي صفائيءَ سان گهڙي ٺاهيل پوروچوٽ پاسن وارا ننڍڙا ڦَرَ انهي دور (40،000 کان 10،000ق. م) جا اوزار آهن. پٿر جي مٿان ڪو هڏو يا ڪنهن سخت ڪاٺيءَ جي ڇهنب رکي مٿان ڌڪ هڻي هي ڦَرَ ٺاهيا ويندا هئا. چرُن (غارن) ۾ رهندڙ ماڻهن جا ٺاهيل ٺِڪر جا آڏا ڦڏا ٽانوَ ايران جي بختياري جبلن مان تَنگي-اي-پبڙا وٽان لڌا آهن. اهو 15،000 کان 10،000 ق. م واري دور جو سڀ کان آڳاٽو مثال آهي. اهڙا ٽانوَ ميداني علائقن مان به لڌا



books.sindhsalamat.com



آهن. باهه ذريعي ڪارا ڇُتا ٺهيل ڪنپارڪا ٽانوَ هٿ سان ٺاهيل ٽانون ۾ نئون واڌارو ٿيو. انهي سان سِيالڪ ايران ۾ هڪ نئون هنر اُسريو. گوشت جا ڳترا وڍي ۽ چُلهه ۾ پچائجڻ لڳو هو.

وچئين پهڻي دور (جڏهن لسڙي پٿر جا هٿيار ۽ اوزار هلندا هئا) ۾ اٽڪل 10،000 کان 5،000ق. م جي وچ وارو زمانو اچي وڃي ٿو. وچ اوير ۾ نئين پهڻي دور جي شروعات ڇهين هزاري ق. م ڌاري ٿي ۽ پوءِ ايران تائين پکڙيو. 3،700ق. م ۾ خچر، رڍون، ٻڪريون ۽ ڏاند گهرن ۾ ڌارجي چڪا هئا ۽ مٽيءَ جي سِرُن جا يا اوڏڪا (چاوڙي) گهر ٺهڻ لڳا هئا. سنڌو ماٿر ۾ ڪُتو لڳ ڀڳ رڍون ۽ ٻڪريون ڌارڻ واري ساڳئي دور يعني 8،000 کان 7،000ق. م ۾ ڌارجڻ لڳو. يورپ ۾ ڪتو 7،500 ق. م ۾ ڌارجڻ لڳو. جڏهن ته آمريڪا ۾ اهو 8،400 ق. م ۾ ڌاريو ويو. ٽانوَ هٿ جا ٺهيل ۽ سادا هوندا هئا. آخري پهڻي دور جي ابتدا ننڍڙي پٿريءَ جي ڦَرَ وارن (مائڪرولِٿ) اوزارن سان سڃاتي وڃي ٿي. ننڍي پٿريءَ وارا ڦَرَ (مائيڪرولِٿڪ) اوزار آهن ۽ وچيون پهڻي دور (مِيسولِٿڪ) رهڻي ڪهڻيءَ جو طريقو آهي. انهي کي آخري پهڻي دور جو واڌو حصو چئي سگهجي ٿو.

6،800ق. م ڌاري مڇي ڦاسائڻ لاءِ ڪنڍيون، سُئا، ڄار ۽ پکين لاءِ ڪوڙڪيون ٺهي چڪا هئا. رڌ پچاءُ باهه وارين چُلهين تي ٿيندو هو، جيڪي باهه جو تَو لڳي لڳي پچي ٺڪر جون ٿي وينديون هيون. وسنديون عام طور تي ننڍن ننڍن ويڙهن جي روپ ۾ هونديون هيون ۽ ڪچيون وسنديون جهٽ جهٽ جاءِ مَٽائينديون رهنديون هيون: ڪڏهن ڪڏهن ته موسمي ڪاڌن جي سانگي به. پنهنجي منهن ٿيندڙ ميوا چوندڻ واري اها ريت پاڪستان جي خشڪ علائقن – سومرن جي ٿل ۽ ٿر – ۾ اڃا تائين جاري آهي. فطرت جو وڏو عاشق خواجا غلام فريد پنهنجي ڪافيءَ ۾ انهي ريت جو ذڪر هيئن ڪري ٿو: آ چُڻون رَل يار، پِيلُون پڪيان نِي (آءُ ته چونڊيون گڏجي يار، پيرُون پَڪا آهن). ساڳئي نموني سرائڪي ٻوليءَ جون چوڻيون، جهڙوڪ: “ٻير پڪي ڙُر آئي سَڪي” (ٻير پڪا، مِٺَ موٽِي آيا) يا “جَئن دي پير اُون دي ٻير” (جنهنجا پيرَ تَنهنجا ٻير) وغيره. پڻ سانگين جي اهڙي لڏ پلاڻ جو ڏس ڏين ٿيون. درياءَ جي ڪنڌين سان لاڪڙ جون جهوپڙيون ٺاهيندا هئا، جيڪي اچرج جي ڳالهه ته هاڻ به ٺهن ٿيون. (هنن چوڻين ۾ ميڙ چونڊ ۽ شڪار تي



www.sindhsalamat.com

گذران واري دور جي نشاني هڪ اڻ لکيل اصول 'جو اڳي سو تڳي' جو حوالو آهي، جنهن هيٺ گهرن کان ٻاهر جهنگن ۾ پنهنجي منهن ٿيندڙ سڀ ميويدار وڻ ٽِر جي سمورن رهواسين جي گڏيل ملڪيت ليکبا آهن — سنڌيڪار).

آخري پهڻي دور جي پڇاڙي 3،100ق. م ڌاري ٿي. خبر ناهي ته اهو سنڌو ماٿر ۾ ٺيڪ ٺيڪ ڪڏهن شروع ٿيو. ان جو مُک پاڙُ ڪڙمت واري زندگيءَ ۾ ٽِپڻ آهي. صدين کان وٺي سومرن جي هاڪ هلندي اچي ته اهي بهترين ڪڙمي ۽ ماهر مالوند آهن. روينيو رڪاڊن ۾ به کين 'جاٽ' معنيٰ ڪڙمي ڪري ڄاڻايو ويو آهي. جاٽ جاننا، محنتي ماڻهو ۽ هر قسم جي سِوِل يا فوجي ذميداري نڀائڻ لائق هوندا آهن. ڄاڻُو اسان کي ٻڌائين ٿا ته 'جاٽ' لفظ سِٽ (عربيءَ ۾ زَت) جو بگاڙ آهي. سومرن جي اها روايت ته، 'اوڏيس طور سڃاپندڙ سندن ديوتا 'اِي' روز صبح جو اِريٿيرِيَن سمنڊ کان ايندو هو ۽ کيترن ٻين هنرن سان گڏ کين زراعت به سيکاريندو هو'، هن بيان سان ٺهڪي اچي ٿي. ڪڙمت، پوکي راهي ۽ مال ڌارڻ ذريعي معاشي زندگي پيدا ڪئي. عام طور ڪڻڪ، جَوَ ۽ ٻاجهري ٿيندا هئا. جيئن ته زرعي فصل پنجن يا ڇهن مهينن کان پوءِ لوب ڏيندا آهن، تنهنڪري انهن جو اَنُ سنڀالي رکڻ ضروري ٿي پيو. ماڻهن ڳوٺ وسائڻ شروع ڪيا ۽ اڳتي هلي شهر. اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ وارن ماڻهن منجهان سومرا سڀ کان نروار هئا.

وچ اوڀر ۾ سڀ کان آڳاٽو شهر يروشلم (8،000 کان 6،000 ق. م) آهي. زيور سِپُين ۽ پٿر مان ٺاهيندا هئا. ڪنپارڪا ٿانوَ ايران ۾ ٺهندا هئا. اهي سنڌ جي ماڳ آمريءَ ۾ 3،000ق. م ڌاري پهتا. مصر ۾ نيل جي ڪنڌين سان ۽ ميسوپوٽام ۾ دجله-فرات جي ڪنڌين سان وڏيڪ سڌريل سيئتا اُسري. چين ۾ انهي جي همعصر سيئتا هوَانگ هُو درياءَ جي پاسن سان اُسري. انهن ڏينهن ۾ سنڌو ماٿر ۾ ڪڻڪ جي پوک ٿيندي هئي. مکئي آمريڪا ۾ ۽ چانور چين ۽ ڏکڻ ڀارت ۾ ٿيندا هئا. سڀ کان آڳاٽي مکئي پيبيُولا (ميڪسيڪو) ۾ 5،000ق. م پيدا ٿي.

ايشيا ۾ وچيون پهڻي دور 8،000 کان 6،500ق. م تائين هلي ٿو. هن دور ۾ مڇي ڪُنڊين، سُئن ۽ ڄارن سان ڦاسائبي هئي: رڌ پچاءُ پٿر يا ٺڪر جي ٿانوَن ۾ ٿيندو هو. 7،000ق. م ۾ نين اڻ-ڪاشيل پهڻي سطحن جو پتو، غاري موڙ (افغانستان) وارا چقمقي پٿر جا اوزار، ڏاٽي جا ڦَرَ، ٺاٺارن جا اوزار ۽ هڏن جون



books.sindhsalamat.com



گهڙيل ڇهنبون، ڏين ٿا. سنڌو ماٿر ۾ اهي اوزار هڪ هزار سال پوءِ ظاهر ٿيا، ڇاڪاڻ ته آڳاٽا ماڻهو خيبر لَڪ جهڙن اُچن ۽ ڏکين جبلن کان لهرائيندا هئا ۽ ڏکڻ-اوڀر ايران ۽ مڪران جي پاسن وارا (مُولا لَڪ) سولا دڳ وٺي سنڌو ماٿر ڏانهن اُڪري اچڻ کي ترجيح ڏيندا هئا. هتي اها ڳالهه ڪرڻ به ضروري آهي ته ڊاڪٽر جي. پِي. جيرِيئيج جي اڳواڻيءَ ۾ فرانسيسي آثار پارکن پاران کيل مهرڳڙهه ۽ پيرڪ جي کوٽائين پاڪستان ۾ ڪنجهي دور جو سڄو مفهوم ئي مَٽائي ڇڏيو آهي. هتي اسان کي انهي دور جي ابتدا لڳ ڀڳ اولهه واري ساڳئي وقت (يعني 8،000ق. م) ٿيندي نظر اچي ٿي. سنڌو ماٿر ۾ آخري پهڻي سيئتا، بنا ڪنهن پرڏيهي مداخلت جي، فطري اوسر سان ڪنجهي واري دور ۾ پير پاتو. خاص ڪري ٽن اهم ماڳن: مهرڳڙهه، پيرڪ ۽ نوشهري جي ليٽ سان، پاڪستان جي تاريخ ۾ خال ڇڏيندڙ سيئتائي وِٿي هاڻي پَربِي نظر اچي ٿي.

آخري پهڻي (زراعت ڳاڏڙ پٿر جو نئون دور) مرحلو برطانيه ۾ 3000 کان 1800 ق. م دوران آيو ۽ نيوزيلينڊ ۾ اهو 1000ع تائين هليو، پر وچ اوڀر ۾ ان جو دور 7000 کان 3500ق. م آهي. سنڌوءَ جو پيٽ پاسن کان مٿي هجڻ ۽ اُتلي ٻنهي پاسي اٽڪل ويهن کان ٽيهه ميل ويڪري پٽي ٻوڙڻ واري سندس رَوَش جي ڪري، سنڌو ماٿر جا هيٺيان ميداني علائقا انهي مرحلي لاءِ مصر ۽ عراق کان وڌيڪ موافق هئا. هتي يعني سنڌوءَ ۽ منجهس ڇوڙ ڪندڙ مِڙني دريائن جي ماٿريءَ ۾ هي مرحلو ۽ ڪنجهي (جڏهن ٽامو ۽ ڪنجهو زراعت ۾ استعمال ٿيندو هو) وارو مرحلو 3100 کان 3000ق. م دوران آيو.

4000ق. م دوران ايراني ڪنپارن جانورن، پکين ۽ ڇال ڏيندڙ سَرهَن (وٿيل سڱن وارو جهنگلي ٻڪر) جي قطارن واري ڳُوڙهي ڳاڙهي تَرَ تي ڪارا ڇِٽَ متعارف ڪرايا. اها قديم دنيا ۾ بلڪل انوکي شيءِ هئي.

ان هزاريءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري ڪنپارڪن ٿانوَن جو هنر سيستان، بلوچستان ۽ سنڌو ماٿر تائين پکڙيو. انهي دوران ڪنهن وقت اوائلي ڪنپارڪو چَڪُ سِيالڪ-III ۾ ايجاد ٿيو. اهو ڪاٺ جي سادي دابڙي وانگر هوندو هو، زمين تي رکبو هو ۽ هيلپر انهي کي ڦيرائيندو هو. اهو سنڌو ماٿر ڏانهن هوريان هوريان آيو. ڪوٽ ڏيجي ثقافت جي ابتدائي مرحلن ۾ ڪنپارڪا ٿانوَ گهڻي ڀاڱي هٿ تي ٺهيل هوندا



www.sindhsalamat.com

هئا، پر هوريان هوريان انهن جي جاءِ تي چَڪَ تي ٺهندڙ ٿانوَ اچي ويا. آمريءَ ۾ اهي ابتدا کان ستت پوءِ ئي پهچي ويا هئا، ڇاڪاڻ ته اتي سومرا ڪڙمين ۽ ٻوٽ سيئتا سرجيندڙن جو روپ وٺي اڳي ئي آباد ٿي چڪا هئا.

چَڪَ تان لاٿل سڀ کان آڳاٽا سمجهيا ويندڙ 3250ق. م وارا ڪنيارڪا ٿانوَ عُر جي کوٽائيءَ مان لڌا آهن. پاڪستان ۾ ڪنيارڪن ٿانوَن جي استعمال جي پهرين شاهدي ڪِلي گل محمد (ڪوئيٽا ويجهو) مان ملي ٿي، جيڪو ماڳ 3600 کان 3300ق. م تائين آڳاٽو آهي. انهن تي ٿڌيءَ جا نشان ۽ ڪچيون ڦڪيون جاميٽريائي ڊزائنون آهن، جيڪي 3400 کان 3300ق. م واري دور جون آهن.

اڳي چيو ويندو هو ته اتر ۽ وچ بلوچستان ۾ ثقافتي تبديليون نوَن ماڻهن جي اچڻ سان آيون. هاڻي نتيجو ڪڍيو ويو آهي ته اهي نوان ماڻهو ڏکڻ اولهه ايران کان آيا، جن پڇاڙيءَ ۾ آمريءَ ۾ سڀ کان آڳاٽيون وسنديون وسايون. اهي آمريءَ وارا دراوڙ نه هئا – اهي سومرا هئا، جيڪي سمنڊ جي چڙهڻ وقت سنڌو ماٿر جي پَٽَن مان سليمان جبل سلسلن جي آس پاس وارن سمورن علائقن ۽ ڏکڻ اولهه ايران ڏانهن هليا ويا هئا. اتان اهي سُمير پهتا، جتي آباد ٿيا، انهي جاءِ تي پنهنجو نالو رکيائون ۽ سيئتا سرجيائون. آثار پارکُو (آرڪيالاجسٽ) انهن کي اَل-عُبيدِي سڏين ٿا. انهن کان وڌيڪ طاقتور قبيلن انهن کي اتان ڪڍيو ۽ سليمان جي هِنَ پاسي موٽي اچڻ تي مجبور ڪيو. اهي آمريءَ واري هنڌ پهچي متاهِيُن جاين تي آباد ٿيا. انهي آباديءَ کي اڳلين صدين ۾ سنڌ ۾ اتم درجي شهري سيئتا جو پيچرو ٺاهيندڙ اڪيلي اهم ترين دريافت سمجهڻ گهرجي. انهن آمريءَ ۾ جيڪا سيئتا سرجي سا نيل، دجله ۽ فرات جي شهري زندگيءَ جي همعصر هئي. ڪن آثار پارکُن جي دعويٰ آهي ته اهي پرڏيهه مان آيل اِيلامِي نه هئا؛ اهي قديم سِٽِي هئا. اصل ۾ قديم سِٽِي چوٿين برفاني جُڳ دوران ڪاري سمنڊ جي ساڄي ۽ کاٻي پاسن کان ٻين سان گڏ آيا ۽ ميسوپوٽامر جي آس پاس آباد ٿي ويا هئا. انهن منجهان ڪي قبيلا سنڌ ۽ بلوچستان ڏانهن اُڪري آيا هئا ۽ ڊگهي عرصي تائين ٽانيڪا ٿي نه ويٺا هئا. جيئن ته قبيلن جا هڪٻئي کان ڌار سڃاڻپ لاءِ قومي نالا نه هئا، تنهنڪري گڏيل لڏ پلاڻ سبب سڀ گڏ مِس ٿي ويا. اهو پڪ سان چوڻ ته ڪو خاص قبيلو لڏي ڪنهن خاص جاءِ تي وڃي آباد ٿيو تمام ڏکيو آهي. ان هوندي به اهو مڃڻ جا مضبوط سبب آهن ته جن







آمري سيئتا سرجي، سي پنهنجي ئي نالي پٺيان آباد "سُمير" منجهان بيدخل ٿي، اِيلام کان آيل سومرا هئا. ايران، مڪران ۽ سيستان ۾ پکڙيل سُوسا جا اوائلي اِيلامي 3000 کان 2900ق. م دوران ڪنهن طرح ٽڙيا پکڙيا؛ نتيجي ۾ سومرا اوڀر طرف سيستان، مڪران ۽ پوءِ سنڌ ڏانهن لڏي آيا ۽ ڪنيارڪو چَڪُ ۽ اُسريل آخري پهڻي ثقافت به پاڻ سان کڻي آيا. ڏکڻ اولهه ايران واسين جي سنڌو ماٿر ڏانهن اها سڀ کان پهرين لڏ پلاڻ آهي. 'نارُ' به انهن آندو. اها، اصل ۾، جيئن مٿي چيو ويو آهي، سنڌ واسين جي، ميسوپوٽامي ڌرتيءَ تي وڏو عرصو گهارڻ کان پوءِ، پنهنجي ڌرتيءَ ڏانهن موٽ هئي.

ڪجھ صدين کان پوءِ جڏهن سومرن آمريءَ ۾ طاقت حاصل ڪئي، انهي جي آس پاس زمينون والاريائون ۽ شهري سيئتا جو تاجي پيٽو اُٽيائون، تڏهن اتان وري ٿَر واري علائقي ڏانهن ويا (جيڪو تن ڏينهن ۾ وسندڙ علائقو هو ۽ ماهر ڪڙمين جي راهه ٿي تڪيائين) ۽ اَمر ڪوٽ (عام طور عمرڪوٽ لکجندڙ) ۽ اومرا-سومرا جهڙا شهر اڏيائون. انهن سامونڊي سرگرميون پڻ شروع ڪيون. پرمارن جي 35 نُکُن (جن مان پنجينءَ کي ڪرنل ٽاڊ اومرا ۽ سومرا ڪوٺيو آهي) منجهان پهرين مورِي آهي (جنهن مان چندرگُپت هو). سومرن جي هيءَ نُکَ ماهر ٻيڙياتا هئا ۽ سنڌوءَ ۽ انهي ۾ چوڙ ڪندڙ دريائن ۾ هلندڙ ٻيڙين ذريعي واپار ڪندا هئا. سنڌو ماٿر ۽ ميسوپوٽامر جي وچ ۾ پاٽيءَ وسيلي واپار وارا لاڳاپا 3000 کان 2000ق. م دوران نهيا هئا، پر اهي وڏيا ستين ۽ ڇهين صدي ق. م ۾ هئا. انهي ڪم ۾ دراوڙ پڻ ساٿن ڀاڱي ڀائيوار هئا، جيتوڻيڪ ابتدا فونيشائين ڪئي هئي.

اسان ڏسي چڪا آهيون ته آمريءَ ۾ زور وٺڻ کان پوءِ سومرن پنهنجي چوڌاري شهري سيئتا جوڙي. سندن اڏيل ڪجھ شهرن تي سندن ذات سومرا جي نسبت سان نالا پيا. ڪرنل ٽاڊ پنهنجي ڪتاب 'ائنَلز اينڊ اينٽيڪُئِٽِيز آف راجستان' ۾ چوي ٿو ته: "پرمارن جي ٻيون نمبر نُکَ سوڍن (يوناني ليکڪن مطابق سوگدائي ۽ هندستاني رٽن ۾ ڊَٽَ جا شهزادا) جا پاڙا هئا؛ اومرا ۽ سومرا. انهن جي سردارن اومرا ڪوٽ ۽ اومرا-سومرا تي نالا رکيا. هتي سوال ٿو اٿي ته هي لفظ اومرا ڇا آهي؟ ڇا انهي جو آمريءَ سان ڪو تعلق جُڙي ٿو؟ جواب آهي ها. سنڌو ماٿر جي پراڻي ٻوليءَ ۾ صفاتي نالا هيئن ٺهندا هئا؛ ٿر لفظ منجهان صفاتي نالو ٿيو 'ٿورِي'

معنيٰ ’ٽر جو رهواسي‘. گرامر جي ساڳئي اصول هيٺ آمريءَ منجهان اومرا ٿيو. دلُوراءِ جي ڪهاڻيءَ ۾ پڻ انهي جي ياءُ جو نالو ڇتو اَمراڻي ملي ٿو. هتي بہ اَمراڻي لفظ جي معنيٰ آهي آمريءَ جو رهواسي. اجا هڪڙي ٻي سمجهاڻي بہ آهي. انجيل ۾ اسان کي هيءَ ڪهاڻي ملي ٿي:

’اسرائيل جا ماڻهو ورهايل هئا: انهن منجهان ڪن طِبني پٽ جِناٿ کي بادشاهہ بڻائڻ تي گهُريو ۽ ڪي اومرِي جا حمايتي هئا. نيٺ اومرِي جا حمايتي سوڀارا ٿيا: طِبني مري ويو ۽ اومرِي بادشاهہ ٿي ويو. ائين جُوده جي بادشاهہ آسا جي حڪمرانيءَ جي ايڪٽيهين سال اومرِي اسرائيل جو بادشاهہ بڻجي ويو ۽ ٻارهن سال حڪومت ڪيائين. پهريان ڇهہ سال تِرزه ۾ حڪومت ڪيائين ۽ پوءِ شِمر نالي شخص کان چانديءَ جي ڇهن هزار ٽُڪرن عيوض سَماريا جي ٽَڪري مله ورتائين. اومرِي ٽَڪريءَ کي قلعي بند ڪيو، اتي شهر اڏايائين ۽ ان تي ٽَڪريءَ جي اڳوڻي مالڪ شِمر جي نالي پٺيان سَماريا نالو رکيائين.

ڇا هنن نالن ۾ هڪجهڙايون محض اتفاق آهن؟ انهي تي روشني وجهڻ وارو ڪم تاريخدانن، آثار پارکن يا انجيل جي ڪنهن ڄاڻُو اسڪالر تي ڇڏڻ گهرجي.

پُراڻن جا ليکڪ سُومَر کي اتر قطب سان جوڙين ٿا. سندن تشريح آهي تہ مُنڍ "سُو" معنيٰ "پلو" يا "پاڪ" ۽ لفظ "مِير" معنيٰ جبل: جيئن پامِير، ڪشمير وغيره. اهڙي ريت لفظ "سُومَر" معنيٰ پاڪ ٽَڪري. ڪرنل ٽاڊ چوي ٿو تہ برهمڻن جي دعويٰ موجب اها پاڪ ٽَڪري مها ديو، آدِيسوَر يا بگيس جو آستان آهي ۽ جينين موجب پهرئين جِينِيسوَر آدناٿ يا مهاتما جين جو آستان. سندن چوڻ موجب انهي هتي انسانذات کي ڪڙمت جو هنر ۽ سڌريل جِيوَن جا ٻيا گُرَ سيکاريا. هيءَ اها ئي ڪهاڻي آهن، جنهن ۾ اڏ مڇي اڌ انسان ديوتا اوٽيس لاءِ چيو ويو آهي تہ انهي سومرن کي ڪڙمت، ڏاتوءَ جو ڪم ۽ اڏاوتن جو هنر سيکاريو.

هندستاني مصنفن وٽ آڇڻ لاءِ اجا هڪڙي ٻي سمجهاڻي آهي:

مسٽر اي. اين. چندرا پنهنجي ڪتاب ’رِگ ويدِڪ ڪلچر اينڊ دي انڊس سِولائيزيشن‘ (ص. 148) ۾ وضاحت ڪري ٿو تہ: "سُميري دور جي تاريخ جي ابتدا جو ڪاٿو ٽين هزاري ق. م کان ٿورو اڳ لڳايو ويو آهي. اهو انڊ ٽيڏو نٿو لڳي تہ سُميريا نالو سنسڪرت لفظ ’سوما‘ (سوما–ريا) منجهان نڪتو هجي، جيٿوٽيڪ



books.sindhsalamat.com



انجيل جي روايت ’سَوما‘ جي معنيٰ آهي ’چنڊ‘: ۽ وڻ ويڙهي وَلِ پڻ، جنهن منجهان قربانيون ڏيڻ مهل پيئڻ لاءِ رس ڪڍبي آهي ۽ انهي جي معنيٰ سچ پڻ آهي. عُر جي کوٽائيءَ جي انچارج سر ليونارڊ وُولِي جو اصرار آهي تہ سومرا اوڀر کان شِنار ماٿريءَ ۾ آيا.

هڪ نشيدار ٻوٽي سوما (جنهن کي فارسيءَ ۾ هَوما ڪري اچاريندا آهن) مان لفظ ’سُومرا‘ ڪڍي ۽ انهي جو سوما-را يا سوما-رائو اشتقاق ٺاهڻ لسانياتي حوالي سان درست ناهي. البت انهي مان اهو نتيجو ڪڍڻ ۾ وزن آهي تہ سومرا ميسوپوٽامي علائقن ڏانهن اوڀر پاسي کان ويا هئا، يا اجا چِٽواهو تہ، سنڌو ماٿر (ايران جي ڏکڻ اوڀر) کان ويا هئا.

هي ڪتاب ڇپائيءَ ۾ وڃڻ لاءِ لڳ ڀڳ تيار هو، تڏهن 30 مئي، 1991 تي بزنس رڪارڊر اخبار جي هفتيوار ايڊيشن ۾ هڪڙو مقالو ڇپيو، جنهن جو عنوان هو: "ڪولمبس، ٽَرڪس آر فِينِيشِيَنس؟" هن مقالي جي ليکڪ ثابت ڪري ڏيکاريو تہ آمريڪا جي چوڌاري وارن سمنڊن ۾ ڪولمبس کان اڳ ڪيترا ئي ساموندي وڻجارا ننڍڙين ٻيڙين ۾ چڙهي چڪر لڳائي چڪا هئا، جن منجهان ڪجهہ ڪانن سان ٺهيل هيون ۽ اهي ايشيا جا ماڻهو هلائيندا هئا. مقالي جي ليکڪ ايم. جي. سعيد ۽ اخبار جي ايڊيٽر جي ٿورن سان اسان ان مقالي منجهان ڪجهہ ٽڪرا هتي ڏيون ٿا:

اسڪينڊي نيوِيا جو جڳ مشهور ۽ همٿ وارو ساموندي وڻجارو ۽ اَڄهل محقق ٿور آيردهل اتر آفريقا کان اٽلانٽڪ مهاساگر رستي 3000 ميلن کان مٿي جو سفر پنهنجي مصري پَنِ واري ٻيڙيءَ ۾ ڪري ڪيريبِيَن ٻيٽ ۽ باربيڊوس تائين اهو ثابت ڪرڻ لاءِ پهتو تہ، مصري مقبرن جي پٿين تي ٺهيل تصويرن جو ڏيان سان اڀياس ڪرڻ کان پوءِ، مصري پَنِ مان ٺاهيل سنڌس ٻيڙيءَ جهڙيون ٻيڙيون ڪولمبس کان اٽڪل ڇهہ هزار سال اڳ نئين دنيا جي ساحلن تي بلڪل پهچي سگهيون هونديون.

پر آمريڪا سچ پچ پهريان ڪنهن ڳولي لڌو، تنهن تي تڪرار اجا جاري آهي. ڊاڪٽر گورڊن ۽ نيو يارڪ جي نيشنل هسٽري ميوزيم جو جڳ مشهور اسڪالر ايخوم ان راءِ جا آهن تہ: لڳي ٿو تہ يوناني تاريخدان هيرودوٽس سچ تي هو تہ فونيشيائي، جن آفريقا جي چوڌاري چڪر لڳايا هئا، جبرالٽر کان نئين دنيا ڏانهن



www.sindhsalamat.com

وچڻ لاءِ اٽلانٽڪ مهاساگر پڻ اُڪريا هئا. واشنگٽن جي سِمٿسونِيَن انسٽيٽيوٽ جي محققن ايڪئاڊور ۽ جاپان جي 2000ق. م وارن ڪنيارڪن ٺانوَن ۾ چرڪائينڊڙ هڪجهڙايون ڳولي لڌيون آهن. ان کان سواءِ پيڪنگ (بيجنگ) جي محققن پنهنجي ان دعويٰ لاءِ هنري نمونن سميت ثبوت گڏ ڪيا آهن ته هڪڙي ٻُڌ ڀڪشوءَ ٻيڙي ٺاهي، سست (پيسيفڪ) مهاساگر اُڪرڻ لاءِ عملو سيڪاري تيار ڪيو ۽ ميڪسيڪو جي ساموندي ڪنڌيءَ تي قدم رکيائين.

اسان جڏهن ڪولمبس کان اڳ ٿيل ساموندي سفرن بابت پڙهون ٿا ۽ سمنڊ جهاڳڻ جي قديم ڏانءَ بابت سوچيون ٿا ته ڪو راز باقي نٿو بچي ته ڪيتريون ئي ننڍڙيون ٻيڙيون اٽلانٽڪ مهاساگر اُڪري ويون هونديون؛ سچ پچ! نوجوان نُومي جيمس پنهنجي 46 فٽن واري ٻيڙيءَ ۾ اڪيلي سِر سڄي دنيا جي چؤڌاري چڪر لڳائي آئي.”

هي مقالو پوري طرح اسان جي دعويٰ سان ٺهڪي اچي ٿو ته سومرن جو ”مور“ پاڙو سچ پچ ٻه ڪانن جي ٻيڙين جو مُوجِد هو. سومرن جي رهنمائيءَ ۾ انهن مورن سنڌو درياءَ جي ڪنڌين سان ڪيترين ئي وسنديون وسايون ۽ ميسوپوٽامي ملڪن تائين ڪيترين صديون دريائي واپار جاري رکيو. جن جاين جي نالن ۾ لفظ ’مور‘ اچي، جهڙوڪ: مورِي، مور جهنگي، ڪشمور، مورو، گڙهي موري (افغانستان) وغيره، هن نظرئي کي صحيح ثابت ڪرڻ جا لسانياتي ثبوت آهن.




سومرا راڄ گهراڻو

## باب چوٿون

# ماھر ٻيڙياتا ۽ ساموندي وڻجارا

سيئي سُمير پارکُو ان ڳالھ تي متفق آھن تہ سنڌو ماٿر واسي زبردست ٻيڙياتا ھئا. وٽن سُتڪاگيندر (ايراني نارِ جي ڀاھرئين مُنھن ويجھو) کان وٺي ڪئمبيءَ جي نارِ تائين اٺ سو ميل ڊگھي ساموندي ڪنڌي ھئي. انھن لوٿل (ھنوقت ڀارت ۾، ڪئمبي اُپسمنڊ کان ٿوري پنڌ تي) ۾ جھاز ناھڻ جي ھڪ سٺي رٿيل پَڪِسرائين گودي ناھي ھئي، جنھن ۾ چنڊٽن، ڀاٽي ڀڏڻ جي ڳنڍين ۽ مال لڏڻ لاءِ ڊِڪن سميت سموريون سھولتون ھيون. جيئن تہ سنڌو ماٿر جا رھواسي ڪي ٻيا نہ پر سومرا ھئا ۽ دراوڙ انھن سان رَلي مِلي ھڪ قوم بڻجي چڪا ھئا. تنھنڪري ھنن سيني شين جا اڏيندڙ ڇِتا پِتا سومرا ھئا. سُمير جي ڪوتائيءَ مان لڌل قرھين تي دِلمُون جا جھاز ڇتيل آھن، جيڪي اينڪِي ديوتا پنھنجي بندر تي پَڳھَہ ڪوڙي بيھاريا ھئا. سُمير (يا سُميريا) جو بادشاھ عُر-نانشي (2400ق. م) پنھنجي راڄڌاني لگاش جي بندرن تي ڪاٺ ڪٽي ايندڙ دِلمُون جي ٻيڙين جي ڳالھ ڪري ٿو. ساڳي طرح سرگن اعظم پنھنجي آگادي وارن بندرن تي دِلمُون جي ٻيڙين جي پھچڻ جو ذڪر ڪري ٿو.

سنڌو ماٿر ۽ فرات جي وچ تي واپار بلاشڪ تمام آڳاٽو آھي. ھن لاڳاپي جو سڀ کان پراڻو اھڃاڻ مِتان ڪپوڊوسيا ۾ مِتاني جي حِطائي بادشاھن جي چوڏھين يا پندرھين صديءَ سان تعلق رکندڙ چِيرائين لِپيءَ (cuneiform) وارن ڪتبن ۾ لِپي پوي. تن وڏن واپاري ڏڳن تاريخ کان اڳ وارن جُڳن کان وٺي ھند کي اولھ سان ڳنڍيل رکيو آھي. انھن ۾ سڀ کان سولو، يا مٿان پراڻو بہ، ايراني نارِ وارو ڏِگ ھو. آڳاٽو ٽين ھزاري ق. م ۾ سُمير جي بندرگاھن تي عاج، پولڙا، مور ۽ قيمتي پٿر جا ٿانوَ آٽيندڙ ۽ ڏاري ٻوليءَ ۽ مذھبي روايتن وارن مڪران جي سوداگرن جون مبھم روايتون جتاڪا ڪھاڻين ۾ پوِرتا سان سانديل آھن.





لڳي ٿو تہ سوٽي ڪپڙو ھڙپا سيئتا لاءِ ھڪ اھم واپاري وَٿُ ھوندو ھو ۽ اھو بہ تہ ميسوپوٽامر سان گھٽ ۾ گھٽ ڪجھ واپار ڀڪ سان سوٽي مال جو ھوندو ھو. پوءِ وارن تاريخي دورن ۾ ان ملڪ ۾ ھندي سُٽَ "سنڌو" نالي سان سڃاتو ويندو ھو ۽ يونانين وٽ اھو "سِندَن" ٿي پھتو.

مسٽر ايچ. سِي. رالِنسن پنھنجي ڪتاب 'انٽرڪورس بٽوين انڊيا اينڊ دي ويسٽرن ورلڊ' ۾ لکي ٿو تہ: "دعويٰ ڪئي وئي آھي تہ آشربَنيپال (668-626ق. م) جي لائبريريءَ ۾ ملندڙ 'سنڌو' لفظ 'ھندستاني سُٽ' واري مفھوم ۾ جاري ٿيو آھي ۽ چيو وڃي ٿو تہ اھو لفظ گھٽو پراڻو ۽ اصل ۾ اڪادي ٻوليءَ جو آھي، جتي اھو 'وَنَسپَتِي سُٽ' (وڻ جي ڪپھ) جي معنيٰ واري علامتي نشان طور چيو ويندو آھي. آشربنيپال لاءِ سمجھيو وڃي ٿو تہ اھو ھڪ ٻلوڙ آبادگار ھو ۽ ھندستاني ٻوٽا موڪليندو ھو، جن ۾ ھندستان جا "اُنَ جھليندڙ" ٻوٽا بہ شامل آھن. سطح ڪھڙي بہ ھجي پر اھا خبر آھي تہ اولھ ھند جو سُٽَ جو واپار گھٽو آڳاٽو آھي.

'ھند تي اھو نالو ڪيئن پيو' واري سوال تي ٽيڪاٽپڻي ڪندي ريو. ايچ. ھيرس، ٽائيمس آف انڊيا ۾ ڪيترا ئي دلچسپ رايا ڏنا آھن. ھو چوي ٿو تہ: "ٻبيرُو جتاڪا جا وَنيار ۽ ٻيا سوداگر ميسوپوٽامر ڏانھن جيڪو پلو سوٽي ڪپڙو موڪليندا ھئا، تنھن کي سُميري ۽ بابلي دستاويزن ۾ سِنڌُو سڏيو ويو آھي: بلڪل ائين جيئن دمشق ۾ ٺھندڙ ريشم اجا تائين 'دمسڪ' سڏجي ٿو، ڪيلِيڪَٽ جو سوٽي ڪپڙو (ھِرڪ، بافتو) 'ڪيلِيڪو' ۽ ڪشمير جو بھترين اوني ڪپڙو 'ڪشميرو' سڏجي ٿو. ھيروڊوٽس بہ ٻڌائي ٿو تہ مصري مَميُون جنھن بھترين سوٽي ڪپڙي ۾ ويڙھيل ھيون، سو سِنڌُو سڏبو ھو. پر ھند جو ڪپڙو انھي کان بہ اڳتي ويندو ھو. اھو ڪپڙو جڏھن روم پھتو تہ اتي بہ انھي کي ساڳئي نموني سِندُو سڏيو ويو ۽ اھو نالو لاطيني ٻوليءَ ۾ پڻ متعارف ٿيو — سِندو-اونس — معنيٰ ڪٽ تي وڃائڻ لاءِ سوٽي ڪپڙي جو ٽڪرو يعني چادر.

دِلمُون کان عُر ڏانھن ويندڙ عام وکرن منجھان ڪجھ عاج، ڪاٺ، سون، ٽامو، لاجوَرد ۽ سُٽُ وغيره ھئا ۽ سُميري ڪتابن ۾ انھن جو ڪافي ذڪر ملي ٿو. سُميرين جي "جنت ڏند ڪٿا" ۾ دِلمُون کي ڌرتيءَ جو 'بندرگاھ' گھر ڪري ڄاڻايو ويو آھي. ڳُديا جا جھاز انھي ڏانھن ھر قسم جا وکر ھن بندرگاھ تان آٽيندا ھئا. ساڳي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

طرح سنڌو ماٿر جو مال بابل شهر ۾ ايراني نارِ رستي پهچندو هو. اهو سامونڊي واپار دمشق ۽ شام تائين پکڙيل هو.

هڙپا سان لاڳاپي جو اڪادي دور يعني 2300 کان 2000ق. م يا ٿورو پوءِ تائين سُمير ۾ ڪو چِٽو ثبوت نٿو ملي. انهي دور جي ڏڙن مان البت هڙپا جي مخصوص سچاٽپ واريون ڪجهه اُڪريل مهرون لڌيون آهن ۽ هڪڙي مهر جي پٺئين پاسي ڪچي ڪپڙي جا چِٽَ آهن. مُهر ۾ ٻيا ثبوتي نَگ جهڙوڪ: هڙپا جي مخصوص جڙاوت وارو نَگ، هڙپا جي مخصوص طريقي ڇاپ هٽڻ وارو هڪ ٿپو ۽ ٿوهي واري ڏاند جي هڪ ڪوريل مورت ٻڌائين ٿا ته هڙپا جا سوداگر سُميري شهرن ۾ مستحڪم ۽ مال آٽڻ نِيَڻ ۾ مصروف هئا، جنهن ۾ ٿي سگهي ٿو ته سوٽي وکر به شامل هجن. واپاري لاڳاپا ڪيترو وقت هليا، سو ٿورو شڪ ۾ آهي، پر ڏسجي ائين ٿو ته اهي 2000ق. م کان سنت پوءِ ختم ٿي ويا.

اهو واپار ڪهڙي صورت ۾ ٿيندو هو؟ ڇا سُميري پنهنجا جهاز (چؤماسي هوائن جو فائدو وٺندي) بياباني درياءَ جي منهن ۾ لاهيندا هئا ۽ لاجوَرد يا سون جي عيوض خاڪي-سائي پٿر جا وٽندڙ هڳاءَ وارا فيشني ٽانوَ وٺندا هئا؟ يا ٻي ٻولي ٻولي ڳالهائيندڙ ۽ اڻ ڄاتل ديوتائن جي پوڄا ڪندڙ سوداگرن جا غير ملڪي جهاز عُر جي بندرن تي ايندا هئا؟ ڪجهه ثبوت آهن ته ائين واقعي ٿيندو هو ۽ انهن بلوچ واپارين سُمير ۾ پنهنجن رسمن رواجن وارو هڪ ٿورو ڳجهو سماج جوڙيو هو.

سُمير سان واپار، لڳ ڀڳ يقيني طور، ڏکڻ بلوچستان جي ڪُلي ثقافت وارن واپارين پاران ابتدائي حڪمراني وقتن ۾ شروع ڪيل لڳي ٿو ۽ انهن ماڻهن سان منسوب ڪرڻ توٽي سُمير جي شهرن ۾ ڪارخانا قائم ٿيڻ جا ثبوت آسانيءَ سان ملي وڃن ٿا، جتي هند جي سوداگرن جون آباديون هيون ۽ اهي پنهنجي روايتي طريقي سان پوڄا پاٺ ڪندا هئا. 2300ق. م ڌاري کان وٺي هڙپا جي واپارين اڳواٽ ڄميل ڪاروبار اختيار ڪيو ۽ واپاري وکرن ۽ دستاويزن تي پنهنجي سچاٽپ وارا ٺپا ڪم آڻي عُر، لگاش ۽ ٻين واپاري مرڪزن ۾ پنهنجا اتي رهندڙ نمائندا ضرور مقرر ڪيا هونداءُون. ايراني نارِ تائين سمنڊ وسيلي ٿيندڙ هن واپار جي سلسلي ۾، گُوَاتَر اُپسمنڊ ۽ گُوَاتَر جي وچ تي موجود ننڍي بندر کان ايندڙ اندروني رستن جي ملڻ واري هنڌ تي، سُتڪاگيندر جي قلعي بند ٺاڪن جو ڪو ڪردار



books.sindhsalamat.com



ضرور هوندو، شايد ٻيا بندر سنڌوءَ جي مُنهن وٽ هئا.

سُميري ڪتابن ۾ عِريدُو جو گهڻو ذڪر آهي. اهو نوح جي اورِيڪ کان اڳ ۾ ۽ پوءِ هڪ مصروف بندر هو. بادشاهن جي فهرست ۾ انهي جو نالو اوريڪ کان اڳ جي پهرئين شاهي شهر طور ڏنل آهي. اِيءِ هڪ نرالو ۽ مخصوص سُميري ديوتا هو. سمنڊ پاران ڇڏي ڏنل بندر عِريدُو ۾ اهو سڀ کان مٿاهون هو. اهو بيرسوسَس جي ديوتا اوئينيس طور سڃاتو وڃي ٿو. (بيرسوسَس ٽين صدي ق. م ۾ بيل ميرودَڪ جو هڪ بابلي پوڄاري هو، جنهن مطابق ديوتا هڪ اهڙي مخلوق هو، جنهن کي سمجهه عطا ٿيل هجي، مٿيون ڌڙ مڇيءَ جهڙو، هيٺ پير ماڻهوءَ جهڙا ۽ مڇيءَ وانگر پڇ هجيس.) روايتي طور بابل جي سڀ کان قديم ليڪجنڊڙ شهر عِريدُو جي يقيني آڳاٽائپ سندس کنڊرن جي محل وقوع کي ايراني نارِ جي مُنڊ جي موجوده صورتحال سان جوڙي غور ڪرڻ سان ظاهر ٿئي ٿي. اٿندي سامونڊي ڪنڌيءَ مٿان يا ان جي ويجهو واقع هي شهر هنوقت اٽڪل 1132 ميل اندر سُڪيءَ تي وڃي پهتو آهي. لَٽَ جو سلسلو اٽڪل 40 گز في سال رهيو آهي. ان ليکي ڏسجي ته صاف لڳي ٿو ته عِريدُو گهٽ ۾ گهٽ 6000 سالن کان موجود آهي. وڏيڪ ڪوٽائي (جيئن مهر ڳڙهه جي) سنڌ ۽ سُمير وچ ۾ سمنڊ وسيلي واپاري لاڳاپن بابت اسان جي ڄاڻ کي ويهه صديون پوئتي ڪٽي ويندي، پر پنهنجي موجوده ڄاڻ سان به اسان يقين سان چئي سگهون ٿا ته سنڌو ماٿر جا سومرا سڀ کان پراڻا سامونڊي هئا ۽ سندن جهاز هر قسم جا وکر سڀ کان پراڻي بندر عِريدُو ڏانهن کڻي ويندا هئا.

سنڌو ماٿر جي هڪ قديم بي نام ٻوليءَ ۾ واپاريءَ لاءِ 'پَڻي' لفظ ڪم ايندو آهي. ڪجهه پراڻا واپاري طبقا انهي مان نڪتل لفظ پنهنجي ذاتين ۾ هٽندا اچن، جيئن: پُوٽيا، پُونجا، پُنّون، پُٺهان، واٽيا وغيره. جهاز ۽ واپاري ٻيڙيون هلائيندڙ آڳاٽا سامونڊي، سپتَ سنڌو جا پَڻي ڪوٺبا هئا. سُميري ڪتابن ۾ انهن جو ذڪر اوئينيس جي ساٿين طور اچي ٿو، جن جو واپار اِريٿيريم سمنڊ جي ڪنڌين سان هلندو هو ۽ اڳتي هلي اهي پنهنجو اصل ڏيهه ڇڏي نوان وطن ڳولڻ ۽ اتي شهر وسائڻ تي مجبور ٿيا (ڏسو اَبِيناش چندرا داس، دي ويدِڪ انديا، ص. 198)

رگوزين، هند واسي دراوڙن ۽ پهرين بابلي سلطنت جي سُميري-اڪادين وچ ۾ موجود قديم لاڳاپي جا ڪوڙ سارا قطعي ثبوت پروڙي ورتا: گهڻي ڀاڱي سامونڊي



www.sindhsalamat.com

لھ وچڙ وارا لاڳاپا، جيڪي لسانيات ۽ ٻين علمي کيتن ۾ پوءِ ٿيل کوجنائن ذريعي ويتر پختا ٿيا. هند ۽ بابل وچ ۾ لاڳاپو آسانيءَ سان ڳولي سگهجي ٿو.

## باب پنجون

# "دِلمُون" _ ديوتائن جي جنت!

سر آرنلڊ پنهنجي ڪتاب 'پَرشِيَن گلف' ۾ لکي ٿو ته: "قديم ڪان ويندي جديد ترين دورن تائين جون اَسيري لکتون اڪّادي ٻوليءَ ۾ 'نِدوڪ-ڪِي' ۽ اسيري ٻوليءَ ۾ 'تِلوَن' يا 'دِلمُون' سڏيل هڪ ٻيٽ ڏانهن لڳاتار اشارا ڪن ٿيون. هي نالو، جيڪو ٿي سگهي ٿو بحرين سان جُڙندو هجي يا متان نه، پهريون ڀيرو، سرگن اعظم (لڳ ڀڳ 2872ق. م) جي جاکوڙي زندگيءَ جو احوال ڏيندڙ قرهين تي لڌو، جن ۾ انهي بابت چيو ويو آهي ته اهو هيٺئين سمنڊ يا ايراني نارِ ۾ "ڪارن-متن" واري ملڪ تائين پهتو هو ۽ هڪڙو ٻيو ساموندي بندر نِدوڪ-ڪِي فتح ڪيو هئائين. هڪ لکت مطابق گُديا جا جهاز گهانا ديويءَ جي ملڪ، نمگرِسُو ديوتا جي ملڪ، ميگن، ميلُوکا، گُوبي، نِدُوڪّي (دِلمُون) ۽ ٻين اڻڄاتل نالن وارن ملڪن مان هر قسم جا وکر ڪٺي انهي ڏانهن ايندا هئا. لگاش جو بادشاهه گُديا (لڳ ڀڳ 2600ق. م) پڻ ميگن، ميلُوکا، گُوبي ۽ دِلمُون کان ايندڙ ڪاٺ جو ذڪر ڪري ٿو. سُميري رزميه داستان 'دِلمُون جي جنت' ۾ ميگن جي ديويءَ جو نالو "نِندُلاّ" ڏنل آهي. اها ولرن جي راڻي هئي، سنڌو ماتر کان ڪاٺ گهرائيندي هئا ۽ اهو ميگن ڏانهن موڪليندي هئي. ميگن جي ڪتل جو نالو پڻ دِلمُون ۽ ميلُوکا جي ڪتلن جي نالن جهڙو آهي.

پاڪائيءَ ۽ صفائيءَ جي حوالي سان سڃاڻپندڙ ڏيهه دِلمُون جو ذڪر 'اينڪِي ڏند ڪٿا' نالي هڪڙي ٻي لکت جي هڪ ٽُڪري ۾ ملي ٿو. ڏند ڪٿا لکيل انهن قرهين جا ڀڳل ٽُڪرا جوڙي ۽ انهي جو ترجمو ڪيو ويو آهي. عنوان اٿس: 'اينڪِي ۽ دنيا جو دستور'. ڏند ڪٿا جو هڪڙو ڀاڱو رڳو اينڪِي جون تعريفون آهي. انهي ۾ چيل آهي ته دنيا جا جيڪي به ملڪ سُميرين جي جاڻ ۾ آهن، انهن جي قسمتن جا





فيصلا اهو ڪندو آهي. دِلمُون جي ذڪر وارو ڀاڱو ڇهن سِٽُن تي ٻڌل آهي، پر رڳو ٻه سٽون مڪمل محفوظ آهن. هي ٻه سٽون هيٺئن پڙهجن ٿيون:

صاف ۽ پاڪ بڻاياڻين "دِلمُون" جي ڌرتي
۽ ديوي نِنسِڪلاّ کي ان جو نگران بڻاياڻين

سُميري ديومالائي تاريخ چيرائين لپيءَ (cuneiform) وارين قرهين تي لکيل آهي ۽ چڱي طرح محفوظ آهي. اسڪالر انهي کي "اوريڪ ڪهاڻي" چون ٿا. اشارو بلاشڪ نوح واري اوريڪ (سونامي يا وڏي ٻوڏ) ڏانهن آهي. دِلمُون جي وصف بيان ڪندي هيٺئن چيو ويو:

"پاڪ، روشن، صاف، مقدس، برڪتن واري، سُکي ستابي ۽ پلن گهرن واري ڌرتي،
جتي سڄي دنيا جا ملڪ پنهنجا وکر ۽ مال آڻيندا آهن،
جتان سچ ايرندو آهي،
جتي ڏاڍو هيٺي کي ڏکوئي نه ڪري سگهندو آهي،
جتي موت ۽ مرض اڻ ڄاتل آهن،
جتي سُميري نوح زُوئيسُدرا کي موڪليو ويو هو، ديوتائن سان گڏ اَمر جيوَن گهارڻ لاءِ، جيڪو ديوي نِنسِڪلاّ ۽ اينڪَگ ديوتا جو گهر آهي ۽ ديوتائن جي جنت آهي."

چيرائيون عبارتون پڻ اسان کي ٻڌائين ٿيون ته 2000ق. م کان سٽت پوءِ، ميسوپوٽامر ۾ لارسا جي حڪمرانيءَ دوران، عُر جا سوداگر پنهنجي ملڪ کان پوشاڪون، تيل ۽ ٻيا واپاري وکر فرات رستي دِلمُون (تِلمُون پڻ لکيل آهي) ڏانهن موڪليندا هئا ۽ عيوض ۾ اتان ٽامي جا مٽيا ۽ عاج ونندا هئا. پروفيسر ڪريمر هڪ تفصيلي اڀياس ڪيو آهي. اپريل 1964 واري 'ايڪسپيڊيشن'، ڀاڱو 6، نمبر 3 ۾ ڇپيل سندس ليک جا هي ٽڪرا ڏجن ٿا:

ٻين هزاري قبل مسيح جي پوئين اڌ ۽ پهرين هزاريءَ جي سموري عرصي وارن

چپرائين دستاويزن ۾ اسان کي ”دِلمُون“ جو ذڪر ملي ٿو. اَسير جي بادشاهه تُڪلتِنِنورتا پنهنجي لقبن ۾ ’دِلمُون جو بادشاهه‘ واري اصطلاح ڪم آندي آهي، جيڪو ڪنهن حد تائين ايسٽر جي ڪتاب ۾ آيل، هند کان حبش تائين واري انجيلي بادشاهه اباسُوريرَس، جي ياد ڏياري ٿو. دِلمُون جو هڪڙو بادشاهه عُپيري نالي هو، جيڪو اَسير جي سرگن-II جوڏَن ڀَرُو هو. هُنڪارُو نالي هڪڙو ٻيو بادشاهه آهي، جنهن جي ڏينهن ۾ دِلمُون مان ڦر لٽ ڪري هٿ ڪيل مال ۾ ٽامي ۽ ڪنجهي جون شيون، قيمتي ڪاٺ جا لڪڻ ۽ جهجهي مقدار ۾ سُرمو شامل هئا. بادشاهه سيناچيرِب جي شهر بابل کي ڊاهي پٽ ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ دِلمُون کان سپاهه اماڻيو ويو ۽ انهن پاڻ سان ٽامي جون ڪوڏريون ۽ سُئا آندا، جيڪي صرف دِلمُون ۾ ٺهندا هئا ۽ ان جي مخصوص سڃاڻپ هئا.

سُميري لکتن منجهان، جن ۾ دِلمُون جي جهازن جو وري وري ذڪر اچي ٿو، دِلمُون جي پرک پڪ سان اهڙي قسم جي ساموندي سيٽتا واري سڃاڻپ سان ٿيندي. اهڙي ريت سُميري حڪمرانن منجهان هڪڙو عُر-نانشي نالي، جيڪو 2400ق. م ڌاري آڳاٽو ٿيو، دِلمُون مان ڪاٺ لڏي سندس شهر لگاش ۾ ايندڙ ٻيڙين جي ڳالهه ڪري ٿو. سرگن اعظم، جنهن عُر-نانشي کان اٽڪل ڏيڍ صدي پوءِ حڪومت ڪئي، ان ڳالهه تي پَڌي ٿو ته دِلمُون جون ٻيڙيون سندس شهر اگادي جي بندرن تي اچي پَڳهَ ڪوڙينديون هيون. مٿي ذڪر ڪيل ’اينڪِي ۽ دنيا جو دستور‘ واري ڏند ڪٿا ۾ اينڪِي، دِلمُون جي پَڳهَ ڪوڙيل ٻيڙين جي ڳالهه ڪري ڦُنڊي ٿو. دِلمُون ۽ عُر کان عاج ڪٺي ايندڙ ٻيڙين جو ذڪر اڳ ٿي چڪو آهي. لکتن موجب اهي ڪاٺ، سون، ٽامو ۽ لاجوَرد پڻ آڻينديون هيون. ڪو عجب ناهي ته مٿي ذڪر ڪيل ’جنت ڏند ڪٿا‘ ۾ دِلمُون کي وسيَل ڌرتيءَ جو جهازسازي گهر ڪري ڄاڻايو ويو هجي. هڪ پراڻي ٻُڌل ٻوڏ ڪهاڻيءَ مطابق: اهو ڏيهه، جنهن ڏانهن سُميري نوح زُوئيسُدرا کي ديوتائن سان گڏ اَمَر جيوَن گهارڻ لاءِ نِيو ويو هو ۽ جتان سج اڀرندو آهي، سو ان ليکي سُمير کان اوڀر پاسي ڪٿي موجود آهي. هڪ ٻي سُميري لکت ۾ دِلمُون کي برڪتن وارو، سُکيو ستابو ۽ پلن گهرن وارو ڏيهه ٻڌايو ويو آهي، جنهن ڏانهن سُميرين جي ڄاتل سڃاتل سموري سڌريل دنيا پنهنجا وکر ۽ مال آڻيندي آهي.





سُميري لکتن ۾ وري وري ذڪر هيٺ آيل ۽ سُميري ڏند ڪٿائن ۾ ساراهيل ڏيهه دِلمُون، سنڌ ملڪ يا گهٽ ۾ گهٽ ان جو ڪو حصو ٿي سگهي ٿو: سُمير جي اوڀر ۾ اڪيلو مالامال اهم ملڪ، جتان عاج ايندو هجي، اها سنڌو سيٽتا ئي هئي. ان ليکي اهو سمجهڻ بي سبب نٿو لڳي ته اهو دِلمُون جهڙو ئي ڪو ديس هوندو. لڳي ٿو ته سنڌو سيٽتا جا ٻه روپ: پاڻي پنٿ جي پوڄا ۽ ساموندي جهاز، خصوصي طور دِلمُون جي سڃاڻپ لاءِ اهم آهن. سنڌ واسين دِلمُون ۽ سنڌوءَ جي پيٽ سان لاڳاپيل، پاڻي ديوتا ۽ قسمين قسمين ريتن وارو گهري ڌرمي اهميت رکندڙ، پاڻي پنٿ فرقو رَچي ورتو هو. سنڌ ديس وانگر دِلمُون به خصوصي طور پاڪائيءَ ۽ صفائيءَ جي حوالي سان سڃاپندو هو ۽ ٻنهي ديسن جي ڌرمن ۾ اهم ڪردار پاڻي ديوتا جو هو. ان قسم جي ساموندي سيٽتا (سنڌو سيٽتا) ضرور دِلمُون جي ئي خاصيت هوندي.

اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ته دِلمُون سنڌو ماٿر جو هڪ وسندڙ شهر هو، اسان وٽ ٻيا دليل پڻ آهن. مثال طور، دِلمُون کان ميسوپوٽامي علائقن ڏانهن ويندڙ وکرن جي لسٽ منجهان اسان اهڙيون شيون چونڊي ڪڍي سگهون ٿا، جيڪي صرف سنڌو ماٿر ۾ ٿينديون هيون. 1925 ۾ مسٽر سِي. ايل. وُولِي کي عُر مان مٽيءَ جي هڪ ڦرهي هٿ آئي، جيڪا سُمير ۾ دِلمُون مان گهرايل مال جي لسٽ ٻڌائي ٿي. هن لسٽ ۾ ٻين شين سان گڏ ڪاٺ، پٿر، لاجوَرد، ٽامو، عاج، مورَ ۽ مڇيءَ جي اک جا موتي پڻ ڏنل آهن. آفريقا جا ٻيلا ۽ ٽَڙَ، جتي اڄ هاٿين جا ڌڻ ٿين ٿا، دنيا ۾ ڇهين صدي عيسويءَ ۾ مشهور ٿيا. ساڳي ريت بنگال جو سُندربَن آرين جي پارت اچڻ کان اڳ اڻ ڏٺو هو. هندو ديومالا ٽوٽي سڪندر جي ڪاهه سان شروع ٿيندڙ باقاعدي تاريخ، ٻڌائين ٿيون ته تاريخ کان اڳ وارن انهن ڏينهن ۾ سنڌو ماٿر ۾ جهجها هاٿي ٿيندا هئا. مور پڻ رڳو سنڌو ماٿر ۾ ٿيندا هئا، ڇاڪاڻ ته سومرا 425—400ق. م ۾ سنڌ مان ايران ۽ يونان ڏانهن مور موڪليندا هئا ۽ پنهنجي گهرن ۾ ڌاريندا هئا. سومرن هن پکيءَ کي بادشاهي علامت ٻڌايو. اشوڪ جي ٿنڀن تي هي پکي راڄ گهراڻي جي علامت طور اُڪريل آهي. سنڌ جي مختلف قبرستانن ۾ سومرن بادشاهن جي مقبرن تي مور وارو تاج هنوقت به ڏسي سگهجي ٿو.

مسٽر سِي. ايل. وُولِي پاران 1926 ۾ عُر مان لڌل 2000ق. م جي چپرائين



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

ڦرهي دِلمُون مان آيل مڇيءَ جي اک جي موتين جي هڪ ڳَنڍِ بابت ٻڌائي ٿي. مڇيءَ جي اک جا موتي، درياءَ ڪنڌين سان ڪوڙ هنڌن تي آباد مهاڻن جي مِياڻِيُن ڪان سواءِ، ٻئي هنڌ ڪٿي بہ ڪو نہ ٿهندا هئا. سينڪئي، پاري ۽ زرفيءَ (گندرف ۽ سينڪئي جو مرڪب) ذريعي ڪيميائي عمل مان گذاري ۽ هوريان هوريان هڪ خاص حد تائين تپائڻ سان مڇيءَ جي اک سخت ۽ موتيءَ وانگر جرڪٽي ٿي پوندي هئي. ڪانن جون ٻيڙيون وهائڻ وارا ان جو وڏي پيماني تي واپار ڪندا هئا.

’مِٿس آف بيبيلونيا اينڊ اَسِيريا‘ ۾ مسٽر ڊونلڊ ميڪنزي چوي ٿو تہ: ”سُليمان جا ڪلدانين سان ضرور سنا لاڳاپا هوندا، ڇاڪاڻ تہ انهي وٽ ايراني نارِ ۾ واپاري جهازن جو هڪ ٻيڙو هو، جن تي فونيشائي ملاح ڪم ڪندا هئا.“ اڳتي آهي تہ ”ٽن سالن ۾ هڪڙو ڀيرو تراشِش جي بحري فوج سون، چاندي، عاج، پولڙا ۽ مور ڪٽي ايندي هئي. لڳي ائين ٿو تہ سندس ڪاروبار مورن جي ديس سنڌو ماٿر سان هوندو هو.“ ٿَر-شِش هڪ مرڪب لفظ آهي؛ ٿَر معنيٰ سنڌ جي اوڀر وارو بيابان (جيڪو اصل کان سومرن جو وطن رهيو آهي) ۽ شِش معنيٰ ٻالڪو، چيلو، مُريد يا نوڪر.

’نِيُو لائٽ آن دي موسٽ ائنشِيَنٽ اِيسٽ‘ ۾ وِي. گورڊن چائيلڊ چوي ٿو تہ: ”سُميرين جي پنهنجي جنم ڀوميءَ بابت پنهنجي ئي روايت، ’ايراني نارِ تي ڪنهن هنڌ دِلمُون ۾‘، کي ڌيان ۾ رکندي، شروعات وارو هنڌ شايد اجا بہ ڏکڻ ۾ ڳولي سگهجي ٿو.“ (ص. 115) اجا ڏکڻ ۾ اچوڪي هيٺين سنڌ جي علائقن کان سواءِ ٻي ڪا جاءِ ڪانهي. پوءِ اچو تہ پينسِلوينِيا يونيورسٽي، آمريڪا جي پروفيسر نوح سيموئيل ڪريمر سان هٿ ملايون ۽ ڏسون تہ متان ديوتائن جي جنت ’دِلمُون‘ سنڌو ماٿر ۾ ڪنهن هنڌ ليي پوي. هو سگهارن بنيادن تي چوي ٿو تہ العُبيدين يا اوائلي سُميرين پوءِ وارن سُميرين هٿان شڪست کاڌي ۽ لڏي سنڌو ماٿر ۾ وڃي آباد ٿيا، جتي انهن سنڌو سيئتا جو ڏيک ڏيندڙ سڀ کان وڏيون شهنشاهتون جوڙيون.

العُبيدي يا اوائلي سُميري يا سُومرا آڳاٽن جُڳن کان وٺي ڪڙمي رهيا آهن. اڄ بہ هو جاٽ ڪوٺائيندي فخر محسوس ڪندا آهن. جاٽ لفظ ساڳيو سِٽ، زَت، جت (اٺ وهائڻ وارو) وغيره آهي. جاٽ جتي بہ آهي، ڪڙمي آهي. سُميرين (آثار پارڪن جا) جون بہ روايتون هيون: هڪڙي اها تہ سندن ديوتا اوڏيس ايراني نارِ کان سُمير ۾







آيو ۽ هنن کي لکڻ، ڳاڻو ڳاڻڻ، ڪڙمت، ڌاتوءَ جو ڪم ۽ سِرن جون عمارتون اڏڻ اچي سيڪاريائين ۽ اهي پاڻ، ايراني نارِ جي ڏکڻ ۾ ڪنهن هنڌ، دِلمُون ڪان آيا؛ ٻين اها تہ موجوده دِلمُوني سندن پونيَر آهن، ڇاڪاڻ تہ سندن سيئتا اڳيئي وڏي ويجهي چڪي هئي. روايتون ۽ ڏند ڪٿائون سدائين قومن کان قديم هونديون آهن. تنهنڪري دِلمُون پڪ سان سُمير ڪان قديم هوندو، جنهن تي اڻ-سامي سومرن پنهنجي نالي جي نسبت سان نالو رکيو. اهو اهڃاڻ پڻ ڪڍي سگهجي ٿو تہ، نام نهاد سُميرين جي سيئتا جي ڇاڻٿ تي پهچڻ ڪان پهريان ئي، دِلمُون ۾ هڪ سيئتا پروان چڙهي چڪي هئي.

سُمير جا پارکُو دِلمُون کي تِلمُون بہ لکندا آهن. ’ڊ‘ جو اچار ڦِري ’ٽ‘ ٿي ويندو آهي. ’تِل‘ ۽ ’تِيلو‘ ٻنهي جي معنيٰ ساڳي ’دڙو‘ آهي. ڪجھ ميسوپوٽامي شهرن جي نالن ۾ اهو ڦِري ’تَل‘ ٿي وڃي ٿو، جيئن تَل اَبِيب ۽ تَل اسمارا. لفظ موهنجو دڙو پڻ هڪ مرڪب لفظ آهي. ان جا ٽي ڀاڱا آهن: موهن + جو + دڙو. انهي جي انگريزيءَ ۾ عام طور معنيٰ ’مُئن جو دڙو‘ ڪڍي ويندي آهي. لفظ ’موهِن‘ يا ’موهَن‘ جي معنيٰ ’مُئو‘ ناهي؛ انهي جي معنيٰ آهي ’سهڻو‘. اهو هڪ اسم خاص بہ آهي. ’مُئن‘ واري معنيٰ ڪڍڻ لاءِ لفظ جو اچار ’مُئي‘ مان ’مُئن‘ هجڻ گهرجي. ڪنهن وسيَل شهر، جنهن ۾ ماڻهو رهندا هجن، جو نالو ’مُئن جو دڙو‘ نٿو ٿي سگهي. هن ڪاسموپوليٽن شهر کي اهو نالو ڦِٽڻ ڪان پوءِ ڏنو ويو آهي. جڏهن اهو آباد هو، تڏهن انهي جو نالو موهِنجودڙو يا مُئن جو دڙو ڪان مَٿَ هوندو. اهو ڇا هو؛ سا اسان کي خبر ناهي، پر جيڪڏهن مٿي ڳولي لڌل حقيقتن کي سچ سمجهجي تہ، ڪنهن حد تائين پڪ سان، چئي سگهون ٿا تہ اهو دِلمُون يا تِلمُون (موهَن جو تِيلو) يا سُهڻي جو دڙو يا تَل موهَن آهي.

## باب ڇهون

# سومرا ۽ دراوڙ

سنڌو ماٿر جي پٽن، پانن، چارڻن ۽ مڱڻهارن پاران ڳايل لوڪ ڪهاڻين ۽ داستانن، ديومالائي قصن توڙي تاريخي ۽ نيم تاريخي احوالن ۾ اسان کي ’سُومرا‘ لفظ مختلف طريقن سان اچارجندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جهڙوڪ: سُومراهه، سُمرا، سُومَرا ۽ سُومرا وغيره: جيڪو ظاهر ڪري ٿو هڪ طاقتور راڄ گهراڻي جو نالو، جيڪو تاريخ کان اڳ وارن جُڳن کان وٺي هنوقت تائين سماجي، ڌرمي ۽ سياسي لاهن چاڙهن منجهان لنگهندو رهيو آهي. هي لفظ ڪا ذات يا نسل ظاهر ڪندڙ لفظ ناهي، چاڪاڻ ته انهي ۾ ان جاءِ جو حوالو آهي، جتان اهو راڄ گهراڻو، ٻين ڪيترن ئي قبيلن سان گڏجي، ميسوپوٽامي علائقن ڏانهن لڏي ويو، اتي اُتم درجي سيئتا سرجيائين ۽، سامي آبادين کان نِڪرڙيل رهي، انهن علائقن کي پنهنجي نالي جي نسبت سان سُمير نالو ڏنائين. مسٽر ڪيو. ڊِي. احمد پنهنجي ڪتاب ’دي پئراڊائيز آف گاڊس‘ ۾ چوي ٿو ته: ”سُمير، جنهن کي مشهور سُميرين (وچ ايشيا کان آيل) فتح ڪيو، پنهنجي قبضي هيٺ رکيو ۽ متس پنهنجي نالي جي نسبت سان سُمير نالو رکيائون. انهي ديس ۾ هِن کان به پراڻيون ٻيون سيئتائون پڻ موجود آهن. هن اوائلي سُميري ديس جي اصل نالن جي ڄاڻ نه هئڻ ڪري، سَر ليونارڊ وُولِي ۽ پروفيسر اين. ايس. ڪريمر انهي کي ”العُبيد“ سڏيو: ان ماڳ جي نالي سان جتان سنڌس نشانيون لڌيون آهن. انهي اوائلي سُميري ديس جا شهر هئا: عُر، عِريدُو، لارسا، ڪُلاّب، ادب، نِپر، لگاش، عِسِن ۽ ڪِش. ”اِي“ ديوتا، جيڪو پوءِ ”اينڪِي“ طور مشهور ٿيو، جي تختگاهه عِريدُو (ابُو شهرين) جو بنياد سمجهيو وڃي ٿو ته 4000 کان 5000ق. م ۾ پيو ۽ نِپر پڻ ايترو ئي پراڻو آهي. انجيلي لکتن ۾ ڄاڻايل آهي ته عُر شهر حضرت ابراهيم رضہ جي ڄمڻ جو هنڌ آهي، جتان هڪ





وڏي ”ٻوڏ“ جا ثبوت لڌا آهن. اها نوح واري اوِريڪَ ٿي سگهي ٿي. عُر ۽ عِريدُو سميت ڪجهه شهر اوريڪ کان اڳ ۾ پوءِ موجود هئا. جڏهن اها اوريڪَ لٿي ۽ حالتون معمول تي آيون ته اتر ۽ ايراني نارِ کان ماڻهو هتي اچي آباد ٿيا ۽ بادشاهتن ۽ سيئتائن جا بنياد وڌائون. هي اهي ماڻهو هئا، جن کي پوءِ وارن سُميرين شڪست ڏني، زير ڪيو ۽ لڏڻ تي مجبور ڪيو.“

متئين حوالي جون آخري ٻه سٽون ٻڌائين ٿيون ته جڏهن اوِريڪَ لٿي ته ايراني نارِ واري پاسي کان پڻ ماڻهو هتي اچي آباد ٿيا، بادشاهتن ۽ سيئتائن جو بنياد وڌائون، پر ڪجهه وقت کان پوءِ سندن تڏا اتان پٽايا ويا ۽ اتان لڏڻ تي مجبور ٿيا. ڪيترن ئي سُمير پارکُن جو خيال آهي ته اهي سنڌي هئا. اصل ۾، اوريڪ لهڻ کان پوءِ سنڌ (انوقت واري هند) جا ماڻهو پنهنجون رڍون ۽ مينهون ڪاهي ميسوپوٽامي علائقن ۾ وڃي آباد ٿيا هئا. جيئن ته اهي پاڙيسري قومن جي ابتڙ اڻ سامي نسل جا هئا، تنهنڪري ڪين سُمرا يا سُومرا ذاتين وارو لقب ڏنو ويو. هنن ذاتين منجهان ڪنهن مهندار گهراڻي پاران اتان جي رهواسين کي زير ڪرڻ ۽ سڌارڻ ۾ ڪامياب ٿيڻ کان پوءِ انهي علائقي تي پيل نالو سُمرا يا سُومرا پڪو ٿي ويو. آثار پارکُو ڀلي انهن کي العُبيدي ڪوٺين، پر سڀني ارادن ۽ مقصدن ليکي اهي سُمرا يا سُومرا آهن.

اسڪالرن جا هي ويچار سُرت سان سوچڻ جهڙا آهن:

1. اهو انومان لڳائڻ جو ڪجهه سبب موجود آهي ته سنڌو ماٿر جي شهرن جي اوسر، اُتم درجي سيئتا ماٿيل نون قبيلن جي هند ۾ اچڻ سان، ثقافتي ”ڦاٽ“ يا ”انقلاب“ واري انداز ۾ ٿي.
2. سنڌو سيئتا جا ابا ڏاڏا نه رڳو نندي ڪنڌ کان ٻاهران ڪٿان آيا، پر ڪنهن پرانهين ڏيهه کان آيا. سنڌو ماٿر ۾ پير کوڙي وٺڻ کان پوءِ اهي دجله ۽ فرات جي هيٺين ماٿريءَ واري سُميري سيئتا سان واسطي ۾ هئا.
3. هاڻ، بلڪل ائين نٿو لڳي ته اهي ماڻهو هند ۾ ميسوپوٽام کان سواءِ ڪنهن ٻي جاءِ تان آيا، چاڪاڻ ته اسان کي جيڪا سڀ کان پهريان عروج تي پهتل شهري سيئتا ڏسڻ ۾ اچي ٿي – يادگار اڏاوتن واري، انتظامي مقصدن لاءِ ڪم ايندڙ تصويري لِپيءَ واري ۽ پاڙيسري ملڪن سان سمنڊ توڙي سُڪيءَ رستي وڌندڙ واپاري لاڳاپن واري – سا ميسوپوٽام ئي آهي. ميسوپوٽام ۾ ئي اسان کي

آڳاٽن جُڳن کان وٺي پاڻي ديوتا جي پوڄا ڏسڻ ۾ اچي ٿي: انهي جو مُک پنت عِريدُو شهر ۾ هو، جتي انهي جو چوٿين هزاري ق. م جي وچ يا اڄا به اڳ جو پهريون ٺاڪ موجود هو.

ثقافتي اوسر جو مرڪز ويجهو اوڀر رهيو آهي: يعني ڏکڻ اولهه ايشيا، ڪارو سمنڊ ۽ موجوده پاڪستان ۽ افغانستان جي اولهه پاسي وارا علائقا. مصر پڻ ان اوائلي رنگ پوميءَ سان جُڙيل رهي آهي، جتي سيئتا ڪڙمت ۽ واپار، گهوڙي گاڏيون، سِڪا، ڏيتي ليتيءَ جا ڪاغذ، هنر ۽ صنعتون، تارن جو علم، قانون ۽ حڪمراني، حساب، طب، نيڪال سرشتا، ڪئلينڊر، گهڙي ۽ بُرج، آئيوتا ۽ لکڻ، پنو ۽ مَس، ڪتاب ۽ لائبريريون، اسڪول، ادب، ساز، سنگتراشي، اڏاوتي ڏانءُ، روغني ٿانوَ، سنو فرنيچر، ڪاشي، گهه، چوپڙ ۽ دارو، ٻيڙيون ۽ جهاز رَچيا.

نام نهاد آرين ڪا سيئتا نه سرجي: 1200 کان 800ق. م تائين مال چاريندي ۽ رُلندي هِتان هُتان ذرو ذرو ڪنيائون. يونانين ڪا سيئتا نه سرجي: انهن ڪي اها ورثي ۾ ملي. اولهه جي ملڪن پڻ ڪا سيئتا نه سرجي: واپار ۽ جنگين جي پلائيءَ سان ويجهي اوڀر جي هنرن ۽ سائنسن جون ٽي هزاريون سندن شهرن تائين پهچي ويون. اهي اڻ-سامي لوڪ سُمرا (سُومرا) ئي هئا، جيڪي سُمير ۾ آباد ٿيا. انهي ڏيهه تي پنهنجو نالو رکيائون ۽ لکڻ، ڪپڙو اُڻڻ، چڪ تي ٿانوَ ناهڻ ۽ سرن جا گهر اڏڻ جا هنر رچيائون. وقت گذرڻ سان سومرن واري سيئتا جا هنر مصر، بابل، اَسِير، فونيشيا، يونان ۽ روم سکيا ۽ اتان ٻي سڄي دنيا سِکي.

مسٽر پي. ٽِي. سِريناواسا آئنگر مطابق سنڌو ماٿر جي پَٽن ۾ آخري پهٽي دور اٽڪل 20،000 سال اڳ شروع ٿيو. اها ثقافت پنهنجي اصل ماڳ جون حدون اورانگهي، سمنڊ رستي اَسِير پهچي، سُميري ثقافت جي روپ ۾ پروان چڙهي. جيڪڏهن اوائلي سومرا سيئتا جي سڃاڻپ جدتون ۽ کوجنائون بابل جي ڌرتيءَ جي پيداوار نه هيون ۽ سنڌين جو ادراڪ هيون، ته پوءِ سوال اٿي ٿو ته آيا سومرا پاڻ سنڌ ڌرتيءَ کان آيا هئا يا انهي جي اثر واري علائقي جي ڪنهن پاڱي مان؟ مسٽر ايچ. آر. هال هن سوال جو جواب پنهنجي ڪتاب ’ائنشيَنٽ هسٽري آف دي نيئر ايسٽ‘ (باب 5 ص. 172-174) تي ڏئي ٿو ته: ”انهي ۾ تمام گهٽ شڪ آهي ته هند (سنڌو ماٿر) پڪ سان انساني سيئتا جي سڀ کان آڳاٽن مرڪزن منجهان هڪ


books.sindhsalamat.com



هوندي ۽ ائين سمجهڻ فطري ٿو لڳي ته اوير کان اچي اولهه کي سڌارڻ وارا ڏاريا اڻ-سامي ۽ اڻ-آريا لوڪ هند واسي هئا.“ پنهنجي ڪتاب ’رِگ ويدِڪ انڊيا‘ ۾ مسٽر اَبِيناش چندرا داس چوي ٿو ته: ”بابل ۾ سڀ کان پهريان پنهنجي ثقافت آڻڻ وارن ماڻهن جي سڃاڻپ بابت ڪو شڪ نٿو ٿي سگهي. اهي فونيشيائي يا انهن سان ملندڙ جلندڙ ماڻهو هئا. اهي ڪي ٻيا نه پر سَپتَ سنڌوءَ جا ساموندي سوداگر (سومرا) هئا.“ پهرين حقيقت، جنهن تائين اڄ جو آثار پارکُو ٻي دليائيءَ سان پهچي ٿو، اها آهي ته ميسوپوٽامر، انجيلي توڻي تمثيلي طرح، باغ عدن ناهي. عراق ۾ ڪيتري به انگ ۾ آباد ٿيندڙ پهرين انسانن جا وڏا، هزارن نه تڏهن به سَون سالن کان، گهرن ۾ رهندا ٿي آيا ۽ نسبتن جديد آسائشن، جهڙوڪ: ڪنيارڪن ٿانوَن جي استعمال کان واقف هئا.

مسٽر وُولِي سُمرا (سُومرا) ۽ هندي ٻنهي ثقافتن جو ماخذ بلوچستان ويجهو ساڳيا پُرکا ٻڌائي ٿو. مسٽر هال سمجهي ٿو ته سومرن جي ثقافت جو ماخذ هند آهي. هڪ اهم اشارو اها حقيقت آهي ته ميسوپوٽامر ۽ هند ٻنهي مان لڌل هڪجهڙيون مُهرون ميسوپوٽامر جي سومرن کان اڳ واري جُڳ جون آهن. تنهنڪري چائيلڊ جهڙن ماهرن سنڌو ماٿر کي اوليت ڏيڻ مناسب سمجهيو آهي.

دراوڙ لوڪن جي سنڌو ماٿر ۾ جوڙجڪ ۽ تاريخ کان اڳ وارن جُڳن دوران انهن جي هر طرف چرپر بابت، مسٽر اي. ايل. بشام پنهنجي ڪتاب ’دي وَنڊر دئٽ واز انڊيا‘ ۾ چوي ٿو ته: ”هڙپا واسي هڪ اوائلي آسٽريلي عنصر تي مشتمل هئا، جيڪو ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن وقت سڄي هند (يعني سنڌو ماٿر) ۾ پکڙيل هوندو. مٿان پونوچ واري عنصر جو تهه هوندس، جيڪو هند ۾ تمام آڳاٽو داخل ٿيو هو ۽ پاڻ سان سيئتا جا عنصر آندا هئائين. اڳتي هلي گهٽين ڪاهن جي دٻاءَ هيٺ اهو پونوچ وارو عنصر سموري ننڍي کنڊ ۾ پکڙجي ويو ۽ ديسي ماڻهن سان ٻيهر رَلجي دراوڙ ٻڻجي ويا“.

آرين جي اصل وطن بابت ڪيترائي تڪراري نظريا آهن. مسٽر اي. ايل. بشام مطابق پاڪستان جي بلڪل اترين پاڱن ۾ داخل ٿيڻ وقت اهي ’سيئتا جي چاڻٽ تي‘ هئا ۽ بادشاهتن بجاءِ قبيلن جي صورت ۾ منظم جنگجو ڌنار هئا. اسڪالر سمجهن ٿا ته اهي سنڌو ماٿر ڏانهن ڪاري سمنڊ جي پاسن کان سمنڊ رستي لڏي آيا.


www.sindhsalamat.com

ڏرمي ديومالائن آڌار نتيجا ڪڍندڙ هڪ ڌارتي اسڪالر جي دعويٰ آهي تہ اهي اصلوڪا هند واسي هئا. اهو محض ڏُکو ۽ قياس آهي. ڪنهن اڻ گهڙيل ڳوٺاڻي ۽ هڪ سڌريل شهريءَ جي طور طريقن ۾ سدائين ڏنو وائنو فرق رهيو آهي. ڳوٺاڻا شهرين سان سخت ڪاند ۽ رِيسَ رکندا آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن کي شهري سڀئتا ۾ تحفظ ۽ زندگيءَ جون ٻيون کوڙ ساريون آسائشون ميسر هونديون آهن. سنڌو ماٿر ۾ بہ بلڪل ائين ٿي ٿيو. جڏهن آريا 'جنگجو قبيلن' جي روپ ۾ پاڪستان ۾ داخل ٿيا تہ انهن اتي پنهنجا پراڻا همزاد ڏٺا، جيڪي اڳ ۾ ڪاري سمنڊ وارن علائقن ۽ پوءِ ميسوپوٽامر جي پسگردائين ۾ ساڻن گڏ رهيا هئا ۽ هتي سنڌو ماٿر ۾ اتم درجي سڀئتا پروان چاڙهي ورتي هئائون. اصل ۾، سومرا سُليمان جبل سلسلن جي آسان لَڪَن رستي، هندو ڪش جي اوچن جبلن ۾ پٽڪندڙ هنن قبيلن کان، هڪ هزار سال اڳ سنڌو ماٿر جي پَٽَن ۾ داخل ٿيا هئا. ڪاند ۽ رِيسَ ٽڪراءَ جو ڪارڻ بڻيا. جيڪڏهن آريا اصلوڪا هند واسي هجن ها، تہ انهن کي پڻ سڀئتا اڏڻ ۾ ٻين سان ڀاڱي ڀائيوار هجڻ گهرجي ها؛ قلعا ڦِٽائي ڦُندڻ نہ گهرجي ها؛ ساڙ بجاءِ دلي سهڪار هجڻ گهرجي ها.

آثاري ثبوتن تي آڌاريل سُمير پرک هنوقت سائنس جو روپ ڌاري ورتو آهي، پر سچ پچ وڏو اچرج ٿو لڳي تہ هن مهل تائين ڪنهن هڪ اسڪالر بہ جيئرن جاڳندن سُمرن (سُومرن) جي جيئرين جاڳندين روايتن کي مُئل سُميرين جي مئل تاريخ سان جوڙڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي. هتي پڻ رِيسَ ۽ ڪاند ناڪاري اثر ڏيکاريا. سومرا يَڪو ٻُڌ ڌرم کي مڃيندا آيا ۽ انهي برهمڻن کي چيڙايو. اڳتي هلي اسلام جي اچڻ کان پوءِ سومرن اسماعيلي مسلڪ اختيار ڪيو ۽ انهي تي ٻيا فرقا چِڙيا، جن مٿن قرمطين ۽ دروزين واريون ڇاپون هنيون. آريا ۽ سُميري، ڪاري سمنڊ وارا علائقا ڇڏڻ کان اڳ، نہ آريا هئا ۽ نہ سُميري؛ اهي صرف سِٿي هئا. سندن ٻولي ساڳي، ثقافت ساڳي، مذهب ساڳيو ۽ رهڻي ڪهڻي ساڳي هئي. ظاهري طور اهي ساڳئي ٻُڻ منجهان ٿي لڳا. هڪڙي ڌُر ٻليدان چاڙهيندي هئي، ٻي ان کي نہ مڃيندي هئي. پروهت چڳّا ڀلا پير ڄمائي چڪا هئا، تنهنڪري ڌرمي اڳواڻن پوئين مُنڪر ڌُر خلاف اڳين ڌُر جي ڪاوڙ کي ڀڙڪائي دشمنيءَ تائين پهچائي ڇڏيو. نتيجي ۾ ٻنهي کي، ڪن ٻين سببن ڪري اٽڪر تي پيل، وري لڏڻ مهل ڌار ڌار ڏِگ وٺڻا پيا.





هنن ڌرين جي سُمير يا ان جي پسگردائين ۾ ٻہ يا ٽي صديون ترسڻ دوران ڪجهہ ننڍا ننڍا لاڏائو قبيلا پڻ ٻليدان پنٿ کي نہ مڃيندڙ ڌر سان گڏجي پيا هئا. اهي لاڏائو، عراقي علائقن ۾ گهڙڻ کان اڳ ڪجهہ وقت سنڌ ۾ رهيا، اتان بلوچستان ويا، ايراني سرحدن تي رلندا رهيا، ايراني نارِ ۾ رهيا ۽ نيٺ ميسوپوٽامي علائقن ڏانهن هليا ويا. مٿي ٻڌايل ٻنهي مُک ڌرين کي سِٿي بہ چئي سگهجي ٿو ۽ سُميري بہ. اهي سِٿي ان ڪري آهن؛ تہ اڳ ۾ اهي ڪاري سمنڊ کان مٿان سِٿيا کان سُمير ڏانهن آيا هئا؛ سُميري ان ڪري آهن؛ تہ اڳتي لڏڻ کان اڳ ۾ ڪجهہ عرصو سُمير ۾ ترسيا هئا. ٻليدان چاڙهيندڙ ڌُر وارا آريا ديس (ڪاڪيشِيَن) وارن جبلن ڏانهن ويا ۽ ايران پهتا. انهي ڌر وارا اتي آريانا پرڳٽي ۾ ٻہ، ٽي يا چار صديون ترسيا، باهہ جي پوڄا سکيا ۽ زرتشتن جا ڪيترا ئي طريقا اختيار ڪري پنهنجي مذهب ۾ شامل ڪيائون ۽ پاڻ کي آريا ڪوٺايائون. انهي کان پوءِ ڌنار ٽولن جي صورت ۾ هندو ڪش جي اوچن ۽ اُڪرڻ ۾ اوڪن جبلن جو رخ ڪيائون.

پهرين ڌُر جي ٻليدان پنٿ کي نہ مڃيندڙ ٻي وڏي ڌُر سنڌ، بلوچستان ۽ ايراني نارِ جي لاڏائن سان گڏجي ۽ انهن جي ڏَسَ تي، سليمان جبل سلسلن جي سولن ۽ گهٽ اوچن جبلن جو رخ ڪيو. ڪي اسڪالر انهن لاڏائن کي سنڌو ماٿر پَٽَن وارن دراوڙن سان ملائين ٿا. مٿي ذڪر ڪيل سلسلن ۾ گومل کان وٺي مڪران جي ٽڪرين تائين نوي کان وڌيڪ لَڪَ آهن. ديس تياڳي ايندڙ انهن لَڪن رستي ننڍڙن ننڍڙن ٽولن جي صورت ۾ سنڌو ماٿر ۾ گهڙيا ۽ رس رساءَ سان ديسي آباديءَ ۾ رَلجي ويا. ڪو جهيڙو يا مارا ماري يا ڦر لُٽ نہ ٿي ۽ نہ ڪنهن ڪاهي ايندڙ جا ٽڏا پٽيا ويا. قانون ڏيندڙ ٻُڌيانا، جيڪو اشوڪ کان اڳ جو لڳي ٿو، سنڌو ساويرا جي ماڻهن کي "سَنڪرنايوٽي" يا "گاڏڙ نسل" ٻڌائي ٿو ۽ ٻين ماڻهن کي انهن ڏانهن وڃڻ کان جهلي ٿو. انهي قديم وحشي دور ۾ سک سانت ۽ سهڪار سان ائين هڪ ٿي وڃڻ واري ان نرالي واقعي جي وضاحت لاءِ ڪيترا ئي ٻيا نظريا آندا ويا آهن. مثال طور:

1. سومرا (جن کي سِٿي يا سُميري يا العُبيدي پڻ سڏي سگهجي ٿو) ڪيترا ئي هنر ۽ ڌنڌا ڄاڻندڙ اعليٰ درجي سڌريل ماڻهو هئا. انهن هتي آباد ٿيڻ ۽ دراوڙ



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سڄندڙ ديسي ماڻھن سان گڏجي اتم سيئتا سرجڻ تي گھري (جيڪا انھن سرجي). دراوڙ پاڻ بہ ٿورا گھڻا سڌريل ھئا ۽ گھٽ ۾ گھٽ ڪڙمت تہ ايندي ھئن. جيئن تہ دراوڙن پڻ بھتر جيوَن لاءِ سومرن جا ھنر ۽ ڏنڊا سکڻ تي گھريا، تنھنڪري انھن بہ ڪنھن قسم جي رنڊڪ پيدا نہ ڪئي.

2. درياءَ، ٻيلا، ٻلي مِٽي، نَوھَر ٻنيون ۽ جياپي جا ٻيا ذريعا جھجھا موجود ھئا ۽ ھزارين ماڻھو آسانيءَ سان بنا ڪنھن مفادن جي ٽڪراءَ جي انھن تي پلجي سگھيا ٿي.

3. ھنن ٻنھي ماڻھن وچ ۾ ڪا ويجھڙائپ موجود ھئي؛ پوءِ اھا نسلي ھئي يا سماجي يا ثقافتي يا مذھبي يا اڳوڻي ھموطنيءَ واري يا ھڪٻئي سان واپار ڪرڻ واري. ان لاڳاپي نہ رڳو سندن سک سانت سان گڏجي رھڻ ۾، پر پاڻ ۾ رَلي ملي ھڪ وڏي ٻائيپي ٻڌجي وڃڻ ۾ پڻ ڪردار نڀايو. انھن ڏينھن ۾ ننڍڙيون ٽوليون ھجن يا وڏا ولر سڃاڻپ لاءِ ذاتيون نہ ھونديون ھيون؛ اھي جن ديسن کان آيل ھوندا ھئا، انھن جي نالن سان سڃاپندا ھئا. اھو طريقو ھينئر تائين ھلي ٿو. تاريخ کان اڳ قبائلي اچ وڃ ڪٿان ڪان ڪاڏي ۽ ڪھڙن پاسن ڏانھن ٿي، ان بابت اسان وٽ ڄاڻ تمام گھٽ آھي. آثار پارکن پاران لڌل ثبوتن بابت اسڪالرن جون سمجھاڻيون ڏُڪن تي ٻڌل آھن ۽ اھي تمام گھڻا امڪان مڃين ٿيون. سنڌو سيئتا ۽ ميسوپوٽامر ۾ پروان چڙھيل سندس ھمعصر سيئتا پاڻ ۾ ايتريون تہ گھاٽيون جُڙيل آھن، جو فيصلو ڪرڻ تمام ڏکيو ٿي پيو آھي تہ ٻنھي منجھان پراڻي ڪھڙي آھي.

مشھور نسل پارکُو (ائٿنالاجسٽ) پروفيسر ايليَٽ سِمِٿ زور ڏئي دعويٰ ڪري ٿو تہ سُميري (سُومرا) ٻونِوچ جي راڄ ونسي گھراڻن کان اڳ وارن مصرين جا ھم نسل ھئا ۽ ناسي نسل ڪوٺبا ھئا. انھي نسل جي اوڀارين شاخ سنڌو ماٿر ۾ اچي پھتي. ھو وڌيڪ چوي ٿو تہ ننڍي ايشيا جا ويڪري مٿي وارا ماڻھو تاريخ جي شروع ۾ پھريان مصر ۾ پھتا ۽ پوءِ ٻونِوچ جي اصلوڪن قبيلن يا ناسي نسل سان ملي ھڪ ٿي ويا. انھي کان پوءِ وچٽري کوپڙي عام ٿي وئي. انھي جو حوالو گِيزا نموني طور ڏنو وڃي ٿو ۽ مصر کان وٺي پنجاب تائين لڌي آھي، پر انھي کان اڳتي ڀارت ۾ نہ.







موھن جي دڙي جي قبرن مان لڌل ٻونوِچ نموني وارين وڏين ڪوپڙين جا نسلي ڳانڍاپا ڏيان ۾ رکندي تصديق ڪئي وئي آھي تہ سنڌو ماٿر جا رھواسي ۽ اوائلي سُميري (يا العُبيدي) ساڳي ٻُڻ منجھان آھن. پروفيسر ڪريمر جي دعويٰ آھي تہ اھو نتيجو ڪڍڻ جو بھترين سبب موجود آھي تہ سُومرا سنڌو ديس جي نالي ٽوٽي انھي جي ان ڪان بہ اھم پرڪارن ۽ خصوصيتن ڪان واقف ھئا. ساڳئي ٻُڻ مان ھجڻ جو فطري مطلب آھي؛ ساڳي ثقافت، ساڳيو مذھب ۽ ساڳيو سماجي ايڪو.

ڪجھ اسڪالرن 'دراوڙن' جي وصف ھن ريت بيان ڪئي آھي؛ 'نيگرو وانگر نِپُور ڪارا اصلوڪا ھند واسي'. ھند-پاڪ جي مختلف ماڻھن جا نسلي عنصر بيان ڪندي مسٽر ڊبليو. ڪرُوڪ پنھنجي ڪتاب 'دي نيٽِو ريسِز آف ناردرن انڊيا' ۾ چوي ٿو تہ: "ڏکڻ ھندستان جي ٻاھرين دنگن تي ٽن قسمن جون ھاٿيون ٻڌريون سڃاڻي سگھجن ٿيون: اتر ۽ اتر اولھ پنجاب ۾ آريا؛ ڀارت جي مرڪزي صوبن جي ڇِڳل ضلعن ۾ دراوڙ ۽ آسام ماٿريءَ جي دنگن وارين ٽڪرين ۾ منگولي. ٻين سيني ھنڌن تي اھي قسم گڏ مِس ٿي مُنجھي ويا آھن ۽ آباديءَ جو گھڻو حصو ھڪ يا گھڻن جي گھٽ وڌ ملاوت ظاھر ڪري ٿو.

دراوڙن (اڻ سُھائيندو پر نہ ڇڏي سگھڻ جھڙو پڪو ٿي ويل اصطلاح) سان ابتدا ڪرڻ سولو ٿيندو، جيڪي اُڀيٺ جا اصلوڪا رھواسي ڪٿي نہ بہ ھجن، پر سڀ ڪان پراڻو نسل آھن، جنھن جي موجودگي مناسب حد تائين پڪ سان مڃي سگھجي ٿي. ويدين ۾ انھن کي داسِيُو يا داسَ سڏيو ويو آھي، جنھن اصطلاح جي تشريح ڪري معنيٰ 'شترُو يا ويرِي' ڪيي وئي آھي. ٿاڦڙي نڪن ۽ ٽِڙيل ناسن جي ڪري، جيڪي انھن ۾ اڄا تائين ڏسجن ٿيون، شاعرن کين بي-نَڪا (بِنا) سڏيو آھي. قديم جاگرافيدان انھن بابت عجيب ڳالھيون ٻڌائيندا ھئا. 'پنج يا ٻلڪ ٿي گرانٺيون قد' وارن ماڻھن جي ڳالھ ٻڌون ٿا؛ جن منجھان ڪجھ نَڪ جا صرف ساھ کڻڻ لاءِ وات جي مٿان ٺُنگڙا چاھين ٿا. اھي گنگا جي مُنھَن وارن ھنڌن ويجھو رھن ٿا ۽ سيڪِيَل ماس ۽ وڻن ۽ گلن جي ھُڳائن تي گذران ڪن ٿا. اھي پاڻ سان صوف ساڻ کڻندا آھن تہ جيئن سفر ۾ ڪا شيءِ سِنگھي سگھن. ڪجھ جا پير سڄي دنيا جي جنن وانگر پوئتي وريل ٿين ٿا. ڪي ڪتي مھانڊي منڊيءَ وارا ماڻھو ٿين ٿا، چنبا ھوندا اٿن، چمڙو اوڊيل ھوندو اٿن، ماڻھن وانگر نہ ڳالھائيندا آھن، پر رڳو ڀؤنڪندا آھن

۽ خونخوار شِيڪيَل ڇاڙيون هونديون اٿن. اهي پنهنجو ٻُوڄِيرو بدن وٽن جي پنن مٿان ٽيندڙ نرم ٻَڄ سان ڍڪيندا آهن. ويدي ڳائڻا انهن کي ڪچو ماس کائيندڙ ۽ ٻي ڌرم سڏين ٿا، پر اهو ٻه مڃين ٿا ته انهن جا قلعا ۽ محل هئا ۽ وڏا مالدار هئا ۽ اهو ٻه ته آريا مٿن مهربان ٿي ساڻن سڱابنديون ڪندا هئا.

هنن ماڻهن جي بڻ بڻياد بابت ٻه مُک نظريا ميدان تي ڇانيل آهن: هڪ اهو ته اهي مهاساگري شِيدين سان جُڙيل آهن، جن ۾ آسٽريليا ۽ تَسمان جا اصلوڪا واسي اچي وڃن ٿا. (دراوڙن کي نيگرو نسل جو ڪارُ سمجهڻ جي تجويز ڏيندڙ ڪجھ ماهر ۽ گهنڊيدار وارن وارا دراوڙ ليڻ جي بنا ثبوت دعويٰ هن راءِ کي ڪجھ ٽيڪ ڏين ٿا) ؛ ٻيو اهو ته اهي ڪن اترين يا اولاهين علائقن کان هندستان ۾ داخل ٿيا.

ڊاڪٽر گريئرسن پهرئين نظريي جي حمايت ۾ چئي چڪو آهي ته آسٽريليا جا ڪجھ لهجا، ڪولن (گجرات ۾ ڪوڙي، سنڌ ۾ ڪولهي) ۽ بنگال جي ٽڪرين ۾ رهندڙ ٻين ذاتين پاران ڳالهائجندڙ مُنڊا خاندان جي ٻولين سان ملن ٿا. پر ڊاڪٽر اسٽائينڪونوف جو اصرار آهي ته اهو رڳو ظاهري ميل آهي؛ ٻوليءَ جي ڪنهن بنيادي ايڪتا جي ڪري نه. دراوڙن ۽ ڏکڻ وارن شيدين وچ ۾ ڳانڍاپي جي حمايت ۾ ثبوت طور هڪڙي ٻي حقيقت اها پيش ڪئي وڃي ٿي ته، بُومرينگ آسٽريليا وارا ۽ ڪجھ هندستاني ذاتيون جهڙوڪ مدراس جا ڪَلَن ٻئي استعمال ڪن ٿا. بُومرينگ صرف اڇلائڻ لاءِ هڪ وَٽيل سونٽي لڳي ٿي؛ هڪ عام وحشي هٿيار، جيڪو ڦرندو ڦرندو اڇلڻ واري وٽ موٽي اچي ٿو. ٿي سگهي ٿو ته اهو هڪ کان وڌيڪ وحشي قبيلن پنهنجي مُنهن ايجاد ڪيو هجي. شيدين واري مفروضي جي وڌيڪ حمايت ۾ اهو دليل ڏنو وڃي ٿو ته، تاريخ کان اڳ وارن جُڳن ۾ هڪڙو کنڊ هوندو هو، جيڪو هينئر هند مها ساگر ۾ ٻڏي ويو آهي؛ آسٽريليا واسي ۽ هند واسي ٿي سگهي ٿو ته انهي رستي ايندا ويندا هوندا.

ٻيو مفروضو ٻڌائي ٿو ته دراوڙ ٻن شاخن ۾ ورهايل هئا: هڪڙا مُنڊاري ڳالهائيندڙ ڪوليري ۽ ٻيا دراوڙ پاڻ، جن جي ٻولين جي نمائندگي مدراس واري تامل ڪري ٿي. پهرين لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهي هندستان ۾ اتر اولھ کان آيا، جڏهن ته پويان فرات-دجله ماٿريءَ واري پاسو تياڳي هتي آيا. پرڏيھ مان ايندڙن جا اهي ٻئي وهڪرا وچ هندستان ۾ پاڻ ۾ گڏيا. نج دراوڙ ڏاڍا ٿي ويا ۽ ڪوليرين کي پاسي تي



books.sindhsalamat.com



ڌِڪي ڇڏيائون. انهن تنهن کان پوءِ اُپٻيٽ جو ڏاکڻئون پاسو وڃي وسايو. انهي نسل جي جنم ڀومي اتر اولھ طرف هجڻ واري مفروضي جي حمايت ۾ اڪيلو سگهارو دليل بلوچستان ۾ رهندڙ بروهي قبيلي جي صورت ۾ مليو ٿو. بلڪل پڪ آهي ته اهي ڪا ٻولي ڳالهائين ٿا، جيڪا بنگال جي ٽاڪرو ذاتين جي ٻولين سان تمام گهڻو ملي ٿي ۽ اها هڪ ڳجهارت آهي ته ماڻهن جو هي ننڍڙو ميڙ ڪيئن دراوڙي ٻوليءَ جو استعمال جاري رکيو ٿو اچي. چٽو نظر اچي ٿو ته بروهي يا ته اتر اولھ کان ديس تياڳي آيل ميڙ جو بلڪل پويون جٿو آهن يا ڏکڻ کان لڏي آيلن جو بلڪل اڳيون جٿو آهن. ٿلهي ليکي پويون اندازو وڌيڪ نهڪندڙ لڳي ٿو ۽ انهي منجهان اسان کي بابل جي آڳاٽن ماڻهن جي ذات ۽ ثقافت بابت خبر پوي ٿي؛ بلڪل نٿو لڳي ته دراوڙ اهي علائقا تياڳي هتي آيا هوندا. (نوٽ: ٿل جي شهر ليّه ۾ بروهين جو هڪڙو اڪيلو گهر الائي ڪڏهانڪر رهي ٿو. وري ساڳئي ٿل جي علائقي ۾ مونڊ ڪونجندڙ ذاتيون ۽ مونڊڪا، چوڪ مُنڊا، پٽال مُنڊا وغيره نالي جايون آهن.)

پنهنجي ڄاڻ جي موجوده صورتحال ۾، دراوڙن واري مسئلي جي نبيري طرف اسان يقين سان جيترو اڳتي وڌي سگهون ٿا، سو اهو آهي ته اسان کي تمام آڳاٽن جُڳن کان وٺي، تاريخ جي باک ڦٽڻ کان گهڻو اڳ، نِيلگِري ٽڪرين جي هيٺاهين لاهوندين ۽ مٿاهن علائقن ۽ ڏکڻ هندستان جي ٻين حصن واري ملڪ تي ڪاري رنگ، بندري قد، ڍڳهي ٻُوٿ ۽ ويڪري نَڪ وارو هڪ نسل قابض نظر اچي ٿو. آيا اهي اصلوڪا قديم رهاڪو هئا يا ڪنهن اڃا آڳاٽي نسل جي جاءِ اچي ورتي هئائون، جيئن ڪجھ جو چوڻ آهي، ڪنهن درجي اعتماد سان فيصلو ڪرڻ ناممڪن آهي. ملڪ جي هن ڀاڱي ۾ اهي ثقافت جي اعليٰ ڏاڪي تي پهتل ڏسجن ٿا. نِيلگِري سلسلي جي ٽڪرين ۽ دکن واري علائقي جو تاج ٻٽيل، اڻ گهڙئي پٿر جي نمايان يادگارن واري قطار، جا اڏيندڙ گهڻو ڪري اهي ئي هئا. سندن قبرن وارن دڙن جي کوٽائي ثابت ڪري ٿي ته وٽن چڱو ڀلو هنري ڏانءُ هو. مُئي جي رک رکڻ وارا سندن ٿِپا سادا آهن، پر ڊزائين چڱي اٿن ۽ سماڌيءَ وارن ٿِپن سان گڏ لڌل ماڻهن ۽ جانورن جا مِٽيءَ جا بوتا مٽيءَ مان شيون ناهڻ جو ڪو وڏو هنر ظاهر نه ٿا ڪن، پر دلچسپ آهن. ڇاڪاڻ ته انهن تي انهي نسل جا گهڻو وقت اڳ وسري ويل هٿيار، ٿانوَ ۽ پوشاڪ نقش آهن.



www.sindhsalamat.com

هي ڏاڪٽيان دراوڙ سمنڊ سان واڳيل ماڻهو هئا ۽ انهن جي قبرن وارن دڙن مان ڪنجهي جون شيون لڌيون آهن، جيڪي گهڻو ڪري بابل سان هلندڙ واپار ۾ پرڏيهه مان آنديون ويون هونديون. هنن سوداگرن هندستان جي ڏکڻ اولاهين سامونڊي ڪناري کان وٺي فرات جي مُنهن تائين واري سامونڊي سفر لاءِ ستين صديءَ جي مُنڍ کان وٺي، ۽ شايد انين صدي ق. م جي پڇاڙيءَ تائين، چوماسي جي هوائن کان ڪم ورتو. واپاري اصطلاح جهڙوڪ سُليمان جي وقتن ۾ عاج، پولڙن ۽ مورن لاءِ استعمال ٿيندڙ نالا تامل آهن؛ ٻين لفظن ۾ اهي سنسڪرت جا نہ، پر ڪنهن دراوڙي ٻوليءَ جا آهن. پروفيسر رِهس ڊيوِڊ جو خيال آهي تہ انهن ئي سوداگرن پراڻي اڪّادي لپيءَ جا اکر هندستان آندا، جيڪي هندستان، برما (ميانمار)، سيام ۽ سيلون (سري لنڪا) ۾ استعمال ٿيندڙ سيني آئيوٽائن جو اوائلي نمونو بڻيا.

انهن جي پهرين وسندي جابلو علائقو هوندي، جتي هو هينئر بہ آباد آهن. اهڙو ديس ئي سندن مالوندي نظام جون گهرجون چڱي طرح پوريون ڪري سگهيو ٿي ۽ اهي ئي هئا، جن اترين علائقن کي صاف ڪرڻ وارو پربت جهڙو ڪم پاڻ تي کنيو، جيڪي انوقت گهڻو ڪري گهاٽن ٻيلن سان ڍڪيل هئا. آبپاشيءَ جي فائدن کي ساراهڻ وارا پهريان ماڻهو اهي هئا ۽ ڪوڙ سان قديم تلائن جو نمونو ثابت ڪري ٿو تہ اهي انهن جا ٺاهيل هئا.

هن علائقي ۾ دراوڙ قبيلا ڪڙمت جي بانين جي روپ ۾ اڃا تائين ڏسون پيا.

پنهنجي ڪتاب 'دي پري هسٽورِڪ انڊيا' ۾ مسٽر آر. ڊي. بئنرجي لکي ٿو تہ: "هند واسي دراوڙن ناٽي جو استعمال ڳولي لڌو ۽ آبپاشيءَ جي مقصدن سان دريائن تي بند اڏڻ وارا اهي پهريان ماڻهو هئا. گهڻو اڳ سُڪي ويل دريائن تي سندن اڏيل بند اڃا تائين بلوچستان جي مختلف پاڱن ۾ موجود آهن".

مسٽر ٽِي. آر. ايس. آئِنگر دراوڙن بابت ماهر سمجهيو وڃي ٿو. هي ٽڪرا سندس ڪتاب 'ڊريوِيڊِيَن انڊيا' تان ڪنيا ويا آهن:

1. جيمس هورنل مطابق اوائلي دراوڙ يونِوچ جا ماڻهو هئا، جن پنهنجي اصل ديس مان مصر ۽ ليوَنت (يونِوچ سمنڊ جا اوڀر وارا علائقا) جي ڪجهه ٻيڙين جا نمونا هندستان ۾ آندا. اهي ڪجهه وقت لاءِ ميسوپوٽامر ۾ آباد ٿيا ۽ پوءِ هند



books.sindhsalamat.com



ڏانهن آيا. بلوچستان ۾ براهوي ٻولي انهن جي ڪنهن وقت اتي موجودگي جو اهڃاڻ آهي. (ص. 30)

2. اهو (ڊاڪٽر گِلبرٽ سليٽر 'ڊريوِيڊِيَن ايليمينٽ ان انڊين ڪلچر' ۾) وڌيڪ چوي ٿو تہ: "دراوڙ يونِوچ واديءَ جي ڪنهن پاڱي کان اچي هندستان ۾ گهڙڻ کان اڳ ميسوپوٽامر ۽ بلوچستان وچان لنگهيا ۽ ان واقعي کي سُميري سڀئتا کان اڳ واري دور سان منسوب ڪري ٿو. سندس راءِ ۾ دراوڙ ثقافت هندستان ۾ ۽ خاص طور هندستاني ماحولياتي محرڪن هيٺ سرجي هئي." (ص. 131)

3. ڊاڪٽر هال پنهنجي ڪتاب 'ائنشِيَنٽ هسٽري آف دي نِيئر اِيسٽ' ۾ چوي ٿو تہ: "سندن بُتن وغيره منجهان ڀرپور طريقي جهلڪندڙ سُميرين جو نسلي نمونو سامين، اسيرين ۽ ٻين کان مَٽَ هو. اهي بلڪل هند واسي نموني جا هئا...... ۽ اهو ڪنهن ليکي بيجاءِ ناهي تہ سُميري هڪ هندستاني نسل هئا، جيڪي سُڪيءَ رستي، شايد سمنڊ رستي پڻ، فارس (ايران) کان ٿيندا جاڙن دريائن جي ماٿريءَ ۾ ويا هئا. اسان سمجهون ٿا تہ انهن جي ثقافت هند وطن ۾ سنڌو ماٿر ۾ ڪٿي سرجي." سُميرين جي بڻ بنياد بابت هي نظريو ميڄڻ جوڳو لڳي ٿو. ان ليکي ڊاڪٽر هال ٻڌائي ٿو تہ: "سُميري دراوڙن جي ڪا شاخ ٿي سگهن ٿا، شايد سنڌو ماٿر واري." (ص. 40)

مسٽر اِي. جي. ريپسن پنهنجي ڪتاب 'ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا' ۾ ڊاڪٽر هال جي مٿئين ويچار جي پٺڀرائي ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ: "آيا انهن جو (دراوڙن جو) بڻ بنياد پڇاڙيءَ ۾ وچ ايشيا ۾ وڃي ليندو يا اولهہ ايشيا ۾، هنوقت پڪي يقين سان فيصلو نٿو ڪري سگهجي، پر سُميرين ۽ دراوڙن جي نسلي نمونن جي يقيني هڪجهڙائپ مان پوئين مفروضي کي ڏاڍي مضبوط ٽيڪ ملي آهي (هال، ائنشِيَنٽ هسٽري آف دي نِيئر اِيسٽ، ڇاپو چوٿون، ص. 173). پر مصنف جي راءِ انهي راءِ جي ابتڙ آهي تہ، سُميري اولهہ ايشيا ۾ هندستان کان آيا. (ص. 43).

انهي راءِ مطابق، جيڪا ٻين سيني کان وڌيڪ ميڄڻ جوڳي لڳي ٿي، دراوڙ ڪنهن وقت پوري پنجاب، سنڌ ۽ بلوچستان ۾ رهندا هئا ۽ هوريان هوريان ميسوپوٽامر ڏانهن لڏي ويا. اها حقيقت تہ بلوچستان جا بروهي اڃا تائين دراوڙي



www.sindhsalamat.com

ٻولي ڳالهائين ٿا، هن راءِ کي زوردار هٿي ڏئي ٿي.

مسٽر اي. اين. چندرا پنهنجي ڪتاب ’دي رِگ ويدِڪ ڪلچر اينڊ دي انڊس سِولائيزيشن‘ ۾ انهي راءِ جي زبردست حمايت ڪري ٿو. هو چوي ٿو ته: ”دراوڙن جي بڻ بٽياد بابت تڪرار موجود آهي ۽ بلوچستان جي جابلو علائقن ۾ دراوڙي ڳالهائيندڙ بروهين جي وڏي انگ جي موجودگيءَ بابت ڪا تسليءَ جهڙي وضاحت اجا نه ملي آهي. ڪجهه انهن کي آرين کان اڳ وارن ڏينهن ۾ هند (سنڌو ماٿر) تي دراوڙن جي ڪاهه مان بچي ويل سمجهن ٿا؛ ٻيا سمجهن ٿا ته اها آبادي هند کان بلوچستان ۾ اچ وڃ (يعني سنڌو ماٿر جي مٿين پَٽَن جي ماٿهن جي اچ وڃ) جو دنگ ظاهر ڪري ٿي. ان مفروضي تي ته: ”ماٿهن جون سڀ وڏيون لڏ پلاڻون هند (يعني سنڌو ماٿر) ڏانهن ٿيون آهن“، پهرين راءِ کي ڪجهه مجتا ملي آهي. جڏهن ته ان تي به اصرار آهي ته آريا هند (يعني سنڌو ماٿر) ۾ اولهه کان ٿيندڙ وڏي اچ وڃ جي نتيجي ۾ آيا. پر حقيقت اها آهي ته ويجهن تاريخي دورن ۾ سيئتا اوڀر کان اولهه طرف سفر ڪيو آهي.

اولهه يورپ حقيقت ۾ بلڪل پڇاڙيءَ ۾ سڌريو. هند واسين (سنڌو ماٿر واسين) جي ايران ڏانهن ۽ اجا اڳتي اولهه طرف لڏڻ جو امڪان پڻ رد نٿو ڪري سگهجي ۽ سنجيدگيءَ سان سوچڻ جو گهُرجائو آهي. سومرن ۽ سنڌو ماٿر جي نسلي نمونن وچ ۾ هڪجهڙائپ پڻ انهن جي هڪڙي ئي بڻ بٽياد کي زبردست هٿي ڏئي ٿي، ۽ تڏهن به، سومرن جو بڻ بٽياد اجا راز ۾ ويڙهيل آهي. تنهنڪري اهو بيجاءِ نه ٿيندو ته سومرا اولهه ايشيا ۾ سنڌو ماٿر مان وڏي لڏ پلاڻ دوران آيا، جڏهن ذاتين جو پاڻ ۾ ميلاپ هڪ مڃيل حقيقت بڻجي چڪو هو“.

’راجاتَرنگِيني‘ نالي ڪتاب ڪالهانا 1150ع ۾ لکيو. انهي جو انگريزي ترجمو ويجهڙ ۾ وينگارڊ بُڪس (پرائيويٽ) لميٽيڊ، لاهور ڇپرايو آهي. انهي جو هڪ تعارفي باب پَنڊِت جواهر لال نهرو 1933 ۾ لکيو هو. انهي منجهان هڪ ٽڪرو حاضر آهي:

”هر پيڙهيءَ کي تاريخ نئين سِر لکڻ گهرجي. نيون حقيقتون سامهون اچن ۽ پراڻين حقيقتن جون نئين سِر تشريحون ٿين. گذريل صديءَ ۾ ڪيترائي نوان نڪته نظر اختيار ڪيا ويا آهن ۽ خاص ڪري تاريخ جي تشريح معاشي حوالن سان ڪرڻ


books.sindhsalamat.com



جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. مستنِد موادن جي ڳولا آثار پروڙ (آرڪيالاجي) جي اُسرڻ جو ڪارڻ بڻي آهي، جيڪا مصر، ميسوپوٽامر ۽ هند ۾ تصويرن منجهان اکر لکڻ جي سرجڻ تائين پوئتي وڃي پهتي آهي. ڇپرائين لپي (Cuneiform)، جنهن ۾ قديم ميسوپوٽامر جون ٻوليون مٽيءَ جي ڦرهين تي لکيون ويون هيون، انهي جي پاڄ اٺويهين صديءَ جي وچ تي لڌي وئي. انهي مواد جي هڪ اپياس مان ثابت ٿيو آهي ته يورپ جي اسڪولن ۽ يونيورسٽين ۾ اڄڪلهه پڙهائجندڙ تاريخ جا تفصيل ڀلي ڀروسي جوڳا هجن، پر مجموعي طور اها ڪافي ڀُلائيندڙ رهي آهي. يورپي ثقافت جا بنياد؛ هڪ پاسي اڻ گهڙي ابتدا کان اتم درجي تي پهتل ادب، هنر ۽ قانون ذريعي هوريان هوريان مڪمل سيئتا اڏڻ سان جوڙيا وڃن ٿا؛ ٻئي پاسي اهي يهودين سان جوڙيا وڃن ٿا، جن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اڄڪلهه يورپ تي ڇانيل مذهبي ۽ اخلاقي نظرين منجهان گهڻي ڀاڱي انهن جا اوساريل آهن. پر سچ اجا به ٻيو آهي. پردو ڏکڻ ميسوپوٽامر ۾ سُمير نالي ديس جي عُر ۽ ٻين شهرن ۾ 3500ق. م ڏاري کڄي ٿو ۽ هڪ مڪمل اُسريل سيئتا پڌري ڪري ٿو. 4500 سال اڳ ڏکڻ ميسوپوٽامر اڄوڪي اڌ دنيا کان گهڻو وڌيڪ سڌريل هو. سنڌو ماٿر ۾ هڪ سيئتا هئي، جنهن بابت اسان تمام ٿورو ڄاڻون ٿا، ڇاڪاڻ ته مٽيءَ جي ڦرهين تي لکيل لپيءَ جي پاڄ اجا نه لڀي سگهي آهي. آڳاٽي هند ۽ ميسوپوٽامر جي سيئتائن جو بُڻ شايد ساڳيو هيو، ۽ ڪيئن به، پر اهي هڪٻئي سان لاڳاپيل ضرور رهيون هونديون.“ (ص. xxvii)

آڳاٽي هند جو مطلب آهي سنڌوءَ جي ماٿري، جتي سومرا سرجيا، اُسريا ۽ سيئتا جي هر وَٿُ کي جياري رکيائون. سنڌ بابت، جتي پوءِ واريون سڀ سيئتائون اُسريون، مشهور سائمن ڪميشن (انگريز سرڪار پاران 1927 ۾ آئيني سڌارن جو جائزو وٺڻ لاءِ مقرر ڪيل) 1929 ۾ راءِ ڏني ته: ”اها رهڻي ڪهڻي ۽ سيئتا ۾ هند کان وڌيڪ عراق ۽ عربستان کي ويجهي آهي“. 1930 ۾ الله آباد ۾ پنهنجي خطاب ۾ علامه اقبال چيو: ”سنڌ جي پُٺي هند ڏانهن آهي ۽ مُهڙ وچ ايشيا ڏانهن.“ سيني پراڻن مصنفن انهي دعويٰ وارو تاريخي سچ مڃيو آهي، جيڪي چون ٿا ته: ”سنڌوءَ جي اولهه وارو علائقو هند جو نه هو. انسان پارکُو (ائنٿروپولاجسٽ) سمجهن ٿا ته سِنڌو ترڪ-ايراني ۽ هند-آريائي نمونن جي وچ ۾ نسلي سَنڌو هئي، جيئن اها


www.sindhsalamat.com

ايران ۽ هند جي وچ ۾ سياسي سَنڌو هئي.” (سيلنِدرا ناٿ سين: ائنشيَنٽ هسٽري آف بنگلاديش، انڊيا ائنڊ پاڪستان، ص. 94).

## باب ستون

# سومرا اوائلي تاريخي دور دوران

ڪُرِمت (زراعت) پاڻ سان لاڳاپيل ڪيترن ئي ڌنڌن کي هٿي ڏيندي آهي، ڇاڪاڻ ته انهي سان نه رڳو سڌو لاڳاپيل ڪجھ اوزار، پر ڏارجنڊڙ مال لاءِ ڪم ايندڙ اوزار ۽ اڻ سڌو لاڳاپيل ڪاريگرن جون خدمتون پڻ سلهاڙيل هونديون آهن. اسان ڏٺو ته سومرن بلوچستان ۾ ۽ سنڌوءَ جي ساڄي ڪنڌيءَ سان ڪڙمت جو بنياد وڌو ۽ ڳوٺ سيٽتا سرجڻ ڪان پوءِ آمريءَ ڪان تر ڏانهن ويا، جيڪو انهن ڏينهن ۾ زرخيز ۽ زراعت لاءِ انتهائي موزون نَوهَر پرڳٹو هو. اتي سنڌن معيشيت پوري طرح هاڪڙي (سرسوَتي سرشتو سڏجندڙ) جي آسري تي هئي. هِن درياءَ ۾ پاڻي ٻين هزاري ق. م دوران گھٽجڻ شروع ٿي ويو هو. نيٺ 1226ع ۾ بنھ سُڪي ويو، ڇاڪاڻ ته ٻارهين ۽ تيرهين صدين دوران موسم بدلجي ڪوسي ۽ خشڪ ٿي وئي. لوٽي درياءَ ۾ پڻ اڳ ڪان گھٽو گھٽ پاڻي ٿي آيو. انهن سيني عنصرن سبب ڪچ جو رڻ سُڪي ويو، سومرن جو راڄڌاني شهر پاڙي نگر ڦِٽي ويو ۽ تر جا ٻيا سب شهر ۽ ڳوٺ ڦِٽڻ لڳا. بهاولپور پرڳڻي جا شهر (رفيق مغل پاران تازو کوٽيل) پڻ ان عرصي دوران کنڊر بڻيا. 1025 ۽ 1350ع جي وچ تي ڪچ جو رڻ بلڪل سُڪي ويو. محمود غزنويءَ جي حملي وقت اهو هڪ تانگھي نارِ هو، اجا رڻ نه بڻيو هو. فيروز تغلق جي ڏينهن ۾ اهو هڪ بنجر علائقو ۽ واريا سو بيابان هو، جنهنڪري انهي ۾ سندس لشڪر تباهہ ٿيو.

هاڪڙي وارن شهرن جي ڦِٽڻ ۽ سنڌو درياءَ جي وهڪرن ۾ آيل زبردست ڦيرن سومرن جي حڪمرانيءَ کي آخري نوڪر هنئي. هاڪڙو درياءُ ٻين هزاري ق. م دوران سُڪڻ شروع ٿيو هو. نتيجي ۾ سومرا امير هڪ پيرو پيھر جياپي جي بهتر وسيلن جي جي ڳولا ۾ ڪنڌڙڻ لڳا هئا. ڪڙمت جا باني هجڻ ناتي هاڻ انهن سنڌ


books.sindhsalamat.com



جي مختلف ڀاڱن ۾، جتي 'سِٽ' ۽ ڪُڙمي هم معنيٰ ٿي چڪي هئا، ”جاٽ“ سڏجڻ تي ڇڙڻ ڇڏي ڏنو.

عربستان ۾ 1300ق. م ۾ ڏارجنڊڙ هڪ ٽُوهو اٿ، ٽَر ۾ 1100 ڪان 1000ق. م ڏاري پهتو. مورَ، پرمارن جي پهرين 'نُڪَ' هجڻ ناتي، سومرن جي مکيہ شاخ هئا. اهي سنڌ جي سمنڊ ڪنڌين تان سُٽُ 700 ڪان 600ق. م دوران تائين به لڏيندا رهيا، جيتوڻيڪ ٻاهرين دنيا سان لاڳاپا 1400ق. م ڪان وٺي ختم ٿي چڪا هئا.

دارا-پهرئين ايران تي 522 ڪان 486ق. م تائين حڪومت ڪئي. انهي سنڌو ماٿر جو وڏو حصو پنهنجي بادشاهيءَ ۾ ملائڻ ڪان پوءِ سرڪاري خرچ تي مصر، ميسوپوٽامر، ايران، افغانستان ۽ سنڌوءَ جي ٻنهي پاسن وارن علائقن کي ڳنڍيندڙ زميني رستا ٺهرايا. ائين دنيا جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ٿيو هو. انهي اڳيرائيءَ جي ڪري اوپر جي واپار جو مقدار پنهنجي چوٽ تي پهتو، پر تيستائين واپار فونيشيائين يا عربن جي هٿن ۾ هليو ويو. سومرا ناٽي کي متاستا جي ذريعي طور استعمال ڪرڻ شروع ڪري چڪا هئا، پر ميسوپوٽامر ۾ لڳاتار جنگين سبب اهو، گهٽ ۾ گهٽ دارا جي ڏينهن تائين، وڏي پئماني تي نه پڪڙيو: انهي دور ۾ اهو عام ٿيو، ڇاڪاڻ ته محسوس ڪيو ويو ته ان سان واپار ۾ سولائي ٿي ٿي.

دارا جو يوناني درباري ڪَئِرِياندا جو اسڪائيليڪس ڪَئِريا ۾، بناشڪ شبهي مورَن جي مدد ۽ ڏَس سان، سنڌوءَ مان تري عربي سمنڊ تائين پهچندڙ پهريون يورپي هو. اهو سنڌو درياءَ ۾ ڪابل درياءَ سان ملڻ واري هنڌ ڪان ٽورو هيناں، مورَن پاران پنهنجن اميرن سومرن جي چوڻ تي مقامي طور ناهيل، ٻيڙين جي هڪ ٻيڙي ذريعي گهڙيو. هتي اها ڳالھ ڪرڻ دلچسپ ٿيندو ته الائي ڪڏهانکر ڪان وٺي انگريز راڄ تائين، سنڌو ماٿر جي ليّہ ۽ سکر جي وچ واري هن ڀاڱي تي سومرن جي اجازت ڪان سواءِ ڪا ٻيڙي نه هلي سگھندي هئي ۽ لاڳو قانون موجب، جنهنجو انگريز حڪمرانن احترام به ڪيو، سومرا ٻيڙين تي چُنگي هٽندا ۽ اوڳاڙيندا هئا. اسڪائيليڪس کي ايراني سلطنت پاران عربي سمنڊ جي وَٽِ وَٽِ سان ڳاڙهي سمنڊ تائين آبي رستي جو جائزو وٺڻ لاءِ موڪليو ويو هو. اهو اداڻي سالن ڪان پوءِ 514ق. م ۾ سوئيز نارِ ۾ آرسنوئي وٽ پهتو.

انهي جي سفر جي ڪاميابيءَ ڪان سنت پوءِ، سنڌو درياءَ جي ساڄي ڪپ وارو،


www.sindhsalamat.com

پشاور کان سمنڊ ڪنڌيءَ تائين سڄو ملڪ ڪياني سلطنت ۾ ملايو ويو. ان سلطنت جي پکيڙ هاڻ نِيل جي مٿئين ڀاڱي کان سنڌوءَ تائين ۽ آمون کان پونڇ ۽ عربي سمنڊ ٻنهي تائين ٿي وئي. ان پنهنجي سلطنت کي سٽراپين (ايراني صوبو يا پرڳڻو) ۾ ورهايو: هر هڪ جو سربراهه گورنر هو ۽ ٻچاءُ هڪ آزاد جنرل حوالي هوندو هو. اهي ٻئي سڌو سنئون دارا آڏو جوابده هوندا هئا. سنڌو ماٿر جو حصو ۽ بلوچستان ٻئي گڏجي ويهين سٽراپي نهي. هن سٽراپيءَ مان ايراني خزاني کي 360 ٽئلينٽ (لڳ ڀڳ 20،716 پائونڊ يا 260 مڻ) سون اڳڙندو هو. اها ڳالهه دلچسپيءَ سان ڏيان ڏيڻ جهڙي آهي تہ هن سٽراپيءَ ڪڏهن بہ ڍَل چانديءَ ۾ نہ ڀري! سنڌو ماٿر جا ڪافي صدين کان ڪَٽيل ساموندي لاڳاپا 500ق. م ۾ ٻيهر بحال ٿيا. دريائن مٿان سومرن جي مالڪي مورَن ذريعي اجا جاري هئي ۽ سنڌو، سنڌن هٿ هيٺ واپاري مال جي ملڪ اندر توڙي ڏيساور آندي نِينديءَ ۾، اهم ڪردار نڀائي رهيو هو. ملتان ۽ راڄن پور اعليٰ درجي رُڪَ جون تلوارون ٺهڻ جي حوالي سان مشهور هئا.

دارا-پهرئين کان پوءِ زَرگزِز 486ق. م ۾ تخت تي ويٺو، پر سندس تخت سنڀالڻ کان ستت پوءِ ايران ۽ يونان وچ ۾ جنگ ڇڙي پئي. دليريءَ ۽ تلوار بازيءَ ۾ سٺي ساک رکندڙ سومرن آزاد حيثيت ۾ بادشاهه جي مدد ڪئي ۽ سنڌو ماٿر جي سڀني ڀاڱن مان سگهارن ويڙهاڪ ماڻهن جو جٿو تيار ڪيائون. سومرن جي سرواڻيءَ هيٺ هن جٿي ۾ 46 قومون شامل هيون ۽ سالاري 29 ايراني جنرلن ٿي ڪئي. سموري سنڌي سپاهه کي سوٽي ڪپڙا پهريل هئا. سپاهين ڪماڻون ۽ رُڪَ جي ڇنبن وارا تِير ٿي استعمال ڪيا. يورپ جي ڌرتيءَ تي پهريون ڀيرو وڙهندڙ سندن هاٿين، ٻنهي پاسن جي ويڙهاڪن جي دماغن تي زبردست ڇاپ ڇڏي. زَرگزِز کي 469ق. م ۾ فليطائس وٽ شڪست ٿي ۽ ڇئن سالن کان پوءِ 465ق. م ۾ مري ويو. ڪي ڄاڻُو چون ٿا تہ 450ق. م ۾ بادشاهت جو سنڌو ماٿر وارو ڀاڱو آزاد ٿي ويو. ٻيا وري هن ويهين سٽراپيءَ جي آزاديءَ جي تاريخ 375ق. م ٻڌائين ٿا. آريَن جي انابيسِس جي صفحي 8 کان 13، ڀاڱو 3 ۾ اهو سن 330-331 ق. م پڙهڻ سان هي ٻئي تاريخون غلط لڳن ٿيون. دارا-ٽئين اَربَلّا واري جنگ ۾ سڪندر سان وڙهڻ لاءِ پنهنجي حاڪميت هيٺ هند (سنڌ سميت) مان لشڪر ۽ هاٿي گڏ ڪيا.







هلڪيون ڪماڻون ۽ رُڪَ جي ڇنبن وارا تير، هاٿي ۽ رَٿُون استعمال ڪندڙ سنڌي وڏي بهادريءَ سان وڙهيا. سڪندر، دارا شڪست ڏني ۽ سندس راڄڌاني شهر پَرسِيپولِس کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيائين. دارا ميدان ڇڏي ڀڳو، پر پنهنجي ئي عملدارن هٿي مارجي ويو. سڪندر انهي جاءِ تي عزم ڪيو تہ هو ايراني سلطنت جون سڀئي سٽراپيون، سنڌو ماٿر سٽراپيءَ سميت، جتان ايرانين جي سهڪاري سومرن جٿا تيار ڪيا هئا، فتح ڪري ۽ پنهنجي بادشاهيءَ ۾ ملائي ڇڏيندو. 329ق. م ۾ انهي باختر تي قبضو ڪيو ۽ قنڌار فتح ڪيائين.

سنڌو درياءَ جي ساڄي ڪپ سان اچي لڳندڙ ويهين سٽراپي انهن ڏينهن ۾ سنڌو ماٿر جو اڌ کان وڌيڪ ڀاڱو هئي، ڇاڪاڻ تہ سنڌو درياءُ پنهنجي هاڻوڪي وهڪري کان ڪيترائي ميل پري اوڀر طرف وهندو هو. اها سٽراپي اٽڪل 180 سالن تائين ڪياني سلطنت جو تمام اُپائُو ڀاڱو رهي، پر حاڪميت ايرانين جي هٿن هيٺ هجڻ جي باوجود ٻنهي ڀاڱن جي ماڻهن وچ ۾ لاڳاپا غير معمولي طور دوستاڻا هوندا هئا. جنگ جي ڏينهن ۾ سنڌي سومرا پنهنجي ايراني دوستن جي دشمنن خلاف اهڙي بي جگريءَ سان وڙهندا هئا، ڄڻ اهي پنهنجي ڌرتيءَ جو بچاءُ ڪندا هجن. سانت (امن) وارن ڏينهن ۾ اهي رياستي خزاني کي سون سان ڀريندا رهندا هئا. ثقافتي ٽيڪنالاجي اچڻ سان وري سنڌين کي اتم درجي سيئتا اڏڻ ۾ تمام گهٽي هٿي ملي. هي سڀ ڳالهيون، ڏکڻ اولاهين ايرانين جي اوڀر طرف سنڌ ۽ بلوچستان ڏانهن لڏ پلاڻ بابت، اسان جي اڳ ڪيل دعويٰ کي درست ثابت ڪن ٿيون. العُبيدين (سُميري يا سِٽِي يا سنڌي: جيئن بہ سڏجن) جو هي سنڌ ۾ پهچڻ، اصل ۾، سومرن ۽ دراوڙن جو ميسوپوٽامي ڌرتيءَ تي ڊگهو عرصو ترسڻ کان پوءِ پنهنجي وطن موٽي اچڻ هو. سڪندر جي سنڌو ماٿر تي ڪاهه سومرن کي، چندرگُپت موريا جي روپ ۾، پنهنجي ڌرتيءَ جي بچاءَ ۽ پنهنجي مَهنداري خاصيت ثابت ڪرڻ جو ٻيهر هڪ موقعو ڏنو.

## باب اٺون

# چندرگُپت موريا (323 – 299 ق.م)
# هند پاڪ جو پهريون تاريخي سمراٽ

چيو وڃي ٿو تہ موريا راج گهراڻي جي آمد تاريخدانن لاءِ اوندهہ مان سوجهري ۾ ٽپڻ جو اهڃاڻ آهي، پر قسمت جو جَبر اهو آهي تہ تاريخدانن پاڻ ٿي، سنڌو ماٿر پَٽَن جي آجپي لاءِ وڙهندڙ پهرئين ڪاهوڙي ۽ هند پاڪ ننڍي کنڊ جي پهرئين تاريخي سمراٽ، چندرگُپت جي چؤڏاري ڌُنڌَ ۽ ويسَر جا پردا چاڙهي ڇڏيا آهن. هن عظيم ديس پريمي جوڌي جي ڄمر، ٻالڪپڻ، تعليم ۽ جنگجو زندگيءَ بابت ڏنڌلي تصوير چٽيندڙ ماخذ نہ رڳو ٿورا، پر ڪاند سان پريل پڻ آهن. اسان وٽ هنوقت جيڪي ڪجھ آهي، سو هنن شين تي ٻڌل آهي:

1. سڪندر سان گڏ يا هڪ پيڙهي پوءِ ننڍي کنڊ ڏانهن آيل يوناني ليکڪن جا ٻڌايل احوال.
2. چندرگپت کي ڪيڙيندڙ ۽ سنڌس وزير اعظم چاڻڪيا (ڪوٽيليا ۽ وشنوگُپت طور پڻ سڃاپندڙ) جو حڪمرانيءَ جي ڏانءَ بابت لکيل پُستَڪ 'اَرٿ شاستر'.
3. جين ڌرم جا شاستر ۽ پُراڻ يا سنسڪرت جا مشهور تاريخي گرنٿ.
4. مُدرارَڪشاسَ (رَڪشاسَ جي علامت) نالي چوٿين صدي ق. م ۾ لکيل قديم سياسي ناٽڪ.
5. چندرگپت جي دربار ۾ سيليُوڪَس جي يوناني سفير ميگاسٿينس جي ڪتابن جا وِکريل ٽُڪرا.
6. اسٽرابو ۽ ٻين يوناني ليکڪن پاران محفوظ ڪيل ڪجھ برهمڻي روايتون.


books.sindhsalamat.com



هنن ماخذن ۾ ڪارائتي ڄاڻ شامل آهي ۽ واقعن جي پروسي جوڳي سن وار ترتيب مهيا ڪن ٿا، پر رڳو چندرگپت جي زندگيءَ جي پوئين حصي بابت (جڏهن انهي ڏکي عرصي تائين مُٿرسيءَ ۽ لڳاتار ڪوشش ڪان پوءِ پنهنجي آزاد سلطنت قائم ڪري ورتي هئي)؛ سنڌس زندگيءَ جي پهرئين ڀاڱي بابت عملي طور ڪجھ بہ ناهي، جنهن جي چؤڏاري داستانن جو تهہ چڙهي ويو آهي. لوڪ ڪهاڻين ۽ ڪُجوڙ روايتن کي وڏي ڪاريگريءَ سان گڏائي جوڙيل افساني منجهان حقيقت سوڌي ڪيڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. پراڻن ليکڪن لاءِ اڻ ڌُريو ٽيڻ ڏاڍو ڏکيو هو: ڪڏهن ڪنهن ڳالهہ جي ڪري ۽ ڪڏهن ڪنهن.

يوناني تاريخدان ڪانٽس خوش نتا ٿي سگهن، چاڪاڻ جو اهو ئي تہ اڪيلو ماڻهو هو، جنهن ٽيڪسيلا واري جنگ ڪان وٺي ديس جي ڌرتي ڇڏي وڃڻ تائين سڪندر ۽ سنڌس لشڪر لاءِ اڻ ڳڻيون مصيبتون ڪڙيون ڪيون. اهي لکن ٿا تہ چندرگپت 325ق. م ڌاري ذاتي طور سڪندر سان مليو ۽ انهي کي اهڙو چيڙائي وڌائين، جو حملي آور کيس مارڻ جو حڪم ڏنو. نوجوان چندرگپت ، جيڪو مَگڌَ جي راجا نَندَ جي تمام وڏي لشڪر ۾ جنرل رهيو هو، پنهنجي پويان پيل يوناني آفيسرن ڪان وڏي ڏاهپ سان بچي نڪري ويو ۽ پنهنجي ديس جي ٻيابانن (هاٿوڪي وَان پَڇَرڻ ويجهو ڪٿي هوندو) ۾ وڃي پناهہ ورتائين. اها خبر ناهي تہ سنڌس ۽ سڪندر جي وچ ۾ ڇا ڳالهہ ٻولهہ ٿي ۽ حملي آور ڪهڙي ڳالهہ تي چڙيو؟ جي. ڊبليو. مِڪرِنڊِل، البت، هڪ اشارو ڏئي ٿو، جنهن مان اهو مطلب ڪڍي سگهجي اچي ٿو تہ سڪندر کيس پنهنجي لشڪر ۾ ڪو وڏو عهدو آڇيو، پر پنهنجي لوڻ ۽ مِٽيءَ سان سچي چندرگپت اها آڇ ٺهہ پهہ ٺُڪرائي ڇڏي. مِڪرِنڊِل جي راءِ آهي تہ اهو ديس پريم وارو جذبو ئي هو، جنهن کيس انهي طاقت جي ماتحت ڪو مٿيرو عهدو وٺڻ ڪان روڪيو، جنهن سنڌس ديس جون آزاديون چيٿاڙي ڇڏيون هيون.

'گُپت' معنيٰ ڳُجهيا لِڪل. سُجن ۽ پهچ ڪان ٻاهر ٻيابانن ۾ 'پنهنجي راج وارن وٽ' وڃي لِڪڻ واري ڏينهن ڪان وٺي بيرحم حملي آورن پاران ڌرتي ڇڏي وڃڻ تائين، چندرگپت يونانين مٿان ڏاڍي ڪاميابيءَ سان ڪيترائي گوريلا حملا ڪيا، انهن کي اڻ ڳڻين مصيبتن ۾ وڌو، حملي آورن خلاف ڳجهيون ڪارروائيون رٿيون ۽ توڙ ڀڄايون ۽ ڀڄاڙيءَ ۾ انهن جون سموريون ڇانوٽيون تباهہ ڪيون.


www.sindhsalamat.com

پُراڻن موجب مَگڌَ جا نَندَ راجا شودر هئا ۽ انهن انوقت جي ڪتري راجائُن جو بُڻ ڪڍيو هو. چاڻڪيا (ڪوٽِيليا) تي ملڪ، ان جي ثقافت، سائنس ۽ هنرن (شاستر ۽ شاستر) کي ناجائز نَندَ راجائُن جي چنبي مان آزادي ڏيارڻ جو وڏو بار هو. هاٽوڪي پاڪ پتڻ ويجهو ڪنهن هنڌ جنم وٺندڙ چاڻڪيا (ڪوٽِيليا) هڪ برهمڻ هو. برهمڻي قاعدي موجب حڪمرانيءَ جو حق صرف ڪترين کي هو، تنهنڪري قابض جو تختو اونڌو ڪري بادشاهي ڪتريءَ کي موٽرائي ڏيڻ جا سبب پيدا ڪرڻ هر برهمڻ جو ڌرمي فرض هو. چاڻڪيا درست ڪم ڪيو: نَندَن جو تختو اونڌو ڪيائين ۽ چندرگپت کي تخت تي ويهاريائين. هن پوراڻي روايت جو اشارو ان طرف آهي ته چندرگپت سچ پچ هڪ ڪتري شهزادو هو ۽ چاڻڪيا، ملڪ ۾ جائز ڪتري حڪمراني بحال ڪرائڻ وارو پنهنجو مشن پورو ڪرڻ لاءِ، ٺهڪندڙ اوزار طور ڪيس بلڪل صحيح استعمال ڪيو.

مُدرارَڪشاسَس ناٽڪ (جيڪو چندرگپت ڪان ستن صدين ڪان وڌيڪ پوءِ جو آهي) اڄ سڏي ريت، انهي جي نَندَن جو ئي ڪنهن نيچ ماءُ مان ڄاول ٻار هجڻ جو تاثر ڏئي ٿو. هن ناٽڪ جي ڪجهه ڊائلاگن ۾ ڪيس ڌڪار وچان 'وِرشال' ۽ 'ڪُلهِين' (نيچ ذات) ڪوٺيو ويو آهي، پر هن اڄ سڏي ڇٽر جون ٻه معنائون نڪرن ٿيون ۽ انهن جو مطلب ڦيرائي پڻ ڪڍي سگهجي ٿو. ناٽڪ جي حصي 111، 18 ۾، جتي هي لفظ ڪتب آندا ويا آهن، 'وِرشا' جو مفهوم نڪري ٿو 'بادشاهن ۾ وَهڙو يا ڏاند' (سرائڪيءَ ۾ واڙها): مطلب سگهو، طاقتور بادشاهه. چاڻڪيا پاڻ ٻه پنهنجي چيلي چندرگپت لاءِ پاٻوهه طور هي لفظ ڪتب آڻي ٿو. ناٽڪ ۾ قابض نَندَ کي ڏاڍو ڦُندايو ۽ ساراهيو ويو آهي ۽ 'پرَتِيٽَڪُولا' يعني مشهور ذات مان سڏيو ويو آهي. انهي لقب جي ابتڙ چندرگپت کي 'ڪُلهِين' سڏيو ويو آهي. هي لفظ 'نيچ' نه پر 'ٿورو هيٺ' يا 'غير معروف' جو مفهوم ڏئي ٿو: سرائڪيءَ ۾ ڪولا جي معنيٰ آهي ڪؤنرڙو (نرم) ۽ هيٺا معنيٰ ڏٻرو. پيءُ جي مُئي پڄاڻان ڄاول ۽ چاڻڪيا پاران ڌنار ڪان مُلهه وٺي يتيم طور تاتيل هن شهزادي جي ننڍپڻ وارا سال سندس غريبي، مسڪيني حال ۾ لانجهو هجڻ جو ڏس برابر ڏين ٿا، پر سندس نيچ ماءُ ڄائو هجڻ جو نه. ان ليکي ناٽڪي رياءَ کي تاريخ نٿو ڳڻي سگهجي.

ڊاڪٽر آر. ڪي. مُڪرجِي چوي ٿو: "اهو ڪم ارڙهين صديءَ جي شارح





ڍُوندِي راجا لاءِ رهيل هو، ته اهو پڪ پڪاڻ ڪري ڏئي ته چندرگپت، شودر زال مورا مان ڄاول، مؤريا جو پٽ هو ۽ سندس پيءُ جو نالو سَروَرٿاسِڌِي هو، جنهن کي پنهنجي زال سُنَندا مان ٻيو پٽ نَندُ هو." سنسڪرت لڪٽين ۾ صرف اهو ئي ٽڪرو آهي، جيڪو چندرگپت کي نيچ ماءُ ڄائو لکي ٿو. انهي ٽڪري ۾ شارح مؤريا لفظ جي تشريح مورا مان ڄاول طور ڪري ٿو، پر پوءِ اهو نٿو ٻڌائي ته مورا ڪا شودر عورت هئي. ٻي ڳالهه ته سندس گرامر پڻ غلط آهي، ڇاڪاڻ ته مورا منجهان موريا ته نڪري سگهي ٿو، مؤريا نه. تنهنڪري اها تشريح قبولڻ جوڳي ناهي.

چندرگپت جي اصل نسل بابت ٻوڌي روايت وڌيڪ پختي آهي. هتي ڪيس ڪترين جي موريا ذات جو فرزند، اُتم ۽ پَوِتر ڪُڙم سَڪيا جو ٻچو ڄاڻايو ويو آهي، جنهن دنيا کي ٻُڌُ ڏنو. ٻُڌَ ۽ انهي جي گهراڻي سَڪيا سان برهمڻن جي نفرت تمام مشهور آهي ۽ ڪجهه چوڻ جي محتاج ناهي. چندرگپت مٿان نيچ ذات واري ڇاپ انهي نفرت ۽ صدين ڪان هلي ايندڙ هڪٻئي تي چڙهت جو نتيجو آهي (جنهن بابت ڪجهه پئراگرافن جو حوالو اڳتي ڏينداسين). ٻوڌي شاستر صحيح لفظ مورِيا، مورَ (مايُر اڇارجندڙ) مان نڪتل، استعمال ڪن ٿا.

ٻوڌي ڌرمي گرنٿ دِگها نِڪايا (11. 167) ۾ پِڦاليواڻي (پِڦلانواڻي) جي مورِيَن جو حوالو آهي. مَهاوَمسا (گِيگر وارو ترجمو ص. 27) چندرگپت کي مورِيَن منجهان ڄاڻائي ٿو، جيڪي ڪتري هئا. دِوياوَدانا (ڪوويل جو ايڊٽ ڪيل ص. 370) چندرگپت جي پٽ بِندُوسرا ۽ انهي جي پٽ اشوڪ کي پڻ ڪتري ڄاڻائي ٿو. پلوٽارڪ (باب LXII) چندرگپت ڪان سڪندر کي رپورٽ پيش ڪرائي ٿوته، مَگڌَ جو نَندُ راجا سندس ظلمن ۽ نيچ ذات هئڻ ڪري غير مقبول آهي. سمجهڻ جي ڳالهه آهي ته جيڪڏهن هو پاڻ ٻه ساڳي ذات منجهان هجي ها ته جيڪر اهڙا ويڻ نه چئي سگهي ها، ڇاڪاڻ ته ڪو ٻه ٻالڪ پنهنجن ابن ڏاڏن جي گلا نٿو ڪري سگهي. ابا ڏاڏا نيچ هجڻ معنيٰ پاڻ ٻه نيچ هجڻ.

ان تاريخي حقيقت جي تصديق ڪوڙ سارن ثبوتن منجهان ٿئي ٿي ته، ڪوسالا راجا وِڎُوڏاوا جي حملي ڪان بچڻ لاءِ، موريا پنهنجي اصل برادري سَڪيا ڪان ڇڄي ويا: الِڳ ٿلِڳ هماليائي علائقي ۾ پناهه وٺي ورتائون. اهو علائقو ميانوالي ضلعي ۾ سَڪيسَر (سَڪا-سَر) طور سڃاتو وڃي ٿو. هي علائقو مورن سان ڀريل



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هو، تنهنڪري اهي مورِيا يا مورن واري علائقي جا ڪونجڻ لڳا. موريا راڄ گھراڻي سان مورَ (مايُر) جي ڳانڍاپي جي بنا ڪنهن شڪ شبهي تصديق هڪ اڪيلي آثاري ثبوت ذريعي ٿئي ٿي. اشوڪ جي ٿنڀن منجهان ننداڳڙهه واري ٿنڀ جي هيٺئين حصي تي مور جي تصوير، موريا راڄ گھراڻي جي شاهي علامتي نشان طور موجود آهي، جڏهن ته ساڳيو نشان سانچِي واري عظيم اسٽوپا تي ڪجهه مورتين ۾ ورجايل آهي، جنهن کي اشوڪ سان سندس زندگيءَ جي انهن ڪهاڻين آڌار جوڙيو ويندو آهي، جن کي انهن پٿر جو روپ ڏنو.

مور راجستان جي ايڪيهه مشهور راجپوت رياستن جو سرڪاري علامتي نشان رهيو آهي. ’مور مُڪَٽ‘ صرف تاجپوشيءَ جي رسمن مهل پائڻ وارو خصوصي تاج هوندو هو. عظيم شهنشاهه شاهجهان جي شاندار تخت طائوس (مور وارو تاج) جو خيال، پڪ سان شاهي حرم ۾ موجود راجپوت راڻين جي سوچ جو نتيجو هوندو.

هڪڙي ٻي وڏي اهميت واري شيءِ اها آهي ته، مور سنڌ جي حاڪم سومرا راڄ گھراڻي جو علامتي نشان هو، بلڪل ائين جيئن اهو موريا گھراڻي جو موڙ هو. ٺٽي کان چوکنڊيءَ تائين سومرن بادشاهن جي قبرن تي سرن ۽ گاري ۾ ڪوريل علامتي نشان مور اڄ به ڏسي سگهجي ٿو. سومرن سنڌ تي، ملتان سميت، ڇئن صدين کان وڌيڪ راڄ ڪيو. سندن حاڪميت اعليٰ اوپر ۾ راڇپوتانا جي دنگن کان وٺي ڏکڻ اولهه ۾ بلوچستان جي دنگن ۽ اولهه ۾ ويندي سُليمان جبل سلسلي تائين پکڙيل هئي. ڏکڻ ۾ گجرات ۽ ڪاٺياواڙ پڻ ان ۾ شامل هئا. يوناني ليکڪ اسان کي ڄاڻ ڏين ٿا ته 322ق. م ۾ پٽالا جو راجا موئِيرِس (مور لفظ جو ڪارُ) هو. تاريخ تصديق ڪري ٿي ته سندس لقب سمراٽ هو؛ هڪ مهان سومرو يا مڪمل راجا، جيڪو هر قسم جي اطاعت کان آجو هجي ۽ ننڍا راجا سندس اطاعت ڪندا هجن. هتي سوال ٿو اٿي ته، ڇا سومرا ۽ موريا ساڳئي بڻ بڻياد مان آهن؟ تاريخدان پنهنجي ان فيصلي تي يَڪراءِ آهن ته سمورن سنڌو ماٿر پَٽَن ۾ چندرگپت جي پنهنجي راڄ جا ماڻهو رهندا هئا، جيڪي پنهنجي مائٽ ۽ آجپو ڏياريندڙ جي حڪمن جي پوئواري سچي دل سان ڪندا هئا. اهو فيصلو صرف تڏهن سچ ثابت ٿيندو، جڏهن ٻه وڏيون ذاتيون سومرا ۽ موريا پاڻ ۾ ويجها مائٽ ثابت ٿين. سنڌو ماٿر جي بيابانن ۾ رهندڙ ذاتين جي بڻ بڻياد بابت ڪرنل ٽاڊ کان وڌيڪ ٻيو ڪو



books.sindhsalamat.com



ماهر ڪونهي. هو چوي ٿو: ”اگنِيڪُولن منجهان پرمار پهرئين نمبر تي ۽ اهم ترين آهن. ’دنيا پرمارن جي آهي‘ هڪ پراڻي چوڻي آهي، ڇاڪاڻ ته انهن جون 35 نُکُون (پاڙا يا شاخون) آهن، جن منجهان گھٽيون وڏي حد تائين پنهنجي مُنهن آزاد هيون؛ انهن ملڪ نَوَن ڊويزنن ۾ ورهائي ڪنيو هو، جن منجهان نئون ڪوٽ ۽ مارُوسٿَلِي نمايان هيون. سڪندر جو مد مقابل چندرگپت هڪ مور هو. پَوِتر شُجرن ۾ ڪيس ٽَڪشيڪ پڌرو ڪيو ويو آهي. پرمارن، جن جي مور مُک شاخ آهن، جون قديم لکتون ٻڌائين ٿيون ته اهي ٽَسٽا ۽ ٽَڪشيڪ ذات منجهان آهن؛ جيئن انهن جي طاقت جي ڳڙهه چِتور مان هاٽي به ٻڌايو وڃي ٿو. پرمارن جي ٻيون نمبر نُکَ سوڍا آهي؛ يونانين وارا سوگدائي. اها پرمارن جي وڏي ذات آهي، جنهن جو پراڻن جُڳن ۾ سمورن بياباني علائقن تي قبضو رهيو آهي. سندن پاڙن اومرا ۽ سومرا، عمرڪوٽ ۽ اومرا-سومرا تي نالو رکيو، جن ۾ سنڌوءَ تي بيٺائون پَڪَر هو.“

انهي هم نسلي تعلق جي تائيد لسانياتي طور پڻ ٿئي ٿي. سومرن پنهنجي قبضي هيٺ سمورن مُک هنڌن تي پنهنجي حاڪميت جي يادگار طور ماڙيون سڏجندڙ ٻه ماڙ عمارتون اڏرايون. اڄ تائين سنڌ ۾ ’سومرن جون ماڙيون‘ سڏجندڙ بيشمار دڙا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. مطلب ته سنڌو ماٿر پَٽَن ۾ جتي به ڪنهن پراڻي ڳوٺ يا قِتل ماڳ جي نالي ۾ ماڙي اچي، پڪ سمجهو ته اهو پراڻن دورن ۾ سومرن جي قبضي هيٺ رهيو هوندو. اهڙا ڪجهه نالا آهن: سِيتَل ماڙي (ملتان ۾)، رُوپا ماڙي (سنڌ ۾) ۽ ماڙي اندس (ميانوالي ۾). انهي منجهان چڱي طرح پروڙي سگهجي ٿو ته چندرگپت جي پنهنجي راڄ جا ماڻهو ڪير هئا ۽ اهي ڪيئن سندس سرواڻيءَ ۾ ٻڌي ڪري آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ هڪ هيبتناڪ طاقت بڻيا. سرائڪي چوڻي ’چوران تي پئہ ڳَئي مور‘ (چورن مٿان مورَ) ان تاريخي واقعي جي پلي سمجهاڻي آهي.

مٿي ڏنوسين ته مورين (وڌيڪ درست مورَ) ڪوسالا راجا جي حملن کان بچڻ لاءِ سَڪيسَر (سَڪن جو تلاءُ) واري هيٺين هماليائي علائقي جي ٿاڪرو علائقن ۾ وڃي پناهه ورتي. اتي پاڻ محفوظ هجڻ ڪري انهن ستت ئي پنهنجي هڪ ڌار ذات ٺاهي. اتڪ کان ڪالاباغ (لفظي معنيٰ پري کان ايندڙ پاڻي) تائين سنڌوءَ جا ساڄو ۽ ڪابو ڪپ والاري ورتائون. اتي اجا تائين اٽڪ ويجهو حاجي مور شاهه ڳوٺ موجود آهي. آريا سمنڊ کان ڊڄندا هئا؛ انهن لاءِ درياءُ ٽپڻ ئي پاپ هوندو هو.



www.sindhsalamat.com

تنهنڪري موريا هن سمنڊ جهڙي درياءَ جا بنا مقابلي مالڪ بڻجي ويا. ماڳ جهڙوڪ مور جهنگي، ڪشمور، مورو، مورالا وغيره ان جي ثابتي ڏين ٿا. ڪالاباغ وٽ هي مست درياءُ ٿاڪرو علائقا ڇڏي ميدانن ۾ گهڙي ٿو ۽ سمنڊ ڪنڌيءَ تائين هزار ڪن ميل پنڌ ڪري ٿو. مورن ڪالاباغ وٽ ٻيڙيون ۽ جهاز ٺاهڻ جو هڪ وڏو ڪارخانو قائم ڪيو هو. اهي ڪانن، جانورن جي سُڪايل (۽ مخصوص عمل مان گذاريل) آنڊَن ۽ ٺَر ۾ ٿيندڙ ٻئي مواد سان ٻيڙيون ٺاهيندا هئا. انهن پنهنجي ڪانن جي ٻيڙين وسيلي، پهريان سکر تائين ۽ پوءِ سمنڊ ڪناري تائين، سنڌوءَ کي جاچيو ۽ پرکيو. سندن ٻيڙيون ۽ جهاز تکن وهڪرن، بگڙيل موسم ۽ طوفانن جي سَٺَ سهڻ لائق ثابت ٿيا. انهي کان پوءِ سندن جهاز کلئي سمنڊ ۾ ميسوپوٽامر تائين پري پري هلڻ لڳا. ماهر ٻيڙياتا ۽ واپاري مال ڍوئڻ وارا بڻجي ويا. جڏهن اعربي سمنڊ ڪاميابيءَ سان اُڪريا ته عربن کين 'اميرالبحر' جو لقب ڏنو. مقامي طور اهي اجا تائين ميربحر سڏجن ٿا، جيڪو انهي لقب جو ڪارُ آهي. اهي سنڌوءَ ۾ چوڙ ڪندڙ دريائن ۾ پکڙجي ويا. واپاري، تجارتي ۽ مال ڍوئڻ واريون سندن سرگرميون ايترو تيزيءَ سان وڌيون ۽ پکڙيون جو کين لڏي پنهنجي هزارين ٻيڙين ۾ ويهڻو پيو ۽ انهن ۾ گهر ٺاهڻا پيا. رات ڏينهن ٻارين ٻچين ٻيڙين ۾ رهندا هئا ۽ مڇي ۽ پاڻيءَ جا ٻيا جانور کائي گذران ڪندا هئا. آرين، معمول موجب انهن کي انتهائي گندا نالا ڏنا، جهڙوڪ: مَلِيڇ (پليد)، شُودر (نيچ ذات) ۽ پِساچِي (ڪچو ماس کائيندڙ؛ مڇي وغيره). اسان جي اڳوڻن انگريز آقائن پڻ آرين جي پَرِ پاريندي هنن سمنڊ جهاڳيندڙن سان عزت ڀريو سلوڪ نه ڪيو. جيئن ته انگريز پاڻ سمنڊ جا سالار هجڻ جا دعويدار آهن، تنهنڪري اهي ساڳ وچان، هِنن کي انهي اعزاز ۾ ڀائيوار ٿيندو نه سهي سگهيا. سامراج، پنهنجي رعيت مٿان پڪڙ سوگهي رکڻ لاءِ محڪوم ماڻهن جي سمورن پراڻن ڪارنامن، هنرن ۽ ثقافتن، ويندي شاندار تاريخن کي به، ريٽي ڇڏيندو آهي. سندس پهريون نشانو آزاديءَ جا گهورا ۽ ويڙهاڪ قبيلا ٿيندا آهن.

انهي پاليسيءَ هيٺ انهن مورن کي ڏوهاري مشهور ڪيو، ڇاڪاڻ ته صديون اڳ اهي مورَ ئي هئا، جن سڪندر کي ٽوٽا چٻايا هئا. پنجاب حڪومت پاران 1916 ۾ ڇپايل 'اي گلوسري آف ٽرائيبس اينڊ ڪاسٽس آف دي پنجاب اينڊ نارٿ ويسٽ فرنٽيئر پراونس' ۾ عظيم مورن کي رولُو، نيچ ۽ ڪاسبي ڪاريگر ذاتين واري



books.sindhsalamat.com



لسٽ ۾ رکيو ويو آهي. انهي جو انگريز مصنف مسٽر اِبٽسن چوي ٿو ته: "اهو ستلج تي هيٺئين پاسي، چناب ۽ سنڌوءَ جي ڪپن سان رهندڙ هڪ رولُو مهاڻو قبيلو آهي." هڪڙو ٻيو انگريز عملدار مسٽر اوبِرائين اڃا هڪ قدم اڳتي وڃي ٿو ۽ چوي ٿو ته: "اهي ماڻهوءَ جو ماس کائيندا آهن (ساڳي پِساچِي واري ڳالهه). مهاڻن ۽ ٻيڙياتن جو هي قبيلو ڪالاباغ ۽ سکر جي وچ تي سنڌوءَ ۾ پنهنجون ٻيڙيون وهائيندو آهي. درياءَ جو پاسو بنهه گهٽ ڇڏيندو آهي...... سندن ٻنهي جنسن وارن ٻارن کي پنجن سالن جي ڄمار ۾ ئي ترڻو پوندو آهي ۽ ڏهن سالن جي ڄمار تائين پهچندي اهي ماهر تارُو ۽ ٽوٻا ٿي ويندا آهن".

جيڪڏهن اهو بحث ڇيڙجي ته قديم شهر ملتان جو نالو مَلِّي يا مَلّوئي منجهان نڪتو نڪري سگهي، جيئن کي تاريخدان سمجهن ٿا، ته اهو هڪ دلچسپ لساني اپياس ٿيندو، ڇاڪاڻ ته مَلِّي يا مَلّوئي واري 'زَبر' ڦِري 'پيش' يا 'وُ' نڪتي تي سگهي. اهو گهڻو ڪري 'مورستان' لفظ آهي، جيڪو ڦِري مُلتان يا مُولتان ٿيو آهي؛ 'ر' ۽ 'ل' جا اچار سڄي دنيا ۾ مٽبا سٽبا رهندا آهن. ٻي ڳالهه ته ملتان مورن جو هڪ تمام مصروف واپاري ڳڙهه رهيو آهي.

هڪڙو ٻيو لساني رخ هي به آهي: 'ميئہ' لفظ پراڻي پراڪرت ۽ سنسڪرت ٻنهي ۾ آهي؛ معنيٰ اٿس مُهاڻو ۽ 'مي' معنيٰ مڇي. (سنڌيءَ جي هڪ چوڻي آهي 'ميئہ مارينڌي مڇڙيون، ڪڏهن ميئہ مٿان به ايندي'؛ معنيٰ مڇڙيون مارينڌڙ مهاڻي مٿان به موت اچڻو آهي – سنڌيڪار) سنڌو ماٿر دريائن جي ڪپن سان هيٺ ڪان مٿي تائين ڪجهه هنڌ آهن، جن جي نالن ۾ 'مي' اچي ٿو، جهڙوڪ: سورج مِياڻي (ميئاڻي)، مِياڻي شاهپور، سون مِياڻي، مِيانپور، مِيانوالي، مڪران (مهاڻن واري ساموندي ڪنڌي)، مٿالا، مِيابل وغيره. انهن جو ڏَسُ دريائن تي مورن جي حاڪميت واري دور ۾ لهي سگهي ٿو. ملتان جو هڪڙوقديم نالو 'مِيسان' به لڪتن ۾ اچي ٿو؛ معنيٰ مهاڻن جو ڳڙهه. اهي هنڌ واپاري مال لڏِڻ ۽ لاهڻ وارا دريائي بندر هئا ۽ مڇيءَ جي پڙين جو ڪم پڻ ڏيندا هئا. مڇيءَ جي ڪاروبار هڪڙي ٻي تمام اهم صنعت کي هٿي ڏني. مڇيءَ جي اکين مان موتي ٺهڻ لڳا. اهي موتي ڏيساور ۾ ايترا ته وڪيا، جو سنت ئي انهن جي وڏي پيماني تي پيداوار جا بندوبست ڪرڻا پيا. 'مي' سان نالي وارين انهن پڙين مان گهڻيون موتين جا ڪارخانا بڻجي ويون.



www.sindhsalamat.com

ماڻڪ (مِين= مڇي+ اک) معنيٰ موتي. جن هنڌن جي نالن ۾ 'ماڻڪ' اچي، تن جو پتو مورن جي ايجاد ڪيل انهي موتي ناهڻ واري ڪم مان لهي سگهجي ٿو.

مختلف ڪنڊرن جي کوٽائيءَ مان مليل ڦرهين جي جيڪڏهن مڪمل پاڄ ليي پوي ها تہ جيڪر سنڌو ماٿر پٽَن جي مورن ۽ ٻين ذاتين بابت اسان وٽ ڄاڻ وڌيڪ تفصيلي ۽ وڌيڪ پڪ واري هجي ها. هنوقت ماهر تشريح لاءِ هٿ ايندڙ هر قسم جي ڄاڻ گڏ ڪرڻ ۾ رُڌل آهن. سچ ۽ ڏُکا گاڏڙ هڪ اهڙي تشريح هتي ڏجي ٿي. اسڪاٽلينڊ جي ڊاڪٽر ايل. اي. واڊيل اسان جي ماٿري ۽ ميسوپوٽامر مان لڌل آثاري ثبوتن جو اڀياس ڪندي حياتي گذاري ڇڏي. انهن ٻنهي ماڳن جي کوٽائي مان لڌل مُهرن ڪي آريا بادشاهن جي فهرست ۽ سُميري بادشاهن جي فهرست سان ڀيٽيندي ڪيس ٻنهي فهرستن ۾ شامل تاريخ کان اڳ وارن بادشاهن جا نالا اچرج جي حد تائين هڪجهڙا نظر آيا. هو ثابت ڪري ٿو تہ ڏکڻ اولهہ ۾ عربي سمنڊ جي ڪنڌيءَ کان اتر ۾ آريانا تائين پکڙيل سنڌو ماٿر سُميرين جي هڪ بينڪيت هئي. بادشاهہ عُرواش ۽ سندس فونيشيائي راڄ گهراڻو سامونڊي وڻجارا هئا. ان حقيقت جو ثبوت سامونڊي بندرگاهہ شهر لگاش منجهان لڌل سندن دور جون اڻ ڳڻيون شيون آهن. انهن شين ۾ ڪُنڊيون، مڇي ڦاسائڻ جو سامان، سُئا، سهڻا نهيل ۽ جڙاوت ۾ ڪم ايندڙ ڪوڏين ۽ سِپِين جا زيور، بادشاهہ جي طاقت جي نشانِي ڄار، لگاش شهر جي سرپرست بزرگ ڪي وِيٽن جي پيٽا ۽ طوفان، پاڻيءَ واري هنڌ ۽ سمنڊ جي معنيٰ ۾ سِڙهہ جو تصويري استعمال - 'مار' يا 'مارُو' جي صوتي مطلب سان - شامل آهن، جيڪي هن 'سمنڊ' لاءِ اسان جي جديد آريائي لفظن جو سُميري بڻ بڻياد ڪري ڄاڻايا آهن. اهو فرينچ ٻوليءَ ۾ Mer، گاٿي ٻوليءَ ۾ Marr، آئرش ۽ گالي ۾ Muir، لاطينيءَ ۾ Mare، انگريزيءَ ۾Mere، ميرين، ميرينر، ميريٽائيم، مارش وغيره آهي . اهو سُميرين جي سامونڊي شاخ جي لقب مارُو ۽ مارُوت، ۽ سنسڪرت جي مارُوتاس يا موراڻيٽ يا ايموراڻيٽ جو سُميري بنياد پڻ آهي، جن ماريطانيا يا مراڪش ۾ پنهنجو نالو ڇڏيو آهي.”

پراڻي سُميري بادشاهي فهرست 'مَگدل پٽ عُرواش بادشاهہ' نالو ملڪ جي مُک طور ٻڌائي ٿي. انهي جي سنڌو ماٿر ۾ سرگرمين جي وڌيڪ پڪ هندي فهرست جي سورج وَنسين منجهان هڪ جي ڪيترين ئي قلمي نسخن مان 'مارو'





لقب ذريعي ٿئي ٿي. انهي سان سندس تعلق سنڌو ماٿر جي سنڌ واري ٿَر سان جُڙندو نظر اچي ٿو، جنهن ۾ پراڻا سُميري شهر 'رِڻ ۾ ساواڻ' طور موجود آهن. مارُو معنيٰ ريگستاني بيابان. مارُو نالو سنڌو ماٿر جي وڏي سنڌي ٿَر جي راڄپوتانا واري ڀاڱي مارواڙ جي نالي ۾ اڄا تائين هليو ٿو اچي. اهو چولستان ۾ مروٽ قلعي جي نالي جو حصو پڻ آهي، جنهن تي هڪڙو ڪتبو لڳل آهي تہ 1453ع ۾ (دائودپوٽن جي حڪومت کان گهڻو اڳ) انهي جي مرمت مٿس قابض سومري جاگيردار ڪرائي. پر حقيقت اها آهي تہ مَگدل کي سندس مُهرن ۾ چٽي طرح مار ۽ ماڙُو سڏيو ويو آهي.

پراڻي سُميري بادشاهي فهرست ۾ عُرواش جو شاهي گهراڻو ڪتبن ۽ هند واري بادشاهي فهرست سان گهڻو ميل ڪائي ٿو، پر آرين جي دلين ۾ صدين کان پلجندڙ ساڙ، سندن پنهنجن ئي بادشاهن جو رتبو ايترو تہ ڪيرائي ڇڏيو، جو انهن کي هر ان گندي نالي سان سڏيائون جيڪو ذهن تي آين. هِن سامونڊي وڻجاري راڄ گهراڻي جي پونيَرن پاران سنڌو ماٿر ۾ قائم ڪيل ميسوپوٽامي سُميري بينڪي راڄ جي مڪمل تائيد انهن جي مُهرن ذريعي ٿئي ٿي.

اسان جي نندي ڪنڊ جي باقاعدي يا لکت هيٺ آيل تاريخ يوناني حملي سان شروع ٿئي ٿي؛ دنيا جي هن ڀاڱي ۾ ان کان اڳ ٿيل واقعن بابت اسان وٽ زباني روايتن، نانين ڏاڏين پاران پنهنجن ٻارن لاءِ هنڌ وارين لوڪ ڪهاڻين، يادگيرين وسيلي پهتل ڏند ڪٿائن، پراڻن جُڳن جي ايڪڙ ٻيڪڙ نشانين ۽ ڪيترن ئي مصنفن پاران مختلف دورن دوران ۽ ڏگهين وِٿين کان پوءِ تخليق ڪيل ويدي يا پوراڻي ادب کان سواءِ ڪجهہ بہ ڪونهي. چيو وڃي ٿو تہ جتي تاريخ هارائي ويهندي آهي اتي آثار ڪامياب ٿيندا آهن. اڳ ڪيل بحثن ۾ اسان آرين ۽ دنيا جي هن ڀاڱي ۾ آرين جي اچڻ کان هزار کن سال اڳ اچي آباد ٿيل ڪجهہ ٻين قبيلن جي ڳالهہ ڪري آيا آهيون. جيڪڏهن اسان هتي هڪ مختصر وضاحت ڪريون تہ اهي ٻئي ماڻهو ڪير هئا، اسان جي نندي ڪنڊ ڏانهن ڪيئن ٽپي آيا ۽ پاڻ ۾ ڪهڙي قسم جا رشتا ڳنڍيائون؟ تہ اهو نہ صرف دلچسپ پر انتهائي ڪارائتو اڀياس پڻ ٿيندو.

وچ ايشيا، ميسوپوٽامر، ايراني دنگن ۽ ٻين هنڌن تي ڪيل آثاري اڀياسن هاڻ ان راءِ جي تصديق ڪري ڇڏي آهي تہ چوٿين برفاني دور دوران ڪاري سمنڊ جي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

پاسن سان سِٽيا ڪوٺجندڙ هيٺين ڪاپي ۽ ساڄي علائقن جا رهواسي عراق جي صوبي سُمير ڏانهن لڏي ويا. انوقت سُمير اتم درجي سڌريل هو. اهي سِٽيا واسي ٻن ڪان ٽي صديون سُمير ۽ انهي جي پاسن سان رهيا. تيستائين انهي علائقي تي اجا 'سُمير' نالو نہ پيو هو. اتي گڏجي رهڻ دوران يَڪو سندن ٻولي هڪڙي، مذهب هڪڙو، ثقافت هڪڙي ۽ رهڻي ڪهڻي هڪجهڙي رهي. هنن وڏين ڏرين منجهان هڪڙي 'ٻَليدان پنٿ' کي مڃيندي هئي، پر ٻي ان جي سخت مخالف هئي. ٻليدان ۾ ڏجندڙ لاڳ ڏرمي اڳواڻ وصول ڪندا هئا، تنهنڪري اهي نہ مڃڻ وارن جا سخت مخالف ٿي بيٺا. ڪجھ وقت ڪان پوءِ هنن ٻنهي ڏرين کي هڪٻئي ڪان ڇڄڻو پيو. ٻليدان کي مڃيندڙ ڏر وارا ايران ڏانهن وڌيا، ان جي صوبي آريانا ۾ ٻن صدين تائين ترسيا، اتي پاڻ کي آريا سڏايائون، ايرانين ڪان ٻاھ جي پوڄا ۽ ڪوڙ ٻيون شيون سکيا، تنهن ڪان پوءِ اجا اڳتي هليا، نيم سڌريل، ويڙهاڪ ۽ ڏنار ماڻهن جي روپ ۾ برف سان ڍڪيل وڏا جبل اُڪريا ۽ آخر ۾ ڪشمير ۽ پاڪستان جي اترين ڀاڱن ۾ پهتا. ٻي ڏر (ٻليدان کي نہ مڃيندڙ) وارا سليمان جبل سلسلي ڏانهن هليا، 90 لَڪن رستي نسبتن ننڍا جبل اُڪريا، اصلوڪن ديس واسين سان ٺهي سنڌو ماٿر پَٽَن ۾ آباد ٿيا، اتم درجي شهري سيئتا سرجيائون ۽ پنهنجي ڪانن جي ٻيڙين تي دريائن ۽ سمنڊ رستي ميسوپوٽامر ۽ مصر وغيره سان واپار ڪيائون. لفظ سِٽ (اسڪائيٿ پڻ) منجهان البت سَڪا، سَٽا، زَٽ، جت، جاٽ، جِٽ وغيره نڪتا.

ديوتائن جي ساراھ ۾ چيل رِگ ويد جي ڪيترن ئي منترن ۾ اسان کي ٻن ازلي ويري ڏرين وچ ۾ جهڙپن ۽ مڌياديش (وچون ديس) ۾ آرين جي واقعاتي آبادڪاريءَ جا حوالا ڏيندڙ ڏندڪٿائي ڪهاڻيون ملن ٿيون. انهن پنهنجو ڌرم هتي مڪمل ڪيو، مڪمل هندو بڻيا ۽ پنهنجي ملڪ کي آرياوَرت ۽ ڀارتوَرش ڪري سڏيائون.

آڪسفورڊ هسٽري آف انڊيا مطابق "سنڌوءَ جي ماٿري ۽ ستلج جي اولھ پاسي وارا علائقا اندروني هند جي برهمڻن وٽ اَشُڌ علائقا ليکجڻ لڳا. اها ناپاڪ ڌرتي سمجهي ويندي هئي؛ سچن ڌرم سيوَڪن جي رهڻ لاءِ نامناسب."

اتر اولھ وارا علائقا وچ ايشيائي حملي آورن جي هڪٻئي پٺيان ايندڙ ڪٽڪن پاران لڳاتار لتاڙيا رهيا. حملي آور برهمڻن جي طريقن جو احترام نہ ڪندا هئا، پنهنجن طريقن تي هلندا هئا.







پوءِ واري ويدي ادب ۾ سنڌو ماٿر جي مٿئين ڀاڱي جو ذڪر گهٽ وڌ ڳالهائي ۽ بي ادبيءَ سان ناپاڪ ڌرتي سڏي ڪيو ويو آهي؛ جتي ويدي ٻليدان (قربانيون يا صدقا) نہ ڏنا ويندا آهن. آرين کي قانون ڏيندڙ ٻُڌيانا سنڌو ساويرا جي ماڻهن کي سَنڪرنايوٽي يعني 'گاڏڙ نسل' سڏيو آهي. جيئن تہ هزار سال اڳ سليمان جبل سلسلا اُڪري آيل سومرا هتي رهندڙن سان رلي ملي سنڌو ماٿر ۾ وَسي چڪا هئا ۽ اصلوڪا رهواسي دراوڙ سڳاوتين ذريعي ساڻن ڳنڍجي چڪا هئا، تنهنڪري سندن تاريخي ويري ڏُر مٿن اها چٽر ڪئي. ويدي ادب ۾ سموري سنڌو ماٿر جي ماڻهن کي داس، شودر، مليڇ، نِيشد ۽ ڀِساڇي سڏي بي عزت ڪيو ويو آهي. اسان جي ملڪ ۽ ماڻهن سان آرين جي صديون پراڻي ساڙ جو پس منظر اهو آهي. اهي ڀلا ڪيئن ٿي چندرگپت کي ڏڪار ڪان بخشي سگهيا، جيڪو نہ آريو هو ۽ نہ هندو. انهي جي نيچ ماءُ ڄائو هجڻ واريون ڪوڙيون ڪهاڻيون گهڙيائون ۽ ڳالھ منجهان ڳالهوڙو بڻائي هُلايائون؛ ان حقيقت جي باوجود تہ ان شخص کين آجپو ڏياريو هو.

ٻوڌي روايتن موجب چندرگپت جو پيءُ 'هماليہ لڳ هڪ ماٿريءَ ۾ هڪ ننڍڙي بادشاهيءَ تي' راڄ ڪندو هو. هماليہ لڳ انهي ماٿريءَ جي سڃاڻپ لاءِ اسان کي مسٽر موتي چندرا وٽان سندس ڪتاب 'ٽريڊ اينڊ ٽريڊ روٽس اِن ائنشِيَنٽ انڊيا' ۾ هڪ اشارو مليو ٿو. هو چوي ٿو تہ: "ڪابل واري ماٿري پنهنجي اوچاين مطابق ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي: هڪ جلال آباد ڪان اٽڪ تائين _ هندي ننڍي ڪنڊ (اڄڪلھ ڏکڻ ايشيا) وارو جاگرافيائي ڀاڱو ....... ۽ ٻيون ڀاڱو جلال آباد ڪان پوءِ شروع ٿئي ٿو....... سڪندر هي علائقو مورين ڪان فتح ڪيو هو".

هي بيان ايترو تہ چِٽو آهي جو چندرگپت جي پيءُ جي ان 'ننڍڙي بادشاهيءَ' جي بلڪل درست سڃاڻپ ۾ ڪو شڪ باقي نٿو رهجي؛ اها سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ تي ۽ ان جي راڄڌاني ڀِڦلانواٽي (هاڻ ڀِپلانوالي يا ڀِپلان) هئي. هي بيان رڪارڊ ٿيل تاريخ جي ان تلخ حقيقت سان بلڪل ٺهڪي ٿو تہ چندرگپت هٿان شرمناڪ شڪست کائڻ وقت سيليُوڪَس دوستيءَ جي تحفي ۽ اطاعت طور چندرگپت کي جيڪا ڀهرين آڇ ڪئي، سا سڪندر جا فتح ڪيل سندس پيءُ جا سون سَڪيسَر ڪان جلال آباد تائين وارا علائقا موٽائي ڏيڻ هئي. سون تاريخ ڪان اڳ جي هڪ نَئين جو نالو آهي ۽ سَڪيسَر معنيٰ سَڪن جي ڍنڍ. هتي اهو ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ چندرگپت

جڏهن نيٺ پنهنجي شهنشاهت قائم ڪري ورتي تہ پنهنجي راڄڌاني گنگا ۾ چوڙ ڪنڌڙ انهي سون جي پُچڙيءَ تي آباد سَڪن جي شهر پاٽلِيپُترا کي بڻايائين.

چندرگپت جو پيءُ مقامي دشمنن جي حملي ۾ پنهنجي پِڦلانواٽي بادشاهيءَ جو بچاءُ ڪندي مارجي ويو. تاريخدان انهي کي دنگئي ڦڏو سڏين ٿا. اوچتو بيواهہ ٿي پيل مها راڻيءَ کي پاڻ بچائي سَڪن جي شهر پاٽلِيپُترا (پُشپاپورا ۽ ڪُشماپورا بہ سڏجي ٿو) ڏانهن وڃڻو پيو. جيڪڏهن اها عورت شودر (نيچ ذات) هجي ها ۽ پنهنجي مڙس وانگر مورن جي ساڳئي شاهي گهراڻي جي مها راڻي نہ هجي ها تہ جيڪر انهي کي پنهنجي ڪُک ۾ پلجندڙ ٻار جي بچاءَ لاءِ ڪا محطوظ جاءِ ڳولڻ جي ڳڻتي نہ ٿئي ها. سَڪن جي شهر ڏانهن ويندي واٽ تي، انهي جي ويجهو مال جي هڪ واڙي ۾ مري ويل مڙس مان ٽيل پٽ ڄڻيائين. ٻار ۽ ماءُ ٻنهي کي تمام ’نماڻي‘ ۽ ڏکئي حال ۾ ڏسي هڪ ڏنار ٻار تي چندرگپت (ڳجهو چنڊ) نالو رکيو ۽ ڪيس تاتڻ جي ذميداري پنهنجي سِر ڪنئي. چاڻڪيا، چندرگپت کي هڪ ڳوٺ ۾ هڪ ڳنوار جي تاتيل پُٽ جي روپ ۾ ڏٺو، جنهن کي انهي ٽڏي تي ئي هڪ هزار ڪَرسَپَنا پري خريد ڪيو. آڪاٽي ائين آهي تہ ڳوٺ جي پڌر تي اهو چوڪرو چندرگپت هڪ جيڏن سان بادشاهہ (راجا ڪِرڙا) واري راند ڏاڍي ٺهڪندڙ سياءَ سان ڪيڏندي پنهنجي ڪوڙ پچاڻي دربار ۾ انصاف ڪري رهيو هو. چاڻڪيا پهريون پيرو چندرگپت کي انهن راندين منجهان ئي هڪڙيءَ ۾ ڏٺو. هن انهي واهڻي ٻار ۾ سڀ شاهي گڻ ۽ مستقبل جي مهانتا محسوس ڪيا. انهن ڏينهن ۾ ٽيڪسيلا (ٽَڪشاسِيلا نگَر وَسِي) هڪ عالمي درسگاهہ بڻجي چڪو هو، جتي شهزادا ۽ چڱن مڙسن ۽ سُکين ستابن برهمڻن جا ٻار تعليم مڪمل ڪرڻ لاءِ موڪليا ويندا هئا. اسٽرابو مطابق انهي راڄڌاني شهر جي آبادي پانت پانت نسلن تي ٻڌل هئي؛ اتان جا رهواسي زرتشتي مذهبي طريقن ۽ ڪوڙ سارين ميسوپوٽامي رسمن تي هلندا هئا.

چندرگپت موريا کي ستن اٺن سالن جي ٻنهہ نن‍ڍڙي ڄمار ۾ تعليم پرائڻ لاءِ شهزادو بڻائي ٽيڪسيلا آندو ويو. ايچ. سِي. رالِنسن چِٽي طرح ٻڌائي ٿو تہ انوقت اهو مرضيءَ آهر موڙي سگهڻ جوڳي ٻاراڻي ڄمار ۾ هو ۽ سڌو سنئون ايراني اثر هيٺ اچي ويو. اهو اتي 16 يا 17 سالن جي ڄمار تائين رهيو. تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ ڪيس رياستي ڪار وهنوار هلائڻ جي عملي سکيا ڏيڻ لازمي هو. ڪيس ڪيڙيندڙ چاڻڪيا





ڪيس مَگڌَ جي راجا نَندَ سان ملايو. هتي هن نوجوان شهزادي کي پنهنجي ڏات ڏيکارڻ جا پورا موقعا مليا. راجا کي پنهنجي لياقتن سان اهڙو موهي وڌائين، جو ستت ئي چڙهندو انهي جي لشڪر ۾ جنرل جي عهدي تي وڃي پهتو. اهي سمورا سال هو يونانين جون طوفاني ڪاهون ۽ سنڌو ماٿر پَٽَن جي ننڍين ننڍين رياستن جون اندروني اٿبٽٿون ماٺ ڪري ڏسندو رهيو. مِڪرِندل چوي ٿو تہ: جنهن تيزيءَ سان سڪندر هن مُلڪ ۾ پنهنجون حقيقي فتحون ماڻيون؛ ان ڳالهہ تي سوچي ڏاڍو عجيب ٿو لڳي تہ سنڌس ڪاهہ جي هر مرحلي تي ڪيس هڪ اٽل مُهاڏو مليو. ماڻهو نہ رڳو تمام ويڙهاڪ طبيعت جا هئا، پر ساڳئي وقت هٿيارن جا هيراڪ بہ هئا ۽ جيڪر منجهن ٻڌي هجي ها ۽ پورس جهڙو ڪو قابل ماڻهو سندن سرواڻي ڪري ها تہ هوند ڪا وڏي تباهي مقدونين جو مقدر بڻجي وڃي ها. ان ليکي آرام سان پروڙي سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن سنڌو ماٿر جا پَٽَ سڪندر جي جُلِهن کي ٻڌيءَ سان سامهان ٿين ها تہ سنڌس پاڳ وارو تارو سنڌو اُڪرندي ئي هوند مٿي وڃي پهچي ها. پر انهي جي ابتڙ ڪيس ملڪ ۾ گهڙڻ وقت سندس ارادن سان ڀرپور موافق سياسي حالتون مليون. سنڌوءَ ۽ انهي ۾ چوڙ ڪنڌڙ دريائن جا علائقا انوقت ڌار ڌار رياستن ۾ ورهايل هئا؛ ڪي بادشاهي تہ ڪي عوامي راڄ هيٺ، پر سڀ جو سڀ هڪٻئي سان ساڙ ۽ ذاتي دشمنين سبب گڏيل دشمن کي متحد ٿي منهن ڏيڻ کان رَندِيَل ۽ ان ليکي ماري مات ڪرڻ ۾ ٻنهہ سولا. نوجوان جنرل ۽ سچو ديس پريمي ڏرتيءَ ڄائو چندرگپت انهي نازڪ صورتحال کان پوري طرح آگاهہ هو، جنهن ۾ سنڌس مادر وطن پاڻ کي پاڻ وڌو هو. گرم رت سنڌس رڳن ۾ ٺهڪيو ٿي؛ پنهنجي ماڻهن کي وڏي اتساهہ سان ۽ تڪڙو متحد ڪرڻ تي گهريائين — ٿورا ئي سهي پر گهٽ ۾ گهٽ آزاد ماڻهو — ۽ هڪ متحد فوجي طاقت سان حملي آورن کي مات ڏيڻ تي گهريائين. راجا آڏو پنهنجا ويچار اوريائين ۽ انهي کي هٿ ملائڻ جي درخواست ڪيائين. مَگڌَ جي راجا نَندَ سنڌس صلاح جو ابتو مقصد ورتو. تاريخدان مڃين ٿا تہ اهو نيچ ذات مان هو؛ هڪ حجم جنهن ٺڳيءَ سان مَگڌَ جي شاهوڪار رياست تي قبضو ڪيو هو. ’اي ڊڪشنري آف انڊين اسٽيٽس‘ ٻڌائي ٿي تہ: نَندَ راڄ گهراڻي جو بنياد مَهاپَدم 362ق. م ۾ مَگڌَ ۾ وڌو. نَندَ نيچ ذات (حجم) هئا، پر تمام مالدار ۽ طاقتور ٿي ويا. سندن راڄ اولهہ ۾ بياص تائين پکڙيل هو. (ص. 633) نَندَ جي لشڪر ۾ 20،000 گهوڙا، 200،000 پيادا، 2،000 رَٿُون ۽ ٽي کان چار هزار هاٿي شامل هئا.



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

فطري ڳالھ هئي تہ هو ايڏي وڏي بادشاهي وڃائڻ جو جوکم کڻڻ کان ڊنو ٿي، سو سمجهيائين تہ نوجوان جنرل سندس تختو اونڌو ڪرڻ جي سِٽَ پيو سِٽي، تنهنڪري انهي ڪي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيائين ۽ چندرگپت ڪي وڃڻو پيو.

اسان ڄاڻون ٿا تہ اهي سمورا سال چاڻڪيا پنهنجي نوجوان چيلي جو دوست ۽ مُک صلاحڪار رهيو، پر ان بابت گهٽ ٿا ڄاڻون تہ پاڻ چندرگپت ڪي پنهنجي گروءَ جي سڃاڻ هجڻ تي ڪيترو ويساھ هو. هتي ’ميگزِمس آف چاڻَڪيا‘ جو مصنف مسٽر ايس. ڪي. سُبرامِينيَم هن نڪتي تي روشني وجهندڙ هڪ ڪهاڻي ٻڌائي ٿو: ”هڪ ڏينهن جڏهن نَند جي لشڪر مان ڪڍيل چندرگپت ٻيلي مان پنڌ وڃي رهيو هو، تڏهن انهي برهمڻ ڪي ڪُسا جي ٻُوڙي جي پاڙن تي ڪنڌ جو شربت هاريندي ڏٺو. سُونجهٽاٽپ وچان چاڻڪيا کان ان عمل پٺيان ڏاهپ بابت پڇيائين. چاڻڪيا وراڻيو: ڪُسا جي هن ٻُوڙي منهنجي ڄنگهہ ڦٽي آهي، تنهنڪري مان ان ڪي ناس ڪرڻ ٿو گهران: ڪنڌ جو شربت وجهي مان هن ٻُوڙي جي پاڙن ڪي منو پيو ٻڌايان، نتيجي ۾ هزارين ماڪوڙا هن ڏانهن ڇڪجي ايندا، اهي ماڪوڙا سندس پاڙون ٽُڪي ناس ڪندا ۽ ٻُوڙو مري ويندو. هن اجا ڳالھ پئي ڪئي تہ ماڪوڙا مِڙڻ شروع ٿي ويا ۽ سنت ئي چاڻڪيا جي ڄنگهہ ڦَٽيندڙ ڪُسا جي پاڙن تي ماڪوڙن جو هڪ لشڪر گڏ ٿي ويو. چندرگپت چاڻڪيا جي سياڻپ ۽ ڊگهي نظر آڏو پنهنجو ڪنڌ جهڪايو ۽ حاڪم بڻجڻ ۾ سندس مدد ۽ مشوري جي التجا ڪئي. چاڻڪيا، جيڪو اڳي ئي نَندَ تي ٻَريو وينو هو، نہ پھ مڃي ويو.

چاڻڪيا جو ساڙ ڪو ٻيو نہ پر ملڪ جو گڏيل مفاد هو، جنهن ۾ چندرگپت بہ ساڻس ڀائيوار هو. هن عملي مظاهري ذريعي برهمڻ پنهنجي دشمن ڪي ناس ڪرڻ سيکاريو. نوجوان جنرل جو هن چالاڪ رياستي ماهر ۽ ڏاهي جي سياڻپ ڀري دليريءَ ۾ ويساھ پڪو ٿي ويو ۽ ان کان پوءِ ’دماغ، دل ۽ ٻانهُن‘ گڏجي تاريخ جا انتهائي معجزاتي واقعا ڪري ڏيکاريا.

ڪجھ لکيل ۽ ڪجھ اڻ لکيل هي واقعا هنن ٻن عظيم ماڻهن جي ڳُجهين ڪوششن ۽ مقدوني لشڪر ۾ فتنو وجهڻ، پرڏيهي حملي آورن خلاف فساد ڪڙو ڪرڻ، سندن ڪاهن ۾ رنڊڪون وجهڻ، چندرگپت جي ذات وارن سنڌ جي راجائن ڪي اُڀاري هنيلي فاتح ڪي ڏکيائين ۾ ڦاسائڻ ۽ پڇاڙيءَ ۾ پنهنجي سنڌي ٻيڙيائن



books.sindhsalamat.com



ڪي يونانين جي فوجن ڪي، جيڪي سنڌوءَ جي موجن جي لاٽ ۽ چاڙھ کان بلڪل اڻڄاڻ هئا، سندن قسمت تي ڇڏي ڀڄي وڃڻ جو حڪم ڏيڻ جي حوالي سان ماڻيل سندن ڪاميابين تي روشني وجهن ٿا.

مختلف تاريخدانن پاران ڏنل احوالن ۾ تمام گهڻو فرق آهي، پر ان مونجهاري منجهان جيترو سچ نپوڙي ڪڍي سگهجي ٿو، سو اهو آهي تہ چندرگپت موريا سڪندر سان پنهنجي سِر پاڻ مليو ۽ ڪيس نَندَن جي بادشاهيءَ تي حملو ڪرڻ جي صلاح ڏنائين. هڪ پاسي ڪيس پڪ ڏياريائين تہ هو اها رياست آسانيءَ سان فتح ڪري وٺندو، جو راجا ماڻهن ۾ غير مقبول هو ۽ اهي سندس پاران نہ وڙهندا ۽ ٻئي پاسي افواهون پکيڙي يونانين جي ٿڪل ٽُٽَل سپاهين ۽ جنرلن ڪي ڊيڄاريائين تہ ڀاري هٿيارن وارو هڪ وڏو لشڪر ساڻن مهاڏو اٽڪائڻ جي انتظار ۾ آهي. آريَن ٻڌائي ٿو تہ سڪندري لشڪر ڪي ٻڌايو ويو تہ هائفاسِس جي پريان وارو ملڪ تمام گهڻو اُپائُو آهي، اتان جا رهواسي ....دلير ويڙهاڪ آهن ...... انهن وٽ هاٿين جو ٻين هند واسين کان وڏو انگ آهي ۽ اهو تہ اهي قد بت ۽ همت ۾ گهڻو بهتر آهن. پلوٽارڪ ٻڌائي ٿو تہ پورس سان لڳل جنگ مقدونين جي ميسَ ماري ڇڏي هئي ۽ ڪين پارت ۾ وڌيڪ اڳتي وڃڻ کان ڏاڍو بي دِليو بڻائي ڇڏيو هو. ٻڌڻ ۾ آين تہ درياءَ جي ويڪر 32 اسٽيڊيا (پنڌ ماپڻ جي ايڪي اسٽيڊيم جو جمع: هڪ اسٽيڊيم برابر 184 ميٽر يا 606 فٽ) ۽ اونهائي 100 فَئدَم (ڇھ فٽ يا پُرِھُ = ٻانهن مٿي اڀي ڪري بيٺل ماڻھوءَ جي آڱرين جي چوٽيءَ تائين جيتري ماپ) آهي، جڏهن تہ انهي جي پرين ڪنڌي هٿياربند ماڻهن، گهوڙن ۽ هاٿين سان ڀريل آهي. ڪين وڌيڪ ٻڌايو ويو هو تہ گانداريتَل ۽ پرَئسِيائي جي راجائن بابت خبر آهي تہ اهي 80،000 گهوڙن، 200،000 پيادن، 8،000 جنگي رَٿُن ۽ 6،000 جنگي هاٿين وارو لشڪر ساڻ ڪري سندن انتظار پيا ڪن. هڪڙي ٻي شيءِ جنهن يونانين ڪي رنڊايو، سا هئي هن ملڪ جي جاگرافيءَ بابت سندن گهٽ ڄاڻ. سڪندر توڙي سندس سيني سپاهين ۽ جنرلن ۽ لشڪر ۾ موجود ڏاهن ماڻهن سمجهيو ٿي تہ اهي دنيا جي پڇڙيءَ تي پهچي ويا آهن ۽ اهو تہ بياص درياءَ جي پرئين پاسي رڳو (اڻ ڄاتل بيابان) هو. سڪندر ڪي نوجوان جنرل چندرگپت جي نيت تي شڪ ٿي پيو. هن سوچيو تہ هي ٻي ڊپو نوجوان ڪيس هڪ اهڙي ملڪ تي حملي جي دعوت ڏئي، جيڪو يا تہ هئو ئي ڪو نہ يا انهي تائين صرف خطرناڪ ’ڊيزَرٽا اِنڪاگنِيٽا‘ ٽپي ئي پهچي سگهيو ٿي، جنهن جو



www.sindhsalamat.com

مطلب هو سندس ۽ سندس لشڪر جي سخت بربادي، ساڻس ٺڳي پيو ڪري. مسٽر اي. ايل. بشام، جَسٽِن ۽ پلوٽارڪ جي بيانن آڌار لکي ٿو ته: "چندرگپت پنهنجي ٻي ڏيائيءَ سان سڪندر کي چيڙائي وڌو ۽ اهو ته فاتح کيس مارڻ جو حڪم ڏنو، پر هو پنهنجي گهوڙي کي پوري رفتار سان گوهيون ڏياريندو ڀڄي ويو. انهي ڪان پوءِ هو ڪيتريون ئي خطرناڪ مُهمون ڪري يونانين ۽ انهن جي ڇانوٽين کي ڌِڪي ٻاهر ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿيو....."

ٻوڌي گرنٿ (مَهارَترا-ٽِيڪا) مطابق چاڻڪيا هڪ ديسي 'لشڪر ٺاهي' ۽ چندرگپت جي سرواڻيءَ ۾ ڏيڻ واري ڪم ۾ لڳي ويو، جيڪو پاڻ به پنهنجي ماڻهن کي متحد ڪرڻ ۾ لڳي ويو؛ نام نهاد بنا راجا راڄ، سموري سنڌو ماٿر پَٽَن ۾ ٽڙيل پکڙيل ۽ دريائن ۽ بيابانن تي راڄ هلائيندڙ آزاد ۽ ڇڙواڳ ماڻهو. ڌرتيءَ جي هنن ٻنهي ديس پريمي فرزندن پنهنجي مخلص مِشن ۾ معجزاتي ڪاميابيون ماڻيون. جَسٽِن (XV-4) تبصرو ڪري ٿو ته چندرگپت "ڌاڙيلن جو هڪ ٽولو گڏ ڪيو"؛ مِڪرِنڊل (ص. 406) چوي ٿو ته هي "ڌاڙيل" جمهوري ماڻهو هئا، جن کي ٻُڌيانا ڌڪار وچان ڌرماسُوتر ۾ اَرَٽا يا اَراشتراڪَ معنيٰ بنا راجا راڄ سڏيو. اسان ڄاڻون ٿا ته ڪلئي آسمان هيٺ ۽ اَپار بيابانن ۾ رهندڙ ماڻهو ڪيترا آزاد هوندا آهن. اهي بنا راجا راڄ وارا ڪي ٻيا نه پر اسان جي ٿَلَ (سنڌوءَ جي ڪاٻي ڪپ تي)، چولستان (بهاولپور جي ڏکڻ اوير ۾ جتان وچايل درياءُ هاڪڙو رڻ ڪڇ تائين وهندو هو) ۽ وڏي ٿر بيابان (هاڻ سنڌ ۾) جا رهواسي هئا. مهاڀارت پڻ هنن بنا راجا راڄ وارن کي اَرَٽا، پنچَنَد ملڪ يا پنجن دريائن واري ڌرتيءَ جا ماڻهو سڏي ٿو ۽ ڪين ٻين ماڻهن پَرَستالا، مَدرا، گنڌارا، خاصا، واسطِي، سنڌُو ۽ ساويرا جي نالن سان گڏ واهِيڪَ پڻ سڏي ٿو. آريَن چوي ٿو ته ملڪ جي هن پاسي جي وڏي ڀاڱي تي انهن ڏينهن ۾ "آزاد قبيلن" ۽ "ڇتيُن قومن" جو قبضو هو، جيڪي پنهنجي رت سان به وڙهي پوندا هئا.

هاڻ، ديس ۾ موجود فوجي گڏن ۽ مزاحمتي جذبي، جيڪو انهن پنهنجي اڪين سان ڏٺو هو، کي منظم ڪرڻ ۽ انهي کي نَندَن جو تختو اونڌو ڪرڻ ڪان به وڌيڪ ڪامياب ڪوشش لاءِ استعمال ڪرڻ جو دارومدار چاڻڪيا ۽ چندرگپت جي ڏاهپ تي هو. وطن کي يونانين جي چنبي مان آزاد ڪرائڻو هو. انهي ڄار منجهان وطن جي آزاديءَ واري عظيم مقصد لاءِ گهربل لشڪر ڪڙو ڪرڻ ڪين آيو ٿي.



books.sindhsalamat.com



چندرگپت موريا جي پهرين 'مُهم' ڪُسا ٻُوڙي جي پاڙن کي منو ٻٽائڻ جهڙي ئي هئي. زمين جي ٻُڪئي مقدوني بادشاهه کي پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪيائين. آريَن چوي ٿو ته سندس "ڏنل ڄاڻ رڳو سڪندر جي اڳتي وڌڻ واري اتساهه کي ڇيرو ڏنو". جيڪڏهن سڪندر سندس تجويز مڃي وٺي ها ته پڪ سان پاڻ ۽ پنهنجي لشڪر کي اڻ ڳڻين مصيبتن ۾ وجهي ها. انهي سان ٻنهي ديس پريمين جي دل سڄيهه ٺري ها. سپاهه جو پنهنجي بادشاهه جا حڪم مڃڻ ڪان انڪار پڻ هن جوڙي لاءِ وڏي ڪاميابي هو. سڪندر جي تاريخ نويسن يوناني فوج ۾ ٿيل بغاوت جي بلڪل چِٽي تصوير ڏني آهي. سندن لکڻين منجهان ڪجهه هتي ڏجن ته هڪ دلچسپ مطالعو ٿيندو. جَسٽِن چوي ٿو ته: "...... ڪوڙ سارين فتحن بجاءِ اٽڪٽ ڪشالن جي نِهوڙيل سندس سموري سپاهه کيس جنگ جي ڪٽي پڇاڙي ڪرڻ لاءِ روئي ليلايو؛ پنهنجي وطن کي ڪجهه سارڻ ۽ اوڏانهن موٽي هلڻ جي ذميداري ياد ڪرڻ لاءِ منٿون ڪيائون، پنهنجي سپاهه جي ڄمارن جو ڪو خيال ڪرڻ لاءِ چيائون، جن جي حياتي گهر موٽي پهچڻ جيتري مَسَ وڃي بچي هئي. ڪن پنهنجا وڏي ڄمار سبب ڪومايل يا ڌَڪن جي نشانن سان چِٽيل بدن ڏيکاريا. چيائونس ته فِلِپ ۽ سڪندر ٻنهي بادشاهن جي نوڪريءَ ۾ ڪانئن سواءِ ڪنهن به ايترو لڳاتار جٺاءُ نه ڪيو آهي ۽ کيس التجا ڪيائون ته گهٽ ۾ گهٽ هاڻي پڇاڙيءَ ۾ هو کين گهر موڪلي، جتي سندن هڏاون پيرا ٻٽجي ويل مڙهه مَنَ پنهنجي وڏن جي مقبرن ۾ وڃي پورجن.

آريَن لکي ٿو: ".... پر بادشاهه کي ڪشالن مٿان ڪشالا ۽ خطرن مٿان خطرا بي انت وڌائيندو ڏسي، مقدوني هيانءُ هارڻ لڳا...... فوج ... صاف چئي ڏنو ته اهي بنهه اڳتي نه هلندا، ڀلي جو نه سڪندر پنهنجي سِر پاڻ اڳيان ٿي هلي".

هن ڪليل ۽ پڪي بغاوت تي سڪندر سيني عهدن وارن عملدان کي گڏائي خطاب ڪيو. انهي تي ڪوئِينوس کيس ٻي ڏيائيءَ سان جواب ڏنو: ".... تو سان گڏ گهڻا مقدوني ۽ يوناني نڪتا هئا ۽ هاڻ اسان منجهان گهڻا باقي وڃي بچيا آهن. اسان سان گڏ ايندڙ ٿيسالين کي تو باختر مان گهر اُماڻي ڇڏيو؛ جيئن ئي ڏٺئي ته هاڻ انهن ۾ وڌيڪ ڪشالن جي سهپ نه رهي آهي .... ٻين يونانين منجهان ڪجهه تنهنجي وسايل شهرن ۾ آباد ڪيا ويا آهن، جيڪي سڀ اتي ٻي دليا رهن ٿا ۽ اڃا تائين اسان وانگر ڏوجهرن ۽ ڏچن ۾ آهن. انهن ۽ مقدوني فوج مان ڪجهه جنگين ۾



www.sindhsalamat.com

مارجي ويا، ٻيا ڏَکجي اپاهج بڻجي ويا، ٻين کي ايشيا جي مختلف پاڱن ۾ پوئتي رهايو ويو، پر گهڻا بيمارين ۾ مري ويا. ايترن منجهان چند وڃي بچيا آهن ۽ انهن چند جي جسمن ۾ به پهرين سگهه ناهي رهي، جڏهن ته سندن همٿون ويتر ٽُٽل آهن.”

چاڻڪيا جي ماڪوڙن فاتح جي ڪُسا جهڙي فوج جون پاڙون ٽُڪڻ شروع ڪري ڇڏيون هيون. هڪ سپاهيءَ جي بي ڊپو ٿي ڳالهائڻ ۽ پنهنجي لشڪر جي انڪار واري ذلت کان پوءِ سڪندر پاڻ کي پنهنجي خيمي ۾ اڪيلو بند ڪري ڇڏيو ۽ ٻئي ڏينهن، جڏهن سندس ڪاوڙ اڃا ٺري نه هئي، پنهنجي سيني ماڻهن کي سڏيائين ۽ ڌمڪي ڏنائين ته هو پنهنجي سِر پاڻ اڳتي وڃي رهيو آهي. پر ان ڌمڪيءَ به ڪم نه ڪيو ۽ ڪو هڪ ماڻهو به پنهنجي ڳالهه تان نه لٿو.

پنهنجي هن پهرين ڪامياب مُهم کان پوءِ چندرگپت موريا پنجاب جي دريائن جي ميل واري جاءِ کان وٺي هيٺ سمنڊ تائين واري وڏي علائقي ۾ پکڙيل پنهنجي مخبرن ذريعي سڪندر جي پٺيان پئجي ويو؛ هِتي ماڻهن کي پڙڪايائين ٿي ۽ هُتي نئين سِر جي اٿڻ جي واٽ تي ڏسيائين. حملي آورن خلاف اٿندڙ هر فتني جي پٺيان چندرگپت موريا جو ڳُجهو هٿ رهيو؛ پلي اهو سامبَس هجي يا مُوسِيڪينَس. ايجرمينٽ چوي ٿو ته: “سامبَس جي بغاوت جي پيٺ ۾ مُوسِيڪينَس واري بغاوت تمام گهڻي خطرناڪ هئي. انهي سڪندر جي هند-ايران سرحدي پرڳڻي تي ڪاهه ڪندڙ لشڪر ۽ سنڌو ماٿر واري مُک فوج جو پاڻ ۾ مواصلاتي رستو ڪٽي ڇڏيو هو. مُوسِيڪينَس واري بغاوت کي چِٿي سڪندر بنهه بي قياس ٿي بيٺو ۽ مُوسِيڪينَس کي بغاوت جي چُرچَ ڏيڻ جي شڪ ۾ هڙئي برهمڻ فلاسافر مارائي ڇڏيائين. مُوسِيڪينَس ۽ برهمڻن کي صليبن تي ٽنگرايائين، ڪوڙ شهر ڊاهي پٽ ڪرايائين، آگزِيڪينَس جا وڏا شهر زور تي ڪسيائين ۽ جيڪو ماڻهو مال هٿ لڳس قتلام ڪرايائين ۽ سامبَس ڏانهن وڌيو. پر جڏهن سنڌيمن پهتو ته ڏٺائين ته سامبَس اتان ڀڄي چڪو هو. ٿاڊ چوي ٿو ته سامبَس (شَمبُو) هڪ هَرِيڪُولا هو. ملڪ ڦرڻ لٽڻ کان هو پوءِ پَٽالا طرف وڌيو. پٽالا جو راجا موئِيرِس هو. هي مور لفظ جو ڪارُ لڳي ٿو، چاڪاڻ ته اتان جا رهواسي پڻ موئِيرِس يا مور ڪوٺبا هئا. اسان ڄاڻون ٿا ته ڪالاباغ کان سمنڊ ڪنڌيءَ تائين سنڌوءَ جو هڪ هڪ انچ مورن جي مڪمل اختيار هيٺ هو. سندس هدايتن مطابق پٽالا جو مور راجا، جنهن کي سڪندر



books.sindhsalamat.com



ڪجهه وقت اڳ پنهنجي ۽ پنهنجي لشڪر جي آجيان لاءِ سٺيون تياريون ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو، شهر ڇڏي پهاڙن ۾ ڀڄي ويو. سڪندر کي اميد هئي ته سندس دلي آجيان ٿيندي ۽ سندس ماڻهن لاءِ جهجهو سِيڌو سامان هٿ ايندو، پر شهر توڙي پوک ڪاهيل ٻنيون رهواسين پاران اجاڙيل اچي ڏٺائين ۽ ايستائين جو اتي پاڻي به موجود نه هو. پنهنجي ماڻهن کي کوهه کوٽڻ جو حڪم ڏنائين، پر چورن (زوريءَ گهڙي آيل) مٿان اوچتا مور اچي ڪڙڪيا، کوهه کوٽڻ وارن منجهان ڪيترا ئي ماري وڌائون ۽ رڻن طرف ڀڄي ويا. ‘جيئن ته علائقي واسي علائقو ڇڏي وڃي چڪا هئا، سو وٽس واٽ ڏسڻ وارو ڪو ڪونه هو........ سندس هلڻ جي ٻئي ڏينهن تي طوفان اٿيو ۽ اوپاري اوٺر درياءَ ۾ اونهيون ڇُرون ٿاهي ڇڏيون. طوفان جهازن جي ڍڍرن کي اهڙا ته زوردار ڦهڪا ڪڍرايا، جو انهن منجهان گهڻن کي تمام گهڻو نقصان پهتو، جڏهن ته ٽيهه-وِيٽي ڏُنگين منجهان ڪجهه مڪمل ڀڄي ڀُري ويون. سڪندر هلڪن هٿيارن وارا چُست جٿا ڪجهه پنڌ اندر تائين اُماڻيا، ڪجهه ماڻهو پڪڙيائين ۽ انهن کي ٻيڙي کي واٽ ڏسڻ تي لڳايائين.’ انهي کان پوءِ انهن ترَ جي سونهن جي مدد سان وهڪري منجهان اُڪري هڪڙي ٻيٽ تي پهتو، جيڪو لڳ ڀڳ وچ سِيرَ ۾ ڪَرُ ڪنيو بيٺو هو. اتي ڪيس گهڻو وقت ترسڻو پيو، ڇاڪاڻ ته اهي سونهان ڀڄي ويا. وري پنهنجي ماڻهن جي ٽولي ٻين ماڻهن جي ڳولا ۾ اُماڻيائين، پر انهن کي ڪو به نه لڌو ۽ خالي موٽي آيا. دنيا جو هي فاتح، جنهن کي هيترا سارا راجا پنهجي اندروني اٽڪتن سبب مات نه ڏئي سگهيا هئا، تنهن کي بهادر مورن ڏچي ۾ وجهي ڇڏيو. انهن سڪندر کي ‘پنهنجي زندگي ۽ ڪيترن ئي جوڌن مڙسن جي سلامتي بنا ڪنهن سونهين ۽ گهربل مقامي ڄاڻ جي هڪ اڻ ڏٺي درياءَ حوالي ڪرڻ’ تي مجبور ڪري ڇڏيو.

بهرحال، ٻيڙيءَ ۾ هڪ ننڍڙي ٽولي، درياءَ ڪنڌيءَ سان پٽڪندڙ ترَ جا ڪجهه ماڻهو جهلي اچڻ لاءِ موڪليائين، جن منجهان ڪيس ڪجهه ڄاڻ ملڻ جي اميد هئي. ڪنڌيءَ ويجهو موجود جهوپڙيون هڪ هڪ ڪري ڳولڻ تي ڪين انهن ۾ لِڪل ڪجهه ديسي ماڻهو هٿ آيا. جڏهن انهن کان پڇيائون ته سمنڊ ڪيترو پري آهي ته وراڻيائون ته انهن سمنڊ نالي جي ڪا شيءِ ڪڏهن ٻڌي ئي ناهي، پر ٽن ڏينهن جي پنڌ تي ڪوڙي ذائقي وارو پاڻي آهي، جيڪو مٺي پاڻيءَ کي ڪِنو ڪندو آهي.



www.sindhsalamat.com

انهي مان سمجهيائون تہ اهي سمنڊ جي ڳالهہ پيا ڪن، جنهنجي فطرت جي هنن کي سمجهہ ناهي. اهو ٻڌي جهازين پنهنجا وِيٽا وڏيڪ ڦڙتيءَ سان هلايا ۽ وَرندي ڏينهن تي، پنهنجي منزل ويجهي ايندي محسوس ڪري، ويتر مستعديءَ سان هلائڻ لڳا.

ٽئين ڏينهن تي سمنڊ ڪي هوريان هوريان چڙهندو ۽ پنهنجو لوٽيانو پاڻي درياءَ جي مٺي پاڻيءَ ۾ ملائيندو ايندو ڏٺائون. تڏهن پنهنجا ٻيڙا وچ درياءَ ۾ موجود هڪ ٻئي ٻيٽ ڏانهن موڙيائون. ٻيڙا ٻنهہ هوريان ٿي هليا، جو وِير جو زور هاڻ درياءَ جي وهڪري ڪي پوئتي ڌِڪي رهيو هو. ٻيٽ جي ڪناري تي وڃي بيٺا ۽ لهڻ سَٽ ئي سِيڌي سامان جي ڳولا ۾ هيڏي هوڏي ڀڄڻ لڳا: وِير جي لهڻ کان بي خبر هئڻ سبب جيڪا آفت مٿن اچڻ واري هئي، سا سندن خواب خيال ۾ بہ نہ هئي. ڏينهن جي اٽڪل ٽئين ڪلاڪ مهل سمنڊ پنهنجي وارڙئي چڪر دوران چڙهي اٿلڻ لڳو ۽ هنن جي مٿان ڏُوڪڻ ۽ وهڪري کي زوريءَ پوئتي ڌِڪڻ لڳو: جنهن کي ڦهريان ڇُهي آئي ۽ پوءِ ويتر زور سان ڌِڪجڻ تي دريائن جي اٿل کان بہ سجيهہ تِڪ سان اوڀارو مٿي وهندو اُيڪپرن مٿاڇرن تي ڪاهي پيو. گهٽي ڀاڳي ماڻهو سمنڊ جي فطرت کان بي خبر هئا، تنهنڪري جڏهن انهي کي لاڳيتو چڙهندو ۽ ٿوري دير اڳ سُڪل ڪنڌيءَ تي اٿلندو ڏٺائون تہ انهي کي ڪا غيبي شيءِ ڀانئڻ لڳا، ڄڻ ديوتائن سندن اُبهري حجت تي ڪاوڙجي پنهنجو قهر نازل ڪيو ڪيو هجي.

ٻيڙا اجا مَسَ سڌا ٿي بيٺا هئا ۽ سڄو دستو ڏار ڏار پاسن ڏانهن ڪنڌڙي چڪو هو تہ ڪنڌيءَ تي ويل ماڻهو هراس وچان جهازن ڏانهن ڊوڙڻ لڳا: هڪدم اوچتي قدرتي آفت ڪين ٻنهہ وائڙو ڪري وڌو. پر افراتفريءَ ۾ سيني جي تڪڙ رڳو سندن رفتار جي ستيا ناس ڪرڻ جو ڪم ڪيو. هڪڙا ٻيڙن ڪي ونجهن سان ڌِڪيندي نظر پئي آيا: ٻين ٻيڙن کي هلائڻ لاءِ پنهنجون جايون وڃي سنڀاليون هيون، پر ائين ڪرڻ دوران انهن ڪي ويٽا درست جاءِ تي رکڻ ۾ ڏکيائي پئي ٿي. ٻين وري سُتَت سِيرَ ۾ ڦهچڻ واري اُبهرائيءَ ۾ خلاصين ۽ سُونهَن جي گهربل انگ جو انتظار نہ ڪري ٻيڙن کي غير مؤثر، جڏو ۽ هلائڻ ۾ ڏکيو بڻائي رکيو. ساڳئي وقت ڪوڙ سارا ٻيا ٻيڙا، مٿن افراتفريءَ ۾ چڙهندڙ انبوهہ جي چڙهڻ کان اڳ ۾ ئي وهڪري ۾ وهي ويا ۽ هن معاملي ۾ بہ پيهہ اجائي تڪڙ سبب اوتري ئي دير ڪرائي، جيتري ٻين ٻيڙن ۾ ماڻهن جي کوٽ ڪرائي. هڪڙي پاسي کان ايندڙ رڙين ۾ ترسڻ جا







حڪم هئا، تہ ٻئي پاسي وارين ۾ ڪنارو ڇڏڻ جا: ڏار ڏار حڪمن واري انهي لُڙ ۾ ڪم جي ڪا شيءِ ڏسڻ يا ٻڌڻ ۾ نٿي آئي. اهڙي هنگامي صورتحال ۾ سُونهان بہ بيڪار ٿي ويا، ڇاڪاڻ تہ نڪي سندن هدايتون لُڙ ۾ ٻڌڻ ٿي آيون ۽ نہ ئي هراس ۾ ٻِڇَتا ٿي پيل ماڻهن انهن تي عمل ٿي ڪيو.

انهي ڪري جهاز هڪٻئي کي اٽاوا هلڻ لڳا، هڪٻئي جا وِيٽا ڀڃي وڌائون ۽ هڪٻئي جي پاڇلن کي ٿُونا هڻڻ لڳا. ڪو ڏسڻ وارو اهو نظار ڏسي جيڪر انهن ٻيڙن کي ساڳئي هڪڙي ئي لشڪر جا نہ پر ساموندي جنگ وڙهندڙ ٻن دشمن لشڪرن جا سمجهي ها. آڳلن پاڇلن کي ٽڪر تي هنيا ۽ جن جهازن پنهنجي اڳيان وارن ٻين جهازن کي نقصان ٿي رسايو تن کي وري سندن پاڇل جي پٺيان وارن جهازن نقصان ٿي رسايو. فطري ڳالهہ هئي ماڻهو ڌيرج وڃائي ويٺا ۽ دانهُن ڪان ڌِڪن تي لهي آيا. وِير تيستائين چڙهي درياءَ جي ڪنڌيءَ جي پر وارا سيئي سڌا علائقا ٻوڙي چڪي هئي، رڳو واريءَ جا دڙا وڃي بچايا هئائين، جيڪي ڪيترن ئي ٻيٽن جي رپ ۾ پاڻيءَ کان مٿي نظر پئي آيا. ماڻهن جو هڪ وڏو انگ بچاءَ لاءِ انهن ڏانهن تري ويو: ڊپ وچان جن جهازن تان لٿا هئا، انهن جي جي سلامتي بہ وساري ويٺا. ڪجهہ جهاز تمام اونهي پاڻيءَ ۾ پئي لُڙهيا، جتي تري ۾ وڏيون ڪڏون هيون: ٻيا وري تانگهن تي وڃي ڦاٿا هئا، جتي لهرن ڪجهہ مٿانهن حصن مٿان وري انهن کي لڪائي ڇڏيو هو. پر هاڻ ڪين اوچتو هڪ نئين خطري اچي منجهايو: ڦهرئين کان بہ وڏي. ڇاڪاڻ تہ لهندڙ سمنڊ، جنهن زور سان آيو هو انهي سان ئي پوئتي موٽي رهيو هو ۽ ٿوري دير اڳ اونهي پاڻيءَ هيٺ ٻڏل زمينون ڇڏيندو ٿي ويو. ڪنڌيءَ تي پيل جهازن منجهان ڪجهہ کي پاڇلن پر ڪوڙي ڇڏيائين ۽ ڪجهہ کي پاسن پر وڃي هنيائين ۽ سو بہ ايڏو زور سان جو آس پاس وارا ميدان سفري سامان، هٿيارن، ڀڳل وِيٽن ۽ تباهہ ٿيل جهازن سان ڍڪجي ويا.

انهي وچ ۾ سپاهي نہ ڀاڻ کي زمين حوالي ڪرڻ جي همت ڪري ٿي سگهيا ۽ نہ پنهنجا جهاز ڇڏڻ جي، ڇاڪاڻ تہ ڊِنا ٿي تہ مٿان ڪا انهي کان بہ گنڀير آفت ڪنهن وقت مٿن اچي ڪڙڪي. جهازن جو ائين سُڪيءَ تي ڀڄڻ ۽ سمنڊ جو درياءَ ۾ چڙهي اچڻ – جيڪو ڏٺائون يا ڀوڳيائون، تنهن تي ڪين سچ پچ ورلي ويساهہ ٿي آيو. سندن نياڳ جو ڇيهہ اتي بہ نہ ٿيو، ڇاڪاڻ تہ ڪين خبر نہ هئي تہ وِير وري سُتَت چڙهي

سمنڊ کي موٽائي آٽيندي ۽ سُڪيءَ تي پيل جهازن کي اچي تاريندي، تنھنڪري دل ۾ ڪَتي وينا تہ بک وگهي سندن ڏکوئيندڙ انت ٿيندو. سمنڊ لهڻ مهل جيڪي خوفناڪ شڪلين وارا راڪاسي جانور پوئتي رهائي ويو هو ۽ هيڏي هوڏي گهمندا ٿي وتيا، تن هنن جي ڊپ ۾ ويترو واڌارو ٿي ڪيو. ”

سڪندر 323 ق. م ۾ ٽيٽيهن سالن جي ڄمار ۾ هاٿوڪي بغداد ويجهو بابل ۾ مري ويو.

اسٽرابو (XV-2,5) مطابق موٽندڙ سڪندري دستن جي اڏايل ڏوڙ اجا مَس ويني هئي تہ بغاوت جو علامتون پڌريون ٿي ويون. مِڪرندِل ٻڌائي ٿو تہ هند واسي (سنڌو ماٿر جا ماڻهو)، جيڪي آزاديءَ لاءِ بيقرار هئا ۽ پورس جي قتل تي بلڪل ڪاوڙ ۾ باھ لڳا وينا هئا، بغاوت ۾ اٿي ڪڙا ٿيا. چندرگپت، جيڪو باغين جو هڪ ٽولو گڏ ڪري انهي تحريڪ جي سرواٽي ڪري رهيو هو، تنهن موجوده حڪومتن جا تختا اونڌا ڪيا، يوناني چانوٽين کي 323-322ق. م ۾ ڏِکي ٻاهر ڪيڍيو ۽ آخرڪار پاڻ کي سموري سنڌو ماٿر جي بادشاهيءَ تي فائز ڪيائين. سندس تخت نشينيءَ جي تاريخ 322ق. م يا ٿورو اڳ آهي. يوناني تاريخدان جَسٽِن انهن کي ’ڏاڙيل‘ ڪوٺي ٿو، پر حقيقت ۾ اهي چندرگپت موريا جا آزادي چاهيندڙ ديس پريمي ساٿي سنڌوءَ جي مٽين پَٽَن جا ماڻهوهئا. بدقسمتيءَ سان آريا ڌرم جا پوئلڳ پاڙيسري برهمڻ بہ سنڌ جي سموري آباديءَ سان نفرت ڪندا هئا. مهاڀارت هنن ماڻهن کي ڪليو ڪلايو نِندي ٿو ۽ ڪين ’اَرَٽَا‘ سڏي ٿو. چندرگپت جي پنهنجي قوم لاءِ ڪيل لاثاني خدمتن جي باوجود هي آريا ڪيس پنهنجو آجپو ڏياريندڙ نہ مڃڻ واري ڪند ذهنيءَ تي اڙيا رهيا؛ رڳو انهي ڪري تہ اهو ۽ انهي جو مور راج گهراڻو اڻ-آريا ۽ اڻ-هندو هئا.

جيئن ٽيڪسيلا جي سيئتا ميسوپوٽامي، بابلي، ايراني، سِٿي ۽ ويدي يانت يانت عنصرن جو مرڪب هئي، تيئن مَڳَڌَ جي آبادي بہ گهڻن نسلن تي ٻڌل هئي. چندرگپت موريا ۽ گوتم ٻُڌ پلي اسان جي جديد سوچ مطابق ايراني نہ هجن، پر اهي سِٿي-سُميري نسلن منجهان پَڪَ هئا، جن کي پوءِ وارن تاريخدانن ’سَڪا‘ ڪوٺيو آهي. سُميري، جيڪي آرين جي آمد کان صديون اڳ سنڌ جا عظيم شهر اڏي چڪا هئا، اترين جابلو علائقن ۾ تڏهن پهتا، جڏهن ويدي هندن ۽ انهن جي ايراني سؤٽن





وچ ۾ ڌرمي تفاوت پيدا ٿئي ڪافي وقت گذري چڪو هو. مَڳَڌَ ملڪ ۾ گهٽي ياگي پرڏيهي آباد هئا. هي علائقو ضرور ماڻهن جي ڪنهن ايراني ميڙ تاريخ کان اڳ وارن دورن ۾ آباد ڪيو هوندو، جنهن جي شاهدي سَڪا-ديسي-بهمڻ ڪونجندڙ ماڻهن جي هنوقت تائين اتي موجودگيءَ مان ملي ٿي. ’پربوڌاو-درودَيا‘ ناٽڪ ۾ هڪ هنڌ چيل آهي تہ مَڳَڌَ جي گهٽي ياگي آبادي مَلِيڇ آهي.

سيهسناگ (شِيشناگ) جي سرواڻيءَ ۾ تَڪشيڪن يا ناگونشن جي ڪاھ جو دور عيسوي سن کان ڇھ يا ست صديون اڳي وارو آهي. آبُو مهاتما تَڪشيڪن کي ”هِماچل جا پُٽَ“ سڏي ٿو؛ سِتي وياءَ هجڻ جي پڪي ثابتي. راجستان جي ڪيترن ماڳن مان لڌل پالي ٻوليءَ ۾ اُڪريل پراڻيون لکتون اسان کي موريءَ ۽ سندن پونيَر پرمار ذاتين سان لِچَ ۾ ايندڙ نَستَ، تَڪشيڪ ۽ تَڪ سڏجندڙ هڪ ذات بابت ٻڌائين ٿيون. ناگ ۽ تَڪشيڪ ٻئي هم معنيٰ آهن: معنيٰ نانگ، جيڪو مصري بادشاهن جي تاجن تي نمايان نظر ايندو هو. تَڪشيڪ هند جي آڳاٽن تاريخي جنگنامن جو نالبرو ناگونش آهي. مهاڀارت ۾ اِندرپريست جي پانڊُن ۽ اتر جي تَڪشيڪن وچ ۾ جنگ جو بيان آهي.

306ق. م ۾ سڪندري لشڪر جي اڳوٽي سپھ سالار ۽ انوقت شام جي بادشاھ ٻتجي ويل سيليُوڪَس نِڪيٽر وڏو لشڪر وٺي، سڪندر جا فتح ڪيل علائقا موٽائڻ لاءِ هند جي ٻهرئين تاريخي سمراٽ چندرگپت موريا مٿان ڪاھ ڪئي. ڪيس خبر نہ هئي تہ هتي شيون بدلجي چڪيون هيون: هڪٻئي سان ساڙ ۽ وير رکندڙ ننڍڙيون بادشاهيون غائب ٿي چڪيون هيون ۽ پنهنجي سچي سلطنت ۾ عزت ۽ اطاعت رکندڙ هڪ سگهارو مطلق العنان آڏو اچي چڪو ٿو. سيلِيُوڪَس کي بنا رنڊڪ جي سنڌو (مانڪيرا ويجهو) ٽپڻ ڏنو ويو ....پر نئين آزاد حڪمران پاران ميدان ۾ لاٿل تمام وڏي، هيبتناڪ ۽ اتم درجي منظم لشڪر تي نظر پوندي ئي اهو ايترو ڊچي ويو جو لاچار ٿي مهان سمراٽ چندرگپت موريا کي امن لاءِ ناھ جي درخواست ڪرڻي پيس. جيڪو ناھ ٿيو سو شام جي بادشاھ لاءِ ڏاڍو ذلت وارو هو: انهي پنهنجي ڌيءُ چندرگپت کي پرڻائي ڏني ۽ سنڌوءَ جي هُن پار ..... درياءَ کان وٺي اولھ طرف هندوڪش جي ڏاکڻين لاهوندين تائين.... هڙئي يوناني فتحون ڏنائين. آڪسفورڊ هسٽري آف انڊيا چوي ٿي تہ حملي آور هارايو ۽ سرحد کان ٻاهر موٽڻ تي مجبور ٿيو. امن جي شرطن موجب

سيلِيُوڪَس پاران چندرگپت کي پاروپانِيسَدائي، آريا ۽ اراڪوسيا جا صوبا، جن جي گاديءَ جا هنڌ ترتيبوار ڪابل، هرات ۽ قنڌار هئا، ۽ گيدروشيا؛ هاڻوڪو بلوچستان، پڻ ڏيٽا هئا. چندرگپت رڳو سيلِيُوڪَس کي سنڌس اولهه وارن دشمنن سان جنگ ۾ گهربل 500 هاٿي ڏنا. سيلِيُوڪَس جي هڪ ڌيءُ پڻ چندرگپت سان پرڻائي وئي. 302ق. م ۾ يا انهي ڌاري سيلِيُوڪَس ناتا وڌيڪ پڪا ڪرڻ لاءِ ميگاستينس کي چندرگپت جي دربار ۾ ايلچي ڪري موڪليو. انهي چندرگپت جي حڪمراني سرشتي ۽ ڪيترن ٻين ادارن بابت هڪ شاندار ڪتاب ترتيب ڏنو.

هيءُ، هند جي مڙني راجائن ۽ سلطانن منجهان مهان، پوڙهائپ تائين نہ جِي سگهيو. 24 سال حڪومت ڪري 55 سالن جي ڄمار ۾ 286ق. م ۾ پنهنجي راڄ جي عظيم مقصد لاءِ پنهنجي مرضيءَ سان مري ويو.

هن عظيم سمراٽ پنهنجي حڪمرانيءَ جي آخر ڌاري جين مَت قبوليو. هي ڌرم مَگَڌَ ۽ سنڌو ماٿر ۾ نَندَن ۽ سيسُوناگن (شيش ناگ) واري دور ۾ انتهائي مقبول هو. ڀَدراباهُو نالي جين سنت اڳڪٿي ڪئي تہ سنڌو ماٿر ۾ سخت ڏڪار پوڻ وارو آهي ۽ اهو 12 سال هلندو. اڳڪٿي پنهنجي پوري ٺيڪ واريون علامتون ظاهر ڪرڻ لڳي ۽ انهي تي راجا کي ڏاڍو رنج پهتو. سنت 12،000 جيني ساڻ ڪري بهتر ڪيٽن جي ڳولا ۾ ڏکڻ پاسي هليو. پنهنجي راڄ مٿان اچڻ وارين پريشانين تي ڏکوئجي هن 298ق. م ۾ تخت تياڳيو ۽ انهن ديس تياڳيندڙن سان گڏجي پيو، جيڪي هلندا هلندا ميسور ۾ سراوانا بيلگولا وڃي پهتا، جتي سنت سُتت گذاري ويو. پنهنجي ويساهه تي پڪو ۽ راڄ وارن جي مقصد سان سچو چندرگپت اڳلا 12 سال جين تَپَسِي ٿي جيئرو رهيو. تنهن کان پوءِ هن پنهنجي ڏڪار سٽيل ديس واسين جي ڳٽتيءَ ۾ بُک ڪاٽي مرڻ جو فيصلو ڪيو. بُک ڪاٽيندي ڪاٽيندي موت جون سَٽون محسوس ڪيائين. ڪا بہ شيءِ سندس اَٽَر ارادي کي لوڏي نہ سگهي. پنهنجي مٿان پاڻ مڙهيل سيني تڪليفن منجهان پار ٿي نيٺ هن ڌرتيءَ تي اڄ تائين پيدا ٿيندڙ مڙني جنرلن منجهان دلير ترين واري حيثيت ماٽي پنهنجو ساهه تياڳيائين.

گهڻن نامور تاريخدانن چندرگپت موريا کي شهري ۽ فوجي انتظام، سماجي ادارن جي جوڙجڪ، انصاف ۽ قانون جي عملداري ۽ عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ جي معاشي ۽ ٻين ميدانن ۾ بهتري جي حوالي سان، هند جي صديون پوءِ واري سلطان



books.sindhsalamat.com



اڪبر اعظم سان ڀيٽيو آهي، پر ان نتيجي تي پهتا آهن تہ چندرگپت جي عظمت بيمثال آهي. اهو اعزاز سندس رهبر ۽ وزير اعظم چاڻڪيا ڏانهن وڃي ٿو، جنهن ايڏي وڏي سلطنت جي جهاز کي غير معمولي مهارت سان صحيح واٽ تي هلايو ۽ جنهن جي رياستي مهارت آڏو ڪو وسوسو رنڊڪ نہ بڻجي سگهيو. سلطنت جي ڪار وهنوار جو تفصيلي بندوبست هو، هر قسم جي ڪاتن کي رسد پوري رسندي هئي ۽ عملدار چڱي طرح سمجهيل ذميوارين هيٺ ڏيان سان ان جي سنڀال ۽ نگراني ڪندا هئا. انهي وٽ باقاعدي هڪ شهري انتظاميہ ۽ سڌو سنئون بادشاهه وٽان پگهار کڻندڙ وڏي مستقل فوج هئي. مرڪزي حڪومت جو ڏورانهن پرڳڻن تي اختيار ڪٿي بہ ڍرو نہ هو. اها انهي ايڏي وڏي سلطنت کي ڪنٽرول ڪرڻ جي اهليت رکندڙ هڪ پوري طرح مؤثر آپيشاهي يا ڏاڍي سرڪار (مطلق العنانيت) هئي.

چندرگپت جي راڄڌاني پاٽليپُترا سون درياءَ جي اترين ڪنڌيءَ سان اٽڪل نو ميلن ۾ پکڙيل ۽ اٽڪل ٻہ ميل ويڪرو وڏو شهر هو. اهو سون ۽ گنگا جي ٻيل سبب ٺهيل ميدان ۾ اڏيل هو ۽ بچاءَ جي حوالي سان ڏاڍي سٺي بيهڪ هئس. انهي جي بچاءَ لاءِ ڪاٺ جو هڪ ڳرو جهنگلو هو، جنهن کي 64 دروازا ۽ 570 برج هئا. بچاءَ کي ويتر مضبوط ڪرڻ لاءِ چوڌاري کوٽيل اونهي کاهي هئي، جنهنکي سون جو پاڻي ڀريندو رهندو هو.

شاهي محل جو گهڻو حصو ڪاٺ جو ٺهيل هو. انهي کي جهلي بيٺل ٿنڀ ڊاک جي سونين ولين ۽ چانديءَ جي پکين سان سينگاريل هئا ۽ منجهس بهترين سونهن وڌائيندڙ باغيچو هو، جيڪو مڇيءَ جي تلائن سان جَڙيل هو، جن جي چوڌاري وڻ ۽ گلن وارا ٻوٽا هئا.

دربار پڻ وڏي شان شوڪت سان هلائي ويندي هئي. ڇهہ فٽ گهير وارا سونا ٿانوَ استعمال ٿيندا هئا. بادشاهه جڏهن عوام آڏو ايندو هو تہ ڪيس سوني پالڪيءَ ۾ يا عاليشان نموني سينگاريل هاٿيءَ تي آڻيندا هئا. ڪيس قرمچي (هلڪو واڱڻائي) ۽ سونهري ڀرت ڀريل پيلي ململ پهريل هوندي هئي. محل جي ڪشاديءَ اڱڻ ۾ هٿياربند عورت پهريدار هر پاسي گهمنديون وتنديون هيون. راڻين واري ويڙهي جي نگراني پڻ ڏاڍي ڌيان سان ڪئي ويندي هئي. شاهي مُهر کان سواءِ ڪا بہ شيءِ اندر يا ٻاهر نہ ٽپي سگهندي هئي.



www.sindhsalamat.com

نج شاهي استعمال لاءِ وڏين شڪارگاهن جي رَکَ ٿيندي هئي. جوڏن جا مقابلا ۽ جانورن جي ويڙهه شاهي وِندر ۾ شامل هئا. رَٿن جو گويون، جن ۾ وچ تي گهوڙا ۽ ٻنهي پاسن سان هڪ هڪ ڏاند جوٽيا هئا، پڻ هڪ ورونهن هئي. ٻانهين، زور ڏيڻ وارين ۽ هار پوئڻ وارين عورتن جو مرتبو ڪامياب درٻارين جيترو هوندو هو.

اسان چاڻون ٿا تہ سنڌو ماٿر ايراني سلطنت جو روايتي دنگ سمجهي ويندي هئي. ماٿريءَ جي وچ واري علائقي جي سنڌوءَ جي ساڄي ڪنڌيءَ تائين پکڙيل ايراني سلطنت جي علائقي سان ويجهڙائپ ۽ ٻنهي آبادين وچ ۾ موجود ميل ميلاپ ايراني ادارن کي سنڌو ماٿر جي ماڻهن لاءِ تمام گهڻو ڄاتل سڃاتل بڻائي ڇڏيو. اهو اثر خروشتي لپيءَ جي رواج، ايراني لقب سَٽراپ جي ڊگهي وقت تائين هلڻ، اشوڪ جي ڪتبن جي نموني، ايراني درٻار وارا طور طريقا ۽ اڏاوتي نمونا اختيار ڪرڻ ۽ ڪجهہ ٻال ڪرستي رسمن ۽ ٻين معاشي رواجن منجهان ظاهر ٿئي ٿو.

بادشاهہ ڪنهن سان بہ صلاح مصلحت ڪرڻ پابند نہ هو، پر عملي طور اهو پنهنجي وزيرن مٿان تمام گهڻو ڀاڙيندو هو، جن جو ڪو خاص مقرر انگ نہ هو. فيصلو بهرحال بادشاهہ پاڻ اڪيلي سِر ڪندو هو.

فوج چئن حصن تي ٻڌل هئي: هاٿي، جنگي رَٿون، گهوڙيسوار ۽ پيادا. پيادن جو انگ 600،000، هاٿي 9،000، گهوڙيسوار 30،000 ۽ جيئن تہ هر رَٿَ لاءِ ٽي ۽ هر هاٿيءَ لاءِ چار ماڻهو گهربل هئا، ڪل فوج ٿلهي ليکي 700،000 هوندي. سپاهہ کي پگهار ۽ اوزار رياست ڏيندي هئي. فوج جي تنظيم مطابق هر دستو 10، ڪمپني 100 ۽ بٽالين 1000 ماڻهن جي هوندي هئي. چندرگپت پنهنجي فوج تي ڪنٽرول رکڻ ۽ انتظام هلائڻ لاءِ جنگ جو محڪمو پڻ قائم ڪيو هو. ٽيهن ماڻهن جي هڪ ڪميشن پنجن ميمبرن وارين ڇهن پنچايتن ۾ ورهايل هئي، جن جي مٿان ڌار ڌار (1) بحري فوج، (2) ٽرانسپورٽ، (3) فوج لاءِ ڪاڌ خوراڪ، (4) گهوڙيسوارن، (5) جنگي رَٿن ۽ (6) هاٿين وارن ڪاٽن جا انتظام هلائڻ جي ذميواري هوندي هئي. اها هڪ ڏاڍي هيبتناڪ فوج هئي.

ميگاستينس فوجداري قانونن، شهري انتظاميہ، آدمشماريءَ جي بندوبستن، ٻاهہ کان بچاءَ جي احتياطن، صحت صفائيءَ جي قاعدن، سرڪاري اڏاوتن جي مرمت، پِڙيُن، بندرگاهن ۽ مندرن جي سار سنڀال ۽ اگهن تي ڪنٽرول جي



books.sindhsalamat.com



ڪارڪردگيءَ جا تفصيل ڏئي ٿو. ڪميٽين جي ڇهن بورڊن جو ڪم هوندو هو: (1) صنعتي هنر، (2) پرڏيهين جو ڌيان، (3) ڄمن ۽ موتن جي داخلا، (4) ريزڪي ۽ مٽا سٽا واپار، (5) پيداوار ۽ باقاعدي مُهربند شين جي وڪري جي نگراني ۽ (6) وڪاٽل مال جي قيمت تي ڏهين پتيءَ (عُشر) جي اوڳاڙي.

صوبائي حڪومت هڪ قسم جي ڏهائي سرشتي تي رٿيل هئي: ننڍي ۾ ننڍو ايڪو هو ڳوٺ (گِرام)، 'گِراماڻي' جي سربراهيءَ هيٺ (هن کي مظفرآباد ضلعي جي هڪ ڳوٺ گُراماڻي' سان ڀيٽائي ڏسو) ۽ 10، 20، 100 ۽ 1000 ڳوٺن جا ميڙ ترتيبوار ڏَسِي، وِٽسِي، ستيسا ۽ ساهَسريسا سڏجندڙ عملدارن جي سربراهيءَ هيٺ هوندا هئا. اهي ڍل اوڳاڙيندا هئا، ڏوهن جو ليکو چوکو رکندا هئا ۽ اوڳاڙيون ۽ رپورٽون مٿي موڪليندا ويندا هئا، جيستائين اهي بادشاهہ تائين وڃي پهچن.

انهي دور ۾ جڏهن سنڌو ماٿر کان ٻاهر واري دنيا اجا سپئتا جون ڪورون بہ نہ ڇُهيون هيون، هنن انتظامن جي بلڪل درست هجڻ جو رڳو خاڪو بيان ڪري ئي اچرج لڳي ٿو. چندرگپت موريا جي ادارن بابت رڪارڊ تي موجود سموري ڄاڻ جو ليکو ڪرڻ ناممڪن آهي. سپئتا جي تاريخ جا شاگرد اهڙي بلڪل منظم حڪومت جو ٻڌي، سو بہ ايتري آڳاٽي وقت ۾، حيران ٿي ويندا — انهي جي ڏيکن منجهان گهڻن جي جيڪر جديد دنيا جي انتهائي ترقي يافتہ قومن لاءِ حسرت ڪن.

ٿلهي ليکي چندرگپت جي ڪاتي ۾ وجهڻ جو ڳين ڪاميابين ۾: يوناني قبضي ۽ مَکِدَ جو زوال، اولهہ جي بادشاهہ سيلِيُوڪَس کي شڪست ڏيڻ ۽ سلطنت کي هند پاڪ ننڍي کنڊ جي دنگن کان اڳتي وڌائي وجڻ ۽ ميسور تائين لڳ ڀڳ سمورو ڀارت فتح ڪرڻ شامل آهن.

قديم هندستاني ادب ۾ سڪندر جو ذڪر پلي نہ هجي، پر سچ اهو آهي تہ انهي هند جي تصوير ۾ تبديلن جي سلسلي جي شروعات ڪئي ۽ سندس آمد، هند جي تاريخ جي سونهري صدين منجهان هڪ يعني مورين جي عظمت واري صديءَ جو آغاز هئي. سچ بہ دعويٰ ڪري سگهجي ٿي تہ اها ايشيا ۾ قائم ٿيل عظيم بادشاهتن منجهان پهرين هئي، جنهن پنهنجي رعيت جي دائمي ذلت نہ پر ترقي

(1) بشپ ٿرل وال، هسٽري آف گريس، واليوم VI ۽ VII ائنشِيَنٽ انڊيا ۾ حوالو ڏنل: اِٽس انويزن ٻاءِ اليگزينڊر دي گريٽ، جي. ڊبليو. مِڪرِنڊل (ميٿيون، 1969)



www.sindhsalamat.com

پسند بهتريءَ جي اميد نروار ڪئي: اها اخلاقي ۽ ذهني اوسر جو ڪو عنصر رکندڙ پهرين بادشاهت هئي.” (1)

### باب نائون

# سنڌو ماٿر ۾ مذهبي ۽ سياسي اٿل پٿل

نندي ڪنڌ تي مورين جي بادشاهي 137 سال هلي. 232ق. م ۾ اشوڪ جي مرڻ کان ستت پوءِ سنڌ ۾ مقامي چگن مڙسن، خاص ڪري سومرن، آزاد رياستون قائم ڪري ورتيون. جيئن ته سومرا مورين جي لِڃَ ۾ هئا ۽ يونانين خلاف ديس پريمي مهمن ۾ چندرگپت جا مضبوط ساٿي ثابت ٿيا هئا، تنهنڪري سنڌ ۾ سندن آزادي موريا راجائن کي بغاوتي عمل نه لڳي. اهڙي ريت سومرن تَرَ جي ننڍن ننڍن وڏيرن مٿان پنهنجي چگمڙسي قائم ڪئي ۽ باختري يونانين پاران دِمتريَس جي سرواڻيءَ هيٺ 185ق. م ۾ حڪومت قائم ڪرڻ تائين برقرار رکيائون.

سنڌو ماٿر جو مورين کان اڳ وارو گاڏڙ ساڌڙ سماج، جنهن ۾ سومرا جاٽن (ڪڙمي)، واپارين ۽ پيڙياتن جي روپ ۾ نمايان رتبي جا ڌڻي هئا، ڌرم کان گهڻو واقف نه هو. جيترو اڄ اسان انهي کي سمجهون ٿا. مختلف ماڳن جي کوٽائيءَ مان مليل مُهرن مٿان موجود شڪلين ۽ پٿر جي مورتين منجهان ديوي ماتا وارو پنٿ هر هنڌ رائج ڏسجي ٿو. ڪجھ مهرن تي شِو هڪ ننڍڙي منجيءَ تي يوگا ڍنگ ۾ پَلٿ هڻي وينل آهي، پاسي ۾ هرڻ بيٺا اٿس ۽ وڏن سڱن واري ٽوپي پاتل اٿس. شِولنگي (جنهن جو ٽِپڙ اُڀل هجي) آهي ۽ شايد ٽي مُنهن اٿس. چوڏاري جانور اٿس. جانورن جي پوڄا (يا شايد رڳو دوستي) ماڻهن جي عقيدن جو حصو هئي ۽ ’ڏاند‘ کي مانُ ڏنو ويندو هو. وڻن، باهه ۽ پاڻيءَ واري قديم پوڄا به عام ڏسجي ٿي. هڪ ڏاڍي دلچسپ مُهر پِپل (پِپر) جي وڻ ۾ سڱن واري هڪ ديوي ڏيکاري ٿي، سندس آڏو


books.sindhsalamat.com



موجود هڪ مورت ڪيس پوڄي رهي آهي. انهي کي پڻ ست مورتي قطار وارا سگ پاتل آهن. جنس جي خبر نٽي پوي، چوٽي وٽيل ڏگها وار اٿس. ذاتي شين سان گڏ پوريل مردا ظاهر ڪن ٿا ته ماڻهو موت کان پوءِ واري حياتيءَ ۾ ويساهيندا هئا. پڪ سان چئي نٽا سگهون ته خدا بابت سندن ڪهڙا ويچار هئا ۽ پنهنجي سادي سودي پراڻي ڌرم ۾ انهي سان ڪهڙيون شڪتيون منسوب ڪندا هئا. هڪڙي شيءِ، البت، جيڪا اڄ اسان کي اچرج ۾ وجهيو ڇڏي، اها آهي ته روزمره ڪاروبار ۾ سچ ۽ سُپَت تي سندن پختو يقين هو. سيئي ليکڪ وڏو زور ڏئي دعويٰ ڪن ٿا ته سندن ماپ ۽ تور جو سرشتو ايترو ته پورو ۽ درست هو جو وار برابر ڪوٽ به ناممڪن هو. انهن وَٽَن ۽ ڪاٽَن جو وڏو انگ هڙپا، موهنجو دڙو، چانهون دڙو، ميهي (بلوچستان)، سُتڪاگيندر وغيره ۽ سموري سنڌو ماٿر جي ٻين گهڻن ماڳن جي کوٽائيءَ مان هٿ آيو آهي. ڪجھ بنھ ننڍڙا وَٽَ پڻ هئا، جيڪي پڪ سان سونارن ۽ صرافن جي استعمال ۾ رهيا هوندا. اهي پڻ بلڪل پورا هئا. ماپُن ۽ تورُن وارو اهو سرشتو ڪتان پرڏيھ مان ڪنيل نه پر ديسي هو. هي هڪ وڏيڪ ثبوت آهي اسان جي اڳ ڪيل انهي دعويٰ جو ته، دراوڙن جي سرگرم ۽ رضاڪاراڻي سهڪار سان، سومرن سنڌو ماٿر ۾ هڪ اهڙي سيئتا سرجي، جنهن جي مول ۽ مٽن جو ثاني تاريخ ۾ ناهي. تور جي ايڪن جي هڪٻئي سان نسبت هن ريت هئي:

1، 2، 8/3، 4، 8، 16، 32، 64، 160، 200، 320 ۽ 640.

هنن ۾ تور جو بنيادي ايڪو 16 آهي. اهو مٿي ڏهائي نسبت سان وڌي ٿو، جڏهن ته هيٺ 2 سان وندجي ٿي. ڊيگھ ڪڇڻ جو سرشتو پڻ مٿئين وانگر بلڪل پورو ۽ ٺيڪ ٺيڪ هو. هي سرشتا سموري سنڌو ماٿر ۾ هلندا هئا. ماپ تور جو هي سرشتو، آرين جي 1500 يا 1200ق. م ۾ سنڌو ماٿر ۾ ٽپي اچڻ تائين، اٽڪل 17 صديون هليو. عملي طرح توحيد جي معنيٰ صرف هڪ خدا جي صرف هڪ قانون جي فرمانبرداري (پوڄا نه) آهي. ماپن ۽ تورن جو پورو پورو هجڻ بنا شڪ شبهي ثابت ڪري ٿو ته سومرا زراعت، صنعت، اڏاوت، واپار ۽ ڪاروبار سان لاڳاپيل ڏيتين ليتين ۾ سچار ۽ سُپٽيا هوندا هئا. سر جان مارشل چوي ٿو ته رهڻ لاءِ هڪجهڙا گهر هجڻ، سنڌو ماٿر ۾ ذات پيد کان پاڪ سماج جي موجودگي ظاهر ڪري ٿو. آئيوَر لِسمر جو چوڻ آهي ته وٽن ۾ ڪوٽ نه هجڻ ظاهر ڪري ٿو ته سنڌو


www.sindhsalamat.com

ماٿر جا ماڻهو روزمره ڏيتين ليتين ۾ سُپتيا هئا. (دي لِونگ، پاسٽ، ص. 145) 1500ق. م کان اڳ سنڌو ماٿر جي ماڻهن (سومرا ۽ دراوڙ) جو ڌرم اهو هو.

سِيلِندر ناٿ سين (ائنشِيَنٽ هسٽري آف بنگلاديش، انڊيا اينڊ پاڪستان جو مصنف) مطابق آريا، جيڪي آخرڪار اتر هند جي وڏي حصي تي قابض ٿي چڪا هئا، 2000ق. م کان پوءِ وارين صدين دوران اتر اولهه هند تي ڪاهون ڪندا رهيا. آرين جي اصل جنم ڀومي انتهائي تڪراري آهي. هند ۾ آباد ٿيڻ وارا نسلي ۽ ثقافتي طور قديم ايرانين کي ويجها هئا. زرتشت پاران ڇهين صدي ق. م ۾ آهورا مزدا جي پوڄا سيڪارڻ تائين، ايراني ساڳين ديوتائن اِندر، وِرُون ۽ مِترا وغيره کي پوڄيندا هئا. ٻئي صرف باهه (اگني) جي هند-آريائي ديوتا جي پوڄا ڪندا هئا. سنسڪرتي لفظ 'ديو' جي ايراني ٻوليءَ ۾ معنيٰ 'غيبات' آهي.

رِگ ويد جون ويديون هند ۾ آريائي وسندين جي هڪ دلچسپ جهلڪ ڏين ٿيون. سندن سرگرمين جو ڳڙهه پنجاب هو. جن دريائن جا حوالا گهڻا ملن ٿا، انهن ۾ سنڌو، سَرسوَتي، دِرِشَدوَتي ۽ پنجن دريائن – سُتُدرِي (سُتلج)، وِپاص (بِياص)، پارُوشِي (راوي)، آسِڪنِي (چناب) ۽ وِتَستا (جهلم) شامل آهن. سنڌو ماٿر کان ٻاهر وارن دريائن مان رڳو گنگا، جمنا ۽ سَرايُو جو ذڪر اچي ٿو.

رِگ ويدِي ڌرم جو سڀ کان وڌيڪ دلچسپ پهلو انهي جي هڪ کان وڌيڪ خدائن کي مڃڻ واري خاصيت هئي، جنهن ۾ گهڻن ڀڳوانن جي پوڄا ٿيندي هئي. رِگ ويدِي آريا فطرت جي پوڄا هڪ ڳوڙهي احساس سان ڪندا هئا ۽ انهي کي جيئرن ساهن جو نذرانو پيش ڪندا هئا. آسمان، سمنڊ، باک ڦُٽي، سج ۽ چنڊ وٽن ايشوري روپ ليکبا هئا. ديوتا ڌار ڌار هئا ۽ واري سِر سڀ وڏي ۾ وڏا ليکبا هئا. ٻليدان (قرباني) جو هڪ خاص رتبو هوندو هو ۽ انهي جو مکيه مقصد ڀڳوانن کان دان وٺڻ لاءِ ڪين ريجهائڻ هوندو هو. ٻليدان مهل ٿيندڙ رسمن (جيڪي پروهت ئي ادا ڪندا هئا) ۾ کير، گهه، اَنُ ۽ ماس آڇڻ شامل هوندو هو.

پوءِ وارو ويدِي دور، ويدِي ڌرم جي اوسر جهڙوڪ: ٻَلي چاڙهڻ تي زور، ويدن جي اَمرتا ۾ ويساهه ۽ پروهت جي برتري، وارين اهم تبديلين سان سڃاپي ٿو. ڏکين ڌرمي رسمن پروهتن جو رتبو وڌائي ڇڏيو، جيڪي ڌرتيءَ تي سچا پچا ڀڳوان مڃڻ لڳا. برهمڻن جو ڌرم اهڃاڻي نزاڪتن سان لڏجندو ويو ۽ نيٺ اجاين ڌرمي





رسمن ۽ ظاهري ڏيکائن جي بي روح جوڙجڪ ۾ وڃائجي ويو.

آرين واري ويدِي سيئتا کان پوءِ جون سماجي حالتون بيان ڪندي پروفيسر ايس. اين. سين لکي ٿو ته: "ڦهريون پيد، آريا ۽ اڻ-آريا (داسيُو ۽ مليڇ) هو. آريا سماج برهمڻن، ڪترين، وئشن ۽ شودرن ۾ ورهايل هو. ڌار ڌار ذاتين وچ ۾ سڱن جي ڏي وٺ سان ڳاڏڙ ذاتيون پيدا ٿيون. انهن سڀني کي شودرن وارو درجو ڏنو ويندو هو. ذات پيد سرشتي جي سختيءَ جي باوجود هڪ آزاد خيال نظارو ڏسڻ جوڳو هو: "آريي مرد جو اڻ-آريي عورت مان ڄار پنهنجي سلڇٽائپ سان آريو ٻڻجي ٿي سگهيو". سماجي زندگي وَرڻاشرم-ڌرم جي قاعدن هيٺ هلندي هئي.

سماجي جوڙجڪ ۾ اتم ترين مرتبو رکندڙ برهمڻ: استاد، پروهت، منصف، ڊِل ٻَڌڻ وارو، وزير اعظم يا ڌرم پَرِيشَد جو ميمبر ٿي سگهندو هو. پيدائشي سُپاءَ ۽ روحانيت جي حوالي سان ممتاز ليکجندڙ برهمڻ پاران پنهنجي ذات لاءِ مقرر مخصوص قانون ٽوڙڻ پنهنجو مرتبو گهٽائڻ ليکبو هو. ڪترين جا عام ڌنڌا، فوجي نوڪريءَ جي ڳولا کان سواءِ پڙهڻ، ٻَلي چاڙهڻ ۽ سخاوت هئا. واپار، ڪاروبار، ڪڙمت ۽ مال ڌارڻ وئشن جا ڌنڌا هئا. جيتوڻيڪ شودرن جو مکيه ڌنڌو نيچ سيوائون هو، پر مانَو مهراج شودر کي علم پرائڻ کان نٿو جهلي. غلام جي حالت رحم جوڳي هوندي هئي: اهو نه پنهنجي حيثيت مٽائي سگهندو هو ۽ نه ڪيس ملڪيت رکڻ جو حق هو.

ڪنهن مٿان حملو، زناڪاري ۽ چوري مکيه ڏوهه ليکبا هئا. انهن منجهان ڪو ڏوهه ڪنهن شودر ڪيو ته انهي لاءِ ملڪيت ضبط ٿيڻ جي سزا هوندي هئي ۽ ڪڏهن موت جي سزا ٻه. پر ساڳين ئي ڏوهن لاءِ برهمڻن پروهت کي انڌو ڪيو ويندو هو. گوتم ڏنڊ لاڳو ڪيا: ڪو ڪتري ڪنهن برهمڻ سان بدسلوڪي ڪري ته 100 سِڪا ۽ ڪو شودر ائين ڪري ته 150 سِڪا ڏنڊ ڀريندو: پر ڪنهن برهمڻ جيڪڏهن ڪنهن ڪتريءَ سان بدسلوڪي ڪئي ته 50 سِڪا، ڪنهن وئش سان بدسلوڪي ڪيائين ته رڳو 25 سِڪا ۽ ڪنهن شودر سان بدسلوڪي ڪيائين ته ڪو ڏنڊ نه ڀريندو.

"آرين يا سنسڪرت ڳالهائيندڙ برهمڻن ۽ انهن جي ڪترين ۽ وئشن واري ٽولي کي اتر هند (سنڌو ماٿر) جي وڏي حصي ۾ اگهاڙا قبيلا رهندا نظر آيا، جن کي انهن



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

مليڇ، داسيا، نِيشَد وغيره سڏيو ۽ اهي پڪ سان اڳ ئي اتي رهندڙ سِٽي يا گهٽ ۾ گهٽ اڻ-آريا نسل جا هئا.” (بيلفورس سائيڪلوپيڊيا آف انڊيا، ڀاڱو 1، ص. 154)

اسان ڏٺوسين ته جيتوڻيڪ مهان ديس پريمي چندرگپت موريا برهمڻن ۽ آرين جي سمورين ٻين ذاتين کي آڇپو ڏياريو، پر تڏهن ٻه انهي مٿان هر اهو گندو نالو رکيو ويو، جيڪو ڪو ماڻهو سوچي سگهي ٿو. اهو انهن سندن ريتن رسمن کي نه مڃيندڙ اڻ-آرين خلاف منجهن پلجي راس ٿيل ڌِڪار واري ورتاءَ سبب ڪيو. منجهن سومرن خلاف پڻ ڪينو پيدا ٿي چڪو هو ڇاڪاڻ ته:

1. ڪاري سمنڊ واري پاسي ۽ ميسوپوٽامي علائقن ۾ گڏ رهندي سومرن سندن ٻليدان پنٿ نه مڃيو هو،
2. سنڌو ماٿر جي اتم درجي شهري سيئتا آرين جي ’ويڙهاڪ ڌنار ذاتين‘ ۾ ساڙ پيدا ڪيو،
3. سومرن آرين جي ڌرم، ڌرمي رسمن ۽ رواجن، سماجي مت ڀيد ۽ زندگيءَ جي ٻين طريقن کي سڌو سنئون رد ڪري ڇڏيو، پنهنجي دوستن اڻ-آريا سَڪن جو ڌرم ٻُڌ مت قبوليائون ۽ برهمڻ مت جي مخالفت ڪيائون.

وِليَم هينري سمٿ پنهنجي ’هسٽوريَنس هسٽري آف دي ورلڊ‘ (ڀاڱو VII ص. 525) ۾ راءِ ڏئي ٿو ته: “سخت ڌڪار، جنهن سان فاتح مفتوح کي ڏسندو آهي، هند واسي سوچ ۾ ايتري وڌي وئي، جو برهمڻ اجائي هٺ ۾ اچي ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ ۽ ٻين قانونن هيٺ ايندڙ سمورن ماڻهن کي اڻ سڌريل ڄٽ سمجهڻ لڳا ۽ مليڇ (هيٺو) ڪوٺڻ لڳا، جن سان هر قسم جي ميل ميلاپ ۽ هر قسم جي سماجي وهنوار کان پاسو ڪرڻ سندن لاءِ ضروري هو.”



books.sindhsalamat.com





www.sindhsalamat.com

باب ڏهون

# ٻُڌ مَت ۽ جين مَت

پنجاب قسمين قسمين ماڻهن جي ميلاپ جي جاءِ ۽ انيڪ ثقافتن کي پگهارڻ وارو هڪ ڪُنو بڻجي ويو. انهي جو سماج گاڏڙ ساڏڙ ۽ پاکنڊي (بِدعتي) بڻجي ويو هو. گنگا جي ماٿريءَ ۾ پنهنجو واهيرو وسائي ويٺل آرين پنجابين مٿان اَشُڌ ۽ اَڌرمي واري ڇاپ هڻي ڇڏي. انهي دور جي ادب پنجاب جي ماڻهن خلاف ٻُڇان واري مزاج کي هوا ڏني. اهڙي ريت پنجاب – پنجن دريائن واري ڌرتي – ’اَرَت‘ (بي اصول) ڪوٺجڻ لڳو ۽ قاعدو لاڳو ٿيو ته ڌرم سيوَڪ ماڻهن کي اتي ٻن ڏينهن کان وڌيڪ بلڪل نه ترسڻ گهرجي ۽ ائين انهي جي ڇوڏاري اهڙن ملڪن جو ڪڙو نهي ويو. جن ڏانهن ويدِي آريا راڄ مان لڏي وڃڻ جي سختيءَ سان جهل ٿيل هئي. ٻُڌيانا ڌرماسُوتر (اٽڪل پنجين صدي ق. م) اَرَتا، ڪَرَس-ڪَرَس، پُندَرا، سنڌو ساوِيرا، وامگا، ڪالِنگا ۽ پِراڻُو ماڻهن جي ديسن مان ٿي اچڻ وارن تي شُڌي وارو قانون لاڳو ڪري، اوڏانهن وڃڻ وارن جي دل شڪني ڪئي. قانون ڏيندڙ ٻُڌيانا، جيڪو اشوڪ کان اڳي ٿي گذريو، ڪالِنگا کي برهمڻ ثقافت کان سَکڻو ديس قرار ڏئي ٿو ۽ پنجاب وڃڻ تي پابندي لاڳو ڪري ٿو. اهو سنڌو ساوِيرا جي ماڻهن کي ’سَنڪرنايوٽي‘ (گاڏڙ نسل) سڏي ٿو ۽ ماڻهن کي انهي ملڪ ۾ وڃڻ کان جهلي ٿو.

ويدِي ادب صاف ظاهر ڪري ٿو ته هند-آريائي اتر هند جي انهي ڀاڱي کي، جتي سندن مخصوص اسلوب، رسمون ۽ پوڄا جا طريقا عام ٿي چڪا هئا، رڳو هند-آريائي قبضي لاءِ ٺيڪ ليکيندا هئا. مهاڀارت، ڪرُڪشيتر کي پاڙي رسائيندڙ ’سَرسوَتيءَ‘ کي پنجن دريائن جي ڌرتي (جتي جا رهواسي واهِليڪا اَشُڌ ۽ برهمڻ مَت جي ليکي کان ٻاهر هئا) ۽ مڌياديس (جيڪو ڌرم ۽ پارسائيءَ جو



books.sindhsalamat.com



هندورو ۽ سٺن آدرشن ۽ معيارن جي پومي هو) جي وچ تي سَنڌي واري ليک ڄاڻائي ٿو. اها پڻ ڌيان ۾ رکڻ جهڙي ڳالهه آهي ته ڇهين صدي ق. م ۾ ٽيهٺ مختلف ويچار ڌارائون موجود هيون، جن منجهان گهڻيون منڪر هيون، جيڪو ثابت ڪري ٿو ته ڪٽر ڌرمي هند-آرين جي ڌرم خلاف بغاوت انهي کان گهڻو اڳ شروع ٿي چڪي هئي.

آريا جيستائين سنڌو ماٿر ۾ رهيا سندن ڌرم، رِگ ويدِي يا رِگ ويد کان پوءِ وارو، پروهتن جي ڪجهه ريتن رسمن جي گهيري ۾ رهيو ۽ پاڻ کي انهي جيترو پختو نه بڻائي سگهيو هو، جنهن کي هاڻ اسان هندو مَت چئون ٿا. ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا (ص. 46) ۾ اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته: “برهمڻن ۾ ڌرمي سرگرمين جو مرڪز ڏکڻ اوير واري پاڙيسري ملڪ يعني جمنا ۽ گنگا جي وچ واري دوآب ۽ گڏيل پرڳڻن جي ضلعي مُترا جي مٿئين حصي ڏانهن هليو ويو آهي. اهو برهمرِشِيديس (پَوِتر رِشيُن يا مقدس عالمن جو ديس) هو. اتي ئي رِگ ويد جون، ستن دريائن جو ملڪ سڏجندڙ اتر اولهه ۾ رچيل، ويديون هڪ هنڌ ميڙي ترتيب ڏنيون ويون ۽ اتي ئي ڌرمي ۽ سماجي سرشتي، جنهن کي اسان برهمڻ مت سڏيون ٿا، پنهنجو آخري روپ ورتو. مسٽر ڊِي. ڊِي. ڪُسَمبي مطابق ڇِڪ رکندڙ تاريخي مرڪز ستين صدي ق. م تائين پنجاب کان گنگا ماٿريءَ ڏانهن وڃي چڪو هو.

ڪلڪتي يونيورسٽيءَ ۾ تاريخ جي پروفيسر مسٽر سيلِندر ناٿ سين ڇهين صدي ق. م دوران دنيا – چين ۽ ايران عام طرح ۽ گنگا ماٿري خاص طرح – کي لوڏي ڇڏيندڙ نين ڌرمي تحريڪن جو احوال نهايت تفصيل سان ڏنو آهن. پنهنجي ڪتاب ’ائنشِيَنٽ هسٽري آف بنگلاديش، انڊيا اينڊ پاڪستان‘ ۾ هو دعويٰ ڪري ٿو ته: “حڪمران طبقن منجهان ڪترين جهڙو مرتبو رکندڙ ڪجهه ڏاهن هاڻ برهمڻن جي هنيلي طبقاتي ڦوند تي اعتراض وارڻ شروع ڪيا، جن جي طبقاتي هڪ هٽي، ساڻو ڪري وجهندڙ ڌرمي رسمون ۽ رت جو ٻليدان ماڻهن کي هلاڪ ڪري رهيا هئا.... انهي دور ڌاري اڀرندڙ ڪوڙ سارن سرشتن منجهان هندو ثقافت جي تاجي پيٽي مٿان اثر صرف جين مت ۽ ٻڌ مت ڇڏيو... جين مت بنيادي طور دهريت آهي. ڀڳوانن جي وجود کان انڪار نه ڪندي به اها، ڪائنات جي سٿاءَ ۾ انهن کي پسمنظر ۾ ڌِڪي، سندن درجو گهٽائي ڇڏي ٿي. انهي مطابق تخليق ۽ فنا لاءِ ڪنهن



www.sindhsalamat.com

پڳوان جي ضرورت ناهي. پڳوان رڳو انسانن ۽ جانورن وانگر روپ ورتل روح (آتمائون) آهن. آزاد روح پڳوانن کان مٿيرا آهن، ڇاڪاڻ ته اهي ٻيهر ڪڏهن جنم نه وٺندا آهن. جين ڌرم ۾ زُهد يا ڀڳتيءَ جي ڪا جاءِ ناهي. پاڻ سڄاڻ آزاديءَ جي اتم راهه آهي ۽ انتر ڌيان (مراقبو) روح جو درجو وڌائي ٿو. جين مت موجب ڪَرم (عمل) جي نوعيت مادي آهي؛ اهو پاڻمرادو ڪم ڪندو آهي. هر ماڻهو پنهنجي سوچن، سُخنن ۽ عملن لاءِ پاڻ ذميوار آهي. اهي ماڻهوءَ جي روح ۾ هڪ قسم جو مادو چڪيندا آهن، جنهن جا پنهنجا ڦَل هوندا آهن؛ چڱا يا بڇڙا. انهي دستور ۾ ڪو به دخل اندازي نٿو ڪري سگهي، خدا به نه......"

ٻڌ مت جو مکيه حصو اتم اَٺ-پاري واٽ آهي. پهرين واٽ آهي درست سوچ: دنيا انسان جي خود غرضي، اڻ پلي سَڌَ ۽ لوڀ جي پيدا ڪيل اڻکٽ پيڙا سان ڀري پئي آهي. انهي سَڌَ جو ناس ٿيڻ سيني لاءِ سڪون جي راهه آهي. ٻيو قدم آهي درست مقصد: دولت جي لوڀ، حواسن جي لذت ۽ عيش عشرت ۾ نه ڪاهي پوڻ گهرجي؛ انسانيت سان پيار ڪجي ۽ ٻين جي خوشيءَ ۾ وڌارو ڪجي. ٽين واٽ آهي درست ڳالهائڻ: ڪوڙ، گلا، گار گند ۽ هلڪڙائپ وارو ڳالهائڻ سماج جي جوڙجڪ کي بگاڙيندا آهن. چوٿين واٽ آهي درست عمل: چوري، بدڪاري، زناڪاري ۽ ڊوهه سماج کي وڏي تباهيءَ ڏانهن نِيندا آهن؛ درست عمل ٻين جي ڀلي لاءِ سوچڻ وارو عمل آهي. ٻُڌ وٽ عبادت، ڌرمي ريتن رسمن ۽ ٻليدان جو ڪو قدر ناهي. ڌرم ۾ 'انسان کي بهتر ماڻُ ڏيڻ' جو مقام سو سال اڳني پوڄا کان اتم آهي. پنجين واٽ آهي درست روزِي: ڪنهن کي به پنهنجي روزي اعتراض جوڳن ذريعن مان نه ڪمائڻ گهرجي ۽ صرف ايمانداريءَ وارا طريقا ئي وٺڻ گهرجن. ڇهين واٽ آهي درست دماغي رويو: يعني جذبن تي ڪنٽرول ته جيئن خراب سوچون اچڻ کان بچي سگهجي. اَسُيّاوَڻ يا بڇڙائيءَ تي اولڙي ذريعي ماڻهو هر بري شيءِ کان ناپسندي حاصل ڪري سگهي ٿو. صرف درست ذهني ضابطي وسيلي ئي ڪو ماڻهو ڪاوڙ، حسد ۽ هٺ سان لڳاءَ کي ناس ڪري سگهي ٿو. ستين واٽ آهي درست سُڄيتائي: بدن جي فاني هجڻ کان آگاهي ۽ دنياوي برائين جي خاتمي تي ڌيان ڏيڻ. اٺون آهي درست ڌيان؛ جنهن جو ڦَل راحت يا سماڌي آهي. ڌيان، اناپرستيءَ کي ڪِڏي ڦٽو ڪرڻ ۽ حقيقي سچ کي پروڙڻ جي هڪ سوچيل سمجهيل



books.sindhsalamat.com



ڪوشش آهي.

اَٺ-پاري واٽ کي ڪڏهن ڪڏهن چئن مرحلن ۾ ورهايو ويندو آهي، جتي هر مرحلو انهن پير ڪڙين جي ٽٽڻ سان سڃاپندو آهي، جن ۾ انسان ڌرتيءَ تي جڪڙيل آهي. انهن پير ڪڙين منجهان پهرين آهي ذاتي خوديءَ جو ڀرم (سدڪايادِرشٽي)، جنهن جو خيال ڪرڻ گهرجي. ٻي رنڊڪ آهي شڪ (وِسِيڪِٽسا). جيڪو ماڻهو انا جي ڀرم ۽ ريتن رسمن جي پابنديءَ کي مڃڻ کان آجو ٿي ويندو آهي، اهو اتم واٽ جي پهرئين مرحلي ۾ داخل ليکبو آهي ۽ سروتُپّڻ يعني سِير ۾ پهتل سڏبو آهي. پار اُڪرڻ واريون اڳليون به رنڊڪون شهوت (ڪامَ) ۽ بدخواهي (پِرَتيگهه) آهن. اتم واٽ جي ٻئي مرحلي ۾ ڪاميابي تڏهن ٿيندي، جڏهن انهن تي سوڀ ماڻبي. اهو ماڻهو سَڪرَداگامِن يا 'دنيا ۾ ٻيهر ڄمندو' ٿي وڃي ٿو. ٽيون مرحلو آهي آناگامِي يعني اهو انسان جي دنيا ۾ نه ايندو، پر ديوتائن ۾ ٻيو جنم وٺي نِرواڻ ماڻيندو. ٻيون رنڊڪون آهن دنيا جي مادي ۽ غير مادي لذتن جي طلب، جهڙوڪ: وڏائي، پاڻ کي پارسا سمجهڻ ۽ جهالت. جڏهن هي پير ڪڙيون ڀڃي پورا ٿينديون ته ماڻهو اَرهَت (لائق) ٿي نِرواڻ ماڻيندو.

اتم اٺ-پاري واٽ تي هلڻ سان بدن تي وس (سِلا)، دماغ تي وس (چِتّ) ۽ ذهني اوسر (پِرَجن) ملي ٿو. سِلا (وِنايا ۾ ڏسيل اخلاقي ضابطو) تي هلڻ وارو فاضل پڪو برهمچاري بڻجي وڃي ٿو؛ چِتَّ (سُتَّ ۽ اَڀِيدام پِتاڪن ۾ ڏنل انتر ڌياني طريقا) تي هلڻ وارو فاضل دماغ تي وس ماڻي وٺي ٿو ۽ پِرَجن (سُتَّ پِتاڪا ۾ ڏنل ذهني ضابطو) تي هلڻ وارو فاضل سچ ۽ حقيقت پروڙي وٺي ٿو.

ظاهري دنيا کي ڪو بقا ناهي — اها، سمنڊ مٿان ڇولين يا پاڻيءَ جي چادر مٿان هلڪڙين لهرن وانگي، رڳو گهڙي پل جي آهي. پَتِڪّا-سومُپَّدا (پالي) يا آڌاري تخليق وارو قانون ٻڌائي ٿو ته نهيل دنيا متحرڪ حالت ۾، بي بقا ۽ ڏکن جو ذريعو آهي. ٻُڌ وٽ سموري دنيا ڪارڻن سان مشروط آهي. وجود وٺڻ (جيڪو يوڳنا آهي) توڙي انهي ۾ آرام جو احوال پِرَتِيتِياسمرپَدا ۾ ڏنل آهي. "انهي کان پوءِ ٻاجهاري، رات جي پهرين اوجاڳي دوران، پنهنجو ڌيان ڪارڻن جي سُبتي ۽ اُبتي ڦيري تي لائي ڇڏيو." جهالت منجهان ڦُٽندا آهن سمسڪار (ترڪيب)؛ سمسڪارن منجهان ڦُٽندي آهي سُرت؛ سُرت منجهان ڦُٽندو آهي نالو ۽ روپ؛ نالي ۽ روپ



www.sindhsalamat.com

منجهان ڦُٽنديون آهن ڇهه معلوماتون (ڇهن حواسن: اک، ڪن، نڪ، زبان، بدن يا ڇهاءَ ۽ دماغ جون)؛ ڇهن معلوماتن منجهان ڦُٽندو آهي رابطو؛ رابطي منجهان ڦُٽندو آهي احساس؛ احساس منجهان ڦُٽندي آهي اُڃ (يا بُک)؛ اڃ منجهان ڦُٽندو آهي لڳاءُ: لڳاءَ منجهان ڦُٽندو آهي سُهائيندو؛ سُهائيندي منجهان ڦُٽندو آهي ڄمُ: ڄمَ منجهان ڦُٽندا آهن پوڙهائپ، موت، گوندر، آهون، پيڙا، اُپاٽڪائي ۽ نراسائي. پوڳنا جي ان سڄي انبار جي ابتدا ائين ٿئي ٿي. ابتي ڦيري ۾ جهالت جي خاتمي سان، جيڪو شهوت جي خاتمي ۾ سمايل آهي، سمسڪار ختم ٿين ٿا؛ سمسڪارن جي خاتمي سان سُرت ختم ٿي وڃي ٿي؛ سُرت جي خاتمي سان نالو ۽ روپ ختم ٿي وڃن ٿا؛ نالي ۽ روپ جي خاتمي سان ڇهه معلوماتون ختم ٿي وڃن ٿيون؛ ڇهن معلوماتن جي خاتمي سان رابطو ختم ٿي وڃي ٿو؛ رابطي جي خاتمي سان احساس ختم ٿي وڃي ٿو؛ احساس جي خاتمي سان اُڃ ختم ٿي وڃي ٿي؛ اڃ جي خاتمي سان لڳاءُ ختم ٿي وڃي ٿو؛ لڳاءَ جي خاتمي سان سُهائيندو ختم ٿي وڃي ٿو؛ سُهائيندي جي خاتمي سان ڄمُ ختم ٿي وڃي ٿو؛ ڄمَ جي خاتمي سان پوڙهائپ، موت، گوندر، آهون، پيڙا، اُپاٽڪائي ۽ نراسائي ختم ٿي وڃن ٿا. انهي طريقي سان ماڻهو پوڳنا واري انهي سڄي انبار ۾ آرام حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿو.

سموري جوڙجڪ جو بنياد اَوِديا يا جهالت آهي. شخصيت اَوِديا ۽ ڪَرم (عمل) جي پيداوار آهي.

هنن ٻن وڏن ڌرمي نظامن کان سواءِ انفرادي مفڪرن جو هڪ انگ ۽ ڪوڙ ساريون سڌارڪ ويچار ڌارائون پڻ للڪار ڪي منهن ڏيڻ لاءِ اُسريا، پر سيني منجهان وڏ ۾ وڏ ڪامياب ٻڌ مت ٿيو، جيڪو پنهنجي جنم ڀومي جي اندر ۽ ٻاهر وارن علائقن کان علاوه سنڌو ماٿر جي هر انچ تائين پکڙيو. لڳ ڀڳ ساڳئي ئي وقت، جڏهن مهاوير ۽ ٻُڌ پنهنجي نصيحتن جو پرچار ڪري رهيا هئا، مهاوير جي هڪ همعصر ۽ دوست ڪوسالا جي سرواڻيءَ ۾ آجِيوِڪن متحرڪ قوت حاصل ڪئي. آجِيوِڪا ڇهين صدي ق. م کان گهڻو وقت اڳ موجود هئا. ڪڏهن اهي جينين سان وچي ملندا هئا ۽ ڪڏهن ٻڌ مت جي مخصوص فرقن سان. پڪن ڌرين ۽ نج مڪافاتِ عمل تي آڌاريل آجِيوِڪن عام ڪَرم نظريي کي رد ڪري ڇڏيو، جنهن ۾ ماڻهوءَ جي موجوده حيثيت جو تعين انهي جا اڳ وارا اعمال ڪن ٿا — سڄو جهان





نندي ۾ نندي تفصيل تائين هڪ غير شخصي ڪائناتي ضابطي نِياتي يا قسمت سان ٻڌل آهي ۽ مقرر آهي. زندگي اڻ مَٽ قانونن پٽاندڙ لڳاتار هلندي رهي ٿي.

مکيه ڌرمي فرقن کان سواءِ، ترتيبوار درجي بندي يا خاطرخواه تشريح کي للڪاريندڙ، ڀانت ڀانت جي ڌرمي ويساهن وارو هڪ ميڙ اڀريو. انهن ڌرمي پنٿن سان گڏوگڏ ماڻهو ڌرتيءَ، جبلن ۽ وڻن جي آتمائن، ياڪشن، گنڌاروَن ۽ ناگن ۾ پنهنجا پراڻا عقيدا پڻ سانديندا آيا. ماڻهو ڪجهه جانورن جهڙوڪ: هاٿي، گهوڙي، ڳئون، ڪتي ۽ ڪانءَ جو احترام ڪندا هئا.

پورهيتن جي نيڪ ناڪ چرپر جي باوجود ٻه ٻوڌي گرنٿ ڌنڌن سان نهڪندڙ ذاتين کي مٿيرو رکن ٿا. ماجهِيما نِڪايا صدقو، خيرات ۽ ڏن وغيره برهمڻ کي؛ تير ۽ ڪماڻ کتريءَ کي؛ ڳوٺ ۽ مال ڌارڻ وئش کي ۽ ڏاٿو ۽ پاجاري شودر کي سونپڻ جي ڳالهه ڪري ٿو. ڪنهن برهمڻن پاران غير قانوني ڌنڌا، جهڙوڪ: ڪڙمت، واپار ۽ ٻيون ڪرتون ڪرڻ تي پنهنجي ذات ڪارڻ جو ڇئي نندا ڪئي وئي آهي. آر. ڪي. مُکرجِي (ڪتاب: هندو سِوِلائيزيشن، ص. 310) مطابق ذات بابت سمرتي ۾ ڏنل سخت برهمڻي رواج کي ٻوڌي گرنٿن ۾ پڻ ميچتا مليل آهي. پر اهو رواج ڀاڻ ٻه، ڪنهن اوچي ذات واري پاران لاچاري ۽ تنگي وارين حالتن ۾ نيچ ڌنڌي جي ڳولا جي، ”آپاد-ڌرم“ طور اجازت ڏئي ٿو.

ٻوڌي هند ۾ ڌنڌا عام طرح موروثي هوندا هئا، پر ڌنڌا مٽائڻ جا مثال به اڻ لڀ نه هئا. جَتاڪا، شهزادن پاران ڪنيار، گلفروش ۽ ٻاڻي (تير انداز) يا نيچ ٻانها ٿيڻ، کترين پاران ٻنين ۾ ڪم ڪرڻ ۽ برهمڻن پاران واپار ڪرڻ ۽ ڏڪاٽڪو ڪم ڪرڻ جي ڳالهه ڪن ٿا. جَتاڪن موجب برهمڻن جا ڌنڌا سختيءَ سان سندن پنهنجي ڪرت تائين محدود نه هئا. اهي هي ڌنڌا پڻ ڪري ٿي سگهيا: ڪيتي، واپار، شڪار، ڏڪاٽڪو، ڪورڪو، تير اندازي ۽ ويندي نانگ ڌارڻ به.

”سماجي ادارن جي شفافيت سان غلامي هڪ منظم اداري جي صورت وٺندي وئي ۽ ان جا روپ ۽ قسم وڌي ويا. غلامي قيدي ٿيڻ، موت جي سزا جي عيوض، قرض يا عدالتي سزا جو نتيجو هوندي هئي. .. غلامن کي عام طور نيچ نوعيت جا قسمين قسمين ڪم ڪرڻا پوندا هئا؛. غلامن مان گهڻن جي ٻنهه عزت نه هوندي هئي. تمام ننڍڙي غلطيءَ تي غلام کي ڪُٽيو ۽ سنگهرن ۾ جڪڙيو ويندو هو“.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

اسان اڳ ڏسي چڪا آهيون ته سومرا ”سچ ۽ سُپت“ کي عبادت جيترو مان ڏيندا هئا. سنڌو ماتر جي هنوقت تائين ڪوٺيل ماڳن منجهان ڪنهن وڏي پيماني تي هٿيار نه لڌا آهن. جيڪي بچاءَ ۽ اڳرائيءَ جا پار ڏين. اها ڳالهه ثابت ڪري ٿي ته هتان جي ماڻهن جو اندروني ۽ بيروني ضابطو حد کان وڌيڪ درست هو؛ نه ڪين پوليس جي ضرورت هئي ۽ نه ڪنهن فوج جي. سنڌن سِڌن سنوَن لاڳاپن ۽ سُپت پرئي وهنوارن سبب سنڌن واپار وڌيو. ٻڌ مت، سنڌن مزاج سان وڌ ۾ وڌ ٺهڪندڙ ڌرم هو. هنن سادن ۽ نيڪ ماڻهن ٻڌ مت کي بنا دير ۽ ٻاڪر پائي قبوليو. ساڳي طرح سَڪادُويپ (هيٺين سنڌ)، سَڪا-آستان (سيستان)، سَڪاسَر (سَڪيسَر) ۽ گهٽ ٻين هنڌن جي ماڻهن سَڪا مُني (سَڪن جو نبي) جو ڌرم قبوليو. مسٽر پِڪسُو سناگهَرَڪسِتا پنهنجي ڪتاب ’اي سروي آف ٻُڌزم‘ ۾ ٻڌ مت جي مقبوليت جا ڪارڻ ڏنا آهن.هو چوي ٿو ته: ”موافقت ۽ پنهنجو ٻٽائڻ وارو سڀاءُ انهن ڪارڻن منجهان هڪ هو، جن ٻڌ مت کي انهن ذاتين ۽ ماڻهن ۾، جن جا رواج ۽ ثقافتي پسمنظر هند واسين کان گهٽين پارين گهٽو مَٽَ هئا، ايترو تڪڙو ۽ آسانيءَ سان ۽ نه برابر رنڌڪ سان پکڙجڻ لائق بٽايو. جيتوڻيڪ ٻڌ مت اصل ۾ حڪمران طبقي ۽ پروهتن جي وچ واري ڇڪتاڻ جي ترجماني ڪندڙ هڪ ڪٽري تحريڪ هئي، پر انهي جو اخلاقي ۽ جمهوري ڏيک ۽ ان کان به وڌيڪ انهي جو پروهتن خلاف جهيڙو ماڻهن جي دل کي ڏاڍو لڳو.“

ملتان جاگرافيائي طور سنڌو ماتر جو مرڪز آهي ۽ رهيو آهي. سنڌوءَ واسين جي زندگين تي ڪنهن به طرح سان اثرانداز ٿيندڙ هڙني سماجي، سياسي يا مذهبي تحريڪن ملتان ۾ يا ان جي پر پاسي پڻ پنهنجا اهڃاڻ ڇڏيا آهن. ملتان کان ٽيهه ميل اولهه ۾ ٻُڌ نالي هڪڙو ڳوٺ آهي. انهي جي چوڌاري وارا وسيع علائقا ۽ اتان جا رهواسي پڻ ٻُڌ ڪوٺبا آهن. ساڳي طرح ملتان کان سو ميل اولهه ۾ سخي سرور نالي هڪڙو ننڍڙو شهر آهي. انهي شهر ۾ مسلمان بزرگ سخي سرور جي مزار سڏجندڙ هڪ عمارت آهي. حقيقت ۾ سخي سرور ڪنهن ٻئي هنڌ پوريل آهي. عمارت جي پٽين تان ڪن هنڌان ليپ لهي ويو آهي، اتي ٻوڌي چتسالي ڏسي سگهجي ٿي. روايتون پڻ عام راءِ جي تصديق ڪن ٿيون ته اها عمارت پراڻي وقت ۾ ٻڌ مت وارن جي مَڙهي هوندي هئي. پِڪشو ڪونجنڊڙ ٻوڌي پرچارڪ سال جا نَوَ مهينا هڪ






هنڌان ٻئي هنڌ هلندا وتندا هئا، پر مِينهَن وارن ٽن مهينن دوران مَڙهين ۾ ٽِڪندا هئا. اهي مسافر ٽولا ’سَنگهه‘ سڏبا هئا. اها ريت اڄ تائين جيارڀي پئي اچي ۽ پري پري ماڳن کان بزرگ جي مزار تي زيارت لاءِ ايندڙ مسلمان پانڌيئڙن جا ٽولا اڄا تائين سنگهه يا سخي سرور جا سنگهه ڪوٺبا آهن. لفظ ’سَنگهه‘ ديسي لفظ ناهي، پر اهو انهي مخصوص معنيٰ ۾ گذريل 25 صدين کان استعمال ٿيندو پيو اچي.

اهو ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته زرتشت، جنهن بابت سمجهيو وڃي ٿو ته اهو ميڊيا (ايران ۾ هند-يورپي ميد قوم جو علائقو) ۾ جائو، 600ق. م جي ڇاڙيءَ ۾ آمون جي علائقي ۾ رهندو هو. انهي جي رچيل مزدائي مذهب کي ڪياني بادشاهن سنڌو درياءَ جي ساڄي ڪپ تائين ڦهليل پنهنجي سموري سلطنت ۾ پکيڙيو.

انهي جاءِ کان اٽڪل ٽيهه ميل ڏکڻ ۾ ’هامپي‘ نالي هڪڙو ڳوٺ آهي. هي ’سامبس‘ (سڪندر جي حملي وارن ڏينهن ۾ هن علائقي تي راڄ ڪندڙ ٻوڌي راجا) جو ديسي اُچار آهي. اهي ڏهه اڳهاڙا پِڪشُو پڻ هن علائقي جا هئا، جن کان سڪندر ۽ انهي جي فلاسافرن مارڻ جو دڙڪو ڏئي پچا ڳاڇا ڪئي هئي.

ليّہ ضلعي ۾ هڪ وڏو علائقو ’ڪُنال‘ ڪوٺجي ٿو، ٻوڌي سمراٽ اشوڪ اعظم جي پٽ جي نالي سان.

پنهنجي ڪتاب ’ائنشِيَنٽ انڊين ايجوڪيشن‘ ۾ مسٽر راڌاڪمار مُڪرجِي اسان کي ڏاڍي دلچسپ ڄاڻ ڏئي ٿو. هو چوي ٿو ته: ”سنڌ ۾، جتان جا رهواسي ٻڌ مت جا پڪا پوئلڳ هئا، ڪوڙ ساريون مڙهيون ۽ 10،000 کان مٿي پائپيون هيون؛ سڀ جو سڀ هِناياڻي سَمَتّيا مسلڪ جون. ڪَچيسواڙا (ڏکڻ اولهه سنڌ) ۾ اٽڪل 80 مڙهيون ۽ 5،000 پائپيون هيون. لَنڪالا (مڪران) ۾ اٽڪل 100 مڙهيون ۽ 6،000 کان وڌيڪ پائپيون هيون. اَفَنتَر (هيٺين سنڌ وارو ملڪ) ۾ 20 مڙهيون ۽ 2،000 کان مٿي پائپيون موجود هيون. فالان (گومل درياءَ وارو ملڪ) ۾ 10 مڙهيون ۽ 300 پائپيون هيون.“

لفظ ”وِهاڙي“ جي معنيٰ آهي ڪو هنڌ جتي گهڻيون مڙهيون ۽ مندر هجن. ستلج درياءَ جي ساڄي ڪنڌيءَ تي وِهاڙي ۽ سُوءِ وِهاڙ نالي به شهر آهن. انهن مان اسان کي پتو پوي ٿو ته انهن جاين تي ٻڌ مت عروج ماڻيو ۽ وڏي ويجهي عام ماڻهوءَ جو ڌرم بڻيو.

بلاذري پاران ڏنل ڄاڻ موجب ملتان وارو سورج مندر بُد ڪوٺبو هو؛ نہ رڳو ايترو پر اتي رکيل بُتَ بہ انهي نالي سان ڪوٺبا هئا. ايليَٽ اينڊ ڊائوسن جي ’هسٽري آف انڊيا ايز ٽولڊ باءِ اِٽس اون هسٽوريَنس‘ (ص. 504-507) ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ مسلمانن جو هند جي انڌَ ويساهن سان پهريون پيرو واسطو پوڻ وقت ٻوڌي ڌرم سنڌ ۾ چِٽو پِٽو مروج ڌرم هو. اڳتي آهي تہ انهي نالي جو بنياد ٻُڌُ سان منسوب ڪرڻ گھرجي، نڪِي فارسي ’بُت‘ يعني مورتيءَ سان، جيڪو پاڻ بہ گھٽو ڪري انهي ماخذ مان نڪتل آهي. مسٽر رائنَند ديبل واري بُد جي حوالي سان راءِ ڏني آهي تہ هي لفظ نہ رڳو ٻوڌي مندر سان لاڳو ٿئي ٿو، پر مندر سان هر هنڌ گڏ ٻوڌي اسٽوپا يا منارو پڻ ظاهر ڪندو لڳي ٿو. هو بُد لفظ جا اهڃاڻ چيني لاڳاپن ۾ ذڪر آيل، انهن ڏينهن ۾ ٻُڌ ۽ انهي جي مورت رکڻ لاءِ عمارت نامزد ڪرڻ جي ذميواري نباهيندڙ، فيوٽائو يا بلڪ فوٽ ۾ ڳولي لهي ٿو. ڪليپٽاٿ چوي ٿو تہ: ”فِيو-ٿائو“ اهڙن اهرامن يا منارن کي چئبو آهن، جن ۾ سَکيا يا ٻين نامي گرامي مقدس شخصيتن جا يادگار رکيل هجن. ساڳي طرح ننڍيون ديولون، جن ۾ اهي مورتون رکبيون آهن، پڻ انهي نالي سان سڏبيون آهن“.

جيتوڻيڪ چچ، جنهن هجري سن جي شروعات ڌاري تخت تي قبضو ڪيو، هڪ برهمڻ هو، ڪو سبب نٿو ليي سمجهڻ جو تہ انهي انوقت جي مقبول ڌرم ٻڌ مت سان هٿ چراند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اهو ويساهڻ جو سبب برابر ڏسجي ٿو تہ سندس پياءُ ۽ جانشين چندر سچ پچ هڪ ٻوڌي تپسي هو.

ٻوڌي ڌرم جي انوقت سنڌوءَ جي ماٿريءَ ۾ مروج هجڻ جا ڪوڙ سارا پار ملن ٿا، نہ رڳو چيني گھومڙائن جي مخصوص اعلان ۽ ابن خوردادبہ جي اهڙي پڌرائيءَ منجهان، پر عرب ليکڪن پاران برهمڻن ۽ ٻوڌين جي مخالف ڌڙن بابت ڪنهن خاص حوالي کان سواءِ ئي ڏنل ڪجھ اتفاقي اٽسڌن اشارن منجهان بہ؛ خاص طور پوڄا، انگ وڍ، ڏندڪٿائون ۽ ڪائنات نگاري ڏسندڙن کي گھٽو موهيندا هئا ۽ اهڙن اڻڄاڻ آڪڙيل پرڏيهين ۾ پچ پچ وڌائي ڇڏيندا هئا.

هن ۾ پروهتي طريقي يا ٻين پروهتي مفروضن، بيواهہ کي ساڙڻ، روحانيت وارين تَندُن، سڙي قرباني ڏيڻ، ڳئونءَ جي پوڄا، اشنانن (پاڪائي)، پراسچتن (توبهہ تائب)، ٻين مشاهدن ۽ برهمڻ ڌرم جي مول سُوترن (نصيحتن) جي مخصوص



books.sindhsalamat.com



رسمن جو ذڪر نہ هجڻ سان پيدا ٿيندڙ ناڪاري ثبوت پڻ شامل ڪري سگھجن ٿا.



www.sindhsalamat.com

## باب يارهون

# “هنديت جو پاڙي چاڙهڻ” يا برهمڻ پنٿ پاران ٻين کي پنهنجو ڪرڻ جي نتيجي ۾ راجپوتن جو پيدا ٿيڻ

مَگڌَ ۾ آندرا اڳ ۾ نيات مان نڪتل ذاتيون ليکبا هئا، پر اڳتي هلي جڏهن هند-آريائي پروهتن ڏٺو ته هنن ماڻهن کي فتح ڪرڻ يا مذهب مٽرائڻ سندن لاءِ ناممڪن هو، تڏهن انهن دراوڙن جا ڪجهه ديوتا قبوليا، انهن تي آريائي نالا رکيائون ۽ انهن جي پوڄا شروع ڪيائون. انهي گڏيل پوڄا دراوڙن جي همدرديءَ واري جذبي کي جاڳايو ۽ هوريان هوريان انهن کي هن روپ مٽايل هند- آريائي ڌرم جي منگهي ۾ ٿپائي آئي. مَگڌن ٻُڌ جي جمڻ کان گهڻو اڳ ڌرم مٽايو هو. (پرِي هسٽورڪ اينڊ ائنشِيَنٽ انڊيا، ص. 32)

مسٽر راڌا ڪَمل مُڪرجِي آريائي پروهتن جي ورتاءَ ۾ ڦيري تي راءِ ڏيندي پنهنجي ڪتاب ‘اي هسٽري آف انڊين ڪلچر’ (ص. 7) ۾ چوي ٿو ته: “ڀڳوَتي مت پنجين صدي ق. م ۾ اُسري، ٻڌ مت جو مهايانا فرقو ۽ ٻيا دهريا پنٿ پهرين ۽ چوٿين صدي عيسوي جي وچ ۾ شامل ٿيا ۽ پرڏيهين توڙي شودرن جي روايتي نظام ۾ وڏي پيماني تي رَلجي وڃڻ لاءِ آساني پيدا ڪيائون.” ساڳئي ڪتاب جي صفحي 8 تي اسان پڙهون ٿا ته: “هند جي سماجي تاريخ ۾ ذاتين جا دائرا وري وري وڌائبا رهيا ته جيئن نه رڳو دراوڙن ۽ اصلوڪن ڏيهه واسين پر پرڏيهي حملي آورن ۽ ديس تياڳي اينڊڙن جي نسلن کي به هند-آريائي ليکي ۾ آڻي سگهجي”.

انهي نرميءَ ۾ پروهتن جي ورتاءَ ۾ ڦيري جي ڪري سَڪا ۽ يَوَاڻا آريا رنگ ۾



books.sindhsalamat.com



رڱجي ويا؛ سَڪا پهرين صدي ق. م کان ڪتري ليکجڻ لڳا. ٻڌ ڌرم، ٻين گهڻين شين سان گڏوگڏ، بت پرستيءَ خلاف احتجاج طور وجود ۾ آيو هو، پر برهمڻن جي بچاءَ واري ترڪيب جادو ڪري ڏيکاريو ۽ آريا پروهتن جي پنهنجو بڻائڻ واري پاليسيءَ خود ٻُڌ کي ئي بت بڻائي ۽ پوڄجڻ واري وَٿُ جو روپ ڏئي مندرن ۾ ويهاري ڇڏيو.

اتر اولهه ۾ ٻڌ مت جي مهايانا فرقي ۽ وچ هند ۾ ڀڳوتي مت، پرڏيهين پاران مذهب مٽائڻ ۽ سماج ۾ رَلجي وڃڻ کي هٿي ڏني. آرين جي قانوني ماهرن پرڏيهين جي رَلجي وڃڻ جي نه رڳو حمايت ڪئي، پر ڪترين ۽ شودرن جي نالن واري فهرست کي ڄمَر ۾ نسلي پيوندڪاريءَ وسيلي گاڏڙ ذاتين جي ڦهلاءَ واري ڏندڪٿا (سمڪار) ذريعي نئين سِر ترتيب ڏئي، انهي کي هٿي پڻ ڏني. ڏيان ڏيڻ سان دلچسپ لڳندو ته وسيع طريقن ذريعي رَلجڻ واري هن عمل ايترو ڪاميابيءَ سان ڪم ڪيو جو حملي آورن سُتت ئي پاڻ کي ڪتري جوڏن ۽ حڪمران گهراڻن واري مٿئين ڏاڪي تي ويٺل ڏٺو. نتيجي طور ايرانين، يونانين، پارٿين، سِٿين ۽ ڪُشانن سڀني آريائي نالا ۽ ڌرم اختيار ڪري ورتا. ائين اهي سٽت ئي انهي آباديءَ ۾ گم ٿي ويا، جنهن ۾ اهي رهيا ٿي. ڪين سماجي سرشتي ۾ جاءِ ملي وئي ۽ سندن ثقافتون ٻين سان رَلجي ويون. مطلب ته حملي آور يعني چيني، يوناني، سِٿي ۽ دراوڙ وغيره هڙئي ساڳئي هندواسي ڪترين واري نسل منجهان ٿي ويا. مسٽر يُو. ٽِي. ٺاڪر ‘سنڌي ڪلچر’ (ص. 12) ۾ چوي ٿو ته سنڌ ۾ رهندڙ هيٺين طبقن جي هڪ وڏي آبادي آريا نه پر سِٿي آهن. ڪرنل ٽاڊ پڻ ويدي جُڳ جي ڪترين جا پونيَر هجڻ جي دعويٰ ڪندڙ راجپوتن جو بنياد سِٿين واري پاڙي ۾ وجهي ٿو. مسٽر جيمس هيسٽِنگس پنهنجي ڪتاب ‘دي انسائيڪلوپيڊيا آف رليجن اينڊ ايٿِڪس’ (ڀاڱو X، ص. 565) ۾ چوي ٿو ته پراڻن ڪترين جو غائب ٿيڻ، وچ ايشيا مان هڪٻئي پٺيان اينڊڙ رولو قومن پاران هند تي حملي جو نتيجو هو. انهن منجهان سڀ کان اڳاٽا ٻين صدي ق. م ايندڙ سَڪا هئا؛ انهن جي پٺيان آخري صدي ق. م ۾ يُئيه-چِي يا ڪُشان آيا. سمجهيو وڃي ٿو ته هنن حملي آور رولو قومن جا چڱا مڙس تيزيءَ سان پنهنجن نون ماحولن جي اثر هيٺ اچي هندو ٿي ويا ۽ حڪمران شهزادن جو روپ ڌاري ڪترين وارو پراڻو نالو اختيار ڪيائون...اصلوڪين ڏيهه واسي قومن جي ڪيترن ئي مُکيَن، پنهنجي راڄ سان



www.sindhsalamat.com

گڏجي، راجپوت لقب ڌاري ۽ پاڻ کي حڪمرانن واري مٿاهين مرتبي تي پڌرو ڪيو. شايد پراڻن ڪترين منجهان ڪجهه رهيل کُهيل مِڙي، پرڏيهين ۽ اصلوڪن ڏيهه واسين جي پرتيءَ سان، راجپوتن جي حيثيت ۾ مڃيل هي گاڏڙ ميڙ، فطري طور پنهنجي نسل جي تصديق ڳولڻ لڳا. ..... ٻڌ مت ۽ جين مت، برهمڻ پاران تپسي سلسلي ۾ شموليت تي پنهنجي هڪ هٽي برقرار رکڻ واري دعويٰ خلاف، هڪ راجپوت ردعمل جو نتيجو هئا.

برهمڻ پاران اختيار ڪيل پنهنجو ڪرڻ واري حڪمت عملي طاقتور پرڏيهين منجهان گهڻن کي ڳِڙڪائي وئي. ڪڏهن جا فاتح سَڪا، يَواڻا، ڪمبوجا، پهلوا، اُدَمبڙا ۽ هُنَ، مفتوح ٻڌجي ويا. سَڪا ۽ ڪُشان حڪمرانن پاڻ کي ديواپُتر يا ديوتائن جا پُٽ ڪوٺايو. نون آيلن لاءِ ڏندڪٿائي شجرا جوڙيا ويا، جن پنهنجي داستانوي نسلي ڪِڙِيُن تي پَڌَڻ شروع ڪيو. اهو ڏسي اچرج ٿو لڳي ته تاريخدانن منجهان ڪنهن به سومرن جي ٻڌ ڌرم ڇڏي هندو ٿيڻ جو ذڪر نه ڪيو آهي. هندو برهمڻ شجرا گهڙيندڙن سومرن کي سندن پُرکي طور 'باهه' الاٿ ڪئي ۽ ڪين اگن ديوتا (رومي ڏندڪٿائن ۾ باهه جو تصوراتي ديوتا وَلڪن) جا پٽ پڌرو ڪيائون، پر هنن انهي بجاءِ ڪنهن سچي پچي انسان پُرکي جا پونيَر رهڻ کي ترجيح ڏني.

ڪرنل ٽاڊ اگنيڪولا جي تخليق هيئن بيان ڪري ٿو: "برهمڻ ٻَلي ساڙڻ لاءِ ڏکڻ اولهه طرف ڪڏ کوٽي، پر جنن طوفان اٿاريو، جنهن هوا انڌاري ڪري ڇڏي ۽ ڪڏ کي واريءَ جي ڪڪرن سان لٽي ڇڏيو. انهن جي ڌرمي رسمن مٿان هر طرح جي گند گونهن، رت، هڏن ۽ ماس جو وسڪارو ڪيائون. سندن توبهه بيڪار ٿي وئي."

انهن وري پَوِتر باهه ٻاري ۽ پروهتن اگنيڪوندا جي چوڌاري مِڙي مهاديو کي مدد لاءِ پراٿنا (دعا) ڪئي.

"باهه جي ڦوهاري منجهان هڪ صورت نمودار ٿي، پر شڪل مان ڪو جوڌو نٿي لڳو. برهمڻ انهي کي دروازي جو نگهبان مقرر ڪيو ۽ اتان انهي تي پرِت 'هِيها-دُوارا نالو پيو. وري ٻي صورت نمودار ٿي ۽ هٿ جي ترِيءَ (چَلُو) جهڙي هجڻ ڪري انهي تي چَلُوڪا نالو پيو. ٽين صورت ظاهر ٿي ۽ انهي تي پرمار نالو پيو. انهي کي رِڪس جي دعا هئي ۽ اهو ٻين سان گڏجي جنن کي سامهون ٿيو، پر فتحياب نه ٿيا. ڪنول مٿان ويٺل وري وَسِشٽا منتر تيار ڪيا: وري ديوتائن کي مدد لاءِ سڏيائين.





جيئن ئي ترَپَڻ (شراب) اوتيائين ته هڪ صورت نروار ٿي: اعليٰ بيهڪ، شاندار چهرو، نيور جهڙا وار، چوڌاري ڦرندڙ اکيون، ويڪرو سينو، هيبتاڪ، ڏهڪاءَ پريو، هٿيارن سان جهنجهيل، پريل ترڪش، هڪ هٿ ۾ ڪمان ۽ ٻئي هٿ ۾ اُماڙي. چئن مُنهَن وارو (چَتُورَنگا) هو، تنهنڪري چوهاڻ نالو پيس......"

ٽاڊ جي 'ائنلز ايند اينٽيڪُئِٽيز آف راجسٿان' منجهان ڪجهه وڌيڪ ٽڪرا هيٺ ڏجن ٿا:

"اگنيڪُولا ــــ پهريان پرمار: چار قومون آهن، جن کي هندو شجرا گهڙڻ وارن باهه يا باهه جو عنصر پُرکو (وڏو) ڪري ڏنو آهي. ان ليکي اگنيڪُولا اگن ديوتا جا پٽ (اگني وَنسِي)آهن، جڏهن ته ٻيا سورج، چنڊ ۽ ڌرتيءَ جا پٽ آهن."

"پرمار، پُرِهار، چَلُوڪ يا سولنڪي ۽ چوهاڻ اگنيڪولا آهن."

"پر اهو ته برهمڻ انهن قومن يعني اگنيءَ جي پٽن کي نئين سر پيدا ڪيو ۽ پنهنجون جنگيون ويڙهائڻ لاءِ انهن جو مذهب مَٽرايائون......."

"اگنيڪولن منجهان نِسرندڙ راڄ گهراڻن جي شهزادن مان ڪيترا ئي، گهڻو پوءِ مسلمانن جي حملي تائين، ٻڌ مت يا جين مت جا پوئلڳ هئا."

هي آخري بيان اسان جي ڪيل بحث جي صاف پٺڀرائي ڪري ٿو ته برهمڻ پاران هر قسم جي لالچن باوجود سومرن داستانوي ۽ افسانوي شجرو نه قبوليو ۽ نه ئي پاڻ کي راجپوت سڏايائون. جيڪي اهو دليل ڏين ٿا ته چاڪاڻ ته سومرن جا نالا مسلمان ٿيڻ کان پوءِ به هندڪا هئا تنهنڪري اهي هندو راجپوت هئا، انهن کي خبر هجڻ گهرجي ته ڪنهن هڪڙي سومري بادشاهه جو نالو به هندڪو ناهي: اهو ڪا معنيٰ رکندڙ ديسي نالو آهي، جيڪو اڄ به سنڌي ۽ سرائڪي ڳالهائيندڙ علائقن ۾ ٻڌي سگهجي ٿو.

مسٽر اي. سِي. بئنرجِي پنهنجي ڪتاب 'ليڪچرس آن راجپوت هسٽري' ۾ چوي ٿو ته: "اگنيڪولن واري ڪهاڻيءَ جي هن سڄر روايت ۾ به پرڏيهين لاءِ هندو سماج ۾ شامل ٿيڻ ۾ آساني پيدا ڪرڻ جي نيت سان شُڌي ڪرڻ جي ڪنهن رسم جو ڪو سڌو حوالو نٿو ملي." (ص. 14)

هيٺ ڏنل ٽڪرا 'ائنشِيَنٽ انڊين هسٽري ايند سِولائيزيشن' مان کنيا ويا آهن:

"راجپوت اصطلاح جو ڪنهن ذات سان ڪو تعلق ناهي. اهو صرف هڪ قبيلي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

يا نسل جي نشاندهي ڪري ٿو، جنهن جي پاتين سورج وَنسي ۽ چندر وَنسي ڪتري هجڻ جي دعويٰ ڪئي. ڪجهه اسڪالرن جو چوڻ آهي ته راجپوتن جو اصل نسل گُجرن جي اصل نسل سان ملي ٿو. ڇهين صدي عيسوي جي مُنڍ ۾ خَضر نالي هڪ قبيلو هُنن سان گڏ هند ۾ آيو ۽ اتي آباد ٿي ويو. خَضرن منجهان گُجر ٻڻجي ويا. پِرَتيهارن ۽ چولڪاين جو نسلي تعلق گُجر قبيلي سان آهي. پٿن ۽ پانن جي ڪهاڻين موجب پِرَتيهارا، چولڪايا (سولنڪي)، پرمار ۽ چاهناما ڏکڻ راجپوتانا ۾ آبُو جبل تي ٻَليءَ واري ڪڏ مان نمودار ٿيل باهه جي پيداوار (اگنيڪُولا) آهن. هن روايت ۾ انهن مان پرڏيهيت وارو مَٽ ڪڍڻ ۽ کين هندو ذات پيد سرشتي ۾ رَلائڻ لاءِ شُڌي ڪرڻ وارين رسمن جو حوالو آهي.

هند جي قديم تاريخ ۾ پرڏيهين کي هندو سماج ۾ رَلائڻ ڪا نئين شيءِ نه هو. اهڙا واقعا موجود آهن، جيڪي ٻڌائين ٿا ته پرڏيهين هند جي حڪمرانن سان سڱابنديون ڪيون. ٻئي پاسي هندو پنجين ۽ ڇهين صدين دوران هند ۾ داخل ٿيندڙ هُنَن، گُجرن ۽ ٻين اتحادي ذاتين کي ختم نه ڪري سگهيا. لڳي ٿو ته اهي ٻه پاڻ کان اڳ آيل يونانين، ڪُشانن ۽ سَڪن وانگر پاٽمرادو هندواسين ۾ رَلجي ويا.

چانديل، ڪَلاچُوري، هَيهايا، گَهرَوَر ۽ راشٽرَڪُوت ڏاڪٽي ميڙ جون مُکيه ذاتيون آهن. ظاهري طور اهي نام نهاد اصلوڪين ڏيهه واسي ذاتين گوندن، ڀارن، ڪولن (گجرات ۾ ڪوڙي، سنڌ ۾ ڪولهي) ۽ ٻين اهڙن جا پونيَر آهن. چانديلن ۽ گوندن وچ ۾ ويجهي ڳانداپي جو ثبوت خاص طور سگهارو آهي. چانديل راجپوت اصل ۾ هنديت جو پاٽي چڙهيل ڀارَ يا گوند ٻئي آهن، جيڪي سياسي طاقت ماڻي ڪتري ٿيا. ساڳي طرح گَهرَوَرن جي لِڄَ ڀارن سان لڳي ٿي؛ بُنديل ۽ اتريان راٺوڙ گَهرَوَرن جا وياءَ آهن. ڏرمساسِيرا نيچ ذاتين مان وڏي اوچيون ذاتيون ٿيڻ وارا امڪان مڃين ٿا. اصلوڪن ڏيهه واسين مان سماجي اوسر ذريعي راجپوت بڻيل، هڪ عام اصول تحت، پرڏيهين جي پونيَرن راجپوتن جا ويري هئا. وِنسِنٽ سِمٿ مطابق ياد رکڻ جا مُک نڪتا هي آهن ته: ذاتين جو ڪتري يا راجپوت ميڙ اصل ۾ ڪِرت تي ٻڌل ميڙ آهي؛ هندو ڌرمي رسمن کي مڃيندڙ انهن سڀني ذاتين جو، جن حڪمرانيءَ جو ڪم پنهنجي ٻلي ڪنيو. نتيجي ۾ ڌار ڌار نسلن جا ماڻهو راجپوتن جي روپ ۾ پاڻ ۾ پِنوڙو ٿيل هئا ۽ آهن؛ ۽ اهو ته هنوقت موجود وڏين ذاتين منجهان گهٽيون يا ته پنجين


books.sindhsalamat.com



يا ڇهين صدي عيسوي دوران ديس تياڳي آيل پرڏيهين يا ديسي ذاتين جهڙوڪ گوندن ۽ ڀارن جا پونيَر آهن.” (ص. 261-162)


www.sindhsalamat.com

## باب ٻارهون

# جاٽ _ ڪُڙمين جي مفهوم ۾

اڳين بابن ۾ اسان ڏٺوسين ته سومرا پنهنجي قومي نه پر علائقائي نالي سان اڻ-آريا، اڻ-هندو، اڻ-راجپوت ۽ اڻ-پرڏيهي ٿي انهي ڏيهه ۾ رهيا، جتي انهن پنهنجي سهڪاري دراوڙن سان گڏجي هڪ سيئتا سرجي. اهي اڻ-آريا هئا، چاڪاڻ ته برهمڻ پاران ڪين پنهنجي آريا پنٿ ۾ رَلائڻ لاءِ نوان شجرا ايجاد ڪرڻ ۽ ذاتين جي قانونن جي نئين سِر تشريح ڪرڻ وارين تدبيرن جي باوجود به سومرن سومرو ٿي رهڻ کي ترجيح ڏني: نه انهي ڪان سجيهه ڪا شيءِ ۽ نه گهٽ. اهي اڻ-هندو پڻ ساڳئي ئي ڪارڻ ڪري رهيا. حقيقت ۾ سادا، سُپتيا ۽ سدا سنوان ماڻهو هجڻ ڪري اهي خدا جي وجود ڪان انڪاري (ناستڪ) يا وحدانيت پرست ته ٿِي سگهيا ٿي، پر گهڻن خدائن کي مڃڻ وارا (مشرڪ) بلڪل نه. انهي ليکي سندن دلين جي چاهت ڪي هندو مت نه پر جين مت ۽ ٻڌ مت ويجهڙا هئا. اهي اڻ-راجپوت هئا، چاڪاڻ ته اهي پاڻ کي چنڊ يا سج يا باهه جا هٿ ٺوڪيا پٽ ڪوٺائڻ بجاءِ دنيا جي اتم درجي سيئتا سرجيندڙن طور پنهنجي مقدر تي خوش هئا. اهي اڻ-پرڏيهي هئا، چاڪاڻ ته چوٿين برفاني دور ۾ قبيلائي لڏ پلاڻن وارن ڏينهن دوران، جڏهن تمام گهٽ ماڻهو دنيا جي ڪنهن حصي ۾ مستقل آباد ٿيا، 'ڏيهي' ۽ 'پرڏيهي' لفظن کي ڪو حقيقي مفهوم نه هو. لفظ 'ڏيهي' مڪمل مفهوم تڏهن ماڻيو، جڏهن سومرا ۽ سندن سهڪاري سنڌو ماٿر ۾ آباد ٿيا ۽ شهري سيئتا جوڙيائون: ۽ هڪ هزار سالن کان پوءِ جڏهن آريا ڀٽڪندڙ قبيلن جي روپ ۾ انهي ۾ داخل ٿيا، تڏهن لفظ 'پرڏيهي' مڪمل مفهوم ماڻيو. اسان ڄاڻون ٿا ته سومرن کي ڪن مجبوري حالتن ۾ پنهنجو وطن ڇڏڻو پيو هو، پر ڪجهه وقت رُلڻ کان پوءِ ڪين موٽي اچڻو پيو. ائين پنهنجي وطن ڏانهن موٽي اچڻ، ڪنهن پرڏيهيءَ جي تشريف آوري ناهي. تنهنڪري سومرا سنڌو ماٿر ۾ ڪڏهن به پرڏيهي نه هئا.



books.sindhsalamat.com



پنهنجي ڪنهن وقت جي سِتيا جي ساٿين خلاف، سُمير جي آس پاس گڏ رهڻ وارن ڏينهن ڪان وٺي، پروهتن هٿان ٻليدان ڏيڻ واري ننڍڙي ڳالهه تان پيدا ڪيل ڪدورت سانديندڙ آريا، آريا ٻڌجڻ ۽ زرتشت مذهب جون باهه جي پوڄا سميت ڪجهه ڌرمي رسمون اختيار ڪرڻ ڪان پوءِ سنڌو ماٿر ۾ داخل ٿيا. جڏهن ڏٺائون ته سندن ڪاري سمنڊ (سِتيا) وارا اڳوٽا ساٿي ساموندين، واپارين، هنرمندن ۽ شهري سيئتا سان لاڳاپيل ڌار ڌار ڪِرتن جي ڪاريگرن جي روپ ۾ مستحڪم ٿي چڪا هئا ۽ هو پاڻ اڃا سوڌو رولو ڌنار قبيلن جي روپ ۾ ڀٽڪندا ٿي وتيا، تڏهن منجهن ساڙ پيدا ٿيو. انهي ڪان پوءِ جيترا گندا نالا سوچي سگهيا ٿي، سي سڀ سنڌو ماٿر واسين تي رکيائون ۽ انهن جا ڪوٽ ۽ پاڻيءَ جا بنڌ تباهه ڪرڻ ۽ شهر ۽ وسنديون ساڙڻ ۾ فخر محسوس ڪيائون. انهن "ويڙهاڪ ڌنارن"، جيڪي بلڪل "وحشي نه هئا" پر "سيئتا جي چائنٺ تي پهچي چڪا هئا" (جيئن اي. ايل. بشام پنهنجي ڪتاب 'دي ونڊر دئٽ واز انڊيا' ۾ چيو آهي)، سٽريل سنڌو ماٿر سان جهڙپون، جهيڙا ۽ جنگيون جاري رکيا، جيستائين اهي ٽِپي مٽيا پرديش ڏانهن نه هليا ويا. پهاڪن ۽ چوٽين ۾ آرين ۽ جاٽن وچ ۾ جيڪا ڏِڪار اڄ تائين هلندي پئي اچي، اها انهي صديون پراڻي ويڙهه جي نشاني آهي.

ايران ۾ ترسڻ دوران آريا ڪڙمت جو هنر پڻ سکيا هئا، پر اهو ڪين ڏکيو ڌنڌو لڳو. سنڌو ماٿر جي ماڻهن سان سندن چڪتاڻ جي پٺيان مُک مقصد: جيترا وڌ ۾ وڌ ٿي سگهن جنگي قيدي بڻائڻ ۽ انهن کان پنهنجي ٻنين تي ٻاندي هاري ۽ غلام بڻائي ڪم وٺڻ هو. ڊبليو. ڪُروڪ پنهنجي ڪتاب 'دي نيٽو ريسز آف ناردرن انڊيا' ۾ لکي ٿو ته: "اتريان دراوڙ هاڻ هندو پاڃاريءَ ۾ جوتجي چڪا آهن........ ڳوٺاڻو سماج عام طور تي غير آباد علائقي جي ڪيٽن يا انهن دراوڙن پاران ڪيل صفائيءَ مٿان قبيلائي آبادڪاريءَ جو نتيجو آهي، جن جي حيثيت گهٽائي ٻاندي هارين ۽ نيچ ڪاسبين واري ڪئي وئي آهي."

ذهن ۾ رکڻ جوڳي هڪڙي ٻي اهميت واري حقيقت اها آهي ته سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ڪڙمت ۽ ٻين ثقافتي وَٿُن جا سرجيندڙ ۽ ڪيترا ئي شهر ۽ ڳوٺ وسائيندڙ سومرا، لکن ۾ نه تڏهن به هزارن ۾ هئا: انهن ڪڙمت سان لاڳاپيل سڀ ڌنڌا اختيار ڪيا، جنهن جا باني اهي پاڻ هئا. جيڪڏهن لفظ 'اسڪائيٽ' (ڏاٽو)



www.sindhsalamat.com

انهي جي صحيح انگريزي معنيٰ “لٽڻ يا لاباري جو ڏکهي ۾ ٿورڙي وريل ڦَرَ وارو اوزار. جيڪو ڳُوني ڪنڊڻ تي نڪتل ٻن ننڍڙن هٿين واري عام طور اٽڪل اڌ فٽ ڊگهي مُڙيل ڳن ذريعي، زمين تي هيڏي هوڏي ڦيرائبو آهي” ۾ ڪٽجي ته سومرا انهي توڙي اسڪائٿيا (سِٿيا) مان لڏي آيلن واري معنيٰ ۾ سچ پچ به اسڪائيٿي هئا. لفظ اسڪائيٿ ’ڪڙميءَ‘ جو هم معنيٰ ٿي ويو. جيئن ته ڪڙمت پهريون پيرو متعارف ٿي هئي، تنهنڪري ديسي ٻولين ۾ ڪڙميءَ لاءِ ڪو لفظ موجود نه هو. نتيجي ۾ لفظ اسڪائيٿ، جيترين ٻولين ۾ شامل ٿيو اوترن اچارن سان، ڪڙميءَ واري معنيٰ رکندڙ نئين لفظ ’سِٿ، زَت، جيٿ، جِٿ، جَٿ، جاٿ ۽ جَت جي روپ ۾ قبول ٿيو. ائين، سومرن کان سواءِ ڪنهن ٻئي نالي سان ڪوٺجڻ تي ڪاوڙجندڙ سومرا، هن نالي سان ڪوٺجڻ ۾ ذهني سڪون محسوس ڪندا هئا.

جاٽ ۽ راجپوت ٻئي ويڙهاڪ نسل آهن، پر ٻنهي ۾ فرق آهي. برهمڻن جي پنهنجو پاڻ ۽ پنهنجي پنٿ کي ميسارجي وڃڻ کان بچائڻ وارين ترڪيبي چالن پرڏيهي حملي آورن کي ڪترين يا ويڙهاڪ حڪمران طبقي جي روپ ۾ هندن سان رَلائڻ لاءِ تصوراتي شجرا تخليق ڪيا. جاٽ، ڪڙمي معيشت جوڙڻ ۾ انهي کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ٻنين ۾ ڪم ڪرڻ کي ترجيح ڏيندا هئا. انهن ويڙهاڪن طور پنهنجي سورهيائي تڏهن ثابت ڪئي، جڏهن اهي ايران ۾ يونانين خلاف ٻه پيرا وڙهيا. وري مسلمانن جي دور ۾ اهي قادسي واري جنگ ۾ ڏاڍي بهادريءَ سان وڙهيا. اڳتي هلي سندن ٽڪر محمود غزنويءَ سان ٿيو ۽ ڪٽر فرقن منجهان ڪجهه جي ڏمر هيٺ آيا.

جاٽن جو حسب نسب اسڪالرن جي وچ ۾ تڪراري سوال رهيو آهي. ڊاڪٽر سِگرِڊ ويسٽفال-هيلبُش ۽ سندس زال ڊاڪٽر هائينز ويسٽفال ڪجهه وقت اڳ پاڪستان آيا ۽ انهي مضمون بابت هتي رهي اڀياس ڪيائون. سندن رپورٽ منجهان ڪجهه ٽڪرا هتي ڏجن ٿا:

اصل سوال اهو آڏو آندو ويو آهي ته: ڇا جاٽ هندي نندي ڪنڊ جا اصلوڪا رهواسي آهن يا ڪنهن ٻئي هنڌان لڏي آيل آهن؟ ۽ جيڪڏهن ٻئي هنڌان لڏي آيل آهن ته ڪٿان آيا آهن؟ نسبتي علم لسانيات، جنهن جو گذريل صديءَ ۾ راڄ هو، قومن جي تاريخ نئين سِر اڏڻ لاءِ نويڪلو استعمال ٿيو: انهن ڏينهن ۾ اِڊن (شجرن)





بابت ڪوجنائون ۽ دليل وڏي پيماني تي رد ڪيا ويا. نتيجو اهو ٿيو ته ٻنهه ڪمزور دليلن جي بنياد تي ڏور رس مفروضا عام جام جُڙڻ لڳا. جاٽ جي اصل نسل بابت بحث انهي جو هڪ مثال آهن. جاٽن جي سجاٽپ، صرف سندن قبائلي نالي جي ڪري، اسڪائيٿي (سِٿي) گاٿن، گاٿن ۽ ڊينمارڪ جي هڪ حصي جَٽلينڊ جي رهواسين سان ڳنڍي وئي. هيڪر سجاٽپ ٿي ته ڪجهه اڙيون ٽڙيون، ملندڙ جلندڙ رسمون ۽ ادارا هر وقت لڀي پوندا آهن، جيڪي مفروضن کي هٿي ڏيڻ لاءِ استعمال ڪري سگهبا آهن. هيءَ جاٽن جي تاريخ سمجهي ويندڙ، اهڙن ئي مفروضن سان شروع ڪري، اٽڪل 2،500 سالن تائين لکي وئي.

جاٽن جي سِٿي نسل مان هجڻ جا مُک حامي ڪَنِنگهام ۽ ٽاڊ هئا، پر نالن جي هڪڙي ٻي هڪجهڙائيءَ جي ڪري ڪننگهام سمجهي ٿو ته سندن وطن آمون جي علائقي ۾ زوتالي-زوتالي درياءَ وٽ هو.... ٽاڊ وري ڪين جگزارٽس مان آٽي ٿو، جيڪو پڻ وچ ايشيا ۾ آهي. جيئن ته ٽاڊ جو ڪتاب اڃا تائين مشهور آهي، تنهنڪري سندس ڪجهه خيال ۽ دليل هتي ورجايون ٿا:

“جِٽ: هند جي 36 شاهي نسلن وارين قديم فهرستن ۾ جِٽ شامل آهي، جيتوڻيڪ ڪٿي به انهي کي ’راجپوت‘ لقب مليل ناهي ۽ نه وري راجپوتن جي ڪنهن جِٽ سان سڳابنديءَ جي ڪنهن واقعي جي مونکي خبر آهي. اهو هند جي هڪ وڏي علائقي ۾ عام ٿيل هڪ نالو آهي، جيتوڻيڪ اهو هاڻ اتان جي رهواسين، خاص ڪري ڪڙمي طبقن، ۾ ڪو تمام وڏو رتبو نٿو رکي.

پنجاب ۾ اهي اڃا تائين پنهنجو پراڻو نالو جِٽ رکيو ٿا اچن. جمنا ۽ گنگا تي سندن لقب جاٽ آهي، جن منجهان ڀرتپور جو مُکي مشهور آهي. سنڌوءَ مٿان ۽ سؤراشٽريءَ ۾ انهن لاءِ جاٽ اصطلاح ڪم آندو وڃي ٿو. راجستان ۾ ڪڙمين جو وڏو حصو جِٽ آهن ۽ سنڌوءَ ڪان اڳتي ڪوڙ ساريون ذاتيون، جيڪي هاڻ ڌرم تياڳي مسلمان ٿي ويون آهن، پنهنجو ٻڻ ٻڻياد هن طبقي منجهان ڪڍن ٿيون.

جِٽن جي روايتن جي دعويٰ موجب سنڌوءَ جي اولهه پاسي وارا علائقا هن نسل جو هندورو ۽ يادَو جي جنم ڀومي آهن؛ اهڙي طرح اهي يادَوَن جي تاريخي لڪتن سان نهڪن ٿيون، جيڪي انهن جي زابلستان کان لڏي اچڻ جي ڳالهه ڪن ٿيون ۽ اسان کي لڳ ڀڳ مائل ڪري وٺن ٿيون ته هن ذات جي ڪرشن جا پونيَر هجڻ واري



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

دعويٰ چڙدي ۽ انهي کي يُوچي، يُوٽي يا جِٽن جي هڪ اهم ڪالوني پڌرو ڪرڻ گهرجي. وچ ايشيا کان سنڌ ڏانهن هن نسل جي پهريون پيرو لڏي اچڻ جو اسان وٽ ڪو رڪارڊ ڪونهي؛ ٿي سگهي ٿو ته اهي سائرس (ڪوروش) يا انهي جي وڏن جي جنگين جي ڪري ٿَڪشيڪن سان گڏ انهن ئي ڏينهن ۾ لڏي آيا هجن.

اڳيئي چيو ويو آهي ته جِٽ، هند تي ڪاهي آيل ڪيترن ئي سِٿي سڏجندڙ ذاتين جو ڏاڏاڻو نالو هجڻ واري دعويٰ ۾، ٿَڪشيڪن سان پائيوار آهن. ۽ هاڻ هتي ليڪ آڏو پنجين صديءَ جي هڪ لکت آهي، جيڪا ساڳئي ئي شهزادي کي ٻئي لقب (تفسير طور ڏنل) ڏئي ٿي. جنهن کي انهي کان سواءِ سِٿي خاصيت واري سج کي پوڄڻ واري خلعت به پهريل آهي. اها به هن وانگر ٻڌائي ٿي ته جِٽ شهزادي جي ماءُ يادَو ذات جي هئي؛ هن سان انهن جي ڇٽيهه راجڪُولن ۾ جڳهه ۽ يادَوَن جا پونيَر هجڻ واري دعويٰ سگهاري ٿئي ٿي.

.........جِٽ انهي کان ڪيترو اڳ راجستان ۾ آيا، تنهن جو فيصلو وڌيڪ آڳاٽين لکتن تي ڇڏي ڏيڻ گهرجي؛ ڪافي آهي ته 440ع ۾ اسان کيس اقتدار ۾ ڏسون ٿا (تفسير طور: هن پيري 440ع ۾) هينگِسٽ ۽ هورسا نالي جَٽ پائرن، جَٽليند کان هڪ بينڪيٽ جي اڳواٽي ڪئي ۽ ڪينٽ جي بادشاهيءَ جو بنياد وڌو (سنسڪرت ۾ ڪنٽل ’سمنڊ ڪنڌي‘، ڳاٿيءَ ۾ ڪونٽا؟ وانگر). انهن اتي قانون متعارف ڪرايا، وڌيڪ خصوصي طور اجا تائين هلندڙ گَٽوَلڪائنڊ (ڪينٽ علائقي ۾ هلندڙ ملڪيت جي وارثن ۾ ورهاست جو قانون)، جنهن هيٺ سيئي پٽ هڪجيترا حقدار آهن، سواءِ ننڍي ۾ ننڍي جي جنهن جا ٻه حصا آهن. نج سِٿي ۽ اصل ڳاٿن پاران جيگزارٿس کان آنڌل آهن. ايلارڪ پنهنجو ڪم پورو ڪري چڪو هو ۽ ٿيوڊورڪ ۽ جينرڪ (سنسڪرت ۾ رِڪ ’راجا‘) پنهنجا هٿيار اسپين ۽ آفريقا ڏانهن ڊوئي رهيا هئا.

جڏهن يادَو کي سَليواهنپورا منجهان نيڪالي ملي ۽ هند واري رڻ جي ڏاهيا ۽ جوهيا راجپوتن وٽ پناهه وٺڻ تي مجبور ٿيا، جتي انهن پنهنجي پهرين راڄڌاني ديراوَل ٺاهي، تڏهن گهڻن مجبوريءَ وچان اسلام قبوليو؛ انهي وقت انهن جاٽ ڪوٺايو. جن منجهان گهٽ ۾ گهٽ ويهه مختلف شاخون يادَو اتهاس ۾ ڳٽايل آهن (تفسير طور: جيڪڏهن اهي ڌرم تياڳيندڙ يادَو هئا ته پوءِ ڪهڙي سبب ڪري انهن





جِٽ يا جاٽ ڪوٺايو. يا ائين به ٿي سگهي ٿو ته يادَو پاڻ سِٿي يُوِٽي يا يُوچي هئا يا ڪجهه شاخن جِٽن سان مِٽيون مائٽيون ڪيون ۽ انهي ڪري گهٽ درجي وارا يادَوَ ٻڌجي ويا ۽ انهن ڪارَ ويائن پنهنجي ماءُ واري ذات ڪوٺائي).“

ٽاڊ، جاٽن ۽ محمود غزنويءَ وچ ۾ 1026ع ۾ جاٽن ۽ مغلن وچ ۾ چوڏهين ۽ سترهين صدين وغيره وارين تاريخ ۾ ذڪر آيل جنگين جي ڳالهه پڻ ڪري ٿو.

فطري طور ٽاڊ جي مقالي جي وڏي مخالفت ٿي آهي. ٻوليءَ جي ڪجهه ماهرن اعتراض وارا آهن ته جاٽ هند آريائي ٻولين جهڙوڪ: سنڌي ۽ پنجابي ڳالهائين ٿا. ۽ جيڪڏهن انهي جو جواب اهو هجي ته نسل ۽ ٻولي پاڻ ۾ موافق نه به ٿي سگهن ٿا، ته ٽاڊ واري بحث مباحثي مٿان پڻ اهو ئي لاڳو ٿئي ٿو _ هو ڪجهه لفظن جي هجڪهڙائيءَ سان نسلي بنياد نٿو جوڙي سگهي.

ان هوندي به ٽاڊ جي نظرين جي حمايت ۾ ڪجهه رواجن جو ذڪر اچي ٿو، مثال طور اهو ته سبيءَ جي جاٽ ذريعي يار سان پڇي وڃڻ واري وچ ايشيائي رسم جو پتو لڳائي سگهجي ٿو. گهوٽ پنهنجي ڪنوار کي گهوڙي يا ڏاند تي پاڻ سان پنيان ويهاري گهر ڪٺي ويندو آهي. هن جي مٿان اعتراض اهو واريو ويو آهي ته وچ ايشيا جا ماڻهو ننڍي مٿي ۽ گهٽ رتبي وارا آهن؛ جڏهن ته جاٽ حقيقت ۾ ان جي ابتڙ آهي. انهن منجهان گهڻا غير معمولي طور بي سُرا سَنها ۽ ڊگها ٿين ٿا ۽ جيڪڏهن سنڌ (سجي) ۽ پنجاب (ڪجهه ڀاڱا) ۾ نوان ڄاول ٻارن جا مٿا پنئين پاسي کان ويهاري (ٽاڦڙا ڪري) شڪل بگاڙڻ ڪجهه گهٽ عام هجي ها، جيترو هينئر آهي، ته گهڻو امڪان آهي ته انهن جا مٿا به وڏا هجن ها. پر وڏي مٿي وارن ٽولن جي هڪ پٽي پنجاب جي ڏکڻ کان وٺي دکن تائين ڏسي سگهجي ٿي. انهن چڙوچڙ ٽولن منجهان وچ ايشيا تياڳي آيلن جا پونيَر ڳولڻا پوندا.

ٻئي پاسي ان ڳالهه ۾ ڪو سنجيده شڪ نٿو ٿي سگهي ته سِٿي رولو قبيلا هند ۾ داخل ٿيا. اها هڪ تاريخي حقيقت آهي ته راجا وِڪرماجيت کي 57ق. م ۾ سِٿي حملي آورن خلاف وڙهڻو پيو هو ۽ سِٿي سِڪا هندي ننڍي کنڊ جي اتر اولاهين ڀاڱي ۾ هر هنڌان لڌا آهن. پر هتي سِٿي هند مٿان ڪجهه صدين تائين حملا ڪندا رهندڙ ڌار ڌار نسلن جي رولو ڪٽڪن لاءِ هڪ گڏيل نالو آهي. اهي ايترا گهڻا نه پئي آيا، جو اصلوڪن هند واسين کي مات ڪري ۽ وڏيون سلطنتون قائم ڪري

سگهن، پر ننديون نندين لهرون هيون. جيڪي اصلوڪي ڏيهي آباديءَ ۾ ڪي ڏيان ڇڪائڻ جهڙا اهڃاڻ ڇڏڻ کان سواءِ ئي ستت لهي ويون. ڇاڪاڻ ته اهي اتم درجي اُسريل هندي ثقافت سان پُڄي نه سگهيون.

اهو سمجهڻ واجبي آهي ته گهٽ ۾ گهٽ سِٿي رولو ولرن کي ڪڙمين بجاءِ اُٺ ۽ مينهون ڏاريندڙ جاٽن سان رَلي ملي وڃڻ سولو لڳو. ڇاڪاڻ ته انهن جي رهڻي ڪهڻي به هڪ هنڌ ڄمي ويهڻ بجاءِ لاڏائن واري هئي. پر سِٿين سان رَلجڻ ٻي شيءِ آهي ۽ سِٿي نسل ٻي شيءِ، ۽ جيئن ته اٺ ۽ مينهون ڏاريندڙ لاڏائو هندي نندي ڪنڌ ۾ سِٿيُن جي حملن کان اڳي کان وٺي رهندا آيا آهن، گهڻو امڪان آهي ته هاڻوڪا جاٽ انهن لاڏائن جا پونيَر آهن، جيڪي سِٿين منجهان ڪجھ سان رَلجي ويا.

آيا هندي نندي ڪنڌ جي اتر اولهه وارا هي اصلوڪا ديسي لاڏائو آريا نسل مان آهن (جيئن ڪجھ سائنسدان مڃڻ تي مائل لڳن ٿا: پنجاب جي حصن ۾ جاٽ ۽ آريا راجپوتن وچ ۾ ويجهڙن لاڳاپن سبب ۽ ويدن ۾ انهن جي يادَون ۽ سَڪن سان فرضي سڃاڻپ سبب)؟ هتي نبيري نٿو سگهجي يا گهڻو ڪري ڪڏهن به نه. ظاهري طرح سنسڪرت لفظن مان لساني تت ڪيندو قبائلي نالي جاٽ تائين پهچڻ تمام سولو آهي. بلڪل ممڪن آهي ته جاٽن ۾ ڪا آريائي ملاوت موجود آهي، پر جيئن ته جاٽ بهرحال هڪ گاڏڙ قوم آهن، اهو مڃڻ سان ڪا شيءِ ثابت نٿي ٿئي. سائنس انهن جي حسب نسب بابت اجا تائين ڪنهن واضح نتيجي تي نه پهتي آهي، تنهنڪري هي سوال اڻ نبريل ڇڏي ڏيڻ گهرجي.

پر هن حوالي سان اها ڳالهه ڪرڻ ضروري آهي ته ڪجھ هند واسي مصنفن جاٽن جي ديس تياڳي اچڻ وارن سيني مفروضن کي رد ڪري ڇڏيو آهي. اهي جاٽ جي اصل هند واسي هجڻ لاءِ ثبوت طور پنجاب ۾ جاٽ جي هڪ روايت آڏو رکن ٿا، جنهن موجب اهي اتر کان نه پر ڏکڻ يعني راجستان ۽ گجرات کان آيا. پر اهڙيون ساڳئي علائقي تائين محدود لڏ پلاڻون اسان کي ڪجھ نٿيون ٻڌائين ته انهن لڏ پلاڻن کان اڳ ۾ ڇا ٿيو. ۽ ڪو به ماڻهو جنهن جاٽ ڏٺو آهي، انهن جي "نج" هند واسي حسب نسب مان هجڻ تي ڪڏهن اعتبار نه ڪندو: جيڪڏهن انهي اصطلاح مان مراد معمول موجب ڏکڻ هند ۾ دراوڙي ماڻهن جا پونيَر يا اجا ڪي آڳاٽا رهواسي يعني ڪاري پونِڇي نموني جا وچولي قد بت وارا نسل ورتي وڃي. اهڙا نمونا پلي جاٽ ۾ عام جام ڏسڻ ۾ اچن، پر عام طور اهي چڱا ڊگها، سگهارا ۽ نسبتن هلڪي رنگت وارا ٿين ٿا. دي امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا، واليوم-1، ڊيسڪرِپٽِو، دي انڊين ايمپاير، 1999 ايڊيشن، صفحو 306 چوي ٿو ته: "اهي تڪرار آهن، جيڪي سِٿين کي جاٽ ۽ راجپوتن سان ملائڻ واري ڪوشش ۾ درپيش آهن. نڪرڻ جو اڪيلو ڏِڳ صرف ماپ ڪڇ واري متبادل مفروضي ۾ سمايل نظر اچي ٿو. هنن انگن اکرن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ويڪري پيشانيءَ وارن ماڻهن جو ڪو پرڳڻو اولهه پنجاب واري علائقي جي ڏکڻ ۾ هينئر به لڀي سگهي ٿو، جنهن ۾ اسان کي سِٿي نظر نٿا اچن: جن پهريان اولهه پنجاب وارو بهترين چراگاهي ملڪ والاريو ۽ اڳتي هلي پوءِ وارن حملي آورن جي دٻاءَ هيٺ ۽ هند-آرين پاران اولهه پاسي وارا گهَٽَ بند ڪرڻ سبب ڏکڻ جو رخ ڪيو، دراوڙي آباديءَ سان رَلي ملي ويا ۽ مرائن جا ابا ڏاڏا بڻجي ويا. هن علائقي جي ماڻهن جي هاڻي (جسماني بيهڪ) هن نظريي سان چڱي خاصي ملي ٿي، جڏهن ته ٻوليءَ ۽ مذهب مان ڪيل دليل انهي سان ٽڪراءَ ۾ نظر نٿا اچن. ڇاڪاڻ ته هند ۾ گهڙڻ کان پوءِ سِٿين تڪڙ ۾ خروشتي لپيءَ ۾ لکجندڙ آريائي ٻولي اختيار ڪئي ۽ ٻڌ مت کي پنهنجو ڌرم بڻائي ورتو. سندن پراڪرت ٻولي وڏي مَراٺي تي وئي هوندي، جڏهن ته سندن ٻوڌي نظريا جادو ۽ آتمائن واري ان ڳار ۾ گڏجي ويا هوندا، جنهن جي نتيجي ۾ مقبول عام هندو ڌرم پيدا ٿيو آهي. ان ليکي مرائن پاران وسيع علائقن ۾ ڦرلٽ ڪرڻ، انهن جا لِڪي وار ڪرڻ وارا طريقا، دوستن ۽ دشمنن سان وهنوار ۾ ڪُپَت، انهن جو سازشن ۾ تکو هجڻ ۽ نتيجي طور پنهنجو ڪو ڄڻادار ملڪ نه ٺاهي سگهڻ، بلڪل سندن سِٿي وڏن کان ورثي ۾ مليل سمجهي سگهجن ٿا."

ائٽڪن جو مرتب ڪيل ۽ سرڪار پاران مرڪنٽائل پريس، ڪراچيءَ مان 1907 ۾ ڇپايل دي گزيٽيئر آف دي پراونس آف سنڌ (ص. 87) چوي ٿو ته: "اهڙي هڪ وقتي رنڊڪ مهاراجا وڪرماجيت جي هٿ هيٺ اُجين واري بادشاهت هئي، جنهن پاران سِٿين سان سوڀاري مُهاڏي سان هندي سَموَات سن (57ق. م) اڄ تائين سمجهيو وڃي ٿو. هڪڙو ٻيو هندي سن سَڪا (78ع)، جنهن ڇوٽڪاري (يا آفت) جو يادگار آهي، انهي جي نوعيت وڏيڪ چِٽائيءَ سان بيان ڪري ٿو...... سنڌ، هند-سِٿي سڏجڻ لڳي ۽ اڄ تائين آبادي جو هڪ وڏو حصو پڪ سان سِٿي آهي، آريائي نه."



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

آر. سِي. مَجُمدار، ايچ. سِي. رائچوڌري، ڪالِنڪِنڪَر دَتّا جي ‘ائن ايڊوانسڊ هسٽري آف انڊيا’، لنڊن 1960 (ص. 118) دعويٰ ڪري ٿي ته هوريان هوريان انهن پنهنجو زور سنڌو ماٿر ۽ اولهه هند پاسي وڌايو، جن کي پهرين ۾ ٻين صدي عيسوي ۾ يوناني ساموندين ۽ جاگرافيدانن سِٿيا ڪري پيش ڪيو. پهرين صدي عيسوي ۾ هن علائقي جو ڪجهه ڀاڱو پارٿين جي هٿن ۾ اچي چڪو هو. اُڪريل لڪتن ۽ سِڪا ڪيترن ئي سِٿي-پارٿي بادشاهن ۽ صوبائي گورنرن جا نالا ظاهر ڪن ٿا.

مٿين نظرين تي ٿيندڙ تنقيد ڪِننگهام ۽ ٽاڊ جي موقف جي اهميت کي اجا به وڌيڪ اجاگر ڪري ٿي. تاريخ کان اڳ وارو دور، جنهن دوران سِٿين ميسوپوٽامي پرڳڻن ۾ ڪجهه وقت ترسڻ کان پوءِ پهريون پيرو سنڌو ماٿر ڏانهن لڏيو، نسلي سڃاڻپ کان گهٽي ڀاڱي آجو هو؛ ڪن ٻن قبيلن وچ ۾ فرق ڪرڻ لاءِ صرف علائقائي لقب (جهڙوڪ سنڌي، پنجابي وغيره) واري سڃاڻپ ڪافي ليکبي هئي. ننڍڙين ساهين دوران ڏار ڏار وڳرن جو پاڻ ۾ ميل ميلاپ، نَوَن جو پهچڻ ۽ هر پاسي قبائلي چرپر ۽، سڀ کان مٿي، ‘ماڻهوءَ’ جي وڳر ڪري رهڻ واري فطرت، جيڪا هڪٻئي سان پيار، همدردي، ڪم اچڻ ۽ سهڪار کي جنم ڏئي ٻين-لاءِ-جيئڻ واري رويي تائين پهچائيندي آهي، ذاتين جا بڻ بنياد ڳولي لهڻ کي بنهه اوائل کان ئي ناممڪن بڻائي ڇڏيو. نسل پرک (ايٿنالاجي) وغيره جهڙين سائنسن ۽ ماپ ڪڇ وارن مختلف نظرين کي باقاعدي سائنسون نٿو ڳڻي سگهجي، تنهنڪري ڄاٽن جي بڻ بڻياد، راجپوتن جي بڻ بڻياد، آرين جي بڻ بڻياد، سومرن جي بڻ بڻياد، دراوڙن جي بڻ بڻياد، بلوچن جي بڻ بڻياد وغيره جهڙا سوال سدائين اڻ نبريل ئي رهندا. ٽالميءَ واري نقشي ۾ سموري سنڌ ۽ ملتان تائين وارو علائقو درست طرح هند-سِٿي ڪري ڄاڻايل آهي، ڇاڪاڻ ته آرين ڌرتيءَ جي هن ڀاڱي کي ڪنڊن جي سيج ڪري ڀانئيو؛ تنهنڪري انهن کي ڪنهن وڏي پيماني نسلي ميل ميلاپ کان سواءِ ئي مڌياپرديش يا پارتوَرش ڏانهن پڄڻو پيو.

مٿي ڏنوسين ته سومرا برهمڻن پاران آڇيل ڪوڙي شجري وارين لالچن ۾ نه آيا؛ اهي ننڍڙين رياستن مٿان راڄ ڪندڙ راجڪمارن (شهزادن) کان مٿي هئا؛ وڌن وسيع وطن ۽ ڪوڙ سارن قبيلن مٿان اختيار هو. اهي تصوراتي نه پر حقيقي بادشاهن جا ‘پُٽَ’ هئا، تنهنڪري اهي ان معنيٰ ۾ راجپوت هئا. انهن پاڻ کي برهمڻن



books.sindhsalamat.com



جي ‘جذب ڪرڻ ۽ پنهنجو ڪرڻ’ واري ترڪيب هيٺ راجپوت نه سڏايو، ڇاڪاڻ ته انهي ۾ ڪين هندو ڌرم قبولي انهي جي وڪڙن ۾ ويڙهجڻو پوي ها، سو اهي ان معنيٰ ۾ راجپوت نه هئا. هن فيصلي ۾ پنجاب جا سومرا ڪيترا اٿل هئا، اهو سَر ڊينزِل اِبٽسن پاران ڪيل 1880 واري آدمشماري پڙتال ۾ انهن پاران ڏنل جوابن جي هيٺ ڏنل انگن اکرن مان پڌرو ٿئي ٿو. پنجاب لاءِ ضلعي وار انگ اکر، جيڪي سومرن پاڻ ڏنا، هي آهن:

صفحو 110 (پنجاب جون ذاتيون)

| سومرا | | | | |
|---|---|---|---|---|
| نمبر | شهر | ڄاٽ | راجپوت | ڪل جوڙ |
| 1. | لُڌيانا (هاڻ ڀارت ۾) | 847 | -- | |
| | جالنڌر (هاڻ ڀارت ۾) | 1633 | -- | |
| | هوشيارپور (هاڻ ڀارت ۾) | 659 | -- | |
| | اَمرتسَر (هاڻ ڀارت ۾) | 388 | 06 | |
| | گُرداسپور (هاڻ ڀارت ۾) | 1249 | -- | |
| | فيروزپور (هاڻ ڀارت ۾) | 832 | 01 | |
| | جوڙ | 5608 | 07 | 5615 |
| | | | | |
| 2. | سيالڪوٽ | 52 | | |
| | لاهور | 205 | 16 | |
| | گجرانوالا | 625 | 07 | |
| | راولپنڊي | 01 | -- | |
| | جهلم | -- | -- | |
| | گجرات | 30 | -- | |
| | شاهپور | -- | -- | |



www.sindhsalamat.com

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | ملتان | 2214 | 88 | |
| | جهنگ | -- | 01 | |
| | منتگمري (هاڙ ساهيوال) | -- | 05 | |
| | مظفرگڙهه | 1500 | 05 | |
| | ڊيرا اسماعيل خان | 951 | 02 | |
| | ڊيرا غازي خان | 887 | -- | |
| | بنّون (هاڙ ميانوالي) | -- | -- | |
| | بهاولپور | انگ اکر نہ مليا | | |
| | **جوڙ** | **6465** | **124** | **6589** |
| | **ڪل جوڙ** | **12073** | **131** | **12204** |

خلاصو نمبر 78. اولاهن ميداني علائقن واريون جات ذاتيون

| شهر | ڪالم نمبر 17 سومرا |
|---|---|
| سِرسا (هاڙ پارت ۾) | 11 |
| اَمبالا (هاڙ پارت ۾) | 76 |
| اَمرتسَر (هاڙ پارت ۾) | 06 |
| فيروزپور (هاڙ پارت ۾) | 01 |
| **جوڙ** | **94** |
| لاهور | 16 |
| گجرانوالا | 07 |
| ملتان | 88 |
| منتگمري (هاڙ ساهيوال) | 05 |
| جهنگ | 05 |
| مظفرگڙهه | 05 |
| ڊيرا اسماعيل خان | 02 |
| **جوڙ** | **128** |





| | |
|---|---|
| رياست پٽيالا (پارت) | 1564 |
| رياست نابا (پارت) | 199 |
| رياست جِند (پارت) | 23 |
| رياست فريدڪوٽ (پارت) | 301 |
| **جوڙ** | **2087** |
| **ڪل جوڙ** | **2309** |
| | |
| خلاصي نمبر B.F 18 جو ڪل جوڙ | 12204 |
| **ڪل سومرا** | **14513** |

خلاصو نمبر 80. اولاهن ميداني علائقن واريون راجپوت ذاتيون ڏيکاريندڙ هڪ سادي سودي پر عالمي طور مڃيل فارمولا مطابق هند-پاڪ جي آبادي 25 سالن ۾ ٻيڻي ٿي ويندي آهي. انهي فارمولا موجب اهو انگ 1991ع ۾ 348،312 ٿيندو.

جيڪڏهن اسان رياستن ۾ رهندڙن کي ڇڏي ڏيون، جن کي حڪمرانن کان فائدا وٺڻ لاءِ راجپوت ڪوٺائڻو ٿو پوي، تہ 1881ع ۾ سومرن جي ڪل انگ منجهان صرف 2.84 سيڪڙو پاڻ کي راجپوت پڙرو ڪيو: ٻين جات ڪوٺائڻ کي ترجيح ڏني. انهي منجهان اهو پڻ ثابت ٿئي ٿو تہ هنن سياستدانن وانگر انهن پنهي لقبن لاءِ 'هائوڪار' ڪئي. ان ليکي اسان چئي سگهون ٿا تہ سومرا سماجي حوالي سان جات بہ هئا تہ راجپوت بہ ۽ مذهبي حوالي سان هندو نہ پر ٻوڌي هئا. پاڪستاني پنجاب ۾ سومرن جي آباديءَ جا 1991ع وارا انگ اکر لهڻ لاءِ اسان کي رياستون ۽ پارتي پنجاب جا ٻيا ضلعا ڇڏي ڏيڻا پوندا ۽ صرف پاڪستاني پنجاب جا انگ اکر ويچار هيٺ آڻڻا پوندا. مٿي ڏسيل فارمولا مطابق پنجاب ۾ 1991ع ۾ سومرن جي آبادي 147،683 ٿيندي. بمبئي واري آدمشاري رپورٽ سومرن کي جاٽن يا راجپوتن واري ڪيٽيگريءَ ۾ شامل نٿي ڪري.

مسٽر اوبرائن سومرن کي اصل راجپوت ڄاڻائي ٿو: "750ع ۾ انهن پهرين



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

عرب حملي آورن کي سنڌ ۾ ملتان مان تڙي ڪڍيو ۽ ملڪ کي هڪ راڄ گهراڻو ڏنائون. جنهن 445ع کان وٺي هڪڙي ٻي راجپوت ذات سمن هٿان 526ع ۾ نيڪالي ملڻ تائين ملتان ۾ راڄ ڪيو: ۽ ٽاڊ انهن کي پَنوار راجپوتن جي شاخ سوڍن جي ٻن عظيم ذاتين اومرا ۽ سومرا منجهان هڪ ڄاڻائي ٿو. جيڪي آڳاٽن وقتن ۾ راجپوتانا جي سومرن رِٽن جا والي هئا ۽ عمرڪوٽ ۾ اومرا سومرا يا سنڌوءَ مٿان پکر ملڪ تي پنهنجا نالا رکيا هئائون.” اهو سوڍن جي سڄاڻپ ڏٽ جا راڻا، سڪندر جا سوڳدائي طور ڪري ٿو. “هتي به سومرا اسان جي انگن اکرن مطابق صوبي جي مرڪزي ضلعن ۾ پري پري ويندي ستلج ۽ چناب تائين پکڙيل ڏسجن ٿا.” ڏيرا اسماعيل خان بابت انگ اکر گهڻو ڪري گهٽائي ٻڌايل آهن. “جو ته جهنگ جي سرحد ۾ سنڌوءَ جي وچ واري ليّه تل جو وڏو ڀاڱو انهن وٽ آهي.......”

“بهاولپور ۾ سومرا تمام گهٽا ڪونهن ۾ لمّا تائين محدود آهن. ٿورا زميندار آهن ۽ گهڻائي هاريپو ڪرڻ وارن جي آهي، جڏهن ته ٻيا لوهر، ڊکڻ، ٻيڙياتا ۽ حجم آهن. روايت ٻڌائي ٿي ته سمن هٿان تختو اونڌو ٿيڻ کان پوءِ هن قبيلي جا صرف اهي مرد قتل عام کان بچي سگهيا، جن پنهنجي ذات مٽائي پاڻ کي ڪاريگر يا ڪاسبي (اوستا وغيره) سڏايو: انهن مان ايترا مارجي ويا جو لڳ ڀڳ سومريون سومريون بيواهه ٿي ويون ۽ انهي ڪري ڪا به سومري زال اڄ تائين نَڪَ نٿي پائي، جو ته قبيلو اڃا تائين پنهنجي نقصان تي سوڳ پيو ڪري.

سومرن جا مکيه پاڙا هي آهن:

1. پَنَر
2. ڪَڪِّ
3. ڪارداري صادق آباد وارا ڪتي (ڪتري) ڏوبڪو ڌنڌو ڪندا آهن. تنهنڪري ڪتي ’ڏوبين‘ لاءِ هڪ عام اصطلاح ٻڻجي ويو آهي.
4. گهَليجا: (1) خالص يا نِج ۽ (2) سورهن پاڙا.

لمّا وارا گهَليجا اصل ۾ عباسي هجڻ جي دعويٰ ڪن ٿا، پر اهي سمن جو هڪ پاڙو لڳن ٿا. جيڪي نهارن جي دور ۾ حيدرآباد سنڌ کان لڏي لمّا ۾ اچي آباد ٿيا ۽ سندن وڏي لال خان غوثپور جو بنياد وجهي انهي تي پنهنجي مرشد بهاءُالدين



books.sindhsalamat.com



ذڪريا ملتانيءَ جي نسبت سان نالو رکيو. گهَليجن جا چڱا مڙس، گهَليجا ذات جي سيني شريڪن کان شادي مرادي يا پٽ ڄمڻ تي ’نذرانو‘ اوڳاڙيندا آهن.

سنڌ بابت هيٺ ڏنل انگ اکر بامبي پريزيڊنسيءَ جي 1932 ۾ ڇپيل

| سنڌ | | | |
|---|---|---|---|
| شهر | نَر | ناريون | جوڙ |
| حيدرآباد | 4،793 | 3،748 | 8،541 |
| ڪراچي | 3،736 | 2،745 | 6،481 |
| لاڙڪاڻو | 5،571 | 4،395 | 9،966 |
| نوابشاهه | 2،831 | 2،175 | 5،006 |
| سکر | 5،348 | 4،352 | 9،700 |
| ٿر ۽ پارڪر | 1،228 | 836 | 2،064 |
| اتر سنڌ | 3،543 | 3،010 | 6،553 |
| **ڪل جوڙ** | **27،050** | **21،261** | **48،311** |

آدمشماري رپورٽ تان کنيا ويا آهن. اسان هتي صرف پاڪستان واري سنڌ سان لاڳاپيل انگ اکر ويچار هيٺ آڻيون ٿا. اهي ڊويزن وار هتي ڏجن ٿا:

هر 25 سالن کان پوءِ آبادي ٻيڻي ٿيڻ واري فارمولا موجب 1991 لاءِ انگ 270،541 ٻيهندو.

گزيٽيئر آف سنڌ (1907 ايڊيشن) ۾ مسٽر ائٽڪِن چوي ٿو ته صوبي ۾ سومرن جو انگ 102،753 آهي. هي انگ 1907 واري سڄي صوبي جو آهي، تنهنڪري 1947 ۾ علائقن ۾ ڦيرڦار اچڻ ڪري اهو اسان جي مقصد جو ناهي.

بلوچستان ۽ سرحد صوبن جا انگ اکر نٿا ملن. پڪ سان نه برابر هوندا. 1991 لاءِ لڳ ڀڳ درست انگ 270،541 ڪٿي، اسان پنجاب واري انگ 147،683 ۾ جوڙ ڪريون ٿا. ان حساب سان سومرن جي سڄي ملڪ ۾ ڪل آبادي 418،224 ٻيهي ٿي.



www.sindhsalamat.com

## باب تيرهون

# ڏيهي تاريخدانن جا
# اَبهام ۽ ڪُجوڙايون

“دي هسٽري آف انڊيا ايز ٽولڊ باءِ اِٽس هسٽوريَنس” جا مصنف ايليَٽ ۽ ڊائوسن پنهنجي ڪتاب جي ڀاڱي-1 ۾ سنڌ ۾ اوائلي آباد ٿيندڙ عربن جي پونيَرن بابت تمام تفصيلي ڳالهه ڪن ٿا:

“اوائلي عرب فاتحن جي پونيَرن بابت اسان ڪي ٻن ڏيهي تاريخدانن پاران ڪيل ذڪر ملي ٿو ته سلطان محمود جي وزير ۽ سنڌ جي پهرئين غزنوي گورنر عبدالرزاق ڪي جڏهن 415هه (1024ع) ۾ ملتان کان انهي ملڪ طرف وڌڻ جو حڪم مليو ۽ بکر فتح ڪري انهي مٿان پنهنجو اقتدار پڪو ڪرڻ کان پوءِ جڏهن اهو 417 ۾ سِوستان ۽ ٺٽي ڏانهن وڌيو، انهي انهن جاين تي عرب آبادڪارن جي پونيَرن منجهان بنهه گهٽ ماڻهو ڏٺا؛ اهي جيڪي انهي ملڪ سان گهريلو رشتن جي ٻنڌڻن ۽ قرضن هيٺ هئڻ ڪري جڙي چڪا هئا؛ ۽ اهي جيڪي لکيا پڙهيا ۽ قابل ماڻهو سٺن عهدن تي فائز هئا ۽ مذهبي بخششن جا مزا ماڻي رهيا هئا.”

ارڙهن سنڌي گهراڻا يا ذاتيون انهن وڏن منجهان نِسريل ٻڌايا وڃن ٿا: ثقفي، تميم، مُغيري، عباسي، صديقي، فاروقي، عثماني، پنهنور، ماڇڪي، ڇاٻڙيا، بني اسد، عُتبا، بني ابي سُفيان، بَجاري ۽ بني جَرِيما انصاري ، جيڪي سِوِستان جي والي سَپيا قبيلي جا وڏا هئا. هارون مڪرانيءَ جو اولاد جاٽ ۽ بلوچ به انهن ۾ ڳڏائبا. ڏسڻ ۾ ايندو ته جيتوڻيڪ ارڙهن گهراڻا چيا وڃن ٿا، پر ڳڻپ سترهن تائين پهچي ٿي، جيستائين سَپيا ۽ جَرِيما انصاريءَ جا پونيَر به نه ڳڻجن.

ساڳيا ماهر ٻڌائين ٿا ته هنوقت سنڌ جي ذاتين منجهان ڪجهه ۽ اهي جيڪي نالن ۽ ڏنڌن مان هندو نسل لڳن ٿا، حقيقت ۾ عربن جو اولاد آهن. مطلب ته ٿهيم





اصل ۾ تميم هئا؛ موريا مُغيره مان آهن؛ ۽ ساڳي طرح سومرا سَمارا جي ڪاهوڙين جا وياءَ سمجهيا وڃن ٿا، جيڪي تميمن سان گڏجي وڏي انگ ۾ آيا هئا. هي سمورا جوڙ اجايا ڏُڪا آهن ۽ بلڪل ائين جيئن اڳين پيراگراف ۾ جَتن ۽ بلوچن جو نسل هارون مڪرانيءَ سان ڳنڍيو ويو آهي. پر اها ڳالهه ته هلڪين ذاتين منجهان ڪجهه، خاص ڪري اهي جيڪي هنوقت پاڻ ڪي بلوچ سڏائن ٿا، عربن جو اولاد آهن، ڪنهن طرح به عقل يا امڪان جي ابتڙ ناهي. مثال طور رِند جڏهن دعويٰ ڪن ٿا ته سندن اصل يومي هَلپ ۽ دمشق آهن، ٿي سگهي ٿو اهي پنهنجي جاءِ تي سچا هجن، پر اسان کي ڪنهن ٿورڙي مشابهت يا اڻ ڇِٽن شجرن کي مڃڻ مهل احتياط کان ڪم وٺڻو پوندو، خاص ڪري اُتي، جهڙوڪ سومرن، سمن، دائودپوٽن ۽ ڪلهوڙن جي سلسلي ۾ ڪو سياسي مقصد رهيو آهي ۽ خوشامدڙيا ڪنهن جابر حڪمران جي دل جي آرزو تي ڏوتپائيءَ لاءِ هر وقت حاضر هوندا آهن.” (ص. 482 – 483)

مخدوم امير احمد پڻ تحفت الڪرام تي لکيل پنهنجي حاشيي ۾ اهڙو ئي خيال ظاهر ڪيو آهي، پر گهٽ اُگري ۽ تمام هلڪي اندر-ساڙ ڍنگ ۾. ڏيهي تاريخدان برابر سياسي دٻائن هيٺ لکندا هئا، پر اهي ڪرنل ٽاڊ، پاٽنجر، ميسن ۽ ڪوڙ سارن ٻين يورپي تاريخدانن وانگر خوشامدڙيا ڏُوتا نه هئا، جن پنهنجي قومي آرزوئن هيٺ ڪم پئي ڪيو. سنڌو ماٿر عام طرح ۽ سنڌ خاص طرح صدين کان وني ماڻهو توڙي قدرت پاران صف بند ڪيل جهيڙيندڙ طاقتن جي جنگ جو ميدان رهي آهي، تنهنڪري هن علائقي جي ڪا درست يا گهٽ ۾ گهٽ اعتبار جوڳي تاريخ لکڻ لاءِ گهربل ماخذ محفوظ نه ٿي سگهيا. اڄ اسان آڏو تاريخ جي نالي ۾ جيڪو ڪجهه آهي، سو ڪنهن جوڊيشل مئجسٽريٽ پاران ڳولي لڌل حقيقتن وانگر آهي، جيڪو هر قسم جي سچن ۽ ڪوڙن، اصلي ۽ هٿ ٺوڪين، ڏند ڪٿائي ۽ واقعاتي ثبوتن جي پڙتال ڪندو آهي. مخدوم امير احمد اهو چوڻ ۾ بلڪل درست آهي ته سومرن جي تاريخ اهڙي پراسرار ڌُنڌ ۾ ويڙهيل آهي، جنهن جهڙو ڪنهن ٻئي قبيلي يا ملڪ جي تاريخ ۾ نٿو ملي. تاريخدانن جا ڪجهه ابهام ۽ ڪُجوڙايون نشانبر ڪرڻ کان پوءِ هو پنهنجي راءِ پڻ ڏئي ٿو. هو چوي ٿو ته سومرن جي بڻ بڻياد بابت ٻن تڪراري راين – هڪ موجب اهي هندو آهن ۽ ٻئي موجب اهي عرب آهن – کان سواءِ ٽيون امڪان اهو به ٿي سگهي ٿو ته سومرا وچ ايشيا کان سنڌ ڏانهن آيل



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سُميري آهن. ڳاڙهي موري خيرپور ميرس واري حاجي غلام قادر خان سلطان دودي شهيد جي آتم ڪهاڻيءَ بابت لکيل پنهنجي سنڌي ڪتاب ۾ درست راءِ ڏني آهي ته سومرا اصل ۾ سُميري آهن. جن دنيا کي اتم ترين سيئتا ڏني ۽ جن جي فرات، ايراني نارِ جي سمنڊ ڪنڌين ۽ سنڌو ماٿر جي وچ ۾ اچ وچ صدين تائين هلندي رهي. هو پنهنجي استاد عليگڙهه يونيورسٽيءَ جي ڊين عبدالعزيز ميمڻ جي ليڪچرن، ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ جي ڪجهه مقالن ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جي ڊاڪٽر رچرڊ ڪيرنگٽن جي مشهور ڪتابي سلسلي "ڊان آف هسٽري" جا حوالا ڏئي ٿو.

سنڌ جي برک محقق ۽ انهي جي جاگرافي ۽ تاريخ جي ماهر مسٽر ايم. ايڇ. پنهور اسان کي ڪجهه اشارا ڏنا آهن. جن سان سنڌ جي جاٽن جي بڻ بٽياد ۽ بنيادي عنصرن بابت ڪا اعتبار جوڳي آڪاٽي جوڙي سگهجي ٿي. جيئن اسان اڳ بحث ڪري چڪا آهيون ته جاٽ برادريءَ جو وڏو ڀاڱو سومرا آهن. 36-635ع ۾ عربن هٿان ابتدائي شڪست سبب ايران جي بادشاهه سيني پاسن کان مدد گهري. سنڌ جي راجا سپاهه ۽ هاٿي موڪلي ڏنا، جن ۾ سندس ذاتي اچو هاٿي به شامل هو. سنڌ جا جاٽ يعني سومرا پنهنجا پير زنجيرن ۾ جڪڙي وڙهيا ۽ انهي حوالي سان اها جنگ زيتِ السَلاسِل يا زنجيرن واري جنگ ڪوٺجي ٿي. ٽن ڏينهن ۽ راتين جي جنگ ۾ انهي سپاهه ۽ هاٿين عربن کي تمام گهڻو نقصان رسايو. طبريءَ جو مرگوٽن وارو ترجمو انهي جنگ جا مڪمل تفصيل ڏئي ٿو. ايرانين هارايو پر سومرن جي بهادريءَ عربن کي ايترو متاثر ڪيو جو انهن کين پنهنجي لشڪر ۾ شامل ٿيڻ جي آڇ ڪئي. اها آڇ قبولي وئي. ٻئي سال حضرت عليءَ جي خلافت دوران کين بصري ۾ آباد ڪيو ويو. اڳتي هلي ڪوفي جي گورنر عثمان بن حُنيف انصاري سندن ايمانداري، سچائي ۽ بهادريءَ سبب جمل واري جنگ ۾ کين خزاني جي سنڀال تي مقرر ڪيو. عراق جي ڪن ڀاڱن ۾ ڪجهه سومرا اڳي ئي رهندا هئا: هنن سنڌي سومرن سان سندن سگهه ۾ واڌارو ٿيو. حاجي غلام قادر خان سلطان دودي شهيد جي آتم ڪهاڻيءَ ۾ درست دعويٰ ڪئي آهي ته حضرت ابوبڪر صديق جي خلافت دوران عظيم مسلمان جنرل خالد بن وليد عراق فتح ڪيو ۽ سيني سومرن سندس هٿان اسلام قبوليو. حضرت ابوبڪر صديق پاران جنرل خالد ڏانهن لکيل خط ۾





ڪيس هدايت ڪئي وئي آهي ته هو اڳ ۾ ڪوفي ۽ هانِير وارا پرڳڻا فتح ڪري، جتي سومرا رهن ٿا، ۽ انهي ڪان پوءِ اڳتي ايلا ڏانهن وڌي. هي خط ٻن شين جي بنا شڪ شبهي تصديق ڪري ٿو: نمبر پهريون ته سومرن حضرت خالد بن وليد هٿان اسلام قبوليو. انهن ۾ اهي جاٽ ۽ سومرا به شامل هئا، جن کي خليفي معاويه بصري، اينتيوڪ ۽ گهٽن ٻين شهرن کان اوڏانهن اُماڻيو هو: نمبر ٻيون ته اڳتي هلي 711ع (92هه) ۾ جڏهن محمد بن قاسم کي شامي سپاهي ۽ رومي جنگي مشينون ڏئي سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو ته انهن مشينن کي هلائڻ وارا ماهر سومرا هئا، جيڪي اڳي عراقي لشڪر ۾ شامل ٿيا هئا. عرب سنڌ فتح ڪرڻ جون ڪوڙ ڪوشنون ڪري چڪا هئا، پر ناڪامي نصيب ٿي هئن: سبب اهو هو ته سنڌ کي صرف سنڌي ئي فتح ڪري ٿي سگهيا. ايران ۽ شام جي سمنڊ ڪنڌين سان رُلنڊڙ ڪوڙ سارين ٻين ذاتين سميت سومرا ۽ جاٽ هڙئي سنڌي هئا، جيڪي سنڌ جي آبهوا ۽ سنڌو درياءَ توڙي انهي جي ڊيلٽائن جي سُڀاءَ بابت هر شيءِ جا سونهان هئا.

هن نڪتي جي وڌيڪ تصديق حضرت بهاءُالدين ذڪريا ملتانيءَ جي پوٽي حضرت رڪنِ عالم جي بيان مان ٿئي ٿي، جيڪو ابن بطوط هيئن ورجايو آهي: "منهنجا وڏا حجاج بن يوسف پاران سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ محمد بن قاسم جي اڳواٽيءَ هيٺ تيار ڪيل فوج ۾ شامل ٿيا هئا. اهي سنڌ ۾ آباد ٿيا. ساڻن گڏ سُمارا قوم وارا هئا، جن جا وڏا اڳي ئي جٽاٽي شهر ۾ آباد هئا، جڏهانڪر اهو فتح ڪيو هئائون."

احمد بن ابو محمد بن علي آثم ڪوفي جي 'تاريخ آثم ڪوفي'، علي پبليڪيشنس، مَزنگ لاهور (ص. 67) جي شاهديءَ سان هن جي پٺڀرائي ٿئي ٿي، جيڪا چوي ٿي ته: "خبر پهتي ته (هِرقِل) روم جي بادشاهه جَبلاتُ الاَبهام الغِسانِيءَ کي چاليهه هزار سپاهه ڏئي موڪليو آهي ۽ اهو دمشق پهتو آهي. ابو عبيده، عُمر جي ڀاءُ هِشام بن عاص ۽ ڪجهه ديندار ماڻهن کي هِرقِل ڏانهن وڃڻ ۽ ڪيس اسلام قبولڻ جي دعوت ڏيڻ لاءِ چونڊيو...... جَبلا هڪ اوچي گديءَ تي وينو هو.....پڇيائين، "توهان ڪهڙي مقصد سان آيا آهيو؟"......هِشام وراڻيو، "مهرباني ڪري پنهنجي اوچي گديءَ تان هيٺ لهي اچ، اسان سان ويهه ۽ اسان جي ڳالهه ٻڌ."........ اهو هيٺ لهي آيو....... هِشام ۽ انهي جا ساٿي سندس ويجهو ويا، ڪيس اسلام قبولڻ جي دعوت ڏنائون..... جَبلا پڇيو، "چا توهان سومرا

آهيو؟”......هِشام سوال ڪيو. “سومراڪير آهن؟” هُن وراڻيو. “سومرا انهي قوم منجهان آهن، جنهن جو ذڪر آسماني ڪتابن ۾ ٿيل آهي.................”

هنن تاريخي حقيقتن جي مُستَنِد هجڻ تي شڪ ڪرڻ جو ڪو سبب ڪونهي.

تاريخ طاهري جي مصنف مير طاهر محمد نِسياني پنهنجي ان راءِ کي ثابت ڪرڻ لاءِ ته سومرا هندو هئا پنهنجي ڪتاب ۾، گهڻو ڪري پهريون پيرو، هيٺ ڏنل “سومرن جون عجيب رسمون” ڏنيون آهن.

## سومرا ذات جون عجيب رسمون

روشن خيال ذهن رکندڙ ماڻهن کي جاڻ ڏجي ٿي ته هن قوم جون ڪوڙ ساريون عجيب رسمون هيون. جهڙوڪ: هيٺن جي ڪلهن تي غلاميءَ جو زورائتو نپو هڻڻ. انهي جو مثال اهو آهي ته دودو سومرو نالي هڪ شخص پنهنجي سڀني ياءُ کي غلام بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ جڏهن انهن منجهان ڪو سامهون ٿيندو هو ته انهي کي مارڻ جا گس تاڙيندا هئا؛ هن قوم وارا اهڙا يُوڪاپ جا ڪم ڪندا هئا جو جڏهن به اهي حجم آڏو ويهندا هئا ته پنهنجي هٿن ۽ پيرن جا نَنهَن پاڙئون پٽرائي ڪيرائيندا هئا ۽ انهي سخت عمل سان ايڏو سُور ٿيندو هئن جو ڪجهه وقت لاءِ هر ڳالهه وسري ويندي هئن. ڪنهن ڏاهي ماڻهوءَ هڪ ڏينهن پڇيو ته اهي پاڻ کي ايڏو ايذاءُ جو ٿا ڏين؟ جواب مليس ته اسان ۽ ٻين ماڻهن ۾ وڏو فرق اهو ئي آهي ته اسان اهو ڪري سگهون ٿا، جيڪو ٻيا نٿا ڪري سگهن؛ هيڪر پاتل ڪپڙا ٻيهر نه پائيندا هئا. لٿل ڪپڙا ٻيهر پائڻ انهن کي انتهائي نامناسب لڳندو هو؛ جنهن عورت ٻار ڄڻيو اها وري مڙس سان نه سمهي سگهندي هئي. انهن منجهان هڪڙي شوقين ۽ ڏاهي زال پيٽ سان ٿيڻ تي سوچيو ته ٻار ڄڻڻ کان پوءِ هو مڙس جي صحبت وڃائي ويهندي، تنهنڪري پنهنجي مڙس کي قائل ڪرڻ ته ٻار ڄڻڻ سان عورت پليد نه ٿي ويندي آهي ۽ سندس دماغ مان اهڙي قسم جا سڀ ويچار ٽڙي ڪيڻ لاءِ ڪا وات ڪيڻ جو پهه ڪيائين. سندس رٿا هيءَ هئي: مڙس جا لاٿل ڪپڙا ڌوٻيءَ کي ڏنائين ۽ ڌيان سان ڌوئڻ جو حڪم ڪيائين. هڪڙي ڏينهن مڙس وهنجي ٻس ڪئي ۽ ڀانهون اگهڻ لاءِ ڪپڙا گهريا. ڪيس انهن ڌوتلن منجهان ڪجهه ڪٽي ڏنائين. انهي





ڪي اهو ايترو ته غير معمولي نرم لڳو جو پڇيائين ته هي ڪهڙي قسم جو نئون ڪپڙو آهي. زال پيرائتي ڳالهه ڪري ٻڌايس: انهي جو اهو ڪم ايڏو وٽيس جو اڳتي ڌوتل ڪپڙا پائڻ ارادو ظاهر ڪيائين. اهو ٻڌي زال دانهن ڪئي ته ساڳيو ئي حال عورت جو به آهي؛ پوءِ مرد انهن کي ڇو ڇڏي ڏيندا آهن؟ مڙس اهي ٻئي جاهلاڻا رواج ڇڏي ڏنا ۽ سموري قبيلي سندس پَر ڪئي.

آخري جملو ظاهر ڪري ٿو ته هزارن جي انگ ۾ سمورو قبيلو انهن رسمن تي هلندو هو. اهو ڇِتو پِتو ناممڪن ٿو لڳي.

‘سومرن جون عجيب رسمون’ جن کي تاريخ طاهري جو مصنف ‘جاهلاڻا رواج’ سڏي ٿو، ٿلهي ليکي هيٺ ڏجن ٿيون:

1. سومرن بادشاهن جا هندڪا نالا،
2. هيٺن جي ڪلهن تي غلاميءَ وارو نپو هڻڻ،
3. هٿن ۽ پيرن جا نَنهَن ڇڪي ڪيرائڻ،
4. هيڪر پائي لاٿل ڪپڙا ڪڏهن ٻيهر نه پائڻ ۽
5. جنهن عورت ٻار ڄڻيو انهي کي مڙس سان سمهڻ جي اجازت نه هجڻ.

| نمبر | نالو | حڪمرانيءَ جو سن |
|---|---|---|
| .01 | سومرو | 445ھ |
| .02 | پُونگر (پهريون) | 446 – 461ھ |
| .03 | دودو (پهريون) | 461 – 485ھ |
| .04 | سَنجَر | 485 – 500ھ |
| .05 | خَفيف (پهريون) | 500 – 533ھ |
| .06 | عُمر (پهريون) | 533 – 573ھ |
| .07 | دودو (ٻيون) | 573 – 587ھ |
| .08 | ڦَتو (پُنهون) | 587 – 600ھ |
| .09 | خيرُو | 620 -636ھ |
| .10 | محمد طُور | 636 – 651ھ |
| .11 | خيرُو | 651 – 652ھ |
| .12 | دودو (ٽيون) | 653 – 677ھ |
| .13 | طائي | 677 – 700ھ |
| .14 | چنيسر | 700 – 718ھ |
| .15 | پُونگر (ٻيون) | 718 – 733ھ |
| .16 | خَفيف (ٻيون) | 733 – 751ھ |
| .17 | دودو (چوٿون) | 751 – 776ھ |
| .18 | عُمر (ٻيون) | 776 – 810ھ |
| .19 | پُونگر (ٽيون) | 811 – 831ھ |
| .20 | همير | -- |





بلاشڪ جنهن بہ ماڻهوءَ هي ’بهتان‘ گهڙيا آهن. تنهن وٽ هندن بابت گهٽي

| نمبر | نالو | حڪمرانيءَ جو سن |
|---|---|---|
| .01 | سومرو | 446ھ |
| .02 | پُونگر (پهريون) | وفات 461ھ |
| .03 | دودو (پهريون) | وفات 485ھ |
| .04 | سَنگهار | وفات 500ھ |
| .05 | خَفيف (پهريون) | وفات 536ھ |
| .06 | عُمر (پهريون) | وفات 576ھ |
| .07 | دودو (ٻيون) | وفات 590ھ |
| .08 | پُنهون | وفات 623ھ |
| .09 | گَنڙُو | وفات 639ھ |
| .10 | محمد طُور | وفات 654ھ |
| .11 | گَنڙُو (ٻيون) | وفات 658ھ |
| .12 | طائي | وفات 682ھ |
| .13 | چنيسر | وفات ھ |
| .14 | پُونگر (ٻيون) | وفات 715ھ |
| .15 | خَفيف (ٻيون) | وفات 733ھ |
| .16 | دودو (ٽيون) | وفات 758ھ |
| .17 | عُمر (ٻيون) | وفات 793ھ |
| .18 | پُونگر (ٽيون) | وفات 803ھ |
| .19 | همِير | -- |

ڄاڻ ڪانهي: انهي لاءِ هر غير مسلم هندو آهي. مُنتَخبُ التّواريخ مطابق سومرن بادشاهن جي فهرست هن ريت آهي:

چچنامي (انگريزي، ٻاڳو ٻيون) مطابق فهرست هن ريت آهي:

مولوي عبدالله شائق پنهنجي ڪتاب ’دولتِ علويہ‘ ۾ پڻ هڪڙي ٽين فهرست

ڏني آهي، پر انهن سڀني کان وڌيڪ سائنسي ڍنگ واري مسٽر ايم. ايڇ. پنهور پنهنجي ڪرانالاجيڪل هسٽري آف سنڌ ۾ ڏني آهي. هِن ڪتاب ۾ انهي پڇاڙڪي فهرست جي پيروي ڪئي وئي آهي. انهن سڀني فهرستن ۾ 'هِندڪا' يا 'غير مسلم' لڳندڙ نالا هي آهن:

1. سومرو نالو پنهنجي سِر پاڻ،
2. يُونگر،
3. دودو،
4. سَنگهار،
5. ڦَتُو،
6. گهٽو،
7. چنيسر ۽
8. همِير

گهٽو ڪري ابو ظفر نَدوِيءَ پهريون پيرو ڌيان ڇڪايو ته هي هندڪا نالا آهن. سڀني کي خبر هجڻ گهرجي ته پامير جي ٽَڪرين کان وٺي سمنڊ ڪنڌيءَ تائين سموري سنڌو ماٿر جا ماڻهو پنهنجن ٻارن تي فارسي يا عربي نالن بجاءِ ڏيهي لهجن وارا نالا رکڻ کي ترجيح ڏيندا آهن. سنڌي يا سرائڪي ڳالهائڻ وارا صديون پراڻي اها روش اڄا تائين رکيو اچن. اهو دليل ته نِيزارين پنهنجي مريدن کي ابن ڏاڏن وارين ريتن رسمن تي هلڻ جي اجازت ڏني هئي، انتهائي ڪمزور آهي؛ فِرقن جي ڳالهه ڇڏيو، پاڻ مذهب اسلام ڪنهن پراڻي ريت رسم تي هلڻ کان نه ٿو جهلي، جيستائين انهي سان ڪنهن به نموني توحيد جي اصولن جي ڇِٽي ڀِٽي پڃڪڙي نه ٿئي. اسلام جي اوائلي پرچارڪن، صوفين، اوليائن، مبلغن، امامن، مفتين وغيره اهڙين سڀني ننڍين شين کي درگذر ڪيو آهي، جيڪي 'ڪُفر' قرار ڏيڻ جهڙيون نه هيون. جيڪڏهن اسان جمر، مرٽي، پرٽي، سماجي ميڙاڪن، راندين ۽ شغلن وارين پنهنجي موجوده ريتن رسمن تي ويچاريون ته ڏسڻ ۾ ايندو ته انهن منجهان گهڻيون بلڪل غير اسلامي آهن. پوءِ ڇا اسان ائين چئون ته اسان سڀ نِيزاري يا قرمطي يا





اسماعيلي يا هندو آهيون؟ سنڌي ۽ سرائڪي نالن جي معنائن کان اڻ ڄاڻ ماڻهن کي خبر هئڻ گهرجي ته اهي نالا اسان پنهنجي ٻارن تي اڄا تائين رکندا ٿا اچون ۽ مالڪ جي مهربانيءَ سان انهن نالن وارا عربي نالن وارن ڪوڙ ماڻهن کان بهتر مسلمان آهن.

لفظ 'سُومرا' ڏهه هزار سالن کان وڌيڪ پراڻو آهي ۽ معنيٰ اٿس 'اڻ-سامي'. سُمير بابل جو هڪ پرڳڻو آهي، جيڪو انهي جي سيئتا ۾ اڻ-سامي عنصر جو ڏس ڏئي ٿو. سُمّار جمع آهي سامِر جو؛ معنيٰ رات جو ڳالهائيندڙ. پنهنجي قبيلائي هل هلان دوران سومرا رات جو سفر ڪندا هئا ۽ پاڻ کي سُڃيت رکڻ لاءِ ڳالهائيندا هلندا هئا؛ تنهنڪري مٿن اهو نالو پيو.

هي آريائي لفظ ڪونهي ۽ انهي کي ٻن ڀاڱن سوما ۽ راءِ ۾ ٽوڙڻ درست ناهي. هندو ڏندڪٿائن موجب سوما شراب ۽ شباب جو ديوتا آهي، پر اصل ۾ سوما هڪ نشو ڏياريندڙ ٻوٽو هو. ايران ۾ انهي کي هوما اُچاريندا هئا. سوما راءِ جي معنيٰ ٿيندي نشو ڏياريندڙ ٻوٽي جو بادشاهه. هي لفظ ڪنهن فرد جو نالو ته ٿي سگهي ٿو، جيئن سوم-دَت، سوم-ناٿ يا سوم-وار، پر ڪنهن قوم جو نالو نٿو ٿي سگهي. سوم-وار (سوما-وار نه) هفتي جي ڏينهن منجهان هڪ ڏينهن جو نالو آهي؛ ٻيا ٻه لفظ فردن جا نالا آهن. روايتي طور انهن ٻن کان سواءِ ٻيو ڪو لفظ ڪونهي جنهن سان فردن کي سڏجي.

يُونگر لفظ کي غلط پڙهيو وڃي ٿو: اهو يُونءِ — گَر آهي معنيٰ ڌرتيءَ ڌڻي، جيئن پروردگار يا خدمتگار وغيره آهن.

دودو نج سنڌي لفظ آهي معنيٰ پهلوان — سگهارو، صحتمند ۽ سهڻو ڳڀرو جوان. سرائڪي ٻوليءَ واري علائقي ۾ دودا هڪ راند جو نالو آهي، جنهن ۾ جسماني طاقت جو مقابلو ٿيندو آهي. اهو لفظ اصل ۾ عراقي يا مصري آهي. مصر جي هڪڙي سُميري فرعون جو نالو 'دُدُو' هو. انهي فرعون جون ٻه وڏيون سهٽيون مُهرون لڌيون آهن. اهو فرعون 'مينيس' راڄ گهراڻي منجهان پنجون ۽ سلطان 'گنَيَري' جو پٽ آهي. اهي مهرون ٻين سنڌو ماٿر ميڙ ۾ ڏسي سگهجن ٿيون. (حوالو پروفيسر ايل. اي. واڊيل جو 'ميڪرس آف سِولائيزيشن' ص. 575، پليٽ نمبر XIV نمبر 8 ۽ 9) ميسوپوٽامي لکتن واري ڪِش اتهاس موجب پڻ سندس لقب

ساڳيو "ڏُڏُو" آهي. دودو يا ڏُڏُو سنڌ ۽ عراق ۾ عام هلن ٿا ۽ ٻئي هم معنيٰ آهن.

ڇا اهو انهي جو هڪ وڌيڪ ثبوت ناهي ته سومرا سنڌ ۾ عراق کان آيا آهن؟ يا اهو ته عراق ڏانهن هي لفظ سومرن ذريعي ويو هو؟

اسان جي تاريخدانن 'گهٽو' لفظ کي گهٽرا يا گٽرو يا گهٽرو وغيره ڪري پڙهيو آهي. گهٽا يا گهٽو هڪ عام سنڌي-سرائڪي لفظ آهي – معني زيور. سرائڪي علائقي ۾ اسان کي اڄ تائين اهڙا نالا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جهڙوڪ: ٻُوٽا، سُونهارا، سانول، سُهٽا، گهٽا، چانڻ، لکِي، ساوڻ، ٻُڌڻ، رانجهن، ٻگا وَسايا، پُنون، کِيوا، مکٽا، وريام، بلاول، منڻا وغيره (هنن منجهان گهٽا نالا پڇاڙيءَ ۾ 'ا' جي جاءِ تي 'و' لڳائي سنڌيءَ ۾ به عام آهن – سنڌيڪار). هي سڀ جو سڀ ڏيهي لهجن وارا نالا آهن ۽ انهن مان ڪجهه هندو ۽ مسلمانن ٻنهي ۾ عام آهن: جيئن 'لال' لفظ.

سَنگهار سنڌي ٻوليءَ جو هڪ سهڻو لفظ آهي، معنيٰ 'ڪوڙ ساري ڪيريتي مال جو ڏٽي'. سرائڪي علائقي ۾ مائن ۽ ڏاڏين نانين جي چپن تي اڄ به اها دعا هوندي آهي ته شل سندن پٽ وٽ ايترو ڪيريتو مال هجي جو هوند ڏُهي ڏُهي ٿڪجي پوي.

ڦتُو لفظ فتح جو ديسي ڪارُ آهي.

چنيسر وري هڪ اهڙو لفظ آهي، جيڪو سنڌو ماتر جي هر ماءُ پنهنجي پٽ تي نالو رکڻ پسند ڪندي. انهي جي معنيٰ آهي چنڊ جهڙو!

هَمِير برابر هندي لفظ آهي، اهو عامر جو ڪارُ ناهي. هندي رياستن جا سمورا طاقتور راجا 'هَمِير' ڪوٺائڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا. جيئن ته پارٻيسري شهزادن کي هي لفظ گهٽو وڻندو هو، تنهنڪري سومرا پڻ اهو پاڻ لاءِ يا ڪنهن کي مان ڏيڻ لاءِ ڪتب آڻيندا هئا.

ڪلهن يا پنيءَ تي غلاميءَ وارو نيو هڻڻ رڳو سومرن جو نه، پر هڪ عالمي رواج رهيو آهي. انهي کان گهٽو ٻيڙو رواج ڪَن ٽوپڻ ۽ انهي سوراخ ۾ لوهي والي پارائڻ وارو هو. انهي کي 'حلقہ بہ گوش' چوندا هئا. سومرن تي بهتان مڙهيندڙن کي گهرجي ته اهي پهريان يونانين کان وٺي جديد دورن تائين 'غلاميءَ' بابت ڪجهه معياري ڪتابن جو ابياس ڪن ۽ پوءِ انهي کي سومرن جي رواج سان ڀيٽائن.



books.sindhsalamat.com



هٿن پيرن جا نَنهن چڪي ڪيرائڻ: اهو بلاشڪ پاڻ کي ايذائڻ جو هڪ تمام ڪنور نمونو آهي. ٻوڌي فلسفو ۽ ڪجهه مسلمان فرقا، جن پاڻ ايذائڻ جا رواج پڻ مت يا يوگا تان ورتا آهن، هنن کان به وڌيڪ ٻڇڙا نمونا ڏسيندا آهن. ايليٽ ۽ ڊائوسن هڪ فٽ نوٽ ڏنو آهي، جيڪو اسان هتي نقل ڪريون ٿا:

'تُحفتُ الکِرام (ص. 36) ساڻن هڪ وڌيڪ ٺهڪندڙ جواب منسوب ڪري ٿو: اهو هي ته ائين رڳو چڱا مڙس ڪندا هئا، پاڻ کي گهٽ رتبي وارن کان نروار ڪرڻ لاءِ. عجيب ڳالهه آهي ته ٻيروني هند واسي مُکين سان وڏا نَنهن ڇڏڻ وارو چيني رواج منسوب ڪري ٿو، جنهن سان لڳي ته انهن وٽ پنهنجي هٿن سان پورهيو ڪرڻ کان سواءِ به جيئڻ جا وسيلا موجود آهن. (ايمر. رائيناڊ، مِيمُئار سر انڊِي، ص. 288.)

ممڪن آهي ته سومرا گهراڻي منجهان ڪنهن متان پنهنجا نَنهن چڪي ڪيرايا هجن، پر اها ڳالهه سموري گهراڻي يا حڪمرانن تي لاڳو ڪرڻ بلڪل غلط آهي. جيڪو پنهنجا نَنهن چڪي ڪيرائيندو، سو نه وڙهي سگهندو ۽ نه هٿ سان ڪو ڪم ڪري سگهندو، بس لوهي هٿ سان ملڪ هلائيندو. سومرن بادشاهن جي سموري تاريخ جنگين ۽ سرگرم زندگيءَ سان ڀري پئي آهي. نَنهن چڪي ڪيڻل هٿن پيرن وارو ماڻهو نه تلوار سُک جهلي هلائي سگهندو ۽ نه ميدان ۾ جمي بيهي سگهندو. هي بهتان چِٽو پٽو ڪوڙو ٿو لڳي، ڇاڪاڻ ته سومرا ڏيهي ٽوٽي پرڏيهي دشمنن سان ڪوڙ سارين جنگيون وڙهيا.

هيڪر پائي لاٿل ڪپڙا ٻيهر ڪڏهن نه پائڻ: اوائلي اسلامي خليفن جي تاريخ کان واقف ماڻهو ڄاڻن ٿا ته سيني آتم ڪٿائي ڪتابن ۾ اهو الزام خليفي عمر بن عبدالعزيز تي مڙهيو وڃي ٿو: سندس خليفو مقرر ٿيڻ کان اڳ وارن ڏينهن ۾. انهي جو چوڻ هو ته جيڪي ڪپڙا سوين ماڻهن پاتل ڏٺا هجن، اهي ٻيهر پائڻ لائق ناهن.

افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اسان جي تاريخدانن هي اجايون ڳالهيون بنا ڪنهن تحقيق جي مڃي ورتيون آهن. اهي ڪٽي سچيون به هجن، پر انهن کي رڪارڊ تي آڻڻ سان تاريخدانن کي ڪا پڳ ڪا نه ملي. عمر بن عبدالعزيز تان اهو الزام لاهي سومرن تي هڻڻ بلڪل بي بنياد آهي. ڪهاڻيءَ مطابق ڏاهي زال اهو ۽ اهڙو ئي پيو پار ڇٽيندڙ زال وارو ٻئي درست ڪري ڇڏيا هئا ۽ تنهنڪري اهي بس ڳلا ئي آهن.



www.sindhsalamat.com

ويڙهاڪ نسل تمام گهٽ ڪَرندا آهي؛ سومرن جي مخالفن پاران گهڙيل ۽ ٻي سمجهه تاريخدانن پاران بنا سوچڻ سمجهڻ جي ورجايل "عجيب رسمون" ظاهري طور هن عظيم ويڙهاڪ قوم ڪي پنهنجي ئي نظرن ۾ ڪيرائڻ جون ڪوششون لڳن ٿيون. جن اسڪالرن نيشنل بُڪ فائونڊيشن، ڪراچي پاران ڇپايل ڪتاب 'ڪلچرل هسٽري آف سنڌ' پڙهيو هوندو، اهي ان جي مصنف مسٽر فيض محمد سومري سان سهمت ٿيندا ته: "سنڌ لڳاتار هڪٻئي پٺيان ويڙهاڪ قومون پيدا ڪندي رهي آهي. انهن جي سنڌ ۾ حڪمرانيءَ جو احوال تاريخ جي ڪنهن شاگرد کي قائل ڪري سگهي ٿو ته ماضيءَ ۾ سنڌ واسي ڪيڏا نه ٻي نظير بهادر رهيا آهن. دلير سومرن (سُمراهه) جي تلوار جو سنڌ تي اٽڪل ساڍين پنجن صدين تائين ڏاڪو رهيو، دودو ۽ چنيسر، عمر ۽ همير انهن منجهان ڪجهه نروار هئا، جيڪي دشمنن تي طوفان ۽ وڄ وانگر ڪڙڪندا هئا." (ص. 46، مٿئين ڪتاب جو پريس ٽرسٽ هائوس، آئي. آئي. چندريگر روڊ، ڪراچي، پاران ڇپايل 1977 واري ڇاپو.)



books.sindhsalamat.com





www.sindhsalamat.com

باب چوڏهون

# سنڌ ۽ ملتان تي اٿر ڇڏيندڙ عالمي شيعا هلچلون

محمد بن قاسم جي موت کان پوءِ عرب فوجين پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي وڃڻ ٿي چاهيو، پر خليفي سُليمان (96-99) حڪم جاري ڪيا ته انهن کي سنڌ ۾ آباد ٿيڻ ۽ سڪيو ستابو رهڻ لاءِ ٻنيون ڏنيو وڃن. نتيجو اهو ٿيو ته فوجي ستت ئي زرعي ڪالونيون ٺاهي زميندار بڻجي ويا. محمد بن قاسم جي پوئتي گهرائجڻ ۽ حجاج جي موت سنڌ جي اڳوڻن حاڪمن کي بغاوت ڪرڻ ۽ پنهنجي آزادي موٽائي وٺڻ لاءِ اتساهيو. 715ع (96هه) ۾ ڏاهر جي پٽ جَئِسِينه برهمڻ آباد تي ٻيهر قبضو ڪيو ۽ پنهنجي پيءُ جي ملڪ جو وڏو حصو موٽائي ورتو. سُليمان بن عبدالمالڪ جي مرڻ تي سنڌس سؤٽ عمر بن عبدالعزيز نئون خليفو ٿيو. انهي اَمرو بن مسلم باهِلِي کي سنڌ جو چوٿون گورنر مقرر ڪيو.

اِبنِ عاصر (ڀاڱو 4، ص. 466) مطابق عمر بن عبدالعزيز خلافت سنڀاليندي ئي سنڌي مُڪين، اڳوڻن حاڪمن، باغين ۽ مختلف قبيلن جي سردارن کي اسلام قبولڻ جي دعوت ڏني. انهن کي چيو ويو ته جيڪڏهن انهن ائين ڪيو ته ڪين پنهنجون ٻنيون رکڻ جي اجازت ڏني ويندي. سڀ کان پهريان ڏاهر جي پٽ جَئِسِينه اسلام قبوليو. سيپٽمبر 715 کان آگسٽ 717ع دوران انهي جيڪي ڏاهر جا علائقا موٽائي ورتا هئا، سي پڪا ٿي ويا. گهڻن ٻين به جَئِسِينه جي پَرِ ڪئي ۽ عام ماڻهن پڻ اسلام قبوليو. لڳي ائين ٿو ته محمد بن قاسم جي سنڌ مان وڃڻ کان ٽن سالن اندر سندس فتح ڪيل سمورا علائقا تَرَ جي ڇڳن مڙسن وراڻي ورتا.

719-20ع (101هه) ۾ خليفي عمر بن عبدالعزيز وفات ڪئي ۽ يزيد بن عبدالمالڪ نئون خليفو بڻيو. انهي اَمرو بن مُسلم باهِلِي کي هٽائي ۽ هِلال بن اهُوز کي سنڌ جو پنجون گورنر مقرر ڪيو. ايندڙ ڏهه سال نسبتن سانت رهي، پر 31-730ع (112هه) ۾ عربن خلاف وڏي ڏيهي بغاوت ڪڙي ٿي، جنهن ۾ انهن منجهان گهڻا مارجي ويا ۽ سنڌ جي ستين گورنر تميم کي ڪيترين ئي جنگين کان پوءِ جان بچائي ڀڄڻو پيو. سنڌ ۾ عربن جي اقتدار کي وڏو ڌڪ لڳو ۽ سندن تڪڙو زوال شروع ٿي ويو. عربن ٻين محفوظ هنڌن ڏانهن لڏڻ شروع ڪيو. حَڪَم بن عوانه اَلڪلبِي سنڌ جو گورنر مقرر ٿيو. انهي هتي پهچي ڪيترين جنگين کان پوءِ ڪڇ وچايل علائقا ورائي فتح ڪيا. 113هه ۾ انهي مسلمانن لاءِ هڪ پناهگاهه اڏي ۽ انهي تي محفوظ نالو رکيو. سنڌو درياءَ جي ٻئي پاسي حَڪَم سان گڏ آيل اَمر ابن محمد بن قاسم منصوره شهر اڏيو، جيڪو اڳتي هلي سنڌ جي گورنر جي راڄڌاني بڻيو. اصل ۾ برهمڻ آباد جو نالو مٽائي منصوره رکيو ويو هو. 730ع (112هه) ۾ حَڪَم جي سنڌ ۾ اچڻ وقت سندس دوست مُنظر ابن زُهير ابن عبدالرحمان اَلهباري پڻ ساڻس گڏ هو. حَڪَم بن عوانه سڄي سنڌ مان عربن کي ميڙي چونڊي ۽ انهن کي سنڌوءَ جي ساڄي ڪنڌيءَ تي نئين اڏيل شهر محفوظ ۾ آباد ڪيو. 738ع (121هه) ۾ سنڌين عرب گورنر حَڪَم بن عوانه خلاف بغاوت ڪڙي ڪئي، جيڪو انهن سان ويڙهه ۾ مارجي ويو. انهي جي مرڻ تي ٻن ماڻهن: اَمر بن محمد بن قاسم ثَقفي ۽ يزيد بن عرار وچ ۾ سنڌ جي گورنريءَ لاءِ مقابلو ٿيو. خليفي هشام اَمر کي سنڌ جو نائون گورنر مقرر ڪيو. انهي عهدو سنڀاليندي سٺ ئي پنهنجي مخالف يزيد بن عرار کي قيد ڪيو. اهڙي ريت پيدا ٿيل مونجهاري سبب ڏيهي بغاوتن ڪَرُ کنيو ۽ عربن ۾ ڏقيڙ پيو. ٻئي پاسي عرب قبيلن ۽ ڏيهي ماڻهن وچ ۾ گهرو ويڙهه شروع ٿي وئي. ڪجهه هندو حڪمران ٻڌي ڪري باغين جي مدد ڪرڻ لڳا. هن صورتحال سبب عربن جو سنڌ ۾ ڦهلاءُ بيهي ويو. عربن جو

(1) جاگيرداري نظام (بادشاهه پاران خدمتن عيوض زمين جي سوڪڙي) جي شروعات ساسانين ايران ۾ ڪئي. عربن انهي جو نقل ڪيو ۽ سنڌ ۾ انهن متعارف ڪرايو. انهي کان پوءِ دهليءَ جي سلطانن من پسند طبقا پيدا ڪرڻ لاءِ انهي کي ڀرپور طريقي استعمال ڪيو. اڪبر جي ڏينهن ۾ زميندارن ڪڙمين کي ڦرڻ شروع ڪيو، شاهجهان جي ڏينهن ۾ استحصال عروج تي پهتو ۽ هارين کي پنهنجون ٻنيون ڇڏڻيون پيون. هي نظام اسان جي اڳوڻن "انگريز" حاڪمن لاءِ هڪ انتهائي طاقتور هٿيار ثابت ٿيو.

سنڌ تي ڪنٽرول پڻ ڪمزور ٿيو ۽ ايندڙ 100 سالن تائين ناقص انتظام هليو.

6 ربيع الثاني 125ھ (6 فيبروري 743ع) تي هشام بن عبدالمالڪ گذاري ويو ۽ وليد بن يزيد تخت جو وارث بڻيو. انهي اَمر جي جاءِ تي يزيد بن عرار کي سنڌ جو ڏهون گورنر مقرر ڪيو ۽ گورنري کسجڻ تي اَمر آپگهات ڪري ڇڏيو.

اپريل 744ع (126ھ) ۾ خليفو وليد-ٻيون قتل ٿي ويو. ابراهيم بن وليد بن عبدالمالڪ نئون خليفو بڻيو، پر انهي کي تخت تان لاٿو ويو ۽ سندس جاءِ تي مروان -ٻيون آيو.

746ع (129ھ) ۾ سنڌ جو ڏهون گورنر يزيد بن عرار اَلڪلبي عراق کان سنڌ ڏانهن آيل دمشق جي باغي منصور بن جمهور اَلڪلبي هٿان مارجي ويو. منصور سنڌ جو خود مختيار حڪمران ٿي ويو. انهي پنهنجي ڀاءُ منظور کي اولهہ سنڌ يعني گنداوا، ديبل وغيره جو گورنر مقرر ڪيو. منصور بن جمهور ان کان اڳ عراق جو گورنر هو ۽ اتان ڪيس هٽايو ويو هو. هو سنڌ ۾ آيو، جتان جو گورنر سندس مائٽ يزيد بن عرار هو، پر ٻنهي جي وچ ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي پئي. منصور منصوره جي چوڌاري ڪڙو چاڙهيو، يزيد کي قيد ڪيائين ۽ ڪيس جيئرو ٿنڀ ۾ پورايائين.

لاٿل خليفي ابراهيم بن وليد جي جاءِ تي مقرر ٿيل آخري خليفو مروان-ٻيون 137ھ (750ع) ۾ قتل ٿي ويو ۽ انهي سان ئي اُميّہ راڄ گهراڻي جو انت ٿيو.

ابو مسلم خراسانيءَ جي فتحن سبب 30 آڪٽوبر 749ع (13 ربيع الاوّل 132ھ) تي ابوالعباس عبدالله سفاح کي پهريون عباسي خليفو بڻايو ويو. 134ھ ۾ ابو مسلم جي مرڻ تي موسيٰ بن ڪعب سنڌ جو پهريون عباسي گورنر مقرر ٿيو، پر صحت ٺيڪ نہ هجڻ جو بهانو ڇاڻائي پنهنجو عهدو پٽس عينہ حوالي ڪري پاڻ بغداد موٽي ويو. اهو 141ھ (59-758ع) ۾ گذاري ويو. سنڌ جو ٻيون عباسي گورنر عينہ بن موسيٰ اَلتميمي هڪ ڪمزورحڪمران هو. ڪيس هٽائي سندس جاءِ تي اَمر بن حَفص عَتَقي کي مقرر ڪيو ويو، پر انهي عهدو ڇڏڻ بجاءِ بغاوت ڪئي. اَمر منصوره تي قبضو ڪيو، عينہ کي گرفتار ڪيائين ۽ قيدي بڻائي بغداد موڪليائين، پر واٽ تي قتل ٿي ويو. بغداد عباسين جي راڄڌاني بڻيو ۽ عرب سلطنت جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي زندگيءَ تي ايرانين جي وڏي پيماني اثر واري دور جي شروعات ٿي.







757 کان 767ع (151-140ھ) تائين وارو ڏهن سالن جو عرصو سنڌ جي تاريخ ۾ عام طور ۽ مسلم دنيا جي تاريخ ۾ خاص طور تمام اهم آهي. حضرت عليءَ جي سڌي پيڙهيءَ مان عبدالله بن اَلشطار علوي سنڌ ۾ آيو. سنڌ جي راڄڌاني منصوره ۾ اَمر بن حَفص جي حڪومت هئي. اَلشطار علوي شيعو هو؛ اهو اسلام جي پرچار ڪرڻ ۽ اهل بيت لاءِ همدردي ۽ حمايت جاڳائڻ آيو هو. سنڌي، جيڪي اسلام کان اڳ ٻوڌي هئا ۽ انهي ڪري نرم دل هئا، تن هنن سوالي سيدن کي ڀرپور مانُ، همدردي، پيار ۽ مدد ڏنا. سنڌ جو گورنر اَمر بن حَفص انهي جو مريد ٿيو ۽ ڪيس هڪ غير مسلم راجا جي راڄڌانيءَ ڏانهن موڪلي پناهہ ڏنائين، جتي انهي شيعا عقيدي کي بنا رنڊ روڪ مقبول بڻائيندي ڏهہ سال گذاريا. خليفي منصور عبدالله کي راجا وٽان هٿ ڪرڻ لاءِ هشام بن اَمر کي موڪليو. انهي راجا تي حملو ڪيو ۽ جنگ ۾ سوڀارو ٿيو. هشام 767ع (151ھ) ۾ خليفي جي هدايت تي عبدالله اَلشطار کي سنڌ ۾ قتل ڪري ڇڏيو. خليفي منصور کي انهي تي آٿت نہ ٿيو، ڇاڪاڻ تہ ڪيس ڪُڪيو ٿي تہ متان اَلشطار جا 400 محافظ اَلشطار جي صغير پٽ جي اڳواڻيءَ هيٺ بغاوت ڪن. تنهنڪري انهي راجا جي علائقن تي حملو ڪرڻ، اَلشطار جي مريدن کي اتان نيڪالي ڏيڻ ۽ بيواهہ ۽ معصوم ڇوڪري کي قيد ڪرڻ جو حڪم ڏنو. حڪم جي تعميل ٿي؛ بيواهہ ۽ صغير پٽ کي بغداد اُماڻيو ويو، پر اهو سڀ ڪجهہ اجايو ثابت ٿيو، ڇاڪاڻ تہ تيستائين سنڌ ۾ شيعيت ڪاميابيءَ سان متعارف ٿي چڪي هئي.

انهي دوران خارجي (عباسي خليفن جا مخالف) خاص ڪري سنڌ ۾ تمام گهڻا سرگرم ٿي چڪا هئا. 142ھ (60-759ع) ۾ حِسان بن مجاهد همداني خارجي اَمر بن حَفص کان مدد گهرڻ سنڌ آيو پر انهي سهڪار نہ ڪيس.

اَمر بن حَفص کي سندس شيعا نواز لاڙن ۽ عبدالله اَلشطار کي پناهہ ڏيڻ جي شڪ سبب آفريقا بدلي ڪيو ويو. هِشام بن اَمر تَغلبي کي اَلشطار کي قيد ڪرڻ جون خاص هدايتون ڏئي سنڌ جو چوٿون عباسي گورنر مقرر ڪيو ويو. هن ماٺهوءَ ملتان ۽ ٻيا گهڻا شهر ٻيهر فتح ڪيا، جيڪي محمد بن قاسم جي 96ھ ۾ پوئتي گهرائجڻ کان پوءِ خود مختيار بڻجي ويا هئا.

ايندڙ اسي کن سالن سنڌ ۾ ۽ انهي کان ٻاهر ڪيترائي واقعا ڏٺا. انهن منجهان

عراق ۾ آباد سنڌ جي ڄاٽن جي بغاوت ۽ نِيزاري ۽ يمني عرب قبيلن وچ ۾ گهرو ويڙهه پڻ سنڌ ۾ ڏڦيڙ ۽ مونجهارو پيدا ڪيو. 41-840ع (226هه) ۾ يمنين ۽ حجازين جي ويڙهه ۾ سنڌي-عرب قبيلي جي سربراهه عمر بن عبدالعزيز هباري، جنهن جو وڏو مُنظر ابن زُبير ابن عبدالرحمان اَلهباري 112هه ۾ سنڌ جي گورنر حَڪَم بن عوانه اَلڪلبي سان گڏ سنڌ آيو هو، سنڌ جي ستاويهين گورنر عمران بن موسيٰ بَرمَڪِي کي منصوره ۾ ماري وڌو. انهي خليفي اَلمُتوَڪِّل جي اطاعت جو اعلان ڪيو ۽ ڪيس سنڌ جو خودمختيار حاڪم مڃيو ويو. انهي منصوره فتح ڪيو، پر پاڻ منصوره کان ٿوري پنڌ تي آباد هڪ ننڍڙي شهر بانيا يا بائضا ۾ رهندو هو. خليفي مُتَوَڪِّل سندس گورنريءَ واري درخواست 240هه (55-854ع) ۾ قبول ڪئي. انهي سال بازنطينين شام ۾ عينضربا تي حملو ڪيو، جتي 834ع ۾ ڄاٽن کي نيڪالي ڏئي اُماڻيو ويو هو. اهي سڀئي ڄاٽن کي قيد ڪري مايُن ۽ مينهُن سميت بازنطين وٺي ويا، پر سنڌ جي هباري حاڪم انهي تي ڪا ٻُڏتي نه ڏيکاري. 71-870ع (257هه) ۾ خليفي اَلمُعتَمِد يعقوب بن ليث صفري کي عراق مٿان حملو ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ ڪِرمان ۽ سيستان، جن تي اهو اڳ ئي قابض هو، سان گڏ سنڌ، بلخ (باختر) ۽ طَبرستان عطا ڪيا، پر يعقوب سندس آڇ ٺڏي ڇڏي؛ عراق تي حملو ڪيائين ۽ شڪست کاڌائين. اهو اتان پڳو سيستان هليو ويو ۽ سنڌ ۽ ملتان ۾ ڪا دلچسپي نه ڏيکاريائين. هباري بي فڪر ٿي حڪومت ڪندا رهيا. 75-874ع (261هه) ۾ خليفي اَلمُعتَمِد پنهنجي ڀاءُ مُوافق کي سنڌ سميت اوڀارين صوبن تي حاڪميت جو اختيار ڏنو، پر انهن حڪمن جي باوجود هباري بي فڪر حڪومت ڪندا رهيا. 84-883ع (270هه) ۾ عمر بن عبدالعزيز هباري منصوره ۾ گذاري ويو. پٽس عبدالله سنڌ جي آزاد حڪمران طور تخت سنڀاليو. انهي جي حڪمرانيءَ جي آخري سال دوران امام عبيدالله اَلمهدي هڪ اسماعيلي داعي هاشم کي سنڌ ۾ پنهنجي عقيدي جي پرچار لاءِ موڪليو. 13-912ع (300هه) ۾ عبدالله بن عمر هباري گذاري ويو ۽ پٽس عمر بن عبدالله سنڌ جو نئون حاڪم بڻيو. انهي پنهنجو علائقو الور کان سمنڊ ڪنڌيءَ تائين وڌايو؛ منصوره اڳيئي سندس قبضي ۾ هو. اهو ٽيون هباري حاڪم هو. انهي کان پوءِ ٻه هباري بادشاهه ٿيا؛ محمد بن عمر ۽ علي بن عمر، جن وٽ مسعوديءَ مطابق اسي جنگي هاٿي هئا،





جن جو انتظام 500 هٿياربند سپاهين جي هٿن ۾ هو. منصوره جو آخري ۽ هبارين مان پنجون بادشاهه 401هه (11-1010ع) ۾ گذاري ويو.

هبارين جي 140 سال حڪمرانيءَ دوران سومرا وڏن زميندارن جي روپ ۾ زور وٺڻ، پاڻ کي فوجي لحاظ سان منظم ڪرڻ ۽ سموري سنڌو ماٿر پَٽَن ۾ وڏي انگ ۾ پکڙيل سنڌ جي ڄاٽن ۾ مقبوليت حاصل ڪرڻ ۾ سرگرم رهيا. عرب سپاهين توڙي سالارن سنڌ ۾ بيٺڪي راڄ جي روپ ۾ آباد ٿيڻ وقت محسوس ڪيو هو ته اهي ڏيهي آباديءَ سان سڱابندين کان سواءِ سماجي، معاشي ۽ سياسي طور هلي نه سگهندا. سومرن عربن جي چڱن مڙسن جي انهي فيصلي جو فائدو ورتو ۽ سوين عرب زالون پنهنجي گهرن ۾ آندائون. ابو ظفر نَدوِي ۽ ٻيا تاريخدان اسان کي ٻڌائن ٿا ته سومرن پنهنجون ڌيئر خاندان کان ٻاهر ڌارين ۾ نه ڏنيون، پر پنهنجي نوجوانن کي ڌاريون زالون آڻڻ جي کلي اجازت ڏنائون. اهڙي طرح انهي عرصي دوران حڪمران هباري گهراڻي جون وڏي انگ ۾ ڌيئرون سومرن جي گهرن ۾ اچي ويون. سومرا سڀني لاهن چاڙهن ۽ نازڪ گهڙين دوران هبارين جا تمام سگهارا ساٿي رهيا هئا. سنڌ جو آخري هباري بادشاهه، علي بن عمر جو پٽ، جڏهن منصوره ۾ گذاري ويو ته ماڻهن کو مضبوط حڪمران ٿي چاهيو، جيڪو محمود غزنويءَ جي اُرهه زوراين کي منهن ڏئي سگهي يا گهٽ ۾ گهٽ سندن بچاءُ ڪري سگهي. محمود هٿان ملتان جي شڪست ۽ اتان جي ماڻهن جي قتل عام سبب ملتان واسي برک عالمن، درٻارين ۽ چڱن مڙسن سميت سلامتيءَ خاطر اُچ، منصوره ۽ ٻين هنڌن ڏانهن لڏي ويا. انهن ديس ڇڏي آيلن ۽ ڏيهه واسي چڱن مڙسن گڏجي خفيف سومري کي پنهنجو بادشاهه چونڊيو. جيئن ته سومرن جي گهرن ۾ گهٽيون ئي هباري زالون موجود هيون، تنهنڪري هبارين سومرن کي پنهنجا ماڻهو سمجهندي ڏاڍي صلح سانت سان بادشاهي انهن حوالي ڪري ڇڏي.

شيعا فرقو سنڌ ۾ عبدالله اَلشطار جي ڪوشش سان پکڙجي چڪو هو. سنڌ کان ٻاهر اٿندڙ شيعا هلچلن جو اثر سنڌ ۾ پڻ محسوس ٿيندو هو. هتي اسماعيلي ويچار ڌارا کي وڏي مڃتا ملي. سومرا سياسي طور وڏي هلندِي پُڄندِي ۽ طاقت حاصل ڪري چڪا هئا. هباري بادشاهه مقبوليت وڃائي چڪا هئا، ڇاڪاڻ ته انهن راڄ وارن لاءِ ڪجهه نه ڪيو هو، بلڪ ڄاٽن واري بغاوت وقت اهي بلڪل ماٺ رهيا



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هئا. سَجهُ سومرن جو در ڪڙڪائي رهيو هو. انهن راڄ وارن جو مذهب قبوليو ۽ اسماعيلي مسلڪ ۾ شامل ٿي ويا. ملتان کان لڏي آيل اسماعيلين جي وڏن پنهنجن مفادن جي بچاءَ خاطر هبارين خلاف سومرن جو ساٿ ڏنو.

اسلامي دنيا جي فرقيواري هلچلن جو ڪارڻ اهي اختلاف آهن، جيڪي علي جي شيعن وچ ۾ ابتدا کان ئي پيدا ٿا چڪا هئا. انهن اختلافن فرقن اندر فرقا پيدا ڪيا. اماميہ فرقي جو خيال هو تہ، جيڪي روايتون حضرت علي جي خلافت ثابت ڪرڻ لاءِ دليلن طور استعمال ڪيون وڃن ٿيون، اهي ئي سندس پوئيرن جي خلافت لاءِ پڻ استعمال ڪري سگهجن ٿيون. زيديہ فرقو چوي ٿو تہ اهي روايتون حضرت علي جو مقرريءَ وارو حق شخصي طور نہ پر سندس لياقتن آڌار ثابت ڪن ٿيون. ڪن مطابق خلافت فاطمہ جي پوئيرن ۾ رهندي، پر انهن کي نامزد صرف 'وڏا' ڪندا، جيڪي ڏسندا تہ امام خدا پر ڊڄي ٿو، دلير ۽ وڏي دل وارو آهي؛ جهڙوڪ اهو خليفي طور مقرر ٿيڻ جي دعويٰ پڻ رکي ٿو ۽ خلافت لاءِ پنهنجي هلچل جو پرچار بہ ڪري ٿو. اهو فرقو پنهنجي باني زيد پٽ علي پٽ حسين شهيد جي نالي پٺيان زيديہ پڻ سڏجي ٿو. اهو (زيد) پنهنجي ڀاءُ امام باقر سان هن معاملي تي بحث مباحثو ڪندو رهندو هو تہ آيا امام لاءِ ضروري آهي تہ اهو پنهنجي امامت جو اعلان ڪري. امام باقر موٽ ۾ دليل ڏيندو هو تہ جيڪڏهن اهو شرط ضروري سمجهيو وڃي تہ پوءِ امام زين العابدين کي بہ امام ثابت نہ ڪري سگهبو، ڇاڪاڻ تہ انهي نہ ڪڏهن امامت جي دعويٰ ڪئي ۽ نہ اعلان ڪيو. جڏهن اماميہ فرقي ڏٺو تہ زيد حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر جي خلافت کي درست مڃي ٿو تہ انهن کيس امامت تان نيڪالي ڏئي ڇڏي ۽ کيس ڇڏي ويا. اهي ڇڏي وڃڻ وارا 'رافِضي' سڏجن ٿا. زيديہ فرقي جو بنياد يمن ۾ 206هہ (822-821ع) ۾ پيو.

ڪجھ مطابق حضرت عليءَ جي پٽن حسن ۽ حسين کان پوءِ خلافت تي انهن جي ڀاءُ محمد بن حنيف ۽ انهي جي اولاد جو حق آهي. هي فرقو ڪَئشانيہ سڏجي ٿو.

ڪي اهڙا بہ آهن، جيڪي امامن جي الوهيت ۾ ويساهہ رکن ٿا. اهي سمجهن ٿا تہ امام انسان هوندي بہ الاهي گڻ رکن ٿا، ڇاڪاڻ تہ رب انهن ۾ سمايل آهي. اهي غالي شيعا سڏجن ٿا.

ڪن جو ويساهہ آهي تہ مرڻ واري امام جو روح ٻئي امام ۾ هليو وڃي ٿو.



books.sindhsalamat.com



هڪڙو فرقو صرف هڪڙي امام کي مڃي ٿو. هي فرقو واقِفِيہ سڏجي ٿو.

ڪن جو عقيدو آهي تہ حضرت علي جيئرو آهي ۽ ڪڪرن ۾ رهي ٿو؛ گوڙ انهي جو آواز آهي. ساڳي طرح محمد بن حنيف رَضوه جبل تي جيئرو آهي.

اَثنا عَشريہ فرقي جو عقيدو آهي تہ ٻارهون امام محمد بن عسڪري پنهنجي ماءُ سان گڏ پنهنجي گهر جي تہ خاني ۾ غائب ٿي ويو هو. اهو قيامت جي ڏينهن کان ٿورو اڳ ٻيهر ظاهر ٿيندو.

ڪجھ جو ويساهہ آهي تہ گذاري ويل خليفا دنيا ۾ ٻيهر موٽي ايندا.

محمد بن حنيف کان پوءِ انهي جي پٽ ابو هاشم کي خليفو مڃڻ وارا هاشميہ سڏجن ٿا. انهن ۾ پڻ گهٽائي اختلاف آهن.

اماميہ فرقي جا مڃيندڙ امام جعفر صادق کان پوءِ ورهائجي ويا. هڪ ڌر چوي ٿي تہ انهي جو پٽ اسماعيل خليفو آهي، ٻي چوي ٿي تہ امام جعفر صادق جو ٻيون نمبر پٽ موسيٰ ڪاظم خليفو آهي، ڇاڪاڻ تہ اسماعيل پنهنجي پيءُ جي حياتيءَ ۾ ئي گذاري ويو هو. پهريون فرقو اسماعيليہ ڪوٺجي ٿو ۽ ٻيون اَثنا عَشريہ ڪوٺجي ٿو. هي ٻيون فرقو مڙني ٻارهن ئي امام کي مڃي ٿو؛ ٻارهون غائب امام. اسماعيلي اسماعيل کان پوءِ محمد بن اسماعيل جي امامت مڃن ٿا ۽ امام موسيٰ ڪاظم جي امامت کي رد ڪن ٿا.

اسماعيليہ فرقي جي مڃيندڙن منجهان عبدالله بن هارون جو نالو تمام اهم آهي، ڇاڪاڻ تہ انهي ماڻهوءَ قاعدن ۾ ڪجھ ڦيرڦار ڪئي ۽ باطِني فرقي جو بنياد وڌو. نئين فرقي موجب اسلامي شريعت جا حڪم انهن جي ظاهري معنيٰ ۾ نہ ورتا گهرجن؛ انهن جي تشريح انهن جي ڳُجهين معنائن موجب ٿيڻ گهرجي، جن جي ڄاڻ صرف امامن جي ڏَس ذريعي پئجي سگهي ٿي. شريعت جا بہ ڏيک آهن؛ هڪڙو ظاهر (پڌرو) ٻيو باطن (ڳُجهہ). ظاهر کي تَنزِيل چئجي ٿو ۽ باطن کي تاوِيل. ظاهر صرف باطن جي پڌرائي آهي ۽ باطن ظاهر جو اصل آهي. دنيا ۾ ڪا بہ شيءِ 'باطن' کان سواءِ ناهي؛ جيڪڏهن آهي تہ اها بنهہ بي وجود سڏبي. اهڙي طرح ظاهر بنا 'باطن' رڳو خيالي آهي. قرآن پاڪ کي ظاهر بہ آهي تہ 'باطن' بہ. ظاهر اهو جيڪو ڪنهن ڊڪشنريءَ جي مدد سان سمجهي سگهجي ٿو، سو نہ اعتبار جوڳو آهي ۽ نہ مٿس عمل ڪرڻ لاءِ نيڪ. حقيقي معنيٰ رکندڙ ۽ عمل جوڳو اهو آهي، جيڪو



www.sindhsalamat.com

‘باطن’ آهي. مثال طور نماز جي باطني معنيٰ اهي رسمي سجدا ناهي؛ اها ته موجود امام جي اطاعت آهي. اهڙي طرح روزي جي باطني ۽ حقيقي معنيٰ بک ڪاٽڻ ناهي؛ اها توهان جا مذهبي عقيدا مخالفن کان ڳجها رکڻ آهي. حج جو ‘باطن’ امام جي حاضريءَ ۾ پهچڻ آهي. باطني عقيدن ۾ ڦيرڦار ڪندڙ ۽ هڪ نئون مذهب آڏو آڻيندڙ ماڻهوءَ جو نالو هَمدان بن اَشعَث آهي. اهو 264 يا 278ھ ۾ ظاهر ٿيو. انهي پنهنجي ‘باطني’ طريقن منجهان ڪجهه ظاهري عبادتن سان پڻ ملايا. اعلان ڪيائين ته احمد پٽ امام محمد بن حَنفِيّہ پيغبر آهي. پنهنجي مريدن تي 50 نمازون فرض ڪيائين. جڏهن انهن دانهون ڪيون ته سندن لاءِ روزي ڪمائڻ بہ ڏکيو ٿي پيو آهي ته چيائين ته هو انهي معاملي تي الله کان پڇندو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ انهن کي ڏانهس لکيل هڪ لکت ڏيکاريائين. جنهن ۾ هو ته: “تون مسيحا آهين، تون عيسيٰ آهين، تون پاڪ ارشاد آهين، تون مهدي آهين، تون محمد بن حَنفِيّہ آهين ۽ تون فرشتو جبرائيل آهين.” انهي کان پوءِ پنهنجي مريدن کي ٻڌايائين ته عيسيٰ پٽ مريم ماڻهوءَ جي روپ ۾ وٽس آيو هو ۽ ڪيس ٻڌايائين ته: ‘نمازون’ صرف چئن رڪعتن جون هونديون ــ ٻہ سج اُڀرئي کان پهريان پڙهبيون ۽ ٻہ سج لٿي کان پوءِ؛ اهڙي ريت روزا صرف سال ۾ ٻہ ڏينهن هوندا ــ هڪڙو مِهرجان مهيني جي پهرينءَ تي ۽ ٻيو نوروز تي؛ شراب پيئڻ حرام ناهي؛ جنسي ميلاپ کان پوءِ تڙ ڪرڻ ختم ڪيو ويو آهي؛ مِرون ۽ هٿن يا چنبن ۾ شڪار جهلي کائيندڙ جانور جو کائڻ لاءِ شڪار ڪري سگهجي ٿو. ڪعبي جي بدران بيت المقدس کي قبلو ٻڌايائين. حڪم ڏنائين ته مرد ۽ عورتون سڀ نمازون گڏجي رَل مِل صفن ۽ قطارن ۾ پڙهندا. جمعي واري موڪل مَٽائي آچر تي ڪيائين ۽ فرمان جاري ڪيائين ته انهي ڏينهن تي ڪو ڪم نہ ڪرڻ گهرجي. هي فرقو قرمطيہ سڏجي ٿو. همدان ڏاند تي سواري ڪندو هو، تنهنڪري ڪيس ڪرميت ڪوٺيندا هئا، جيڪو عربيءَ ۾ قرمط ٿي ويو. انهي لفظ جي معنيٰ پڻ ڳُجهي لکت آهي.

217 ھ ۾ امام عُبيدالله اَلمهدي فاطمي سلطنت جو بنياد وڌو. 290ھ (884-883ع) ۾ امام عُبيدالله اَلمهدي اسماعيلي داعي هاشم کي سنڌ ڏانهن موڪليو.

297ھ (910-909ع) ۾ عُبيدالله بن محمد اَلحبيب اتر آفريقا ۾، ايرانين جي اثر هيٺ هلندڙ بغداد واري عباسي خلافت جي طرز تي، فاطمي خلافت (مُقتدِيہ)





قائم ڪئي. انهي جو هيڊڪوارٽر 361ھ (972-971ع) ۾ قاهرا نيو ويو. انهن باطني حڪمرانن منجهان تيرهن 270 سالن تائين اقتدار ۾ رهيا. اهي حڪمران مَهدوِيّہ، علوِيّہ، فاطمِيّہ ۽ اسماعيلِيّہ سڏجن ٿا، پر عام طرح مصر جا فاطميّين ڪري سڃاتا وڃن ٿا. عُبيدالله جي دعويٰ هئي ته هو سيّدتُ النساءِ حضرت فاطمہ (عليہ السلام) جي سڌي پيڙهيءَ مان آهي. 270ھ ۾ انهي مهدي هجڻ جو اعلان ڪيو، تنهنڪري پنهنجي مريدن کي مَهدوِيّہ جو نالو ڏنائين. اهو پاڻ ۽ سندس پوئيَر باطني مسلڪ جا مڃيندڙ هئا، پر راڄ ۾ مقبوليت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهه ظاهري رسمن تي پڻ هلندا هئا. سندن حڪمرانيءَ دوران اسماعيلي مذهب مصر ۾ گهڻو پڪڙيو. عُبيدالله ڪيترا ئي قانوندان ۽ مُحدِث مارائي ڇڏيا. قرآن پاڪ ماڻهوءَ کي مخصوص حالتن ۾ هڪ ئي وقت ۾ پسند جي ٻن يا ٽن يا چئن عورتن سان پرڻجڻ جي اجازت ڏئي ٿو. عُبيدالله اهو انگ وڌائي پنهنجي مريدن کي هڪ ئي وقت ارڙهن عورتن سان پرڻجڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. هن عقيدي جو پرچار پڻ ڪيائين ته امام لاءِ ضروري آهي ته اهو رب سان سڌو هم ڪلام ٿئي. انهي جي مريدن مٿان اهو مڃڻ لازم هو ته رب پهريان آدم جي جسم ۾ سمائيو، انهي کان پوءِ نوح جي جسم ۾ سمائيو، انهي کان پوءِ ٻين نبين جي جسمن ۾ سمائيو ۽ انهي کان پوءِ ٻارهن تائين امامن جي جسمن ۾. پر اسماعيلين جو مڃڻ آهي ته امام ظاهري طور (پڌرا) بہ ٿي سگهن ٿا ته باطني طور (ڳُجهہ ۾) بہ. اَثنا عَشريہ فرقو امامن جو انگ ٻارهن تائين محدود ڪري ٿو، پر اسماعيلي اهڙي ڪا حد مقرر نٿا ڪن. انهن موجب علي اَلمرتضيٰ کان اسماعيل تائين سندن مخفي (ڳجها) ست امام آهن. اهي ست ئي امام ظاهر هئا. انهن کان پوءِ ٽي ڳجها امام آيا، جيڪي عالم ۾ ظاهر نہ ٿيا، پر ان هوندي بہ سندن نقيب، جيڪي هر هڪ لاءِ ٻارهن آهن، ماڻهن جي رهنمائيءَ لاءِ ظاهر هوندا آهن. اسماعيلين موجب اهي ٽي ڳجها امام منشور بن محمد مڪتوم، جعفر مُصدِق ۽ حبيب مخفي هئا. انهن کان پوءِ ظاهر امام اچڻ شروع ٿيا، جن مان پهريون عُبيدالله مهدي آهي ۽ پوءِ سندس ٻارهن پوئيَر. انهن ٻارهن منجهان هڪ مُعز عبيدي نالي آذان ۾ حَيَّ عَليٰ خيرِالعَمل ۽ درود شريف ۾ امامن جي نالن جو واڌارو ڪيو. عُبيدين جي حڪمرانيءَ دوران رافِضي مصر ۽ شام ۾ هنڌين ماڳين پڪڙجي ويا. پنهنجي مريدن کان اطاعت جو قسم وٺڻ کان



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پوءِ عبيدالله اسماعيلي مذهب پکيڙڻ لاءِ پنهنجا پرچارڪ سموري آفريڪا ۾ موڪليا. جن سندس مذهب نه قبوليو تن کي آزاريو ويو ۽ جن قبوليو تن کي جاگيرون ڏنيون ويون. انهي لٺ ۽ چٽ واري پاليسيءَ ذريعي اسماعيلي مذهب سموري اتر آفريڪا ۽ مصر ۾ وڌڻ ويجهڻ لڳو.

مصر جي فاطميّين جي ڇهين حاڪم جو نالو ابو علي منصور ۽ لقب اَلحڪِم بِي اَمرِالله (386ع – 411ھ) آهي. اهو ان حوالي سان مشهور آهي ته سندس ڪابينه جا ميمبر پڻ سندس بي رحمي ۽ ڏاڍ کان ڪنبندا هئا. محمد بن اسماعيل نالي سندس هڪڙي درٻاريءَ هڪ ڪتاب ترتيب ڏنو، جنهن ۾ اَلحڪِم کي رب جو اَوتار ٻڌايو ويو. مصنف جو چوڻ هو ته رب پنهنجو روح آدم ۾ ڦوڪيو. اهو روح نبين منجهان ٿيندو حضرت عليءَ ۾ پهتو. تنهن کان پوءِ اهو پيڙهيءَ پنيان پيڙهيءَ مان ٿيندو اَلحڪِم تائين پهتو. انهي ڪتاب جو مرڪزي تصور امام اندر الاهيت هو. اهو قاهرا يونيورسٽيءَ ۾ پڙهايو ويندو هو. سندس عملداريءَ هيٺ ملڪن ۾ انهي ڪتاب کي وڏي مشهوري ڏني وئي. 396ھ ۾ حڪيم فرمان جاري ڪيا ته جتي به سندس نالو ورتو وڃي – ڀلي مارڪيٽ هجي يا رستو هجي يا گهر هجي – ٻڌڻ سان ماڻهو ادب ۾ اٿي بيهن ۽ نِوڙي سجدو ڪن. ساڳي ريت جڏهن خطيب خطبي ۾ سندس نالو پڙهي ته سڀ ٻڌڻ وارا سندس نالي جي ادب ۾ اٿي بيهن، صفون ٻڌن ۽ سيئي گڏجي نِوڙي سجدو ڪن. سندس عقيدي مٿان پڪا ٿيڻ وارن کي 'دروزي' نالو ڏنو ويو. انهن دروزين کي يقين آهي ته اَلحڪِم مرڻ کان پوءِ موٽي ايندو ۽ اهي پاڻ کي مُوَحِّد ڪوٺائن ٿا، ڇاڪاڻ ته سندن دعويٰ آهي ته توحيد جي معنيٰ رڳو انهن ئي سمجهي آهي. 408ھ ۾ اَلحڪِم کي حمزه بن علي نالي هڪ تمام ڪارائتو ايراني مريد مليو. انهي اَلحڪِم جي دعوائن ۾ نئون روح ڦوڪيو. انهي جا خط هاڻ يورپ ۾ 'ڪتاب الدروزي' جي عنوان هيٺ ڇپيا آهن. انهي ڪتاب ۾ ڏنل عقيدن منجهان ڪجهه هي آهن: رب جا 70 اَوتار آهن. انهن اَوتارن ۾ علي شامل آهي، پر محمد (صلي الله عليہ وسلم) نه. انهن اَوتارن ۾ آخري اَلحڪِم آهي. انهي کان پوءِ ڪو اَوتار نه ٿيندو. پر اَلحڪِم دنيا ۾ موٽي اچي سگهي ٿو. سندس مطابق حضرت محمد (صلي الله عليہ وسلم) قرآن پاڪ جي رڳو ظاهري معنيٰ سمجهي، جڏهن ته اَلحڪِم انهي جي حقيقي معنيٰ سمجهي، ڇاڪاڻ ته انهي ۾ الاهيت هئي.


books.sindhsalamat.com



اجا هڪڙو ٻيو ماڻهو هو ابو طاهر سُليمان قرمطي، جنهن رب جو اَوتار هجڻ جي دعويٰ ڪئي. اهو پنهنجي ڀاءُ کي شڪست ڏئي هَجر، اَشا، قَطِيف، طائِف ۽ بحرين جو حاڪم بڻيو هو. انهي رب جو روح پنهنجي جسم ۾ سمائجڻ جي دعويٰ ڪئي. بصري ۾ قتل عام ڪيائين. 312ھ ۾ حج تان موٽندڙ پانڌيئڙن کي ڦُريائين. وري 319ھ ۾ حرم جي پانڌيئڙن کي تلوار مان ڪڍيائين. به سال اڳ ڪعبي مان هَجرِ اسوَد پٽيائين، بيت الله جو دروازو پڳائين ۽ ڪعبي جو غلاف ڦاڙي ڇيهاڙيون ڪيائين. حج ڏهن سالن تائين معطل رهيو. هَجرِ اَسوَد وري 950ع ۾ لڳايو ويو.

انهي جهڙو ئي هڪڙو ٻيو ماڻهو حسن بن صباح هو، جنهن رب سان سڌو هڪ ڪلام ٿيڻ ۽ انهي کان وحي وٺڻ جي دعويٰ ڪئي. انهي جي ڳجهين تنظيمن اسلامي دنيا ۾ رڻ ٻاري ڏنو. انهي جا فِدائي هر هڪ لاءِ ڏهڪاءُ هوندا هئا. اهي ماڻهن کي ڪاتن سان ماريندا هئا، پنهنجي شڪار کي مارڻ کان پوءِ چپ چاپ آپگهات ڪري ڇڏيندا هئا ۽ پنهنجو راز ڪنهن سان نه سلِيندا هئا. ايستائين جو فوجن جا جنرل به هراس ۾ ورتل هوندا هئا، ڇاڪاڻ ته انهن جي پنهنجي گهر ڀاتين يا دوستن يا ماتحتن منجهان ئي ڪو فدائي ٿِي سگهيو ٿي.

تلهي ليکي اسان چئي سگهون ٿا ته 36-935ع ايندي ايندي شيعن جا ٽي مُکيه فرقا نهي چڪا هئا. اهي قَرمَطِي، اسماعيلي ۽ مُلحِد طور سڃاتا ويندا هئا. اسماعيلي اتندي آفريڪا ۾ 296ھ (09-908ع) ۾ ظاهر ٿيا ۽ 356ھ (67-966ع) ۾ مصر ڏانهن آيا. حسن بن صباح واري ڌڙي جي ابتدا خراسان ۾ 483ھ (91-1090ع) ۾ ٿي. 361ھ (72-971ع) ۾ فاطمين مصر ۾ پير ڄمايا ۽ 270ھ (883ع) ۾ پنهنجن داعين کي پرچار سان گڏوگڏ سُني عباسين خلاف بغاوت ڪڙي ڪرڻ جو مشن ڏئي سنڌ ڏانهن اُماڻيائون. قرمطين جي زوال جي شروعات 944ھ ۾ سندن اڳواڻ ابو طاهر جي موت ۽ ٺوڳي مَهدي ابن ذِڪرويّه واري بدناميءَ سبب ٿي. دمشق ۾ قرمطي ميسارجي ويا. 971ع (361ھ) ۾ اسماعيلين کي نيڪالي ڏيڻ لاءِ قرمطي ۽ عباسي گڏجي پيا. مصر ۾ فاطمي خليفي مُعِز جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ اسماعيلي هلچل جو سربراهه ابنُ الهيثَم هو. اهو ملتان ۾ پنهنجي حاڪميت قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. 356ھ (67-966ع) ۾ اسماعيلي فرقي پنهنجون سرگرميون عراق ۽ ايراني نارِ ۾ شروع ڪيون. اهو مصر ڏانهن پڻ ساڳئي سال وڌيو. اسماعيلي فرقو آفريڪا ۾ 297ھ ۾ جائو، پر انهي جي


www.sindhsalamat.com

راڄڌاني 361هه (72-971ع) ۾ قاهرا ڏانهن نِي وئي. اها عباسين ۽ فاطمي نواز رياستن وچ ۾ ڇڪتاڻ جي شروعات هئي.

973ع کان 1171ع تائين مصر تي فاطمي خليفن جو راڄ هو. اتر آفريقا، شام ۽ يونانِچي پيٽ سندن اختيار هيٺ هئا. بلڪل انهن ئي ڏينهن ۾ حسن بن صباح وارو نِيزاري ڌڙو خراسان کان سيستان تائين پکڙيو. اسماعيلين جو دروزي فرقو شام ۾ اُسريو. هي فرقو مصر جي ڇهين فاطمي خليفي اَلحڪِم بِي اَمرِالله جو پوئلڳ آهي. دروزي جي شروعات 470هه (78-1077ع) ۾ اَلحڪِم پاران رب سان سڌو هم ڪلام ٿيڻ واري پڌرائيءَ سان ٿي. فرقي جي واڌ ويجهه لبنان ۾ ٿي، جتي اهي هنوقت اٽڪل 300،000 ڪن ٿيندا.

قرمطين (اسماعيلين) جَلام بن شَهبان جي اڳواڻيءَ ۾ ملتان تي قبضو ڪيو. فاطمي خليفي جا نالي سان خطبو پڙهيو ويندو هو. آبادي شيعا هئي. جلام ملتان ۾ محمد بن قاسم پاران اڏيل مسجد بند ڪري ڇڏي. مُلحِد ڪوٺجندڙ فرقي وارا عراق، بحرين ۽ اَلحصّہ مان نيڪالي ملڻ کان پوءِ وڏي انگ ۾ سنڌ ڏانهن آيا. لڳي ائين ٿو ته دنيا ۾ رڳو سنڌ ۽ ملتان ئي مهمان نواز جايون هيون، جتي پناهگيرن جو آڌرڀاءُ ٿيندو هو، جيڪي اتان جي رهواسين جي اهل بيت سان همدردين مان بيواجبي فائدا وٺندا هئا. ملتان 366 ۽ 375هه جي وچ ڌاري فاطمي بڻيو. انهي دوران منصوره تي هبارين جو راڄ هو ۽ فاطمي اسماعيليت ڏانهن مُڙيو رهيو هو.

اسان اڳ ئي انهن حالتن جو ڪاٿو لڳائي چڪا آهيون، جن هيٺ سومرن عام طرح ۽ سندن پهرئين بادشاهه خفيف خاص طرح اسماعيلي شيعا ٿيڻ جو اعلان ڪيو. تُحفَتُ الڪِرام جي واقعاتي ترتيب غلط آهي، پر هن ڪتاب ۾ ڏنل ڪجهه حقيقتون درست آهن. خفيف جو سَعد جي ڌيءُ سان پرڻو پڻ هڪ سياسي واقعو هو. سَعد هباري هو، جيڪو هباري هجڻ جي حوالي سان آزاديءَ جي اعلان جا ارادا ڪري چڪو هو يا ’آزاديءَ جي دعويٰ ڪري چڪو هو‘. اهو هڪ طاقتور زميندار هو، پر جڏهن منصوره جي ماڻهن يڪراءِ ٿي سندس نياڻي خفيف کي پنهنجو بادشاهه چونڊيو ته ڪيس ميٺ مانُ ۾ پوئتي هٽڻو پيو. هباري پهريان ابو طاهر مُحدِث جا مريد هئا، پر اهي شيعيت جي اثر کان آجا نه رهي سگهيا، جيڪو بلوچستان رستي پهتو هو ۽ سنڌ ۾ چڱو ڀلي پکڙجي چڪو هو. تنهنڪري جڏهن خفيف سومري



books.sindhsalamat.com



اسماعيلي ٿيڻ جو اعلان ڪيو ته انهن ڪا ناپسندي نه ڏيکاري.

لفظ ”خفيف“ اسان کي پهريون ڀيرو فَرُّخِي جي قصيدي ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اصل ۾ شاعر ديسي نالي ڇُٽا يا ڇوٽا يا ڇوٽُو جو فارسي ترجمو ڪيو آهي. جيئن ته سومرن بادشاهن جي سيني نالن جي ڏيهي لهجن ۾ معنيٰ نڪري ٿي، تنهنڪري انهن جو ڪنهن به ٻي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿي سگهي ٿو. آخري سومري بادشاهه جو نالو ڇيو ويندڙ لفظ ”همير“ ڪو شخصي نالو نه پر هڪ لقب آهي (معنيٰ سوڀارو بادشاهه، سمراٽ يا دلير شهزادو). پاڙيسري راجپوت رياستن جي ڪيترن ئي شهزادن کي تاريخدانن اهو لقب ڏنو آهي.

سال 401هه (1011-1010ع) سومرا راڄ گهراڻي جي باني خفيف پاران راڄڌاني منصوره ۾ سنڌ جي آزاد بادشاهت جي گادي سنڀالڻ جو سال آهي. هي اهو سال پڻ آهي، جڏهن محمود غزنويءَ ملتان تي حملو ڪيو ۽ اتان جي اسماعيلي حاڪم ابوالفتح دائود کي گرفتار ڪيو. ساڳئي سال اسماعيلين سان ڇڪتاڻ سبب قرمطين جو زور ٽٽي چڪو هو. سياسي طور اهي هاڻي فاطمين بجاءِ عباسي خلافت سان ملي چڪا هئا. انهي ليکي ملتان واري ابوالفتح دائود کي هڪ ئي وقت اسماعيلي ۽ قرمطي ٻئي نٿو سڏي سگهجي. اهو اسماعيلي هو. ساڳي ريت سومرا ۽ سنڌ واسي سڀ اسماعيلي هئا. سيّد سُليمان نَدوِي سمجهي ٿو ته ابوالفتح دائود ۽ انهي کان اڳ وارو حاڪم سُبڪتَگِين، اَلپتَگِين ۽ محمود خلاف ڀاڱيا ۽ پنجاب جي هندو حاڪمن سان ملي ويا هئا، تنهنڪري ملتان کي زير ڪرڻ ضروري ٿي پيو هو. ابوالفتح دائود 200،000 سونا دِرهم ساليانو ڏَنُ ۽ اسماعيلي عقيدو ڇڏڻ جي آڇ ڪئي. شرط منظور ڪيا ويا. محمود ٻه مِليَن (ويهه لک) دِرهم ملتان جي ماڻهن کان پڻ زوريءَ اوڳاڙيا. سيّد نَدوِي هن ڪاهه جا سبب ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو ته ملتان جو حاڪم ۽ آبادي اسماعيلي يا قرمطي ٿي ويا هئا. عجب جهڙي ڳالهه آهي ته سيّد نَدوِي جهڙو انتهائي سمجهُو ڏاهو ۽ صاحب ڪمال مصنف اسماعيلي ۽ قرمطي ۾ فرق نٿو ڪري. اصل ۾ سڀئي مسلمان تاريخدان ائين ڪندا آهن: اهي هر اڻ-سُنيءَ کي ڪافر ۽ هر سُني فاتح کي مڙني انساني ڪمزورين کان آجو وڏو ڏات ڏاڻي، وڏو معتبر ۽ وڏو سورهيه سمجهندا آهن. مسلمان تاريخدانن محمود غزنويءَ کي وڏا ڳجندڙ لقب ڏنا آهن، رڳو انهي ڪري ته انهي مختلف مندرن ۾ بُتَ ڀڳا ۽ انهن ۾ لڪل سون، چاندي ۽ هيرا پاڻ



www.sindhsalamat.com

سان ڪٽي ويو. يامِينُ المُلڪ ۽ غازِي اسلام وغيره جهڙا لقب تڏهن سونهن ها، جڏهن اهو صرف اڳرائي ڪندڙ غير مسلمن خلاف وڙهيو هجي ها. پر سيّد سُليمان نَدوِي ٻڌائي ٿو تہ: "سندس ستايلن ۾ غير مسلمن ڪان وڌيڪ مسلمان شامل هئا. سندس 35 مُهمن منجهان 17 وچ ايشيا جي مسلم رياستن ۽ ايران خلاف هيون، 3 ملتان خلاف، 2 سنڌ خلاف ۽ 13 ننڍي ڪنڌ جي غير مسلم هندن خلاف. انهي ڪان سواءِ سندس پنهنجي درٻاري شاعر فردوسي سان ڪيل وعدو ٽوڙڻ، سنڌ جي جاٽن ڪان لڳ ڪانڌاريندڙ پلاند وٺڻ ۽ ملتان واسين ڪان ٻہ مِليَن دِرهم زوريءَ اوڳاڙڻ – صلح جا شرط طئي ٿي وڃڻ ڪان پوءِ – اهڙا عمل آهن، جيڪي ڪنهن بہ طرح واڪاڻ جوڳا ناهن. انهي منصوره کي صرف ان ڪري تهس نهس ڪيو تہ ملتان جي ماڻهن ۽ اسماعيلي مُڪيَن ملتان تي سندس قبضي ڪان پوءِ اتي پناه اچي ورتي هئي.

سومنات ڪان موٽندي محمود غزنويءَ منصوره تي حملو ڪيو، پر سندس پهچڻ تي اتان جو حاڪم خفيف ڪسڪي ٻيلن ڏانهن هليو ويو. محمود انهي جي پٺيان لڳو ۽ انهي جا ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا يا پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويا. سنڌ جي جاٽن ۽ ميدن خفيف جي چُرچ تي مٿس حملو ڪيو. سومرن جي راڄڌاني منصوره کي محمود ڦِٽائي ڇڏيو. سومنات واري بُتَ جي تباهيءَ هندن ۾ ڪاوڙ جاڳائي ۽ آبُو جي راجا پَرماديو ۽ ٻين هندو سردارن محمود کي سيڪت ڏيڻ جو پهہ ڪيو. اڻ مَيو خزانو ساڻ کڻي ويندڙ فاتح، ڊڄڻو نہ تڏهن بہ، فطري طور چوڪس ضرور هوندو آهي. محمود اوپر پاسي وارو ڏگ ورتو، اتان سنڌو درياءَ وٽي ملتان ويو، جتي ٿَر جي جاٽن مٿس حملو ڪيو. پنهنجا ڪوڙ سارا ماڻهو، سامان ۽ جانور وڃائي 10 صفر 417هه (2 اپريل 1026ع) تي غزنيءَ پهتو، پر ايندڙ سال 416هه (26-1025ع) ۾ جاٽن ڪان پلاند وٺڻ لاءِ وري آيو، جن مٿس ملتان ويندي واٽ تي لِڪي حملا ڪيا هئا ۽ خفيف جو ساٿ ڏنو هو. محمود ملتان پهتو ۽ اڳيان، پويان ۽ پاسن سان رُڪ جا ڀالا ۽ ڪات لڳل 1400 ٻيڙيون ٺاهڻ جو حڪم ڏنائين. انهي ڪان پوءِ هر ٻيڙيءَ تي تيرن، ڪماٽين ۽ ڍالن سان 20 سپاهي سوار ڪري سنڌو درياءَ جي جاٽن مٿان چڙهائي ڪيائين. هن لشڪر جو مُک جٿو درياءَ جي ساڄي ۽ ڪاٻي ٻنهي ڪنڌين سان هلندو ويو. جاٽن پنهنجا گهر ٻاتي ٻيٽ تي چاڙهي ڇڏيا ۽ عام اچ وڃ ۽ واپار وارين 4،000 ڪان 8،000 ٻيڙين سان محمود کي سامهان ٿيا. محمود انهن ٻيڙين کي 'نئڦتا' تيل ۾ ٻڏل تيرن سان باهه



books.sindhsalamat.com



ڏياري. محمود جي ٻيڙين تي لڳل ڀالن پڻ جاٽن جون ٻيڙيون تباهه ڪيون. جان بچائي ڪنڌيءَ تي پهچڻ وارن کي سُکيءَ وارن فوجين ماريو. پڇاڙيءَ ۾ انهي جاٽن جي ٻارن ۽ زائفائن ۾ هٿ وڌا ۽ انهن کي قيدي بڻائي پاڻ سان وٺي ويو. محمود جي هن انتقام ڀري مهم دوران عربن منجهان گهڻا سنڌ مان لوڏجي ويا.



www.sindhsalamat.com

### باب پندرهون

# سومرا راڄ جي واقعاتي ابتدا

شروعاتي سومرا حاڪم ’فاطمي اسماعيلي‘ هئا. اهي قاهرا جي فاطمي خليفن جي اطاعت ڪندا هئا، انهن ڪي سوکڙيون پاکڙيون موڪليندا هئا ۽ جمعي جي خطبن ۾ سندن نالن جو ورِد ڪندا هئا. قاهرا ۾ 487هه (1094ع) ۾ امام مُصتَنصِر جي مرڻ ڪان پوءِ فاطمي دعويٰ ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي وئي. پهرين مُستَعالِين دعويٰ جو هيڊڪوارٽر اٽندي يَمن ۾ هو ۽ پوءِ گجرات نيو ويو؛ ٻين نِيزاري اسماعيلي سڏجندڙ دعويٰ جو هيڊڪوارٽر حسن بن صباح جي اڳواڻيءَ هيٺ ايران ۾ الموت ۾ هو. اها امام نِيزار بن مُستَنصِر ۽ انهي جي پونيَرن جي حامي هئي. سومرا انهن ٻنهي حريف دعوائن کي ڇڏي ويا. اسماعيلين کي 1171—1187ع جي وچ تي ڳرو ڌڪو آيو – ابتدا قاهرا ۾ سلطان صلاح الدين ايوبي هٿان سندن خلافت ٽٽڻ سان ٿي، تنهن ڪان پوءِ عراق ۾ سلجوقين هٿان ۽ ملتان ۾ محمد غوريءَ جي مُهمن ذريعي.

عباس ايڇ. اَلهمداني مطابق يَمني يا گجراتي دعويٰ تي عربي غلبو گهڻو هو، جيئن ماڻهن جي نالن ۽ عربي ادب ٻنهي منجهان پڌرو لڳي ٿو. سومرن جا نالا عام طرح سان سنڌي يا سرائڪي هوندا هئا، تنهنڪري اهي اسماعيلين جي هن ڌڙي مان نہ هوندا. گجرات وارا اسماعيلي، جن پاڻ کي يَمني يا گجراتي دعويٰ سان سلهاڙيو، بوهري سڏجن ٿا.

نِيزاري ڌڙو ننڍي کنڊ جي اترين ڀاڱي ۾ سرگرم هو. جوڳيءَ وانگر لڳندڙ پير شمس سبزواري ملتان ۾ آيو، جتي انهي چڱي انگ ۾ مريد ٺاهيا. ٿي سگهي ٿو تہ اهو سنڌ ۾ بہ سرگرم رهيو هجي، پر جيئن تہ اهو امام قاسم (1310—1369ع) جي







دور ۾ ۽ سومرن جي صاحبيءَ جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾ آيو، تنهنڪري نٿو لڳي تہ سومرا نِيزاري اسماعيلي هوندا. 876هه (1471ع) ۾ اُچ ويجهو وفات ڪندڙ پير صدرالدين هڪ نِيزاري پرچارڪ (داعي) هو ۽ انهي جي سنڌ ۾ اثر جا ثبوت آهن. نِيزارين کي عراق ۾ ڌڪو تڏهن آيو، جڏهن هلاڪوءَ جي لشڪر تيرهين صديءَ جي وچ تي اَلبُرز جبلن وارو سندن ڳڙهہ تباهہ ڪري ڇڏيو.

سيّد سُليمان نَدوِي پنهنجي ڪتاب ’عرب اور هند کي تعلقات‘ ۾ 425هه (1033ع) واري دروزي واقعي جو حوالو ڏيندي خيال ظاهر ڪري ٿو تہ سومرا قَرمطي هئا. سندس ڏُکو غلط آهي، ڇاڪاڻ تہ شام جو مُقطانہ ملتان جي شيخ ابن سومار راڄ بل کي دروزي مسلڪ مڃڻ جي دعوت ڏيندو رهيو آهي. حمزه جي خاص خليفي ۽ درُوزي لکتن جي مُک مرتب مُقطانہ بهاءُالدين پاران سال 423هه (1032ع) ۾ ملتان ۽ هندستان جي وحدانيت ۾ ويساهيندڙن ڏانهن عام طرح ۽ شيخ ابن سومار راڄ بل ڏانهن خاص طرح لکيل چٺي هن ريت آهي: ”اي جليل القدر راڄ بل! وحدانيت ۾ ويساهيندڙ پنهنجي گهراڻي ۾ سجاڳي پيدا ڪر ۽ ننڍي ياءُ دائود کي سچي مذهب ۾ موٽائي اچ، ڇاڪاڻ تہ مسعود انهي کي قيد ۽ بند مان رڳو ان ڪري آزاد ڪيو تہ جيئن تون، سندس ڀائٽيي عبداللّٰه ۽ سيني ملتان واسين بدران، تنهنجي حوالي ڪيل وزارت مڪمل ڪري سگهين؛ جيئن پاڪائي ۽ وحدت جي عقيدن جا پوئلڳ گمراهي، اختلاف، ڪورَپ ۽ بغاوت واري ڏُر ڪان نروار ٿي سگهن.“ هن منجهان پڌرو ٿئي ٿو تہ سومرا مصر جي فاطمي خليفن امام ظاهر ۽ مُستَنصِر پاران منظم ڪيل اسماعيلي ڌڙي سان لاڳاپيل هئا. ابتدائي اسماعيلي فرقي جي قَرمطي مخالف هلچل جو سنڌ ۾ ڪڏهن بہ اثر نہ رهيو هو، پر آڳاٽن سُني ليکڪن منجهان گهڻا اسماعيلين کي ڪنهن طريقي قَرمطي سمجهندا هئا. تعصب تاريخدانن کي اهڙو انڌو ڪري وڌو آهي، جو ملتان جي تاريخ جي وڏي ڀاڱي کي اونداهو دور قرار ڏنو ويو آهي؛ صرف انهي ڪري تہ 1011 ڪان 1030ع ۽ 1049 ڪان 1186ع وارا 156 سال ملتان تي سنڌ جي سومرن جو راڄ هو.

ملتان ضلعي جي پهرئين گزيٽيئر ۾ اسان کي انهن 156 سالن بابت هي جملو ڏسڻ ۾ اچي ٿو: ”گهڻو امڪان آهي تہ ان عرصي دوران ملتان سومرن جي بادشاهيءَ هيٺ هو، ڇاڪاڻ تہ ملتان جي ويجهڙائيءَ ۾ وڏي ۾ وڏي طاقت صرف اهي ئي

هئا.” پاڪستان جي تاريخ ۾ دلچسپي رکندڙ ڪو ماڻهو جيڪڏهن اڳتي اچي ۽ ملتان جي تاريخ جي هن عرصي تي تڪڙي تحقيق ڪري ته اهو هڪ وڏو ڪارنامو ٿيندو. 156 سالن جو عرصو ڪنهن به طرح ڪو ٿورڙو عرصو ناهي، جو انهي ڪي صرف ائين چئي ڇڏي ڏجي ته انهي عرصي دوران ڏيهي سردارن جي حڪومت هئي. جيڪڏهن ملتان جي گورنرن جي سن وار ترتيب ڏيان سان تيار ڪجي ته اها به ڪارائتي ٿيندي.

شام جي مُقطانہ پاران لکيل خط ۾ ملتان جي بادشاهه ابن سومار راڄ بل کي شيخ ڪري مخاطب ڪيو ويو آهي. هي اسماعيلين جي روحاني ترتيب ۾ ٻيون نمبر وڏو عهدو آهي – سڀ کان وڏو عهدو امام آهي. انهي پاران پنهنجو جانشين نامزد ڪيل شخص شيخ يا حُجّت (ثبوت) يا اَساس (گدي) سڏبو آهي، جڏهن ته ٻيا عهدا مٿان کان هيٺ هن ريت آهن: زُماسا، داعِي، مازوُن، مَقلَبِي ۽ مومِن. دروزي مذهب جو کلئي عام پرچار 408هه ۾ تڏهن ٿيو، جڏهن قرمطي مذهب کي مڪمل ٻُنجو اچي چڪو هو. مٿي حوالو ڏنل خط مان پڌرو آهي ته دروزي* فرقي جي داعين ڪيڏي اُتساهه سان پنهنجو پرچار مشن شروع ڪيو هو. هي بادشاهه سنڌ ۽ ملتان ٻنهي تي راڄ ڪندو هو. درُوزين لاءِ مؤثر ۽ ڪارائتي پرچار لاءِ ملڪ جي سربراهه جو ڀرپور سهڪار حاصل ڪرڻ تمام اهم هو. پر هن فرقي جا هتي پير نہ کُتا.

سنڌ ۽ ملتان تي انوقت راڄ ڪندڙ سومري بادشاهه جو اصل نالو دودو هو – هڪ عام سنڌي نالو. دعوتنامي جي چٺي موڪليندڙ مُقطانہ مذهبي لکپڙهه ۽ شاعريءَ لاءِ اختيار ڪيل پنهنجي پاليسيءَ موجب، هن لفظ جو هنديءَ ۾ ترجمو ڪرايو هو. لفظ ”دودو“ جو وٽندڙ ترجمو ڪيو ويو ”راڄ بل“ يعني ’ملڪ جي سگهه‘. سنڌي ٻوليءَ ۾ دودو معنيٰ سهڻو، سگهو، ڻاهوڪو پهلوان. واڊيل پنهنجي ڪتاب ’دي ميڪرز آف سِولائيزيشن اِن ريس اينڊ هسٽري‘ ۾ ٻڌائي ٿو ته دُدُو مصر

*اسماعيلي نِيزاري امام شمس الدين محمد زَردوز (زري يا ڀرت ڀرڻ وارو) 654 کان 710هه تائين امام رهيو. اهو آزربائيجان ۾ رهندو هو، پر بادشاهه رُڪنُ الدين خُوارزم شاهه منگولن سان پنهنجي جنگين دوران انهي کي ڪنهن ڳجهي جاءِ تي موڪليو. اتي پاڻ کي عام ماڻهن کان ڳجهو رکڻ لاءِ هو ڀرت ڀرڻ جو ڪم ڪندو هو. ڏاڍو سهڻو هوندو هو، تنهنڪري ماڻهو ”شمس“ يا سج سڏيندا هئس. هند-پاڪ ۾ سندس پونيَر شمسي سيّد ۽ ٻين هنڌن تي ساداتِ بدخشاني آهن. سندس ڏس پتو رڳو سندس ويجهن مائٽن يا فدائين کي هو.







جي هڪ سُميري فرعون جو نالو پڻ هو. اهو بادشاهي لقب صدين تائين سومرن بادشاهن جو صفاتي نالو رهيو آهي. انهي طرح دودو آهي ”راڄ بل“ يعني ملڪ جي سگهه، زور ۽ سونهن. ’راڄ بل‘ (ملڪ جي طاقت) لقب اڳتي هلي (57-1456ع يا 861هه ۾) ڄام نظام الدين لاءِ پڻ استعمال ٿيو. ڏسو ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ، ص. 352

محترم ايم. ايچ. پنهور پنهنجي ’ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ‘ ۾ چوي ٿو ته: ”سومرا راڄ گهراڻي جو آغاز وراثت جي هڪ طيءِ ٿيل ۽ بي لچڪ قانون سان ٿيو: سندن همعصر غزني ۽ دهلي سلطنتن جي ابتڙ، جتي سدائين ڏچو هلندو رهندو هو ۽ تلوار وراثت جي حق جو فيصلو ڪندڙ قدرتي طريقو هوندي هئي. انهي ڪري سومرن جي حڪومت اٽڪل ساڍا ٽي سو سال (ابوالفضل 500 سال چوي ٿو) بنا رنڊڪ هلي ۽ سندن علائقا ڪڏهن به ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ شامل نہ ٿيا، جيتوڻيڪ اهي التتمش جي دور ۾ ڪجهه وقت تائين دهلي سلطنت جا منصبدار ٿي رهيا.“

فَرُّخي ٻڌائي ٿو ته خفيف هڪ بحري جنگ ۾ (جنهن ۾ جاٽن ساٺ ڏنس) درياءَ ۾ ٻڏي ويو. (ڪابل ايڊيشن ص. 74) اها جنگ سومنات واري مندر ۽ منصوره جي ڦرلٽ ۽ تهس نهس ٿيڻ کان به سال پوءِ 28-1027ع ۾ سنڌو درياءَ جي ڪنڌيءَ وارن اڻ-فوجي جاٽن سان لڳي هئي. جاٽن محمود تي موٽندي مهل لِڪي حملا ڪيا هئا. انهن جاٽن خفيف جي مدد پندرهن سال کن اڳ بادشاهي گادي حاصل ڪرڻ ۾ ڪئي هئي. ٿي به سگهي ٿو ته سندس موت انهي جنگ دوران ٻڏڻ سبب ٿيو هجي، پر فَرُّخي جو بيان مشڪوڪ ٿو لڳي، ڇاڪاڻ ته خفيف انهي وقت تائين پندرهن سال وڏي ڪاميابيءَ سان ملڪ هلائي چڪو هو ۽ جاٽن جي مدد لاءِ پنهنجي سِر محمود سان وڙهڻ بجاءِ هو پنهنجون فوجون موڪلي ٿي سگهيو. گهڻو گمان آهي ته هو هڪ سال اڳ (27-1026ع ۾) منصوره ۾ ٿيل بي رحم قتل عام کان سنت پوءِ مري چڪو هو، ڇاڪاڻ ته لاڙ سنڌ جي سومرن جو ٿريءَ (ماتلي تعلقو) ۾ ڪَٺُ 1026ع ۾ ٿيو هو ۽ اتي سومار سنڌ جو آزاد بادشاهه نامزد ٿيو هو. ائين انهي ڪري ڪيو ويو جو منصوره جو وجود ميسارجي چڪو هو ۽ سومرن جي نئين راڄڌاني ٿري شهر هو.

سومرا راڄ گهراڻي جي باني خفيف پنهنجي پويان پُونگر نالي ننڍڙو پٽ ڇڏيو. خفيف هڪ زبردست حاڪم هو. سخت حالتن جي باوجود، جن ۾ هن تخت سنڀاليو، پنهنجي راڄ جي ڀلائيءَ لاءِ رات ڏينهن ڪم ڪيائين. ڀرپاسي جا چونڊيل بادشاهه هئڻ ناتي پنهنجي پونيَرن لاءِ پراڻهن ملڪن کان آيل زورآور فاتح آڏو آڻ نه مڃڻ وارو سبق ڇڏي ويو. وڏي ڪاميابيءَ سان اٽڪل پندرهن سال راڄ ڪيائين.

پنهنجي مقبول ترين بادشاهه خفيف جي گذاري وڃڻ تي سنڌ واسين کي هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجو بادشاهه چونڊڻو پيو: گهٽ ۾ گهٽ تيستائين لاءِ جيستائين سندن پنهنجي پسند واري بادشاهه جو ننڍڙو وارث انهي ڄمار کي رسي. منصوره تهس نهس ٿي چڪو هو ۽ انهي جي ٻيهر آباد ٿيڻ جي ڪا اميد نه هئي. گذاري ويل بادشاهه خفيف پاڻ پنهنجي سِر ٿريءَ کي نئين راڄڌاني بڻايو هو. سومرن جو شاهي گهراڻو اتي گڏ ٿيو ۽ سومار کي پنهنجو بادشاهه بڻايائون. هيءَ چونڊ به ڀرپورءَ جهڙي ئي ڀلي هئي، پر بدقسمتيءَ سان اها صرف 5 سال ڪن هلي. سومار 1031ع ۾ گذاري ويو ۽ انهي جي پٽ دودي، ٻاهرين دنيا ۾ راڄ بل ابن سومار طور سڃاپنڊڙ، پيءُ جي گادي سنڀالي. اها خبر ناهي ته آيا سندس پيءُ سومار ملتان کي پنهنجي راڄ هيٺ آندو هو يا نه. تاريخدانن ملتان کي 1010-11ع کان 1030-31ع تائين ٻنا بادشاهه جي ڄاڻايو آهي. هي اهو دور آهي، جڏهن سنڌ تي خفيف سومري ۽ انهي کان پوءِ واري سومار سومري جو راڄ هو. محمود هٿان ابوالفتح دائود جي قيد ٿيڻ کان پوءِ ملتان تي 1010-11ع دوران هڪ سال "محمود جي امير" جي ۽ 1011ع ۾ "محمود جي پٽ" جي حڪومت هئي. تاريخدانن ملتان پر ڳٽي کي انهي تاريخ کان وٺي 1030ع ۾ ابن سومار راڄ بل جي اتان جو حاڪم بڻجڻ تائين ٻنا بادشاهه ڄاڻائڻ وڌيڪ بهتر ڄاتو آهي. آيا انهي کي اهو عهدو وراثت ۾ مليو يا حملي سان؟ انهي سوال جو جواب ڪنهن تاريخدان نه ڏنو آهي. مفروضو وراثت واري خيال جي زبردست پٺڀرائي ڪري ٿو: ابن سومار راڄ بل پنهنجي پيءُ چونڊيل بادشاهه سومار سومري جي گاديءَ تي ويٺو، انهي 1054ع ۾ وفات ڪرڻ تائين سموري سنڌ تي راڄ ڪيو ۽ "بادشاهي" پنهنجي حقيقي وارث پونگر-ڀرئين وٽ ڇڏي.

ابوالفضل پنهنجي مُستنِد ڪتاب "آئينِ اڪبري" (ڀاڱو ٻيو صفحو 120) ۾ اسان کي ٻڌائي ٿو ته ڇٽيهه سومرن شهزادن سنڌ ۽ ملتان تي 500 سالن تائين





حڪمراني ڪئي. فرشتا انهي سان سالن جي انگ تي هن طرح ڇئي متفق ٿئي ٿو ته: "سومرن زميندارن 500 سالن تائين راڄ ڪيو." (ڀاڱو چوٿون صفحو 411) هي ٻئي پروسي جوڳا تاريخدان، بيگلارنامي جي پٺڀرائيءَ سان، جيڪو سالن جو انگ 505 ڏئي ٿو، سومرن جي حڪمرانيءَ جي 500 سالن واري انگ تي متفق آهن. اهڙي ريت اهي بادشاهن جي انگ 36 تي پڻ متفق آهن، ڇاڪاڻ ته سالن جي انگ ۾ فرق اچڻ سان بادشاهن جي انگ ۾ به فرق اچڻ فطري آهي. انهي صورت ۾ ائين ٿيندو ته جيڪڏهن اسان بادشاهن جو انگ 36 رکون (۽ ڪو سبب ناهي ته ڇو نه رکون) ته اسان کي مڃڻو پوندو ته ملتان ۽ سنڌ جا سومرا بادشاهه گهڻي ڀاڱي ساڳيا ئي هئا، پر ڪڏهن ٻنهي هنڌن تي هڪٻئي کان آزاد ڌار ڌار بادشاهه پڻ رهيا. انهي نبيري جو هڪڙو ڏس اسان کي ڪيترن ئي آتم ڪٿائي ڪتابن ۾ ملي ٿو، جن ۾ حضرت جلال الدين بخاري اُچ واري پاران سومري بادشاهه کي ائين چوڻ جي ڳالهه ڪيل آهي ته: "سومرا ڇريو ٿيو آهين ڇا؟ ۽ بادشاهه حواس وڃائي ويٺو." ڳالهه ۾ اڳتي چيل آهي ته بادشاهه جي ماءُ جي التجا تي بادشاهه صحيح ٿيو. هاڻ جيڪڏهن بادشاهه جي ماءُ اتي ويجهي اُچ ۾ ئي هئي ته انهي جو مطلب ٿيو ته بادشاهه اُچ جو بادشاهه به هو. تاريخدانن هنن بادشاهن جا نالا نه ڏنا آهن، سواءِ انهن جي، جن جو ذڪر نالي سان ڪرڻ سندن لاءِ بنهه اٽڙ هو. جيڪڏهن انهن سڀني بادشاهن جو بنا رَکَ ذڪر ٿيل هجي ها ته انگ پڪ سان فرشتا، بيگلارناما ۽ ابوالفضل وارو ڏسيل يعني ڇٽيهه وڃي بيهي ها. ان ريت سومرن جي حڪمرانيءَ وارن سالن جو انگ گهٽ ۾ گهٽ 500 سال ۽ سندن بادشاهن جو انگ 36 بلڪل ثابت ٿئي ٿو.

1030-31 (421هه) ۾ سلطان محمود غزنوي گذاري ويو. پٽس سلطان مسعود سندس گاديءَ تي ويٺو، جنهن پنهنجي ڀاءُ محمد کي انڌو ڪرايو. مسعود اُچ تي حملو ڪيو ۽ انهي کي ڦريو لٽيو، جتي 1010-11ع ۾ ملتان تي قبضي ٿيڻ کان پوءِ اتان جا امير ۽ مالدار ماڻهو اچي آباد ٿيا هئا. 1032ع (423هه) ۾ ابن سومار کي شام واري مُقطانه پاران درُوزي مسلڪ قبولڻ ۽ انهي جي واڌ ويجهه ۾ مدد ڏيڻ جي دعوت ملي. انهي اسماعيلي ئي رهڻ بهتر ڀانئيو. ٽيويهه سال سک سانت سان راڄ ڪيائين ۽ سندس دور ۾ ملتان توڙي سنڌ جا ماڻهو سکيا ستابا ٿيا. ملتان ۽ سنڌ ۾ ڪو واقعو نه ٿيو، باقي غزنوي گهراڻي ۾ هي ٿيو:



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

سلطان مسعود کي سلجوقين 1040ع ۾ شڪست ڏني. اهو پنهنجي انڌي ڀاءُ محمد کي تخت تي بحال ڪري ۽ هندستان ڏانهن موٽيو، پر سنت ئي محمد جي پٽ احمد ڪيس ماري وڌو. انهي کان پوءِ سلطان مسعود جي پٽ مودود غزنيءَ تي قبضو ڪيو. انهي ابو نصر کي لاهور جو گورنر ڪري موڪليو. هن ماڻهوءَ سنڌ خلاف مهم جوئي ڪئي، پر سندس موٽندي ئي سنڌ ۽ ملتان بغاوت ڪئي. 49-1048ع (440هه) ۾ سلطان مودود پنهنجي پٽ ابوالقاسم محمود کي لاهور ۾ سنڌ ۽ پنجاب جو گورنر مقرر ڪيو. سندس ڪوتوال ابو علي سنڌ، ملتان، پشاور ۽ ڪشمير ۾ بغاوت ختم ڪئي. مودود گذاري ويو ۽ سندس ٽن سالن جي پٽ مسعود کي بادشاهه نامزد ڪيو ويو، پر مودود جو ڀاءُ علي ابوالحسن ٻار کي تخت تان لاهي پاڻ بادشاهه بڻجي ويو. اهو هڪ ڪمزور حڪمران هو. محمود غزنويءَ جو ڇهون ڀاءُ راشد، جيڪو قيد ۾ هو، تنهن کي درٻارين آزاد ڪيو. اهو پنهنجي ڀائٽيي کي تخت تان لاهي پاڻ بادشاهه بڻجي ويو.

حڪمرانن لاءِ پنهنجي حريفن کي تُرَ ڏيکارڻ جو بلڪل سولو طريقو انهن کي ملحد، ڪافر، دهريا، باغي ۽ متي قِريا مشهور ڪرڻ هوندو آهي. ائين ڪرڻ سان حڪمرانن جا سمورا قدم حق تي ۽ ضروري ليکجڻ لڳندا. ڪنهن حڪمران کي جڏهن ڪنهن ٻئي راڄ گهراڻي جي قبضي هيٺ ڪنهن خاص پرڳڻي تي قبضو ڪرڻو هوندو آهي ته اهو يا ته انهي راڄ گهراڻي کي جسماني طور ميساريندو آهي يا اهڙي قسم جون بڇڙيون ڳالهيون هُلائي ماڻهن جي دلين ۾ انهي خلاف سخت نفرت ويهاريندو آهي. غزنوين، غورين، تغلق ۽ خلجين جي دورن ۾ سومرن خلاف انهي قسم جون گنديون ڳالهيون وڏي منظم انداز ۾ هُلايون ويون. ڪٽر سُنين، جن کان شيعا ئي سَنا نٿي ٿيا، سومرن تي قرمطي، مُلحِد، ڪافر ۽ کهڙا کهڙا نه ليبل هنيا. حملي آورن پاران 'ڪنهن کي بدنام ڪيو ۽ ٽنگي ڇڏيوس' واري پاليسيءَ هيٺ سومرن کي ٽنگ ڪيو ويو ۽ وار مٿان وار ڪيا ويا. پر انهي سڀ ڪجهه هوندي به سومرن جو عظيم تاريخ ساز راڄ گهراڻو سدائين وانگر اڃا به زندگيءَ جي هر ميدان ۾ اڏول بيٺو آهي.








باب سورهون

# اقتدار جمائڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻ جي صدي (1200 – 1300ع)

سال 570 ۽ 666هه حضرت بهاءُالدين ذڪريا ملتاني جي ڄمر ۽ وفات جا لڳ ڀڳ سال چيا وڃن ٿا. سنڌ لاءِ عام طور ۽ ملتان لاءِ خاص طور، اها انهي هٿان تعليم، هنر ۽ ثقافت ذريعي پيڙيل ماڻهن جي ڀيهر بحاليءَ واري صدي آهي. هن عظيم شخصيت لاءِ اسان سومرا دور جي بادشاهن ۽ فاتحن جي پيٽ ۾ هڪ ڌار سڄو باب رکنداسين.

عمر سومرو مڙسيءَ سان چاليهه سال حڪومت ڪري چڪو، تڏهن سندس پونيَر دودي-ڀٽين غوريءَ جي هلائن ڪي منهن ڏيڻ وارو ڪنڌن وارو تاج پاتو. اهو 590هه (1194ع) ۾ گذاري ويو. دودي-پهرئين جي پونيَرن منجهان پونئِگر تخت تي ويٺو. هڪڙي تاريخدان دودي جو نالو دائود لکيو آهي. عراقي ۽ سُرياني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ پهلوان، سگهو ۽ ڻاهوڪو ڳڀرو پڻ آهي. 598هه (1201ع) ۾ شاعر ۽ اسماعيلي داعي شمس الدين سبزواري سنڌ ۾ آيو ۽ ملتان ۾ آباد ٿيو، جتي اهو اڳلا 76 سال رهيو ۽ پرچار ڪندو رهيو. انهي سنڌي ۽ سرائڪيءَ (انهن ڏينهن ۾ ملتاني سڏبي هئي ) ۾ بيت چيا. انهي جي ملتان اچڻ وقت بهاءُالدين ذڪريا ويهن سالن جو هو ۽ اڃا ملتان نه ويو هو. (ڏسو جِي. اي. الانه جو ڪتاب "سومرن جي دور جي سنڌي شاعري"، مهراڻ نمبر 1 ۽ 2، 1960، ص ص. 130 ۽ 51)

1206ع (602هه) ۾ محمد غوري جهلم ضلعي ۾ ديمڪ وٽ هڪ اسماعيلي کوکر هٿان قتل ٿيو. سندس پائٽيي محمود وارثيءَ جي دعويٰ ڪئي، پر سندس ٽي





جنرل قطب الدين، ناصرالدين قباچه ۽ يَلدوز ترتيبوار دهلي، سنڌ، ملتان ۽ اُچ ۽ غزنيءَ ۾ آزاد حاڪم بڻجي ويهي رهيا. محمود (غوريءَ جو مٽي ڄاڻايل پائٽيو)، جيڪو فيروزڪوهه ۾ بادشاهه بڻيو، قطب الدين ايبڪ ڏانهن خلعت موڪلي انهي کي نندي ڪنڌ اندر سيني غوري علائقن جو حاڪم بڻائي ڇڏيو. انهي موجب ايبڪ 602هه (1207ع) ۾ بادشاهه بڻيو.

ناصرالدين قباچه ايبڪ جون هڪٻئي پٺيان ٻه ڌيئر پرڻيو هو، جڏهن ته ٽين ڌيءَ بدايون جي گورنر التتمش جي زال هئي. قباچه پنهنجي سهري ايبڪ جي حاڪميت اعليٰ نالي ماتر مڃيندو هو. ورلي دهليءَ ويندو هو.

بدقسمتيءَ سان چار سال پوءِ قطب الدين ايبڪ پولو راند ۾ گهوڙي تان ڪري مري ويو. پٽس آرام شاهه نئون بادشاهه هڪ ڪمزور حڪمران هو. انهي جو فائدو وٺندي قباچه اُچ ۽ ملتان فتح ڪري ورتا، پنهنجا سِڪا جاري ڪيائين ۽ پاڻ کي آزاد بادشاهه سڏائڻ لڳو. اهو ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته سومرا اڃا به لاڙ سنڌ تي بنا ڪنهن هٿ چراند جي راڄ ڪري رهيا هئا. مبارڪشاهي ايبڪ پاران سيوهڻ تائين فتح ڪرڻ جي تصديق ڪري ٿي. طبقاتِ ناصري ٻڌائي ٿي ته قباچه ملتان، اُچ، بکر ۽ سيوهڻ فتح ڪيا. لاڙ سنڌ جو ڪو ذڪر نٿو ملي. حقيقت اها آهي ته سومرن صرف سلطان بلبن آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا.

ناصرالدين قباچه لاهور ۽ هاڻوڪي سرحد صوبي تي قبضو ڪيو، پر سٽت ئي التتمش هٿان شڪست کاڌائين ۽ ملتان موٽڻو پيس. لاهور ۽ سرحد صوبو يلدُوز جي هٿ هيٺ هئا، جنهن کي التتمش 1211-1210ع (607هه) ۾ شڪست ڏني. يلدُوز کي بدايون ۾ قيد ڪيو ويو، جتي اهو مري ويو.

قباچه پنهنجي حڪومت جون حدون هر پاسي وڌائيندو رهيو، پر تڏهن به ديبل تي چنيسر سومري جو راڄ رهيو، جنهن جي تصديق ان حقيقت مان ٿئي ٿي ته 1221ع ۾ خوارزم شاهه جي ديبل تي حملي وقت اتان جو حاڪم چنيسر سومرو هو.

جلال الدين خوارزم شاهه کي چنگيز خان 1221ع (618هه) ۾ سنڌو درياءَ جي ساڄي ڪنڌيءَ تي  شڪست ڏني. اهو درياءُ ٽپيو ۽ التتمش ۽ قباچه کان مدد اچي گهريائين، پر ٻنهي جواب ڏنس. لاهور پهتو، پنهنجي ڇڙوڇڙ ٿيل فوجين منجهان 10،000 گڏ ڪيائين ۽ لوڌياڻي سلسلي جي کوکرن کي شڪست ڏنائين. پوءِ انهي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

انهن جي حاڪم ۽ قباچه جي ويري راءِ ڪوڪر سنگين جي ڌيءُ سان شادي ڪئي. انهي ڪان پوءِ 7،000 جو هڪ جٿو قباچه جي پنيان موڪليائين. انهي جتي ڪاميابي ماٺي ۽ قباچه اُچ ويجهو هارايو. جيڪو اتان ڪسڪي ويو ۽ ڀڪر قلعي ۾ وڃي پناهه ورتائين. قباچه جي 20،000 فوجين کي اُچ ويجهو شڪست ڏيندڙ جلال الدين جو اُزبڪ جنرل طائي ڪئمپ پهتو ۽ قباچه جا ڪجهه سپاهي قيد ڪيائين. قباچه ملتان طرف ڪسڪي ويو. تيستائين شاهه پاڻ پهتو ۽ اُچ ويجهو ڪئمپ ڪيائين. شاهه قباچه ڏانهن ايلچي اُماٽي ملڪ امين جو پٽ ۽ ڌيءُ موٽائڻ لاءِ چيو، جيڪي چنگيز سان سنڌوءَ واري جنگ مان بچي نڪتا هئا. اهي موٽايا ويا ۽ درخواست ڪئي وئي ته شاهه ڀهراڙيون تباهه نه ڪري. ڪجهه عرصو پوءِ قباچه پاران ڏنُ نه ڀرڻ تي خوارزم شاهه اُچ تي حملو ڪيو ۽ انهي کي باهه ڏئي ساڙيو. سيوهڻ تي پڻ حملو ڪيائين. اتان جي گورنر فخر سالاري هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ امن گهريو، جيڪو منظور ٿيو. شاهه اتان ديبل طرف وڌيو.

1226ع (623هه) ۾ يونِگَر گذاري ويو ۽ گهٽو تخت تي وينو. جُويني انهي عرصي دوران حڪمران جو نالو چنيسر (چنيتر) ٻڌائي ٿو. هي ٻين بيانن ڪان وڌيڪ ڀروسي جوڳو آهي. خوارزم شاهه پنهنجو جنرل ملڪ خَلج خان پوئتي ڇڏي ويو هو. سندس قبيلن سيوهڻ ۾ پناهه ورتي هئي. اهي خوارزم شاهي سلطنت جي هڪ صوبي غزنيءَ جا رهندڙ خَلجي تُرڪ هئا. جڏهن اهو منگولن جي هٿن ۾ هليو ويو ته هي پناهه لاءِ سنڌ ڏانهن ڀڳا، جتي سندن سلطان خوارزم شاهه ڪجهه مهينا گذاريا هئا. ملڪ خانان خَلجي سِوستان (سيوهڻ) جي ڪجهه پرڳڻن تي قبضو ڪيو. ناصرالدين قباچه ساڻس جنگ جوٽي ۽ ملڪ مارجي ويو. باقي بچيل خَلجي دهليءَ ڏانهن ڀڄي ويا ۽ قباچه جي دشمن التتمش ڪان پناهه گهريائون. التتمش خَلجين جو بهانو ٻڌائي قباچه کي ڏنُ ڀري ڏيڻ لاءِ چيو ۽ نه مڃڻ تي التتمش انهي مٿان 1228ع ۾ ڪاهه ڪئي. قباچه پنهنجي وزير عينُ المُلڪ جي نگرانيءَ ۾ سمورو خزانو اُچ مان ڪڍائي ڀڪر قلعي ۾ پهچايو. التتمش اُچ تي قبضو ڪيو ۽ پنهنجي وزير نظامُ المُلڪ محمد بن اسد کي ڀَڪر قلعي تي ڪڙو چاڙهڻ لاءِ موڪليائين، جتي قباچه وڃي لِڪو هو. وزير نظامُ المُلڪ جي پهچڻ تي قباچه 22 جمادي الاول تي ڀڪر قلعي تان سنڌو درياءَ ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو. وزير قباچه جي سمورو





خزانو التتمش ڏانهن اُماٽيو ۽ ديبل تائين باقي بچيل سنڌ کي زير ڪرڻ لاءِ پنهنجا فوجي آفيسر مقرر ڪيا. قباچه اُچ ۾ ملتان تي 22 سال حڪمراني ڪئي. قباچه جي شڪست ۽ موت ڪان پوءِ لاڙ سنڌ جي سومري حاڪم سِنانُ الدين چنيسر التتمش آڏو آڻ مڃي: گهڻو امڪان آهي ته بهاءُالدين ذڪريا ملتانيءَ جي وچ ۾ پوڻ تي. انوقت چنيسر لاڙ سنڌ ۽ ديبل جو حڪمران هو. نظامُ المُلڪ جُنيديءَ سان گڏ دهليءَ ويو ۽ التتمش جو منصبدار ٿي رهڻ قبوليائين. سومرا صرف انهي ڀيري ئي دهليءَ جا منصبدار ٿيا. ڪَزلَڪ خان جي 629هه (33-1232ع) ۾ مرڻ تائين اُچ انهي جي حوالي رهيو. انهي جي مرڻ ڪان پوءِ سيف الدين ايبڪ اُچ جو گورنر مقرر ٿيو. سنڌ تي ڀڪ سان چنيسر سومري جي حڪومت هلندي رهي. پنهنجا علائقا پاڻ وٽ رکڻ واري شرط تي جُنيديءَ آڏو آڻ مڃڻ ۽ دهلي سلطان جو منصبدار ٿيڻ جو سبب اهو هو ته خوارزم شاهه ۽ اُڪتائي خان جي مُهمن لاڙ سنڌ کي ڪمزور ڪري ڇڏيو هو.

اپريل 1236ع (سومر، 26 شعبان، 633هه) ۾ التتمش جي مرڻ تي سِنانُ الدين چنيسر هڪ ڀيرو وري، نه رڳو پنهنجن سڀني پراڻن علائقن پر خضدار/جهالاوان (بلوچستان) تائين واڌو علائقن جو پڻ، آزاد حاڪم بڻجي ويو. اها صورتحال سمن جي اسرڻ تائين قائم رهي. بلوچن جي رند قبيلي جا غربت سٽيل ماڻهو پناهه ۽ گذران جي ڳولا ۾ سومرن جي علائقن ۾ اچڻ شروع ٿي چڪا هئا. جيستائين سومرا اقتدار ۾ رهيا، رندن اهو ڪم جاري رکيو. مير چاڪر خان جي خضدار جو فاتح بڻجڻ واري ڳالهه گهڻو پوءِ (پندرهين صدي عيسوي ۾) جي آهي. رند چوڪريءَ جي سومري شهزادي سان ميلاپ وارو واقعو افسانو نه پر هيٺين حوالن ذريعي ثابت ٿيندڙ هڪ نِج حقيقت آهي:

"ڳُرچاٽي پنهنجو نسل ڳورش سان ڳنڍيين ٿا، جنهن جو ڌرم تياڳيندڙ هندو پيءُ دودو حيدرآباد جي راجا ڀيم سين جو پڙپوٽو چيو وڃي ٿو. دودي کي همايون جي ڏينهن ۾ سنڌ مان نيڪالي ملي هئي ۽ سُڃ ۾ وات پلجي پيو هو. رند بلوچن، جن کي اهو رڻ ۾ پيل هٿ آيو، انهي کي موت جي منهن مان موٽائڻ خاطر سندس بدن کي گرمائڻ لاءِ هڪ نوجوان ڪنواري چوڪري موڪلي. ڳورش دودي جو انهي ڪنواري چوڪريءَ مان يا ڪجهه مطابق بلوچ امير نُور شاهَڪ جي ڌيءُ مان

پٽ هو ۽ گُرچاڻي يا گُرشاڻي گورِش جا پونيَر آهن." ڏسو گزيٽيئر ڊِي. جي. خان ڊسٽرڪٽ، ص ص. 70-71

"چنيسر پنهنجي ڀاءُ دودي کي زير ڪرڻ لاءِ خراسان جي بادشاهه کان مدد گهري. جڏهن شاهي لشڪر هليو ته دودي ايڏي وڏي لشڪر سان وڙهڻ جي سگهه نه ساريندي، پنهنجا سومرا گهر ڀاتي ۽ ذات وارا، جيڪي هزارن ۾ هئا، ساڻ ڪري پنهنجو ملڪ ڇڏي ڀڳو. ڪيچ مڪران پهتو، جتي گهڻا ئي بلوچ قبيلا اڳ ئي آباد هئا. رند قبيلي جي سردار ۽ بلوچ تُمندار شاهَڪ خان دودي سان گهري دوستي رکي ۽ ٻئي گڏ رهڻ لڳا. شاهَڪ خان بيبي مازاهه نالي پنهنجي ڌيءُ دودي جي پٽ کي پرڻائي ڏني. بلوچ رواج موجب دودو ڦِري دودا خان تُمَندار ۽ سندس قبيلو دودائي، مزراڻي تي ويو. انهي بيبي مازاهه جي بطن مان دودي کي هڪ پٽ ڄائو، جنهن تي گورِش خان نالو رکيو ويو. جڏهن اهو ارڙهن سال عمر جو ٿيو ته دودا خان گذاري ويو. گورِش خان پنهنجي پيءُ جي جاءِ تي تُمَندار ٿيو. ٻن ٽن سالن کان پوءِ شاهَڪ خان تُمَندار پڻ گذاري ويو ۽ انهي جو پٽ مير چاڪر پنهنجي پيءُ جي جاءِ تي تُمَندار ٿيو. ٻئي اڳي وانگر پاڻ ۾ گڏ رهندا رهيا. مير چاڪر جي گهرام خان لاشاريءَ سان جنگ لڳڻ وقت گورِش خان مير چاڪر سان هو. ڏسو راءِ هِتُو رام جو ڪتاب 'گل بهار'، 1862 وارو ڇاپو.








ڪامل القادري، نِسا ٽريڊرز، جناح ڪلاٽ مارڪيٽ، ڪوئٽا پاران ترجمو ڪيل لانگوَرٿ جي ڪتاب "بلوچ قبائل" (ص. 129) ۾ ڏنل شجري نمبر 11 مطابق




دودائي نسب جو سلسلو هن ريت آهي:

راءِ بهادر هِتُو رام ۽ سيّد محمد شاهه لُنڊي سيدان واري جي ڏنل شجري مطابق گُرچاڻين جو نسب جو سلسلو هن ريت آهي:

1230ع کان 1398ع جي وچ تي منگولن جون ڪاهون خيبر لَڪ رستي نه پر گهٽي ياڳي بولان ۽ گومل لڪن رستي ٿيون، جنهنڪري اُچ ۽ ملتان تي سدا حملا ٿيا. خيبر لڪ رستي اچڻ وارا لاهور ملتان ڪڙڪندا هئا. ڪو اهڙو سال نه گذريو، جڏهن منگول شهر ۽ ڳوٺ ڦرڻ نه آيا. طبقاتِ ناصري منگول لفظ ڪم آڻي ٿي، پر برني انهن کي مُغل سڏي ٿو: معنيٰ چنگيز نسل جا ڪِنا ڏِپرا ويڙهاڪ. طبقاتِ اڪبري مُغل بدران مَغل لفظ ڪم آڻي ٿي. بدايوني مُغل ۽ مَغل ٻئي لفظ ڪم آڻي ٿو. انهن اٽڪ حملن دهليءَ جي سرحدي چوڪين اُچ ۽ ملتان کي ڏکي صورتحال ۾ وجهي ڇڏيو. انهي ڪري دهلي سلطنت جي وڏيڪ پڪيڙ رکجي وئي ۽ اُچ کان ڏکڻ پاسي وارن علائقن تي سومرا آزاديءَ سان راج ڪندا رهيا. اهي هاڻ سچ پچ آزاد ۽ ڪنهن بہ قسم جي هٿ چراند کان آجا هئا، سواءِ التتمش، بلبن ۽ شايد علاءُالدين خلجيءَ جي دورن واري ٿوري عرصي جي، جڏهن سومرن کان ڏَنُ ڀرايو ويو.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

التتمش جي مرڻ تي پٽس فيروز شاهه دهليءَ جو تخت سنڀاليو، پر اهو سنڌ حڪمران ثابت نه ٿي سگهيو. انهي تخت تياڳي ڇڏيو ۽ ڌيٽس رضيه سلطانه سنڌس وارث بڻي. التتمش غلام گهراڻي جي بادشاهن منجهان عظيم ترين هو. غوريءَ ديبل ۽ سنڌ جي سامونڊي ڪنڌين تي چڙهائي ڪئي، پر انهن تي پنهنجو اختيار نه ڄمائي سگهيو. سومرا التتمش پاران منصبدار بڻائڻ تائين آزاد رهيا. سنڌ (گهٽو ڪري اُچ ۽ سيوهڻ) جي گورنرن رضا خوشيءَ سان رضيه سلطانه جي اطاعت قبول ڪئي، پر سومرن بابت پڪ سان ڪجهه نٿو چئي سگهجي يا جيڪڏهن ڪئي به هونداؤن ته پڪ سان ستت ئي 1239ع ۾ اياز جي بغاوت وقت آزاديءَ جو اعلان ڪري ڇڏيو هونداؤن.

1241-42ع (639هه) ۾ ڳهٽي جي گذاري وڃڻ تي محمد طُور سومري تخت سنڀاليو. سنڌو نريءَ کي ڇڏي اولهه طرف وڃي وهڻ لڳو. تنهنڪري سومرا پنهنجي راڄڌاني نريءَ ڪان محمدو طُور (يا مهاتم طُور يا شاهه ڪپور) ڏانهن ڪٽي ويا، جنهن جا ڪنڊر بنوري تعلقي ۾ سنڌو درياءَ جي پراڻي واهڙ گونگڙي جي ڪنڌيءَ تي جاتي شهر کان پنجن ميلن جي پنڌ تي موجود آهن. شيخ الاسلام بهاءُالدين ذڪريا ملتاني (1182/578—1268/666 هه/ع) سکر ضلعي ۾ رهندو هو، جتي انهي کي لاڙ سنڌ جي بادشاهه محمد طُور سومري بحال ڪيو هو. شيخ سنڌ جي عرب حڪمران هباري گهراڻي منجهان هو. تاريخ فرشتا ڀاڱو-ٻيون (ص. 407) ۾ آهي ته: "شيخ بهاءُالدين ذڪريا، هبار بن اَسوَد بن مُطلِب بن اَسوَد بن عبدالعزيز بن اقصيٰ جي اولاد منجهان آهي. هبار اسلام قبوليو، پر سندس پائر بدر واري جنگ ۾ عمر ۽ عقيل سان گڏ ڪافر ٿي مئا. رسول پاڪ جي زماني واري سُوده، دامه جي ڌيءُ هئي." شيخ جي خليفي جلال الدين سرخ بخاري ڪيترن ئي سومرن کي سُني عقيدي ۾ آندو، پر وڏي اڪثريت وري به چوڏهين صديءَ جي وچ تائين اسماعيلي رهي، جڏهن مخدوم جهانيان اُچ واري جي اثر سبب گهٽڻ اهو فرقو ڇڏيو.

باغي اڳواڻن هٿان شڪست کان پوءِ رضيه سلطانه کي قيد ڪري مَلڪ اَلتُونيه ڏانهن موڪليو ويو. انهي ان سان شادي ڪئي ۽ ٻيهر دهلي هٿ ڪرڻ لاءِ لشڪر تيار ڪيو، جتي ڀاڻس بهرام شاهه کي نئون بادشاهه بڻايو ويو هو. ڪيٿل ويجهو





شڪست کاڌائين ۽ جان بچائي ڀڄڻ لڳي. واٽ تي ڪيس ۽ ملڪ التُونيه کي ڦورڻ ماري وڌو. 1242ع (639هه) ۾ سلطان بهرام شاهه (مُعزالدين) قتل ٿي ويو ۽ علاءُالدين جي پٽ رُڪن الدين فيروز شاهه کي، جيڪو انوقت تائين قيد ۾ هو، نئون سلطان بڻايو ويو. درٻاري غياث الدين بلبن دهليءَ تي قبضو ڪرڻ ٿي گهريو. انهي کي خوش ڪرڻ لاءِ علاءُالدين مارواڙ، اجمير ۽ سنڌ سندس جاگير ۾ ڏنا. 1234ع (643هه) ۾ منگول سنڌو درياءَ ٽپيا ۽ اُچ تي ڪڙو چاڙهيائون. سلطان مسعود اهو ٻڌي جوابي حملي جون تياريون ڪيون، پر منگول خراسان ڏانهن هليا ويا. ائين ٿو لڳي ته منگولن انوقت تائين اڃا بلوچستان ۾ پنهنجي سِر پير نه ڄمايا هئا ۽ سنڌن جاگيردار ڪِرمان جي حاڪم ڪارا خطائي جو سنڌ جي دنگن تائين مڪران تي پڻ قبضو هو، پر انهي صديءَ جي پوئين اڌ ۾ انهن ڪوئيٽا ڊويزن تي قبضو ڪري ورتو.

1244-45ع (643هه) ۾ منگُوتا نالي منگول تُخارستان جي سرحدن کان هڪ لشڪر وٺي اُچ ۽ مٿين سنڌ جي علائقن ۾ گهڙي آيو. دهليءَ جا سمورا درٻاري ڀڏتر ۾ هئا، پر ملڪ اُلُغ خان هڪ لشڪر منظم ڪيو ۽ اُچ ڏانهن خط روانا ڪيا، جن منجهان ڪجهه منگولن جي هٿ لڳا، جن دهليءَ جي وڏي لشڪر جي ڊپ کان اُچ جي قلعي تان ڪڙو لاٿو. 1245ع ۾ منگولن مُعزالدين جي اڳواٽيءَ ۾ لاهور تي قبضو ڪيو ۽ علاءُالدين مسعود جي تخت نشيني ۽ ڪجهه وقت پوءِ تائين انهي تي قبضو برقرار رکيائون. انهي فتح سبب انهن اُچ تي سجر ڪاهون ڪيون. سلطان مسعود شاهه پنهنجي لشڪر سان گڏ اُچ ڏانهن وڌيو. سندس پهچڻ جي خبر ٻڌي منگول خراسان ڏانهن هليا ويا. منگولن جي تخارستان، خطيان ۽ غزنيءَ وارن فوجي جٿن جي سربراهه منگُوتا، چنگيز خان جي پٽ اُڪتائي خان جي حڪم تي اُچ ۽ ملتان تي حملو ڪيو. سندس پهچڻ تي ملتان جو والي ملڪ سيف الدين حسن قُرلغ شهر ڇڏي ڀڳو ۽ سِوستان ۽ ديبل جو رخ ڪيائين. منگُوتا اُچ تي ڪڙو چاڙهيو، شهر جا پاسا اوسا اجاڙي ڇڏيائين، پر شهر تي قبضو نه ڪري سگهيو. انوقت تائين سمورو ايشيا ۽ بياس تائين ننڍو کنڊ منگولن جي قبضي هيٺ اچي چڪا هئا. انهي سان اهڙي صورتحال اڀري جو سومرا آزاديءَ سان حڪمراني ڪري سگهيا.

1246ع (644ھ) ۾ منگولن ملتان تي حملو ڪيو، پر اتان جو گورنر حسن قُرلغ لاڙ سنڌ ڏانهن ڀڄي ويو. اُلغ خان (اڳتي هلي سلطان بلبن بڻيو) منگولن کي دهلي سلطنت جي حدن مان ڊوڙائي ڪڍيو. ساڳئي سال سلطان مسعود کي تخت ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ويو. تخت ڇڏڻ کان اٺ ڏينهن پوءِ انهي کي گرفتار ڪري قيد ڪيو ويو. اهو زندان ۾ مري ويو. سندس چاچي ناصرالدين (التتمش جو پٽ) کي نئون سلطان بڻايو ويو. بادشاهه 51-1250ع (648ھ) ۾ بلبن بزرگ کي مٿين سنڌ (اُچ ۽ ملتان) موڪليو، جيڪا سندس جاگير بڻائي وئي هئي. هن ماڻهوءَ هڪ سال کان پوءِ بغاوت ڪئي. سلطان بغاوت کي چٿڻ لاءِ ملتان جي حاڪم شير خان کي موڪليو. شير خان اُچ تي ڪڙو چاڙهيو ۽ بلبن بزرگ آڏ مڃڻ تي مجبور ٿيو. بادشاهه ٻئي سال سلطان صفر کي صرف مٿين سنڌ جو گورنر بڻايو ۽ سومرن جو راڄ لاڙ سنڌ تي هلندو رهيو. اهي التتمش جي مرڻ تي ٻيهر آزاد ٿيا هئا. هن عظيم قوم جو سک سانت ڦِٽائڻ جي ڪنهن کي جرئت نه ٿي.

محمد طُور سومرو گذاري ويو ۽ گهڻو-ٻيون سنڌ جو حاڪم بڻيو. ٻه سال اڳ مَلڪ بلبن ڪِشلُو خان اُچ ۽ ملتان موٽائي ورتا هئا، پر اهو دهلي سلطان کان ڦِري ويو. مغلن کان دهلي فتح ڪرڻ ۾ مدد وٺڻ لاءِ انهي پنهنجو پٽ هلاڪوءَ وٽ گروي ڪري موڪليو. 1257ع (655ھ) ۾ منگولن جي پاڇي (حاشيہ بردار) مٿين سنڌ جي والي ڪِشلُو خان (ملڪ بلبن) قُتلُغ خان سان گڏجي پنهنجون فوجون بياس رستي دهليءَ تي حملي لاءِ وڌايون، پر ڪيس پوئتي موٽڻو پيو جو سلطان ناصرالدين شهر جي بچاءَ جو پڪو پهه ڪري چڪو هو. هن ڪم لاءِ انهي اُلغ خان (اڳتي هلي سلطان بلبن) کي مقرر ڪيو. هنن حالتن سومرن کي بنا هٿ چراند آزادي برقرار رکڻ ۾ مدد ڏني.

1259ع (657ھ) ۾ سومرو بادشاهه گهڻو-ٻيون گذاري ويو ۽ پٽس دودي سندس گادي سنڀالي. انهي 14 سال راڄ ڪيو. سندس ڏينهن ۾ بهاءُالدين ذڪريا ۽ پير پٺو (سنڌ وارو) گذاري ويا. سلطان ناصرالدين پڻ گذاري ويو ۽ انهي جي جاءِ تي غياث الدين بلبن (التتمش جو هڪ تُرڪ غلام) کي دهليءَ جو بادشاهه بڻايو ويو.

73-1272ع (671ھ) ۾ دودو پٽ گهڻو سومرو گذاري ويو ۽ انهي جو پٽ طائي سنڌ جو بادشاهه بڻيو. انهي جي ڏينهن ۾ سيّد عثمان مروَندي شمس الدين لال







شهباز قلندر 112 سالن جي ڄمار ۾ سيوهڻ ۾ گذاري ويو. 1276ع (676ھ) ۾ اسماعيلي داعي پير شمس الدين سبزواري سنڌ ۾ آيو ۽ ايندڙ 65 سالن تائين پنهنجي عقيدي جي پرچار ڪندو رهيو. سندس نصيحتن ڀري سنڌي شاعري اڄا تائين هلي پئي. انهي کي نِيزارين جي اٺتيهين امام قاسم شاهه 11-1310ع ۾ پنجاب ۽ سنڌ ڏانهن موڪليو هو، جتي انهي لوهاڻن کي هڪ نئين مسلڪ نُوربخشي ۾ آندو.

84-1283ع (682ھ) ۾ طائي سومرو گذاري ويو ۽ چنيسر تخت تي ويٺو. انهي 18 سال راڄ ڪيو. انهي جي حڪمرانيءَ دوران 98-1297ع (696ھ) ۾ علاءُالدين جو جنرل ظفر خان سنڌ تي ڪاهي آيو. لوڪ ڪهاڻيءَ مطابق سنڌ جو حاڪم دودو هو ۽ چنيسر علاءُالدين کي گهرايو هو، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهو دودي کي تخت تان لاهي چنيسر کي انهي جي جاءِ تي ويهارڻ آيو هو. دودي-چنيسر وارا لوڪ داستان تاريخ نه پر ڪوڙا قصا آهن. علاءُالدين سنڌ ڏانهن نه آيو هو. ائين ٿي سگهي ٿو ته ظفر خان چنيسر کي ڏيهي بغاوت ۾ مدد ڪئي هجي. لوڪ ڪهاڻي هن ريت آهي:

## دودو_چنيسر

سنڌ جي اتهاس ۾ سورهيائي ۽ سخاوت ۾ مشهور دودو هڪ سومرو شهزادو هو. دودي ۽ چنيسر جي ڪهاڻي هڪ ڪُوپائي ڪٿا آهي ۽ هنن ٻنهي معتبر شخصيتن منجهان ڀِريون صوبي جي ڀٽن، ڀانن ۽ شاعرن وغيره ۾ ڏاڍو مقبول آهي.

اهي پاڻ ۾ ڀائر هئا: سومرا گهراڻي جي شهزادي پونئِگر جا پٽ: ڀِريون ننڍو ۽ پويون وڏو. سندن پيءُ جي وفات تي دودو، جنهن جو سچو سپاهه طرفدار هو، چنيسر جو حق ماري ۽ تخت تي ويهي رهيو. ڀِڳ ٻڌڻ واري ڏينهن ماڻهن جا هُوڪرا ٻڌي چنيسر جي ماءُ انهن جو ڪارڻ پڇيو. جڏهن پٽس ماجرا ٻڌايس ته چيائين: "تُنهنجي بدران هوند الله سائين مونکي ڌيءُ ڏئي ها ته چڱو هو."

ماءُ جو مِهڻو چنيسر لاءِ نياڳ جي انتها هو ۽ ڏکويل چنيسر ٻي ڪا واهه نه ڀانئي مغل کان مدد وٺڻ لاءِ دهليءَ ڏانهن نڪري پيو. انهي وسيع راڄڌانيءَ ۾

بادشاهه ۽ سنڌس دربار ۾ سڃاڻپ لاءِ هن ڪجهه عرصو بيڪار ڪوششون ڪندي گذاريو. نيٺ جڏهن قبوليت کان ڪُتو جواب مليس تہ، واٽ تي هڪ ڏنار کان ورتل جادوءَ جي لٺ جي هڪ ڏڪ سان، سلطان جي پياري هاٿي مکني کي ڦيراتي ڏيارڻ جو ڪو موقعو تاڙڻ لڳو. ڪيس انهي ڏوهه ۾ علاءُالدين پادشاهه آڏو نيو ويو ۽ وزير مَدَنُ المُلڪ ڪانئس پڇا ڳاڇا ڪئي. هن ائين ڪرڻ جو مقصد ٻڌايو ۽ انهي کان سواءِ اڪيلي سِر هڪ واڳهه ماري پنهنجي سگهه ثابت ڪيائين. سلطان سنڌس سورهيائيءَ تي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سنڌس بادشاهي ڪيس موٽرائي ڏيڻ لاءِ پنهنجي سِر تيار ٿيو.

مغلن جو لشڪر جڏهن جيسلمير پهتو تڏهن چنيسر بادشاهه کي صلاح ڏني دودي ڏانهن خط لکرايو تہ ڏَنَ ۾ ٻہ يا ٽي سومريون ڏي. سنڌيءَ (دودي) پنهنجا سڀ ذات وارا گڏ ڪيا، جن راءِ ڏني تہ اها گهُر پوري ڪرڻ اسان جي شان وٽان ناهي، پر انهي تي متفق ٿيا تہ هي معاملو اهڙي قسم جا مسئلا نبيرڻ ۾ ماهر هڪ ڪراڙي مگٿهار حوالي ڪرڻ ڪپي. فيصلي موجب ڪراڙي کي سوٽي اَستر واري ڪاريءَ ۾ وجهي بادشاهه جي حضور ۾ نيو ويو ۽ انهي بنا هڀڪ چئي ڏنو تہ سومرا ذات جي سورهن پيڙهين پاڻ تي اهڙو ٽِڪو ناهي لاتو. ان هوندي بہ دودي رتوچاڻ کي ٽارڻ خاطر هڪ سو گهوڙا ۽ هڪ هاٿي سلطان ڏانهن نذراني يا ڏَنَ طور موڪلي ڏنا. پهريان تہ اهو ماٺ ميٺ ۾ آڻ مڃڻ واري هن عمل تي مطمئن ٿيندو تي لڳو، پر چنيسر ڪيس چيو تہ قابض پاڻ سوکڙيون آڻي پيش ڪرڻ بجاءِ آڻ مڃڻ جي ڏيکاءَ طور جانور موڪلي، بادشاهه سلامت سان اهو سلوڪ ڪيو آهي، جيڪو ڪو آقا پنهنجي غلام سان ڪندو آهي. انهي تي علاءُالدين ڪاوڙ ۾ پرجي چڙهي هليو. دودي ساڻس مقابلي جون بلڪل سونهنڊڙ تياريون ڪيون. "شرم" (ڇگن جا ٻار ٻچا) پهريان اوڏار ڪپُوراٽي ڏانهن اُماٽيائون، پر پوءِ اهي ڪڇ جي سمي حاڪم مانجهي مڙس ابڙي ابڙاٽيءَ جي سام ۾ ڏنائون. ڪجهه ڏينهن جي اُجاتري ويڙهه کان پوءِ باقاعدي لڙائي لڳي. سنڌين پنهنجي ليکي بهادريءَ جا عجيب اسرار ڏيکاريا، ايستائين جو بادشاهه جي محافظن تي اڪيلي سِر حملو ڪيائين. تلوار سان ميڙ کي ويڍيندو، علاءُالدين جي لوهي پالڪي واري هاٿيءَ جي ران ۾ وڃي پنهنجو خنجر ٽُنبيائين ۽ انهي تي لٺ ڏئي مٿي چڙهڻ جي ڪيائين، پر سوين گهاوَن جو گهايل





بادشاهه تائين پهچڻ کان پهريان پٽ تي وڃي ڪريو.

انهي کان پوءِ سنڌين جي لشڪر پاڃ ڪاڏي ۽ مغل اوڏار کي شڪست ڏئي سمي تي حملو ڪرڻ لاءِ وڌيا. سمون پنهنجي دلپسند گهوڙيءَ تي چڙهيو، پاڻ کي هَني سان سُڪ ٻڌائين ۽ پنهنجي ڪوٽ مان دشمن تي جُلهہ ڪري نڪتو. سنڌس مُٺ ماڻهن جي ڪجهه منٽن اندر وڍجي وئي ۽ جڏهن پاڻ مئو تہ گهوڙي سنڌس لاش سوڌي ميدان مان ڀڄي وئي. سنڌس زال برج تان سمورو واقعو ڏسي رهي هئي. انهي پنهنجي مڙس جو لاش لاٿو ۽ انهي کي دريءَ ۾ سڌو ڪري ويهاري ڇڏيو تہ جيئن دشمن سمجهي تہ ابڙو اڃا جيئرو آهي. پر ڪوٽ تي ڪڙو چاڙهيو ويو ۽ عورتن بچاءَ جي ڪا واهہ نہ پائي، زهر پي، سچين سورمين وانگر موت کي ڳل لائي ڇڏيو.

ديس ڊوهي چنيسر کي جڏهن پنهنجي هٿان پنهنجي گهراڻي جي عزت تي ٽِڪو لڳڻ جو احساس ٿيو، تڏهن علاءُالدين کي پورو ڪرڻ جو پهه ڪيائين، جنهن سنڌس پاءُ ۽ مائٽ عزيز ختم ڪري ڇڏيا هئا. هو جام ابڙي جي اڪيلي ٻچيل پٽ ڏونگر راءِ وٽ ويو ۽ انهي سان گڏجي رٿائون ۽ منصوبا گهڙيائين. نتيجو اهو ٿيو تہ سنڌ ۽ ڪڇ جا سڀ ديس پريمي اٽي ڪٺا ٿيا، رڳو حجم پاڙيو ٿي پيو، جيڪو اڄ تائين انتهائي ڪميٺو ماڻهو ليکجي ٿو. لڳاتار جهڙپن، رات جي حملن ۽ لڙاين ستت ئي مغلن جو شاهي لشڪر ڪٽائي وڌو ۽ نيٺ بادشاهه رڳو ست گهوڙيسوار ساڻ ڪري ماٺيلي ڏانهن ڀاڄ ڪاڏي. اتي ڪيس اطلاع مليو تہ دهليءَ ۾ وڳوڙ پيدا ٿي چڪا آهن. نراسائيءَ وچان زهر ڳِتائين ۽ مري ويو.

1285-86ع (683ھ) ۾ منگول جنرل قُتلغ ۽ تيمور لاهور جي علائقي تي حملو ڪيو. ملتان جي گورنر سلطان محمد (سلطان بلبن جو پٽ) انهن سان جنگ جوٽي. اهو پاڻ مارجي ويو، پر منگول ڀڄي ويا. بلبن، سلطان محمد جي پٽ ڪَئخُسرُو کي ملتان ۽ سنڌ جو نئون گورنر مقرر ڪيو. سلطان بلبن جي مرڻ کان پوءِ درٻارين سنڌس پوٽي مُعزالدين ڪَئڪوباد کي نئون سلطان مقرر ڪيو. انوقت اهو بنگال جو گورنر هو. نئين سلطان ان پيءُ کان تہ متان سؤتس ملتان جو گورنر ڪَئخُسرُو سنڌس جاءِ وٺي، انهي کي پنهنجي دربار ۾ سڏايائين ۽ روهتڪ ويجهو

مارائي ڇڏيائين. اهو سيڪجهه 1287ع (686ھ) ۾ ٿيو.

اڳلي واقعي ڏانهن وڃڻ کان پهريان تُغلق بابت ڪجهه ٻڌائڻ ضروري آهي. ڪجهه تاريخدان چون ٿا ته ملتان جي مشهور محلي ڪوٽله تولي خان تي ڪوٽله تولي خان نالو هن ماڻهوءَ جي ڪري پيو. جيڪو هتي جائو ۽ اڳتي هلي دهليءَ جو بادشاهه بڻيو. مسٽر ايم. ايچ. پنهور ٻڌائي ٿو ته:" تُغلق سنڌ ۾ علاءُالدين خلجيءَ جي دور ۾ ڏاڍي بڇڙي حال ۾ آيو. جڏهن پاٽس اُلُغ خان (الماس بيگ) متين سنڌ جو گورنر هو. تُغلق، اُلُغ خان وٽ نوڪري ڪئي ۽ هڪ سوداگر جو مال چارڻ واري نوڪريءَ مان چڙهندو هڪ وڏي امير وارو مرتبو ماڻي غازي مَلڪ سڏجڻ لڳو."

پهرين فيبروري 1290ع (اٺويهين مُحَرَّم 689ھ) تي بلبن جو پوٽو سلطان ڪئڪوباد درٻارين جي ڇُرچ تي قتل ٿي ويو. اهڙي طرح دهليءَ جي غلام گهراڻي سلطانن جي 84 سالن واري راڄ جي پڄاڻي ٿي. درٻارين جلال الدين فيروز شاهه کي نئون سلطان نامزد ڪيو. امير خُسرُو جي مثنوي مِفتاحُ الفُتوح موجب جلال الدين خِلجي 3 جمادي الثاني 689ھ تي دهليءَ جو تخت سنڀاليو.

سلطان جلال الدين خِلجي 1296ع (695ھ) ۾ لاهور آيو ۽ پٽس اَرڪلي خان کي ملتان ۽ اُچ جو گورنر ۽ ظفر خان کي متين سنڌ جو گورنر مقرر ڪيائين. سنڌ مان ٿيندڙ آمدني اَرڪلي خان کي پگهار طور ملندي هئي. ساڳئي سال 17 رمضان تي سلطان جلال الدين خِلجي کي پنهنجي ڀائٽئي ۽ ناٺي علاءُالدين قتل ڪيو. جيڪو پوءِ پاڻ سلطان ٿيو. جلال الدين خِلجي جي زال پنهنجي سڀ کان ننڍي پٽ رُڪنُ الدين ابراهيم کي دهليءَ جو سلطان ڪري ويهاريو. سڀ کان وڏي پٽ اَرڪلي خان پنهنجي ماءُ جو فيصلو نه مڃيو. انهي دهليءَ تي حملي جي تياري ڪئي. علاءُالدين به بادشاهه ٿيڻ ٿي چاهيو. رُڪنُ الدين ابراهيم دهلي ڇڏي اَرڪلي خان وٽ ملتان ۾ وڃي پناهه ورتي. علاءُالدين دهليءَ پهتو ۽ سيني درٻارين کي لَٻيائين، جن ويساهه گهاتي وساري ڇڏي. علاءُالدين 19 ذِي الحج 695ھ تي پنهنجي تاجپوشي ڪئي ۽ پاٽس الماس بيگ يا اُلُغ خان کي 40،000 هزار سپاهه ڏئي ملتان تي قبضو ڪرڻ لاءِ موڪليائين. لاڙ سنڌ تي سومرا آزاديءَ سان راڄ ڪندا رهيا. اُلغ خان جي سربراهيءَ ۾ لشڪر بن مهينن جي ڪڙي ڪان پوءِ ملتان تي قبضو ڪيو. چاڪاڻ ته ملتانين ملڪ هرٽيمار جي اڳواڻيءَ ۾ غداري ڪئي ۽ اُلغ خان سان ملي ويا. شيخ



books.sindhsalamat.com



رُڪنُ الدين جي وچ ۾ پوڻ تي پيش پوڻ باوجود اَرڪلي خان ۽ رُڪنُ الدين کي پڪڙي، انڌو ڪري ۽ گواليار قلعي ۾ قيد ڪيو ويو. ملڪ هرٽيمار کي اَرڪلي خان جي جاءِ تي ملتان ۽ متين سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو. لُچين حرڪتن جي ڪري بدنام هرٽيمار ڪاسائين جا ڪوڙ گهر اڄ به ڪوٽله تولا خان ملتان ۾ موجود آهن.

1297-98ع (697ھ) ۾ منگولن کي جالندر ويجهو شڪست ڏيڻ کان پوءِ علاءُالدين خِلجي ملتان، اُچ، سيوهڻ يا ٺٽي ۾ ڪنهن به قسم جي بغاوت کي دٻائڻ لاءِ ظفر خان جي اڳواڻيءَ ۾ 10،000 گهوڙيسوار موڪليا. ظفر خان سيوهڻ جو قلعو فتح ڪيو. ٿي سگهي ٿو ته اهو لاڙ سنڌ ۽ ڪڇ ڏانهن به ڪاهي ويو هجي. ڪجهي روايتون ٻڌائين ٿيون ته علاءُالدين پاران پيچو ڪرڻ سبب سومرا ۽ سمان لاڙ سنڌ کان ڪڇ ڏانهن لڏي ويا، پر سنڌ جي جاڙيجي سمي لاکي جي پٽ رائيڌڻ جي پٽ گاجان جي پڙپوٽي ابڙي لشڪر تي حملو ڪيو ۽ انهي کي شڪست ڏئي سنڌوءَ جي واهڙ گونگڙي متان آباد راڄڌاني طُور جي سومرا شاهي گهراڻي جي عورتن کي بچائي ورتو. هڪڙي ٻي روايت ٻڌائي ته انهي جنگ ۾ ڪجهي سردار ابڙي سمي پنهنجي جان ڏني، پر سومرن جي عورتن کي بچايائين.

1300-01ع (700ھ) ۾ چنيسر بن طائي گذاري ويو ۽ يونئِگر-ٿيون راڄ ڌڻي بڻيو.

انهي جي دور ۾ پير صدرالدين بن پير شهاب الدين جيئرو هو. اهو سبزوار ۾ جائو. 819ھ ۾ اُچ ۾ گذاري ويو. اهو هڪ اسماعيلي داعي هو. پنهنجي پرچار ۾ ڏيهي ٻولي ۽ سنڌي ڪم آڻيندو هو. سنسڪرت سکيو ۽ هندو نالو هريش چندر يا سوها ديوا اختيار ڪيائين. انهي داس اَوتار نالي هڪ ڪتاب لکيو. جنهن ۾ هو پياري پيغمبر محمد (صلي الله عليہ وسلم) کي برهما، عليءَ کي وِشنُو ۽ آدم کي شِو سڏي ٿو. پنهنجي مريدن کي خواجا (هنرمند، پڙهيل لکيل ماڻهن، واپارين ۽ حڪيمن لاءِ فارسي لفظ) سڏيندو هو. جيڪو اڳتي هلي خوجا ٿي ويو.

1314-15ع (715ھ) ۾ يونئِگر بن چنيسر گذاري ويو ۽ پٽس خفيف اڳلو حاڪم بڻيو. جيئن ته سنڌ جي تاريخ دهليءَ ۾ ٿيندڙ واقعن سان سڏي سنئين لاڳاپيل رهي آهي، تنهنڪري اتي سومرن جي دور ۾ جيڪو ٿيو، تنهن جو مختصر



www.sindhsalamat.com

احوال ڏيڻ ضروري ٿئي ٿو. 17-1316ع (716هه) ۾ سلطان علاءُالدين گذاري ويو. تاريخدانن جو چوڻ آهي تہ ڪيس ملڪ ڪافُور نالي پنهنجي ئي هڪ جنرل زهر ڏنو. ملڪ ڪافور علاءُالدين جي 5 يا 6 سالن جي پٽ شهاب الدين کي نئون سلطان ڪري ويهاريو. اهو ٻار بادشاهه علاءُالدين جي مرڻ کان 35 ڏينهن پوءِ مارجي ويو. تاجُ الملڪ ڪافُور بادشاهه جي ٻئي پٽ قطب الدين مبارڪ شاهه خِلجي کي نئون بادشاهه مقرر ڪيو. انهي جي مرڻ تي سنڌ ۽ ڪڇ تان دهليءَ جو اختيار ختم ٿي ويو. 1317 کان 1320ع (717 کان 720هه) جي وچ تي سومرا پنهنجي راڄڌاني ٿَٽي ڏانهن ڪٽي ويا. ساڳئي وقت انهن دهلي سرڪار جي غلاميءَ جو ڳارو بہ لاهي ڦٽو ڪيو. ٿٽي جا باني سومرا هئا. اهي پنهنجي راڄڌاني محمد طُور کان ٿٽي ڏانهن پڪ سان سنڌو درياءَ جي وهڪري ۾ آبي ڦيرقارن سبب ڪٽي ويا هوندا.

1320ع (720هه) ۾ خُسرو خان، جيڪو هڪ هندو غلام هو، مالوا مان قيد ٿيو هو، اسلام قبولي ۽ ترقي ڪندو دکن جي سيني صوبن جي گورنر جي عهدي تائين پهتو هو، سلطان قطب الدين مبارڪ شاهه کي قتل ڪرايو ۽ ٻئي ڏينهن پاڻ کي سلطان ناصرالدين سڏي سلطان بڻيو. ملڪ غازي (تُغلق) پنهنجي ذاتي سيڪريٽريءَ کي دهلي سلطنت جي ماتحت مختلف گورنرن ڏانهن سلطان جي موت جو پلاند وٺڻ لاءِ جنگ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ خط لکڻ لاءِ چيو. لاڙ سنڌ جي سومرن ڏانهن ڪو خط نہ لکيو ويو، جنهن جو مطلب آهي تہ سومرا پنهنجي بادشاهيءَ جا آزاد راڄ ڌڻي هئا. غازي مَلڪ ملتان ۽ سيوهڻ کان گهوڙا ۽ اوڳاڙيون نِيندڙ هڪ قافلو ڦريو ۽ اهو خزانو خُسرو خان کي شڪست ڏيڻ لاءِ ڪم آندائين. سپاهين کي ٻن سالن جون پگهارون اڳواٽ ڏنيون ويون. انهي قدم ۾ ڪاميابي خاص ڪري ملتان ۽ سنڌ جي فوجين جي ڪري ٿي. مَلڪ غازي (تُغلق) پاڻ کي غياث الدين تُغلق سڏائي دهليءَ جو تخت سنڀاليو.


books.sindhsalamat.com




www.sindhsalamat.com

## باب سترهون

# رومانوي صدي
## (1054 – 1181ع)

شيخ ابن سُومار راڄ بل (راڄ ڀل) بنا اولاد گذاري ويو. سومرن جي بادشاهيءَ جي باني خفيف جو پٽ ڀونئِگر تيستائين 30 سالن جو ٿي چڪو هو. سندس سنڌي نالي جي معنيٰ ٿئي ٿي ’ڌرتيءَ ڏٽي‘. اهو 55-1054ع (446هه) ۾ تخت تي ويٺو ۽ 15 سال سک سانت سان راڄ ڪيائين. سندس راڄ جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾ 460هه ۾ هڪ اسماعيلي داعي عبدالله سنڌ ۾ آيو. آرنلڊ پنهنجي ڪتاب ’دي پريچنگس آف اسلام‘ ۾ انهي جو ذڪر ڪيو آهي.

ڀونئِگر 69-1068ع (461هه) ۾ گذاري ويو ۽ دودو-پهريون تخت ڏٽي ٻٽيو. اهو دودو-ٻيون هجڻ گهرجي، پر تاريخدان انهي کي دودو-پهريون سڏين ٿا، ڇاڪاڻ ته پهرئين کي ابن سُومار سڏين ٿا. دودي-پهرئين جو دور آيو ته ڪا اهڙي ڏاڍي طاقت نه هئي، جيڪا سومرن جي ڦهلاءَ کي روڪڻ يا سامهون ٿيڻ جي سگهه رکندي هجي؛ سموري سنڌ ۾، ويندي اُڇ تائين. جتي راڄ بل جي وقت ۾ هڪ سومري شهزادي جي حڪومت هئي. عبدالله شائق سومري واري ’دولتِ علوِيہَ‘ ٻڌائي ٿي ته دودي-پهرئين 20 سان حڪومت ڪرڻ ڪان پوءِ 481هه (89-1088ع) ۾ تخت تياڳي ڇڏيو ۽ اڪيلائيءَ واري زندگي گهارڻ لڳو. ائين ڪرڻ جو ڪو ڪارڻ نه ڏنو ويو آهي. ٻين تاريخدانن هن واقعي کان نه صاف انڪار ڪيو آهي ۽ نه مڃيو آهي. انهي جي ڌيءُ زينب (تاري پڻ سڏجي ٿي؛ طاهرا جو اڌ نالو) پنهنجي ننڍڙي ڀاءُ بدران راڄ ڪيو. انهي 10 سال حڪومت هلائي ۽ ننڍڙي شهزادي سنگهار جي جوان ٿيڻ







تي 491هه (1098ع) ۾ راڄ انهي حوالي ڪري ڇڏيائين. هي واقعو سچ پچ ته ٻنهه انوکو آهي ۽ سومرا راڄ گهراڻي جي عورتن جي عظمت پڻ وڏي واکي ٻڌائي ٿو.

دودي-پهرئين جي دور ۾ اسماعيلي داعي سيّد نُورُالدين سَتگُر نُور ارڙهين امام شاهه مُستنصِر باِللہ جي حڪمن تي سنڌ ۾ آيو. انهي هندي، گجراتي، سنڌي ۽ سرائڪي لفظ گاڏڙ ٻوليءَ ۾ بيت چيا ۽ گِنان سڏجندڙ هنن بيتن ۾ پنهنجي مذهب جي پرچار ڪيائين. انهي جو ٻيو ڪتاب سَت پنٿ آهي.

انهي دور جو هڪڙو ٻيو واقعو راجا ڪيسر ديو وارو آهي، جيڪو سنڌ واري رِڻ (ٿر) ۾ ڪِيرتِي ڳڙهه جي حصي تي راڄ ڪندو هو. انهي بغاوت ڪئي، پر سومري حاڪم هٿان شڪست کاڌائين. ڪڇ ڏانهن ڀڄي ويو ۽ سندس پونيَر هڙپال ديو اتان گجرات ڏانهن هليو ويو. اتان جي راجا ڪرڻ ديو انهي کي پاتري ۾ ٻنيون ڏنيون. انهي طاقت حاصل ڪئي ۽ سنت ئي هڪ آزاد رياست قائم ڪيائين.

سنگهار (معنيٰ وڏي انگ ۾ ڪيريتي مال جو ڌڻي) صرف 9 سال حڪومت ڪئي. اهو پنهنجي پيءُ وانگر هڪ دلير حڪمران ثابت ٿيو. پنهنجي ملڪ جون حدون مڪران ۽ نانڪاڻيءَ تائين وڌايائين.

07-1106ع (500هه) ۾ سنگهار سومرو بنا وارث گذاري ويو. آر. سِي. مَجُمدار ۽ اي. ڊي. پُلسڪار جي ’هسٽري اينڊ ڪلچر آف انڊين پيپل‘ ڀاڱو 5 ص. 22 ٻڌائي ٿي ته انهي جي زال هَمُون سندس وارث ٻڻي. انهي اهو عهدو دراصل سومرن کان بادشاهي کسي گجرن حوالي ڪرڻ واري سازش هيٺ سنڀاليو هو. هَمُون پنهنجي ڀائرن منجهان هڪ کي، تنقيد کان بچڻ لاءِ پنهنجي نگرانيءَ هيٺ، حاڪم مقرر ڪيو، پر اهو ماڻهو هڪ سال کان پوءِ مري ويو. انهي کان پوءِ وري ٻئي ڀاءُ کي اهو عذر ڏئي مقرر ڪيائين ته ڀاءُ جي مدد سان پاڻ ٿي حڪومت ڪيائين، ڇاڪاڻ ته سومرن جي راڄ گهراڻي ۾ ڪو مناسب شخص موجود نه هو. ڦَتُو (فتح خان) نالي ٻئي پاڙس بادشاهيءَ تي پنهنجي مضبوط پڪڙ جا اهڃاڻ پڌرا ڪرڻ شروع ڪيا. انهي درٻارين ۽ سومرن اميرن ۾ شڪ اپاريا. نتيجي ۾ دودي-پهرئين جي اولاد مان خفيف نالي سومري شهزادي سازشين کي ماري ڀڄايو ۽ 07-1106ع (500هه) ۾ پاڻ تخت سنڀاليائين. جيڪڏهن اسان مسٽر ايم. ايڇ. پنهور جي چوڻ مطابق خفيف-ٻئين کي سنگهار جي زال جو ڀاءُ ۽ عمر-پهرئين کي وري انهي

خفيف (42-1142ع / 536ھ) جو ڀاءُ سمجهون ٿو اهي ٻئي ڀائر ۽ سندن پيڻ سنگهار جي زال هَمُون سڀ سومرا ثابت نہ ٿين، تہ اسان کي مڃڻو پوندو تہ سومرن جو راڄ ختم ٿي چڪو هو، ڇاڪاڻ تہ انهن جي حڪمراني 75 سالن کان وڌيڪ عرصي تائين هلي. خفيف-ٻئين اٽڪل 36 سال راڄ ڪيو ۽ انهي کان پوءِ تخت سنڀاليندڙ عمر-پهرئين 40 سال راڄ ڪيو ۽ ٻئي ڀاڻ ۾ ڀائر هئا. هي نہ مڃڻ جهڙو نہ تڏهن بہ مشڪوڪ ضرور آهي. عمر-پهريون خفيف-ٻئين جو پٽ هجڻ گهرجي. تحفت الڪرام ٻڌائي ٿو تہ وڳهہ ڪوٽ جي حاڪم دودي سومري پنهنجي ڀاڻيجيءَ وارن تي حملو ڪيو ۽ هَمُونءَ جي ڀائرن کي ماري مڃاياڻين. انهي وچ تي انهي ئي دودي جي پونيَرن منجهان هڪ ماڻهوءَ تخت سنڀاليو.

خفيف-ٻئين پنهنجي دور ۾ ڪڇ جو ڪجهہ ڀاڱو فتح ڪيو. انهي جي دور ۾ ٻيو ڪو اهم واقعو نہ ٿيو. اهو 42-1141ع (536ھ) ۾ گذاري ويو ۽ ڪانئس پوءِ عمر -پهرئين تخت سنڀاليو. عمر-مارئي واري لوڪ ڪهاڻي هن بادشاهہ سان جوڙي وڃي ٿي، پر اها هڪ افساني کان وڌيڪ ڪجهہ ناهي. سندس راڄڌاني ماتلي تعلقي ۾ ٿري هئي؛ عمرڪوٽ نہ، جيڪو انهن ڏينهن ۾ درست نالي اَمرڪوٽ سان سڏبو هو.

## عمر مارئي جي ڪهاڻي

هيءَ ڪهاڻي پالڻو نالي هڪ شخص جي ٿورڙي احوال سان شروع ٿئي ٿي، جيڪو مارئيءَ جي ماءُ مِهراڏا کي سندس مڙس ڦُلَ لاکي جي گهران ڀڄائي ويو ۽ انهي واقعي کي "لکئي" جي اَمُر سان منسوب ڪري ٿو:

"ڏٺيءَ جي اَمُر سان مِهراڏا ٿنولين جو نشانوبڻي،
پر اها ڪا ڄائي يا ملهہ ڳِڏي ٻانهي نہ هئي؛
انهي جي هڪ مارُوءَ سان لنئون لڳي ۽ پالٽي سان ڀڄي وئي،
پر انهي جو ٽر وڃي پهچڻ قادر جو ڪم هو."

مارئيءَ جي ڄمڻ تائين مائيءَ جي حالت پالٽي سان پرڻجڻ ۾ رنڊڪ بڻيل رهي. شاعر اهو احوال بيان ڪري ٿو ۽ نجومي ٻڌجي سندس حياتيءَ ۾ عجيب



books.sindhsalamat.com



غريب واقعن جي اڳڪٿي ڪري ٿو:

"ٻار جي ڄمڻ جي ڇهين ڏينهن ۽ ڇهين رات تي،
انهي هنن لفظن ۾ اڳڪٿي ڪئي؛
تنهنجي ڌيءُ اهڙي ڀاڳن واري ٿيندي،
جو اي مائٽؤ! توهان در عمر ريجهي ايندو."

انهي تي ماءُ وراڻيو:

"ٻلي اچي، ڪيس ڦُل جي ڌيءُ ملندي،
ساهڙ جي پوٽي، مِهراڏا جي ڄائي،
جا ٽر واسي پالٽي جي پناهہ ۾ آهي."

اتهاس اڳتي هلي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ اهڙن ڀاڳن واري اها ڇوڪري وڏي ٿي. ڏاڍي سهڻي ٿي ۽ گهڻا جُنونَ جاڳائي وڌائين. سندس پهريون شڪار پالٽي وٽ نوڪر ڏنار ڦوڳ هو، جيڪو سندس عشق ۾ مست ٿي پنهنجي مالڪ وٽ ويو ۽ انهي کي چيائين تہ هن کان هاڻ نوڪري نہ ٿي پڄي. پالڻو سندس اهنج هڪدم سمجهي ويو ۽ نٿي ڀانئيائين تہ هڪ سنو نوڪر هٿان وڃي، تنهنڪري پنهنجي اڳ ڄائيءَ جو سڱ ڪيس ڏيڻ جو واعدو ڪيائين. ڦوڳ ڏاڍو سرهو ٿيو ۽ وڏي چَسَ سان پنهنجي ڏهاڙيءَ واري ڪِرت کي لڳي ويو. شاعر چوي ٿو:

"من ۾ متارو ٿيو، سيڻن جي سهاڳ،
هٿ ڊيري، ٻانهن ويڙهي، ٿو ڪَتي اُنَ اَجهاڳ،
چاري منجهان چاڳ، ٿو پَهون پاڻ مهاڙيون."

ڪجهہ وقت کان پوءِ، ڪاميابيءَ جو ڪو آسرو نہ ڀانئي، ڏنار مالڪ وٽ وڃي ٿو ۽ سندس نڳيءَ جي دانهن ڏيهہ جي حاڪم کي ڏيڻ جو دڙڪو ڏئيس ٿو. مڪار پالڻو وراڻي ٿو:

"عادل بادشاهہ عمر، گهڻو ڏُور رهي ٿو،
۽ اهو وهانوَن جي وهنوار جي وچ ۾ نہ پوندو،
او ڦوڳ! تون انهي جي ورتاءَ سان پنهنجو پاڻ کي نقصان ڏيندين."

بهرحال ڪاوڙ ۾ ڀريل ڦوڳ ٽر کان ڏکهي مسافري ڪري عمرڪوٽ پهچي ٿو ۽ بادشاهہ آڏو حاضر ٿي انهي کي دانهن ڏئي ٿو:



www.sindhsalamat.com

"پهچ تون پنهوارن کي، اي بادشاهه دوداڻي دَس،
وهه ڏئي واڏاندڙو مون کي چار چڪاياڻون چس،
مون تان مارئيءَ بس، سير توکي سومرا."

عمر صحيح ڪري ويو تہ واعدي جي پڄڪڙيءَ جي سزا ڏيڻ جو اهو واحد جو طريقو آهي ۽ ڦوڳ جي سونهن بابت سمجهه جو امتحان وٺڻ لاءِ پهريان پنهنجي راڻين کي چڱي طرح هار سينگار ڪرڻ جو حڪم ڏنائين ۽ پوءِ هن کي وٽي انهن سان وڃي ملايائين. تڏهن بہ ڏنار (ڌراڙ) اکين مان جهجها لڙڪ لاڙيندي چيو تہ هنن وڏ گهراڻين حسينائن منجهان ڪا بہ انهي رِڻ واسڻ ڪنيا جو مَٽُ ناهي:

"او عمر سومرا، تنهنجي پيڻ جي سونهن ڪجهه ڪجهه انهي سان ملي ٿي،
پر اها بہ مارئيءَ جو مَٽُ ناهي،
سندس نيلوفر جهڙو نڪ، سندس ڳَل: چلڪٽا جيئن عنبر مٿان پونڌڙ روشني،
سندس نراڙ مٿان ڪاريون چڳون، چيلهه جيڏا چوٽا،
ساراهڻ لاءِ ڏسڻ ضروري آهن، مون تي يقين ڪر، او عمر سومرا!

انهي تي عمر ڏنار سان گڏ وڃڻ جو پهه ڪيو ۽ شاعر سندن اڳتي جو احوال هيئن ٿو بيان ڪري:

"جڏهن شهزور شهزادو عمر سومرو پنهنجي سفر تي اُسهيو تہ ڦوڳ پنيان پيادو، عمر پنهنجي اُٺ تي، هلندي هلندي ٻئي پنهنجي منزل وڃي رسيا ۽ موچاري ملير جا وڻ وڃي پَسيائون."

اڻتدي ئي سندن اک کوهه تي بيٺل پن ماين تي پئي. اوپرا ماڻهو ڏسي مِهراڏا دانهن ڪري ٿي:

"اماءِ عمر آيو، سومري جو سوار،
قادر لهي قرار، پر سنڌي پايان سومرو."

اوپري پنهنجو اُٺ جهليو ۽ ڳالهه ٻولهه شروع ڪرڻ لاءِ اُڃ جو بهانو بڻائي مهراڏا کي چيائين تہ پيئڻ لاءِ ڪجهه پاڻي پيري ڏي. ڪري عورت سندس چمڙا پوشيءَ جي بنهه پرواهہ نہ ڪندي چئي ڏنو:

"اي مسافر، توکي پاڻي کپي، سچ چئو،


books.sindhsalamat.com



تون چاچيُن منجهان ڪو آهين، يا پاڻ عمر؟"

عمر وراڻيو تہ هو انهن ٻنهي منجهان ڪو ڪونهي، پر سچ پچ ڏاڍو اجايل آهي.

هن تي شاعر چوي ٿو:

"تڏهن مارئيءَ ماڳهين ڪڍيو، آب اچو، ڪر ڪير،
انگڙيان ويڇو ڪريو، لاهيو وجهي نير،
منجهان حب همير، تو گهُورون وجهي گهوٽيو."

مائي ٿهي پوئتي ٿي ۽ پنهنجو نرمل روپ ڪنهن اوپري يا اڻڳي جنس پاران ڇهڻ ڪري پليت ٿيڻ کان بچائي ورتائين: جنهن منجهان حياءُ ۽ اخلاقي سمجهه نروار ٿي ٿيا. مارئيءَ پاران پيئڻ لاءِ پاڻي ڏيڻ تي عمر ايڏو خوش ٿيو جو اهو انهي جي ڀلائيءَ ۽ خوشيءَ جي دعا سان هيٺ اوتي ڇڏيائين. وچ ايشيا ۾ هڪ رسم آهي تہ جڏهن ڪو ماڻهو ٻئي لاءِ پاڻي آڻيندو آهي، خاص ڪري جڏهن پاڻي آڻيندڙ ڪا عورت يا ٻار هجي، تہ پيئڻ وارو ڪا دعا ضرور ڪندو آهي.

هڪ اينگهايل ڏکي منظر ڪان پوءِ عمر پنهنجي اٺ تان چال ڏنو، نوجوان ناريءَ کي ٻڪ وڌائين ۽ روئڻ ۽ ڦٿڪڻ جي باوجود ڪيس عمرڪوٽ ڪٽي ويو. اتي انهي سوپياوان پنهنجو حوصلو ڏيکارڻ شروع ڪيو: نہ ڪاڏي پيتي کي هٿ لائي ۽ نہ ڪو لفظ ڪُڇي يا وراڻي. پر شاعر جي چوڻ موجب، اڳوڻا اهڃاڻ تڪڙا غائب ٿي ويا ۽ عمر پنهنجي سرڪش دلربا جي مات جو علاج ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو. روز ڏينهن جو ڪيس زنجيرن ۾ جڪڙيو ويندو هو ۽ رات جو ڪيس عمر جي سمهڻ واري پلنگ تي پهچايو ويندو هو: هڪ سوني ڪٽاري ٻنهي جي وچ تي سَنڌو هوندي هئي. اڻين ڪجهه عرصو هليو، نيٺ ناريءَ دانهن ڪئي:

"هي ڪو طريقو ناهي، او سومرا، شاديءَ جو ناتو ڳنڍڻ جو،
جنهن سان تون پيار ڪرين تنهن کي زنجيرون وجهين — اهو پيار جتائڻ جو انوکو انداز آهي!
الا! الا! آءَ مران،
ٿر جي هڪ رات لاءِ،
مون کي موڪل ڏي جيڏين سان هڪ پيرو ملڻ جي."

عمر ڪيس هنن لفظن سان آٿت ڏئي ٿو:


www.sindhsalamat.com

"ماندي ٿي مَر مارئي، هنجون هڏ مَر هار،
ڏکن پويان سُکڙا، سِگها ٿين سُکار،
پيچي زيرين ٻار، توتان بند بدا ٿيو."

اهڙي ريت هڪ ننڍڙي نڪتي تي عمر پنهنجي قيدياڻيءَ کي آجو ڪيو ۽ ڪيس محل جي ٻين ماين سان رهڻ جي اجازت ڏني. هوءَ ڪنهن موقعي جي تاڙ ۾ رهي ۽ پنهنجي سؤٽ مارُوءَ ڏانهن نياپو موڪلي، قيد مان ڇڏائڻ لاءِ منٿ ڪيائين. نياپو ٻڌي مارُو اٺ تي چڙهيو، راتوواهه عمرڪوٽ پهتو ۽ اتي ڪنهن پير جي خانقاهه يا هجري تي اچي لٿو. پنهنجو اٺ ان بزرگ وٽ ڇڏي، ڪوٽ جي پٽ ٽپي ۽ انهي ڪوٺيءَ ۾ وڃي گهڙيو، جتي عمر ۽ مارئي ستل هئا. مارئي جاڳي پئي ۽ پنهنجي مائٽ کي شهزادي کي مارڻ کان پلي ورتائين، پر انهي پنهنجو ساڙ پلڻ لاءِ پلنگ واري سوني ڪٽاريءَ جي جاءِ تي روپي رکي ڇڏي. ننڊ پيل کي ڇڏي ڏيڻ تي مارُو اَرهو ٿيو، پر پنهنجي سؤٽ سان ڪجھ ڳالهه ٻولهه ڪري ۽ رٺائون سِٽي مجاور جي روپ ۾ هجري ۾ موٽي ويو. صبح جو عمر ڪٽاري ڏٺي ۽ مارئيءَ کان پڇيائين ته هي ڇا آهي؟ پر انهي راتوڪي واقعي کان بي خبري ظاهر ڪرڻ بهتر ڀانئيو.

پنج يا ڇهه راتيون پوءِ مارئيءَ ڪا باسيل باس ڏيڻ لاءِ خانقاهه تي وڃڻ جي موڪل ورتي. هن اهو پڻ واعدو ڪيو ته جيڪڏهن مٿس اها مهرباني ٿي ته پوءِ جيئن شهزادو چوندو اها تيئن ڪندي. همير ڏاڍو خوش ٿيو. پنهنجي پيڻ ۽ ٻانهي گڏائي موڪليائينس ته ڏسن ته سندس مقصد عبادت ئي آهي. مزار جي زيارت ۽ رواجي رسمون پوريون ڪرڻ کان پوءِ مارئيءَ پنهنجي سؤٽ ڏانهن اشارو ڪيو ۽ عورتن کان پڇيائين ته: "توهان منجهان ڪهڙي منهنجي فقير ڀاءُ سان گڏ گهمڻ ويندي؟"

عمر جي پيڻ پوڳ ۾ وراڻيو:

"مارُو ڇڏي ملير ۾، ٻيو مون ڀاءُ هٿ ڪيو،
اهڙي نواڙي تو، وڃ هلي ٻئي سين."

مارئي سندس لفظن کي سنو سوڻ ڀانئي، هڪدم مارُو جي اٺ تي چڙهي ۽ انهي سان گڏ پنهنجي منڙي ملير ڏانهن ورڻ ۾ دير نه لاتائين.

واقعي جي ڄاڻ ملڻ ۽ دوستن توڙي مائٽن پاران سمجهائڻ تي عمر نيٺ مارئيءَ



books.sindhsalamat.com



کي پنهنجي ڪنوار بڻائڻ جو خيال دل مان لاهي ڇڏيو. انهي کي پنهنجي ارادي بابت ڄاڻ ڏيڻ لاءِ هو هڪدم ملير ڏانهن هڪلي ويو، ڪيس ٻڌايائين ته هوءَ سندس پيڻ آهي ۽ عمرڪوٽ موٽي آيو. پر سندس عشق جي زور اڃا جهڪو نه ٿيو. ان هوندي به پيڻ پنهنجي "ڀاءُ" سان موتمار بيماريءَ دوران ڪڏهن ڪڏهن ملڻ ايندي هئي. پڄاڻيءَ جي شروعات ائين ٿئي ٿي ته مارئي همير سان ملڻ جي تياري ڪري رهي هئي ته ڪيس اوچتو سندس مرڻ جي ڪوڙي خبر پئي ۽ ڪيس ايڏو صدمو رسيو جو سندس روح خاڪي پڃري مان نڪهه پهه پرواز ڪري ويو.

عمر کي به جيئن ئي ان سوپياوان جي گذاري وڃڻ جي خبر پئي ته انهي پڻ پنهنجي فاني زندگيءَ کان موڪلايو.

اهڙي ريت ٽر جي ڪهاڻي پوري ٿي.

1150ع ۾ يا ڪجھ اڳي غزنيءَ کي غورين تباهه ڪيو. ايراني نيري چوڪي سِرَ (ٽائيل) ملتان ۾ پهريون ڀيرو انهي دور ۾ گهرائي وئي ۽ 1152ع ۾ وفات ڪندڙ شاهه يوسف گرديزي جي مزار جي اڏاوت ۾ ڪم آندي وئي. انوقت ملتان تي سومرن جي حڪمراني هئي.

حضرت لال شهباز قلندر (محمد عثمان مَرَندِي) اندازن سال 66-1165ع (561هه) ۾ ڄائو. مَرَند آذربائيجان ۾ هڪ جاءِ آهي، جنهن کي علي اشرفي 624هه (1226ع) ۾ فتح ڪيو. حضرت لال شهباز انهي ئي سال اهو هنڌ ڇڏيو. هندو ڪيس راجا ڀَرتَري ۽ سندس همعصر پير پٺي کي راجا گوپي چند سڏيندا هئا. ڪجھ تاريخدان چون ٿا ته حضرت لال شهباز ملتان ۾ 662هه ۾ آيو. اهو ميڻ جهڙو نٿو لڳي، ڇاڪاڻ ته انوقت اهو 99 ورهيه ڄمار جو هجي ها. ڪجھ چون ٿا ته اهو ملتان ڏانهن 1235ع (633هه) ۾ آيو. انوقت سندس عمر 70 ورهيه هجڻ گهرجي، جڏهن ته شيخ الاسلام حضرت بهاءُالدين ذڪريا ملتاني 53 ورهين جو هجڻ گهرجي.

انهي دور ۾ اسماعيلي (نِيزاري) چنگيز خان جي پؤ کان دنيا جي سيني حصن ۾ ٽڙي پکڙي ويا هئا. اهي پامير جي ماٿرين، تبريز، شيراز، بغداد ۽ روس جي مختلف ملڪن جي جبلن ۽ ماٿرين ۾ وڃي لِڪا هئا. مصر واري اسماعيلي خلافت 1171ع ۾ سلطان صلاح الدين ايوبيءَ هٿان پڄاڻيءَ پهتي. هڪڙو ڏُکو هنيو ٿو وڃي ته لال شهباز قلندر جو اسماعيلي داعين سان لاڳاپو ٿي سگهي ٿو. 1237ع ۾



www.sindhsalamat.com

جڏهن سنڌ، پنجاب ۽ اتر هندستان جا اسماعيلي دهليءَ ۾ گڏ ٿيا ۽ جمعي نماز جي هڪ ميڙ جو قتل عام ڪيائون، انوقت اهو ملتان ۾ هو. ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا، ڀاڱو ٽيون، ص. 59 ۽ طبقاتِ ناصري، ڪلڪتو ڇاپو ص ص. 116 ۽ 189 مطابق، جمع 5 مارچ 1237ع تي اسماعيلي، گهڻي ڀاڱي سنڌ ۽ گجرات جا، انهن سان گڏ گنگا ۽ جمنا جي ڪنڌين وارا پڻ، نُورالدين نالي هڪ تُرڪ جي پرچار جي اثر هيٺ دهليءَ ۾ گڏ ٿيا ۽ جمع نماز جي هڪ ميڙ تي وڃي ڪڙڪيا. ڪيترائي سندن تلوارن جو ڪاڄ بڻيا ۽ ٻيا پيڄڻ وارن جي پيهه ۾ مئا. انهي وچ ۾ تُرڪ اميرن پنهنجو لشڪر گڏ ڪيو ۽ پنهنجي هم مذهبن مان گهڻن جي مدد ڪيائون، جيڪي مسجد جي ڇت تي چڙهي ويا هئا. انهي کان پوءِ رڳو اسماعيلي پئي ڪُٺا، آخري ماڻهوءَ تائين.

سنڌ جا سومرا اسماعيلي هئا ۽ سنڌين پاران اهڙي قسم جي دهشت گرد سرگرميءَ ۾ حصو ونڻ ٻڌائي ٿو ته سومرن ئي انهن کي انهي راهه تي لاتو هوندو ۽ التتمش جي مئي کان پوءِ دهليءَ جي اطاعت پڻ ڇڏي ڏني هوندائون.

1175ع (570هه) ۾ محمد غوري اُڄ جي هڪ هندو شهزاديءَ سان شادي ڪئي، جتان جو حاڪم ڀٽي ذات جو هڪ ننڍو راجا هو. سنڌ وانگر اُڄ ۽ ملتان اسماعيلين جا مضبوط ڳڙهه هئا، جن مٿان ڪَٽر سُنيُن قرمطي هجڻ وارو ٺپو هڻي ڇڏيو هو.

1175-76ع (571هه) ۾ محمد غوري پنهنجي جنرل علي قِرمخ کي ملتان ۽ اُڄ جي نگراني ڪرڻ ۽ اسماعيلين کي چٿڻ تي مقرر ڪيو. سنڌ ۽ ملتان ٻنهي جاين جا حڪمران اسماعيلي هئا (تاريخدانن انهن کي قرمطي غلط ڪوٺيو آهي). اهو ٻڌي الموت (پاڙيتو قاتلن جي جنت) جي حاڪم محمد بن علي گجرات جي ڀِيم ديو سولنڪي-ٻئين کي علي قِرمخ جي علائقن مٿان حملو ڪرڻ لاءِ چيو. سومرن کي ڀِيم ديو کان چنڻ ۽ ڀيم ديو سان اچي گڏجڻ لاءِ ايراني نارِ رستي ايندڙ فدائين جو سَامونڊي گَهٽُ بند ڪرڻ لاءِ غوريءَ 575هه (1179-80ع) ۾ ديبل تي حملو ڪيو.

غوريءَ ملتان ۽ اُڄ اتان جي اسماعيلي حاڪمن سومرن کان زوريءَ ڦري ورتا. اهو گومل لَڪ رستي ايندو هو، جيڪو نسبتن سولو هو، ۽ پر پاسي وارين بادشاهتن ۾ ڦرلٽ ڪندو هو. خيبر لَڪ کان ٽارو ڪندوهو، جيڪو هڪ ڏکيو رستو هو، انهي ڪري ته اتي غزنوي ۽ هندو لازمي طور مقابلو ڪن ها. تاريخدانن


books.sindhsalamat.com



کي پڪ ناهي ته انوقت ملتان ۽ اُڄ تي ڪهڙي سومري بادشاهه جو راڄ هو، آيا اهو خفيف هو يا عمر يا سنڌ جو ڪو ٻيو بادشاهه يا ملتان ۽ اُڄ جو ڪو الڳ سومرو بادشاهه. تمام گهڻو امڪان آهي ته سنگهار سومري جي بيواهه هَمُون ۽ انهي جي پائرن مختلف ڀاڱن تي ڏار ڏار راڄ ڪندي مرڪز کي هيٺو ڪري ڇڏيو هو ۽ غوريءَ لاءِ ملتان ۽ اُڄ ۾ ڏار ڏار مقابلا ڪري کين ٻُهاري ونڻ سولو بڻائي ڇڏيو هو. عباس ايڇ. اَلهمداني تحفت الڪِرام آڏار دعويٰ ڪري ٿو ته: "(محمد غوريءَ هٿان ملتان، اُڄ ۽ ٻين جاين تي شڪست کائيندڙ) حڪمران سومرا قبيلن منجهان رهيا کهيا ديبل ۾ اچي گڏ ٿيا ۽ دودي-ٻئين کي پنهنجو اڳلو راڄ ڏٽي چونديائون. پر سومرا سنگهار جي بيواهه جي سازش سبب اڳيئي ڪمزور ٿي چڪا هئا، جنهن پنهنجي پائرن جي بادشاهي پڪي ڪرڻ لاءِ مرڪز کي ننڍين ننڍين رياستن ۾ ٽوڙي ڇڏيو هو. غوريءَ 578هه (1182ع) ۾ ديبل تي قبضو ڪيو ۽ سموري سنڌ ٻهاري ويو. مسٽر ايم. ايڇ. پنهور کي پَڪَ آهي ته غوريءَ ديبل تي ۽ گهڻو ڪري مڪران جي سامونڊي ڪنڌيءَ واري علائقي تي چڙهائي ڪئي، پر (طبقاتِ اڪبري تصديق ڪري ٿي) آزاد سومرن کي زير ڪرڻ کان سواءِ ئي ڦرلٽ جو جهجهو مال ڪٺي غزنيءَ هليو ويو. طبقاتِ ناصري (ص ص. 120 ۽ 129) ۽ طبقاتِ مبارڪشاهي (ص. 10) انهي جي وڏيڪ تصديق ڪن ٿيون.

1178ع ۾ يا ستت پوءِ هڪڙو ٻيو واقعو ٿيو. ساڳئي سال يا 572هه (1178ع) ۾ ڦَتُو نالي هڪ سومري امير، نگرپارڪر جي حاڪم، پورو ڪڇ فتح ڪيو ۽ ڀَدريسواڙا کي صفا ٻيوس بڻائي ڇڏيائين. ڦَتُوءَ کان پلاند ونڻ لاءِ چولڪايا راجا ڀيم ديو سندس پويان ٽڪڙو جٿو روانو ڪيو، پر سومرو امير پنهنجي واٽ ۾ ايندڙ هر شيءِ کي اجاڙيندو موٽي پنهنجي ملڪ اچي پهتو.

1180-81ع (576هه) ۾ عمر سومرو گذاري ويو. دودو-ٻيون سندس وارث بڻيو. انهي 590هه (1194-95ع) تائين حڪمراني ڪئي. انهي ئي دور ۾ ۽ 12 سال پوءِ تائين محمد غوريءَ جي سومرن سان ويڙهاند هلندي رهي.


www.sindhsalamat.com

باب ارڙهون

# هنر، ثقافت ۽ تعليم
# جي اوسر جي صدي

اُچ، ملتان ۽ سنڌ جي طوفاني تاريخ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ صدي اهڙي گذري آهي، جڏهن ’قلم‘ ’تلوار‘ تي سرسي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪنهن حد تائين ڪامياب به ٿيو. اها صدي يا سو سالن کان مٿي وارو عرصو 578هه يعني شيخ الاسلام بهاءُالدين ملتاني، عام طور غوث پاڪ سڏجندڙ، جي جمڻ واري سال کان شروع ٿئي ٿو ۽ 661 يا 666هه ۾ سندس گذاري وڃڻ کان ڪجهه ڏهاڪا پوءِ ختم ٿئي ٿو. پراڻي قلعي جي مٿاهين ٿلهي تي موجود سندس مقبرو پنهنجي مرڪز کان پنجن ميلن جي گهيري ۾ پکڙيل ملتان شهر جي هر ڪنڊ ڪڙڇ مٿان ڪنهن پهريدار وانگر اک رکيو بيٺو آهي. اڄ پاڪستان کان وڌيڪ پکڙيل سرائڪي ۽ سنڌي ڳالهائيندڙن علائقن ۽ هندستان، بنگلاديش، سلهٽ، آسام، برما ۽ انڊونيشيا ۾ موجود سندس مريدن ۾ ڪيس هڪ روحاني بزرگ واري مڃتا حاصل آهي. اهو اٽڪل 700 سال اڳ سومرن، ناصرالدين قباچه ۽ التتمش جي سک ڦٽل دورن ۾ ملتان ۾ رهندو هو. عام طور تي ماڻهو انهن شخصيتن کي جهٽ وساري ڇڏيندا آهن، جن جو جيوَن الڳ ٿلڳ يا عام ماڻهوءَ جي جيون ڍنگ کان مٿيرو هوندو آهي، پوءِ ڀلي انهن جي حيثيت تمام مٿاهين يا ڪجهه ڏيکن ۾ بلڪل نرالي ڇو نه هجي. پر جيڪو ماڻهو انهن سان گڏ هوندو آهي، آزمائش يا ڏک جي هر گهڙيءَ ۾ سندن ساٿ نڀائيندو آهي، جيڪو بنا ڪنهن مانائتي موٽ جي آسري جي ڏينهن رات انهن جي ڀلي لاءِ محنت ڪندو آهي، جيڪو ڪين حيوان منجهان انسان بڻائيندو آهي ۽ جنهن جي خدمتن کي نج انسانيت جي بنياد تي هر ڪو مڃيندو


books.sindhsalamat.com



آهي، اهو سچ پچ اَمر ٿي ويندو آهي. اهو نيڪ مزاج، اهو صاف ۽ پاڪ ڪردار ۽ اهو صاف شفاف ورتاءُ ئي آهي، جنهن غوث پاڪ شيخ بهاءُالدين ذڪريا ملتانيءَ کي ماڻهن جي دلين مٿان حڪمرانيءَ جو هڪ مستقل حق ۽ اختيار ڏئي ڇڏيو آهي.

سندس آتم ڪهاڻيءَ ۽ پيڙيل ماڻهن کي ٽيڪ ڏيڻ واري شاندار ڪم جو ذڪر، هيٺ ڏنل سببن جي ڪري، سومرا راج گهراڻي جي تاريخي احوال ۾ خصوصي طور ٿيڻ گهرجي:

نمبر هڪ: ان ڪري ته پاڻ سنڌ جي هباري گهراڻي منجهان هو، جنهن ملڪ جي هن حصي تي 854 کان 1010ع تائين 156 سال حڪمراني ڪئي. فرشتا سندس شجرو هن ريت ڏنو آهي: شيخ بهاءُالدين ذڪريا، هبار پٽ اَسوَد پٽ مُطَلِّب پٽ اَسوَد پٽ عبدالعزيز پٽ اقصيٰ جو پونير آهي. هبار اسلام قبوليو، پر سندس پائر بدر واري جنگ ۾ عمر ۽ عقيل سان گڏ ڪفر ۾ مئا. ڏسو تاريخ فرشتا، ڀاڱو پهريون، ص. 407. هباري سنڌ ۾ رهندڙ عرب قبيلو هو ۽ سومرن جا انهن سان سڱاوتي رشتا هئا. ڏسو معصومي، زين الاخبار، فرشتا وغيره.

نمبر ٻه: سومرا راج گهراڻي جي باني خفيف سومري حڪومت هبارين کان پنجين هباري بادشاهه جي مرڻ تي بنا ڪنهن رتو ڇاڻ جي ورتي: معصوميءَ جي ٻڌايل سڱاوتين جي ڪري.

نمبر ٽي: ذڪريا جي سڌارن واري صدي (578هه کان 660هه) سومرن جي دور ( 401 کان 769هه / ا 1010 کان 1368ع) ۾ اچي ٿي.

نمبر چار: پڙهائي پوري ڪري پنهنجي اباڻي وطن سنڌ ڏانهن موٽڻ تي ڪيس سومرا گهراڻي جو روحاني رهبر ۽ سلطان محمد طُور سومري پاران پنهنجي نالي سان اڏيل سومرن جي راڄڌاني شهر محمد طُور جي مسجد جو امام مقرر ڪيو ويو.

نمبر پنج: شيخ بهاءُالدين ۽ سندس مشهور خليفي مخدوم جلال الدين بخاري اُچ واري جي نصيحتن سومرن کي سچي دين تي واپس آندو.

منگولن جي لڳاتار حملن سڄي ملڪ ۾ ڏهڪاءُ پکيڙي ڇڏيو هو. بهاءُالدين جي والد وجيهه الدين پنهنجي گهر واريءَ کي ويم جي ڏينهن ۾ سهري جي گهر ڪَروڙ موڪليو، جيڪو نسبتن ڪجهه محفوظ هنڌ هو. تاريخدانن ۾ بهاءُالدين جي جمڻ جي تاريخ بابت اختلاف آهي. اسان مسٽر ايم. ايچ. پنهور جي ڏس تي هلندي


www.sindhsalamat.com

اها 578هه مجي آهي. پاڻ رواجي بنيادي تعليم پنهنجي ناني حُسام الدين عيسيٰ جي سڌي رهنمائي ۽ نگرانيءَ هيٺ ڪوٽ ڪَروڙ ۾ پرايائين. روايتي تعليم دوران غير معمولي لياقت ڏيکاريائين. پنهنجي تعليم وقت کان اڳ پوري ڪري ورتائين. ڪنهن چالاڪ ۽ سمجهُو ماڻهوءَ وانگر انتهائي منجهيل مسئلا سولائيءَ سان نبيري پنهنجي عمر کان وڏن سيني ڏاهن عالمن کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيندو هو. ٿيو ائين ته جڏهن پاڻ 15 يا 20 سالن جي ڄمار جو ٿيو ته هڪ قافلو خراسان ۽ ٻين وچ ايشيائي تعليمي ادارن ڏانهن تيار ٿيو. بهاءُالدين ڪي شهر شهر وڃڻ، مشهور عالمن سان ملڻ، هر قسم جو علم جتان مليو اتان پرائڻ ۽ مطالعاتي دورن مان وڌو ۾ وڌ لاڀ وٺڻ جو موقعو مليو. سندس پارسائي، سچ ڳالهائڻ ۽ همدرد ۽ مددگار ورتاءَ سندس 'قافلي جي ساٿين' کي ايترو ته موهيو جو انهن کيس 'فرشتو' (ملائڪ) لقب ڏنو. سُهرَوَرِديہ سڏجندڙ هڪ نئين صوفي مسلڪ جي باني شيخ شهاب الدين جي شهرت پري پري تائين پکڙجي چڪي هئي. بهاءُالدين انهي عظيم شيخ سان مليو، انهي جي مسلڪ جو اڀياس ڪيائين ۽ اها قبوليائين. شيخ هن کي پنهنجو مريد بڻايو ۽ سهروردیہ مسلڪ کي عام ڪرڻ لاءِ گهربل تعليمي سرگرمين جو سربراهه بڻائي ڇڏيائين. پاڻ مڪي ۽ مديني ۾ ڪجهه سال گذاري سنڌ ڏانهن موٽي آيو. هتي سومري بادشاهه محمد طُور کيس شاهي گهراڻي جي روحاني رهبر جو درجو عطا ڪيو ۽ پنهنجي نالي سان پنهنجي اڏيل راڄڌاني شهر جي جامع مسجد جو امام مقرر ڪيو.

اٽڪل 639هه ڌاري هڪ واقعو ٿيو، جيڪو سندس ڪرامتن جي مشهوريءَ جو ڪارڻ بڻيو. ٿيو ائين ته ڪنهن سومري شهزادي جي ڄڃ ٻيڙين وسيلي درياءَ پار وئي ۽ سج لٿي کان اڳ موٽي اچڻي هئي. اها پنهنجي مهل تي ته نه پر گهڻي دير گذري وڃڻ کان پوءِ به نه موٽي. درياءَ ۾ چاڙهه هو ۽ طوفان غير معمولي رفتار سان لڳي رهيو هو. رات اونداهي ٿيندي وئي ۽ ڇُلندڙ ڇولين جو ڦهر هر گهڙيءَ وڌندو ٿي لڳو. گهوٽ ڪنوار ۽ انهن جي شاهي ڄڃ جي آجيان لاءِ گڏ ٿيل امير طبقو عورتن سميت ۽ هر عمر جا شهري، نوڪر چاڪر، ڳائڻ وڄائڻ وارا، نچڻ ڪُڏڻ وارا، سهرا ڳائڻ واريون ۽ رؤنشي ڪوڏيا، سيني کي ڏپ اچي ورايو ته ٻيڙيون پڪ ٻڏي ويون ۽ ممڪن حادثي تي روڄ راڙو وٺي شروع ڪيائون. شاهي مهمان ۽ راڄڌاني مسجد جو امام شيخ بهاءُالدين ذڪريا پڻ انهن آجيان ڪندڙن ۾ شامل هو. عورتون پنهنجي اکين ۾ ڳوڙها ۽ چپن تي آهون آڻي شيخ کي منٿون ڪرڻ لڳيون ته ڄڃ جي سلامتيءَ لاءِ ڌڻيءَ در دعا گهري. انتظار ڪندا رهيا ڪندا رهيا، مٿان صبح وارو تارو به ابريو، پر ڇِتين ڇولين مٿان ڪنهن ٻيڙيءَ جو پاڇو به نظر نه آيو. عورتن ۽ عزيزن دوستن جي دل سان دانهون ڪرڻ کان متاثر ٿي شيخ دعا لاءِ هٿ کنيا. ۽ اجهو! جيئن ئي رب کان ٻاجهه گهريائين ته ٻيڙيون مدهم روشنيءَ ۾ ڪنهن پاڇولي جيان پاڻيءَ جي سطح مٿان پڌريون ٿيون. ميڙ منجهان خوشيءَ جي هڪ آهه اٿي ۽ اُداس وايو منڊل ۾ هڪ هم آواز نعرو 'دم بهاول حق' گونجي ويو. انهي وقت کان وٺي هي به لفظ ڪالاباغ کان سکر تائين ٻيڙيون وهائيندڙ ٻيڙياتن لاءِ سفر شروع ڪرڻ مهل يا خطري ويل هڻڻ وارو هڪ روايتي نعرو بڻجي ويا آهن.

هي اهي ڏينهن هئا جڏهن مصر، عراق، ايران ۽ سنڌو ماٿر ۾ مذهب، سياست ۽ فتحن تي مداريل ڪيترائي طوفان اٿيا ۽ نيٺ ملتان جي پٽين سان اچي ٽڪرايا، جيڪو سيني دوست توڙي دشمن ڌرين جي گڏجڻ واري جاءِ بڻجي چڪو هو. انهن منجهان فرقيوار هلچلن سنڌ ۽ ملتان جي سماجي ۽ سياسي زندگيءَ کي سخت متاثر ڪيو. اهڙين حالتن ۾ شيخ بهاءُالدين جهڙن مذهبي اڳواڻن لاءِ ضروري ٿي چڪو هو ته اهي عام ماڻهوءَ کي تعليم ڏين، انهي کي مقصد پريو جيوَن گهارڻ جي راهه ڏسين ۽ مطلق العنان بادشاهن ۽ حملي آورن هٿان انهي جو غلط استعمال روڪين. ويرَن، دشمنين ۽ تعصبن بدران پيار، امن، هڪٻئي تي ڀروسي، سلامتيءَ جي احساس، همدردي ۽ سهڪار وارو وايومنڊل جوڙڻ وقت جي ضرورت هئي. سياسي ڏڦيڙ ۽ غزنوين ۽ غورين جي اُرهه زورائيءَ وارين ڪاهن ملتان ۽ ان جي ماحولن کي ناگوار بڻائي ڇڏيو هو. پيڙيل ماڻهن جي جهجهي سلامتيءَ تائين بحاليءَ جو ڪم، خاص ڪري 'ڌنڌن' ۽ ڪمائيءَ جي ننڍن ايڪن ۾، ترجيحي بنيادن تي ڪٽڻ جي ضرورت هئي. شيخ بهاءُالدين ذڪريا کي انهن سيني جي اهميت جو احساس هو. اهو هڪ تمام وڏو ڪم هو ۽ پاڻ انهي لاءِ پوري رٿا بندي ڪري ورتي هئائين.

تاريخي ڪتاب ۾ هن حقيقي عظيم انسان جون آتم ڪهاڻيون سندس ڪرامتن جي ڪهاڻين سان پريون پيون آهن، جن جو عام ماڻهوءَ جي حقيقي دنياوي زندگيءَ



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

جي سڌاري سان تمام گهڻ واسطو آهي. قرآن پاڪ مطابق رڳو اهو ئي سدائين رهڻو آهي، جيڪو عام ماڻهوءَ لاءِ وڌ ۾ وڌ لاڀائتو آهي. مطلق العنان ناصرالدين قباچه سان مڙس ٿي مهاڏو اٽڪائڻ، دهلي دربار وارو واقعو جيڪو سندس شيخ الاسلام مقرر ٿيڻ جو ڪارڻ بڻيو ۽ پنهنجي ڪيسي مان وڏي رقم ڇَڙِيءَ ۾ ڀري ملتان جو قتل عام ٽارڻ برابر عظيم اهميت وارا ڪم آهن، پر انسانن کي انسانيت کان ڪِري حيوان بڻجڻ کان بچائڻ واري عمل جو ڪو مَٽ ثاني ناهي.

شيخ بهاءُالدين واپار کي پنهنجي ڪِرت ڪري اختيار ڪيو. تمام وڏي پيماني تي مال ڏيساور موڪلڻ ۽ اتان گهرائڻ جو واپار ڪندو هو. مال سان ڀريل سندس جهاز سڄي دنيا ۾ هلندا هئا. هندن جون دليون کٽڻ لاءِ انهي جا سمورا انتظام انهن حوالي ڪري ڇڏيا هئائين. معمول مطابق غريبن جي جهوپڙين، ملتان جي گهٽين ۽ پسگرداين جا چڪر لڳائيندو رهندو هو. انهن ماڻهن ۾ آسانيءَ سان رَلي ملي ويندو هو ۽ انهن جي مسئلن جي ڄاڻ انهن کان پاڻ کان وٺندو هو. اهڙن طريقن سان هو مختلف فردن ۽ ڌنڌن جي نسبت جڙيل جماعتن جي لياقتن جو درست اندازو لڳائي سگهندو هو. تنهن کان پوءِ انهي ڄاڻ آڌار انهن لاءِ مختلف رٿائون جوڙيندو هو. هڪ کي صلاح ڏيندو هو ته واپار ۽ سوداگريءَ کي پنهنجي ڪرت بڻائي، ٻئي کي مشورو ڏيندو هو ته هنر ۽ ڪاريگري سکي، ٽئين کي چوندو هو ته ننڍڙو ڪارخانو لڳاءِ ۽ وغيره وغيره. جيڪي اڳيئي ڪنهن ڌنڌي سان لاڳاپيل هئا، تن کي پنهنجي پنهنجي ميدانن ۾ نوان تجربا ڪرڻ ۽ بهتر ۽ نيون شيون ٺاهڻ جي صلاح ڏيندو هو. جيڪي پنهنجي هنرن ۽ ڌنڌن ۾ پَڙَ هوندا هئا، تن کي وڌيڪ بهتري آڻڻ ۽ دائرو وڌائي پنهنجي شين ۽ مصنوعات جي ورائٽين ۽ ڊزائينن کي وڌيڪ ٺاهڻ سنوارڻ لاءِ همٿائيندو هو. جن نوجوانن ۾ صلاحيت هئي پر ڏانءُ نه هو، تن کي مختلف هنرن جي سکيا ۽ تربيت وٺڻ لاءِ ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو هو. انهن سڀني رٿائن لاءِ ناڻو گهربل هو: انهي ڏس ۾ حقيقي حقدارن جي فائدي لاءِ پاڻ پنهنجي دولت آهر هر قسم جي 'مالي سهائتا' مهيا ڪندو هو. تنهن کان پوءِ پنهنجي پلاوٽن ۽ ماتحتن ذريعي انهن گهريلو صنعتن جي ٺاهيل شين جي وڪري لاءِ مارڪيٽ ڳوليندو هو. عزت ڀري روزي ڪمائڻ جي مسئلن جو اهو سڌو سنئون نبيرو ئي سچي مذهب جي سکيا ۽ پرچار آهي. هفتن اندر ئي سوين هزارين



books.sindhsalamat.com



ڏتڙيل ماڻهن ۽ جماعتن جا پنهنجي محسن جي در تي ميڙ لڳي ويا ۽ جنهن جيڪو گهريو، تنهن کي اهو مليو. اهڙي طرح ملتان شهر ۾ هنرمندن جا پاڙا: ڪوٽ جي اندران ڪَڄِي محلو، ڪَنگهي محلو، حمام گلي، محلا ڪمانگران ۽ درڪٽان محلا، ۽ ٻاهر محلا والوَت، سُوترِيوَت، نِيل ڪوٽ، ٺٺا پاوِليان، بستي چَمرَنگ ۽ ٻاڻ لوهاران شيخ جي رٿابندي، مالي سهائتا ۽ ان کان اڳ جيئڻ جي حق کان محروم هيٺين طبقن کي همٿائڻ ۽ عزت ڀرئي گذران لائق بڻائڻ جو اڄ تائين جيئرو جاڳندو مثال آهن. ملتان جا ماڻهو پنهنجي ڪاريگري جي حوالي سان اڳي ئي مشهور هئا. هن رٿابنديءَ، درست رهنمائيءَ ۽ مالي سهائتا سان هنر کي ڀرپور سگهه ۽ هٿي ملي. نه رڳو اهو پر هنن قدمن سان اسلام پڻ ڀري ڀري تائين پکڙجڻ لڳو. قومي معيشيت، جيڪا سياسي گهوٽالن سبب ٻنهه ڊانوادول ٿي چڪي هئي، پاڻ سنڀالڻ لڳي ۽ اڳ نيچ ليکجندڙ هٿ جو پورهيو ڪرڻ وارن کي عزت ۽ احترام ملڻ لڳو.

هنري نمونن جي نين ڊزائنن ۽ صنعتي مال جي سينگار سنوار غربت سَٽيَل پر زرخيز دماغن جي رچنا واري ذات لاءِ نوان دَڳَ کولي ڇڏيا. مثال طور تير ۽ ڪماڻيون ٺاهڻ وارن کي رنگ ۽ ڇُرَ ٺاهڻ ۽ گڏائڻ جو هنر سکڻ جي صلاح ڏني وئي ۽ ڪجهه نوجوانن کي رنگين چوڪيون سرون ٺاهڻ جي تربيت وٺڻ لاءِ ڪاشغر اُماڻيو ويو. اهي هن ڪم ۾ مهارت پرائي آيا ۽ ڪاشيگيريءَ جو هنر ملتاني ڪاشيگيري سڏجڻ لڳو. گلڪاريءَ جي ڊزائنن ۾ بهتري اچڻ سان چٽساليءَ جي ٺپن ۽ چوڪڙين جي اُڪَرَ ۽ ڪورَ جا اوزار ايجاد ٿيا. هنن ايجادن سان ڪپڙا نون رنگن ۾ رڱجڻ لڳا ۽ مٿن نيون ڊزائنون چُرجڻ لڳيون. ملتان بهترين سونا ۽ روپا ورق ٺاهڻ ۾ مشهور هو. اهي ورق صرف دوائن ۾ استعمال ٿيندا هئا. ڇُر جو نئون هنر اچڻ سان اهي ورق ڪپڙي مٿان گلڪاري ٺپجڻ لاءِ ڪم اچڻ لڳا. انهي ايجاد لاءِ شيخ ملتان جي حمام گهٽيءَ وارن ڪورين ۽ ڪٽين کي 'انصار' جو لقب ڏنو. ملتان تِرَ ۽ ٻيا تيلي ٻج پيڙڻ لاءِ مشهور هو، پر تيل ڊوئڻ لاءِ مناسب ٻيڙا نه هجڻ سبب اهو تيل وڏي مقدار ۾ ڏيساور جي پرانهن هنڌن ڏانهن نه موڪلي سگهبو هو. مٽيءَ جا ٿانوَ ان حوالي سان گهٽا ڳرا هئا ۽ تنهن کان سواءِ انهن جي ڀڄڻ جو ڊپ به هوندو هو. شيخ اٺن ۽ هاٿين جي کلن مان ڊالون ۽ مياٽون ٺاهڻ وارن ڪاريگرن کي انهي مواد مان تيل لاءِ ٿانوَ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لاءِ چيو. انهن ڪوشش ڪئي ۽



www.sindhsalamat.com

ڪامياب ٿيا. محلا ڪپري تيليان اسان کي شيخ جي انهي ايجاد واري صلاح جي ياد ڏياري ٿو. اٺ جي ڪل مان نهيل نئون ٿانءُ وزن ۾ هلڪو، اڻٽُٽُ ۽ سستو هو ۽ هر شڪل ۽ سائيز ۾ ٺهي سگهيو ٿي. هن ايجاد سان، هارين پاران تيلي ٻج پوکڻ کان گهاٽي تائين، ڪوڙ ڪم نڪري پيا. ساڳي ريت ڪيترين ٻين گهريلو صنعتن جهڙوڪ: ڪتابن جا جلد ٺاهڻ، فرنيچر ٺاهڻ، ڌاتوءَ جي ڪم، عمارتن تي گلڪاري، اُڪير، ڳهه ٺاهڻ وغيره سيني ۾ نواڻ آئي.

شيخ بهاءُالدين ذڪريا ملتاني ٻاهرين دنيا ۾ هڪ عظيم تعليمدان طور سڃاتو وڃي ٿو. پاڻ ملتان ۾ هڪ تعليمي ادارو قائم ڪيائين، جنهن جو انهن ڏينهن ۾ ڪو مَٽ ثاني نہ هو. انهي اداري ۽ سندس آندل ٻين سڌارن بابت ڪجهه جهلڪيون اسان اڳتي هلي چند سٽن ۾ بيان ڪنداسين. هتي اسان پڙهندڙن کي ٻڌائڻ گهرون ٿا تہ مٿي بيان ڪيل ترقياتي رٿائن ذريعي هُن ڏوهارين کي ڪيئن سڌاريو. ملتان ۾ سندس جوڙيل اعليٰ تعليمي رهائشي ادارو ستت ئي ايترو وڌيو، جو استادن ۽ شاگردن جو انگ هزارن ۾ وڃي پهتو ۽ انهن لاءِ گهرن جون تمام ڊگهيون لانڊيون اڏٽيون پيون. انهي سان اتي ٽِڪندڙن لاءِ روزانو کير جي پورت جو مسئلو پيدا ٿيو. ملتان سان گَهندِي ڏئي وهندڙ درياءَ جي ڪنڌين سان رهندڙ ماڻهو گهٽي ٻاڳي ٻي زمين هجڻ ڪري چور، ڌاڙيل ۽ رسي چوڙ هئا. شيخ انهن راڄن جي چڱن مڙسن سان رابطو ڪيو. درياءَ جي ڪنڌين واري سموري زمين پنهنجي ناڻي سان خريد ڪيائين ۽ انهن راڄن کي پوک لاءِ ڏئي ڇڏيائين: انهي شرط تي تہ اهي ڏوهه ڇڏي ڏيندا، ان جي بدران مال ڌارڻ شروع ڪندا ۽ پيدا ٿيندڙ کير ٽِڪندڙن کي انهن جي گهرج مطابق ٺورن ڏوڪڙن عيوض پهچائيندا. اهڙي ريت هي سڄو ورسايل ماڻهو ستت ئي سکيا ستابا ۽ سماج جا معزز ڀاتي بڻجي ويا.

2

’الله جي دوستن‘ وٽ اِدراڪ هوندو آهي. سندن هر عمل صاف، پاڪ ۽ هِنئين سان هنڊائڻ جهڙو هوندو آهي. پرچارڪ هجڻ ناتي سندن زندگين جو مقصد ڏتڙيل انسانن جي مادي ۽ روحاني حالت سڌارڻ هوندو آهي. اسلام مطابق انسانن کي



books.sindhsalamat.com



مليل وڏي ۾ وڏو خزانو انسانيت آهي، پر انهي جي آهل مختلف لوڀُن جو سولو شڪار ٿيڻ طرف هوندي آهي ۽ انهن لوڀن جي ڪري اهو هيٺ ڪِري ڍور بلڪ ڪڏهن تہ اڃا بہ هيٺئين ڏاڪي تي وڃي رَسندو آهي. روحاني شخصيت جي ذميواري اهو ڏسڻ جي هوندي آهي تہ ڪو انسان ذلت جي انهي ڏاڪي تائين هيٺ نہ ڪِري. سندس هر لفظ ۽ عمل هر ماڻهوءَ آڏو انسانيت ۽ حيوانيت وچ ۾ فرق چٽو ڪرڻ لاءِ هوندو آهي. هڪ سچي مسلمان لاءِ مادي ۽ روحاني ٻہ ڌار دنيائون ناهن: اهي ساڳئي جيوَن جا ٻہ ڏيک آهن. اسان مٿي ڏٺو تہ شيخ بهاءُالدين ذڪريا ملتانيءَ ڪيئن نيچ ڪان بہ نيچ ماڻهن جي نِج مادي زندگيءَ ۾ ڦيرو آندو ۽ انهن کي سڌاري انساني ڏاڪي تي پهچاياائين. اهو ڏاڪو برقرار رکڻ، بلڪ ويتر مٿي وڃڻ، لاءِ تعليم جي روشنيءَ وسيلي لاڳيتي روحاني توجهه جي ضرورت هوندي آهي. شيخ جو هم عهد پر مٿاهون مقصد هڪ اهڙو تعليمي ادارو ٺاهڻ هو، جيڪو تعليم جي ٽن مُکيہ ميدانن جهڙوڪ: عام تعليم، يونيورسٽي تعليم ۽ استادن جي سکيا جي گهرج پوري ڪري سگهي.

تعليم عام رڳو عالمي تعليم ذريعي ئي ڪري سگهجي ٿي يا ٻين لفظن ۾ اهڙي تعليمي سرشتي ذريعي، جنهن ۾ هر ماڻهوءَ کي بنا ڪنهن طبقي، ذات يا نسل جي ڀيد جي تعليم ڏني وڃي. اڄ هر ماڻهو ڄاڻي ٿو تہ اسڪول ڇا آهي ۽ اهو ادارو تعليم کي عام ڪرڻ ۾ ڪيئن مدد ڏئي ٿو. اسڪول لفظ اصل ۾ هڪ اطالوي لفظ هو، جتان اهو يوناني ٻوليءَ ۾ ۽ اتان پوءِ انگريزي ٻوليءَ ۾ آيو. يوناني ٻوليءَ ۾ اهو لفظ ’سخول‘ هو ۽ معنيٰ هئس واندڪائيءَ جي وِندُرَ. يوناني فلاسافرن بہ هندن وانگر سماج کي طبقن ۾ ورهائي ڇڏيو هو ۽ قاعدو ٺاهي ڇڏيو هو تہ جيئن تہ حڪمرانيءَ جو حق رڳو ’اشرافيہ‘ (چڱا مڙس، امير ۽ وڏيرا) کي آهي، تنهنڪري تعليم رڳو انهي طبقي کي ڏيڻ گهرجي. يوناني فلاسافرن جا ’اشرافيہ‘ تعليم صرف هڪ وِرونهن طور حاصل ڪندا هئا. عام ماڻهوءَ کي علم پرائڻ جو حق نہ هو. ساڳي طرح هندستان ۾ جيڪڏهن ڪنهن عام ماڻهوءَ ويدن جو ڪو لفظ اتفاق سان ٻڌي ورتو تہ شيهو پگهاري انهي جي ڪنن ۾ وڌو ويندو هو. صرف اسلام ئي آهي، جنهن هر مرد ۽ عورت تي علم پرائڻ فرض ٺهرايو: ڀلي ان لاءِ چين جيترو پري وڃڻو پوي. اسلام ۾ ’فرض‘ ۾ ڪا معافي ناهي: اهو هر حال ۾ پورو ڪرڻو آهي.



www.sindhsalamat.com

تعليمي اصطلاحن ۾ اڃا هڪڙو ٻيو لفظ ‘درس’ آهي، جنهن کي کولي سمجهائڻ ضروري آهي. آڳاٽن جُڳن واري زرعي سرشتي ۾ اَنُ ۽ ٻُهه ڌار ڪرڻ (ڳاهه ڳاهڻ) لاءِ ڏاند استعمال ٿيندا هئا. ڍور سُڪل وَلِ کي يَڪو ڳاهيندا رهندا هئا، جيستائين وڃي اَنُ ۽ ٻُهه ڌار ڌار ٿين. علم پڻ سچ کي ڪوڙ کان ڌار ڪرڻ لاءِ خشڪ ڪتابن مٿان ڏاندن وانگر لاڳيتو ڳاهه ڳاهڻ گهري ٿو. لڳاتار اچ وڃ سان ٻنين جا سوڙها ٻنا پڪا ٿي ويندا آهن ۽ مٿن گاهه ڦٽڻ بند ٿي ويندو آهي. اهو پڻ ‘درس’ آهي ۽ انهي سان لاڳاپيل ماڻهو ‘مُدَرِس’ سڏبو آهي، جنهن جي انگريزي معنيٰ آهي ‘ٽيچر’ (استاد). علم صرف ورجاءَ، ڏاند وانگر لاڳيتي ۽ هڪ ڪَرِي هل هلان ۽ ٻُهَه کان اَنَ ڌار ڪرڻ سان ئي پرائي سگهجي ٿو. مدرسو يا اسڪول هڪ ليباريٽري يا ڪارخانو آهي، جتي هي عمل لاڳيتو جاري رهي ٿو. بهاءُالدين ذڪريا پنهنجا ادارا ‘درس’ وارن طريقن تي قائم ڪيا. يوناني فلاسافرن ۽ هندي پنڊتن جي ابتڙ شيخ عام ماڻهن کي بنا ڪنهن ذاتي، نسلي يا طبقاتي ڀيد جي تعليم ڏني. بنا ڪنهن جَهل پل يا فرق جي تعليم پکيڙڻ واري هن پروگرام ايتري تہ ڪاميابي ماڻي جو هڪ وڏي علائقي تي سوين گهر اڏڻا پيا.

هينئر اسان وٽ يونيورسٽين ۾ الڳ الڳ شعبا آهن، جتي علم کي ابتدائي کان آخري ڏاڪن تائين ڦهلايو وڃي ٿو. بهاءُالدين ذڪريا ملتان ۾ يونيورسٽي ٺاهڻ مهل ائين ئي ڪيو. ان لاءِ ڪيس تحقيقي سهولتن، لائبريريءَ جي ڪتابن ۽ رهائشي ادارن جو پڻ بندوبست ڪرڻو پيو. شيخ انهن رٿائن ۾ بہ وڏي ڪاميابي ماڻي.

انهن گهڻن ڪارڻن منجهان، جن جي ڪري اسلام جي پکيڙ بنھ بيٺي ڪٽي نہ تڏهن بہ ڍري ضرور ٿي، هڪڙو اهو بہ آهي تہ استادن، داعين ۽ مبلغن کي مناسب معاشي آزادي نہ ڏني وئي. اسان جا پرچارڪ تيستائين پوري جوش جذبي سان پنهنجا فرض نڀائي نہ سگهندا، جيستائين اهي عزت ڀرئي گذران وارن مسئلن کان آجا نہ هوندا. شيخ بهاءُالدين انهن مسئلن جي شدت کان چڱي طرح آگاهه هو. استادن جي سکيا وارن پنهنجن پروگرامن ۾ شريڪ ٿيڻ وارن لاءِ ڪو هنري ڏنڌو اچڻ لازمي ڪري ڇڏيائين تہ جيئن اهي پرڏيهه ۾ سفر ۽ پڙهائڻ جون ذميداريون نڀائڻ دوران گذران لاءِ ٻين تي بار نہ ٿين. شيخ استادن جي سکيا وارو شعبو پنهنجي هٿن ۾ رکيو. چڱي طرح سکيل ۽ يَڙ واپاري اسلام پکيڙڻ لاءِ پرڏيهه اُماڻيا ويندا


books.sindhsalamat.com



هئا. انهي احتياط ۽ اسلامي ڄاڻ جي حوالي سان مڪمل سکيا جي ڪري ڏورانهن ملڪن جهڙوڪ سِلهٽ، برما، آسام ۽ انڊونيشيا اسلام قبوليو ۽ شيخ جي سُهروردي صوفي مسلڪ جا پوئلڳ ٿيا.

هن عظيم تعليمدان جي وفات جي تاريخ 661 يا 666هه آهي. 578هه کان 666هه تائين لڳ ڀڳ هڪ صدي ٿئي ٿي ۽ اها صدي سچ پچ بہ هنر، ثقافت ۽ تعليم جي اوسر جي صدي آهي. ان سڄي عمل جو سِهرو اُچ، ملتان ۽ سنڌ جي سومرن بادشاهن جي سِر وڃي ٿو، جن جي دور ۾ هنر، ڪاريگري ۽ سِکيا عروج تي پهتا.

اٽڪل ستر سال پوءِ هجري سال 734 جي پهرئين ڏهاڙي تي مراڪشي گهومڙائو ابن بطوط سنڌو ماٿر (پنجاب يا پنج درياءَ) ۾ پهتو. انهي پنهنجي عجائبُ الاسفار ۾ سندس پاران گهميل شهرن ۽ وسندين جو تمام تفصيلي وچور ڏنو آهي. سومرن جي سهڻن شهرن منجهان هڪڙو جٽاٽي نالي هو. انهي بابت هيئن لکي ٿو:

“اسان سنڌو درياءَ رستي بہ ڏينهن سفر ڪيو ۽ سنڌوءَ جي ڪنڌين تي آباد هڪ وڏي ۽ سهڻي شهر جٽاٽي ۾ پهتاسين. انهي ۾ عاليشان مارڪيٽ هئا ۽ اتان جا رهواسي سامِرا سڏجندڙ ڪي ماڻهو هئا. اهي اتي آڳاٽن جُڳن کان وٽي رهندا پيا اچن. سنڌ جي فتح جو احوال سهيڙيندڙ تاريخدانن مطابق انهن جا وڏا حجاج بن يوسف جي دور ۾ اهو فتح ٿيڻ وقت اتي رهندا هئا.

سالڪ ۽ سچي عالي مرتبت مذهبي اڳواڻ ۽ پارسا زاهد شيخ رُڪنُ الدين پٽ پارسا زاهد ۽ عالي مرتبت مذهبي اڳواڻ شيخ بهاءُالدين ذڪريا القريشي؛ جيڪو انهن ٿن خاص ماڻهن منجهان هڪ هو، جن لاءِ پاڪ ۽ پارسا شيخ بُرهانُ الدين العرج اسڪندريہ ۾ بشارت ڏني هئي تہ مون کي پنهنجي سفر دوران انهن سان ملڻ گهرجي ۽ جن سان رب جي فضل سان مان مليس، مون کي ٻڌايو تہ سندس پڙڏاڏو محمد بن قاسم القريشي هو ۽ اهو تہ سنڌ جي فتح وقت هو پاڻ انهي لشڪر ۾ شامل هو، جيڪو حجاج بن يوسف عراق جي گورنريءَ دوران فتح لاءِ موڪليو هو. سامِرا سڏجندڙ اهي ماڻهو نہ ڪنهن سان گڏ کائين ٿا ۽ نہ ئي کائڻ مهل انهن ڏانهن ڪو ڏسي سگهي ٿو؛ نہ اهي پنهنجي ذات کان ٻاهر پرڻجن ٿا ۽ نہ ڪو سندن ذات مان پرڻجي ٿو. منهنجي وڃڻ وقت انهن جو وُنڙ نالي امير هو، جنهن جي ڪهاڻي اسان اڳتي ٻڌائينداسين”.


www.sindhsalamat.com

هي بيان اسان جا چارئي انومان بلڪل درست ثابت ڪري ٿو، جهڙوڪ:

1. ميسوپوٽامي ڌرتيءَ تي وسڻ کان وٺي سومرا شهري سيئتا جا عظيم اڏيندڙ رهيا آهن.
2. ڪين منظم رکڻ لاءِ سدائين سنڌن کو پنهنجو حڪمران رهيو آهي.
3. مٿي بيان ڪيل سنڌن عادتون هر دور ۾ ۽ هر هنڌ هلندڙ حاڪماڻيون عادتون هيون.
4. جڏهن هباري راج جي پڄاڻي ٿي ۽ سومرن انهن کان بادشاهي ورتي ته هبارين صرف انهي ڪري ڪا مزاحمت نه ڪئي ته ڪوڙ ساريون هباري چوڪريون سومرا گهراڻي جون نُنهرون هيون. ٻين لفظن ۾ هباري مطمئن هئا ته اقتدار ڪنهن رقيب دشمن نه پر سنڌن پنهنجي نياڻين ڏانهن وڃي رهيو هو.








### باب اٺويهون

# سومرن جو زوال
## (1320 – 1360ع / 720 – 761ھ)

سمن سومرن کي اقتدار حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪئي هئي، پر اڳتي هلي سومرن انهن کي ڪڇ ڏانهن ڌِڪي ڪڍيو، جتي انهن گجرات جي چاوڙن وٽ وڃي پناهه ورتي. اتي انهن پنهنجي بادشاهي قائم ڪئي. سنڌ جي سمن اسلام قبوليو، پر ڪڇ وارا هندو رهيا. 1320ع ۾ غياث الدين تغلق پاران دهليءَ تي چڙهائيءَ وقت لاڙ سنڌ جي سومرن حاڪمن اتر سنڌ جي گهڻن علائقن تي قبضو ڪري ورتو.

جولاءِ 1325ع ۾ محمد تغلق پنهنجي پيءُ سلطان غياث الدين کان سينگاريل هاٿين تي سوار ٿي جلوس مان لنگهڻ جي اجازت گهري. اجازت عطا ٿي. ڪاٺ جو هڪ وڏو محل جوڙيو ويو. تاريخدان چون ٿا ته محمد تغلق جاڻي واڻي ڪمزور پيرو جوڙايو هو. اهو هاٿين جي وزن تي ڍهي پيو ۽ سلطان انهي هيٺان اچي مري ويو.

غياث الدين بُورا ۽ بهاءُالدين گُرشَسپ بغاوت ڪئي، پر مارجي ويا ۽ محمد تغلق جي حڪمن تي سندن چمڙ لاٿو ويو. انهن جا چمڙ جڏهن سنڌ ۾ پهتا ته ملتان ۽ مٿين سنڌ جي گورنر ڪِشلُو خان انهن ٻنهي کي پورڻ جو حڪم ڏنو. بهاءُالدين گُرشَسپ غياث الدين جي ڀيڻ يا محمد تغلق جي پڦڙ ۽ هڪ اعليٰ مرتبي امير جو پٽ هو. انهي محمد تغلق جي اطاعت ڪرڻ کان انڪار ڪيو. سندس خلاف خواجه جهان جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ وڏو لشڪر اُماڻيو ويو، جنهن هندو راجائن جي مدد سان گُرشَسپ کي شڪست ڏئي قيد ڪيو. سندس جيئري کل لاٿي وئي ۽ سندس گوشت چانورن سان گڏائي رڌي هاٿين کي ڏنو ويو. سندس کل ۾ ٻُهه ڀري نماءَ لاءِ سڄي سلطنت ۾ موڪليو ويو. بهرام البيه عرف ڪِشلُو خان محمد تغلق جو نيپاج


books.sindhsalamat.com



پاءُ هو. انهي ڪي ملتان، اُچ ۽ مٿين سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو هو. عهدو سنڀاليندي ئي انهي بغاوت ڪئي. ڪِشلُو خان کي زير ڪرڻ لاءِ بادشاهه لشڪر موڪليو، جنهن کي ملتان ويجهو ويڙهه ۾ شڪست ٿي، گرفتار ٿيو ۽ مارجي ويو.

ساڳئي سال منگولن آمون درياءَ جي پاسن وارن علائقن جي چَنگتيا امير تَرمشيرين (ڌرمساري)، جنهن ٿڌ مت ڇڏي اسلام قبوليو هو، جي اڳواڻيءَ هيٺ ننڍي کنڊ تي حملو ڪيو. ملتان کي زير ڪرڻ کان پوءِ انهي دهليءَ تي چڙهائي ڪئي. محمد تغلق کيس وڏي دولت ڏئي امن خريد ڪيو. تَرمشيرين واپس موٽندي واٽ تي گجرات ۽ سنڌ (اُچ ۽ ملتان) کي ڦريو لٽيو. انهي پنهنجي نياڻي امير نوروز ۽ منگول سردارن جي وڏي انگ کي محمد تغلق جي دربار ۾ موڪليو. اهي سڀ جو سڀ محمد تغلق جي لشڪر ۾ شامل ٿي ويا. امير نوروز 1351ع ۾ سلطان جي وفات تائين 20 سال نوڪريءَ ۾ رهيو. انهي سال اهي مغل سردار سومرن سان گڏجي پيا ۽ شاهي لشڪر کي ڦريائون.

1332-33ع (733ھ) ۾ خفيف بن پونڱر سومرو گذاري ويو ۽ پاٽس دودو-چوٽون راڄ ڏٽي ٻٽيو. تيستائين مٿين سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت ٻنهه ڪمزور ٿي چڪي هئي ۽ زوال شروع ٿي چڪو هو. سومرن پاران محمد بن تغلق جي لشڪر کي ڦرڻ وارو برني جو بيان ڪيل طريقو ظاهر ڪري ٿو ته اهي لاڙ سنڌ ۾ گهڻا طاقتور هئا. اتر سنڌ ۾ درياءَ پنهنجو وهڪرو ڇڏي گهٽ ۾ گهٽ 20 ميل اولهه طرف الهندي ناري جي پيٽ تان وڃي وهي ملڪ ڦٽائي ڇڏيو هو ۽ نتيجي ۾ سندن زور ٽٽي چڪو هو. اتر سنڌ ۾ سنڌو درياءَ جي آبي ڦيرن سبب سومرن جو اقتدار ڪمزور ٿيو ۽ سندن اڳواٽي وچولي سنڌ جي سمن جي هٿن ۾ هلي ويو. سمان علاءُالدين خِلجيءَ جي دور ۾ اُڀريا، پهريان 1333ع ۾ بغاوت ڪيائون ۽، جيئن ماهروءَ جي خطن مان لڳي ٿو، 1353 کان 1360ع جي وچ تي سومرن کان مڪمل طرح اقتدار کسي ورتائون.

1333-34ع (734ھ) ۾ چامر اُنڙ ۽ قيصر رومي دهلي سرڪار خلاف بغاوت ڪئي ۽ دهلي سرڪار جي سيوهڻ ۾ نمائندي مَلڪ رَتَن کي ماري وڌو. اهو حساب ڪتاب ۾ تکو هوندو هو ۽ راجاءِ سنڌ سڏبو هو. سيوهڻ انهي جي جاگير هو. چامر اُنڙ خزانو ڦريو ۽ باغين کيس ملڪ فيروز جو لقب ڏنو، جيڪو اڳ وارن سيني


www.sindhsalamat.com

سومرن بادشاهن جو لقب هو. انهي سان 1800 گهوڙيسوار هئا، جن کيس بغاوت ۾ ساٿ ڏنو. پٽس ٻانيٽئي 1351 ۽ 1360ع جي وچ تي بهاءُالدين شهمير (همير بن دودو سومرو) کي شڪست ڏني ۽ پاڻ سنڌ جو حاڪم بڻيو. همير سنڌ کان ٻاهر وڃي پناهه ورتي. دودائي ذات جو بنياد وڌائين ۽ بلوچ قبيلن سان گڏ مڪران ۾ وڃي رهيو. دودائين 1445 کان 1526ع دوران ڊيرا غازي خان ۽ ڊيرا اسماعيل خان ضلعن ۾ سرداريون قائم ڪيون.

بغاوت جي خبر جڏهن ملتان پهتي ته اتان جي گورنر سرتيز بدمعاشن کي سيڪت ڏيڻ لاءِ لشڪر موڪليو. جام انڑ پنهنجي گهر هليو ويو. تنهنڪري باغين قيصر رومي کي پنهنجو امير بڻائي چڙهيو. سرتيز جي لشڪر سيوهڻ جي چوڌاري ڪڙو چاڙهيو. جنهن 40 ڏينهن کان پوءِ آڻ مڃي ۽ قيصر رومي جي ماڻهن ۽ باغين کي ڳريون سزائون ڏنيون ويون. لڳي ائين ٿو ته جام اُنڑ صحيح سلامت پنهنجي راڄ وارن وٽ وڃي پهتو. ابن بطوط ٻڌائي ٿو ته جام اُنڑ سومرو هو. ڊاڪٽر دائودپوٽي جي دعويٰ آهي ته جام اُنڑ وچولي سنڌ جي سومرن توڙي سمن ٻنهي جو مشترڪ چونڊيل اڳواڻ هو. ڊاڪٽر اسلام چوي ٿو ته اُنڑ سومرو هو.

سومرن جي زوال جي بلڪل درست تاريخ جي خبر ناهي، پر اها 1351 ۽ 1364ع جي وچ تي هوندي، چو ته انهي ئي عرصي دوران عينُ المُلڪ ماهرُو سلطان فيروز تغلق کي سومرن جي سمن خلاف مدد ڪرڻ لاءِ التجا ڪئي. جيڪي منگولن سان ملي ويا هئا ۽ انهن کي دهليءَ جي علائقن تي حملي لاءِ همٿائي رهيا هئا.

خفيف-ٿئين جو نالو سومرن بادشاهن جي لسٽ ۾ 19 نمبر تي ڏنل آهي. انهي 1316ع (715هه) کان 1333ع (733هه) تائين حڪومت ڪئي ۽ ڪانئس پوءِ پٽس دودي -چوٿين گادي سنڀالي، جنهن بنا ڪنهن پريشانيءَ جي 19 سال راڄ ڪيو. ڊاڪٽر سورلي پنهنجي گزيٽيئر آف سنڌ (ص. 152) ۾ هن خفيف بابت لکي ٿو ته انهي بلوچن، سوڍن ۽ جاڙيجن جون ڪيتريون ئي ڪاهون ڪاميابيءَ سان روڪيون. ابن سومار (خفيف) جي حڪومت وڏي زور واري هئي ۽ سندس اختيار ڪچ کان نصرپور تائين هلندو هو. انهي جي ئي دور ۾ سمان ذات، ڪنهن بلوچ قبيلي کي ڦرڻ جي ڏوهه ۾ خفيف هٿان سخت سَٽڪو کائي، نروار تي آڏو آئي. خفيف جي ڏينهن کان سومرا راڄ گهراڻي جي طاقت ۽ پڪيڙ هوريان هوريان گهٽجڻ لڳي، عُرَّا





مِهل (اَر-ما-ٿِيل) جي ڏينهن ۾، ڪجهه وقت اڳ ڪڇ کان اچي سنڌ ۾ آباد ٿيندڙ سمان ذات وارن، سندس خلاف سازش سِٽي ۽ کيس ماري پنهنجي ذات واري جام اُنڑ کي سنڌ جي تخت تي ويهاريو. اهو 1351ع ۾ ٿيو.

انهن ئي سالن دوران ڪنهن وقت جام اُنڑ همير دودي جي حڪومت خلاف بغاوت ڪئي. ساڳئي ئي سال سندس وارث پٽ ٻانيٽئي منگولن کان دهلي سرڪار خلاف مدد گهري. اانهي انهن جي مدد سان ڪيترائي قلعا اڳي ئي فتح ڪري ورتا هئا، تنهنڪري فيروز تغلق همير سومري جي مدد جو پڪو ارادو ڪيو ۽ ٺٽي تي هڪ ڀرپور ڪاهه جو بندوبست ڪيائين، پر ٻانيٽو پٽ جام انڑ تيستائين همير بن دودي سومري کي هڪ ئي جنگ ۾ شڪست ڏئي چڪو هو. مسٽر ايم. ايڇ. پنهور 1368ع جي حوالي سان (ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ جي صفحي 330 تي) لکي ٿو ته: ”دهلي سرڪار جون همير کي تخت موٽرائي ڏيڻ واريون ڪوششون ناڪام ٿيون ۽ سومرا راڄ گهراڻو پنهنجي پڄاڻيءَ پهتو“.

جيئن ته لهندڙ سج جي ڪو ماڻهو پوڇا نه ڪندو آهي، اسان جي تاريخدانن اهو جاڻڻ کي زحمت نه ڪئي آهي ته سمن هٿان شڪست کائيندڙ يا معزول ٿيندڙ آخري حڪمران جو ڪهڙو حال ٿيو. پر، گزيٽيئر آف بهاولپور اسان کي اهو چئي ڪجهه جاڻ ڏئي ٿو ته: ”انهي بابت چيو وڃي ٿو ته سمن هٿان تخت کسجڻ تي اهو پنهنجي راڄڌاني ڇڏي ۽ بلوچستان جي دنگ تي دراغل ٺَڪرين ڏانهن هليو ويو، جتي هو پنهنجي سيني ذات وارن سان گڏ آباد ٿي ويو، جيڪي اڳتي هلي گورچاڻي سڏائڻ لڳا، جيڪا اڃا تائين هڪ بلوچ ذات آهي.

مصنف ڏانهن لکيل پنهنجي خط ۾ مسٽر ايم. ايڇ. پنهور لکي ٿو:

”منهنجي ويچار ۾ سنڌ، راجستان ۽ گجرات جي لوڪ ڪٿائن جو سومرن جي سنجيده تاريخ سان ڪو واسطو ناهي ۽ اهي تاريخ لاءِ ڪم نه آڻڻ گهرجن. فيروز تغلق پاران سومرن جي بحاليءَ لاءِ ڪيل ڪاهن کان پوءِ سمن پلاند ۾ سومرن جي سيني ٻنين تي قبضا ڪري ورتا ۽ انهن کي ڏڪڻ، رازا، حجمر، سرون وجهڻ وارا، ڪٽي، لوهر ۽ سنگتراش وغيره (سپ جو سپ اَڇُوت) بڻائي ڇڏيائون. سندن آخري سرڪشيءَ کي محمود بيگڙي اچي دٻايو. اهو چوڻ ته سومرن ارغونن، ترخانن ۽ مغلن خلاف سمن جو سرگرميءَ سان ساٿ نه ڏنو غلط آهي. جيئن ته اهي هر ڳوٺ

۾ تڙيل پکڙيل هئا، سو انهن بہ سمن سان گڏ انهن جيتروئي پوڳيو. اتر سنڌ (شڪارپور ۽ جيڪب آباد) ۽ لاڙ (ٺٽو ۽ بدين) ۾ سومرا ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دورن ۾ اٿيا. بهاولپور ۾ اهي متاثر نہ ٿيا. پندرهين صديءَ ۾ جڏهن سمن بهاولپور جا حصا هٿ ڪيا، انوقت اتان جا سومرا سندن اڳواٽيءَ هيٺ اهم حيثيتن جا مالڪ هئا ۽ انهن کي سَنو ويو.“

مسٽر پنهور جي خط جي متي ڏنل پيراگراف جي آخري سِٽَ جي تائيد بهاولپور جي ڪنهن بہ تاريخ مان نٿي ٿئي. شاهي گهراڻو گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي پنجن سٺين پيڙهين سان سمورو عرصو ڪيچ مڪران ۽ دراغل جي ٽڪرين وارن علائقن ۾ رهيو ۽ اهي وڏن زميندارن جي روپ ۾ ڪڙمت جي ڌنڌي سان واڳيل رهيا. ليّ تعلقي ۽ مظفرآباد ۽ ڊيرا غازي خان ضلعن جي گزيٽيئرن منجهان اسان کي هن راڄ گهراڻي جي چرپر جا ڪي اهڃاڻ ملن ٿا، پر اهي ايترا گهڻا ناهن جن سان لاڳيتيون ڪڙيون ڳنڍي سگهجن. 1469ع (874ھ) ۾ سلطان حسين لانگاه پنهنجي پيءُ جي ملتان جي حاڪميءَ واري گادي سنڀالي. ”ٽاڪرو ڌاڙيل وڏو آزار ٿيندا ٿي ويا. مَلڪ سُهراب نالي هڪ دودائي بلوچ پنهنجي پٽن اسماعيل خان ۽ فتح خان ۽ قبيلي جي هين ماڻهن سان گڏ ڪيچ مڪران کان آيو ۽ سلطان حسين وٽ ملازم ٿيو.“ اهو هنن قبائلين جي اچڻ تي سَرهو ٿيو ۽ ڪروڙ جي قلعي کان دين ڪوٽ (ڪالا باغ ويجهو) تائين وارو علائقو سهراب خان جي حوالي ڪري ڇڏيائين. تاريخدان فرشتا هن علائقي ۾ بلوچن جي پهرين آبادي، وانديون پيل ٻنين کي پوک هيٺ آڻڻ لاءِ ڪيل سندن اٽڪت ڪوششن، اوڳاڙين ۾ زبردست واڌاري، ڌاڙيلن جي آزار کي ٻُنجو ڏيڻ ۽ سنڌوءَ جي ٻنهي پاسي وارن علائقن ۾ ٻن ڊيرن جي بنياد وجهڻ جو احوال ڏئي ٿو.

اسماعيل خانن ۽ غازي خانن سنڌوءَ جي ٻنهي پاسن وارن علائقن تي پنهنجو راڄ قائم ڪيو. پهريون غازي خان 1494ع ۾ گذاري ويو. سومرن پنهنجن چڱن مڙسن جي اڳواٽيءَ ۾ هڪ متحد قبيلو ٿي ڪٿي ٽاڪ ناهيا، انهي جو ڪو ڏس پتو ناهي. لڳي ائين ٿو تہ اهي سموري پنجاب ۽ سنڌ ۾ تڙي پکڙي ويا. ميراڻين، خاص ڪري مير چاڪر، جيڪو ليّ پرڳڻي جي اوائلي بلوچ آبادڪارن منجهان مُک ماڻهو هو ۽ جنهن سان گورِش سومري جا ويجها ناتا هئا، ئي دراغل ٽڪرين ۾ ساڻن گڏ




رهندڙ سومرن اميرن کي پاڻ سان گڏ ليّ ڏانهن هلڻ جي دعوت ڏني هوندي. اتان جون روايتون پڻ مير چاڪر يا سندس ڪنهن سومري ساٿاريءَ پاران ملڪ جي هن پاڳي ۾ ڪنهن مهم بابت ڪو اشارو نٿيون ڏين. 1540ع ۾ جڏهن بادشاه شير شاه خوشاب ۽ ڀيرا ۾ آيو تہ رڳو اسماعيل خان ۽ غازي خان بلوچ ئي ساڻس ملڻ ويا. سومرن اميرن بابت اسان کي انهي عرصي دوران جيڪا ٿوري ڄاڻ ملي ٿي سا بهاولپور گزيٽيئر (صفحو 506) ۾ هن طرح آيل آهي تہ مروٽ واري قلعي جي 1491ع ۾ مَلڪ ڄام سومري مرمت ڪرائي، تڏهن اهو انهي جي قبضي ۾ هو. مروٽ قلعو سُڪي ويل درياءَ هاڪڙي جي ڏاکڻي ڪنڌيءَ تي واقع آهي.

ميراڻين جو ليّ پرڳڻي تان اختيار 1620ع ۾ بلڪل ختم ٿي ويو. انهن ڪوٽ اَدُو، ڪوٽ سلطان، ليّ ۽ نوشهرو 1550ع ڌاري اڏيا هئا.

آخري سومري بادشاه جي ظاهري وارث جو نالو، جيڪو سنڌ کان لڏي سڌو ليّ ڏانهن آيو، رڪارڊ تي ڪونهي. سندس وڏي ۾ وڏي پٽ جو نالو بهاءُالدين آهي. انهي ليّ واري رڻ ۾ هڪ کوه کوٽايو، جيڪو هاڻ ڦٽي ويو آهي، اهو انهي جي نالي سان سڏجي ٿو ۽ روينيو رڪارڊ تي ’ڏِلهہ بهاءُالدين‘ طور چڙهيل آهي. لکيل شجرو پڻ انهي سان شروع ٿئي ٿو، جنهن ۾ چِٽو ٻڌايل آهي تہ هي اهو راڄ گهراڻو آهي، جنهن سنڌ تي ڪيترين صدين تائين راڄ ڪيو.

سڌو سنئون شاهي ٻار جي اها چرپر ڪجه تاريخي ڪتابن جهڙوڪ نور احمد فريديءَ جي لکيل ’تاريخ ملتان‘ وغيره ۾ اتفاق سان ۽ غير ارادي طور لکجي وئي آهي، جنهن ۾ بهاءُالدين ذڪريا ملتانيءَ جي پونيَرن وچ ۾ وراثتي تڪرار جو ذڪر ٿيل آهي. گادي نشين مخدوم شيخ بهاءُالدين-ٻيون 950ھ (1542ع) ۾ گذاري ويو. انهي پونيَرن ۾ ٻہ پٽ ڇڏيا: شيخ محمد يوسف عرف لال عيسان ۽ شيخ ڪبير. انهن ٻنهي گاديءَ جو وارث هجڻ جي دعويٰ ڪئي: پهرئين وڏو پٽ هجڻ آڌار ۽ پوئين پيءُ جي وصيت آڌار. اهو تڪرار نبيري لاءِ دهليءَ جي شاهي دربار تائين پهتو. ڪيپٽن هيڪٽر ميڪنزي جي 1835ع واري لکت مطابق، جنهن جو حوالو اِبٽسن پنهنجي ڪتاب ’اي گلوسري آف دي ٽرائيبس اينڊ ڪاسٽس آف دي پنجاب اينڊ اين. ڊبليو. ايف. پي.‘ (فٽ نوٽ صفحو 420) ۾ ڏنو آهي، بادشاه ڪين حضرت دائود نالي سندن مرشد ڏانهن موڪليو. مرشد ڏٺو تہ سندن تڪرار جو وڌ ۾ وڌ

ڏاهپ پريو نبيرو هو پاڻرن کي ڏار ڪرڻ. انهن منجهان هڪڙي مخدوم لال عيسان کي سنڌ ساگر دوآب ۾ غيرآباد علائقي ڏانهن موڪلي وڃڻ لاءِ چيائين. اهو آيو ۽ پاڻ سان گڏ ڏيهه تيا ڳيندڙ لوهاڻن، سُمراهن ۽ جاٽ ذات جي گٽ پاڙن جي ماڻهن جو هڪ وڏو انگ به وٺي آيو. اتي پهچي، گهڻو ڪري سِيارن جي موجودگيءَ سبب مائل ٿي، انهن جي پر ۾ آباد ٿي ويا ۽ آخر ۾ قبيلي کي درياءَ جي ويجهو اچي ويهڻ تي قائل ڪري، پنهنجو ڳوٺ ڪَروڙ ٻڌائون.

هتي جنهن بادشاهه جي ڳالهه ٿيل آهي، اهو شير شاهه سوري يا سندس پٽ آهي ۽ اهو مرشد، جنهن جي حڪمن تي سومرا، لوهاڻا ۽ گٽ ذاتيون ليّہ ڏانهن لڏي آيا، ڪو ٻيو نہ حضرت ابراهيم دائود بندگي آهي، جنهن جو احوال ٻئي هنڌ ڏنل آهي.

سومرن جي چڱي مڙس ٿل ۽ سنڌو درياءَ جي ڪچي جي ڪجهه علائقن ۾، ڪنهن بہ فوجي منشا کان سواءِ، هڪ طاقتور زميندار جي روپ ۾ پير ڄمايا. هن علائقي ۾ ميراڻين جي آڳاٽي آبادي هڪ دلچسپ مطالعو پيش ڪري ٿي.

ليّہ تعلقي جي گزيٽيئر جي صفحن 16 ۽ 17 تان هڪ خلاصو هتي ڏيون ٿا:

‘هنن بلوچ آبادين جي تاريخ چڱي خاصي شڪ ۽ مونجهاري ۾ ويڙهيل آهي، جنهن جو ڪارڻ وڏي حد تائين ڏيهي تاريخدانن پاران مُک شهرن ۽ ڳوٺن جو بنياد آڳاٽن آبادڪارن جي اميرن ۽ سندن پٽن سان جوڙڻ واري عام روايت آهي، جن لاءِ فرض ڪيو ويندو آهي تہ هنن تي نالا انهن جي نسبت سان پيا.

مُکيہ مجيل حقيقتون ائين ٿيون لڳن تہ آڳاٽا آبادڪار ٻن وڏن گهراڻن اسماعيل خانن ۽ غازي خانن جي اڳواڻيءَ هيٺ هڪ ٿي ويا هئا. اهي ٻئي گهڻو ڪري ساڳئي ئي ٻُڻ منجهان يعني دودائي بلوچ هئا، پر اهو دودائي نالو هڪدم غائب ٿي وڃي ٿو ۽ تَرَ جي تاريخ ۾ غازي خانن جا قبيلا ميراڻي ۽ اسماعيل خانن وارا هوتَ بلوچ سڏجن ٿا. بلوچن مطابق دودائي، سَٽا-سومرا ڪُڙم جي جاٽ نسل جي هڪ گاڏڙ ذات آهن، جنهن جي هنوقت نمائندگي ليّہ وارا سومرا ڪن ٿا؛ انهن جو باني دودو هڪ بلوچ زال پرڻيو هو. هي قبيلو بلوچن جي اوچتي واڌ کان اڳ ڊيرا غازي خان جو مالڪ هو ۽ بلوچن سان رَلي ملي اها مالڪي برقرار رکندو آيو. ڊيرا غازي خان وارا ميراڻي دودائي هئا؛ انهي جي برعڪس هوتَ نِج بلوچ رت مان هئا. بلوچ روايتن مطابق هوتَ، بلوچن جي پنجن بنيادي شاخن يعني رند، لاشاري، هوت،







ڪورائي ۽ جتوئي منجهان هڪ آهن، جن مٿان اهي نالا سپني جي ساڳئي وڏي مير جالان جي چئن پٽن ۽ هڪ ڌيءُ جي نسبت سان پيا. انهي ليکي اهي دودائين جي شاخ ورلي ئي ٿي سگهن ٿا. لڳي ائين ٿو تہ ملتان جي گورنر هنن ٻنهي گهراڻن کي سنڌوءَ جي پاسن سان ٻنيون ڏنيون هيون؛ سنڌوءَ جي چناب سان ميل کان مٿئين پاسي ٻنهي ڪنڌين سميت. انهن پهريان ساڄي ڪنڌيءَ تي پنهنجا پير ڄمايا، پر هوريان هوريان اوڀارين ڪنڌيءَ تي قابض ڌرين کي بہ ڌِڪي ڪڍيائون. هنن هوت سردارن بابت تمام گهٽ ڄاڻ ملي ٿي. ڊيرا اسماعيل تي خان انهن جي حڪومت سندن پهرين آبادڪاريءَ کان وٺي سندن آخري حاڪم نصرت خان جي احمد شاهه ابداليءَ هٿان 1770ع ڌاري معزول ٿيڻ ۽ قيدي بڻجي ڪابل وڃڻ تائين لاڳيتي هلي. 1794ع ۾ صوبي جي حڪومت محمد خان سدوزئي جي هٿن ۾ هلي وئي. هاڻ هوت تاريخ مان غائب ٿي ويا.

لڳي ٿو تہ ليّہ تعلقي جا اڳوڻي ڊيرا غازي خان ضلعي جي ڏاکڻئي دنگ وارا علائقا سنڌو ماٿر جي انهي پاڳي ۾ گڏايا ويا هئا، جيڪو ميراڻين جي حوالي هو. انهن بابت چيو وڃي ٿو تہ انهن ڪوٽ اَدُو، ڪوٽ سلطان، ليّہ ۽ نوشهرو شهر ٻڌرايا. نوشهري کان اڳتي وارو علائقو گهڻو ڪري اڳ ۾ اٿندي واري ورڇ موجب هوتن وٽ هو. مٿي ڄاڻايل شهر غازي خانن جي چئن پٽن پاران 1550ع ڌاري ٻَڌايل چيا وڃن ٿا. انهن مان سڀ کان وڏي ڪمال خان، جنهن ليّہ ٻڌايو، لاءِ چيو وڃي ٿو تہ انهي کي پنهنجي پاڻرن مٿان هڪ قسم جي برتري هوندي هئي. پر لڳي ائين ٿو تہ ميراڻين جي ليّہ مٿان آزاد حڪومت ڪڏهن بہ نہ رهي. غازي خانن وٽ ليّہ پرڳڻو غازي علائقي جي حصي طور هو، اوترو جيترو دريا خان ڊيرا وارن هوتن وٽ هو، ٻنهي منجهان ڪنهن جو بہ هيڊڪوارٽر سنڌوءَ جي هِن پاسي وارن تعلقن ۾ نہ هو. انهن حالتن جي ڪري ئي جسڪاڻين زور ورتو. مير چاڪر خان ليّہ پرڳڻي ۾ سڀ کان پهريان آباد ٿيندڙ بلوچن منجهان مُک ماڻهو هو. انهي جي پونيَرن منجهان دائود خان ڪَروڙ ۽ ليّہ جي وچ وارن ٻيلن ۾ ڌاڙيلن جو سردار بڻيو، سندس هيڊڪوارٽر واڙا گِشڪَوري ۾ هو. انهي ساٿارين جو هڪ وڏو انگ گڏ ڪيو ۽ 500 گهوڙيسوار وٺي ڊيرا غازي خان جي ميراڻين ۽ ڊيرا جي هوتن ٻنهي کي سامهون ٿيو، جن جي دنگن تي اهو ڄميو ويٺو هو. ائين اڪبر جي دور ۾ سورهين صديءَ

جي پوئين اڌ ۾ ٿيو. نيٺ اڪبر بادشاهه مٿس لشڪر چاڙهي موڪليو، پاڻ مارجي ويو ۽ سندس ٽولو ٽٽي ويو. پر لڳي ٿو ته قبيلو ٻيهر گڏ ٿيو ۽ سترهين صديءَ جي شروعات ۾ سندن سردار بلوچ خان کي بادشاهه پاران مظفرڳڙهه ۾ محمودڪوٽ ڪان وٺي ميانوالي ۾ ڪولا تائين وارو علائقو بخشش ۾ مليو. پر نٿو لڳي ڪو جسڪاڻي ڪين بخشش ۾ مليل دريا خان جي اتر واري علائقي جو قبضو حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندا هوندا. اهو ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين ڏيرا جي هوتن وٽ رهيو. جسڪاڻين کي گهٽو ڪري حقيقي طور انهي ڪان وڌيڪ ڪجهه هٿ حاصل نه ٿيو، جيڪو هو اڳيئي هوتن ۽ ميراڻين جي اطاعت ۾ وٺيون وينا هئا. انوقت ڪان پوءِ اهي آزاد ٿي ويا ۽ ميراڻين جو ليّہ پرڳڻي تان اختيار بلڪل ختم ٿي ويو. چيو وڃي ٿو ته ميراڻين کي ليّہ مان 1620ع ڌاري لوڏي ڪڍيو ويو.

ميراڻين جي دور جي پڇاڙيءَ تي جسڪاڻي اقتدار ۾ آيا، پر اهي اڪثر بيشتر اُڇ جي سيالن سان وڙهندا رهيا يا سڪن سان واسطو پوندو رهين، جيڪي انوقت پنجاب ۾ طاقت تي ايري رهيا هئا. سومرو امير ليّہ ۾ پنهنجي هٿيارٻندن ڪان سواءِ آيو هو، چاڪاڻ ته همير جي 1351ع ۾ سمن هٿان شڪست کائڻ ۽ 1360ع ۾ دراغل ٽڪرين ڏانهن ڪسڪي وڃڻ تي سندس قبيلو ٽڙي پکڙي ويو يا سمن جي ڏاڍ ڪان ڪل بچائڻ لاءِ ٻين ڏنڌن کي وڃي لِڪو.

جسڪاڻين جو ليّہ تي راڄ 1787ع تائين هليو. انهن ڪان پوءِ ڪيترا ئي ڏيهي گهراڻا، سِکَ، ڪابل جا بادشاهه ۽ پڇاڙيءَ ۾ انگريز آيا. اٽڪل 240 سالن جي ان سموري عرصي دوران سومرا غير واقعاتي زندگي گذارڻ تي مجبور رهيا. پنجاب ايڊمنسٽريشن رپورٽ جي پئراگراف نمبر 16 اها پاليسي وضح ڪري ٿي، جنهن هيٺ پرڏيهي حاڪم هتان جي ماڻهن سان هلندا هئا. اڳوڻن حڪمرانن ۽ آزاد قبيلن کي يا ته ٻنهه هيٺو ڪري ۽ محتاج بٽايو ويندو هو يا ڏيکاءَ لاءِ اعزازي عهدا ڏنا ويندا هئا. 1901ع ۾ انگريز سرڪار ليّہ جي سومرن سان معاهدو ڪيو ته ٿل ۾ سندن بنا پاٽيءَ واريون ٻنيون آباد ڪرڻ لاءِ ڪين هڪ واهه ڏنو ويندو. اهو واهه اٽڪل اڌ صديءَ ڪانپوءِ ڏنو ويو، جڏهن سومرا لڳ ڀڳ هڙئي ٻنيون معمولي قيمت هڪ آنو في ايڪڙ تي وڪڻي چڪا. موجوده پاڪستان جي اڌ ڪان وڌيڪ علائقي تي چئن صدين ڪان وڌيڪ آزاديءَ سان راڄ ڪندڙ شاهي گهراڻي جو زوال اجا جاري آهي.



books.sindhsalamat.com



هن راڄ گهراڻي جي آخري راڄڌاني پتڻ المعروف پتڻ منارو ۾ هئي. بهاولپور جو گزيٽيئر هن آثار بابت ڪجهه ڄاڻ ڏئي ٿو ۽ همير جي دور جو هڪ رومانوي داستان ٻڌائي ٿو. پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ اسان هتي اهي ٻئي ڏيون ٿا. رومانوي داستان رچرڊ ايف. برٽن جي اَمُلهه ڪتاب 'سنڌ اينڊ دي ريسز دئٽ اِنهيبٽ دي ويلي آف انڊس' تان کنئي وئي آهي. کهاڻيءَ جي ماڳ مڪان سَرواهِي بابت مٿيون گزيٽيئر اسان کي هيٺين ڄاڻ ڏئي ٿو:

سَرواهِي يا سِيورَائي ڪوٽ سبزل ڪان ڇهه ميل اتر اوير طرف واقع آهي. اهو راءِ سهاسي پاران ڇهين صدي عيسوي ۾ مرمت ڪرايل ڇهن قلعن منجهان هڪ هو. انهي کي شاهه حسين ارغون 1525ع ۾ تباهه ڪيو ۽ هنوقت صرف هڪ قِلو ڏڙو آهي. جنرل ڪَنِنگهام انهي جي سڃاڻپ يوناني تاريخدانن واري سودرائي يا سوگدائي سان ڪئي (ڏسو ص. 56-253، ائنشيَنٽ جيوگرافي آف انڊيا، ڀاڱو-پهريون). مومل جو عاشق مينڌرو، جيڪو پتڻ واري همير سومري جو همعصر ٻڌايو وڃي ٿو، سِيورائي جو چڱو مڙس هو، جنهن مان پڌرو ٿئي ٿو ته اهو ماڳ انهن ڏينهن ۾ آباد هو ۽ ڪنهن ننڍڙي رياست جي راڄڌاني هو. ڏڙي جي آثار پروڙ مقصدن لاءِ ڪوتائي ڪڏهن به نه ٿي آهي، پر “آثارن تان نرالي قسم جا پڪل مٽيءَ



جا اٽڪل ماڻهوءَ جي مٿي جيترا ڳوڙها لڌا آهن، جيڪي لڳي ٿو ته ميزائلن وانگر



www.sindhsalamat.com

استعمال ٿيندا هوندا”.

پتڻ منارو

انهي گزيٽيئر ۾ پتڻ مناري جو احوال هن ريت ڏنل آهي:

## پتڻ منارو

پتڻ منارو يا پتڻ يا فتڻ يا پتڻپور رحيم يار خان ريلوي اسٽيشن کان پنج ميل اوڀر طرف سنڌوءَ جي پراڻي پيٽ (تَرَ ۾ سيج سڌجي ٿو، 28 ‘16 اتر ۽ 70 ‘22 اوڀر ۾) جي اوڀارين ڪنڌيءَ تي واقع آهي ۽ ملڪ جي انتهائي وڏي پکيڙ وارن آثارن منجهان هڪ آهي. قديم اڏاوت منجهان صرف هنن آثارن جي وچ تي هڪ منارو آهي، جيڪو ان جهڙن ئي پر ٿورن ننڍن چئن منارن جي وچ تي بيٺل هو، جن سڀني سان ٻوڏي مَڙهيءَ ٿهيل هئي. چار منارا، جيڪي وچئين مناري سان انهي جي مٿين ماڙ وٽ جُڙيل هئا، ڦٽل حالت ۾ ارڙهين صديءَ جي شروعات تائين موجود هئا، جڏهن فضل علي خان هالاڻي انهن کي ڍاٺو ۽ سرون ۽ پٿر دينڳڙهه، صاحبڳڙهه ۽ ڀاڳلا ۾ نوان ڪوٽ اڏڻ لاءِ استعمال ڪيائين. هنوقت مناري جي صرف هڪڙي ماڙ بيٺي آهي، پر روايت جي دعويٰ آهي ته اهو ٽه ماڙ هو. ڪو به نٿو ٻڌائي سگهي ته مٿيون ماڙيون ڪڏهن ڪِريون، پر ٻين ماڙ بهادر خان هالاڻي 1740ع ۾ ڍاٽي هئي ۽ هڪڙي سِر نڪتي، جنهن تي سنسڪرت ۾ هڪ ڦرهي اڪريل هئي، جيڪو ظاهر ڪري ٿو ته مڙهي سڪندر اعظم جي وقت ۾ اڏي وئي هئي. ڪرنل مِنچِن 1870ع ۾ مناري جي پير وارن دڙن جي کوٽائي ڪئي، پر سندس محنت جو ڪيس ڪو ڦل نه مليو. کوٽائيءَ دوران مزدورن کي ڪِني ڏپ وارو ڪو نيم پاڻيٺ مواد لڌو، جنهن جي مٿان مخصوص رنگ جي وڏين مَکَن جا ڪٽڪ پئي ڦِريا. ڳريل مواد جي موتمار ڏپ ۽ مَکَن جي زهريلن ڏنگن سبب ڪوڙ سارا مزدور ٿڏي تي ئي مري ويا. هي آثار ڪيترن ئي ميلن تي پکڙيل آهن ۽ انهن کي کوٽڻ جي اڃا تائين ڪا ڪوشش نه ٿي آهي. پتڻ مناري جي آسپاس ٻيا ڦِٽل دڙا آهن: ڪوڪر وارا پتڻ مناري جي آثارن کان پنج ميل؛ پندار، چار ميل ۽ دروازا، پنج ميل اوڀر ۾ آهن ۽ ٻِندور وارا انهن کان ٽي ميل اولهه ۾ آهن. روايت جي دعويٰ آهي ته شهر جڏهن



books.sindhsalamat.com



سڪيو ستابو هو، تڏهن اهو هڪ سؤ چورس ميلن کان مٿي پکڙيل هو: مٿي ڄاڻايل دڙا ساڳئي هڪڙي ئي شهر جو حصو آهن؛ پندار هڪ وڏي عمارت هئي، جتي پتڻ جو راجا پنهنجي راڄ کان اوڳاڙيل اَنُ رکندو هو؛ دروازا شهر جو مُک لنگهه هو ۽ ٻِندور پتڻ بادشاهيءَ جو مرڪزي قيدخانو هو. ڪوڪر جي اشتقاق جي خبر ناهي ۽ انهي بابت ڪا روايت نٿي ملي. هن اهم ماڳ جي اصل نالي بابت ڪا ڄاڻ ناهي ۽ ڪو به مسلمان تاريخدان پنهنجي لکڻين ۾ پتڻ جي ڳالهه ڪندو نظر نٿو اچي. انهي مان لڳي ٿو ته اهو پڪ سان انهن جي اچڻ کان گهڻو وقت ڦِٽي ۽ ڪنڊر بڻجي ويو هوندو. پتڻ برابر ڪو نئون نالو لڳي ٿو، پر انهي نالي سان ڪڏهن کان ڪوٺجڻ لڳو، تنهن جو اندازو ڪنهن شيءِ مان نٿو ٿئي. ڪرنل ٽاڊ پنهنجي ‘ائنلز آف جيسلمير’ ۾ پتڻ جو ذڪر ڪيو آهي، جتي “پتڻ جا شهزادا” وغيره اچي ٿو، پر ماڳ جو درست هنڌ نٿو ڏئي. ظاهر آهي ته ڪرنل ٽاڊ جو پتڻ صرف پتڻ (منارو) ئي ٿي سگهي ٿو، جيڪو لڳي ٿو ته سَمبت 1100 (ڏهين صدي عيسوي) ۾ ڪنهن رياست جي راڄڌاني هوندو. ڏهين صديءَ ۾ پتڻ کي سومرن نئين سِر اڏيو، جن جي اهو گهڻي عرصي تائين راڄڌاني رهيو. راڄ گهراڻي جو آخري وڏو همير سومرو هو، جنهن کان سمن راڄ ڦريو هو. چيو وڃي ٿو ته سومرن جي هتي آباد شاخ بلوچن سان ملي وئي، هاڻ گُرچاڻي سڏجي ٿي ۽ ڊيرا غازي خان ضلعي ۾ هڙاند ۾ آباد آهي. قصو هن طرح آهي ته گورِش سومرو شڪار ڪندي پلجي ويو ۽ بيحاليءَ جي آخري ڏاڪي تي بلوچن جي هڪ ٽولي کي هٿ آيو، جيڪي ڪيس پنهنجي جهڳن ۾ ڪٽي ويا، جتي انهن سندس سار سنڀال لاءِ هڪ نوجوان عورت مقرر ڪئي. چڱو ڀلو ٿي انهي سان شادي ڪيائين، انهي جي قبيلي ۾ قبول ٿيو ۽ پنهنجي سموري ڀائپي جي گڏجڻ تي بلوچ قبيلي گُرچاڻي جي پيڙهه وڌائين. سومرن پاران رضا خوشيءَ سان پنهنجو ڏيهه ڇڏڻ جو احوال ڏيندڙ هڪڙو ٻيو قصو تاريخِ مراد ڏنو آهي. همير سومري جي پتڻ ۾ آباد ٿيڻ وقت ملڪ ننڍين ننڍين بلڪل آزاد ۽ رڪي رڪي هڪٻئي سان جهيڙيندڙ رياستن ۾ ٽٽي چڪو هو ۽ ڦُل وڏا (هاڻ نوشهرو يا رحيم يار خان) جو چڱو مڙس لاکو پٽ ڦُل هو، جيڪو پاڻن، چارڻن ۽ سگهڙن وغيره سان سخاوت جي ڪري مشهور هو. لاکي سوامي نالي چارڻ کي ڪجهه گهوڙا بخشش طور ڏنا. چارڻ گهر ويندي واٽ تي پتڻ وٽ ترسيو، اتي ڪجهه



www.sindhsalamat.com

سومرا نوجوان اهي گهوڙا چورائي ويا. چارڻ، اها ڪُڙڪ پوڻ تي ته چوري همير ۽ سندس وزير جي ٽيڪ تي ٿي هئي، هڪ چوسٽو جوڙيو، جيڪو ملڪ ۾ هنڌين ماڳين مشهور ٿي ويو. اهي سٽون هيون:

ڏَرِي ڏُرا راءِ، جَئين چارڻ سَنڪِيا،
پتڻ پَٽِيجا ٿيو، سيج وَٺايو ساهه،
هميرا پُرا، راڄ نه ڪندا سومرا.

”پِٽَ ڏُرا راءِ ڪي جنهن چارڻ ڦُريو، شل پتڻ ڊهي پَٽُ ٿئي ۽ سيج پنهنجو پيٽ مٿائي، شل همير سومرو نه بچي جو ڪڏهن راڄ ڪري.“ سومرا انهي بيت سان ٿيل خواريءَ جي سَٽَ نه جهلي سگهيا ۽ پتڻ ڇڏي بلوچستان جي ٽڪرين ڏانهن هليا ويا ۽ هاڻ گُرچاڻي ڪوٺجن ٿا. پر پاسي جي ماڻهن وٽ موجود اڪبر جي وقت جي ڪجهه سَنَدن مان ظاهر ٿئي ٿو ته پتڻ، پتڻ-پور پڻ سڏبو هو، پر آئينِ اڪبري ۾ ڪٿي به پتڻ ڪنهن جاءِ طور ڄاڻايل ناهي، سواءِ سِوستان سرڪار جي، جيڪو اهو ساڳيو پتڻ ٿي به سگهي ٿو ۽ نه به ٿي سگهي ٿو. هڪڙي روايت آهي ته محمود غزنوي سومنات ڏانهن ويندي پتڻ پرسان لنگهيو هو، اتان اهو هاڪڙي (جيڪو انهن ڏينهن ۾ وهندو هو) جي هڪ واهڙ رستي ڏکڻ اولهه پاسي ويو ۽ اهو ته سندس گهوڙيسوارن جو لشڪر ايڏو وڏو هو، جو مُهڙ وارن گهوڙن گاهه ٿي چِنو ۽ پُٺِيان وارن اڳين جي لِڏ تي گذارو ٿي ڪيو.

سنڌ، بيڪانير ۽ جيسلمير جا هندو راجا ۽ امير ارڙهين صديءَ جي مُنڍ تائين هن مناري تي ايندا هئا ۽ مانگهه مهيني ۾ اتي ساليانو شِوراتِري ميلو هٽائيندا هئا. انهن ڏينهن ۾ سيج ۾ سنڌوءَ جي اُتل جو پاڻي ايندو هو ۽ پتڻ هڪ موهيندڙ ماڳ هو. اتي ستن ڪوٺين وارو هڪ تهه خانو هو (فرش ۽ ڇت سميت سڄو پٿر جو ٺهيل) جنهن جي وچ تي به تلاءَ هئا، جن منجهان ميلي دوران هڪڙو کير سان ۽ ٻيو پاڻيءَ سان ڀربو هو ۽ بابا رَتَّا يا حاجي رَتَّا نالي هڪ شخص اهو پاڪ کير ۽ پاڻي پانڌيئڙن ۾ ورهائيندو هو. نواب بهاول خان-ٽئين (1840 ڌاري) جي وقت ۾ اُگُر ذات جو هڪ جوڳي هن پَوِتر عمارت جو نگران هو؛ چون ٿا ته انهي پاڻ کي تهه خاني جي ويجهو


books.sindhsalamat.com



لوڻ جي ڍير ۾ پُورايو ۽ ائين مري ويو. جوڳيءَ جي چيلي پراڻا رواج تَرڪ ڪري مَڙهيءَ (ان نالي سان ڪوٺبي هئي) ۾ هڪ لِنگ رکي ڇڏيو. اولاد جون سِڪايل هندو سَندِيَ عورتون انهي تي پوڄا لاءِ ايندڙيون هيون. لِنگ پوڄا ايتري ته مقبول ٿي، جو مسلمان عوتون به مڙهيءَ تي اچڻ لڳيون. انهي تي شرعي مسلمان چڙي پيا، جن عمارت کي ڊاهي ۽ انهي جي ڪنڊرن مٿان مسجد اڏي ڇڏي، جيڪا اڄا تائين بيٺي آهي. پتڻ بابت هڪڙي چوٽي آهي آهي ته: ’جَئينهه سانگي پتڻ غرق ٿيا، اُهو وِچ ٻِي نان هَئِي‘، معنيٰ عورت، جيڪا پتڻ جي تباهيءَ جو ڪارڻ بڻي، سا انهي ۾ نه هئي (جڏهن اهو تباهه ٿيو). اها چوٽي ڪڏهن جي آهي، اهو پروڙڻ لاءِ ڪو اشارو نٿو ملي. ڪرنل مِنچِن چوي ٿو ته: ”عمارت جي اندرين پٽين تان ليپو لاهڻ تي مون کي ڪا سنڌي لکت ڏسڻ ۾ آئي، جيڪا سال 1559ع ۽ 1569ع جي وچ تي مندر ۾ ڏنل باسُن جو اوچور ثابت ٿي. انهن منجهان هڪ هن ريت هئي: اناج وَرڪِي لاٽِي آٽِي آمدني هماري آوي سان رپئي پِڇي اڌ آنا پيجونگا، معنيٰ مون کي جيترو نفعو ٿيندو انهي مان رپئي تي ٽَڪو اُماڻڻ جو وچن ڪيو اٿم.“


www.sindhsalamat.com

باب ويهون

# سومرا دور ۾ ادب جي اوسر

سومرن جي دور (1010–1360ع) ۾ سياسي استحڪام ۽ مرڪزي سرڪار جي مضبوطيءَ سبب عام ماڻهوءَ ۾ شاعري، موسيقي ۽ جنگي داستانن لاءِ چَسُ پيدا ٿيو. ورونهن جي هنن صنفن کي وڌائڻ وارا چارڻ، ڀَٽَ ۽ جاجڪَ ڪونبا هئا. اهي گجرات، سنڌ ۽ راجستان ۾ گهمندا ۽ عام کي وندرائيندا وتندا هئا.

سومرن جو دور انهن توڙي ادب جي ڪجهه ٻين صنفن جي اوسر لاءِ مشهور آهي. ڪجهه وقت اڳ هبارين جي دور ۾ سنڌي نثر کي ابتدائي ڏاڪي ۾ ڏسي سگهجي ٿو، پر سومرن جو دور يقيني طور سنڌي ادب جو عظيم ترين رومانوي دور آهي. هن دور جون ادبي روايتون آئيندي جي ادب جو بنياد ثابت ٿيون. مارئي، ليلا، مومل ۽ سَسِيءَ واريون لوڪ ڪهاڻيون هن دور جون آهن. مارئيءَ جو ڏيهه پريم، ليلا جي خود داري، سَسِيءَ جي ثابت قدمي ۽ سَتِيا، مومل جي ڏاهپ، چالاڪي ۽ همٿ سنڌي ادب جون پاڙون پختيون ڪيون.

سومرا دور جي ادبي ورثي کي هيٺ ڏنل ڪئٽيگرين ۾ رکي سگهجي ٿو:

1. پريم ڪهاڻيون
2. نيم پريم ڪهاڻيون
3. مذهبي لکتون ۽ ڳِنان
4. جنگناما
5. واڪاڻ (حمد، مدح، مولود، منقبت)
6. لوڪ گيت

## پريم ڪهاڻيون



books.sindhsalamat.com



ڀٽ، ڀان، چارڻ ۽ مڱڻهار تَرَ جي ڇڱن جي ڪچهرين ۾ دودي-چنيسر واري جنگ (1313ع) جي سومرن سورمن دودي، ننگر ۽ ٻين جي سورهيائيءَ، ارڏائيءَ، اٽل عزم ۽ بهادريءَ جي ڪارنامن جا مختلف منظوم واقعا ٻڌائيندا ۽ ڳائيندا هئا. تاريخ طاهريءَ مان لڳي ٿو ته دودي-چنيسر جي ڳالهه کان سواءِ ڪوڙ ساريون ٻيون پريم ڪهاڻيون به جُڙيون. اهڙيون ڪجهه ڪهاڻيون انهن سچن واقعن جو نتيجو آهن، جن ننڍڙين رياستن جي دنگن تي رهندڙ ماڻهن وچ ۾ هڪٻئي سان ناتن جي ڪري جنم ورتو. انهن واقعن کي اڳتي هلي ادبي روپ ڏنو ويو ۽ سُرِيلن لوڪ گيتن طور ڳائجڻ لڳا. هن دور ۾ جيڪي رومانوي واقعا، سچا توڙي خيالي، مشهور ٿيا سي آهن: سوهني-مَهِينوَال (سهڻي ميهار) سَسِي-پنهون، عمر-مارئي، ليلا-چنيسر ۽ مومل راڻو. انهن منجهان ڪا ڪهاڻي به سومرن جي دور ۾ نه لکي وئي؛ اهي سڀ جو سڀ ڀٽ، ڀان ۽ مڱڻهار ڇڱن جي چوپارين ۾ ڳائيندا هئا. پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ اسان هتي ايليَٽ ايند ڊائوسن تان ڪنيل هي ڪهاڻيون ڏيون ٿا:

1. الور جو غرق ٿيڻ
2. برهمڻ آباد جو غرق ٿيڻ
3. گنگا ۽ عمر سومرو
4. ليلا چنيسر
5. سَسِي پُنون

## الور جو غرق ٿيڻ

”......... سنڌ تي سومرا قبيلي جو راڄ هو ۽ هنوقت جيڪو ڀاڳو وسيل آهي اهو انهن ڏينهن ۾ صرف هڪ ويرانو هو، جنهن جو سبب سنڌو يا پنجاب درياءَ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ هو. جيڪو ڀَکَر کان هيٺ سنڌو سڏجي ٿو. هنن علائقن ڏانهن پاڻي ٻنهه نه ويندو هو ۽ پاڻي ئي سموري سُڪار جو بنياد آهي. هنن ماڻهن جي راڄڌاني محمد طُور هو، جيڪو هاڻ ڦِٽي چڪو آهي ۽ دِيرَڪ پرڳڻي ۾ شامل آهي. نه رڳو مون پر گهڻن ٻين به هنن کنڊرن کي عبرت وچان ڏٺو آهي. هن شهر جي غرق



www.sindhsalamat.com

ٿيڻ کان پوءِ اتان جي رهواسين جو وڏو انگ سِکُورا پرڳڻي ۾ وڃي آباد ٿيو، جيڪو سمن ڄامن جي وقت ۾ آباد ٿيو هو، ۽ اتي انهن هڪ ڳوٺ ٻڌو، جنهن تي پڻ محمد طُور نالو رکيائون. هِن شهر ۾ ڪيترائي عظيم ماڻهو، زميندار ۽ شيخن جي شيخ دنيا جي محافظ ۽ هند ۾ ڄاتل سڃاتل ، مخدوم شيخ بهاءُالدين (ذڪريا) مُلا خليفي سِندِي جا مريد رهندا هئا، جيڪو انهن منجهان ۽ انهي ڳوٺ مان پيدا ٿيو. نَو سو کان هزار سالن جي وچ تي وسندڙ مٿي ڄاڻايل شهر ۽ ان جي پسگرداين جي ڦٽڻ جو ڪارڻ هن ريت هو: الور شهر کان هيٺان پنجاب درياءُ وهندو هو، جيڪو گڏوچڙ نالن هاڪڙو، واهِند، ڏاهاڻ ۽ ٻين سان سڏبو هو – ڇو ته اهو جنهن ڳوٺ جي پر ۾ وهي ٿو اتي نالو مَٽجي ٿو وڃيس. ٻنين کي سائو ڪرڻ کان پوءِ درياءُ سمنڊ ۾ وڃي ٿو ڇوڙ ڪري. دلُوراءِ مٿي ذڪر ڪيل ٻن شهرن (محمد طُور ۽ الور) جي وچ واري ملڪ تي حڪومت ڪندو هو. اهو هڪ وڏو ظالم ۽ زاني هو: ڪيس هر رات هڪ ڪنواري ڇوڪري گهربي هئي. درياءَ رستي ٻيڙين وسيلي هند کان ديوَل بندر ڏانهن وکر آڻيندڙ سوداگرن کان اهو انهن جي مال جو اڌ محصول ۾ اوڳاڙيندو هو: جنهنڪري سوداگرن جو بي حساب نقصان ٿيندو هو. ڪنهن ڏينهن ڪو سوداگر وڏي مقدار ۾ مال ڪٽي اتي اچي پهتو ۽ هن ظالماڻي رَوَش تي ٻنهه وائڙو ٿي ويو. محصول عملدارن جڏهن تاڙي ورتو ته سندس مال قيمتي آهي ۽ اهو آيو بہ ڪنهن ڏورانهين هنڌ تان آهي ته انهن عام کان وڌيڪ گهُر ڪرڻ جو پهه ڪيو. سوداگر سان هڪ نوجوان ۽ چوڏهينءَ جي چنڊ جهڙي سهڻي ٻانهي پڻ گڏ هئي. هن پاپي ظالم کي جڏهن انهي بابت ڄاڻ ڏني وئي ته پنهنجي بڇڙي عادت مطابق انهي تي هٿ وجهڻ جو ارادو ڪيائين. مسافر، جيڪو هڪ ڏاهو ۽ خدا پرِ ڊڄندڙ ماڻهو هو، پنهنجو پاڻ کي چيو ته هن ظالم وٽان عزت سان ۽ بنا اهنج بچي نڪرڻ ناممڪن آهي، تنهنڪري ڪا همٿ ڀري ڪوشش ڪرڻ بهتر ٿيندو، جنهن ۾ مَنَ رب جي مدد سان هو ڪامياب ٿي وڃي ۽ اها تقدير جي پني تي ڏينهن قيامت تائين لکجي ويندي. هن منٿ ڪري محصول جي رقم سهڻي ڇوڪريءَ سميت پهچائڻ لاءِ ٽن ڏينهن جي مهلت ورتي. انهي عرصي دوران هُن وڏي انگ ۾ ڪاريگر ۽ پَڙَ هنرمند ماڻهو گڏ ڪيا، جيڪي جبل ٽُڪڻ ۾ فرهاد کان بہ سرس هئا ۽ سڪندر وانگر پٽ ڏئي ڪو ڪَنڌُ ڀري ٿي سگهيا. هن انهن ماڻهن کي هر اها شيءِ ڏني جيڪا



books.sindhsalamat.com



انهن طلبي ۽ سندن پورهئي عيوض ڪين سون، جواهر ۽ ٻيو سامان ڏنائين. سندس ارادو هو ته هو الور شهر کان مٿان هڪ مضبوط بند ڏئي ۽ پاڻيءَ جو رُخ ڀَڪَر طرف موڙي ڇڏي. ڄاڻنا ۽ هوشيار ڪاريگر نئون پيٽ کوٽڻ ۽ بند ڏيڻ لاءِ رات ڏينهان رات محنت ڪندا رهيا. اهڙي طرح درياءُ جو رخ موڙي ورتائون ۽ اهو هاڻ سِوَڻ ۽ لڪيءَ جي ٽَڪرين طرف ايڏو زور سان وهڻ لڳو، جو رب جي فضل سان سوداگر پنهنجن ٻيڙن ۽ مال سميت بنا ويرم ظالم جي پهچ کان گهڻو پري هليو ويو. ظالم جي ملڪ جا ماڻهو جڏهن صبح جو جاڳيا ته ڪيترائي پُرهَ گهري پاڻيءَ بدران رڳو گپ ۽ لُڙيو پاڻي ڏٺائون. سيئي وائڙا ٿي ويا ۽ سوداگر جي بچي نڪرڻ جي طريقي ۽ ملڪ ۾ آيل تباهيءَ بابت ڄاڻ پنهنجي مالڪ کي وڃي ڏنائون. انهي ڪين درياءَ کي سندس پراڻي وهڪري تي ڦيرائڻ جو حڪم ڏنو، پر سيني جواب ڏنس ته اهو سندن وَسَ کان ٻاهر آهي، جو هاڻ پاڻي ڪنهن ٻئي پاسي هليو ويو آهي. راجا جو پڇتاءُ ۽ توبهه سڀ اجايا ٿي ويا. “جڏهن ڪا بڇڙائي ٿي وئي، او نادان! پوءِ پڇتاءَ مان کهڙو فائدو؟ پنهنجي ڪنن ۾ ڪپهه نہ وجهہ، پر هوشيار ٿيءُ – عمل جي وقت ننڊ نہ ڪر.” قصو ڪوتاهه پاڻيءَ جي کوٽ سنت ئي ساوڪ ۽ ٻنيون سُڪائي ويران ڪري ڇڏيا ۽ موت ماڻهن ۽ مال مٿان پنهنجا چنبا کوڙيا، پر ظالم پنهنجي بڇڙاين کان نہ مُڙيو، جيستائين سندس پاپن ڪيس ۽ سندس ماڻهن ٻنهي کي برباد نہ ڪيو.

## برهمڻ آباد جو غرق ٿيڻ

تاريخدان ٻڌائين ٿا ته انهي دلُوراءِ جو ڇَتو اَمراڻي نالي هڪ ڀاءُ هو، جنهن جو رب جي فضل سان جوانيءَ کان ئي نيڪيءَ طرف لاڙو هو. اَمراڻي پنهنجي ڀاءُ سان سندس بڇڙاين خلاف اڪثر رد ڪد ڏيندو رهندو هو، پر ڪيس روڪي نہ سگهيو، تنهنڪري پنهنجو ملڪ ڇڏيائين ۽ ڏيان قرآن جي مطالعي ۾ لڳائي ڇڏيائين. پاڪ ڪتاب حفظ ڪرڻ کان پوءِ جڏهن گهر موٽيو ته دوستن شادي ڪرڻ لاءِ زور ڀريس، پر هن کي انهن جا ظالماڻا طريقا نہ وڻيا، تنهنڪري انڪار ڪري ڇڏيائين. سندس مِٽَ مائٽَ ساڻس لڳ لاڳاپا ٽوڙي مٿس ٺٺوليون ڪرڻ لڳا ته هو تُرڪ يعني مسلمان ٿي ويو آهي ۽ هاڻ ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي ڌيءُ پرڻجڻ لاءِ مڪي ويندو. اَمراڻيءَ



www.sindhsalamat.com

جو ستارو اڀري رهيو هو ۽ سندس دل رب ڏانهن مائل ٿي چڪي هئي، سو انهن جي ٽوڪُن مٿس اثر ڪيو ۽ ڪعبي ڏانهن وڃڻ جو پڪو پهه ڪيائين. جڏهن پنهنجي منزل واري جاءِ تي پهتو ته اتي هڪ عورت ڏٺائين، جيڪا هٽ ۾ پَنُ جهليو بيٺي هئي. هِن جڏهن انهي ڏانهن گهٽا پيرا نهاريو ته نوجوان ڇوڪري ڪيس تاڙي وئي ۽ پڇيائينس ته هن شهر ۾ هو ڇا پيو ڳولي. هِن وراڻيو ته هو پاڻئي ٿو ته سندس ذريعي قرآن پڙهڻ لائق ٿي سگهي ٿو. انهي ڪيس ڏس ڏنو ته هڪ معزز ماڻهوءَ جي ڌيءُ کي پاڪ ڪتاب ڪانئس گهڻو بهتر اچي ٿو ۽ اها ڪيترين ئي نوجوان ڇوڪرين کي پڙهائي ٿي ۽ جيڪڏهن هو ويس مٽائي ڇوڪرين سان گڏ انهي وٽ پڙهي ته سندس دل جي اميد پوري ٿي سگهي ٿي. اَمراڻيءَ وراڻيو ته اهو سڀ ڪجهه سندس مهربانيءَ سان ئي ٿي سگهي ٿو. هُن انهي کي هڪ ننڍڙي سوڪڙي ڏني ۽ سڪڻ وارن سان وڃي گڏيو. ڪجهه عرصي ڪان پوءِ هن ٻيهر قرآن پڙهڻ سڪي ورتو، تڏهن هڪ ڏينهن هڪ عورت استاد سان ملڻ آئي، جيڪا تارن جي علم جي پڻ ڄاڻُو هئي. اچڻ واريءَ چيو ته: "مون کي هڪ جوان ڌيءُ آهي، جنهن کي مان ڪنهن شخص سان پرڻائڻ چاهيان ٿي؛ ڏسي ٻڌاءِ ته جوڙي پاڻ ۾ خوش رهندي يا نه؛ جيڪڏهن نه ته پوءِ مان پنهنجي ڌيءُ ڪنهن ٻئي هنڌ پرڻائيندس." نِڪَٽَ پيٽيا ويا، جواب ها ۾ مليو ۽ عورت هلي وئي. ڇَتو، جيڪو عورت جي روپ ۾ انهي پاڪدامن عالم وٽ پڙهيو پئي ۽ جنهن جي جنس ڪان هوءَ بي خبر هئي، تنهن اِتي چيو ته جيئن ته هوءَ ٻين ماڻهن جي قسمت جو پتو لڳائي سگهي ٿي، مهرباني ڪري پنهنجا نِڪَٽَ پيٽي ٻڌائي ته سندس مڙس ڪير ٿيندو. انهي وراڻيو ته: "اهو معلوم ڪري مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي؛ مون هن مهل تائين ڪڏهن پنهنجي باري ۾ سوچيو ئي ناهي." وري نِڪَٽَ پيٽيائين ۽ جواب ڏٺائين: "ڇَتو نالي هڪ شخص سنڌ مان ايندو ۽ مان انهي کي ڏني ويندس." اَمراڻيءَ پڇيو: "آيا اهو شخص سنڌ ڇڏي مڪي لاءِ روانو ٿي چڪو آهي يا نه؟" ڇوڪريءَ وراڻيو: "اهو هن شهر ۾ پهچي چڪو آهي." "اهو ڪٿي آهي؟" جواب مليو "هن گهر ۾ ۽ اهو تون آهين." ڇَتو پيچ پچان ڇڏي پڙهڻ ۾ لڳي ويو.

ڇوڪريءَ پنهنجي ماءُ سان پوري ڳالهه ڪئي. مائٽن راضپو ڏيکاريو ۽ ٻئي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي ويا. اَمراڻي ڪجهه عرصو اتي رهيو، تنهن ڪان پوءِ پنهنجي ملڪ







پائِڻ-واهه موٽيو، جتي پاڻس جو راڄ هو. رب جي بندگيءَ ۾ محو ڇَتي ۽ سندس زال فاطمه جي وچ ۾ ڪا شيءِ ڳجهي نه هوندي هئي ۽ اهي هڪٻئي کي ڏاڍو پائيندا هئا. هڪ ڏينهن ڇَتي جي ڀاءُ سندس غير موجودگيءَ ۾ سندس زال کي ڏسڻ جي نيت ڪري ڪيس ڪنهن ڪم سان ڪنهن پاسي موڪليو. هن نيڪ عورت کي انهي ظالم شخص وهنجندي ڏسي ورتو. فاطمه ۽ ڇَتي کي، جيڪو ڪٿي پري هو، انهي مهل ئي ان ڳالهه جي خبي پئجي وئي. ڇَتو هڪدم موٽي آيو ۽ مِٽَ مائٽ ڦِٽا ڪري، زال وٺي ملڪ ڇڏي هليو ويو ۽ هُلائي ڇڏيائين ته جيڪو به انهي شهر ۾ رهندو بچڙو ٿي مرندو. سندن شهر ڇڏڻ واري رات ئي تباهيءَ شهر مٿان لامارا ڏنا، پر انهي کي چرخو هلائيندڙ هڪ پوڙهي بيواهه جي پهري روڪي ڇڏيو. ٻي رات ڪين ڳُٽيڳِير جي پهري بچايو. پر ٽين رات تي، جيڪو وقت انهن ظالم انسانن جي بربادي لاءِ طيءِ ٿي چڪو هو، پوري محل کي ماڻهن، عمارتن ۽ هر شيءِ سميت زمين ڳهي وئي؛ رڳو هڪ منارو سندن نشاني وڃي بچيو، جيڪو اڄ تائين بيٺو آهي. ڇَتو اَمراڻي ۽ سندس زال فاطمه صحيح سلامت سِوستان شهر پهتا، جيڪو هاڻ سِوَڻ سڏجي ٿو. اتي هن پنهنجا ڏينهن نماز ۽ عبادت ۾ گذاريا. جڏهن هيءُ فاني جهان ڇڏيائين، موت جي هُن پار پنهنجي مَنَ-گُهرئي ابدي گهر جي ڳولا ۾، جيئن پنهنجي حياتيءَ ۾ معجزا ڪري ڏيکاريا هئائين ۽ سندس دعائون قبول پيون هيون، تيئن ئي سندس مرڻ پڇاڙان به آهي. جيڪو به سندس مزار تي ويندو آهي، پنهنجي مَنَ جي مراد لهندو آهي. سندس مزار سِوَڻ ۾ موجود آهي؛ جمعي ڏهاڙي ماڻهن جا ولر انهي تي وڃن ٿا ۽ انهي جي پُڄنديءَ ۾ پڪو ويساهه اٿن.

## گنگا ۽ عمر سومري جي تاريخ

مان روشن دماغ ماڻهن— ادب جي دوستن ۽ علم جي ميناڄ ۾ مَسرُور ٿيندڙن — جي ڄاڻ لاءِ لکان ٿو. تميم ذات جي گنگا نالي هڪ البيلي نار جو 'عمر' سان منگڻو ٿيل هو. عمر ڪيس تڏهن ڏنو هو، جڏهن اڃا جوانيءَ جي بهار سندس سونهن جو پيالو نه پريو هو ۽ سندس ڳلن جي اڻ ٽريل مڪڙيءَ اڃا هُڳاءُ نه ڪيو هو. اها ڪيس نه وڻي ۽ سندس مَنُ مٿانس مَتجي ويو، سو ڪيس پنهنجي زال بڻائڻ جا

سڀ ويچار ڇڏي ۽ اجازت ڏئي ڇڏيائين ته جنهن سان وڻين تنهن سان ڪيس پرڻائي ڇڏين. ڇوڪريءَ جو هڪ مائٽ ۽ عمر سومري جو سنگتي عمر تميم، جنهن ڪان سواءِ هو ڪڏهن به نه پيئندو (يا ڪائيندو) هو، انهي جو مڙس بڻيو. ڪجھ سالن ڪان پوءِ اها اڻ ٽڙيل مکڙي جوانيءَ جي هير لڳڻ سان ٽڙيل گلابن جي هڪ ٽاري ٿي پئي. هير ۾ اهڙو هُڳاءُ اوتيائين جو سندس موهه هر دل جي وچ ۾ پيهي ويو.

هڪ ڏينهن جڏهن ڌوٻيءَ سندس ڪپڙا رستي ويجهو سُڪٽا وڌا، تڏهن امير انهن سڳند ڀرين پوشاڪن ڀرسان اچي لانگهائو ٿيو. هير ۾ اهڙو هُڳاءُ پکڙيل هو جو ميلن تائين واٽهڙن جي دماغن ۾ پئي گهڙيو. مشڪ جي تِکي سُرهاڻ سبب سندس نڪ مان رت وهڻ لڳو ۽ اچرج ۾ پئجي ويو ته اهي ڪپڙا ڪنهن جا ٿي سگهن ٿا. ڌوٻيءَ ڪان پڇيائين ۽ وڏي جاکوڙ ڪان پوءِ پروڙ پئجي سگهيس، جو انهي ماڻهوءَ کي مالڪياڻيءَ جو نالو ڏَسڻ جي جهل ٿيل هئي ته اهي عمر تميم سان پرڻيل ڪنهن عورت جا آهن ۽ عالي جاهه انهي کي اڳ رد ڪري چڪو هو. اُڪنڊ ۽ ارمان هاڻ سندس روح تي قبضو ڪري ورتو ۽ سندس موهه ايڏو ته اٿاهه هو جو عورت جي گهر ڏانهن هلي پيو، ان ارادي سان ته جيڪڏهن گهر ڌڻي گهر ۾ نه هوندو ته ان مَنَ موهڻي مخلوق جي هڪ جهلڪ پَسي پنهنجون اکيون ۽ هانءُ وجي ٺاريندو. مڙس گهر ۾ نه هو. دوکيباز وڏا اٽڪي هوندا آهن، سو عمر کي انهي بهاني ڪان بهتر ٻيو ڪونه سُجهيو ته هُن ڪجھ ڪبوترن کي تير هنيو آهي ۽ انهن مان هڪڙو ڪٽڻ گهر ۾ آيو آهي. سوپياوان عورت، جيڪا بنهه بي خبر هئي، هڪدم پريشانيءَ ۾ منهن ڪڍيو ۽ پڇيائين ته گهر ۾ گهڙي اچڻ وارو ڇا پيو ڳولي، پر اچڻ واري کي پنهنجي مطلب جي شيءِ ملي وئي ۽ هليو ويو. انهي جي پِرُن جي ڪماڻ مان نڪتل برهه وارو تير سندس دل اندر پيهي ويو ۽ هُو ڪنهن ڦَٽيَل نانگ وانگر وٺجڻ لڳو. عشق، جنهن جو پيوَند اوچتو سندس دل جي صفا اندرين ڪنڊ ۾ لڳي چڪو هو، تنهن ڪيس ايترو پريشان ڪيو جو ڇريو ٿي پلنگ تي ڪٽي پاڻ ڦِٽو ڪيائين؛ ڪائڻ، پيئڻ ۽ ننڊ ڇڏائجي وِيَس ۽ ڪنهن سان به ڳالهائڻ ٻولهائڻ بند ڪري ڇڏيائين. سندس وزير سندس ورتاءَ تي تمام گهڻو حيران ٿيا، پر ان جو ڪارڻ خبر پوڻ تي ڪيس ادب سان ٻڌايائون ته اها مشڪل ڏاڍي آسانيءَ سان حل ڪري سگهجي ٿي ۽ ڪيس سَرهو ٿيڻ گهرجي، ڏکويل نه. وزير ان ڳالهه تي متفق ٿيا ته ڪيئن به ڪري ان عورت کي







سندس مڙس ڪان ڌار ڪري پنهنجي آقا جي محل ۾ پهچائڻ گهرجي. انهي رٿا کي اڳتي وڌائڻ لاءِ انهن ماڻهن طيءِ ڪيو ته عمر کي ان نوجوان سان معمول ڪان وڌيڪ قرب ۽ محبت جو اظهار ڪرڻ گهرجي. مڙس انهن اڻ هيريل مشاهدن تي حيران هو ۽ هڪ ڏينهن پنهنجي ڀروسي جوڳن دوستن ڪان پڇيائين ته انهن جو ڪهڙو مقصد ٿي سگهي ٿو. جيئن ته سيئي سازش ۾ ڀائيوار هئا، سو وراڻيائون ته لڳي ٿو ته حاڪم جي دل ۾ خواهش ٿي آهي ته هو ڪيس پنهنجي ڀيڻ پرڻائي ڏئي ۽ انهي ناتي ڪيس پنهنجي وڌيڪ ويجهو آڻي ڀائپي ۽ محبت جي ٻنڌڻن ۾ ٻڌي، ڇاڪاڻ ته هو سندس ڪم مان ڏاڍو خوش آهي ۽ مٿس ڀرپور اعتماد اٿس. عمر تميم ٻي سمجهيءَ ۾ انهي فريب تي اعتبار ڪري ويٺو؛ هنن وٽندڙ ڳالهين تي، جن تي ڪيس اداس ٿيڻ گهربو هو، هو مست ٿي ويو ۽ گلاب وانگر ٽڙي پيو، اهڙو جو ڪپڙن ۾ نٿي ماپيو. ٻوگهلي جي خواب خيال ۾ به نه هو ته سندس دوست ڪانئس سندس زال کسڻ جي ٻڇڙي سازش ڪري رهيا هئا. هڪڙي ڏينهن دوستن جي ڪچهري لڳي. ٻچڙائيءَ جي جَڙ شراب نياڳي مڙس کي سندس وِتَ ڪان وڌيڪ پياريائون ۽ همراهه جو پاڻ تي وَسُ نه رهيو. ساٿي تاڙي ويا ته ڪين پنهنجو مقصد پورو ڪرڻ لاءِ اهڙو ڀلو موقعو وري هٿ نه ايندو، سو پنهنجي رٿا کي اڳتي وڌائيندي هن بيوقوف ۽ بيوس ٻڌيل ماڻهوءَ سان انهي اڻ-ٿيڻي شاديءَ جي ڳالهه ڇوريائون. گهڻي ڏي وٺ ڪان پوءِ نيٺ مڃي ويو ته هو پنهنجي پسند جو اتاهون مقصد ماڻڻ لاءِ پنهنجي موجوده زال کي طلاق ڏيندو ۽ هن ائين ڪيو. انهي ڪم ۾ ڪامياب ٿيڻ ڪان پوءِ سازشين ڪيس چيو ته رڳو طلاق ئي ڪافي ناهي، ڪيس اها عورت عمر کي سوڪڙيءَ طور ڏيڻ گهرجي. نشي ۾ ڌُت همراهه پنهنجي ڦِٽي ڪيل زال ڏيڻ تي دل هڻڻ لڳو. تنهن ڪان پوءِ ڪم کي توڙ پڄائڻ لاءِ ڪيس ڪچهريءَ مان ڪڍي ڇڏيائون ۽ سندس زال کي وٺي انهي جي گهر وڃي پهچايائون، جنهن جي ڇُرچ تي اهو نيچ ڪم ٿيو هو. ٻئي ڏينهن جڏهن مڙس جو نشو ٽُٽو ۽ اک پٽيائين ته زال کي سارڻ لڳو ۽ گذريل ڏينهن وارا ڏکوئيندڙ واقعا ياد ڪرڻ لڳو. تنهن ڪان پوءِ ڏک وچان رڙيون ڪندي، ڪپڙا ڦاڙي ڇيهاڙيون ڪيائين ۽ سلطان علاءُالدين آڏو دانهڻ لاءِ دهليءَ ڏانهن روانو ٿيو. هن ملڪ جا ماڻهو ٻڌائين ٿا ته بدنصيب مڙس جڏهن سلطان آڏو دانهيو ته انصاف جي انهي نگهبان انهي رات ئي عمر ڏانهن سندس آڏو پيش ٿيڻ جو حڪم موڪليو،

ان تنبيهه سان ته جيڪڏهن هو آيو ۽ دانهين کي راضي ڪيائين ته سزا کان بچي سگهندو. نه ته پلاند وٺڻ لاءِ لشڪر اُماڻي قرلت ڪرائي ملڪ تي قبضو ڪيو ويندو ۽ سندس زال ۽ ٻچا سپاهه جو شڪار ٿي ويندا. نياپو ملندي ئي عمر روانو ٿيو. ڪجهه ڏينهن جي سفر کان پوءِ هو شاهي حضور ۾ وڃي پهتو ۽ ڪوڙ ساريون سوکڙيون پيش ڪيائين. دانهين ۽ جوابدار آمهون سامهون ٿيا ته سلطان جي ڪاوڙ ايتري وڌي وئي جو هن ڏوهاريءَ کي سڄي حياتيءَ لاءِ زندان ۾ وجهرائي ڇڏيو. ته جيئن سندس انجام سيني ظالمن لاءِ عبرت جو اهڃاڻ بڻجي وڃي. ڳچ عرصو قيد ڪاٽيائين. پر نيٺ سندس دوستن جي منٿ ميڙ سان ڳرو ڏنڊ ڀري ۽ ساليانو ڏنُ ڀري ڏيڻ جو واعدو ڪري آزاد ٿيو. انهي کان پوءِ اهو سنڌ ڏانهن موٽي آيو ۽ انوقت کان وٺي هن ملڪ جا حاڪم هند جي بادشاهن جا ڏَنَ ڀَرُو آهن. ستت ئي عمر پنهنجو قيد ڀٽيڻ ۽ صعوبتون وساري ڇڏيا ۽ ڌرتيءَ جي قديم ڪرمين سمن ڏانهن ظلم جا هٿ وڌايائين. سندس پيڙَ سبب ڪيترائي گهراڻا پنهنجي جنم ڀومي ڇڏڻ تي مجبور ٿيا ۽ ڪڇ ۾ وڃي پناهه ورتائون. جيڪو گجرات ۽ سنڌ جي وچ تي آهي ۽ رب جي فضل سان انهن جو انهي تي اڃا تائين قبضو آهي.

برٽن جي ٻڌايل مومل راڻي جي پيار ڪهاڻي هيٺ ڏجي ٿي:

## مومل راڻي جي ڪهاڻي

ڪهاڻيءَ جي شروعات ائين ٿئي ٿي ته سنڌي شهزادي همير سومري، جيڪو انوقت سنڌ جو حاڪم هو، هڪ ڏينهن پنهنجي لنگوٽين سنگتين ڏؤنر پُوٽاٽي، سِينهَڙي راجاٽي ۽ پنهنجي سالي راڻي مينڌري کي سڏيو ۽ ساڻن صلاح ڪيائين ته عمرڪوٽ ويجهو ڪاڪ درياءَ جي ڪنڌين تي مومل راڻوڙٽيءَ سان ملاقات ڪري اچجي. ٽولي رواني ٿي ۽ واٽ تي ڪين فقيراڻي ويس ۾ هڪ ماڻهو گڏيو.

شاعر ان واقعي کي هيئن بيان ڪري ٿو:

"بابُو گڏيو ٻَرَ ۾، جان پهر سڄ کان پوءِ،
قصا ڪريو ڪاڪ جا، رت ورنو روءِ،
ڪاڪ نه وڃي ڪوءِ، متان مان جيئڻ مُنو ٿئي."





دوستن ڪيس هيئن چيو:

"بابُو ٻَرَ جا، ڪهڙيون ٿو ڪاڪ جو دانهون ڪرين؟"

فقير وراڻيو:

"جوانو! (جيڪڏهن توهان اوڏانهن ويا ته) وٽ ٽڻ به توهان جي حال تي روئندا،
پٿر ڪوڪون ڪندا، ۽ ساگر به اوهان لاءِ لڙڪ وهائيندا،
جادوءَ جا پردا وِڄُ وانگي توهان کي انڌو ڪري ڇڏيندا،
مير پڪ سان ٿو چوي ته مومل کي گهُورڻ جي ڪنهن کي مجال ناهي،
سواءِ اڻ-ڇُٽ ڦٽن جي ڪجهه پلئه نه پوندو."

اها ڳالهه ٽوليءَ کي ٿورو ڇرڪائي وجهي ٿي ۽ شاعر انهي ٻڌتر جي تصوير هيئن چٽي ٿو:

"تڏهن همير نهاري راڻي ڏانهن ۽ راڻو ڏانهن همير."

راڻو نِهٺائيءَ ۽ خوشامد واري لهجي ۾ فقير کان پڇي ٿو:

"بابُو ٻَرَ جا، تون اڄ پلي آئين،
سامي تنهنجي ڳچيءَ ۾ ٽا چمڪن سونا مٽيا،
انهن کي ڪهڙي رڳ سان رڱيو اٿئي جو اهڙا سهڻا ڳاڙها ٽا لڳن،
پؤنر تنهنجي پڳ مٿان پيل ڀُور تي سلامي آهي،
اي اڪابر جوڳي، اسان کي ڪاڪ جون کي خبرون ڏي."

انهي تي چارڻ چوي ٿو:

"تڏهين سُڌڪي ۽ ڏس ڏي، ٿو روئي رَتو آب،
ته آيس لڏاٽي ڪئون، عاقل، سان اسباب،
آءٌ نانگو، هوس نواب، پر ڪاڪ ماري ڪَيُس ڪاپڙي."

راڻو وري پڇي ٿو:

"تون ڪشمير جو فقير آهين،
ڪين ڪاهُو پٽ جرار جو."

فقير وراڻي ٿو:

"مينڌرا! منهنجي پنيان پنج هزار جوڌا هئا؛
سوڊا! هر ڪو پنهنجي ڳوٺ جو والي هو؛

هر ڪو ڏال، ڪٽاري ۽ تلوار سان پنهنجي گهوڙي تي سوار هو:
پر انهي ڏائڻ جادوءَ جي هڪ نظر سان سيني ڪي تيزي پڪيڙي ڇڏيو:
انهي سڀ برباد ڪري ڇڏيا، منهنجا دوست! هاڻ مان اڪيلو آهيان، ميندرا!
ڪاڪ وڃڻ کان مڙي وڃ ۽ جنهن ڪاهيءَ ۾ مان ڪِريو آهيان تنهن کان ٽَري ٽارو ڪر.”

بلاشڪ دوستن ان صلاح تي ڌيان نہ ڏَريو ۽ هڪدم روانا ٿيا. تيستائين نہ بيٺا جيستائين ڪاڪ ڪنڌيون نہ پَسيائون. هڪ ڪوهہ جي پَڳهہ تي ٻانهين جو ولر بيٺل ڏسي، انهن ڏانهن لڙي ويا ۽ پهرئين قدم طور انهن کان درياءَ ۽ شهر جو نالو ۽ اهڙا ڪجهہ ٻيا تفصيل پڇيائون. ٽوليءَ جي ناتر نالي سربراهہ، جيڪا مومل جي خاص ٻانهي هئي، ڪي واتهڙن پاران اهڙي اڻجاڻائي ظاهر ڪندي ڏسي ڪجهہ ٻُجان لڳي ۽ سندن سوال هن ريت وراڻيائين:

“ڪاڪ ملاقاتين جي تنبن ۽ شاميانن سان پري پئي آهي،
توهان ڪير آهيو جو ڪاڪ ۽ انهي جي ڪارنامن،
۽ منجهس رهندڙ راڻوڙين جي مشهوريءَ کان ڪان اڻواقف آهيو؟
هتي مومل، سومل، سِهجان ۽ مُرادي رهن ٿيون،
اهي هار سينگار ڪري ڪنهن ڳُجهي مقصد سان جُهڳٽو ڪيو وينيون آهن،
سندن متن تي گلابي رَوَا ۽ سيني تي گيڙو گج آهن،
سندن ويس وچ وانگر چمڪن ٿا ۽ اهي ڊگهن وٽن ۾ پينگهُن ۾ لڏن ٿيون،
۽ پنهنجن لڱن تي قيمتي لوڻن مان گلاب جو پاڻي اوتين ٿيون،
۽ پنهنجي ملاقاتين مٿان عطر هارين ٿيون،
او مير ميندرا! ڪاڪ ۾ اهڙا مزا آهن.”

دوست هڪ اوطاق تي وڃي پهتا ۽ سنت ئي ڪين مومل جو نياپو مليو، جنهن کي سندن اچڻ جو جاڻُ ٿي چڪو هو. نياپو آڻيندڙ نِوڙي سلام ڪيو، هر مسافر جي آڏو ڪجهہ پڳڙا ۽ ڪچي پَٽُ جي ڦوري رکي پوئتي موٽي وئي. راڻي کان سواءِ ٻين سيني بنا سوچ سمجهہ پڳڙا ڪائي ڇڏيا ۽ پَٽُ سوئي ۽ ڪَتي موٽائي موڪليائون. پر آڪاٽيءَ جي مُک ڪردار (راڻي) ناتر کي گهرائي انهي جي سامهون پَٽُ وٽي پنهنجي گهوڙي لاءِ رسي ناهي، ڇٽا انهي جي آڏو اڇلايائين ۽ ناتِر کي


books.sindhsalamat.com



ڇيائين تہ جيڪو ڏنئي سو وڃي پنهنجي سائڻ کي ٻڌاءِ. ٻانهيءَ جي وڃڻ کان پهريان دوستن ساڻس هڪ ننڍڙو پوڳ ڪيو. همير چيو تہ:

“تون گهمين جا رنگ محل ۾، راڻي ڪ ٻانهي،
مارين مشتاقن کي، جي ڪٽيو نيڻ نهارين.”

ناتِر وٽندڙ نخري سان وراڻي تي:

“آءٌ ٻانهي، راڻيون ٻيون، مون نيڻن مَر پُلَ،
سندي ڪاڪ ڪنڌيءَ تي، آهي ڪامڻين هُلُ.”

مومل جڏهن اها ڳالهہ ٻڌي، تہ ناتِر هٿان راڻي ڏانهن حلوو ۽ ماني ڏياري موڪليائين. پريتم انهي آٽڻ واريءَ کي هلڪي چنڊ ڪدي ۽ پڇيائينس تہ ڪيس ۽ سندس سائڻ کي هُن ڏانهن زنانو ڪاڌو موڪلڻ جي همٿ ڪيئن ٿي.

اتي ئي دوستن کي مومل سان گڏ ماني ڪائڻ جي دعوت ملي، پر هڪ هڪ تي: اڳ ۾ اهو جيڪو سيني ۾ گهڻو دلير هجي. پهريان همير کي وڃڻ جي اجازت ملي، پر اهو واٽ تي ڪيترن قسمن جي پوائتن نانگن، بلائن، اجگرن، شينهن ۽ آدمر خورن کان ڊڄي ماني ڪائڻ بنا ئي موٽي آيو. انهي کان پوءِ درٻارين جو وارو آيو، پر ڪو پوٽو نہ پاريائون. پڇاڙيءَ ۾ جڏهن راڻي جو وارو آيو تہ انهي ڪو سونهون ساڻ ڪٽڻ وارو فطري اُپاءُ ورتو ۽ انهي مقصد لاءِ ڏاهِي ناتِر جي چونڊ ڪيائين. انهي واٽ تي ڪسڪي پچڻ جا ڏاڍا وَس ڪيا، پر سوڍي پنهنجي ڪٽاري ڪڍي ۽ اهڙي اک ڏيکاريس جو هيسجي وئي ۽ ٻيهر اهڙي ڪوشش نہ ڪيائين. رستي ۾ رکيل شڪلين کان بي خوف، جن کي پروڙي ورتائين تہ رڳو ڪيس ڊيڄارڻ لاءِ رکيل آهن، هي سوپارو جاکوڙي مومل جي ماڙيءَ تي وڃي پهتو ۽ انهي جي ٻانهين ڪيس ڪتولي تي ويهارڻ چاهيو. راڻي کي ڪنهن ٺڳيءَ جو شڪ ٿيو، سو ڪٽ کي پنهنجي سِينگ جو سِگ هنيائين تہ اهو انهي اڻ-واٽيل ڪٽ مٿان پيل اڻ-وٽيل سُٽ مان آرپار ٿي ويو ۽ پنهنجي لاءِ چونديل جاءِ هيٺان هڪ کوهہ ڏٺائين. تنهن کان پوءِ ڪيس جڏهن هڪڙي ٻئي ڪمري ۾ نيو ويو تہ اتي سندس آجيان لاءِ قطار ناهي بيٺل البيلين جي سونهن ۽ پوشاڪ ڏسي اکين آڏو ترورا اچي ويس. سيني جي هڪجهڙي بيهڪ مُنجهائي وڌس، مومل کي سڃاڻڻ ۾ ڀلجڻ وارو هو، تڏهن هڪڙي ڀؤنر انهي جي وارن جي تي مهلائتو ڀونيٽ ڪيو.


www.sindhsalamat.com

اهڙي ريت راڻي کي سندس سرس ڏاهپ جي ڪري ماني به ملي ۽ هڪ سهڻي ساٿياڻي به. پر سندس خوشيءَ گهڻو جٽاءُ نه ڪيو. ساڙ سڙئي سومري به چار ڏينهن انتظار ڪيو ۽ جڏهن سندس سالو مومل ڪان موڪلائي گهر ورڻ لاءِ آيو ته انهي کي هڪ ڪلاڪ مومل جو ديدار ڪرڻ جي موڪل ڏيڻ لاءِ منت ڪيائين. راڻو انهي شرط تي راضي ٿيو ته شهزادو ويس مٽائي ڪنهن ڌراڙ (ڌنار) جي روپ ۾ هلندو. همير مڃيو. پر مومل پاران مينهن ڌُهڻ جي فرمائش تي جنهن نموني اها ڌُڏائين تنهن سندس اصل رتبو پڌرو ڪري وڌو. گهرڙياڻي هڪدم پروڙي وئي ته ڇا ماجرا آهي ۽ پنهنجي عاشق کي چيائين:

"راڻا نه جانتوءِ، وڏي ويڻ ورسيين،
ست پتيرو سومرو، ڪوجهو ڪري آندوءِ."

شهزادي کي پنهنجي بي عزتيءَ تي ڏاڍي منيان لڳي ۽ راڻي کان سندس ورتاءَ جو وير وٺڻ جو پڪو پهه ڪري، ڪيس هي نياپو موڪليائين:

"مينڌرا! تون اڃين تو يا نه، تنهنجا دوست تو لاءِ ماندا آهن،
يا ذات جي حاڪمن لاءِ تنهنجو ڪو نياپو سنيهو آهي؟"

راڻو انهي جو جواب ڏئي ٿو:

"سَو سلام سهڻي ذات کي، ويهه سلام پاڙي وارن کي،
مومل جي محبت ۾ منهنجا سائين، اسان کي ڪنهن جي پرواهه ناهي."

مومل جي ڦِٽي جو راڻي کي راضي ڪيائين ته انهن جي ڪاڪ ڇڏڻ کان پهريان اهو انهن کان موڪلائي اچي، جيئن انهي ۽ سندس سنگتين وچ ۾ ويڇو نه پوي. راڻي ائين ڪيو ۽ جيئن ئي ويو ته ڪيس هڪدم جهلي، ڇوڪنيو بڌي، اُٺ تي چاڙهي عمرڪوٽ ڪٽي ويا، جتي همير ڪيس گهري اونداهي ته خاني ۾ قيد ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي ڪامياب رقيب کي تيستائين نه ڇڏيائين، جيستائين انهي ٻيهر ڪڏهن ڪاڪ نه وڃڻ جو قسم نه کنيو.

پر، سنڌ توٽي ٻين جاين تي، چوڻي آهي ته مُشتري عاشقن جي ڪوڙين ساڪُن تي ٿهڪ ڏيندو آهي؛ جيئن ئي راڻي مان هٿ نڪتا، نڪ وڃي پنهنجي پرينءَ وٽ پهتو. هڪ ڏينهن صبح جو راڻي جي زال ڏٺو ته جنهن پاٽيءَ ۾ راڻي پنهنجو مٿو ڌوتو هو، انهي جو رنگ عجيب هو، سو پنهنجي سس کي سڏي چيائين:





"پِتي! پُتوءِ پرگهر هنڌاڻيون ڪري شيل شڪار،
ڪني ويرئين وڃيو، ڪني ڏنيس مار،
ڪيئن جيئن منجهه ڪاپار، رت ريلا ڪيو نڪري!"

ڪراڙي هراس وچان اهو ٿانءُ شهزادي ڏانهن ڪٽي وئي، جنهن ٺهه پهه ڪاڪ جي پاڻيءَ جو ڳاڙهو رنگ سڃاتي، راڻي کي وري قيد ڪري ڇڏيو ۽ سندس چڙهيءَ واري پلي اُٺ جي پيرن ۾ لوها ڪِلَ ٺوڪائي ڇڏيائين. نيٺ همير جي زال وچ ۾ پئي پنهنجي ڀاءُ کي آزاد ڪرايو، جنهن وري هڪدم مومل ڏانهن وڃڻ جو پهه ڪيو. مُک اوٺار کي گهرائي پنهنجي پسند واري اُٺ بابت پڇيائين. انهي ٻڌايس ته اهو مري ويو باقي انهي جو هڪڙو ٽوڏو آهي، جيڪو رات جو اڪيلو نڪري ويندو آهي ۽ صبح جو ورڻ وقت وات ڳاڙهو، ٽڪل ۽ ايرو لڱندو آهي. اوٺار اها ڪا بيماري ڀانئي راڻي کي هيئن چيو:

"هڪڙو گورو آهي، تنهنجي اٺ جو ٽوڏو، نِج اصيل وهٽ،
گهٽن ڏينهن کان بيمار آهي اهو ٽوڏو ۽ ماءُ پڻ مري وئي اٿس،
۽ انهي لاءِ هڄي تو ۽ هاڻ سُڪي سڙي ويو آهي."

راڻو وراڻي ٿو:

"مون کي اهو سُڪل سڙيل ٽوڏو ڏيکار،
مان انهي جو علاج ڪندس ۽ انهي جو مرض ڇڏائيندس."

راڻي جڏهن ٽوڏو ڏٺو ته سمجهي ويو ته اهو ڪاڪ جو پاڻي پيئندو رهيو آهي ۽ مهريءَ جي سونهن به وٽيس. انهي کي پنهنجي گهر ڪاهي آيو. گهنگهرن ۽ جهاڃن واري جهُلَ سان سينگاريائينس، ٻهڪندو مٿانئس سوار ٿيو ۽ آهر پريائين:

"هل ميان ڪرهل، ته پسان ماڙيون مومل جون،
توکي چندن چاريان، طرح موچاري تل،
اسين ماٽيون مومل، تون نايو نانگيليون چرين."

پر قسمت کي ڪجهه ٻيو منظور هو. سوپياوان مومل پنهنجو غم غلط ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڀيڻ سومل کي راڻي جا پراڻا ڪپڙا پهرائي پاڻ سان گڏ پلنگ تي سمهارڻ وارو هڪ عجيب طريقو اختيار ڪيو هو. جيئن ته عاشق رات جي وقت آيو، سو رڳو اهو ڏٺائين ته پلنگ تي هڪ کان وڌيڪ جٽا ستل هئا ۽ ساڙ وچان ڪاوڙجي

جوڙي کي مارڻ لاءِ تلوار ڪڍيائين. پر ڪجهه گهڙيون سوچڻ کان پوءِ تلوار ورائي مياڻ ۾ رکي، پلنگ جي پاسي سان پنهنجو لڪڻ ڪوڙي ۽ چپ چاپ نڪتو هليو ويو. مومل کي جڏهن جاڳ ٿي ۽ نشانِي ڏٺائين ته پنهنجو اَياڳ پروڙي وئي.

"تون ڪاڪ کهي آيو آهين، تڏهن به پنهنجي محبوب کي بيوفا ٿو سمجهين،
جَتَ! تنهنجو عقل سدائين لاءِ چڙائي ته نه ويو آهي؟
دل ۾ ڏک سانديي هليو وئين، او مينڌرا! "

هتي شاعر مومل ۽ سندس ڀينرن جي ڏک ۽ ماتم جو احوال وڏي ديگهه سان بيان ڪري ٿو. عاج جا اڻاٽ کيوڙي جي وٽن هيناں بيڪار پيا آهن ۽ پَٽَ جون پينگهون پپرِ جي گهاٽي وڻ ۾ اجايون پيون لڙڪن؛ سچ پچ ڪا خوشي دل کي نٿي وٽي. نيٺ لاچار ٿي مومل هڪ واپاريءَ جو ويس ڌاري، ڍاٽ وڃي ٿي ۽ پاڻ کي راڻي جي راهن ۾ وجهي ٿي. ڪنهن اڻڄاتل احساس جي ڇڪ سبب سوڍي جي نئين آيل مهمان سان سٽت دوستي ٿي وڃي ٿي ۽ انهي کي وري وري گهر اچڻ جي دعوت ڏئي ٿو. هڪ ڏينهن شطرنج (چوپڙ) راند ڪندي راڻي جي وات مان بي اختيار نڪري وڃي ٿو ته اي سوداگر تون هوبهو "محبت جي شمع" مومل جهڙو آهين. موقعي جو فائدو وٺندي مومل پنهنجو بهروپ لاهي ڦِٽو ڪري ٿي ۽ راڻي پاران پيار وارن ڏينهن ۾ ڏنل منڊي ڪڍي سندس هنج ۾ اڇلي ٿي. اهو هن چال جو مطلب سمجهي وڃي ٿو، پر ڪاوڙ ۽ نفرت مان منهن ڦيري ڇڏي ٿو. تنهن تي سوڀياوان ڪان هيءَ آهه نڪري ٿي:

"مينڌرا! انسان خطا جو گهر آهي،
پر چڱا چڱايون ڪندا آهن ۽ ٻين کي جيترو ٿي سگهي گهٽ آزاريندا آهن،
اهي نينهن توڙ نڀائيندا آهن ۽ انهي جون زنجيرون ڪڏهن نه ٽوڙيندا آهن."

راڻو وراڻي ٿو:

"چني جا هيڪار، ڪيهي جوڙي تنهن وَلِ جي،
نه ڇاٽان ٻيهار، ميڙو مُئي ڪِين جيئري!"

اتي مومل سندس دامن جهلي چوي ٿي:

"منهنجا محبوب! مان تو گهر سوالڻ ٿي آئي آهيان ۽ تنهنجو دامن پنهنجي ڳچيءَ ۾ ڳارو ٿي ڪريان."






تڏهن به راڻو نٿو مُڙي ۽ ڏُکاري مومل گهر مان هلي وڃي ٿي. حياتيءَ مان بيزار ٿي هوءَ ڪاڪئين جي چِکيا تيار ڪري ٿي ۽ اندر مان آهه نڪريس ٿي:

"جي اسان هٿ نه گڏياسين، ته مان اتي ٿي وڃان، جتي اسان جا روح گڏبا، او مينڌرا."

باهه جو آڙاهه ٻاري ٿي ۽ سڙي خاڪ ٿي وڃي ٿي.

ارڏو جوان جڏهن ان ڏکوئيندڙ واقعي جي خبر ٻڌي ٿو ته اهو انهي جاءِ تي وڃي ٿو ۽ ڳوڙها ڳاڙيندي پنهنجي مومل جي پتر سان هن ريت ڳالهائي ٿو:

"منهنجي منڙي، پنهنجو وڇوڙو هاڻ پورو ٿيو، پنهنجا ڏک ڏور ٿيا،
تنهنجي عشق ۾ مان به هيءَ دنيا ڇڏيان ٿو، جنهن ۾ تون ناهين،
منهنجي دوستن کي ٻڌائجو (اي ڏسڻ وارؤ) ته راڻو مومل پنيان ويو."

## چنيسر ۽ ليلا جي ڪهاڻي

ڪؤنروءَ نالي ڇوڪري، طاقتور ۽ مشهور راڻي ڪنگهار جي ڌيءُ، پنهنجي سؤٽ سان مَڱيل هئي. سرس سهڻي هجڻ ڪري ڇوڪريءَ جي پنهنجي سهيلين ۾ وڏي هاڪ هئي. تن ڏينهن ۾ ديوَل جي چنيسر جو سونهن، دولت، علائقي جي پکيڙ يا اختيار ۾ ڪو جوڙ جيس نه هو ۽ ساڻس پاند اٽڪڻ جون سڌون ڪئين سونهن راڻيون ڪنديون هيون. هڪ ڏينهن جمني نالي ڪؤنروءَ جي سهيليءَ ڪيس يوڳن ۾ چيو ته: " اهڙا پئي هار سينگار ڪرين ۽ چاهه پَسائين جڻ چنيسر سان لائون لهڻ واري آهين." هي يوڳ ڪؤنروءَ جي دل ۾ پيهي ويو ۽ چنيسر کي ڏٺي بنا ئي پنهنجي ليکي انهي جي عشق ۾ مست ٿي وئي. ماڻس مَرگهڻ کي جڏهن اها خبر پئي ته انهي اها ڳالهه راڻي ڪنگهار کي وڃي ٻڌائي. جيئن ته انهن ڏينهن ۾ چنيسر سان سگ ٿيڻ وڏي فخر جي ڳالهه ليکبي هئي ۽ انهي کي ساٻيان جو روپ ڏيڻ لاءِ ڪين ڪنهن ٽَلَ ڪان سواءِ ڪا واهه نٿي سُجهي، سو راڻي ڪنگهار مَرگهڻ کي صلاح ڏني ته انهي ڳالهه جي کُڙڪ ڪنهن ٻئي کي پوڻ ۽ ڪؤنروءَ جي نِراس ٿيڻ ڪان پهريان ڌيءُ کي سوداگر جي روپ ۾ چنيسر جي شهر ۾ وٺي وڃ. مَنَ ائين چنيسر پاڻ ئي ڪنهن اٽڪل سان دام ۾ ڦاسي پوي. مَرگهڻ کي اها ڳالهه وڻي،سو ڌيءُ کي

ساڻ ڪري ۽ ڪجھ وکر ڪٺي پَرِيَت درياءُ ٽپي پنهنجي ديس ڊاٺ مان نڪري ستت ئي ديوَل جي علائقي ۾ داخل ٿي ۽ چنيسر جي شهر ۾ پهتي. هڪ مالهيءَ جي زال هٿان چنيسر جي وزير جهاڪڙي ڏانهن نياپو موڪلي ڳنڍجڻ جي ڳالھ ڏيکاريائين. ليلا سان سچي چنيسر، جنهن جي سونهن ۽ سوڀيا ليلا ۾ ساڙ پيدا ڪري پئي سگهي، جواب ڏنو ته ڪيس ٻيو ڪو به نه رڳو ليلا گهرجي. مالهيءَ جي زال ڪي وري اهڙا نياپا آڻڻ کان جهلي ڇڏيائين ۽ نوَن مسافرن جي خبر ليلا تائين پهچڻ ۽ سندس ناراض ٿيڻ کان پهريان ئي انهن کي موٽائي ڇڏڻ جو حڪم ڏنائين. اها خبر پوڻ تي مَرگهِڻ پنهنجو وکر وکٽي ڇڏيو ۽ هڪ ڏينهن پرديسي فقيرياڻيءَ جو روپ ڌاري ليلا جي حضور ۾ حاضر ٿي عرض ڪيائين: "خراب حالتن مونکان ۽ منهنجي ڌيءُ کان پنهنجو وطن ڇڏايو آهي، ڏاڍو ڪَٺڻ ۾ اسان جو ڪو مَٽُ ناهي، جيڪڏهن تون مهرباني ڪري اسان کي پنهنجون ٻانهيون ڪري رکندينءَ ته اسان تنهنجي اهڙي خدمت ڪنديوسين جو جڳ ساراهيندو." ليلا ٻنهي کي پاڻ وٽ رکيو ۽ سندن ڪم مان خوش هئي. ڪجھ وقت کان پوءِ چنيسر جي سمهڻ واري ڪمري جا انتظام ڪؤنروءَ جي خاص ذميواري بڻجي ويا. هڪ ڏينهن ڪؤنروءَ کي پنهنجو وطن ۽ اتي پنهنجو شاندار رتبو ياد آيو ۽ اکيون لُڙڪن سان ڀرجي ويس. اهو ڏسي چنيسر پڇيس ته ڇا ماجرا آهي. وراڻائين ته ڌيئي جي وٽ سورِيم ۽ وري انهي هٿ سان اک مهٽيم، تنهن جي ڪري اک ۾ پاڻي اچي ويو. اهو ٻڌي ليلا زور ڀريُس ته سچ ٻڌاءِ ۽ گهڻو زور ڀرڻ تي ڪؤنروءَ چيو: "سچ اهو آهي ته مان هڪ اهڙي دولتمند بادشاھ جي ڌيءُ آهيان، جنهن جي هيرن جواهرن جي چمڪ انهي کي اوندھ ۾ سوجهري جو ڪم ڏيندي آهي؛ ڌيئي جي دونهين مٿي کي چڪر ڏنو، سو پراڻن ڏينهن جو پُور پيم ۽ روئي ڏنم ته اهي هاڻ ڪونهن." ليلا کانئس اها دعويٰ سچي هجڻ جو ڪو ثبوت گهريو؛ هن هڪدم هڪ نوَ لکو هار ۽ هڪ نفيس ترين پوشاڪ ڪڍي ڪيس ڏيکاري، جنهن جهڙي ليلا ڪڏهن نه ڏٺي هئي. ليلا انهن قيمتي سوکڙين مٿان موهجي پئي ۽ اهي حاصل ڪرڻ گهريائين. ڪؤنروءَ ۽ مَرگهِڻ چيو: "اسان تو کي اهي ان شرط تي ڏينديوسين ته تون اسان کي چنيسر هڪ رات لاءِ ڏيندينءَ." جيئن ته گهڻي ڀاڱي عورتن ۾ سمجھ گهٽ هوندي آهي، هوءَ راضي ٿي وئي ۽ هڪ ڏينهن جڏهن چنيسر پِيتل هو، ڪيس ڪؤنروءَ سان سمهاري ڇڏيائين.







چنيسر سڄي رات مدهوشيءَ ۾ گذاري ۽ جڏهن صبح جو جاڳيو تڏهن ڪنهن اڻڄاتل کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڏسي وائڙو ٿي ويو. اهو ڏسڻ لاءِ ته ڇا ٿو ٿئي، ڪؤنروءَ جي ماءُ سڄي رات سجاڳ رهي. صبح جو جڏهن خبر پيس ته ڌيٽس جو مقصد پورو نه ٿيو آهي ته پردي جي پويان پٽڪڻ شروع ڪيائين: "ڪيڏي نه عجيب ڳالھ آهي ته ليلا چنيسر جهڙو مڙس رڳو هڪ هار تي وڪٽي ڇڏيو ۽ ڪيس خبر ئي نه پئي؛ ان شخص کي اهڙي زال سان وري واسطو رکڻ نه جڳائي." اهو ٻڌي چنيسر ڪؤنروءَ ڏانهن پيار مان نهاريو؛ انهي ڪيس پيرائتي ڳالھ ڪري ٻڌائي. تنهن تي هن چيو: "جي اها ڳالھ آهي ته تون دلجاءِ ڪر، ڇو ته هاڻ مان ليلا جو ناهيان ۽ تو کي پنهنجي دل سان چاهيندس."

جيڪي ڪجھ ٿيو تنهن جي خبر جڏهن ليلا کي پئي، سندس سڀ حيلا بيڪار ٿيا، سندس پڪو ساٿ ڏکوئيندڙ وڇوڙي ۾ بدلجي چڪو هو. ڪجھ وقت گذرڻ کان پوءِ اها پنهنجي اباڻي ڳوٺ موٽي وئي ۽ اڪيلائيءَ ۾ وقت ڪاٽڻ لڳي. هن معاملي کان اڳ ليلا جي خاندان جي هڪ ڇوڪريءَ جو وزير جهاڪڙي سان مڱڻو ٿيو هو، پر ليلا سان پيش آيل مامري کان پوءِ ڇوڪريءَ جا مائٽ ڪيس سڱ ڏيڻ کان ڦِري ويا. جيئن ته هن پنهنجو جوڙ ڇڏڻ نٿي گهريو، سو انهن کي شاديءَ لاءِ راضي ڪرڻ جا گهڻائي گُرَ آزمايائين، پر سڀ بيڪار ٿيا. ليلا ڪيس نياپو موڪليو ته جيڪڏهن هو ڪنهن طريقي سان ڪيس چنيسر موٽرائي ڏئي ته هوءَ سندس پسند جي شادي پنهنجي سِر پاڻ ڪرائيندي.

اهو نياپو ملڻ تي جهاڪڙي گهڻي ڏي وٺ کان پوءِ چنيسر کي ساڻس ليلا جي ڳوٺ ڏانهن گڏجي هلڻ لاءِ راضي ڪيو. ليلا پنهنجو ويس مٽايو ۽ پنهنجو مُنهن ڍڪي هڪ ڏُوتيءَ جي روپ ۾ چنيسر جي حضور ۾ حاضر ٿي، جتي انهي کي ليلا سان ناتو ڇنڻ تي خوب ڏوراپا ڏنائين. ڳالھ ٻولھ دوران هوءَ ڪجھ ناز نخرا به ڪندي رهي ۽ چنيسر کي پنهنجي اصليت جي پروڙ ڏيڻ بنا ئي ڪيس لُڀائي وڌائين. جيئن ته چنيسر جو ليلا کي ڇڏي ڏيڻ ۽ ساڻس بي مُهري اختيار ڪرڻ صرف ساڙ جو نتيجو هو ۽ انهي لاءِ سندس چاهت اڃا به ساڳي ئي سدائين واري هئي، سو انهي سان گڏ گهاريل خوشيءَ وارو وقت ياد ڪري پاڻ جهلي نه سگهيو ۽ چيائين: "اي منڙا ٻول ٻوليندڙ ڇوڪري! تون پنهنجي سِر پاڻ لکن ۾ هڪ آهين. ڪيستائين تون

مون سان ليلا جون ڳالهيون ڪندي رهنديءَ؟ ڪجهه پنهنجي باري ۾ ٻڌاءِ، جو تہ تون منهنجي دل کي وڻي وئي آهين!" هن وراڻيو: "تو جهڙي بيوفا جي دل پيار مان ڇا ڄاڻي؟" اهو ٻڌي چنيسر سندس مُنهن وارو پردو ڦاڙي لاهڻ گهريو، پر پاڻ پنهنجي ڏُوتي ٻڌجي آيل ليلا، وڏي چاهه وچان پنهنجي منهن جو پردو پاڻ پنهنجي هٿن سان لاهي ڇڏيو. چنيسر جڏهن ڏٺو اها تہ پاڻ ليلا ئي هئي، تڏهن هڪدم ڏکويل دل سان تڏو شوڪارو ڀريائين ۽ دم ڏنائين. اهو ڏسي ليلا پڻ هڪ ڪنجهڪار ڪري ڪِري پئي ۽ سندس دم پرواز ڪري ويو. رسم موجب جوڙي جي چِتا جلائي وئي. سندن عجب ڪهاڻي ماڻهن کي اڃا ياد آهي ۽ سنڌي راڳ جي هڪ مقبول ۽ دل کي ڇُهندڙ ڌُن آهي. اِدارڪي بيگلار هن ڪهاڻيءَ تي هڪ فارسي شعر ناهيو. مصنف ديگهه کان بچڻ لاءِ ڳالهه کي اِتي کُٽائي ٿو.

## سَسِي پُنونءَ جو قصو

ناٿيو نالي هڪ برهمڻ ۽ سندس زال مُونذَر، جيڪي دلُوراءِ جي راڄ ۾ شامل ڀمبارُرواهه ۾ رهندا هئا، اولاد جا سِڪايل هئا. ڪجهه عرصي کان پوءِ ڪين چوڏهينءَ جي چنڊ جهڙي هڪ ڌيءُ ڄائي. ماڻئن کي ٻڌايو ويو تہ انهي جي قسمت ۾ ڪنهن مسلمان سان شادي لکيل آهي. ماڻئن خاندان جي اهڙي بدناميءَ جي ڊپ کان ڏڪاري دل سان هن املهہ ماڻڪ کي پيتيءَ (سِپي، جنهن ۾ موتيءَ کي هجڻ گهرجي) ۾ بند ڪري درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏيو. سِيرَ ڪيس وهائي ڀمبور ڪٺي وئي، جتي ناهيو نالي هڪ ڌوٻي رهندو هو، جنهن کي لالا پڻ سڏيندا هئا؛ انهي جا 500 ٻالڪا هئا، پر ڪو ٻار نہ هوس. اها پيتي انهي جي هڪ ٻالڪي کي هٿ آئي، جيڪو سڌو پنهنجي استاد وٽ کڻي ويو، جنهن اها کولي ۽ انهي مان رب جي قدرت جي هن چنڊ پنهنجو تجلو پَسايو. انهي هن کي سَسِي سڏيو، جنهن جو مطلب آهي "چنڊ"، ۽ پنهنجي ڌيءَ ڪري تاتڻ لڳس. جيئن ئي اها جوان ٿي سندس عشق جو تير سونهن جا گل چُٽندڙن جي دلين ۾ پيهي ويو. جنهن بہ ڪيس ڏٺو ٿي تنهن سَڏَ ٿي ڪئي تہ اها سندس ٿئي ۽ سڀ ماڻهو مٿس فدا ٿيڻ لڳا؛ جتي وڃي ٿي ويني اتي ماڻهن جا انبوهہ تارن جي ميڙ وانگر سندس چوڌاري اچي ٿي مڙيا ۽ ٻازن جي ولر





وانگر مٿان لامارا ٿي ڏنائون. انهن ڏينهن ۾ ڪيچ ۽ مڪران کان قافلا پانت پانت وکر کڻي انهن علائقن ۾ ايندا هئا ۽ هن "چنڊ جي ٽُڪري" جي واڪاڻ ڪيچ جي واليءَ جي پٽ پُنونءَ جي ڪنن تائين پهتي. اهو مٿس عاشق ٿي پيو ۽ سوداگر جي روپ ۾ ڀمبور پهتو، جتي سَسِيءَ کي ڏنائين ۽ ويتر اَڪن چَڪن ٿي ويو. خوشقسمتيءَ سان عاشق پنهنجي معشوق جي دل ۾ ڪجهه جاءِ ٺاهي ورتي؛ تنهن کان پوءِ ساٿس ملڻ جي آسري سندس پيءُ وٽ سيڪڙات ٿي ڌوٻي ڪونائڻ لڳو. ديگهه کان بچڻ خاطر ڪجهه واقعا ڇڏي ڏيان ٿو، پر قصو ڪوتاهہ سَسِيءَ سندس پيار جي موٽ ڪانئس بہ وڌيڪ اتساهہ سان ڏني.

هڪ سوناري جي زال، جيڪا پنهنجي مجازي عشق جي آڳ اُجهائڻ لاءِ بيقرار هئي، تنهن پُنونءَ جي دل ۾ ساڙ پڙڪائي هنن ٻن پريمين کي ڌار ڪرڻ جي ڪشش ڪئي. پاڻ ارپيندڙ سَسِي انهي منجهان ائين بي داغ نڪري آئي، جيئن سون ڦهر جهڙي ٻاهہ منجهان نڪري اچي، ۽ دنيا لاءِ هڪ مثال ٻڌجي وئي. ڪجهه وقت کان پوءِ هنن ٻنهي پريمين جي پاڻ ۾ شادي ٿي. پُنونءَ جي پيءُ کي جڏهن اها خبر پئي تہ انهي پنهنجي پٽن کي چيو تہ ڪنهن بہ طريقي سان ان مَت-ڪسيل کي واپس وٺي اچو. اهي ويا، پُنونءَ سان ملاقات ڪيائون ۽ سندس مهمان ٿيا. رات جو ڪيس ننڊ پيل کي ئي اٺ تي ٻَڌي پنهنجي وطن طرف روانا ٿيا. صبح جو جڏهن سَسِي جاڳي تہ ڏٺائين تہ سندس زندهہ سرمايو لُٽجي چڪو هو. ڏهاڳڻ پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي ليڙون ليڙون ڪيا ۽ پنهنجي پُنونءَ جي ڳولا ۾ اڪيلي نڪري پئي. محبت ڀرين پيرن سان ڪَرڙا جبل جهاڳيندي وئي ۽ اٽڪل چاليهہ ميل ڪن پنڌ ڪرڻ کان پوءِ اڄ ۾ بيحال ٿي ڪري پئي ۽ ڪُرڙيون هڻڻ لڳي. رب جي قدرت سان پاڻيءَ سان ڀريل هڪ تلاءُ ٺهي ويو، جنهن مان پاڻي پي تازي تواني ٿي. ماڻهو چون ٿا تہ اهو تلاءُ اڃا تائين پاڻيءَ سان ڀريل رهندو آهي ۽ ڪڏهن سُڪو ناهي، توڻي سالن جا سال مينهُن نہ پوي. چون ٿا تہ سَسِيءَ اهي شيون مينديءَ واري رات خواب ۾ ڏٺيون هيون. مينديءَ جي ٽاري، جيڪا هوءَ رسم مطابق هٿ ۾ جهلي سُتي هئي ۽ جاڳڻ مهل هٿ ۾ هئس ۽ پاڻ سان گڏ کنيو وئي هئي، سا ان ٽَڪريءَ تي پوکيائين؛ قادر جي قدرت سان اها سائي ٿي، وڏي وڻ ٿي ۽ اڃا تائين اُتي ان رت ڳاڙيندڙ دل جي نشانيءَ طور موجود آهي.

ائين ساهه پٽڻ کان پوءِ سَسِي ڍِلي ٿي نه ويني، پر اڳتي ڪاهيائين ۽ ساڳين ٽڪرين تان ڇهه يا ست ميل وڌيڪ پنڌ ڪيائين، جتي ڪيس وري اڄ تپايو. اتفاق سان هڪڙو ڌنار ڪيس گهٽي پنڌ کان وٺي تاڙيندو پٺيءَ آيو ۽ مٿس ڇاهه واري اک هئس، تنهن ويجهو پهچي ڪيس زوريءَ ڪٽڻ چاهيو. تنهن تي هن انهي کي ڏوراپو ڏنو ته اهو نسورو ناحق آهي ۽ منٿ ڪيائينس ته هوءَ ڏاڍي اُڃايل ۽ ٿڪل آهي، ڪٿي وڃڻ کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ ڪو پاڻيءَ ڍُڪ ته آڻي ڏي. ڌنار ڪجهه ڪير ڏهي آڻڻ لاءِ پنهنجي ڏڻ ڏانهن ويو. پوئتي سَسِي، جيڪا پنهنجي محبوب جو ڪو نشان نه لهي نراس هئي ۽ پاڻ کي هن بُڇڙي جي ور چڙهندو ڏسي رهي هئي، تنهن ڌٽي تعاليٰ (جيڪو بيواهن جو پرجهلو آهي) آڏو درد ڀري دانهن ڪئي ۽ رڻ جي هن شيطان کان بچاءَ لاءِ التجا ڪئي. قادر جي قدرت سان انهي مهل ئي ٽڪري ڦاٽي پئي ۽ عشق جي ماريل هن اڌ مُئيءَ کي جاءِ ڏنائين – گرپ ۾ پلجندڙ ڪنهن لعل وانگر – ۽ سندس رئي جو پلاند هڪ چتاءَ ۽ نشانيءَ طور ٻاهر رهجي ويو. ڌنار جڏهن کير کڻي موٽيو ته قدرت جو هي ڪرشمو اچي ڏٺائين. توبهه تائب ٿيو ۽ رواج مطابق انهي مٿان پٿرن سان مزار ناهي ڇڏيائين.

پريم ڪهاڻيون ڪٽڻ وارا، جيڪي دل کي تکن هيرن وانگر جهيرَ ڏيندا آهن، ٻڌائين ٿا ته زنجيرن ۾ جڪڙيل پُنوءَ کي جڏهن سندس پيءُ آڏو نيو ويو انوقت انهي جي بيقراريءَ جو اهو عالم هو جو پٽس کي پڪ اچي ورايو ته ڪٿي مري نه وڃي ۽ پوءِ ٻي ڪا واهه نه ڏسي پٽن کي چيائين ته هن کي وٺي وڃو ۽ ڪيئن به ڪري ڪيس پنهنجي محبوب سان وڃي ملايو. پُنون واپس ورندي وات تي سَسِيءَ جي مزار واري هنڌ پهتو ۽ سجر نشان ڏسي وائڙو ٿي ويو. سندس دماغ ۾ اها ڳالهه دلين جي چڪ وڌي. پڌري نشانيءَ بابت پڇا ڪرڻ لڳو ته ڇا ماجرا آهي. اتي اهو ڌنار اچي پهتو ۽ سچي ماجرا پيرائتي ٻڌايائين. پُنون ٽپ ڏئي پنهنجي اٺ تان لٿو ۽ پائرن کي هڪ پَلَ لاءِ ترسڻ جي منٿ ڪيائين، جو هن ان مقبري جي زيارت ڪرڻ ٿي گهري. تنهن کان پوءَ انهي مٿان پاڻ ڦٽو ڪٽي ڪيائين ۽ پنهنجي محبوب سان ملڻ لاءِ دانهون ڪري ڌٽيءَ در ٻاڪارڻ لڳو. جيئن ته پروردگار وٽان ڪو سوالي خالي نه موٽندو آهي، سو سندس قدرت سان ٽڪري هڪ ڀيرو ٻيهر ڦاٽي ۽ پنوءَ کي جاءِ ڏنائين. اهو ۽ سندس گهر ڏياٽي ائين هڪ هنڌ بند ٿي ويا، جيئن ڪي جاڙا موتي


books.sindhsalamat.com



هڪڙي سِپيءَ ۾. اجا تائين سنڌي هنن ٻنهي عاشقن ۽ ٻنهي معشوقن جي پيار کي سُر حسينيءَ ۾ ڳائين ٿا ۽ انهي مجازي عشق مان روحاني عشق جي راهه ڳولين ٿا. سچ اهو اهي ته هن ڳالهه جو ٻڌندڙن ۽ ٻڌائيندڙن ٻنهي تي عجيب اثر آهي: مير معصوم ٻکر واري هن کي "حسن و ناز" عنوان هيٺ هڪ بيت ۾ ڍاليو ۽ ڪاتيار ڳوٺ جي رهواسي قاضي مرتضيٰ سورٺي محمد شاهه بادشاهه جي دور ۾ ان تي هڪ مخصوص بحر وزن وارو بيت جوڙيو. اهو هيءَ ڪهاڻي هن ريت ٻڌائي ٿو: اسماعيل نالي ملتان جو رهواسي هڪ درويش عشق جي دنيا جي هنن شاندار انسانن جي زيارت ڪرڻ آيو ۽ پنهنجو اٺ ڪجهه پنڌ تي ڇڏي، ٻنهي عاشقن جي ديدار جي آس ڪري ٽن ڏينهن جو روزو رکي ويهي رهيو. وقت پورو ٿيڻ تي هڪ ڪراڙي عورت ڪجهه ماني ۽ پاڻي کڻي سندس آڏو نمودار ٿي، پر هن، سَسِي ۽ پنوءَ کي ڏسڻ تائين ڪائڻ پيئڻ کان ٻنهه انڪار ڪري ڇڏيو. ڪراڙيءَ وراڻيو ته سَسِي هوءَ پاڻ آهي ۽ پنوءَ کي ڏسڻ جي سَڌَ ڇڏي ڏي، ڇاڪاڻ ته سندس دنيا تان ويساهه کڃي ويو آهي ۽ هوءَ پنهنجي مائٽن کان ڏِنل آهي، جن ڪيس هن حال رَسايو آهي. درويش چيو: "مان انهي تي ڪيئن اعتبار ڪيان، ڇاڪاڻ جو سَسِي ته جوان ۽ سهڻي هئي ۽ تون هڪ ٻڍڙي ٻانپ آهين." اهو ٻڌي اها سونهن ۽ جوانيءَ واري پنهنجي اصلي روپ ۾ آئي ۽ ڪيس ڪجهه ڪائڻ لاءِ چيائين. درويش چيو: "جيستائين مان توهان ٻنهي کي نه ڏسندس، ٻلي مري وڃان ڪجهه نه ڪائيندس: مون قسم کنيو آهي." وري وري ويساهه ڏيارڻ کان پوءِ سَسِي قبر ۾ لٿي ۽ ڪيس پُنون چيلهه تائين ڏيکاريائين، پر پوري دير پاڻ انهي کي ويڙهيل رهي، جو ڊپ هئس ته متان ڪو ڪانئس اهو ڪسي نه وڃي. قصو ڪوتاهه ڪيترن ئي صاف دل بزرگن انهن کي ائين ڏٺو آهي. اٺ تي چڙهندڙ هر ماڻهو هن وات تان نه مَتيندو آهي، پر جيڪو مزار تي رات جو جاڳندو آهي، تنهن کي ڪو اٺ ڏٺو هٿ ماني ڪارائيندو آهي، جيتوڻيڪ اها جاءِ چتي رڻ پٽ ۾ آهي.

هي ڪهاڻيون سمن جي دور ۾ منظوم انداز ۾ لکيون ويون. مختلف شاعرن جزوي تفصيلن ۾ ڪي ڦيرڦارون ڪيون، پر مجموعي طور ڪهاڻي ساڳي ئي رهي.

## نيم پريمي ڪهاڻيون


www.sindhsalamat.com

ڏيهي روايتن مطابق مشهور پيار ڪٿائن سان گڏوگڏ نيم پريمي ڪهاڻين مان ڪجهه جو تعلق پڻ سومرا دور سان آهي. اهي هي آهن:

1. مَل محمود ۽ مِهر نِگار
2. ڏمڻ سونارو
3. خدا دوست ۽ محمود غزنوي

هنن منجهان ڏمڻ سوناري واري نيم پريمي ڪهاڻي سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ ڪجهه اهميت رکي ٿي. اها هن ريت آهي:

راجا دلوراءِ جي وزير اعظم جو نالو ڏمڻ سونارو هو. ڪنهن جوتشيءَ راجا کي ٻڌايو تہ سندس ڌيءُ جي شادي ڏمڻ سوناري جي پٽ سان ٿيندي. راجا کي ان اڳڪٿيءَ تي منيان لڳي. انهي ڏمڻ سوناري جا پنج ئي پٽ مارائي ڇڏيا. ان ڪان پوءِ ڏمڻ سوناري کي ڏيهہ نيڪالي ڏئي ڇڏيائين. رب ڏمڻ سوناري کي جلاوطنيءَ ۾ بہ ٻيا پٽ ڏنا. ٿيو ائين جو اهي ٻئي پٽ دلوراءِ جي راڄڌاني شهر ۾ داخل ٿيا. اتفاق سان راجا جي ڌيءُ جي اک ننڍي ڀاءُ تي پئي ۽ متس عاشق ٿي پئي. ان واقعي جي خبر جڏهن راجا کي پئي تہ انهي ڏمڻ سوناري ۽ سندس پٽن کي هڪڙي کوهہ ۾ اڇلرائڻ جو فيصلو ڪيو، جنهن ۾ ڪوڪا، چريون، ۽ ڀالا لڳل هئا. شهزاديءَ پنهنجي محل کان کوهہ تائين هڪ سرنگهہ کوٽائي ۽ انهي کي صاف ڪرائي ورتو.
ڪهاڻيءَ جو انت پريمين جي پاڻ ۾ لاڏ ڪوڏ سان لانئون لهڻ سان ٿئي ٿو. هن ڪهاڻيءَ جون ڪجهه ڏاهپ ڀريون چوڻيون هتي ڏجن ٿيون:

1. اڪ نہ ڪجي ڏنڊڙو، سپ نہ ڪائجي ماهہ،
اتي نہ لائجي نينهڙو، جتي ٿئي نہ جيءَ وٺاهہ،
تن سونارن الا! مون مَنُ موهيو وي.

2. جاڳو ۽ هوش سنڀاليو،
راند سوچي سمجهي ڪيڏو،



سومرا راج گهراڻو

ڇاڪاڻ تہ پنج اڳيئي مارجي ويا آهن،
هيءَ شهزاديءَ جي سُهائي آهي.

## رزميہ داستان

سومرن جو دور ٿُلهي ليکي هڪ امن وارو دور هو. پر تي جنگيون خاص اهميت واريون آهن: گُجرن ۽ سومرن جون جنگيون: سومرن جي علاءُالدين سان جنگ: ۽ همير سومري جون چام هالي ۽ سندس پٽن سان جنگيون. ان دور جا ڀٽ انهن ڪهاڻين وارا ڪلام عام ڳائيندا وتندا هئا. رزميہ توڙي قصيدي ڀنهي انداز ۾ بيت جوڙيا ويا آهن، پر گهڻو زور جنگ جي عام بيان بجاءِ اصل تفصيلن ۽ دوبدو مقابلو ڪرڻ وارن جي سورهيائيءَ مٿان آهي. هڪڙو بند هن ريت آهي:

جر نہ ڪُتن ڪنگرين، راوَ نہ ڳنڊين ويڻ،
گولي وجي گجرين، تہ چُندا دودي ڀيڻ.

## دودي سومري ۽ علاءُالدين جي جنگ

ڀٽن، ڀانن، چارڻن، سگهڙن ۽ مڱڻهارن نہ رڳو سومرن، پر ابڙي سمي جي سورهيائيءَ جي ڪارنامن وارو ڪلام پڻ ڳايو آهي، جنهن سومرين وڏي دليريءَ سان سامر جهليون. "ڀاڳو ڀان" پنهنجي شاعراڻي رچنا ۾ جنگي منظرن کي ڏاڍي سهڻي نموني سان بيان ڪيو آهي. سندس انداز هن ريت آهي:

"او ابڙو اُپگ، او ڏونگر ٿي ڏيهہ ڀيو!"

ساڳي ريت همير سومري ۽ چام هالي واري جنگي شاعريءَ ۾ بہ هن قسم جون ڏاهپ ڀريون چوڻيون ملن ٿيون.

## واڪاڻي شاعري يا قصيدا

سومرن جي دور ۾ اسان کي نہ رڳو جنگي جوڌن جي واڪاڻ ڪندڙ يا جنگي واقعا بيان ڪندڙ يا ڏاتارن جي واڪاڻ ڪندڙ قصيدا، پر شُومر اميرن ۽ هنيلن ۽ آڪڙباز شاهوڪار ماڻهن جو هَجو پڻ ملي ٿو. سمنگ چارڻ 1050ع جي مقبول ترين ۽ قابل شاعر-چارڻن منجهان هڪ آهي. سندس ٻن بيتن جو مطلب هن ريت آهي:

پنهنجي در تي آيل
منگتي کي دان هر ڪو ڏيندو آهي،
پر سپڙ چام جي سخاوت،
گُهرج وندن کي سندن جهوپن ۾ ڳولي لهندي آهي.

## مذهبي تحريڪون ۽ گِنان

سومرن جي دور ۾ اسلام جي مختلف فرقن جا پرچارڪ سچي سنڌ ۾ پکڙجي ويا ۽، ٻڌ مت ۽ جين مت جي پرچارڪن وانگر، نوان مسلمان ٿيندڙن کي مذهب جا بنيادي اصول ۽ عقيدا انهن جي ڏيهي ٻولين ۾ سيکارڻ شروع ڪيائون. اسماعيلي داعين کي ڪيترين ئي سهولتون حاصل هيون، ڇاڪاڻ تہ سومرن حاڪمن جو اسماعيلين ڏانهن تمام گهڻو لاڙو هو. سومرن جي اوائلي ڏينهن ۾ اسماعيلي عقيدي جي ارڙهين امام سيّد مستنصر باالله سيّد نورالدين کي سنڌ ۽ گجرات ۾ پرچار ڪرڻ جو حڪم ڏنو. اهو هتي آيو، پاڻ کي 'سيّدِ سادات'، ست گُر نور 'نور جو سچو استاد' سڏايائين ۽ پرچار شروع ڪيائين. نوان اسماعيلي ٿيندڙن کي اسلام جا بنيادي اصول ۽ روحانيت جا طريقا نئين انداز ۾ سيکاريائين ۽ انهي کي 'سچي واٽ' (ست پنٿ) نالو ڏنائين. ڏيهي ٻولين کي پنهنجي پرچار جو ذريعو بڻايائين. پرچار جو اهو طريقو پير شمس سبزواري ملتاني (1065–1176ع / 560–675هه)، پير شهاب الدين ۽ سندس پٽ پير صدرالدين (1290-1409ع / 689-808هه) بہ جاري رکيو. انهن سڀني پيرن جا رچيل بيت 'گِنان' ڪوٺجن ٿا. اسان هتي



books.sindhsalamat.com



يونيورسٽي آف لنڊن جي ڊاڪٽر سِي. شيڪِل پاران 'اسماعيلين جي گِنانن' بابت ڏنل هڪ تفصيلي سمجهاڻي پيش ڪريون ٿا:

## اسماعيلين جا گِنان

سورهين صديءَ کان اڳ جا ثبوت ڳولڻ سچ پچ هڪ ڏُکا هٽڻ واري مشق ٿيندي. تنهن هوندي بہ مقدس ادب جو هڪ آزاد ذخيرو هڪڙي ئي مذهبي روايت ۾ محفوظ ٿيل آهي، جيڪا خاص ڌيان ڏيڻ جوڳي لڳي ٿي، جيتوڻيڪ بلڪل درست تاريخن ۽ انتسابن جون ڏکيائيون اوائلي سِک لکتن جي پيٽ ۾ وڌيڪ آهن.

اهو آهي اسماعيلين جو مقدس ادب، جيڪو گهڻي ڀاڱي سندن مخصوص خوجڪي لپيءَ ۾ لکيو ويو. وچئين جُڳ ۾ عام هلندڙ هندي نموني جو اهو ادب پيرن جي ڊگهن روايتي احوالن ۽ انهن پاران ڏيکاريل سمجهيا ويندڙ معجزن سان گڏوگڏ وڏي انگ ۾ گِنانن ۽ جماعت خاني ۾ ٿيندڙ اجتماعي عبادت لاءِ رچيل بيتن تي ٻڌل آهي، جيڪي اوائلي اسماعيلي پيرن سان منسوب ڪيا وڃن ٿا.

پهتل شخصيتن جي آتم ڪٿائن مان تاريخي حقيقتون سوڌي ڪيڻ وارين عام ڏکيائين سان گڏوگڏ اسماعيلين جي سرگرمين مٿان چڙهيل راز جو پردو بہ وچئين جُڳ دوران ٿيل اسماعيلي فرقي جي ڏيهي اوسر جي پروسي جوڳي تصوير جوڙڻ ۾ رنڊڪون پيدا ڪري ٿو. وڏي تصوير ڪافي چِٽي آهي. اسماعيلين جي مضبوط ڳڙهہ اَلمُوت جي 1258ع ۾ تباهيءَ ۽ ايران ۾ اسماعيلي امامن جي سياسي اثر جي خاتمي کان ڪجهه وقت پوءِ ڏيهي پيرن جي هڪ سلسلي مذهبي پرچار جي هڪ تحريڪ ڪڙي ڪئي ۽ انهي کي سگهارو بڻايو، جيڪا ڪٽر صوفين کان ان ليکي ڌار هئي تہ انهي ۾ اسلامي نظريا هندي محاورن ۾ بيان ڪرڻ جي وڏي گنجائش هئي؛ شروعات ملتان ۽ اُچ جي سرائڪي ڳالهائيندڙ مرڪزن ۾ ٿي ۽ پوءِ اها ڏکڻ طرف سنڌ ۽ ڪڇ مان ٿيندي گجرات پهتي.

ان هوندي بہ تفصيلن کي مڃڻ، خاص ڪري اسماعيلي روايت ۾ سرائڪي ڳالهائيندڙ علائقي سان سڌو سنئون جوڙيل اوائلي پيرن جي حوالي سان، تمام ڏکيو آهي. ملتان واري پير شمس ، اُچ واري پير صدرالدين ۽ انهي جي پٽ پير



www.sindhsalamat.com

کبيرالدين جا سن ڪچا پڪا آهن. جيتوڻيڪ سندن زندگيون تيرهين کان پندرهين صدين تائين هلندي لڳنديون ۽ وري سندن نالن جو ڏيهي صوفي بزرگن جي نالن سان ميل کائڻ پڻ مسئلا پيدا ڪري ٿو. ڪنهن واقعي بابت اسماعيلي روايت جي احوالن مٿان تاريخ طور ٻنهه گهٽ ڀروسو ڪري سگهجي ٿو: جيئن پوءِ وارو سَتويٽي جي ويل. جيڪو پير شمس ۽ حضرت بهاءُالدين جي وچ ۾ ٿيندڙ مقابلي جهڙين غير معمولي آکاڻين سان ڀريو پيو آهي. جنهن ۾ ڪاغذ جي ٻيڙيءَ ۾ سفر ڪندڙ هڪ شخص کي ٻوڙيو ويو ۽ پلاند ۾ ٻئي جي مٿي تي سِگ ڦُٽايا ويا.

سِک روايت سان ڀاءِ حقيقت ۾. ڪيوَلرام سان مشابهت ڪرڻ سان پتو پوندو ته قصيدا ئي آهن جن ذريعي ڪوجنا جو وڌ ۾ وڌ سودمند رستو لهي سگهجي ٿو. عام طور مڃيو وڃي ٿو ته گِنان سرائڪي، سنڌي، ڪڇي، گجراتي ۽ هندي ٻولين جي هڪ زبردست ميلاپ ۾ رچيا ويا آهن. اڳتي هلي مکيہ اسماعيلي موجودگيءَ جو مرڪز منتقل ڪري، گجراتي رنگ جو عام طور ڇانئجي وڃڻ اچرج جهڙي ڳالھ نٿي لڳي. پر اهو پڻ ڌيان ۾ هجڻ گهرجي ته اڪثر پوئلڳن جي اصل ٻولين جي عبارت ۾ ايندڙ ڦيري تي اٽڪر اثر هجڻ جي باوجود بہ اوائلي پيرن سان منسوب ڪجھ گِنانن ۾ سرائڪي ٻوليءَ جا لسانياتي گُڻ هڪ نمايان حد تائين موجود آهن ، جنهن بابت خيال ڪيو وڃي ٿو ته اهي اصل ۾ انهي ۾ رچيا ويا هئا.

مثال طور پير شمس جو هڪ مشهور گِنان آهي، جنهن جون ڪافي سٽون محمد جمال يا حمل خان لغاريءَ جهڙن پوءِ جي سرائڪي شاعرن جا مشهور تصور ۽ عنوان سڌو سنئون پيش ڪن ٿيون:

اے سُبھاگا اس دُنیا دے وچ کیا گھن آیوں،
کیا گھن ویسیں نال سُبھاگا،
اے سُبھاگا دیہی تیری خاک رلیسی،
کیڑے کھاون ماس سُبھاگا،
اے سُبھاگا دیہی تیری اوپر گھاس جمیسی،
گاوا چگسی گھاس سُبھاگا۔





ترجمو: اي سياڳا هن دنيا ۾ ڇا کڻي آئين، ڇا ساڻ کڻي ويندين سياڳا،
اي سياڳا تنهنجو بدن خاڪ ۾ رلجي ويندو، ڪيڙا کائيندءِ ماس سياڳا،
اي سياڳا تنهنجي لاش مٿان گاهه ڦٽندو، مال چرندو گاهه سياڳا.

جيتوڻيڪ هتي ٻولي بلڪل صاف سرائڪي آهي، جڏهن تہ ٻوليءَ تي پنهنجي سِر پاڻ سڌي سنئين مهارت نہ رکندڙ اسماعيلين پاران ملتاني ۽ پنجابيءَ ۾ جوڙيل قصيدن جي صورت ۾ هر هنڌ ائين ناهي، ۽ اها بلڪل جديد پڻ آهي. حقيقت ۾ گِنانن جي عبارت ۾ آيل ڦيري بابت سوالن جي قطع نظر، جن طرف اڳ اشارو ڪيو ويو آهي، هڪ تنبيهه هجڻ گهرجي تہ انهن جي شاهدي احتياط سان ڪم آڻڻ جي ضرورت آهي. ٻين لفظن ۾ سرائڪي يا سرائڪيءَ جو رنگ چڙهيل گِنانن منجهان پروڙي سگهجي ٿو تہ انهن جي ٻولي ۽ ان جون ادبي روايتون ڪهڙي دور جون آهن، جيڪو تمام آڳاٽو لڳندو، پر انهن کي هڪ درست وزنائتي وصف ڏيڻ لاءِ هٿ سان لکيل خوجڪي روايت جي مڪمل اڀياس جي آڌو اچڻ جو انتظار ڪرڻ گهرجي.

هتي ڪجھ وڌيڪ ترجما ڏجن ٿا:

## نورالدين:

جيڪو شخص هر شيءِ جي عبادت ڪري، پر پاڪ پيغام جي نہ،
تنهن جي عبادت بيڪار آهي،
انسان فاني آهي ۽ هر ڪنهن کي هتان هلڻو آهي،
تون 'ست پنٿي' سڏبين،
تڏهن جڏهن تون ست پنٿ تي هلندين.

پير صدرالدين لوهاڻڪي لپيءَ ۾ ڪجھ سڌارا ڪيا ۽ پوءِ انهي کي پنهنجي مريدن ۾ عام ڪري ڇڏيائين. خواجا طبقو اها لپي اڄ تائين استعمال ڪري ٿو ۽

سنڌي يا خوجڪي چاليهه اکري سڏجي ٿي. آفريقا، هندستان، برما (ميانمر)، ملايا ۽ سيلون (سري لنڪا) ۾ اها سنڌي لپيءَ طور سڃاتي وڃي ٿي. سيني پيرن جي گنانن جي بيهڪ هڪجهڙي ناهي: پير شمس الدين جا گنان بيهڪ ۾ اشلوڪن ۽ دوهن جهڙا آهن: پير صدرالدين جي گنانن جي بيهڪ سنڌي ڪافيءَ واري آهي. انهن جو ٿلهُ هڪڙي سِٽ آهي، انهن جي هر مصرع ۾ دوهي وانگر ٻه سٽون آهن ۽ پهريون ٿلهُ هر مصرع کان پوءِ ورجائجي ٿو. ڪجھ ترجما حاضر آهن:

رب جي عبادت پنهنجي دل اندر ڪر،
چاڪاڻ ته رب ان ۾ اندر رهي ٿو،
رب پاڻ ٻه دل ۾ رهي ٿو،
۽ انهي جو ديدار دل اندر ڪري سگهجي ٿو.

* * * * * *

ست پنٿي اهو آهي، جيڪو پنهنجي ست (سچ) تي قائم رهي،
جيڪو پنهنجو مَنُ ميرو نه ڪري،
ست پنٿي اهو آهي،
جيڪو سچ ڳالهائي ۽
ٻي هر شيءِ کي رد ڪري ڇڏي.

پير شهاب الدين جي گنان جو ترجمو:

اي انسان پنهنجي الله سان پيار ڪر،
موت تمام ويجهو آهي،
اجاين ڪِرتن ۾ پنهنجو وقت نه وڃاءِ،
هڪ شخص جاڳي ٿو،
ٻئي کي ننڊ مني آهي،
تنهنڪري اُٿ، اي ٻي خبر،
اُٿ ۽ پنهنجي شاهه سان رهاڻ ڪر.


books.sindhsalamat.com



پير صدرالدين جي بيت جو ترجمو:

اي ڏاها انسان، هوش ۾ اچ،
چڱا ڪم ڪر،
موت اڪيلو وٺي ويندءِ،
مائٽ مِٽ ۽ سڄڻ پيارا ڪو ساڻ نه هلندُءِ،
جي تون پنهنجو سِر گهورڻ چاهين ٿو، سڄاڳ ٿي،
۽ پنهنجي دل ان جي ياد ۾ لڳاءِ،
تڏهن ئي الله تو ڏي ايندو.

* * * * * *

رب انهي سان راضي آهي،
جيڪو صبح سوير اٿي سندس عبادت ڪري ٿو،
تون سڄي رات سمهين ٿو،
۽ پنهنجي پالڻهار جي عبادت نٿو ڪرين.

سومرن جي دور جي شاعريءَ ۾ اسان کي شاهه حسين اپلاٽي (پير پٺو، وفات 1248ع / 646هه) جا ڪجھ بيت ملن ٿا. جيڪو غوث بهاءُالحق ذڪريا ملتانيءَ (وفات 1262ع) جو مريد ۽ همعصر هو. سندس شعر ۾ تاريخي ۽ جاگرافيائي سمجهاڻيون آهن. مثال طور: ديبل بندر ۽ مڪليءَ تائين پهچڻ وارين ٻوڏن جو مڪمل احوال ملي ٿو:

ديبل پار آب اَپار،
اسان چِڱاسين مڪليءَ ڏاري.


www.sindhsalamat.com

## باب ايڪيھون

# ڪجھ مذھبي ۽ سياسي اڳواڻ

’تَصَوُف‘ جي وصف ٻڌائڻ يا انھي جي ڪا جامع تشريح ڪرڻ يا گھٽ ۾ گھٽ ايتري جو پانت پانت جي سيني ويچار ڌارائن لاءِ قابلِ قبول ھجي، جيڪي ٻين ۽ ٽين صدي ھجريءَ دوران وسيع فتحن ۽ ڌار ڌار ڌرمي ويچار ۽ فلسفا رکندڙ قومن سان لھ وچڙ سبب اسلام ۾ ايريون، انتھائي ڏکيو آھي. اسلام جي اوائلي ڏينھن وارا سچا مومن پنھنجي سِر پاڻ جنگجو، استاد، پرچارڪ ۽ سچي دين جي ظاھري ۽ باطني علمن جا مثال پيش ڪندڙ ھوندا ھئا. انھن سان لھ وچڙ ۾ اچڻ وارا، آقا توڙي غلام، امن ۽ جنگ دوران ۽ روزمرھ ڏيتين ليتين ۾ سندن ڪردار کي ڏيان سان جاچيندا ھئا. سندن قول ۽ فعل ۾ فرق نہ ڏسندا ھئا ۽ نتيجي ۾ پنھنجي رضا خوشيءَ سان اسلام قبوليندا ھئا. نين حالتن ھيٺ عملي نظير تان زور ھٽي ڏُکيدار فلسفي طرف ھليو ويو. قرآني حڪمن جي حقيقي بجا آوريءَ جي جاءِ منطقي دليلن ۽ گرماگرم زباني بحث مباحثن ورتي. انھي جي ڪري باعمل ديندار ماڻھن، الله جي دوستن، اولياءِ ڪرام کي پنھنجن تبليغي مرڪزن ڏانھن موٽڻو پيو. پوءِ انھن مرڪزن کي ڳولي لھڻ، بزرگن وٽ حاضري ڏيڻ ۽ انھن وٽان علم جي روشني پرائڻ جو بار عام ماڻھوءَ مٿان ھو.

ھنن عالم ۽ پارسا انسانن کي ماڻھن پاران تعظيم ۽ بادشاھن پاران پڻ وڏيون ملڪيتون ملندي ڏسي، غيبي علمن ۽ نفسيات جي ڄاڻ رکندڙ ڪجھ ماڻھن پنھنجي وِتَ آھر اسلامي تصوف کي آزمايو. اھي اميد کان وڌيڪ ڪامياب ٿيا ۽ ماڻھو ڪين ھر قسم جي تعظيم ۽ اطاعت ڏيڻ لڳا. جيتوڻيڪ ھنن صوفين جي



books.sindhsalamat.com



طريقي جو بنياد پاڻ نھڪارڻ، سختيون سھڻ، جسم مٿان دماغ جي برتري، قرآني آيتن يا الله جا نالا ۽ صفتون بيان ڪندڙ لفظن جو ڊگھو ورد ڪرڻ ۽ ڌيان لڳائڻ وغيره ھو، پر تڏھن بہ ڪوشش ڪئي ويندي ھئي تہ اسلام جي ڪنھن بنيادي اصول سان ٽڪراءُ پيدا نہ ٿئي. ايراني ويچارن ۽ يوگا (جوڳ) جي عملن وارن ھندستاني فلسفن تعليم ۽ پرچار جي ھن نئين اداري کي وڏي سگھ بخشي. تصوف جو زور پاڻ نھڪارڻ، رضا تي راضي رھڻ، فاني زندگي ۽ الله جي امر تي صبر شڪر تي ھوندو آھي. ھي سڀ عقيدا حملي آورن ۽ مطلق العنان حاڪمن جي مقصدن لاءِ موزون ھئا، تنھنڪري انھن صوفين جي ھر طرح ھمٿ افزائي ڪئي.

اسان تصوف جي مختلف اسلامي يا غير اسلامي ڏيکن بابت ڪنھن قسم جي بحث ۾ پوڻ نٿا چاھيون، ڇاڪاڻ تہ ھن ميدان ۾ اڳي ئي گھڻا تڪرار ھلن پيا ٿا ۽ اجا تائين ڪو آخري فيصلو نہ ٿيو آھي. حقيقي مشاھدي مطابق صوفي مت:

1. پٿر دل انسانن کي بہ ميٺ ٻٽائي ڇڏيو،
2. عام ماڻھن جي ذھنن کي ھر قسم جي ڪدورت، ڪيني، دشمني، نفرت، پلاند جي آڳ وغيره کان پاڪ ڪيو ۽ انھن جي بدلي منجھن محبت، ڀائيچاري، ھمدردي، سھپ ۽ درگذر پيدا ڪيا،
3. دنياوي دولت جي لالچ گھٽائي،
4. شاعري ۽ موسيقيءَ لاءِ چاھ پيدا ڪيو ۽ ان وسيلي ورتاءَ ۾ نرمي پيدا ڪئي ۽
5. دنيا اندر امن ۽ ڀائيچاري کي ھٿي ڏني.

تي سگھي ٿو تہ ائين درست نہ ھجي، پر ڪجھ مسلمان ذاتين لاءِ چيو وڃي ٿو تہ انھن ۾ صوفي ناھن. ’جنتُ السّند‘ جو مصنف مولائي شيدائي (ص. 238) لکي ٿو تہ مخدوم نوراللھ عرف مخدوم نؤرنگ سومرو ھڪ وڏو عالم ۽ تعظيم لائق صوفي بزرگ ھو. سندس مقبرو ٽنڊو غلام حيدر، تعلقي گونيءَ ۾ آھي. سندس پونيَر نؤرنگزادا ڪوٺجن ٿا.

تاريخ سنڌ (سومرا ۽ سمان دور) جو مصنف عبدالغني عبدالله (ص. 105) لکي ٿو تہ سنڌ ۾ مسلم سماج جي ديندار شخصيتن جي اندر اجاريندڙ تعليمات سبب ڪيترائي پرھيزگار سومرا، جھڙوڪ: مخدوم اسماعيل، مخدوم نوراللھ عرف نؤرنگ، شيخ ريحان، درس علاءُالدين، صابُو درويش وغيره صوفي بزرگن جي



www.sindhsalamat.com

منزل تي پهتا. انهن جي زندگيءَ جا ڪي بہ تفصيل نہ ڏنا اٿس.

مسٽر جي. ايم. سومري وڪيل، ميرپور خاص واري، صوفي محمد صادق جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو مقبرو عمرڪوٽ تعلقي جي ڳوٺ صوفي فقير ۾ آهي.

مٿين سنڌو ماٿر ۾ ڇهہ ڪن سومرا بزرگ لڏا آهن. انهن سڀني منجهان اڳاٽو حضرت ابراهيم دائود بندگي سومرو آهي. اهو مظفرڳڙهہ ضلعي جي جيهنيوال، لڳ خيرپور سادات، جي سومرن منجهان آهي. اُچ واري حضرت شاهہ محمد غوث بندگي قادري جو مريد ۽ خليفو هو، جنهن جو نياٽو ۽ مريد حضرت سيّد خيرالدين المعروف شاهہ ابوالمعالي لاهوري هو. شيخ عبدالحق مُحَدِث دهلوي، حضرت مُجَدِدِ الفِ ثاني سرهندي، شيخ علاءُالدين گنگوهي، سيّد جمال الدين موسيٰ پاڪ شهيد ۽ حضرت علي متقي جو همعصر هو. سندس مزار ريناﻻ خورد کان 11 ميلن



جي پنڌ تي شيرڳڙهہ ۾ آهي. عبدالقادر بدايوني پنهنجي ڪتاب ’مُنتَخِبُ





التواريخ‘ ۾ سندس زندگيءَ جو احوال ڏنو آهي. ڪجهہ آتم ڪٿاڪارن جي دعويٰ آهي تہ اهو ”سيّد“ ذات مان هو.

### شير ڳڙهہ ۾ دائود بندگي جو مقبرو

عبدالحڪيم، خانيوال-جهنگ ننڍي لائين تي هڪ ننڍڙو شهر ۽ ريلوي اسٽيشن آهي. گزيٽيئر آف ملتان ڊسٽرڪٽ ٻڌائي ٿو تہ: ”عبدالحڪيم ۾ انهي نالي واري چڙهوئا يا ڏوبي ذات جي هڪ بزرگ جي مزار آهي، جنهن 1732ع ۾ وفات ڪئي. بزرگ جي مريدن پاران بيڪانير جي ڪوڙن کوهن مٿان ڏيکاريل ڪرامت جي ڪري بيڪانير جا حاڪم مزار جو وڏو احترام ڪندا آهن. تَرَ جي روايتن ۾ بزرگ جون پنهنجون ڪيتريون ئي ڪرامتون بيان ڪندڙ ڪوڙ آڪاٽيون



ملن ٿيون. بزرگ جي هڪ مريدياڻي نوناري ذات جي مائي سَپُوران هئي، جنهن جي مزار سندس ئي نالي واري ڳوٺ ۾ آهي. اها وڏي ڪاني ڪرامت واري هئي. وهندڙ راويءَ مٿان پنهنجو مصلو وڇائي نماز پڙهڻ جي سگهہ رکندي هئي. انهي ۽ انهي جي پونيَرن وٽ چِتي ڪتي جي چَڪيَلن کي ڇڏائڻ جو هُدو هوندو هو.

عبدالحڪيم جو مقبرو

عبدالحڪيم بابت پڪ آهي تہ اهو ذات جو سومرو هو، پر انهي پنهنجن سمورن مٽن مائٽن سوڌو پنهنجي سڃاڻپ ڳجهي رکي ۽ ماڻهن ۾ ڌوبي ۽ کٽي مشهور هو.

حضرت نظام الدين نالي هڪڙو ٻيو سومرو بزرگ ملتان شهر ويجهو بستي چمرنگ ۾ رهندو هو. اهو مشهور مدرسہ نُعمانيہ جي برک استادن منجهان هو.



بهترين ساک رکندڙ استاد هجڻ سان گڏوگڏ هو هڪ قانوندان، هڪ ڏاهو، هڪ صوفي ۽ هڪ عوامي پرچارڪ بہ هو. تمام وڏو مقرر هو ۽ سندس همعصرن منجهان ڪو بہ هن کان بهتر انداز ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار نہ ڪري سگهندو هو. سندس مقبري تي اُڪريل هنن سٽن مطابق سندس وفات جو سال 1319هه آهي.

حضرت نظام الدين جو مقبرو

حضرت مولوی نظام الدین
واعظ خوش بیان، صاحب ہوش
بست و ہشتم چو ماہ ہشتم بُود
روز اربع رسید اندر جوش
رفت ازین دار چوں بہ دار آغوش





شُد بہ مطلوب خویش ہم آغوش
باخلیفہ زسال تر حیلش
ماہ دنیا غروب گفت سروش
1319ھ

## نور فقير سومرو

هي ميان غلام محمد سومري پٽ ميان حافظ محمد جلال سومري جي گهر، واقع چاهہ غلام والا حبيب والا، ڳوٺ اِرم (خوجا) تعلقو شجاع آباد، ملتان ۾ 1828ع ۾ ڄائو. سندس وڏن صادق والا ڪان وٺي ڇَيڙ تائين غير آباد ٻنيون حاصل ڪيون ۽ انهن تي آبادي ڪندا هئا.

اوائلي تعليم پنهنجي ڏاڏاڻي ڳوٺ خوجا ۾ حاصل ڪيائين، جتي فارسي، عربي، حساب، طب، خوشخطي، لکپڙهہ جو هنر ۽ قرآن پاڪ پڙهيائين. حديث، قانون ۽ شرح بابت علم پرائڻ لاءِ خانپور، ملتان، دهلي، اجمير ۽ ديوبند جي مختلف ادارن ۾ پڙهيو.

سندس روحاني رهبر قاضي خدايار پٽ قاضي محمد عيسيٰ ڪيس چيو: "سِک مسلمانن جي آذان ٻڌڻ بہ گوارا نٿا ڪن. قرآني تعليم جا مرڪز مسجدون نمازين ڇڏي ڏنيون آهن. هاڻ جيئن تہ تو پنهنجي تعليم مڪمل ڪري ورتي آهي، مان تو کي صلاح تو ڏيان تہ وڃ ۽ وڃي انهن ادارن کي ٻيهر آباد ڪر." ميان نور فقير پنهنجي روحاني پيشوا جي صلاح تي سچائيءَ سان عمل ڪيو. پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو ملتان ۽ لاهور ڊويزنن جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سفر ڪندي ۽ اڳوڻي بهاولپور رياست جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ گهمندي گذاريائين. سندس مُک مقصد هن علائقي جي تعليمدانن کي منظم ڪرڻ هو. هِن انهن ڏاهن انسانن کي چيو: "ملڪ اندر مسلمانن جي حڪومت دوران مسجدن ۽ مدرسن جي سار سنڀال سرڪار جي بلِي هوندي هئي ۽ استادن ۽ شاگردن جون گهرجون اها پوريون ڪندي هئي. هاڻ هر شيءِ بدلجي چڪي آهي. هنن نامهربان بلڪ دشمنيءَ وارن ڏينهن ۾ اسان کي پنهنجي مدد پاڻ جي بنياد تي ڪم ڪرڻو پوندو. توهان تعليمدانن کي سيني

نتيجن کي همٿ سان منهن ڏيڻ گهرجي، پنهنجون ذميواريون برجستائي ۽ حوصلي سان نڀائڻ گهرجن ۽ مسلسل اڳتي وڌندو رهڻ گهرجي. سيني ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي نماز بابت مڪمل ڄاڻ ڏيو ۽ کين قرآن پاڪ معنيٰ سان پڙهايو ته جيئن اهي جيڪو پڙهن سو سمجهي سگهن. ساڳي طرح عام ماڻهوءَ کي سچي دين جا سمورا آسان معاملا سمجهايو. خدا نه ڪري جيڪڏهن موجوده پيڙهي اسلامي تعليم تان هٽي وئي ته اڳلي پيڙهيءَ کان اسلامي قدر برقرار رکڻ ۽ نيڪ سيرت اسلامي زندگي گذارڻ جي اميد ڪرڻ اجائي ٿيندي.”

استادن کي ان طريقي تيار ڪيائين ۽ ويران ۽ قِتل مسجدن جي ڳولا ۾ نڪري پيو. تنهن کان پوءِ انهن مسجدن جي عوام هٿان مرمت ڪرايائين. انهن مسجدن ۾ ٻارن جي تعليم جا بندوبست ٿيا. اهڙي طرح هن ڪيترين ئي مسجدن کي ٻيهر آباد ڪري ۽ اسلامي تعليمن جا مرڪز بڻايو.

پنهنجي پرچاري دورن دوران هو بياباني قبيلن ۾ ترسڻ کي ترجيح ڏيندو هو ته جيئن انهن کي اسلام قبولڻ جي دعوت ڏئي سگهي. سندس ۽ سندس ساٿين جي ڪوشش سان ڪيترن ئي غير مسلم قبيلن اسلام قبوليو ۽ نيڪ جيوَن گهارڻ لڳا.

سندس زور قرآن پڙهڻ ۽ سمجهڻ تي هوندو هو، ڇاڪاڻ ته اهو اسان کي بلڪل صحيح زندگيءَ جي راهه ڏيکاري ٿو. ان جو هر حڪم عمل جوڳو ۽ ڏاهپ تي ٻڌل آهي. سندس زور حديثن جي اڀياس تي پڻ هوندو هو، ڇاڪاڻ ته حضور پاڪ جي زندگي هر انسان لاءِ بهترين مثال آهي.

نور فقير جي درسن جو خلاصو هن ريت آهي:

1. سٺي روزي ڪمائڻ لاءِ ماڻهوءَ کي علم، هنرن ۽ ڌنڌن ۾ پڙ هڄڻ گهرجي.
2. جتي انصاف هوندو اتي امن هوندو ۽ جهيڙا جهٽا نه ٿيندا.
3. جيڪڏهن عزت ۽ آسودگيءَ واري زندگي گذارڻ گهرو ٿا ته پنهنجي مائٽن، دوستن ۽ پاڙيسرين سان سٺو سلوڪ رکو.
4. وڏي ڄمار جو دارومدار سٺي صحت تي آهي. سٺي صحت جي اصولن تي هلو: خاص ڪري کاڌي جي حوالي سان. ڏک، ساڙ ۽ پريشانيءَ کان پاڻ بچايو. سمهڻ کان پهريان پنهنجي دماغ کي چڱين اميدن سان ڀريو. پنهنجن مسئلن تي پريشان ٿيڻ بجاءِ رب تي ڀروسو ڪريو.


books.sindhsalamat.com



5. ڪنهن ڏاهي ۽ تجربيڪار ماڻهوءَ کان صلاح وٺندو رهڻ سٺي ڳالهه آهي.
6. پنهنجي اهليتن بابت درست ڄاڻ لڳايو ۽ انهن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سوچيو.
7. ڪم تي وڃڻ کان پهريان هڪ پل لاءِ ترسو ۽ جيڪي ڪم ڪرڻا اٿو انهن بابت سوچيو ته ڇا توهان انهن لاءِ تياري ڪئي آهي؟ ساڳي طرح جڏهن توهان ڪا جاءِ ڇڏڻ لڳو ته پڪ ڪري وٺو ته توهان نه ڪا شيءِ پل وچان ڪنئي آهي ۽ نه ڪا رهائي آهي.
8. ٻئي جو حق غصب نه ڪريو: جيترو ٿي سگهي جلدي ۽ انهي جي گهرڻ کان اڳ ۾ انهي کي موٽائي ڏيو.

نور فقير سومري ستاويهين اپريل 1939 تي 111 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي.

## مولانا جان محمد سومرو ميابل وارو
## (ڄم 1794ع – وفات 1887ع)

ملتان کان اٽڪل 200 ميل اتر اولهه ۾ سنڌو درياءَ جي ڪاٻي ڪپ تي هڪڙو ٻيو سومرو بزرگ رهندو هو، جنهن جو احوال هتي ڏجي ٿو:

اهو سنڌو درياءَ جي ڪاٻي ڪنڌيءَ تي رهندڙ لامذهب ماڻهن ۾ اسلام جي پرچار ڪرڻ لاءِ سنڌ مان لڏي آيو. ملڪ جو هي حصو گهڻي ڀاڱي درياءَ جي ڇڏيل پيٽن مان ٺهيل ڊنڊن تي مشتمل آهي. اونهاري ۾ جڏهن سنڌو اٿلندو آهي ته هي سمورو علائقو ٻڏي ويندو آهي ۽ سڄريل دنيا کان عملي طرح ڪٽجي ويندو آهي. انهي کان سواءِ هتان جا ماڻهو جاگرافيائي حالتن جي غير يقينيءَ سبب هڪ هنڌان ٻئي هنڌ لڏيندا رهندا آهن. ارڙهين صدي عيسويءَ تائين عام ماڻهوءَ کي ورلي ڪنهن روحاني رهبر سان ملڻ جو موقعو ملندو هو. ملڪ جي هن حصي ۾ اسلامي زندگيءَ واري واٽ عام ڪرڻ جو مقصد ڪٽي سنڌ کان ايڏو ڊگهو ۽ ڏکيو سفر ڪرڻ تي مولانا جان محمد سومري کي سچ پچ جس هجي.

لڳي ائين ٿو ته هن پنهنجي رهنمائي لاءِ، سنڌوءَ جي ڪنڌين وارا علائقا اُڪري، حضرت فقير محمد رضا زڪوڙ (ڊيرا اسماعيل خان) واري جي تبليغي طريقن جو اڀياس ڪيو ۽ انهي جي مريدن جي دائري ۾ داخل ٿيو. انهي کان ظاهري


www.sindhsalamat.com

۽ باطني فلسفن ۾ وڏيڪ قابليت پرايائين.

پاڻ پهرين صفر 1307ھ تي وفات ڪيائين (جيئن سندس مقبري تي لڳل ڪتبي ۾ لکيل آهي). سندس مزار ان هنڌ کان ٿوري پنڌ تي آهي، جتان سندو پائڻ لڳو آهي. پاڻ 93 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين ۽ ڪيس پُٽاٽو اولاد نہ هو. سندس ڌيءُ حضرت فقير نور محمد سومري سان پرڻيل هئي.

## ليّہ جي سڀ کان پراڻي مسجد

سومرا 1840ع ڌاري يا ٿورو اڳي پوءِ ٿَل کان، اٽڪل 7-6 ميل اولهہ طرف، ليّہ شهر ڏانهن لڏي ويا. انهن اتي هڪ جامع مسجد جو بنياد وڌو ۽ مولوي نور محمد کي انهي جو امام مقرر ڪيائون. مسجد ۾ عبادت لاءِ زير زمين ڪمرا، سوين نمازين لاءِ ڪشادو اڱڻ ۽ پاڻي پرڻ لاءِ هڪ کوهي آهي. اها ليّہ جي پهرين جامع مسجد هئي.

ساڳي طرح چنيوٽ ويجهو لاليان ۾ شاھ عالم سومري ۽ سندس ڀاءُ محمد عظيم سومري 1100ع ۾ هڪ جامع مسجد جو بنياد وڌو، جيڪا سومرانوان والي



مسجد سڏجي ٿي.



books.sindhsalamat.com



چنيوٽ ۾ سومرن واري مسجد

انگريزن سنڌ 1843ع ۾ فتح ڪئي. ان کي بامبي پريزيڊنسي سان ڳنڍيو ويو، ڇاڪاڻ تہ، وائسراءِ هند لارڊ ڊلهوزي جي 1852ع ۾ چوڻ مطابق، تيستائين پنجاب اڃا فتح نہ ٿيو هو. هي اهو سال آهي، جڏهن سرحدي انتظام ۽ صوبائي سرحدن جي نئين حد بنديءَ جي ڪجھ مسئلن جي نتيجي ۾، انهي کي ڌار ڪرڻ وارو خيال پهريون ڀيرو بحث هيٺ آيو. اٽڪل 93 سالن جي جدوجهد کان پوءِ پهرين اپريل 1936ع تي سنڌ هڪ گورنري صوبو بڻي. سنڌ جو بامبي پريزيڊنسي کان ڌار ٿيڻ ان تاريخي سلسلي جو اهم ترين واقعو هو، جيڪو اڳتي هلي پاڪستان جي تخليق جو ڪارڻ بڻيو. جيڪڏهن 75 سيڪڙو مسلمان آباديءَ واري سنڌ خودمختيار نہ هجي ها تہ جيڪر ورهاڱي وارو ڪيس گهڻو ڪمزور هجي ها. پنجاب ۽ بنگال ۾ مسلمان سادي اڪثريت ۾ هئا، بلوچستان خودمختيار نہ هو ۽ اتر-اولاهين-سرحدي-صوبي جي سياست انتهائي منجهيل هئي. تنهنڪري 1938 کان 1946ع تائين پاڪستان واري مطالبي جو مکيہ مدار خودمختيار سنڌ جي موجودگي هو.

پهرين خودمختيار حڪومت اپريل 1937ع ۾ سَر غلام حسين هدايت الله جي سربراهيءَ هيٺ وجود ۾ آئي، پر اٽڪل هڪ سال پوءِ 23 مارچ 1938ع تي انهي جي وزارت ٽوڙي وئي ۽ خان بهادر الله بخش سومرو سنڌ جو وزير اعظم مقرر ٿيو.

سنڌ جي بامبي کان ڌار ٿيڻ ۽ خودمختيار صوبي جو درجو ماڻڻ سومرن کي سياسي سجاڳيءَ جو موقعو فراهم ڪيو. پنهنجي زوال کان پوءِ اهي سڄي ملڪ ۾ ٽڙي پکڙي ويا هئا، پر تڏهن بہ بدين، ٺٽو، شڪارپور، لاڙڪاڻو، ملتان ۽ ليّہ اهڙيون جايون هيون، جتي انهن جا گهڻائي ايڪا هئا ۽ جتي اهي پنهنجي سماجي، معاشي ۽ سياسي سرگرمين تي ڌيان ڏئي سگهيا ٿي. ملتان وانگر ٺٽو بہ علم جو عظيم ڳڙھ رهيو آهي. اهو درست طرح مقبرن ۽ مسجدن جو شهر سڏجي ٿو. اندازي مطابق هن ضلعي ۾ اٽڪل 15،000 سومرا رهن ٿا. ٺٽي وارو سردار محمد عثمان



www.sindhsalamat.com

سومرو لوڪل بورڊ ڪراچي جو صدر رهيو. اهو اڳتي هلي ايم. ايل. اي چونڊيو. سندس وفات ڪان پوءِ سندس پٽ سردار محمد خان سومرو ايم. پي. اي چونڊيو ۽ سنڌ جي گورنر جو مشير مقرر ٿيو. ڪجھ وقت ڪان پوءِ ڪيس ڊِويلپمينٽ اينڊ پلاننگ واري وزارت جو قلمدان ڏنو ويو.

اسان ڏنوسين تہ سنڌ جي بامبي ڪان ڌار ٿيڻ ڪان بہ سال پوءِ خان بهادر الله بخش سومرو، او. بِي. اِي.، نئين خودمختيار ٿيل صوبي سنڌ جو وزير اعظم مقرر ٿيو. اهو شڪارپور جي سومرن مان هو، جن جو اتر سنڌ ۾ اجا تائين وڏو اثر رسوخ ۽ مقبوليت آهي. سندس پيءُ حاجي محمد عمر وهنوار ۾ ايمانداريءَ ۽ سخاوت جي حوالي سان سٺي ساک رکندڙ هڪ نيڪ انسان هو. خان بهادر الله بخش 1900ع ۾ ڄائو ۽ حاجي محمد عمر جو مويي پٽ هو. مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪان پوءِ پنهنجي پيءُ سان گڏجي پنهنجون زرعي زمينون سنڀالڻ لڳو. تمام ذهين نوجوان هجڻ ڪري هُن هِن موقعي کي گهٽي ياڳي پنهنجا سماجي لاڳاپا ناهڻ لاءِ ڪم آندو. ستت ئي پاڻ ۾ اهي سڀ گڻ پيدا ڪري ورتائين، جيڪي ڪنهن ڪامياب سياستدان لاءِ ضروري هوندا آهن. نتيجي ۾ 1928ع ۾ لوڪل بورڊ سکر جو چيئرمين چونڊيو. اڳلي ڏهاڪي دوران بامبي ڪائونسل سميت ڪيترين ئي سرڪاري ڪميٽين جي ميمبر طور ڪم ڪيائين. سندس مقبوليت ۽ تڪڙين ڪاميابين رقابتون پڻ پيدا ڪيون. سنڌ جيئن تہ بامبي ڪان سڄر آزاد ٿي هئي، تنهنڪري انهي کي ترقي ۽ اڳيرائيءَ لاءِ خاص خيال ۽ ڌيان جي ضرورت هئي.

1941ع ۾ هو ٻيهر سنڌ جو وزير اعظم مقرر ٿيو. انگريز سرڪار قومپرستن کي دٻائي رهي هئي. انهي خلاف احتجاج طور وائسراءِ ڏانهن خط لکيائين تہ هو خان بهادر ۽ او. بِي. اِي وارا لقب پاڻ وٽ وڌيڪ نٿو رکي سگهي. ان تي وائسراءِ چڙي پيو ۽ نتيجي ۾ سندس حڪومت ختم ڪئي وئي. انهي ڪان ڇھ مهينا ڪن پوءِ چوڏهين مئي 1943ع تي ڪيس گولي هٽي شهيد ڪيو ويو. يادگار طور سندس نالو هڪ ريلوي اسٽيشن تي رکيو ويو آهي.

سندس ڀاءُ سردار حاجي مولا بخش سومري جي پڻ وڏي سياسي حيثيت ۽ مقبوليت هئي. اهو پاڪستان ٺهڻ ڪان پهريان صوبائي حڪومت ۾ وزير رهيو ۽ ٺهڻ ڪان پوءِ وفاقي وزير مقرر ٿيو. وٽس بچاءَ، واپار ۽ بحالي وغيره جهڙا اهم







قلمدان رهيا. اهو 1970ع ۾ ٻيهر قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. صدر پاڪستان جو سياسي معاملن بابت صلاحڪار رهيو. سندس وڏو پٽ احمد ميان سومرو اولھ پاڪستان اسيمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر رهيو. اهو ويجهي ماضيءَ تائين سينيٽر طور ملڪ جي خدمت ڪندو رهيو. انهي جو ننڍو ڀاءُ سردار الاهي بخش سومرو ۽ ننڍي ۾ ننڍو سردار افتخار احمد سومرو پنهنجي سياسي حيثيت سهٽي نموني سنڀاليندا پيا اچن. سردار الاهي بخش سومرو ڪيترائي ڀيرا صنعتن، بجلي، اطلاعات ۽ واپار جو وزير رهي چڪو آهي. هنوقت سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو وزير آهي. برطانيہ ۾ پاڪستان جي سفارتخاني ۾ اڪنامڪ منسٽر طور پڻ ڪم ڪري چڪو آهي.

مسٽر افتخار احمد سومرو 1985ع ۾ بنا مقابلي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. صنعتن، معدني ترقي ۽ روينيو جو وزير مقرر ٿيو.

لاڙڪاڻي جي سومرن مان مسٽر عبدالرزاق سومرو حڪومت پاڪستان جو سفير مقرر ٿيو.

ڳوٺ جنهاڻ سومرو، تعلقو ٽنڊو محمد خان، ضلعو حيدرآباد مان حاجي عبدالخالق سومرو 1965ع ڪان هنوقت تائين مختلف سطحن تي سياسي ڪاميابين ۾ نمايان رهيو آهي. 1985 ڪان 1988ع تائين سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪار طور ڪم ڪيائين. ڪيترين ئي سرڪاري ترقياتي رٿائن تي سرگرميءَ سان ڪم ڪندڙ عظيم سماجي ڪارڪن طور ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو.

سردار احمد علي سومرو ٺٽي مان ايم. پِي. اي هو.

علي احمد سومرو ڪراچيءَ وارو سنڌ حڪومت ۾ پورهئي جو وزير رهيو.

مسز رقيہ سومرو حيدرآباد مان ايم. اين. اي چونڊي.

ليّہ ڪان مهر منظور حسين سومرو 1970 ڪان 1977ع تائين ايم. اين. اي رهيو.

سڄي ملڪ ۾ ميونسپل ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سطح تي سومرن ڪائونسلرن جو هڪ وڏو انگ موجود آهي. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ سومرا راڄ گهراڻو، اڄ موقعو ملڻ تي بہ، اجا بہ بلنديون ڇُهي سگهي ٿو.

# ذات ساگر


1.ميڪڊونل. اي. اي.، ويدڪ انڊيا آف نيمس اينڊ سبجيڪٽس.

2.عبداللطيف، دي اَرلي هسٽري آف ملتان.

3.بدايوني، عبدالقادر، منتخبُ التواريخ.

4.چندرا داس، اَبيناش، رگ ويدڪ انڊيا، ڪلڪتو يونيورسٽي.

5.ابوالفضل، آئينِ اڪبري، ڪلڪتو، 1783.

6.مودودي، ابوالخير، فتوحُ البلدان، اردو ترجمو، حيدرآباد دکن.

7.آڏواڻي، پيرُومَل مهرچند، قديم سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1957.

8.عفيف، شمسِ سراج، تاريخ فيروزشاهي، اردو ترجمو محمد فدا علي طالب، ڪراچي.

9.اگروَال اينڊ ڪُسُمگر، پري هسٽورڪ ڪرانالاجي اينڊ ريڊيو ڪاربن ڊيٽنگ اِن انڊيا، ڪلڪتو، 1974.

10.ائٽڪن، اي. ايچ.، گزيٽيئر آف دي پراونس آف سنڌ، ڪراچي، 1907.

11.اَلبيروني، ابو ريحان، ڪتابُ الهند، لاهور، 1961.

12.الانا. جي. اي.، سنڌي نثر جي تاريخ، حيدرآباد، 1965.

13.الانا. جي. اي.، سومرن جي دور جي شاعري، 1960.

14.امير خسرو، تاريخ اَلائي.

15.آرنلڊ، سر، دي پرشيَن گلف.

16.عوفي، نورالدين محمد، جَوامعُ الحڪايات.

17.بيڊن، ايڊوَرڊس، ڊِگنگس فار هسٽري.

18.بال، اُپيندرا ناٿ، ائنشيَنٽ انڊيا، ڪلڪتو، 1928.

19.بال، اُپيندرا ناٿ، ميڊيوَل انڊيا، ڪلڪتو، 1925.

20.بئلارڊ، جي. اي.، رُولرس آف دي انڊين اوشيَن، اَلبيروني، لاهور.

21.بلوچ، اين. اي.، سومرن جو دور، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.

22.بئنرجي، آر. ڊِي.، پري هسٽورڪ ائنشيَنٽ اينڊ هندو انڊيا، پُونا.

23.بارنيٽ، ليونيل ڊِي.، اينٽيڪُئٽيز آف انڊيا.

24.برني، ضياءُالدين، تاريخ فيروزشاهي، ڪراچي، 1962.

25.بَشام، اي. ايل.، دي وَنڊر دئٽ واز انڊيا، لنڊن، 1967.

26.بَشام، اي. ايل.، اي ڪلچرل هسٽري آف انڊيا، آڪسفورڊ، 1975.




books.sindhsalamat.com




27.بطوطہ، ابن، ريهالا، اردو ترجمو، لاهور، 1967.

28.بيال، سيموئل، بُڌسٽ رڪارڊ آف ويسٽرن ورلڊ.

29.پنڊارڪر، برنا اينڊ لا، انڊين ڪلچر.

30.بلاذُري، فُتُوحُ البلدان، ڪراچي، 1962.

31.بِليموريا، دي سومرا اينڊ سما ڊائناسٽيز آف سنڌ، 1054، 1400ع.

32.بملا، چرن لا، سَم ائنشيَنٽ ٽرائيبس آف انڊيا.

33.برجٽ اينڊ آلچن، بگننگ آف انڊين سِولائيزشن.

34.برائون، نورمن، پاڪستان اينڊ ويسٽرن انڊيا.

35.برن، اي. آر.، پرشيَنس اينڊ گريڪ.

36.برٽن، رچرڊ، سنڌ اينڊ دي ريسز دئٽ اِنهيبٽ اِٽ، آڪسفورڊ، 1975.

37.بري، جي. بي.، هسٽري آف گريس.

38.شهريار، بزرگ بن، ڪتاب عجائبُ الهند.

39.چندرا، آر.، دي انڊو آريَن ريسز.

40.چٽوپڌيايا، ايس. موتي لال، بنارسي داس، اَرلي هسٽري آف نارٿ انڊيا، دهلي، 1976.

41.چائيلڊ، گورڊن وِي.، سوشل ايووليُوشن.

42.چائيلڊ، گورڊن وِي.، دي موسٽ ائنشيَنٽ ايسٽ.

43.چائيلڊ، گورڊن وِي.، نيو لائيٽ آن دي موسٽ ائنشيَنٽ ايسٽ.

44.چائيلڊ، گورڊن وِي.، برونز ايج.

45.ڪَننگهام، ڪوائنس آف دي انڊو سٿيَنس.

46.ڪيپٽين، فلپس، آن دي رُوٽنز آف طُور.

47.ڪرُوڪ، ڊبليو.، دي نيٽِو ريسز آف نادرن انڊيا.

48.سِي. ٽِي. ميٽڪلف، دي راجپوت ٽرائيبس، نئين دهلي، 1982.

49.داني، احمد حسن، انڊين پئليوگرافي.

50.داني، احمد حسن، اي شارٽ هسٽري آف پاڪستان.

51.ڊيوڊ، ايچ. ايس.، دي اوريجنل هومر آف دي ڊريويڊيَنس.

52.دائودپوٽو، ڊاڪٽر عمر بن محمد، چچنامہ.

53.دائودپوٽو، ڊاڪٽر عمر بن محمد، تاريخ معصومي.

54.ڊالا، ايمر. اين.، دي انڊو آريَنس.

55.ڊالا، ايمر. اين.، هسٽري آف دي زوريسٽريَنس.

56.اگروَال، ڊي. پي.، هڙپا ڪلچر.

57.اگروَال، ڊي. پي.، نيو ايوِيڊنس فار اي شارٽر ڪرانالاجي.

58.دَت، اين. ڪي.، اوريجن اينڊ گروٿ آف ڪاسٽ اِن انڊيا.

59.ڊيُورانٽ، ول، دي اسٽوري آف سِولائيزيشن.

60.ڊيُورانٽ، ول، اَور اوريئنٽل هيريٽيج.

61.ڊيُورانٽ، ول، ليسَنس فرام هسٽري.

62.بيلفور، ايڊوَرڊ، سائيڪلوپيڊيا آف انڊيا.




www.sindhsalamat.com

63.مائيڪل ايڊوَرڊس، اي هسٽري آف انڊيا، دهلي، 1961.
64.ايجرمونٽ، انڊين اسٽڊيز، پاسٽ اينڊ پريزنٽ انڊيا.
65.ايجرمونٽ، اليگزينڊرس انويزن آف انڊيا.
66.ايليَٽ، سر هينري مايرس، اينڊ ڊائوسن، جان، هسٽري آف انڊيا ايز ٽولڊ باءِ اِٽس اون هسٽوريَنس.
67.ايليَٽ، جين، پوليٽيڪل هسٽري آف انڊيا.
68.اينسائيڪلوپيڊيا آف اسلام، لنڊن، 1960.
69.خان، ايف. اي.، انڊس ويلي اينڊ اَرلي ايران.
70.فَرُّخي، ديوانِ فَرُّخي.
71.همداني، فضل الله راشدالدين، جامعُ التواريخ.
72.فرشتا، محمد ابوالقاسم، تاريخ، اردو ترجمو، لاهور.
73.گينڪوسڪي، وِي. واءِ.، دي پيپل آف پاڪستان، ماسڪو، 1968.
74.گرديزي، ابو سعيد، ابوالحيّ، زينَ الاخبار، لنڊن، 1928.
75.گزيٽيئر آف دي ملتان ڊسٽرڪٽ.
76.گزيٽيئر آف دي مظفرگڙھ ڊسٽرڪٽ.
77.گزيٽيئر آف دي بهاولپور اسٽيٽ (هاڻ ڊويزن).
78.گزيٽيئر آف دي ليّہ تحصيل (هاڻ ضلعو).
79.گزيٽيئر آف دي ڊي. جي. خان ڊسٽرڪٽ.
80.گزيٽيئر آف ڊي. آئي. خان ڊسٽرڪٽ.
81.گزيٽيئر آف جهنگ ڊسٽرڪٽ.
82.گزيٽيئر آف ويسٽ پاڪستان، دي فارمر پراوِنس آف سنڌ، انڪلوڊنگ خيرپور اسٽيٽ، ايچ. ٽِي. سورلي.
83.غلام قادر خان، حاجي، سلطان دودو شهيد.
84.گوکلي، ائنشيَنٽ انڊيا.
85.گوشل، بي.، هسٽري آف هندو سِولائيزيشن.
86.گريگوري، ايچ.، پوشيل، ائنشيَنٽ سٽيز آف دي انڊس.
87.حفيظ الرحمان، محمد، تاريخ اُچ، 1931.
88.حفيظ الرحمان، حفيظ، چچنامہ.
89.هيگ، ميجر جنرل، ابن بطوطہ اِن سنڌ.
90.هيگ، وُولسلي، ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا، 1957.
91.هيگ، وُولسلي، ڪمپيئريٽو ٽيبلس آف محمدن اينڊ ڪرسچن ڊيٽس.
92.هالبش اينڊ ويسٽفال، جائنس آف پاڪستان، 1969.
93.هامر، جي. آر.، ائنشيَنٽ هسٽري آف دي نيئر ايسٽ.
94.همداني، العباس، ايچ.، دي بگننگ آف اسماعيلي دعوىٰ اِن ناردرن انڊيا، 1956.
95.همداني، العباس، اسماعيليان در تاريخ.
96.هنس راج، ڊاڪٽر، هسٽري آف ائنشيَنٽ انڊيا، سَرجيت پبليڪيشنس، نئين دهلي.
97.هوڊيوالا، شاهپورجي، اسٽڊيز اِن انڊو مسلم هسٽري.


books.sindhsalamat.com



98.هولڊچ، سر ٿامس، دي گيٽس آف انڊيا.
99.هيسٽنگس، جيمس، اينسائيڪلوپيڊيا آف رليجن اينڊ ايٿڪس.
100.هيُوز، اي. ڊبليو.، گزيٽيئر آف دي پراونس آف سنڌ، 1876.
101.هاويل، آر. بي.، هسٽري آف آريَن رُول اِن انڊيا.
102.هيرَس، ريو. ايچ.، هائو انڊيا گاٽ هر نيم.
103.هِتُو رام، آر. بي.، گل بهار.
104.قُدوسي، اعجازالحق، تاريخ سنڌ.
105.ابن اَثِير، الڪامِلُ التواريخ.
106.اڪرام، ايس. ايم.، آب ڪوثر، لاهور، 1966.
107. اڪرام، ايس. ايم.، روز ڪوثر، لاهور، 1959.
108.اِستخري، ابوالاسحاق، ڪتابُ الاَقليم.
109.آئيوَر لِسمَر، دي لِونگ پاسٽ.
110.آئنگر، ٽِي. آر. ايس.، ڊريويڊيَن انڊيا.
111.جيمس، اِي. او.، دي ائنشيَنٽ انڊيا.
112.جُويني، تاريخ جهان ڪُشا.
113.ڪيٽ، آرٿر، دي اينٽيڪُئٽي آف مَئن.
114.خان، ايف. اي.، دي گلوري دئٽ واز موهنجودڙو.
115.خان، خداداد، لُب تاريخ سنڌ، 1959.
116.خورداذبہ، ابوالقاسم بن عبدالله، ڪتابُ المَسالڪ وَالمَمالڪ.
117.احمد، خواجا نظام الدين، طبقاتِ اڪبري.
118.آئنگر، ڪرشنا سوامي، دي هُن پرابلم آف انڊين هسٽري.
119.ڪوسَمبي، ڊِي. سِي.، ڪلچر اينڊ سِولائيزيشن آف انڊيا.
120.ڪونوٽِن، سَڪا ايڪسپينشن فرام سنڌ ٽو ڪاٺياواڙ.
121.ڪريمَر، سيموئل نوح، هسٽري بگنس ائٽ سُمير، لنڊن 1961.
122.لئمبرڪ، هيُو ٽريوَر، سنڌ بفور مسلم ڪانڪُئيسٽ.
123.لينپُول، اسٽينلي، ميڊيوَل انڊيا اَنڊر محمڊن رُول.
124.لطيف، محمد، هسٽري آف دي پنجاب، 1891.
125.لڊوگ، بيشوفر، آن گريڪس اينڊ سَڪاز اِن انڊيا.
126.ميڪي، اِي. جي. ايچ.، دي انڊس سِولائيزيشن، لنڊن، 1935.
127.لالواني، مهاجن اينڊ ديوڏر، پوليٽيڪل اينڊ ڪلچرل انڊيا.
128.ماهرُو، عينُ المُلڪ، اِنشاءِ ماهرُو.
129.مَجُمدار، اين. جي.، ايڪسپلوريشنس اِن سنڌ.
130.مَجُمدار، آر. سِي.، ائنشيَنٽ انڊيا، بنارس، 1952.
131.مَجُمدار، آر. سِي.، دي عرب انويزن آف انڊيا.
132.مارشل، سر جان، موهنجودڙو اينڊ انڊس سِولائيزيشن.
133.نَدوي، مسعود علي، هندستان عربون ڪي نظر ۾.


www.sindhsalamat.com

134.مسعودي، ماريُ الذَّهب، اردو ترجمو.
135.شهاب، مسعودالحسن، خطِ پاڪ، اُچ.
136.شيدائي، مولائي، جَنَّتُ السند.
137.ميمڻ، محمد صديق، ڪي. بي.، سنڌي جي ادبي تاريخ.
138. مِڪرنڊل، دي انويزن آف انڊيا باءِ اليگزينڊر دي گريٽ.
139.پنهور، ايم. ايڇ.، سورس مٽيريل آن سنڌ.
140.پنهور، ايم. ايڇ.، ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ.
141.پنهور، ايم. ايڇ.، هسٽري آف سنڌ اريگيشن، 3500 بي. سي – پريزنٽ.
142.سراج الدين، منهاج الدين بن، طبقاتِ ناصري.
143. بيگ، مرزا قليچ، قديم سنڌ، حيدرآباد، 1966.
144.بيگ، مرزا قليچ، سنڌ جا قديم شهر.
145.مُکرجي، آر. ڪي.، هندو سِولائيزيشن.
146.مُکرجي، آر. ڪي.، ائنشيَنٽ انڊين ايجوڪيشن.
147.چندرا، موتي، ٽريڊ اينڊ ٽريڊ رُوٽس اِن ائنشيَنٽ انڊيا.
148.مُجمَعتُ التواريخ، تهران، 1344ش.
149.محمد ابوالقاسم، اِبنِ حوقل، ڪتابُ المَمالڪ وَالمَسالڪ.
150.مُکرجي، راڌا ڪمار، دي ڪلچر اينڊ آرٽس آف انڊيا.
151. مُقَدِسي، بشاري، اَحسنُ التَّقاسِيم فِي مَعارِفُ الاَقليم.
152.نَدوي، سيّد ابو ظفر، تاريخ سنڌ، اعظم ڳڙهه.
153.نَدوي، سيّد سُليمان، عرب وَ هند ڪي تعلقات، ڪراچي، 1976.
154.او برائين، اِي.، گلوسَري آف دي ملتاني لينگُئيج، 1903.
155.اوجها، گوري شَنڪر، آر. بي.، هسٽري آف راجَستان.
156.آڪسفورڊ هسٽري آف انڊيا.
157.اولڊ ٽيسٽامينٽ.
158.پگو، اسٽُوئرٽ، پري هسٽورڪ انڊيا، لنڊن، 1948.
159.بُڌا، پَرڪاش، ايوليُوشن آف هيروئڪ ٽريڊيشنس اِن ائنشيَنٽ پنجاب.
160.بُڌا، پَرڪاش، رگ ويدا اينڊ انڊس ويلي سِولائيزيشن.
161.بُڌا، پَرڪاش، پوليٽيڪل اينڊ سوشل مُوومينٽس ان ائنشيَنٽ پنجاب.
162.پريزلُسڪي، جي.، ائنشيَنٽ پيپل آف دي پنجاب.
163.قانع، مير علي شير، ٺٽوي، تُحفتُ الڪرام.
164.قوسين، سِي.، مَليد ڊَف، دي ڪرانالاجي آف انڊيا، لاهور، 1989.
165.قَزويني، حمادُالله، تاريخ گزيده.
166.احمد، ڪيُو. ڊِي.، پئراڊائيز آف گاڊس.
167.ريپسن، اِي. جي.، ائنشيَنٽ انڊيا فرام دي اَرليئيسٽ ٽائيمس ٽو دي فرسٽ سينچري اي. ڊِي.، ڪئمبرج، 1914.
168.راوَرٽي، ميجر، ايڇ. جي.، دي مِهران آف سنڌ.





169.رالِنسن، ايڇ. سِي.، اِنٽرڪورس بٽوين انڊيا اينڊ دي ويسٽرن ورلڊ.
170.رِزلي، ايڇ. ايڇ.، پيپل آف انڊيا، 1915.
171.رابرٽس، جي. ايم.، دي پيلِيڪَن هسٽري آف دي ورلڊ، 1980.
172.روز، ايڇ. اي.، اي گلوسَري آف دي ٽرائيبس اينڊ ڪاسٽس آف دي پنجاب اينڊ اين. ڊبليو. ايف. پِي.، 1919.
173.پَنڊت، آر. ايس.، راجاتَرنگِيني.
174.رَشبرُوڪ، ايل. جي.، گريٽ مين آف انڊيا.
175.سَڪَراندا، سُوامي، دي رگ ويڊڪ ڪلچر آف پري هسٽورڪ انڊيا، 1965.
176.سين، سيلندرا ناٿ، ائنشيَنٽ هسٽري آف بنگلاديش، انڊيا اينڊ پاڪستان.
177.سرڪار، ايس. ايس.، ابيوريجنل ريسز آف انڊيا.
178.سرڪار، ايس. ايس.، ائنشيَنٽ ريسز آف بلوچستان.
179.برني، سيّد حسن، تاريخ مسعودي.
180.شيفرڊ اينڊ ڪَرّي، سِي ليول چينجز.
181.صديقي، ادريس ايم.، وادي سنڌ ڪي تهذيب، 1959.
182.سِمِٿ، وليَم هينري، هسٽوريَنس هسٽري آف دي ورلڊ.
183.مهر ، غلام رسول، طبقاتِ ناصري، اردو ترجمو.
184.مهر، غلام رسول، تاريخ سنڌ.
185.احمداڻي، محمد علي، تاريخ سخي سَرَوَر.
186.لغاري، اي. ڪيُو.، تاريخ ڊيرا غازي خان.
187.ڪوڪر، دوست محمد، تاريخ مانڪيره.
188.تاريخ معصومي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.
189.علي، محمد فدا، تاريخ فيروزشاهي، اردو ترجمو.
190.ٺٽوي، اِدارڪي بيگلاري، بيگلارنامه، ڄامشورو.
191.پينِيمون، ٽِي. ڪي.، اي هنڊربڪ بيئرس آف ائنٿروپولاجي، 1974.
192.ٽاڊ، ڪرنل جيمس، ائنلز اينڊ اينٽيڪُئٽيز آف راجَستان.
193.ٺَڪر، يُو. ٽِي.، سنڌي ڪلچر.
194.ويريز ايلوِن، دي رليجن آف اين انڊين ٽرائيب.
195.سُبرامينَم، وِي. ڪي.، ميگزمس آف چاڻَڪيا.
196.سِمِٿ، ونسنٽ آرٿر، انڊو پارٿين ڊائناسٽيز فرام 120 بي. سي. ٽو 100 اي. ڊِي.
197.واڊيل، ايل. اي.، دي ميڪرس آف سِولائيزيشن اِن ريس اينڊ هسٽري، 1986.
198.ويلس، ايڇ. جي.، اي شارٽ هسٽري آف دي ورلڊ.
199.ويلر، سَر مورٽيمر، آر. اِي.، انڊس سِولائيزيشن.
200.وِلڪنس، ڊبليو. ٽِي.، هندو مِٿالاجي، ويڊڪ اينڊ پُرانڪ.
201.ڪرُوڪ، ڊبليو.، دي نيٽو ريسز آف ناردرن انڊيا.
202.وُولي، سَر ليونارڊ، سِي. ايل.، آريَنس.
203.وُولي، سَر ليونارڊ، سِي. ايل.، پري هسٽري اينڊ بگننگ آف سِولائيزيشن، 1966.

204.هنٽر، ڊبليو. ڊبليو.، دي انڊين ايمپاير.
205. هنٽر، ڊبليو. ڊبليو.، گزيٽيئر آف انڊيا.
206.يوسف، محمد، مُنتخبُ التّواريخ، حيدرآباد، 1962.
207.يحيٰ امجد، تاريخ پاڪستان، قديم دور، 1989.

| نمبر | نالو | حڪمرانيءَ جو هجري سن | حڪمرانيءَ جو عيسوي سن | عام راءِ |
|---|---|---|---|---|
| .01 | خفيف (پهريون) | 417 – 401 | 1026 – 1011 | منصوره جي ماڻهن ۽ ملتان ڇڏي آيلن يڪراءِ ٿي ڪيس بادشاهه چونڊيو. |
| .02 | سومار | 421 – 417 | 1030 – 1026 | منصوره ڪي محمود ڦريو لٽيو. ٿري شهر نئين راڄڌاني بڻيو. ٿريءَ وارن سومار ڪي چونڊيو. |
| .03 | راڄ بل | 446 – 421 | 1054 – 1031 | شام واري مُقطانه ڪيس دروزي مت قبولڻ جي دعوت ڏني. ٻين وانگر هي پڻ اسماعيلي هو. |
| .04 | ڀُونگر (پهريون) | 461 – 446 | 1068 – 1054 | خفيف جو پٽ، جوان ٿيڻ تي تخت تي ويٺو. |
| .05 | دودو (پهريون) | 481 – 461 | 1089 – 1068 | تخت تياڳي ڇڏيائين. ڏيٽس (زينب) تارِي ياءُ پاران حڪومت ڪئي. |
| .06 | زينب (تارِي) | 491 – 481 | 1098 – 1089 | حڪومت سنگهار حوالي ڪيائين. |
| .07 | سَنگهار | 500 – 491 | 1107 – 1098 | بنا اولاد گذاري ويو. سندس زال هُمون پائرن سان گڏجي حڪومت ڪئي. |
| .08 | خَفِيف (ٻيون) | 536 – 500 | 1142 – 1107 | هَمُون جو ياءُ |
| .09 | عُمر (پهريون) | 576 – 536 | 1181 – 1142 | خفيف جو ياءُ |
| .10 | دودو (ٻيون) | 590 – 576 | 1195 – 1181 | ---- |
| .11 | ڀُونگر (ٻيون) | 623 – 590 | 1226 – 1195 | دودي جي اولاد مان |
| .12 | گهٽو (پهريون) | 639 – 623 | 1242 – 1226 | ---- |
| .13 | محمد طُور | 654 – 639 | 1256 – 1242 | ---- |
| .14 | گهٽو (ٻيون) | 657 – 654 | 1259 – 1256 | ---- |
| .15 | دودو (ٽيون) | 671 – 657 | 1273 – 1259 | ---- |
| .16 | طائي | 695 – 671 | 1296 – 1273 | ---- |
| .17 | چنيسر | 700 – 695 | 1301 – 1296 | ---- |
| .18 | ڀُونگر (ٽيون) | 715 – 700 | 1315 – 1301 | ---- |
| .19 | خَفِيف (ٽيون) | 733 – 715 | 1333 – 1315 | ---- |
| .20 | دودو (چوٿون) | 752 – 733 | 1352 – 1333 | خفيف ٽئين جو ياءُ |
| .21 | عُمر (ٻيون) | ---- | ---- | ---- |
| .22 | ڀُونگر (چوٿون) | ---- | ---- | ---- |
| .23 | همِير (بهاءالدين شمشير) | 760 – 752 | 1360 – 1352 | تخت تان لاٿو ويو. دراغُل ٽَڪرين ڏانهن ڀڄي ويو. |


books.sindhsalamat.com


www.sindhsalamat.com

208.يعقوب، ڊاڪٽر مغل، اسٽڊيز آن سنڌ.

# سنڌ ۾ ملتان جي سومرا راڄ گھراڻي جو شجرو ۽ مصنف جو انهي سان سڌو سنئون تعلق

هيٺ ڏنل شجري ۾ 1362ع کان 1545ع تائين اٽڪل پنج ڪَڙيون ڪٽل لڳن ٿيون. سومرن جي تاريخ ۾ اجا گھڻي کوجنا جي ضرورت آهي. ڪيپٽين ميڪينزي مطابق (اِبيٽسن پنهنجي گلوسَري آف ٽرائيبس اينڊ ڪاسٽس، ص. 420، فٽ نوٽ ۾ حوالو ڏنو آهي ۽ ٻين تاريخدانن تائيد ڪئي آهي) حضرت محمد يوسف (المعروف لال عِيسان) پنهنجي مرشد دائود جي حڪم تي 1545ع ۾ ڪَروڙ

| نمبر | نالو | ڄم جو سال | وفات جو سال |
|---|---|---|---|
| .01 | بهاءُالدين | 1596 | 1665 |
| .02 | جلال الدين | 1633 | 1698 |
| .03 | جِيوَڻ | 1664 | 1735 |
| .04 | هُمايون | 1700 | 1778 |
| .05 | اَمِير | 1736 | 1815 |
| .06 | مير محمد | 1776 | 1851 |
| .07 | مريد احمد | 1811 | 1882 |
| .08 | پير بخش | 1844 | 1902 |
| .09 | نور محمد | 1886 | 1942 |
| .10 | عبدالحق | 1915 | 1995 |

ڏانهن لڏي آيو. ساڙس گڏ ٻہ ٻيون ذاتيون لوهاڻا ۽ گَٽ پڻ سومري امير جي اڳواڻيءَ ۾ لڏي آيا. ٽي صديون پوءِ انگريز سرڪار پاران گڏ ڪيل شجرو انهي سومري امير يا ليّہ ۾ آباد ٿيندڙ سندس پٽ جو نالو نٽو ڏئي. ان جي پوٽي بهاءُالدين سان شروع ٿئي ٿو ۽ هن ريت آهي:











books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 1011 - 1351/52ع سنڌ جا سومرا ۽ سندس همعصر

| عيسوي سن | سنڌ جا سومرا | ملتان | دهليءَ جا سلطان يا حاڪم | عباسي خليفا | فاطمي خليفا (مصر) |
|---|---|---|---|---|---|
| 1010 | هباري 1011-854/55 | شيخ حامد افغان 1005-970<br>ابوالفتح دائود 1010-1005<br>محمود جو ڪو سردار 1011<br>محمود جو پٽ 1011<br>1030-1011 ؟ | | | |
| 1020 | خفيف سومرو 1026-1011 | | | قادر 1031-991 | حڪيم ابو علي منصور 1020-996 |
| 1030 | سومار 1030-1026 | | | | ضمير ابوالحسن علي 1035-1020 |
| 1040 | راج بل 1054-1030 | شيخ ابن سومار راج بل 1042-1030 | | | |
| 1050 | | محمود جو پٽ 1049-1041 | | قائم 1075-1031 | |
| 1060 | | | | | مستنصر ابو تميم معاذ 1086-1035 |
| 1070 | پونگر-پهريون 1088/89-1054/55 | | | | |
| 1080 | | | | | |
| 1090 | | تَر جا اسماعيلي يا سنڌ جا سومرا 1118-1049 | | مقتدي 1094-1075 | |
| 1100 | زينب؟ تاري 1098-1088/89 | | | مستغير 1118-1094 | مستعالي ابو قاسم احمد 1101-1094 |
| 1110 | سنگهار 1106/07-1098 | | | | |
| 1120 | | | | | آمر ابو علي منصور 1130-1101 |
| 1130 | خفيف-پيون 1141/42-1106/07 | | | مسترشد 1135-1118 | |
| 1140 | | | | | حافظ ابوالمنصور اسماعيل 1149-1130 |
| 1150 | | | | راشد 1136-1135 | ظافر ابوالمنصور اسماعيل 1154-1149 |
| 1160 | عمر-پهريون 1186-1142 | تَر جا اسماعيلي يا سنڌ جا سومرا 1186-1118 | وِگراهه راجا 1161/63-1151 | مڪتفي 1160-1136 | ابوالقاسم عيسيٰ 1168-1154 |
| 1170 | | | اپراگنگيا ۽ پرٿوي راج-پيون 1169-1163 | مستنجد 1170-1160 | عابد ابو محمد 1171-1160 |
| 1180 | | | سومسَويرا 1177-1168/69 | مستدي 1180-1170 | عبدالله 1195-1171 |
| 1190 | | | پرٿوي راج 1192-1177 | | |
| 1200 | دودو-پيون 1194/95-1186 | قرمخ علي 1186<br>غورين جا گورنر 1203-1186 | قطب الدين ايبڪ، غوريءَ جي گورنر طور 1206-1192 | | |
| 1210 | | مير داد حسن 1206-1203<br>ناصرالدين قباچه 1210-1206 | قطب الدين ايبڪ 1210-1206 | ناصر 1225-1180 | |
| 1220 | پونگر-پيون 1228-1194/95 | ناصرالدين قباچه (آزاد) 1227-1210 | | | |
| 1230 | | | التمش 1234-1210 | ظاهر 1226-1225 | |
| 1240 | گهنو 1241/42-1228 | ملڪ ڪبيرالدين (عزالدين اياز) 1245-1227 | رڪن الدين 1236-1234<br>رضيه سلطانه 1239-1236<br>بهرام 1241-1239<br>مسعود شاهه 1268-1241 | مستنصر 1242-1226 | |
| 1250 | محمد طُور 1254-1241/42 | ملڪ شير خان سنقر 1254-1245 | | مستعصم 1258-1242 | |
| 1260 | گهنو-پيون 1258-1255 | | | | |
| 1270 | دودو-ٻيون 1273/74-1258 | عزالدين بلبن 1270-1254 | ناصرالدين 1269-1268 | هلاڪو عباسي خلافت تباهه ڪري ڇڏي. | |
| 1280 | طائي بن دودو 1283/84-1273/74 | شهزادو محمد 1286-1270 | بلبن 1287-1269 | | |
| 1290 | | ڪو امير 1288-1286<br>ملڪ جلال الدين فيروز 1292-1288 | ڪيڪوباد 1290-1287 | | |
| 1300 | چنيسر 1300/01-1283/84 | ارڪلي خان 1295-1292<br>نصرت خان 1304-1295 | جلال الدين خلجي 1295-1290 | | |
| 1310 | پونگر-ٽيون 1315-1300/01 | | علاءالدين خلجي 1315-1295 | | |
| 1320 | خفيف-ٽيون 1332/33-1315 | غازي ملڪ 1321-1304 | مبارڪ شاهه 1316-1315<br>خسروشاهه 1320-1316<br>غياث الدين تغلق 1324-1320 | | |
| 1330 | | محمد شاهه 1325-1321<br>1332-1323؟ | | | |
| 1340 | | تاج الدين 1339/40-1332 | | | |
| 1350 | دودو-چوٿون، عمر-پيون<br>پونگر-چوٿون 1351/52-1332/33 | بهرام عيبه 1341-1340<br>بهزاد خان 1358-1341 | محمد تغلق 1351-1324 | | |
| | همير دودو جلاوطن 1366/67-1352 | تاتار خان 1359-1356 | فيروز تغلق 1358-1351 | | |

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com











پاڪدامن سومرين جي آخري آرامگاهه جو اندريون ڏيک



حضرت چنيسر سومري جي مزار (روپا ماڙي)







ڪجھ نمايان سومرا شخصيتون
اَٽَ وَٽِئو ڏيئو
مَنجنِيق
سومرا دور جي ٺڪر جي ڪُني
سنڌ جي اڳوٽي وزير اعظم خان بهادر الله بخش سومرو شهيد
جي نالي سان ريلوي اسٽيشن



حاجي مولا بخش سومرو

(شهيد الله بخش سومري جو پاءُ)







ايم. غلام حسين سومرو ملتان وارو



ملتان جو پهريون سومرو انجنيئر.
موسيٰ سومري شهيد جي اولاد مان جنهن کي دائوپوٽن ۽ انڊڙ ياٽين قتل ڪيو ۽ جنهن جو خاندان کي ملتان ۾ پناهه وٺڻ تي مجبور ٿيو.



ايم. ايچ. پنهور



انجنيئر ۽ سنڌ جو گهڻ رخو محقق







ملتان ۾ بهاءُالدين ذڪريا جو مقبرو

ڪَروڙ ۾ حضرت لال عِيسان جو مقبرو



سومرن جي هٿ هيٺ رهندڙ مروٽ قلعي جا کنڊر

سنڌ ۾ چوکنڊي قبرون

اُچ جا کنڊر

موهنجو دڙو

## سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ، پاران ڇپايل
## ‘سومرن جو دور’ (ص. 280) تان کنيَل ٽُڪرو

<u>بادشاهي جهنڊو</u>. سومرن جو پنهنجو بادشاهي جهنڊو هوندو هو، جيڪو تخت تي ويٺل حڪمران جي جاءِ تي چاڙهيو ويندو هو. ڀونگر راءِ بادشاهه خيال ڪيو ته پنهنجي جيئري گادي پنهنجي پٽ کي ڏيان ته جيئن سيڪو سندس حڪم مڃي ۽ پڻ شاهي جهنڊو (لِوَالو) سندس دروازي مٿان لهرائي:

پيڙهي ڏيان پٽ کي، ڀونگر چيو پو
وائي تنهن وريام جي، سٽي سيڪو
ان در تي او سونهي ٻَڌو لِوالو
(ص. 43)

سومرن جي جهنڊي جو نمايان رنگ سفيد هو ۽ ننگر ان کي “اڇو جهنڊو” ڪري سڏيو آهي:

اڇو جهنڊو در تي، سو ڀي ڳاڙهي روءِ ٿيندا (3)





سومرا راڄ گهراڻو

## این مکتوب نیز بجانب ملک الشرق افتخار الملک صاحب دیوان استیفاء ممالک در قلم آمد.

تاءاعانت و اغاثت زمینداران کہ بحلیئہ اطاعت و مطاوعت متوشح بوده اند و از دست تغلب زبرستان چون بنات النعش در اطراف جہان متفرق و پراگنده گشتہ در جمیع ادیان محمود خواهد بود و قلع و استیصال دعار نابکار کہ فساد را شعار و تہیج فتنہ را دثار خود ساختہ نزدیک وضیع و شریف و قومی و ضعیف مستحسن خواهد نمود، ذات ملک صفات، خدا وند ملک ملوک الشرق و الوزراء، افتخار الملک، قالع الکفرة، قامع الفجرة، ناصر الموحدین، کاسر المفسدین، قاتل البغاة، قاطع الطغاة، حامی ارباب الصلاح، ماحی اولاد السفاح، صاحب السیف و القلم، والی العلم و العلم، رافع رایات العدل و الاحسان، ناصب آیات الفضل والامتنان، فرید الدولة و الدین، صاحب دیوان استیفاء ممالک کہ مستجمع معالی سابقہ است بموالات اولیای دین م معادات اہذاب شیاطین موید و موبد باد، بحق من قال “وتعاونوا علی البر والتقوی ولا تعاونوا علی الاثم والعدوان۔”

بندهُ درگاه عین ماهرو کہ عین اعتقاد او بکحل ترفیہ عباد و تعمیر بلاد مکحول است عین خدمت و عبودیت در مورد اخلاص جاری گر دانید و نمود کہ نہال وجود “همیر دودا” کہ از تند باد حوادث ذبول یافتہ بود بزلال شفقت خداوندی ملک ملوک الشرق آغاز نشو و نما گرفتہ، متوقع آنکہ بفیضان رافت آن مجلس مثمر و برومند گردد، بیت:

نہالی کان بدست خود نشانی
ہمیشہ می ده آبی تا توانی
اگر آبش دهی پیوستہ ماند
وگرترکش کنی سربستہ ماند

غرض از ترتیب این مقدمات آنست (و) همگنان را روشن و مبرهن است کہ “بانہمنیہ” علم فساد و بغی بہ عیوق رسائیده است و از قبلہ اطاعت روی گردانیده و تخریب بلاد و در آوار دن مغل عادت ساختہ و دین و نفس خود را بدین هوا درباختہ۔ چنانچہ یک کرت با هجوم مغل در ولایت وسیعہ پنجاب در آمد بود، چون از عون حق دستبردی از لشکر ملتان برو رسیده، پای کشان

بگریخت و آبروی مردانگی و جلادت در ساحت فرار بریخت و این معنی پیش ازین یہ بندگی ملک الشرق باز نموده شده است و در ولایت گجرات بعد ازان و پیش ازان چند کرت تعرض رسائیده و آن حال بخدمت مولوی پوشیده نیست. برای قلع و قمع آن مدبر فضول کہ دربغی و فساد اصل الاصول است حسن اهتمام حضرت اعلی در ترفیہ حال و استقامت کاربہ " همیر دودا" مبذول شده است و بشرف مراتب و تعبین (1) موجاب اختصاص یافتہ و سر همہ مرحمت ها آنکہ از اتفاقات حسنہ سپارش او بملک الامراء رکن الدولتہ و الدین امیر حسن دام علوه شده است. و آن ازین جہت است کہ عرصہ گجرات مفوض بخدمت خداوندی ملک ملوک الشرق است و ملک رکن الحق و الدین حسن بردار کہتر و پرورده کرم خداوندی ملک الشرقی است. در حضرت اعلیٰ وجاهت و جلالت از ذات باعظمت ملک ملوک الشرقی یافتہ و بوقت سپارش از حضرت اعلیٰ مرحمت هم برین جملہ درباره خداوندی ملک ملوک الشرقی می شد. چون این کار برین منوال تربیت و استقامت از حضرت خدایگانی یافتہ است مرحمت و شفقت آن مجلس بدین اندازه در حق ملک رکن الدین حسن منتظم شده.

بندۂ درگاه منتظر است تا آن کار از دست او بہ حسن تربیت خداوندی ملک ملوک الشرق برآید و جمال کار آن مجلس بر آید و درضمن آن استقامت " همیر دودا" کہ مطلوب درگاه اعلی است دست دهد، و ساحت هر دو عرصہ یکی ملتان و دوم گجرات از خبث فساد "بانہمینہ" پاک گردد. و الا کدام عار ایشان ازین بالاتر است کہ مشتی رساتیق مردود ملتان هر بار در دیار اسلام کفار را در آرند و رعایا و ذمیان دار الاسلام را بہ نہب و تاراج اسیر کنند و ببرند.

امید از عون عنایت الهی و اقبال کامگار خدایگانی آنست کہ خداوند ملک ملوک الشرق تربیت این کار چنان خواهد فرموده کہ بر روی روزگار یادگار ماند و بران مرید نتو اند بود، زیر کہ این "بانہمنیہ" مفسد هر بار مقدمان گجرات را تعب کند و اسیر می گرداند و گروگان بقہر و عتوت می ستاوند و انفت گجر اتیان کہ "اخترت النار لا العار". اختیار کنند، اظہر من الشمس است، اما معونت و مظاہرت ومی طلبند. اگر خدمت ملک الشرقی ایشان را تحریض فرمایند کہ شما اہل گجر اتید و جانبازی را بار می دانید و بدان مباهات و سرفرازی می کنید، چرا همچنین زبون شده اید و بردست مشتی سیمابیان دون درمانده اید. اگر همہ جمع شوید و کمر انتقام برمیان جان استوار بندید لشکر اسلام بمعاونت شمابفرستیم. امید باشد کہ دمار از نہاد آن فسده بر آریدو کلفہء عار تغلب ایشان از جبہہء خویش باب شجاعت شستہ گردانید تا درجہان این نام نیک یادگار ماند..."







# ڏسٽي


ا

ابراهيم دائود بندگي 247، 287

ابو طاهر سُليمان قرمطي 189

ابو علي منصور (اَلحڪم بِي اَمرِالله) 189

ابوالعباس عبدالله سفاح 181

اُچ 23، 24، 30، 195، 200، 203، 204، 205، 206، 208، 209، 210، 211، 215، 216، 219، 227، 228، 230، 241، 249، 280، 287

التتمش 27، 30، 58، 198، 204، 205، 206، 208، 209، 211، 227، 229

البرز 38، 196

ايران 33، 38، 39، 45، 60، 63، 64، 65، 66، 67، 68، 80، 88، 95، 96، 98، 99، 111، 136، 153، 167، 168، 174، 179، 193، 195، 232، 280

ايراني نارِ 45، 50، 63، 73، 74، 75، 76، 77، 81، 84، 88، 167، 190، 227

آريا 38، 41، 44، 48، 85، 87، 88، 91، 95، 106، 109، 111، 123، 119، 124، 131، 132، 133، 135، 136، 145، 146، 151، 152، 157

آريانا 38، 39، 46، 88، 109، 111

آرياورت 44، 111

آرياورش 44

ب

بابل 43، 74، 76، 79، 85، 86، 92، 123، 174

برهمڻ آباد 57، 179، 180، 256، 258
بَلبَن 30، 204، 208، 210، 211، 214، 215، 207
بهاءُالدين ذڪريا 30، 163، 168، 203، 206، 209، 211، 226، 229، 230، 231، 232، 235،
236، 237، 238، 246، 317

ٻ

ٻڌ مت 133، 135، 136، 137، 139، 141، 142، 143، 145، 146، 147، 148، 158، 175، 242، 279

ڀ

ڀارت 39، 41، 42، 43، 44، 45، 46، 50، 65، 73، 80، 89، 90، 116، 128، 160، 161، 162
ڀونئِگر 203، 205، 212، 216، 219، 242

ٽ

ٽيڪسيلا 102، 113، 123

پ

پاڪ پتڻ 103
پتڻ منارو 249، 250، 251
پڦلانواٽي/پپلانوالي 104، 112، 113

ج

جان محمد سومرو 292
جاٽ 24، 65، 81، 97، 111، 129، 151، 152، 153، 154، 155، 156، 157، 158، 160، 162، 165،
167، 168، 247
جت 81، 153
جلال الدين خوارزم شاهه 60
جمنا 39، 42، 131، 136، 154، 227
جين مت 125، 135، 136، 137، 147، 148، 151، 279
جٽ 111، 154، 155
جٽاٽي 15، 57، 59، 168، 238

ڄ

ڄام انڙ 58، 242، 243، 244
ڄام نظام الدين 198

چ

چاڻَڪيا 101، 102، 103، 113، 115، 117، 119، 125
چندرگُپت موريا 24، 43، 45، 46، 100، 101، 113، 116، 117، 119، 123، 124، 125، 128، 132





چنگيز خان 204، 210، 226
چنيسر 13، 15، 17، 30، 164، 171، 172، 173، 175، 177، 204، 205، 206، 207، 208، 212،
213، 214، 216، 255، 256، 270، 271، 272، 273، 308، 313
چين 45، 54، 65، 136، 236

ح

حاجي شير محمد سومرو 14، 318
حسن بن صباح 190، 191، 195
حضرت نظام الدين 289

خ

خدا دوست ۽ محمود غزنوي 277
خفيف 29، 171، 172، 184، 191، 192، 193، 198، 199، 216، 219، 220، 221، 227، 230، 242،
243، 297، 307، 308

د

دارا 40، 41، 45، 98، 99، 100
دراوڙ 67، 68، 73، 86، 88، 90، 91، 92، 93، 94، 112، 146، 152
دلمون 73، 74، 77، 78، 79، 80، 81، 82
دِلوراءِ 68، 257، 258، 273، 277
دهلي 27، 28، 29، 33، 58، 198، 203، 204، 205، 206، 208، 209، 210، 211، 212، 214،
215، 216، 217، 225، 226، 227، 233، 241، 242، 243، 244، 246، 262، 290
دودو 13، 29، 169، 174، 177، 197، 206، 207، 211، 212، 219، 228، 242، 247، 306، 307
دودو-چنيسر 15، 212، 255، 256
ديبل 60، 143، 181، 204، 205، 206، 208، 209، 210، 227، 228، 284

ر

راڄ بل 29، 196، 197، 199، 219، 307
راجپوت 17، 25، 105، 110، 145، 146، 147، 148، 149، 151، 153، 154، 155، 157، 158، 159،
160، 161، 162، 163، 192

ز

زردشت / زرتشت 38
زينب 29، 219، 307

س

سرسوتي 38، 42، 52، 97، 133، 135

سَرواهِي 250
سَسِي پُنون 256، 273
سلطان جلال الدين خِلجي 215
سمان 17، 33، 59، 216، 242، 243، 286
سُميري 25، 35، 69، 79-73، 85-81، 90-87، 94، 109، 110، 123، 166، 167، 174، 197
سنگهار 172، 173، 175، 219، 220، 227، 228، 307
سنڌو درياءَ 30، 38، 40، 41، 43، 44، 56، 57، 58، 60، 61، 62، 71، 97، 98، 100، 142، 168،
180، 193، 198، 204، 205، 209، 210، 217، 238، 242، 247، 292
سومار 29، 196، 197، 198، 199، 200، 219، 243، 307
سڪندر 45-42، 60، 80، 102-99، 104، 106، 107، 112، 114، 120-116، 123، 124، 128،
142، 163، 251، 257

ش

شام 74، 124، 168، 183، 188، 190، 191
شام وارو مُقطانه 29، 196، 200

ع

عبدالحڪيم 288
عبدالله بن محمد اَلشطّار علوي 181، 182، 184
عبدالله بن هارون 186
عُبيدالله بن محمد اَلحبيب 187
عراق 26، 50، 66، 86، 96، 110، 167، 174، 181، 182، 183، 190، 191، 195، 196، 232، 238
علاءُالدين خِلجي 208، 215، 216، 242
عمر 168، 177، 203، 209، 221، 222، 228-223، 230، 256، 263-260، 295
عمر بن عبدالعزيز 176، 179، 180، 182، 183
عمرڪوٽ 68، 108، 163، 221، 222، 224، 225، 263، 267، 286

ق

قطب الدين ايبڪ 203، 204

گ

گُرچاٽي 206، 207، 208، 252، 253
گنگا ۽ عمر سومرو 256، 260
گنگا 39، 42، 43، 90، 112، 125، 131، 135، 136، 154، 227، 260

ڳ





گهٽو 173، 175، 205، 211، 308

ل

لبنان 50، 191
ليلا چنيسر 256، 270، 272
لَيّہ 24، 36، 43، 92، 98، 142، 163، 249-245، 293، 294، 296، 309

م

محمد بن قاسم 168، 179، 180، 182، 191، 238
محمد تغلق 32، 241، 242
محمد طُور 14، 30، 33، 57، 58، 59، 171، 172، 209، 211، 217، 230، 231، 256، 257، 308
محمد غوري 195، 203، 227، 228
محمود غزنوي 28، 29، 58، 97، 153، 156، 184، 192، 193، 200، 201، 253
ملتان 23، 24، 29، 37-35، 44، 49، 99، 105، 106، 108، 141، 142، 159، 161، 162، 163،
165، 179، 182، 183، 184، 190، 195، 196، 197، 206، 208، 210، 211، 214، 217، 226، 229،
232، 237، 243-241، 245، 246، 248، 276، 279، 280، 290-288، 292، 293، 307، 315،
317، 315
منصوره 14، 29، 57، 58، 184-180، 193-191، 198، 199، 307
منگول 32، 197، 208، 210، 211، 214، 216، 230، 244-242
مهاپارت 117، 123، 124، 135
مور 104، 105، 106، 107، ، 119، 120، 123
مومل-راڻو 256، 263
موهنجو دڙو 52، 54، 55، 82، 130، 320
ميسوپوٽامر 26، 43، 65، 67، 68، 73، 74، 78، 84، 89-86، 96-93، 98، 107، 111-109
مڪران 24، 68-66، 73، 88، 108، 142، 207، 210، 220، 228، 243، 245، 273

ن

ناصرالدين قباچہ 203، 204، 205، 229، 233
نور فقير 292-290

و

واهند 257

ه

هاڪڙو 32، 39، 59، 60، 97، 117، 246، 253، 257
همون 220، 221، 227، 307

# ڊاڪٽر مهر عبدالحق سومري جو مختصر تعارف



**پيءُ جو نالو:** مهر نور محمد سومرو (سندس دعويٰ آهي تہ هو آخري سومري بادشاهہ همير جي پندرهين پيڙهي آهي.)

**ڄمڻ جي تاريخ:** پهرين جون 1915ع

**ڄمڻ جو هنڌ:** ليہ – سنڌو درياءَ جي اوڀارئين ڪنڌيءَ تي آباد پنجاب جو هي شهر هاڻ انهي ئي نالي واري ضلعي جو هيڊ ڪوارٽر آهي.

**تعليم:** ايم. اي، بِي. ٽِي، پِي. ايڇ. ڊي

**ملازمت:** تعليم کاتو – پهرين فيبروري 1970ع تي پنجاب پراونشل ايجوڪيشن سروس مان رٽائر ٿيو.
پِي. ايڇ. ڊي ڪرڻ وارن لاءِ گائيڊ پڻ رهيو.

**علمي ۽ ادبي خدمتون:** 1949ع کان 1994ع تائين 45 سالن دوران سندس لکيل، ترجمو ڪيل ۽ ترتيب ڏنل، نثر ۽ نظم ٻنهي تي مشتمل، 41 ڪتابن ۾: 21 اردو، 12 سرائڪي، 5 انگريزي ۽ 3 پنجابي ڪتاب شامل آهن، جن منجهان گهڻا ڇپجي چڪا آهن ۽ ڪجھ اڻ ڇپيل آهن.

**مڃتا:**
1969ع: تحقيقي مقالي "ملتاني زبان اور اس کا اردو سي تعلق" تي دائود ادبي انعام
1980ع: هجره ڪائونسل، حڪومت پاڪستان پاران هجره ايوارڊ
1986ع: "قرآن مجيد کا فلسفہ تعليم" تي وزارت تعليم، حڪومت پاڪستان پاران پنجاهہ هزار روپيا روڪ انعام
1987ع: اڪيڊمي آف ليٽرز پاران خواجا غلام فريد ايوارڊ
1994ع: صدارتي ايوارڊ 'پرائيڊ آف پرفارمنس' (ادب)

**وفات:** 1995ع



books.sindhsalamat.com



# سنڌيڪار



غريب پورهيت حاجي علي محمد سومرو ۽ صفيہ سومرو عرف 'جيجي شفيءَ' جو ٻيون نمبر پٽ عُمر سندس ماءُ جي يادگيريءَ مطابق 18 شعبان 1377هہ (6 مارچ 1958ع) تي سومهڻيءَ مهل پورٽيءَ ۾ ناناڻي گهر ۾ ڄائو. اسڪول ۾ داخلا وقت داخل ڪندڙ استاد سندس پيءُ جي راضپي سان سندس ڄمڻ جي تاريخ 5 سيپٽمبر 1958 ۽ هنڌ ڏامڙو (ڏاڏاڻو ڳوٺ) ڄاڻائي ڇڏيو. (هي ٻئي ماڳ انوقت نوابشاهہ ۽ هاڻ نوشهرو فيروز ضلعي ۾ آهن.) سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ائين هڪ پيڙهي اڳ تائين عام ٿيندو هو يا تي سگهي ٿو متان ڪٿي هاڻ بہ ٿيندو هجي.

1963 ۾ سندس پيءُ سانگهڙ ضلعي جي شهر جهول لڏي ويو، جتي هن کي اسڪول ۾ داخل ڪرايائين. اجا چار درجا مَسَ پڙهيو (ٻيون ۽ ٽيون درجو هڪ ئي سال) تہ 1966 ۾ سندس پيءُ لڏي نوشهري فيروز جي شهر ٺاروشاهہ ۾ پوءِ اتان 1969 ۾ ڏامڙي، 1971 ۾ پورٽي ۽ 1974 ۾ وري ٺاروشاهہ ۾ وڃي ويٺو. انهي دوران هن 1967 ۾ ٺاروشاهہ جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول مان پنجون درجو ۽ 1973 ۾ گورنمينٽ پراونشلائيزڊ هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪئي ۽ اسڪول اچڻ وڃڻ لاءِ روزانو، ڏامڙي کان 14 ۽ پورٽيءَ کان 15 ڪلوميٽر اوٽ موٽ پنڌ ڪرڻ سان گڏوگڏ پيءُ سان هارپي، سرون وڃهڻ، گهاٽو وهائڻ، ٽُئا ۽ ڪِڙيون ٻڌڻ وغيره ۾ هٿ بہ ونڊائيندو رهيو.

گورنمينٽ ڪاليج نوابشاهہ مان 1976 ۾ انٽر، سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان 1980 ۾ بِي. اي ۽ 1985 ۾ اڪنامڪس ۾ ايم. اي ۽ 1987 ۾ انسٽيٽيوٽ آف بينڪرس ڪراچي مان بئنڪنگ ڊپلوما (پارٽ -1) پاس ڪيائين.

1978 ۾ ڪراچيءَ ۾ الائيڊ بينڪ ۾ اسسٽنٽ طور ملازم ٿيو، جتان 2000 ۾ برانچ مئنيجر طور 42 سالن جي ڄمار ۾ رٽائر ڪيائين.

1991 ۾ ماروئڙا سماجي ساٿ ۽ 1999 ۾ سومرا نيشنل ڪائونسل – پاڪستان ٺاهڻ، 2003 ۾ ايم. ايڇ. پنهور جي شاندار تحقيق تي ٻڌل ڪتاب 'ائن السٽريٽيڊ هسٽاريڪل اٽلس آف سومرا ڪنگڊم آف سنڌ' ڇپرائڻ ۽ 2006 ۾ انهي جو سنڌي ترجمو ڪري 'تصوير سنڌ' نالي سان ڇپرائڻ سندس اهم خدمتن ۾ شامل آهن.

5 نومبر 1979 تي نوشهرو فيروز جي ڳوٺ ليٽَ مان محمد عثمان سومري جي نياڻي غلام فاطمہ سان شادي ٿيس. ڪين احمد، جانب، سرويچ، اَمَر ۽ اڪسِير نالي پنج پٽ آهن.

8 سيپٽمبر 2004 تي پهريني پٽ احمد جي رخسانہ سومرو سان شادي ڪرايائين. انهن جي پهريني پٽ فراز جي 20 جولاءِ 2009 تي چوٿين سالگرهہ هئي.



www.sindhsalamat.com